مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جون علمي ۽ قومي خدمتون.
ڊي فل (سنڌي) لاءِ تحقيقي مقالو.



تحقيق ڪندڙ:
سيد محمود شاهه بخاري

نگران:
پروفيسر مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.
سنڌ يونيورسٽي - سنڌ
١٩٧٧ع

مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جون علمي ۽ قومي خدمتون

ڊي-فل (سنڌي) لاءِ تحقيقي مقالو.

سنه ١٩٧٧ع

تحقيق ڪندڙ:

سيد محمود شاهه بخاري
ايم-اي
ليڪچرار شعبهءِ سنڌي
گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻو.

نگران:

پروفيسر مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي
سنڌ يونيورسٽي - سنڌ.


مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جُون
علمي ۽ قومي خدمتون

مصنف:

سيد محمود شاه بُخاري

ايم - اي

هن مقالي جي موضوع[1] جو مرڪز.



مولانا سيّد تاج محمود شاهه امروٽي، هڪ خادم سان گڏ

مضمونن جي فهرست

نمبر	عنوان	صفحو

ڪتاب ۾ ڪم آيل تصويرون:

صفحو

(١) مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽيءَ جي تصوير منڍ ۾

(٢) تحقيق جي ڪم ۾ مددگار افراد : پيش لفظ ۾ ٨ ۽ ٩ جي وچ ۾

(الف) محمد صالح سُهڻيجو، مرلوي ملازم ٢

(ب) مولانا سيد محمد شاهه صاحب سجاده نشين امروٽ ٣

(ج) سيد پير شفيع محمد شاهه صاحب، ڏوهٽو مولانا امروٽي ٤

(٣) مولانا امروٽيءَ جي وڏن بزرگن واري جاگير پور ڏنيجو نظارو - ٢ ۽ ٣ جي وچ ۾

(الف) پُراڻي درگاهه ۽ پور ڏيندي وارو مقام ٥

(ب) ڪوهه ۽ زمين وارو هنڌ ٦

(ج) مولانا امروٽيءَ جو آخري آرامگاهه (مقبرو) ٧

(د) پير سخيري جو پُراڻو قبو ٨

(٤) خلافت جي خرقي ۽ ٻين يادگار شين جا فوٽو ٢+٢=١١ - ١٨ ۽ ١٩ صفحن جي وچ ۾

(٥) درگاهه امروٽ جي ٻاهران نظارو ١٢+٣=١٥ ٢٢ ۽ ٢٣ جي وچ ۾

(٦) درگاهه امروٽ جي مسجد جو نظارو (مختلف طرفن کان) ٢٠ ٤٢ ۽ ٤٣ جي وچ ۾

(٧) نو مسلم مولوي نور الحق شيخ، ٻن پٽن ۽ ننڍڙي پوٽي سان ٢٣ ٨٠ ۽ ٨١ جي وچ ۾

(٨) ٻيراج جي واهه ڪير ترڪنال ۾ ٺهيل مسجد جو ٺهڻ جا مختلف فوٽو ٢٤ ١٠٢ ۽ ١٠٣ جي وچ ۾

(٩) مولانا امروٽيءَ جا خليفا ۽ راوي : ٢٧+٣=٣٠ ١٣٧ ۽ ١٣٨ جي وچ ۾
(الف) سيد دين محمد شاهه، ميان (ب) مولانا احمد علي لاهوري (ج) ماستر فتح محمد سومرو (راوي)

(١٠) مولانا امروٽيءَ جا خاص مشير : ٢٢٧ ۽ ٢٢٨ جي وچ ۾

(الف) مولانا عبيدالله سنڌي ٣١

(ب) رئيس غلام محمد غلام علي وڪيل لاڙڪاڻو ٣٢

فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون

(١) مولانا امروٽيءَ جي ٽڪيل ڪارڊ جو فوٽو ١ پيش لفظ ۽ اس جي وچ ۾

(٢) تصديق شفيع محمد شاهه نمبر ١ ٢ صفحي ٤ ۽ ٥ جي وچ ۾

(٣) تصديق شفيع محمد شاهه نمبر ٢ ٣ ١٩ ۽ ٢٠ جي وچ ۾

(٤) اخبار هفتيوار "پيغام" جي هڪ ورق جو فوٽو ٤ ٥٨ ۽ ٥٩ جي وچ ۾

(٥) مولانا امروٽيءَ جي وفات تي فارسيءَ جو مرثيو ٥ ٥٩ ۽ ٦٠ جي وچ ۾.

(٦) هفتيوار "پيغام" جي ٻئي ورق جو فوٽو ٦ ٦١ ۽ ٦٢ جي وچ ۾.

(٧) مولوي حبيب الله شهدادڪوٽيءَ جو سنڌيءَ ۾ شعر ٻن ورقن ۾ ٨ ٦٢ ۽ ٦٣ جو وچ

(٨) مولوي حافظ رشيد احمد ڪوراڻيءَ جي مولوي ڪُماڙي جي احوال بابت تصديق ۽ نور الحق جي تصديق ١٠ ٦٥ ۽ ٦٦

(٩) مولانا امروٽيءَ جي ٻئي ٽڪيل ڪارڊ جو فوٽو ١١ ص ١٢٨ ۽ ١٢٩ جو وچ

(١٠) راوي، ماستر فتح محمد سومري جي خود نوشته احوال جو فوٽو ٻن ورقن ۾ ١٣ ١٦٢ ۽ ١٦٣ جو وچ

(١١) امروٽ اڪيڊميءَ طرفان ڇپايل ليفليٽ ۽ لٽريچر جو فوٽو ٻن ورقن ۾ ١٥ ١٦٣ ۽ ١٦٤ جو وچ

(١٢) مولانا امروٽيءَ جي خالص سنڌي ترجمي سان قرآن پاڪ جي هڪ ورق جو فوٽو ١٧ ١٧٣ ۽ ١٧٤ جو وچ

(١٣) مولانا امروٽيءَ جي سنڌي ترجمي سان قرآن مجيد جو سرورق ۽ ص ١٣١ جو ورق ١٨ ١٨٨ ۽ ١٨٩

(١٤) خلافت تحريڪ ۽ آزادي تحريڪ بابت مولانا امروٽيءَ جا دستخط ١٩ ٣٦٧ ۽ ٣٦٨ جو وچ

(١٥) خلافت تحريڪ جي چندي بابت رسيدن جا ٻه فوٽو ٢٠ ۽ ٢١ ٣٦٨ ۽ ٣٦٩ جو وچ

(١٦) مولانا امروٽيءَ جو هجرت تحريڪ بابت سيڪريٽري خلافت ڪميٽيءَ ڏي خط ٣٨١ ۽ ٣٨٢

(١٧) سيڪريٽري خلافت ڪميٽي ڪراچيءَ جو جيڪب آباد جي جلسي لاءِ امروٽيءَ کي خط ٣٨١ ۽ ٣٨٢

پيش لفظ

سونهاريءَ سنڌ جي مردم خيز خطي، ايا من
ڪانون ئي، اڄ تائين بيشمار مرد مجاهد، قومي رهنما، برگزيده عالم
شاعر، صوفي بزرگ، بانڪا بهادر ۽ آزاديءَ جا پروانا پيدا ڪيا
آهن، تن مان اُتر سنڌ جي بزرگ هستي مولانا ابوالحسن تاج محمود شاهؒ
امروٽي به هڪ آهي. هن بزرگ جي ڪيل اسلامي توڙي سياسي
ڪارنامن کان ڪير واقف نه آهي؟ پر افسوس، جو اسانجي غفلت
۽ سُستيءَ سبب، هن لعل لعل جي روشنائيءَ مخفي رهي، حالانڪ
سندس مريدن، خليفن ۽ حلقه بگوش افراد، جن کي سندس فيض
جي سرچشمي مان سُرڪي ۽ سُتي سري، تن کي سندن عقيدتمند
مختلف تصانيف ذريعي، منظرعام تي آنڍي، شُهرت يافته بنائي
چڏيو آهي، اُهن مان مولانا احمدعلي لاهوري ۽ مولانا عُبيدالله
سنڌي قابل ذڪر آهن؛ پرسندن مرشد ۽ آقا، مولانا امروٽي،
جنهن جي دم سان هُو اُن اوج کي رسيا، تنهن جي فيض، ڪمالات
۽ خدمات عام کي ڪنهن به سنڌ جي سپوت ترتيب ڏيئي ظاهر
نه ڪيو آهي.

هيءَ ڳالهه منهنجي لاءِ فخر جو باعث آهي، جو سنڌ يونيورسٽي
طرفان ڊي. فل جي ڊگريءَ لاءِ سنڌ جي سرموڙ، مولانا
تاج محمود شاه امروٽيءَ بابت مقالي لکڻ جي منظوري ملي آهي.
مقالي لکڻ لاءِ پنهنجو فياض ۽ ذي وقار استاد، پروفيسر محترم

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کي ورتيم. استاد صاحب لکڻ جي فن ۾ منهنجي لاءِ گويا خضر راهه جو ڪم ڪيو. سندس علمي فضا ۽ فيض جي پالوت، منهنجي ذهني سرزمين جي آبياري ڪري، ڪيس سرسبز ۽ شاداب بنايو. پاڻ وقت بوقت پنهنجي منهنجي همت افزائي ڪيائين. سچ پچ ته سندس ادبي قربن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. سندس وسيع علمي معلومات، بندهءَ کي هن ڏکيءَ ڪم جي ڏاکڙن ۽ پيچيدگين مان پار ڪري، ڪاميابيءَ جي شاهراهه تي پهچايو ۽ هي مقالو مڪمل ڪري ورتم.

مقالي لکندي، هرهنڌ تي استاد صاحب پنهنجا ذاتي تجربا بيان ڪري، مقالي جي شيرازه کي پڪو پختو ۽ پائدار بنائي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته مولانا قاسمي صاحب، پنهنجي استاد ۽ امروٽي بزرگ جي خليفي، مولانا خوش محمد ميروخانيءَ سان گڏ، اُنهيءَ ست جو ساٿياري، ۽ تحريڪ آزاديءَ جي وقت به ساڳيءَ صف ۾ رهيو آهي،[ل] انهيءَ ڪري وثوق سان چئي سگهبو ته سندس سڀ روايتون حقيقي سطح تان آندل آهن. الله پاڪ کيس عمر خضري عطا فرمائي!

مقالي منظور ٿيڻ بعد، موضوع جي مواد ملڻ ۾ بندهءَ کي البت دقتون درپيش آيون، جنهن جو سبب اهو هو ته، هن بزرگ جي حياتيءَ جي ڪارنامن، علمي ۽ قومي خدمتن کي، ڪنهن به سموهي ۽ سهيڙي، قلمبند نه ڪيو هو،

ل هفتيوار "جد وجهد" ڪراچي - ١٨ نومبر ١٩٥٩ع ص ٢٥ - ڪالم ٤ (مقالو مولانا ابوبڪر شبلي استاد جامعه ملي مليرڪراچي)

ڪٿهن ڪٿهن سنڌ جي عقيدتمندن ۽ شيدائين، ڪن رسالن ۽ اخبارن ۾ ليک پڻ ڏنا، پر اهي به رسالن تائين محدود رهيا. جيتوڻيڪ اُهن کي سموهڻ لاءِ ڪن صاحبن قصد پڻ ڪيو، پر اُن کي تڪميل تي آڻي نه سگهيا. اُهن صاحبن مان مرحوم مولانا ابوبڪر شبلي نمايان حيثيت رکي ٿو.

تازو ”علمي مجلس حيدرآباد سنڌ“ وارن، ڪن اخبارن ۽ رسالن جا ليک گڏ ڪري، ”تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي“ جي نالي سان ڇپايو، پر مولانا امروٽيءَ جهڙي همه گير هستيءَ جي احوال ۽ سنڌ جي ڪارنامن کي گمناميءَ جي گوشي مان ڪڍي، منظر عام تي آڻڻ لاءِ ڪافي نه هئا. البت نه هجڻ کان اهو به چڱو ڪيائون.

هن مقالي جي جاکوڙ لاءِ بنده کي لاڙڪاڻي ۽ سکر ضلعن جي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ به وڃڻو پيو، جتي جتي مولانا امروٽيءَ جا مُريد ۽ عقيدتمند موجود هئا، اُتي وڃي، ڪانئن مواد حاصل ڪيم. امروٽي صاحب جي سوانح حيات بابت سندم والد بزرگوار، سيد دين محمد شاه ميڻ واري، نهايت مفيد معلومات مهيا ڪئي ۽ هن ڪتاب جي احوال جو گهڻي ڀاڱي راوي به اهوئي آهي. والد صاحب، مولانا امروٽيءَ جي پهرين خليفن مان هڪ هو، مٿس امروٽي صاحب جي شفقت جي نظر نمايان هئي.

سنڌ ۾ والد مرحوم، مولانا امروٽيءَ جي ڪارنامن بابت اڪثر اوقات ڳالهيون ڪندا هئا. هن مقالي ۾ سنڌ جا سياسي احوال، مشاهدي تي مبني آهن، ڇاڪاڻ ته والد بزرگوار، نهايت پرجوش هو. انهيءَ ڪري جڏهن به ڪنهن وقت ملندو هو، تڏهن اسان کي گهڻا گوشا ٻڌائيندو هو، جن ۾ امروٽي صاحب جي حياتيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ ۽ ڪارنامي تي روشني وجهندو رهندو هو. آءٌ ان کي قلمبند ڪندو ويندو هوس؛ پر جيئن ته ذهن ٺهڪي يا پختو نه ٿيو هو، تنهن ڪري ڪجهه احوال ٻڌائڻ بعد ٽڪي پوندو هو. جهڙا سنڌ سمور صدريءَ احوال ڊسمبر ١٩٧٢ع تائين لکي ورتم. بابي سائينءَ کي مولانا امروٽيءَ جي احوالن ايتري قدر دلچسپي هوندي هئي، جو بار بار پڇندو هو ته "ابا تنهنجو اهو ڪتاب ڪڏهن پورو ٿيندو؟" افسوس، جو سنڌس حياتيءَ ۾ ڪتاب وفا ڪري نه سگهي، نه ته هن مقالي کي مڪمل ڏسي، گهڻو خوش ٿئي ها!

هن سلسلي ۾ امروٽ جي ڳوٺ ۾ بار بار وڃڻو پيو. درگاهه امروٽ جو سجاده نشين، مولانا سيد محمد شاهه صاحب، جو مولانا امروٽيءَ جو پوٽو (يا ڏوهٽو) ٿئي، تنهن شفقت فرمائي، امروٽي صاحب جي عقيدتمندن ڏانهن، مواد حاصل ڪرڻ لاءِ خط به لکي ڏنا،(١) جنهن ڪري ميرزا پور جي

---

(١) تاريخ ٥ جولاءِ ١٩٧١ع ۾ سيد محمد شاهه صاحب جا خط ڪٿي، ميرزا پور ضلعي سکر ۾ پهتس، جي اڃا تائين ڏٺا رهيس.

ڳوٺ مان ماستر فتح محمد سومري ۽ مولوي دوست محمد عباسيءَ وٽان سمورو احوال ۽ مواد ملي ويو.

درگاه امروٽ تي، مولانا امروٽيءَ جي ٻئي نمبر پٽ پيرسن ڀائٽئي، سيد عبدالرحمان شاه مرحوم سان ٻه ڀيرا ڪچهريون ڪيون هيم.(۱) جن ۾ صاحب موصوف پنهنجي چاچي، مولانا امروٽيءَ ۽ ڳوٺ امروٽ بابت چڱي معلومات ڏني. ساڳئي وقت امروٽي صاحب جي ڏوهٽي، پير شفيع محمد شاه پڻ مولانا امروٽيءَ جا يادگار، جهنڊو، خرقهٔ خلافت، جيڪو مولانا صاحب کي پنهنجي مرشد، حافظ محمد صديق صاحب ڀرچونڊيءَ واري کان عطا ٿيو هو، تنهن جو سمورو سامان ۽ ٻي ضروريات زندگيءَ جون شيون حوالي ڪيون، آهي ڏيکاريون. فوٽو گرافن ڪڍڻ ۾ سجاده نشين مولانا سيد محمد شاه صاحب جي نينگرن، خصوصاً سيد سراج احمد شاه صاحب مدد ڪئي.

محترم فتح محمد سومري، رٽائرڊ هيڊ ماستر ڳوٺ ضلعي سکر واري، مولانا امروٽيءَ بابت ميڙيل مواد جي پونجي منهنجي حوالي ڪئي ۽ امروٽي اڪيڊميءَ جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ درگاه امروٽ جي پراڻي دفتر مان امروٽي صاحب جا جهونا دستخط ۽ سندون مختلف خط وڪتابت پڻ عنايت ڪيائين. (۲)

---

(۱) سيد عبدالرحمان شاه سان ٻه دفعا ڪچهريون ڪيم: هڪ ۵ جولاءِ ۱۹۷۱ع ۽ ٻي ۱۷ سيپٽمبر ۽ ٽيون ۷ نومبر ۱۹۷۱ع ۾.

(۲) ۹ جولاءِ ۱۹۷۱ع تي حاصل ڪيم.

جن جا فوٽو ڪڍائي، هن مقالي ۾ شامل ڪيا اٿم. مولانا امروٽيءَ جي جُهونن ڪاغذن مان ڪي اهڙا اُهڃاڻ به مليا آهن، جن مان وقت جي جاگرافيءَ جو به پتو پوي ٿو ته: ان وقت اڃا لاڙڪاڻو ضلعو نه ٿيو هو ۽ امروٽ جو ڳوٺ، ضلعي شڪارپور، تعلقي نوشهري ابڙي ۾ هو.(١) اُن کانسواءِ ماسٽر صاحب، مولانا امروٽيءَ جو عربي متن کانسواءِ قرآن پاڪ جو خالص سنڌيءَ ۾ چيل ترجمو (٢) ۽ ڪتاب "مولانا عبيدالله سنڌي" (اردو) پڻ عنايت ڪيا.

تحقيقي سفر جي دوران، سکر ۾ محترم سيد محبوب علي شاهه پنهنجو سکر وٽان مولانا امروٽيءَ جو فوٽو ۽ احوال مليو. تنهن لاءِ آئون سندس ٿورائتو آهيان. (٣)

مولانا امروٽيءَ جي ڪلام بابت کوجنا ڪندي، جڏهن ڳوٺ ڳاڙهي مقام (سنڪار پور ڪنڊڪوٽ روڊ) ۾، امروٽي صاحب جي پياري مُريد، چام فقير وٽ پهتس،(٤) تڏهن فقير صاحب مولانا امروٽيءَ جي احوال بيان ڪندي، ٻڌايو ته "امروٽي صاحب جو چيل شعر گهڻي انداز ۾ هو؛ ليڪن تمام گهڻين مصروفيتن سبب، اُن جي محفوظ رکڻ جو جتن امروٽي صاحب ڪونه ڪندو هو. ان کانسواءِ هو پاڻ به شعر وشاعريءَ جي شُهرت کان عاري هو. جڏهن به رسول پاڪ

(١) ڳوٺ نوشهرو ابڙو، ڳڙهي ياسين جي اوڀر ۾، امروٽ ۽ ڳڙهيءَ جي وچ تي آهي. ڪيس هاڻي اُها حيثيت حاصل نه آهي. ان جي بجاءِ ڳڙهي ياسين کي تعلقي جو جديد عمارتن بنايو ويو جا تائين آهي.
(٢) ماسٽر صاحب کان اهو چيل ترجمو ڏهين فيبروري ١٩٧٦ع ۾ ورتم.
(٣) شاهه صاحب سان تاريخ ٢٣ مارچ ١٩٧٢ع تي ملاقات ڪيم.
(٤) فقير صاحب وٽ ٢٠ جولاءِ ١٩٧٢ع تي پهتس.

جي محبت ۽ الاهي عشق جي شدت ۽ ڪيف مٿس طاري ٿيندو هو، تنهن بي اختيار سنڌس زبان مان مولود شريف، ڪافيون ۽ بيو شعر نڪرندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن منشي عبدالخالق (رٽائرڊ مختيارڪار) شڪارپوري يا ڪو بيو صاحب لکي ڇڏيندو هو، ان ڪري سنڌس شعر منتشر حالت ۾ رهيو. ڪنهن صاحب ڪي مولود لکيا ته ڪنهن ڪي ڪي ڪافيون مٿ آيون ته ڪن ڪي وري ڪي بيت، غزل، مخمس وغيره مٿ چڙهيا. اهڙي طرح سنڌس شعر يڪجا ۽ تڪميل ڪو نه هو.

حامد فقير نوي پنجانوي ورهين جو پيرسن هو. مولانا امروٽي بابت جيڪي به احوال ٻڌايائين، تن مان گهڻن جو تعلق ڪشف ۽ ڪرامات سان هو، جي هن مقالي ۾ نه ڏنا اٿم. آخر ۾ فقير صاحب رسالي "خدام الدين (اردو) لاهور" جو هڪ نندو مجموعو مجلد عطا فرمايو، جنهن ۾ مولانا احمد علي لاهوري جي تصوير به هئي.

پروفيسر استاد، مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب، پروفيسر مير محمد پٺيي جي وساطت سان مولانا امروٽي جي ڪافين جو ڏس ڏنو ۽ گهوٽڪي جي جلسي خلافت بابت ٻڌايو. ان موجب بندو آئون قاسم گوٺ ضلعي سکر (سکر شڪارپور روڊ) ۾، محترم ماستر حاجي محمود قاسمي، رٽائرڊ هيڊ ماستر وٽ پهتس (١). صاحب موصوف ڪشاده دليءَ سان هڪ قلمي بياض آڻي آڏو رکيو، جنهن مان مولانا امروٽي جون ڪافيون ۽ غزل اُتاريم. ان بعد ٻاڻ فرمايائين

(١) حاجي محمود قاسمي صاحب وٽ تاريخ ٢١ جولاءِ ١٩٧٢ع تي پهتس ۽ امروٽي صاحب جو ڪلام

ته "اهڙيءَ ڪتابن ۾ امروٽي صاحب جو شعر رکيل آهي، پر هنوقت نٿو ملي. ملڻ تي اوهان ڏي اُتاري موڪليندس." سنڌ ۾ بلند اخلاق جو ثبوت اِهو آهي، جو انهيءَ موجب، امروٽي صاحب جو باقي ڪلام نهايت سهڻي اکرن ۾ لکي، رجسٽرڊ پوسٽ رستي موڪلي ڏنائين.

"مون تي مارُوئڙن جا، ٿورا، نه ٿورا"

ڳوٺ امروٽ ۾ ماستر نظام الدين ڏائي به مولانا امروٽيءَ جي غزلن، ڪافين ۽ مولودن جو قلمي بياض ڏنو. (١) انڪان سواءِ شڪارپور مان ڪتاب "گلشن امروٽي" ۽ مثنوي "پريت نامو عرف يوسف زليخا" ڇپيل ملي ويا. جنهن سمورو ڪلام، ڇپيل توڙي قلمي ملي ويو، تڏهن سيني ڪتابن کي اکيان رکي، مولانا امروٽيءَ جي ڪلام جو تفصيلي جائزو ۽ ادبي موازنو ڪيو اٿم.


امروٽي صاحب جي سوانح حيات ۽ قومي توڙي علمي ڪارنامن بابت جاچ ڪندي، ڳوٺ ڙڪ (ضلع سکر) جي اوڀر طرف، درياءَ جي پرسان مولانا امروٽيءَ جي وڏن بزرگن جي اصلي درگاهه ۽ جاگير ڏسڻ لاءِ (٢) "پُور ڍنڍ"، "پير سنجيري" جي تربت ۽ مُقام گهمندي، هڪ ستر ساله پيرسن، واحد بخش ڪوريءَ، تاريخي اُهڃاڻ ڏيکاريا ۽ مولانا امروٽيءَ جي پاٽئي، ميان نظام الدين شاهه مرحوم جو حوالو ڏيندي، امروٽ جي وڏن بزرگن

(١) ماستر نظام الدين صاحب اهو بياض ٢-آگسٽ ١٩٧٣ع تي مونکي ڏنو.
(٢) جاگير ۽ پُور ڍنڍ ڏسڻ لاءِ ٤-اپريل ١٩٧٣ع تي ويس. سنڌ جا مفصل احوال آئيندي پرڻ حاشيا
[illegible]

تحقيق جي ڪم ۾ معاون ۽ مددگار



محمد صالح شهيجو بلوچ ملازم (cabin man)



مولانا سيد محمد شاهه صاحب سجاده نشين، درگاهه امروٽ (ضلع سکر)



سيد پير شفيع محمد شاهه صاحب، ڏوهٽو مولانا امروٽي رحمة الله عليه،

۽ پور ڏني بابت تاريخي احوال ٻڌايو.
هن سفر ۾ ميان محمد صالح سُهيجو، ريلوي ملازم (cabin man)
ٺٽين ڳوٺ، نزديڪ ٽرڪ ڪلي سکر جو ساڻ هيو، جنهن جي مدد سان
درياء ۽ بيلي جا گهڻ گهير ۽ پنڌ پيچرا پار ڪري، وڃي
منزل مقصود تي پهتس.

گهوٽڪي ۾ ريسرچ جي دوران، پروفيسر محمد عثمان ميمڻ
جي سنگت سان مرحوم حافظ احمد صاحب جي پوين ۽ ٻين
ماڻهن سان ملڻ ٿيو. هن سلسلي ۾ حاجي الهڪڏني گهاوڙ،
هيڊ ماستر پرائمري مين شڪول گهوٽڪي وارن، مولانا امروٽي
جي گهوٽڪي شهر ۾ جلسهٔ خلافت، آزاديءَ لاءِ جدوجهد
۽ امن سڀا وارن جي رڪاوٽن وغيره بابت دلچسپ معلومات ڏني.

محترم نور محمد خان پنهور، رٽائرڊ ڊپٽي ڪمشنر صاحب
حيدرآباد به هن ڏس ۾ اضافي خبرون ڏنيون. پاڻ جڏهن
عليگڙهه يونيورسٽيءَ ۾ زير تعليم هو، تڏهن مولانا امروٽي صاحب،
آزادي تحريڪ ۽ خلافت جي سلسلي ۾ هندوستان جي مختلف
شهرن جا دورا ڪندي، علي گڙهه پهتو هو ۽ يونيورسٽيءَ جي هڪ
وڏي هال ۾ شاگردن ۽ استادن کي مخاطب ٿيو هو. پنهور صاحب
امروٽي صاحب جي قومي خدمتن ۽ سندس حليي بابت به ٻڌايو. (١)
پروفيسر مولانا قاسمي صاحب جي هدايت تي، ساڳئي

---

(١) پنهور صاحب ان وقت عليگڙهه يونيورسٽيءَ ۾ بي-اي جو شاگرد هو. سندس چوڻ موجب اهو سال ١٢٠

سلسلي ۾ مسجد سينٽرل جيل حيدرآباد سنڌ جي پيش امام مولوي ڏنو محمد خاڪساني سان ملاقات ڪيم (١) جنهن مولانا امروٽي جو ١٩٢٠ع ۾ جلسه خلافت جيڪب آباد وارو خطبه صدارت ڇپيل ڏنو، ان مان پڻ استفاده ڪيم.

محترمي مولوي نورالحق شيخ صاحب، سنڌ يونيورسٽي جامشوري ڪوارٽرس ۾ رهڻ دوران، پنهنجي مسلمان ٿيڻ واري واقعي ۽ مولانا امروٽي بابت زباني احوال لکائي، ان جي تصديق پڻ لکي ڏنائين. مولوي نورالحق صاحب سان ملاقات ۾ مولوي محمد صديق لاکي، پيش امام مسجد سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ساٿ ڏنو.

هن مقالي جي مزيد مواد حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف لئبريرين ۾ وڃڻ ٿيو. متعدد مقامي لئبريرين مان ڪجهه مواد حاصل ڪيم. هن ڪم ۾ نئشنل سينٽر الرڪانه لئبريري جي انچارج مسٽر الله بخش شيخ ۽ سندس اسسٽنٽ، سعادت علي چغتائي جي سٺو تعاون ڪيو ۽ ريسرچ جي دوران سهولتون مهيا ڪري ڏنيون.

اخبار الوحيد جي "سنڌ آزاد نمبر" جي ڪاپي مسٽر الهداد چغتائي، هيڊ ماسٽر پرائمري اسڪول هيڊ ڪوارٽر پوليس لاڙڪانه کان ملي، جنهن پڻ مولانا تاج محمود شاه صاحب امروٽي بابت اضافي معلومات ڏني.

---

(١) ١٥- فبروري ١٩٨٢ع ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد جي مسجد ۾ پيش امام سان مليس.

ڪجھ مواد وري ڳڙهي ياسين ۾ آغا بدرالدين جي لئبرريءَ مان
پنهنجي رفيق، بشير احمد پنهان ليڪچرار جي اعانت سان مليو.
هن ڏس ۾ محترم ۽ فياض دوست، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم
سنديلي جو ساڻ وساري نٿو سگهجي، جنهن پنهنجي زباندانيءَ
۽ مهارت سان منهنجي مواد کي سوڌڻ سنوارڻ لاءِ مفيد
مشورا ڏنا ۽ پنهنجي شاهي لئبرريءَ مان استفاده
ڪرڻ جي پڻ اجازت ڏنائين.

" جَزَاهُ اللهُ فِي الدَّارَيْن خَيْرًا "

تحريڪ هجرت بابت ڪي مضمون مولوي محمد اسحاق
جتوئي، عربي ٽيچر ميونسپل (Nationalized) هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي
جي ڏنل قلمي بياض مان هٿ آيا، جي ان وقت جي مکجوني عالم جا
لکيل هئا، جنهن پاڻ هجرت تحريڪ ۾ حصو ورتو هو. افسوس ته
جو ان عالم جو نالو لکيل ڪونه هو ۽ نه وري مولوي محمد اسحاق ئي ٻڌائي سگهيو.
مقالي ۾ آيل احوال، اهو ٻڌائيندو ته سنڌ ۾ مولانا
امروٽيءَ کان اڳ، ڪيڏو نه بي علميءَ جو دور هو! نه رڳو ايترو، پر وطن
جي حُب ۽ آزاديءَ جو شعور ۽ جذبو سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪيترو گهٽ هو.
اهو ئي سبب هو، جو ڪن ماڻهن انگريزن جي غلاميءَ جو ڳٽ، ڳچيءَ
۾ جڻڪ هيرن جي هار وانگر سمجهي، مٿس ناز ٿي ڪيائون.
انگريزن جي اسلام دشمن سرگرمين کي سمجهي نٿي سگهيا؛

جنهن ڪري ان وقت جا وڏيرا پير خاص طرح ۽ ٻيا عام طرح انگريزن طرفان ڏنل تحفا تحائف ۽ لقب القاب حاصل ڪري، اُهن تي فخر وندا هئا ۽ پاڻ کي "امن سپائي" سڏائيندا هئا. ائين ڪٿي جئيجي ته منجهن غلامي گهر ڪري ويٺي هئي، سندن جوش ۽ جذبا جهڪا ٿي ويا هئا ۽ سندن حواس بي حِسُ ٿي پيا هئا.

ديني پس ماندگيءَ جي ڪري نومسلم شيخ قوم جا ماڻهو دوباره شُڌي ۽ مُرتد ٿيڻ ڏانهن مائل ٿي ويا هئا. عين اهڙيءَ اونداهي دور ۾ مولانا تاج محمود امروٽي، سماج جي سڌاري لاءِ هڪ روشن سج جي صورت ۾ ٿي اُڀريو ۽ جنهن اونداهيءَ جي اونده ۾ هٿوراڙيون ڏيندڙ، سنڌي مسلم قوم کي جِنڪ ڪلهو ڏيئي، ڪاميابيءَ جي ڪنڌيءَ تي پهچايو. هن علمي توڙي ديني ۽ سماجي توڙي سياسي، اقتصادي توڙي معاشي، مطلب ته هر لحاظ کان سنڌ جي مسلمانن ۾ سُجاڳي پيدا ڪئي.

سنڌ جو سادو عوام، انگريز سامراج جي چالبازين کي سمجهي ڪري نٿي سگهيو. اهو مولانا امروٽي صاحب ئي هو جنهن سنڌ جي ماڻهن ۾ سُجاڳي آڻي، منجهن آزاديءَ جو روح ڦوڪيو، پياري وطن کي آزاد ڪرائڻ ۽ انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ هجرت ۽ خلافت تحريڪن جو سنڌ ۾ باني مباني مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽي بڻيو ۽ اهڙا حُريت پسند پيدا ڪيائين، جن ۾ سنڌ جو سپوت رئيس المهاجرين ٻئريسٽر

جان محمد جوڻيجو، جناب غلام محمد وڪيل، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا عُبيدالله سنڌي، مولانا محمد صادق کڏوي، مولانا دين محمد وفائي، مولانا عبدالڪريم چشتي وغيره نمايان حيثيت رکن ٿا.

دين جي بلندي خاطر جيڪو مولانا امروٽيءَ ٻاڙ پتوڙيو آهي،

۽ اسلام جي تحفظ، تبليغ ۽ اشاعت لاءِ جيڪو جتن ۽ جهاد امروٽي صاحب، وقت جي انگريز سامراج سان ڪيو آهي ۽ بي انتها ديني لٽريچر ۽ وعظ نصيحت جي ذريعي سنڌي ۾ سگهاريون تحريڪون کي کوليو آهي، ان سڀ تي پڙهڻ وضاحت سان روشني وڌي ويئي آهي.

مولانا امروٽيءَ تي سنڌ جي همعصر، جن ۾ هندوستاني علماءَ جو اثر پيو آهي، تن جي وضاحت به هن مقالي ۾ نظر ايندي. جيئن ته امروٽي صاحب تي ان وقت جي عالمن جهڙوڪ شيخ الهند مولانا محمود الحسن ۽ مولانا عُبيدالله سنڌيءَ جي ذريعي، شاهه ولي الله دهلويءَ جي تعليم جو اثر اهڙو گهرو ٿو نظر اچي، جو جڳهه ڪري مولانا امروٽيءَ ۽ شاهه ولي الله جي تعليم ۾ مطابقت پيئي نظر اچي، جنهن جي جهلڪ هن ڪتاب ۾ ڪافي نظر ايندي.

اهڙيءَ ريت ڏٺو وڃي ته مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽيءَ جي شخصيت، سنڌ جي سرزمين جي هڪ املهه مانڪ هيري جي مثال آهي. اميد ته هن ڪتاب جي مطالعي بعد امروٽي بزرگ جي مختلف پهلوئن تي تفصيلي معلومات مهيا ٿيندي ۽ هن

ناپيد گوهر جي شناخت، عوام جي اکين آڏو ايندي،

آخر ۾ آئون انهن سڀني صاحبن جا ٿورا مڃيان ٿو

جن، ڪنهن ڪم ۾ منهنجي همت افزائي ۽ مدد ڪئي آهي.

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

لاڙڪاڻو

٢٣ فيبروري ١٩٦٧ع

خادم العلم

سيد محمود شاهه بخاري

ليڪچرار شعبئه سنڌي گورنمنٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

مولانا امروٽيءَ جا هٿ اکر (فوٽو)
سندس ٽڪيل ڪارڊ





مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جون ملي ۽ قومي خدمتون

باب پهريون

سوانح حيات

ڪروڙين ڪرم ۽ اڻ ڳڻيا احسان اُن خالق اڪبر جا، جنهن هن دنيا کي بي انت عجائبات ۽ ڪمالات سان گڏ خلقيو. نه رڳو ايترو، پر ان ۾ انيڪ بزرگ هستيون پڻ پيدا ڪيائين، جن جي فيض ۽ برڪت جي نور، سڄي دنيا کي منور ڪيو. پنهنجي پياري محبوب، نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي هدايت جي نور جو سرچشمو بنايائين، پر انهي نقش قدم تي هلندڙ، انهي دين جي تبليغ ۽ تجديد ڪندڙ ۽ دين کي جياريندڙ، جيڪي به صاحب ڪمال هستيون خلقيائين، تن مان سنڌ سڳوريءَ جي سرزمين جو ڪامل بزرگ، مرد مجاهد ۽ باڪمال شخصيت جو مالڪ سيد مولانا تاج محمود شاهه امروٽي به هڪ ٿي گذريو آهي، جنهن جي علم ۽ فيض جي شهرت، نه رڳو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ بلڪ هندوستان، ڪابل، عربستان ۽ انگلستان تائين ڦهليل هئي ۽ آهي. سندس مذهبي، روحاني، سماجي، علمي ۽ قومي خدمتون بي انداز آهن، پر هتي موضوع جو مرڪز فقط علمي ۽ قومي خدمتون آهن، جن جي بيان ڪرڻ کان اڳ سندس شخصيت جو تعارف ڪرائڻ ضروري آهي.

حسب نسب سندن والد مرحوم سيد دين محمد شاهه رڳو ٽيڪاڻو تعلق قمبر) به مولانا امروٽيءَ جو خليفو هو. سندس

فيض مان ڪافي ڪجهہ حاصل ڪيو هئائين. بابو سائين فرمائيندو هو تہ "حضرت امروٽي" صحيح نسب سادات آهي. سنڌ ۾ وڏو ڏاڏو پير مشائخ گيلاني آهي، جنهن جو مقبرو امروٽ شريف ۾ آهي، پر سائين حياتيءَ وقت، پاڻ کي ڪڏهن بہ سيد نہ سڏائيندو هو. پنهنجي نالي لکڻ وقت صرف "تاج محمود" لکندو هو. نالي پٺيان "شاهہ" تہ ڪڏهن نہ لکيائين. فرمائيندو هو تہ پاڻ کي "شاهہ" يا "سيد" سڏائي فخر ڪرڻ اجايو آهي. ٻين کي پڻ "سيد" ٿي فخر ڪرڻ يا "شاهہ" سڏائڻ کان منع ڪندو هو؛ "ڪوئي، آبا، "دين محمد"! ڪري سڏ ڪندو هو."

سنڌ ۾ حسب نسب بابت، ماستر فتح محمد خان سومرو پنهنجي قلمي بياض ۾ لکي ٿو:-(١)

"حضرت تاج امروٽي شجري مطابق ذات جا سيد آهن، ڪسر نفسيءَ سبب پاڻ کي سيد سڏائڻ پسند نہ ڪندا هئا تہ سنڌ ۾ سيد سڏائي، بيجا عزت حاصل ڪرڻ، خدا ۽ رسول جي حڪمن جي برخلاف آهي. لهذا انهيءَ سبب ڪري "ابوالحسن تاج محمود" جي نالي سان مشهور ڪندا هئا. سندن مهر تي بہ "فاني الوجود تاج محمود امروٽ ١٣٠٠هجري" لکايو هئائون.

سندن شجرو سيد عبدالقادر گيلاني غوث اعظم محي الدين جي جوڻين فرزند، سيدنا محمد رح، جنهن کي "محمود شاهہ پير مشائخ" جي نالي سان سنڌ ۾ سڏين ٿا، ان سان ملي ٿو. هو پهرين سيوهڻ ۾ لٿو، پر جيڪر رکن جي نزديڪ، درياهہ جي پرسان "پورو ندي"(٢) وٽ سڪونت اختيار ڪيائون. ٿوري وقت ۾ سندن فيض ۽ ڪرامت جي اثرڪان عوام

---

(١) ماستر فتح محمد سومرو مرزاپوري - قلمي بياض - صفحو ٢٧، ٢٨، ٢٩

(٢) پورو ندي رکن جي شهر جي اوير درياهہ جي پرسان هئي. هن وقت سندس گهڻو حصو درياءَ پاڻي وڃي آهي. باقي ٿورو بچيل اٿس، پر اهو بہ لٽيو وڃي آهي.

سالڪن ۽ بزرگن جي سوانح ۾، اڪثر دستور هوندو آهي تہ انهن جي ڪرامتن جو گهڻي اپٽار ڪئي ويندي آهي. هتي بہ ان سلسلي جو هڪ ڪرامتي واقعو، ميان نظام الدين

مولانا امروٽيءَ جي وڏن بزرگن واري جاگير، پُوَرَ ڍنديءَ جو نظارو.



پير سنجيري جي پرسان پراڻي درگاهه ۽ مقام واري هنڌ
(پُوَرَ ڍنديءَ جو ڪپ)



جتي سندن ڪوهه ۽ زمين هئي
(پُوَرَ ڍنديءَ جو ڪنارو)



امروٽ ۾ مولانا امروٽيءَ جو آخري آرامگاهه (مقبرو)



پُوَرَ ڍ نديءَ جي ڪناري تي پير سنجيري جو
پراڻو قبو ۽ اندر مقبرو

جو رجهان ايترو ته وڌي ويو، جو هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن سندن هٿ


تي بيعت ڪئي ۽ حڪومت جي طرفان کين جاگير به عطا ٿي. هن وقت به اتي سندن خليفي "پيرسخيري" جو مقبرو ۽ مقام موجود آهن. انهن بزرگن ٻه چار بزرگ جن جون اوائلي تربتون پوري ڏني وٽ هيون تن جي تربتن کي درياهه پاڻ ڪيو. تڏهن هڪ نيڪ مرد کي اشارو ٿيو ته انهن بزرگن جي جنازن کي ڪڍي، امروٽ شريف ۾ رکيو وڃي. پوءِ انهن جا جنازا ڪڍي درگاهه امروٽ شريف واري مقام ۾ مدفون ڪيا ويا. اُهي بزرگ هيٺيان آهن:-
(١) پير مشائخ محمود شاه عرف بيعت بهادر (٢) پير مشائخ جو پوٽو سيد عبدالقادر (٣) حافظ سليمان (٤) ممبو ڏيهو، سندن خليفو.

مرحوم (گادي نشين امروٽ) جي حوالي واحد بخش ڪوري وٽان جيڪو ٺٽ ضلعي سکر (هن وقت) (جو امروٽ جي خدمت ۾ رهاڻيءَ وارو هو ۽ اڄ تائين به جيڪي مائٽ امروٽ شريف ويندو آهي) جي بقول ته مولانا امروٽي جا وڏا امروٽ شريف ۾ آيا ته سندن زمينون درياهه جي پري اولهه طرف هيون جنهن وقت اتي درياهه جي پوڙ آئي تنهن وقت اُهي لڏي وڃي درياهه جي ٻئي طرف (اوڀر) ڪوٽ ديواني ۾ ويٺا، پر سندن زمينون درياهه جي اولهه طرف ئي رهيون، جن ۾ ڪوهه به ڪٽايو هئائون. پر شايد هڪ پورو به هوندو هو. ڪوهه تي هڪ ٽڪ جي پوک به ٿيندي هئي، امروٽ ۾ لڏي ڪاپڻ ۽ به هو ان زمين کي سنڀالينڊا ايندا هئا.
جيئن ته هن وقت ڪلوڙي سنڌ ڏارين حاڪمن جي هٿن جو آماجگاهه رهي:
انهي ان وقت ۾ به ڪنهن ڏارين حاڪم جو لشڪر سنڌ ۾ آيو هو ۽ اچي پوريءَ ڏني، مولانا امروٽيءَ جي وڏن جي زمين ۾ منزل انداز ٿيو. لشڪر جي ماڻهن آرام خاطر گهوڙن کي زمين ۾ چرڻ لاءِ ڇوڙي ڇڏيو. ان وقت هڪ بزرگ سيد زمين ۽ پوک جي سنڀال لاءِ اتي موجود هو، جنهن لشڪر جي ماڻهن کي منع ڪئي ته "هي پوک نه چاريو، ڇاڪاڻ ته هن جي پيداوار، غريبن ۽ مسڪينن جي لنگر لاءِ ڪم ايندي آهي، ان ڪري نه اُجاڙيو." لشڪر جي ماڻهن انهيءَ ڪا پرواهه ڪانه ڪئي، تنهن تي بزرگ صاحب فرمايو ته "ڀلي ڀلا، جي اوهان ٽُنڊ ته اوهان جا گهوڙا پوک کائي به نه سگهندا."
واقعي ٿيو به ائين، گهوڙا ماٺ ۾ بيٺا رهيا. نه کائي ئي سگهيا ۽ نه
هلي ئي سگهيا. ان تي لشڪر جو سپهه سالار عجب ۾ پيو ۽ لشڪر جا سڀ ماڻهو ڏاڍو پشيمان ٿيا، اچي بزرگ جي پيرن تي پيا معافي ورتائون. لشڪر جي اُن ڏسڻ واري سپهه سالار جو بزرگ کي ان زمين جي آسپاس وارو علائقو به جاگير طور تي ڏنو. ان بزرگ سيد صاحب کي "پورل شاه" به سڏيندا هئا؛ تنهنڪري ان پوري ۽ ڏني کي به سندس نالي پٺيان "پوري ڏني" سڏڻ لڳا. هاڻي ان ڏني جو گهڻو حصو درياهه جي پاڻيءَ ٻوڙي ڇڏيو آهي باقي حصو به ٻيلو آهي ۽ جهنگ ٿي ويو آهي. سندس پڻ بزرگ جي خليفي "پيرسخيري" جي تربت اتي موجود آهي.


شجرو مولانا سيد تاج محمود امروٽي (درگاه امروٽ تان نقل ٿيل) (١)

حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وآله وسلم ← ــــــــ حضرت عبدالله

حضرت علي المرتضىٰ رضه (سندس سوٽ ۽ ناٺي) ← ــــــــ حضرت ابوطالب



سيدنا غوث الثقلين عبدالقادر گيلاني رح



(١) بنده کي درگاه امروٽ شريف وڃي، سجاده نشين ۽ مولانا امروٽي جي ڏهلي شيخ محمد شاه جي ملاقات جو شرف حاصل ٿيو هو، جتي ڪاٽن جي احوال ڏني، قلمبند ڪيم.

تصديق

سيد محمود شاه پروفيسر گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻو
جو هن وقت امروٽ شريف ۾ تاريخ ٢٧-١١-١٤
جيڪو آيو ۽ حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي بابت
احوال ورتائين ۽ ڪيترو ٻڌايائين. ڪي حضرت صاحب
جا يادگار ۽ ڪيترا هٿ اکر ڏيکاريا ويا. پاڻ
پڙهي ۽ پڙهي نوٽ ڪيائين. اهي اسان جي خاندان
جا اصل صحيح ۽ سچا آهن جي ڪي سي ڏنا ويا
پاڻ اهي يادگار جا فوٽو ڪيا. پڻ خانداني
شجرو جيڪو پاڻ ڏيکاريائين سو صحيح ۽ درست
آهي.

پير محمد شاه امروٽي

مولانا امروٽيءَ جي حسب نسب بابت مرحوم مولانا ابوبڪر شبلي لکي ٿو:

”سندن نسب سنڌ جي انهن سادات خاندانن سان ملي ٿو جن عرب کان هجرت ڪري، سنڌ ۾ اچي مستقل آباد ٿيا ۽ سنڌ کي پنهنجو وطن بڻايائون.“ (١)

ساڳئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاه فرمائي ٿو:

”حضرت امروٽي حسب نسب جي لحاظ کان سيد هئا. حضرت جن جو خاندان پنهنجي ترپ رشد ۽ هدايت جو مرڪز هو.“ (٢)

ولادت مولانا امروٽيءَ جو اسم مبارڪ سيد تاج محمود شاه ۽ سندس والد بزرگوار جو نالو سيد عبدالقادر عرف پورل شاه هو. مولانا امروٽي پاڻ کي ”ابوالحسن“ جي لقب سان به سڏائيندو هو، ڇاڪاڻ ته کيس هڪ فرزند ارجمند ”سيد حسن شاه“ نالي پيدا ٿيو هو ۽ ١٠-١٢ ورهين جي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويو هو. ان جي نالي پٺيان پاڻ کي ”ابوالحسن“ به سڏائيندو هو ۽ اڪثر شعر ۾ به پنهنجو تخلص ”حسن“ رکيو اٿس. (٣)

مولانا امروٽيءَ جي ولادت، خيرپور ميرس ضلعي جي بريالو شهر جي نزديڪ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ديوانيءَ (٤) ۾ ٿي. ولادت جي تاريخ بابت اڃا تائين معلوم ٿي نه سگهيو آهي. ڪن روايتن موجب اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ١٨٥٧ع يا ١٨٥٨ع ڌاري تولد ٿيو هو. (٥)

---

(١) ماهنامه نئين زندگي ماه اپريل ١٩٤٦ع مضمون نگار مولانا ابوبڪر شبلي.
(٢) تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي صفحو ١٠ (ڊاڪٽر محمد صالح جي ريڊيو تان اردو ۾ ڪيل تقرير جو ترجمو)
(٣) سندس والد بزرگوار کان سواءِ احوال معلوم ٿيو.
(٤) الوحيد آزاد نمبر صفحو ١٣- نوٽ: ڊاڪٽر محمد صالح شاه جي ريڊيو تي تقرير ۾ ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ صاحب تذڪره شعراءِ سکر (ص ١٤١) ۾ مولانا امروٽيءَ جي جاءِ ولادت ”ڳوٺ بريا“ ڄاڻايو آهي، پر مرحوم مولانا ابوبڪر شبلي نئين زندگي اپريل ١٩٤٦ع ۾، ماستر فتح محمد سيوهاڻي قلمي بياض (ص ١١) ۾ ڳوٺ ديواني لڳ بريالو لکيو آهي ۽ حقيقت به اها ٿيڻ ٿي آهي ڇاڪاڻ ته مولانا امروٽيءَ جي فرزند (عبدالرحمان شاه ۽ شفيع محمد شاه) پڻ ساڳيو ڳوٺ ”ديواني“ ٻڌايو.
(٥) ماستر فتح محمد سيوهاڻيءَ جي قلمي بياض ص ١١ ۾ مولانا امروٽيءَ جي پاٽي عبدالرحمان شاه جي چوڻ موجب مولانا امروٽيءَ جي وفات وقت عمر ٧٢ سال هئي. سندس وفات ڊسمبر ١٩٢٩ع ۾ ٿي آهي ان موجب سندس ولادت ١٨٥٧ع ۾ ٿئي ٿي.

هن سلسلي ۾ مرحوم مولانا ابوبڪر شبلي رقمطراز آهي:

"پاٽ ڪوٽ "ديواني" تڪ ڳاڙهي موري تعلق روهڙي ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيا. سنڌن جهڙ جي تاريخ جو تعين ڪرڻ ڏکيو آهي. اندازو اهو آهي ته پاڻ ١٨ عيسوي صدي جي پهرين اڌ جي شروعات ۾ پيدا ٿيا." (١)

سنڌس والد سيد عبدالقادر شاه جي مٽي جا وارث ڪاپورا هوندا هئا. تمنصري ڪيس پوريل شاه به سڏيندا هئا. پوريل شاه کي ٽي فرزند پيدا ٿيا، جن مان مولانا امروٽي وچون فرزند هو. (٢)

---

(١) ماهنامه نئين زندگي ماه اپريل ١٩٦٤ع - ورق ... مولانا شبلي مرحوم ١٨ عيسوي صدي شايد ڀل ۾ لکي ويو آهي. "١٨ عيسوي صدي" جي بدران "١٩ عيسوي صدي" ڪرڻ گهرجي.

(٢) هڪ غير معمولي شخصيت جي ولادت به غير معمولي نموني ۾ ٿيڻ ۽ بڌائي وڃڻ آهي، هتي بيان طرح هڪ واقعو مضمون آهي. مولانا امروٽي جي ڀاڻيجي ميان عبدالرحمان شاه (مرحوم) کان روايت آهي ته "مولانا امروٽي جي والد سيد عبدالقادر عرف پوريل شاه کي اڳ اولاد ڪونه هو. ان وقت سنڌس دوست الرکيو ڪنڌرو اصل وتل ڳوٺ ڄمڙ تعلق روهڙي جو، مديني منوره ۾ ڏه سال رهي، واپس ڳوٺ ديواني ۾ اچي رهيو هو. هو هڪ خدا رسيده انسان هو. پوريل شاه به سنڌس نيڪ صحبت ۾ گهڻو عرصو رهيو هو. سڪڻ ڳوٺ ۾ "بلند" نالي هڪ مجذوب به رهندو هو، جنهن کي الرکيو ڪنڌرو روز ماني ڪارائي ايندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن هو ماني کڻي ٿي ويو ته ان مجذوب کي مستي جي ڪيفيت ۾ ڏٺائين، کيس ماني کائڻ جي آڇ ڪيائين، پر هن انڪار ڪندي چيس ته "اڄ مان پوريل شاه جي پوري مينهن جو کير پيئڻ چاهيان ٿو" اهو ٻڌي الرکيو اچي پوريل شاه کي ٻڌايو. پوريل شاه هڪدم مينهن جو کير ڏهرائي، ڇونري ڪير جي ڀري ڏانهن آيا، مجذوب جي آڏو رکيا. هن ماني کائي، پيٽ ڀري ڪير پيتائين، پوءِ پوريل شاه کي چيو ته "هاڻي تون وڃ توکي ٽي ڏاڪڙا ڏيندس، پر تنهنجي پوري مينهن ته ويئي." پوريل شاه مجذوب جو اشارو سمجهي، گهر اچي، پوري مينهن جي قرباني ڪئي. جنهن ته ان بعد جلدئي کيس ٽي پٽ مسلسل پيدا ٿيا: ١. موفن شاه ٢. تاج محمد شاه امروٽي ٣. علي شير شاه مجذوب. هاڻوڪو سجاده نشين ميان محمد شاه، سنڌس وڏي پٽ موفن شاه جو پوٽو ۽ ميان نظام الدين شاه جو پٽ آهي. ٽيون پٽ علي شير شاه مجذوب، گهڻو وقت مولانا امروٽي وٽ رهندو هو ۽ امروٽي جي نينگر حسن شاه کي کڻي ٿي ڪئي، چوندو هو ته "مان حسن شاه جو اڌ آهيان." پوءِ درگاه ۾ ئي وفات ڪيائين."

حُليو بابو سائين پنهنجي مرشد، مولانا امروٽيءَ بابت فرصت جي وقت ورهيه ڳالهيون ٻڌائيندو هو، جن مان ڪي ڪرامتن جون ڳالهيون عجب ۾ وجهندڙ هيون. سندس حليي بابت فرمائيندو هو ته:

”حضرت امروٽي قداور هو. سندس بدن سنهڙو، رنگ ڪٽڪ ورنو، مونڇارو مبارڪ وچٿري، نه تمام ڇڊي، نه تمام گهاٽي، پر ڏڳي هيس. پيشانيءَ مان الاهي نور پيو چمڪندو هو. اکيون هميشه وحدانيت واري خمار سان ڀريل ۽ ڳاڙهيون لعل هونديون هيون، ۽ پوشاڪ هميشه سادي پائيندو هو.“

سندس حليي بابت پير علي محمد راشدي لکي ٿو:-

”پير سائين تراب علي شاه مرحوم قمبر وارو، مولانا سان ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو ۽ پنهنجي خدمت ۾ موڪلي به وٺي آيو. بزرگ اسين تان لهي، ٻکيءَ ۾ چڙهي، اچي امروٽ پهتاسون. مولانا مسجد جي ٻاهران، وڻ جي ساڻي هيٺ کٽ تي ويٺو هو. ضعيف البدن ۽ تمام پوڙهو ٿي ويو. ڏکوئڙس هو، پر اکين ڏيهن نظر ايئن پئي آيو ته ڄڻ هنن تي ڪل چڙهيل آهي. سونهارو مبارڪ ڏڳي ۽ سفيد، پر نه ڇاپوٽين ۽ نه گهاٽي. لباس ڪاڏيءَ جو هو.“(1)

ماستر فتح محمد سومرو وري هيئن ٿو لکي:

”آقا امروٽي قد جا ڊگها، ڪٽڪ رنگا، پيشاني ويڪري، ٻت سنهو اکيون الاهي نور ۾ لعل. سندن ڳالهائڻ ٻاجهارو، سونهاري گهاٽي ۽ ڏڳي هئي.“(2)

ساڳئي سلسلي ۾ مرشد ضياءُ الله غلام علي فرمائي ٿو:-

”حضرت سائين جن کي سفيد سونهاري ڪڪڙ هئي. ڪپڙا سادا، ململ جو ڊگهو چولو، ڪمر ۾ پاڻيءَ جي پٽيءَ ٻڌندا

---

(1) پير علي محمد راشدي. اهي ڏينهن اهي شينهن ڇاپو پهريون سال ١٩٤٢ع صفحو ١٩٤.

(2) ماستر فتح محمد سومرو. قلمي بياض (رزاق پور ضلعو سکر) صفحو ١١.

هئا، جنهن جي ڪري، سومرا ڪٿي مسافري عمل جو، ڦاڙيا پڙهائيندا هئا.

بدن ماملطا ڪري ڪرڻ مڏن تي جمڙو چڙهيل هئي." (۱)

تعليم مولانا امروٽيءَ جي تعليم بابت روزانه الوحيد، پنهنجي خاص اشاعت "سنڌ آزاد نمبر" ۾ ڄاڻايو آهي:

"ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽان حاصل ڪري، ان کانپوءِ پير ڳوٺ ڪافي عرصي وقت فارسي جا ڪتاب پڙهندا رهيا. عربي علوم جي تحصيل لاءِ جوانيءَ جي زماني ۾ مولانا عبدالقادر صاحب پنهواري (ضلع ٺٽو) جي درس ۾ داخل ٿيا، جتي درسي ڪتابن کان فراغت حاصل ڪري، پنهنجي والد ڏانهن سلوڪ جي راهه ۾ رهبر حاصل ڪرڻ لڳا." (۲)

مرحوم مولانا ابوبڪر شبلي سنڌس ظاهري تعليم بابت لکي ٿو:

"شروعاتي تعليم پنهنجي والد ماجد جناب سيد عبدالقادر صاحب کان حاصل ڪيائون، جو پاڻ علم ظاهري کان علاوه وڏي روحانيت جو پڻ مالڪ هو. سندن تعليم ۽ تربيت خالص مذهبي ماحول ۾ ٿي. انهيءَ جو اثر سندن اينده زندگيءَ تي نهايت نمايان نظر اچي ٿو. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ خاطر پاڻ ان وقت جي مشهور عالم جناب مولانا عبدالقادر صاحب اندر (ساڪن پنهواري تعلقو ميرپور بٺورو ضلع ٺٽو سڪنه) جي مدرسي ۾ داخل ٿيا ۽ انهيءَ مدرسي ۾ ئي علوم اسلاميه جي تڪميل ڪيائون. علوم اسلاميه جي تڪميل کانپوءِ ڪن مشهور عالمن جي خدمت ۾ وڃي رهيا، پر والد ماجد جي اوچتي وفات ڪري، گهڻو وقت اُتي ترسي نه سگهيا ۽ تڪڙ ۾ وطن واپس وريا." (۳)

محترم ابوالقدر فتح محمد سومري ميرپوريءَ پنهنجي قلمي بياض ۾ مولانا امروٽيءَ جي ظاهري تعليم متعلق نهايت وضاحت سان بيان قلمبند ڪيو آهي، ملاحظو فرمائيندا:

"حضرت امروٽي ٿورو وقت پنهنجي والد ماجد وٽ ناظره قرآن شريف مان ڪجهه پڙهيو، پوءِ ستت ئي مولوي محمد قاسم الراوت ابتدائي تعليم، قرآن شريف ۽ فارسيءَ جا ڪتاب پڙهي، پورا ڪيا.

عربي علوم جي اعليٰ تحصيل لاءِ جوانيءَ جي زماني ۾ مشهور معروف، سڀ علمن جي ماهر، جيد عالم،

---

(۱) ماهنامو "التوحيد" سنڌي ماهه جولاءِ ۱۹۷۱ع صفحو ۱۸

(۲) روزنامه "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن "سنڌ آزاد نمبر" جون ۱۹۳۶ع صفحو ۲۱

(۳) ماهنامو "نئين زندگي" ماهه اپريل ۱۹۶۴ع

حضرت مولانا حاجي عبدالقادر پنهواري جي درس ۾
داخل ٿي، درسي ڪتابن کان فراغت حاصل ڪيائون.
پنهواريءَ کان پوءِ ڪجهه وقت شهدادڪوٽ جي جيد
عالم مولانا غلام صديق صاحب، زاهد ۽ خدا رسيده
وٽ پڙهڻ ويا. مولوي صاحب جو منجهن ڏاڍو پيار هو.
اشراق پڙهڻ کان پوءِ فارغ ٿي، اول حضرت امروٽيءَ کي
سبق ڏيندا هئا ۽ ماني به گڏ کارائيندا هين. آخر امروٽيءَ
جن وڌيڪ تعليم لاءِ پنجاب جي ڪن مدرسن
۾ به وڃي عالمانه سندون حاصل ڪيائون." (1)

بابو سائينءَ ڳالهه ڪندو هو ته ڳوٺ ٻني تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ٻڍو سو سالن جو رهندو هو. سندس نالو جان محمد هو ۽ ذات جو ڪٽڙو هو. اهو مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ جو شاگرد ۽ مريد هو. ان کان روايت آهي ته هو پاڻ ننڍي هوندي بزرگ شهدادڪوٽيءَ وٽ پڙهندو هو. ان وقت بزرگ امروٽي به مزيد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اُتي آيو هو. مولانا شهدادڪوٽي سندس وڏي عزت ڪندو هو ۽ صبح جو سڀني شاگردن کان اڳ ۾ مولانا امروٽيءَ کي سبق ڏيندو هو ۽ ماني به گڏ کارائيندو هوس. ان تي اڪثر وڏن عربيءَ وارن طالبن ۾ ناراضگي پيدا ٿي. اها خبر جڏهن مولانا شهدادڪوٽيءَ کي پيئي، تڏهن انهن شاگردن کي گهرائي چيائين ته "هن نينگر کي اول سبق ڏيڻ ۾ جيڪڏهن اوهان کي اعتراض آهي ۽ ناراض ٿا ٿيو ته اوهان ڀلي وڃي ڪنهن ٻئي مدرسي ۾ پڙهو. مان هن نينگر کي ضرور پڙهائيندس، ڇو جو هي ڇوڪرو سڄيءَ سنڌ کي فيض پهچائيندو."

مولانا امروٽيءَ جو اُستادي سلسلو

مولانا امروٽيءَ جو ٻيو اُستاد (2) مولانا عبدالقادر پنهواريءَ وارو ۽ سنڌ جو هڪ جيد عالم هو. اُستاديءَ

(1) ماستر فتح محمد سومرو ميرانپوري ـ قلمي بياض ـ صفحو 33 کان 37.
(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ، ڪجهه وقت تعليم قاضي عبدالرئوف موريءَ وٽ به ورتي آهي.
ٽماهي مهراڻ (نمبر 3 ۽ 4) "سوانح نمبر" سال 1957ع صفحو 167

جو اهو سلسلو، علامه عبدالحليم ڪنڊوي (بلوچستان) سان ملي ٿو، جنهن جا شاگرد سنڌ ۾ تمام گهڻا هئا. مولانا امروٽيءَ جي اُستاد مولانا عبدالقادر ٻيهواري واري جو اُستاد، خليفو مولانا محمد يعقوب همايوني هو ۽ خليفو صاحب وري علامه عبدالحليم ڪنڊويءَ جو شاگرد هو. هن بابت مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي لکي ٿو:

"حضرت مولانا امروٽيءَ جي تعليم سنڌ ۾ ئي ٿي هئي. جنهن سلوڪ جو شروع سندس رهبر سنڌي آهي ته استاد به ڪين سنڌي عالم مليا. گهڻو ڪري تحصيل جا ڪتاب، سڪرنڊ جي ڀرسان پنهواري ۾ پڙهيا. استاديءَ جو اهو سلسلو خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جي واسطي سان مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ تي پهچي ٿو، جنهن جو مزار رڪڙيءَ ۾ ٻولان جي ڀرسان جبل تي آهي" (١)

ساڳئي سلسلي ۾ مولانا قاسمي صاحب، پنهنجي تحقيق موجب هيٺئين ريت فرمائي ٿو، جنهن ۾ مولانا شهدادڪوٽيءَ جو پڻ حوالو ملي ٿو:

"خليفي صاحب جن علامه عبدالحليم ڪنڊويءَ جا شاگرد هئا. اهڙيءَ طرح مولانا نور محمد شهدادڪوٽي به علامه ڪنڊويءَ جا شاگرد هئا ۽ اهي علامه عاقل شاهه هالائيءَ واري جا شاگرد هئا ۽ اهي وري مخدوم محمد آريجي واري جا شاگرد هئا. اهو سلسلو شيخ عبدالحڪيم سيالڪوٽيءَ تي پهچي ٿو." (٢)

مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب، جيڪو اُستادي سلسلي جو شجرو ڏنو آهي، اُن جو مختصر نقل، علامه ڪنڊوي صاحب، سيد محمد عاقل شاهه ۽ مخدوم محمد آريجويءَ جي اضافي سان هيٺ ڏجي ٿو. ملاحظو فرمايو:

---

(١) مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب - مقالو: تذڪرهءِ مولانا تاج محمود امروٽي - ڇاپو پهريون سال ١٩٧٥ع صفحو ٦ ۽ مهراڻ سوانح نمبر (٣ ۽ ٤) سال ١٩٥٧ع ص ١٢ (مضمون نگار: منظور احمد سليمي)

(٢) سه ماهي الرحيم سنڌي (٢) بهار ١٩٦٥ع صفحو ١١٦ ۽ سه ماهي مهراڻ سوانح نمبر (٣ ۽ ٤) سال ١٩٥٧ع - ص ٢١ ۽ ٢٢ (مضمون نگار: عبدالرئوف ڪنڊوي ۽ منظور احمد سليمي)

مخدوم محمد آريجوي

سيد محمد عاقل شاهه لڪيءَ وارو

علامه عبدالحليم ڪنڊوي

خليفو محمد يعقوب ھالوڻي — مولانا نور محمد نصرپوري

مولانا عبدالقادر پنھوارن وارو — مولانا محمد يعقوب مشھور عبدالله سومرن وارو — مولانا عبدالرحمان سکر وارو

مولانا تاج محمود امروٽي — مولانا فيض الڪريم سانگھڙ وارو

مولانا قاسمي صاحب وڌيڪ لکيو آھي ته: ”اھو سلسلو وڃي، مولانا عبدالحڪيم صاحب سيالڪوٽي سان ملي ٿو.“ (١)

مولانا امروٽيءَ جي باطني يا روحاني تربيت ۽ تعليم

روزنامه ”الوحيد“ جي خاص اشاعت ”سنڌ آزاد نمبر“ ۾ مضمون نگار لکي ٿو:

”درسي ڪتابن کان فراغت حاصل ڪري، پنھنجي والد وٽان سلوڪ جي راھ و رسم حاصل ڪرڻ لڳا، مگر ھن والد سڳوري ھن دنيا مان رحلت فرمائي ويو، ڪن اشاري طور فرمائي ويو ھو ته سنڌ جي اُتر ڏي ھڪ فيض جو صاحب، ولي ۽ وقت جو قطب آھي، ان خدمت مان وڃي، روحانيت جا سبق حاصل ڪجو. حضرت مولانا ته دل ۾ انھيءَ بزرگ جي خدمت ۾ پھچڻ لاءِ خيال ڪندا رھيا ته اوچتو ھڪ رات خواب ۾ انھيءَ بزرگ جي تصوير ۾ ڏٺائون، جنھن کان پوءِ ميربورماٿيلي تعلقي جي ڳوٺ ڀرچونڊيءَ شريف ڏانھن روانا ٿيا، جتي قطب زمان حافظ محمد صديق صاحب عام خلق کي فيض ۽ عرفان سان سيراب فرمائي رھيو ھو. مولانا صاحب جڏھن کي ڀرچونڊيءَ پھچڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته حافظ

---

(١) سماھي ”الرحيم“ سنڌي (٢) سال بھار ١٩٦٥ع صفحو ١١٩

صاحب ڳوٺ سوئي شريف، پنهنجي مرشد جي درگاه تي ويا آهن.
اُتان ئي مولانا صاحب سترو سوئيءَ آيا. درگاه جي نگورنگ هڪ کوهه
هو، اتي وضو سارڻ ويٺا ته پويان هڪ مرد آيو ۽ ڏٺائون ۽ جو
هو ٻڌو اهو هو، جو خواب ۾ ڏيکاريو ويو هوين. حافظ صاحب
جي ديدار ڪانپوءِ دل کي اطمينان آيو ۽ جنهن مطلوب
جي ڳولا ۾ هيا، اهو ملي ويو. مگر ڇا ٿيو، جو اهو وچين
نماز جو وقت هو. حافظ صاحب ان ئي چڙهيءَ سترو پيرين
هليا آيا ۽ اسانجو حضرت صاحب الهن ئي پيرن تي پيادل
سنڌڙي پوئتان روانو ٿيو ۽ رات جي وقت پنهنجي مرشد سان
ملاقات ٿين. حضرت حافظ صاحب پاران خدمت مرهون جو
ارشاد ٿيو ۽ طرفين ڏاڍي محبت جي جذبي جو اظهار ٿيو.
جيئوڙجي تو ڏه پورهنچالهون ڏينهن جي صحبت کانپوءِ جو
ڪجهه ماسر ڪي ٿوهون، سو ماسر تي ڇڪوءِ حافظ صاحب پنهنجي
پياري ۽ بزرگ خليفي کي ارشاد فرمايو ته "امروٽ پير وڃي
رهه." امروٽ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ڳوٺ قصبو آهي،
جتي بزرگن جي وڏن جا مقبرا ۽ ڪجهه جايون هيون ۽ سنڌ جي
رسم موجب بزرگن جي قبرن تي سخت پهتون ٺهيل
هيون." (1)

منهنجي والد بزرگوار حضرت امروٽيءَ جي روحاني تعليم ۽ تربيت بابت
ٻڌايو ته "حضرت امروٽي جن پاڻ حقيقت بيان ڪندا هئا (2) ته منهنجي والد
صاحب، ميان پورل شاه عرف عبدالقادر شاه صاحب توڙي سنڌ جي وڏا،
روحانيت جا صاحب ۽ خدا رسيده بزرگ هئا. سيد پورل شاه وفات
وقت، پنهنجي نينگر سيد تاج محمود شاه امروٽيءَ کي فرمايو هو ته "ظاهري
تعليم کان باطني تعليم يا روحاني تربيت بيحد اهم ۽ ضروري آهي،
بلڪ انساني حيات جو سچو مقصد آهي؛ تنهنڪري ڪنهن نه ڪنهن
ڪامل بزرگ وٽ دست بيعت ڪجان ۽." پنهنجي والد بزرگوار جي وفات

(1) روزانه الوحيد جي خاص اشاعت "سنڌ آزاد نمبر" جون 1936ع صفحو 31
(2) اهل الله جي تذڪرن مان ان قسم جون گهڻيون روايتون ملن ٿيون، جن جي پوري جاچ اهڙن
کي هوندي، جن سلوڪ جو سير ڪيو هوندو.

بعد، سندس اُها نصيحت مولانا امروٽيءَ کي هر وقت دل ۾ ياد هئي ته ڪنهن ڪامل بزرگ جي ڳولا ۾ هر وقت لڳو رهندو هو. آخر هڪ رات خواب ۾ ڏٺائين ته هڪ نوراني چهري وارو شخص هڪ اهڙي هنڌ وعظ ۽ نصيحت ڪري رهيو آهي، جتي پاڻيءَ جي واهه تي وَهي ۽ جماعت گهڻي انداز ۾ موجود آهي، جا اُڇا نوَ ۾ آهي ته اُڏ اُس ۾ ويٺي آهي. خواب واري بزرگ حضرت امروٽيءَ کي ايتري ڪشش ڪئي، جو صبح جو اٿڻ سان ڪيس آرام نه آيو ۽ ان بزرگ جي تلاش ۾ گهران نڪتو. آخر سکر جي هڪ مولوي مرحوم عبدالرحمٰن (١) صاحب وٽ آيو ۽ ساڻس صلاح مشوري خاطر ڳالهه ڪيائين ته "اهڙو ڪو ڪامل بزرگ ٻڌايو، جنهن کان الله جو رستو پڇان". مولانا عبدالرحمٰن صاحب به هڪ زبردست عالم ۽ خدارسيده بزرگ هو، پر پاڻ کي لڪائيندي، مولانا امروٽيءَ کي چيائين ته "بيت، مردانِ خدا درگوراند". الله وارا اهو ڪي وقت ۾ ڪٿي ٿا ملن؟ اهو ٻڌي، کانئس موڪل وٺائين ۽ رستي ۾ اوچتو خيال پيدا ٿيس ته "سوئي شريف واري بزرگ ڏي وڃان"، جو ته ڪيس

(١) مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب، ڪتاب تذڪره امروٽي جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "هي حضرت امروٽي جنهن اها تري عمر جو هو ۽ پنهواري ۾ پڙهندو هو ته پنهنجي استاد جو خط ڪٿي، سکر ۾ مولانا عبدالرحمٰن وٽ ويو. مولانا عبدالرحمٰن وقت جو وڏو اهل الله هو ۽ اسلام جي تبليغ لاءِ سنڌ ستر وڪين پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام کان اويسي نسبت مليل هئي. ڪنهن به وقت سندن نظر ڪنهن غير مسلم تي پوندي هئي ته اهو هدايت لهي ويندو هو. انهڪري غير مسلمن جي شڪايت تي مولانا صاحب تي احاب بندش پئي ته مدرسي کان ٻاهر نه نڪرن. سوين غير مسلم سندن هٿ تي اسلام ۾ نعمت نوازجي ويا. هن بزرگ جي علمي ۽ روحاني عظمت جو هن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته دارالعلوم ديوبند جو باني مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ مولانا رشيد احمد گنگوهي جهڙا بزرگ به مولانا عبدالرحمٰن جا سکر ۾ مهمان ٿي رهيا آهن.

جنهن مولانا امروٽي خط ڪڍي، اُتي پهتو ته مولانا عبدالرحمٰن صاحب آرام فرمائي رهيا هئا. تيم مان اُٿندي، جنهن سندن نظر هن نوجوان شاگرد تي پيئي، ته کيس سترڪري، ۽ پاڪر پائي مليا ۽ ڪچھ فرمايو ته "بابا، تون هو بخشو آهين. هاڻي اسان وٽ وارا آهيون. اسلام جي اشاعت لاءِ اسان کي پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام کان جيڪا اويسي نسبت مليل آهي، اها اسان تنهنجي حوالي ٿا ڪريون." اهو ئي سبب آهي، جو حضرت امروٽي صاحب جن روحاني فيض سان گڏ، اسلام جي وڏي اشاعت ڪئي. سندن تبليغ ۽ توجه سان ست هزار غير مسلم، اسلام جي نعمت کان بهرور ٿيا. سندن اهو ڪارنامو، اُمت محمديه ۽ اسلام جي اشاعت لاءِ عظيم خدمت آهي."

خبر هئي ته سوئي شريف وارو بزرگ جنهن به پير سائين جي گوٺ ويندو هو، تنهن سندس والد پورل شاهه وٽ رات رهي، سا نش مجلس ڪندو هو. اهو خيال ڪٽي، سکر کان ريل ۾ چڙهي، اچي ڏهرڪيءَ ۾ لٿو. رستي ۾ پير محمد راشد عليه الرحمة جي خليفي مرحوم مياں موسيٰ جي مقبري تي ختمي چوڻ جي خيال سان آيتي وڏو ته ياد ڪري، ته اهو ساڳيو ئي خواب وارو منظر پيو ڏسڻ ۾ اچي. اهو ساڳيو ئي بزرگ، نوراني چهري، سائي دستار، سفيد پهرياڻ ۾ گوڏ سان، تحفة الاحرار جا بيت پڙهي، ماڻهن کي بينو وعظ نصيحت ڪري. خلق تمام گهڻي آهي. آڏ اُس ۾، اڌ ڇانو ۾ آهي. سندن وچان هڪ پاڻيءَ جي واهي پيئي وهي. بس مولانا امروٽيءَ جي ان بزرگ تي نظر پوڻ سان مٿس ايڏو توجهه وڌو وليو، جو غشيءَ جي ڪيفيت طاري ٿي ويس. (۱) جنهن سجاڳ ٿيو، تنهن اتي ڪجهه به نه ڏٺائين. خلق سموري وڃي چڪي هئي. فقط هڪ ماڻهو سندس انتظار ۾ ويٺو هو. مولانا امروٽيءَ کانئس پڇيو ته اهو بزرگ ڪير هو؟ ۽ ڪيڏانهن ويو؟ ان ماڻهوءَ چيس ته اُهو بزرگ حافظ محمد صديق ڀرچونڊيءَ وارو آهي. پاڻ گوٺ وڃڻ وارو آهي ۽ مونکي هدايت ڪئي اٿس ته جڏهن اهو شخص سجاڳ ٿئي، تڏهن ڪيس

---

(۱) طريقت وارن جو چوڻ آهي ته ڪنهن به ڪامل ۽ عامل بزرگ جو توجهه وڏو اثر رکي ٿو. جنهن جي پوري خبر سلوڪ ۽ طريقت وارن کي هوندي آهي.

پاڻ سان وٺي، مون وٽ اچو" امروٽي صاحب سنڌس چوڻ تي اوڏانهن روانو ٿيو. شهر جي ٻاهران حافظ صاحب، اٺ تي سوار، گوٺ وڃڻ لاءِ تيار هو ۽ ٻيا ماڻهو مختلف سوارين تي هئا. حافظ صاحب مولانا امروٽي کي پنهنجي درگاهه تي اچڻ لاءِ چيو ۽ گوٺ روانو ٿي ويو. امروٽي صاحب، مرحوم حسن شاهه جي مزار تي دعا گهري ۽ پوءِ پويان پهچي ويو. حافظ صاحب سندس ڏاڍو خاطر تواضع ڪيو ۽ ڪجهه وقت پاڻ وٽ رهايائين. آخري ڏينهن تي، امروٽي صاحب کي گهرائي، چيائين ته "ابا، پنهنجي امانت وٺ" ائين چئي، ڪيس ٻه ٽي سان پاڪر پاتائين ۽ مولانا امروٽي جو چوڻ هو ته "اُن پاڪر پائڻ سان الفڪان ئي، تائين روحاني سبق باطني طرح عطا ٿي ويو. جو نصيب هو، سو مرشد وٽان مليو. صبح جو خلافت جو خرقو پارائي، ارشاد فرمايائين ته هاڻي اوهين وڃو، پنهنجي ڏاڏي پير مشائخ تي امروٽ ۾ رهو ۽ وڃي اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ ڪريو." (١)

هن سلسلي ۾ مرحوم مولانا ابوبڪر شبلي لکي ٿو:

> "پاڻ نهايت ذوق شوق ۽ عظيم اشتياق سان ڪنهن روحاني رهبر جي تلاش ۾ سرگردان رهيا. انهيءَ مقصد خاطر پاڻ ان وقت جي مشهور اهل الله حضرت مولانا عبدالرحمان صاحب ڪڙ واري جي خدمت ۾ به حاضر ٿيا، پر جيئن ته مولانا موصوف نهايت گوشه نشين ۽ تنهائي پسند انسان هو ۽ پنهنجي ڪمال کي ظاهر ڪرڻ پسند نه ڪندو هو، تنهنڪري مولانا امروٽي کي پنهنجي بيعت جي سلسلي ۾ آڻڻ کان معذوري ظاهر ڪيائون. پاڻ انهيءَ تلاش ۽ جستجو ۾ هئا ته ڪين رات جو خواب ۾ پڇونڊي

---

(١) اهو احوال سنڌم والد صاحب کان زباني ٻڌي، قلمبند ڪيم.

شريف (ضلعو سکر) ۾ انهن وٽ جو اشارو ٿيو“ (١)

مولانا امروٽيءَ جي مرشد جو روحاني مقام

جيئن ته چيو ويو آهي ته مولانا امروٽيءَ جي مرشد حافظ محمد صديق ڀرچونڊيءَ واري جو اعليٰ روحاني مقام هو. هن سلسلي ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، ناظم شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد لکي ٿو:

”حضرت پير محمد راشدؒ سنت جي پيروي لاءِ سنڌ ۾ سلوڪ جو جيڪو سلو پوکيو، اهو سندن ئي زندگيءَ ۾ وڌيو، وڻ ٿيو، جنهن جون جنت جي طوبيٰ وانگر شاخون سنڌ جي اتر ۽ ڏکڻ، سرحد ۽ لاڙ ۾ پکڙجي ويون. اڳتي هن شجر جو مٿيون حصو روح رواں خليفو محمود نظاماڻي ڪڪڙيءَ وارو هو ته اتر ۾ سوئي شريف جو سيد محمد حسن ۽ ڀرچونڊيءَ وارن جو خليفو حافظ محمد صديق هو، جنهن کي ماڻهو پنهنجي وقت جو جنيد سڏيندا هئا. حضرت حافظ صاحب هڪ پاسي راشدي قادري طريقت جو شيخ هو، ته ٻئي پاسي سيد احمد بريلوي ۽ شاه ولي الله جي پوٽي شاه اسماعيل شهيدؒ جي سوئي شريف ۾ زيارت ڪئي هئائين ۽ سندن مجاهدن جي ڪارنامن کان روبرو واقف ٿيو هو. اهو ئي سبب آهي جو حضرت حافظ صاحب، سنڌ ۾ سنت کي جيارڻ ۽ شرڪ بدعت جي پاڙ پٽڻ لاءِ جهاد شروع ڪري ڏنو. ڀرچونڊيءَ جي حضرت حافظ صاحب کان مولانا سيد تاج محمود امروٽي صاحب فيض پرايو. حضرت حافظ صاحب ١٣٠٨ هجريءَ ۾ وفات ڪئي ۽ سندن وفات کانپوءِ عرفان جو اهو مرڪز، ڀرچونڊيءَ کان منتقل ٿي، سکر ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ امروٽ ۾ قائم ٿيو“ (٢)

ساڳئي ئي سلسلي ۾ ڪتاب ”مرد مومن“ جو مصنف رقمطراز آهي:

”آن (مولانا امروٽي) جو شيخ طريقت، حضرت حافظ محمد صديق (ڀرچونڊي شريف) ۾ پنهنجي زماني جو امام الاولياء هو. ڀرچونڊي شريف کان اچي، بريلوي الاثر تي خير پور ڪمر کي بريلوي مشن

---

(١) ماهنامو ”نئين زندگي“ ماهه اپريل ١٩٦٤ع (مضمون نگار مولانا ابوبڪر شبلي)
(٢) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي- ”تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي“ جو مهاڳ ص ”ب“ ڇاپو سال ١٩٧٥ع

ڪان قريبًا ٻن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي. اهو مشهور آهي ته
ڪوبه بزرگ حضرت حافظ صاحب کي سندس روحاني مرتبي جي
پيش نظر، بيعت ڪرڻ جي جسارت نه ڪندو هو. هر ڪوئي
هيئن چئي، معذوري جو اظهار ڪندو هو ته اهڙي جليل القدر
شخص کي بيعت ڪرڻ اسان جي وس جي ڳالهه ڪانهي. هڪ ڀيري
ڪنهن بزرگ کين چيو ته "توکي اهو شخص بيعت ڪندو، جنهن
جي سامهون ڀڳل مڇي زنده ٿي وڃي". حضرت حافظ صاحب
هي جواب ٻڌي، مايوس ٿي ويو ته، نه ڀڳل مڇي جيئري ٿيندي
نه پاڻ ڪنهن جي دست بيعت ڪندو".

ڪجهه عرصو گذريو ته اتفاق سان شاه حسن رحمة الله عليه جو ان طرف
گذر ٿيو ۽ پاڻ حافظ صاحب وٽ اچي مهمان ٿيو. حافظ صاحب
وٽ مڇي کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ مهمان جي لائق ان ڏينهن گهر موجود
ڪانه هئي. پاڻ مڇي رڌائي، دسترخوان ۾ رکي، شاه صاحب
جي خدمت ۾ آندائين. شاه صاحب مرڪي فرمايو ته "ڪڏهن
جيئري مڇي به کاڌي ويندي آهي؟" حافظ صاحب جو دسترخوان
مٿي کنيو ته واقعي مڇي زنده ويٺي هئي. اُن حافظ صاحب کي
ان درويش جي چيل ڳالهه ياد آئي ۽ پاڻ هڪدم ڳوڏا ڀڃي شاه
جي آڏو بيعت لاءِ ويهي رهيو. شاه صاحب کين بنا دير جي بيعت
فرمائي. ٻيڙو ته اڳ ئي موجود هو، رڳو تيلي باري ڏيکارڻ جي ضرورت
هئي. باهه ٻرڪي اٿي ۽ شاه صاحب کين چند ڏينهن بعد خرقهء
خلافت عطا ڪيو" (١)

(١) عبدالصمد خان - مرهم مومن (اُردو) دفعو سال ١٩٧٠ع ص ١٢ ۽ ١٣ ڇاپيندڙ فيروزسنز لميٽيڊ لاهور

اردو عبارت: حضرت کے شیوخ کا مقام

"اُن (حضرت امروٹی) کے شیخ طریقت حضرت حافظ محمد صدیق رح (بھرچونڈی شریف)
بھی اپنے زمانے کے امام الاولیاء تھے. بھرچونڈی شریف کراچی ریلوے لائن پر خیرپور ڈہرکی
ریلوے اسٹیشن سے تقریبًا دو میل کے فاصلے پر واقع ہے. مشہور ہے کہ کوئی بزرگ حضرت
صاحب کو ان کے روحانی مرتبے کے پیش نظر بیعت کرنے کی جسارت نہ کرتا تھا. ہر کوئی
یہ کہہ کر معذوری کا اظہار کرتا تھا کہ ایسے جلیل القدر شخص کا بیعت کرنا ہمارے بس کی
بات نہیں ہے. ایک مرتبہ کسی بزرگ نے آپ سے فرمایا "تجھے وہ شخص بیعت کرے گا جس
کے سامنے بھنی ہوئی مچھلی زندہ ہو جائے" حضرت حافظ صاحب نے یہ جواب سن کر مایوس
ہو گئے. نہ بھنی ہوئی مچھلی زندہ ہوگی، نہ آپ کسی سے بیعت کریں.

اتفاق سے کچھ عرصے بعد شاہ حسن رحمۃ اللہ علیہ کا گزر اس طرف ہوا تو آپ،
حضرت حافظ صاحب کے ہاں مہمان ٹھہرے. حافظ صاحب کے ہاں اس دن سوا مچھلی کے
اور کوئی چیز گھر میں مہمان کی مدارات کے لیے موجود نہ تھی. آپ مچھلی بھون کر دسترخوان
میں رکھ کر شاہ صاحب کی خدمت میں لے گئے. شاہ صاحب نے مسکرا کر فرمایا "زندہ مچھلیاں
بھی کبھی کھائی جاتی ہیں؟" حافظ صاحب نے دسترخوان اٹھایا تو مچھلی واقعی
زندہ تھی. بس اب کیا تھا کہ درویش کی کہی ہوئی بات یاد آگئی اور
آپ بیعت کے لیے دوزانو ہو کر شاہ صاحب کی خدمت میں بیٹھ گئے. شاہ صاحب نے
آپ کو بلا تامل کے بیعت فرمایا. پلیتہ تو پہلے ہی موجود تھا، دیا سلائی
دکھانے کی ضرورت ہوئی. آگ بھڑک اٹھی اور شاہ صاحب نے چند دنوں کے
بعد آپ کو خرقۂ خلافت عطا فرمایا."

خلافت جو خرقو

جڏهن بندہ جو امروٽ ۾ تحقيق لاءِ وڃڻ ٿيندو هو، تڏهن هڪ دفعي مولانا امروٽيءَ جي ڏوهٽي پير شفيع محمد شاهہ ۽ سجاده نشين سيد محمد شاهہ جي فرزندن، مولانا امروٽيءَ جي روحاني تربيت حاصل ڪرڻ کانپوءِ خلافت جي خرقي عطا ٿيڻ جو احوال بہ ٻڌايو ۽ ان خرقي ۾ مليل سامان ۽ سندس ٻيون يادگار شيون بہ ڏيکاريون. هنن ٻڌايو تہ مولانا امروٽي جڏهن پنهنجي مرشد، حافظ صاحب کان مڪمل روحاني تربيت حاصل ڪري ورتي، تڏهن صبح جو حافظ صاحب کيس هڪ ڪپڙن جي ڳنڍ عطيہ طور خلافت جي خرقي ۾ ڏني، جنهن ۾ هيٺيون سامان پيل هو ۽ بندہ اکين سان ڏسي، سندن فوٽو ڪڍيا:

(١) هڪ ڳٽو ساڻو چولو جوڙيءَ جو، جنهن جي ڊيگهہ اٽڪل ٣ فوٽ ۽ ويڪر ٢½ يا ٣ فوٽ، ٻانهون تمام ويڪريون، ڳچي وچ تي، پر ساري نہ ٻيل.

(٢) ڪاون ۽ پٽ جي پرت سان پريل هڪ ٽوپي.

(٣) گربيءَ جي ننڍي سُٿڻ (پٽ ۽ سُٽ گڏيل ڪپڙو) سو ٽهن پاڇن سان.

(٤) هڪ تسبيح سچيءَ مرجان جي، ڳلهن مڻين سان، جنهنجو ڳانگو ۽ بہ وچان وڏا مڻيان سون جا هئا

(٥) هڪ مُصلو مديني منوّر کان آيل.

انهن کانسواءِ مولانا امروٽيءَ جون ٻيون ذاتي يادگار هيٺيون شيون ڏٺم:

مولانا امروٽيءَ کي مليلُ خلافت جو خرقو ۽ ٻيا يادگار




جُبو



سندس يادگار: ڪپڙا، واچ، قرآن شريف وغيره




مُصلو



سندس ٻيا ڪپڙا ۽ تسبيح وغيره

(١) هڪ واچ کيسي جي، جنهن جي اندر ڊائل تي، توڙي ٻاهران توحيد جا ڪلما، پنجن تنن ۾ چٽن يا رن جا نالا اُڪريل آهن.

(٢) هڪ چولو، هڪ هندوستاني پاجامو، ۽ عربي جُبا ۽ مولانا امروٽيءَ جي گول مُهر، جنهن تي "فاني الوجود تاج محمود امروٽ ١٣١٠ هجري" لکيل هو.



(٣) پير مشائخ (امروٽي صاحب جي وڏي ڏاڏي) جي ڪاٺ جي تسبيح، جنهن جا مڻيان، چيو وڃي ٿو ته ڪعبة الله شريف جي پٿرن مان ٺهرايا ويا هئا، ان تي پير مشائخ صاحب وظائف پڙهندو هو.

(٤) هڪ زهر مُهري جي ڪُپڙي، جنهن ۾ آنوڪن پاڻيءَ جو پيئجي سگهي ٿو. چيو وڃي ٿو ته جڏهن پير مشائخ روزو رکندو هو، تڏهن روزي کولڻ وقت صرف اِها ڪُپڙي پاڻيءَ جي پيئندو هو.

مولانا امروٽيءَ جو امروٽ ۾ اچڻ ۽ ان وقت ڳوٺ امروٽ جي حالت

سندم والد، مولانا امروٽيءَ جي بُدايل احوال جو راوي آهي ته جڏهن حافظ صاحب مولانا امروٽيءَ کي خلافت جو خرقو پهرائي، ڳوٺ امروٽ (١) ۾ رهڻ

---

(١) ڳوٺ امروٽ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ ان لاءِ ڳوٺ امروٽ جي ماڻهن جون مختلف روايتون بيان ڪيل آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون:-

(الف) مولانا امروٽيءَ جي ڏوهٽي، پير شيخ محمد غازي پوٽي شرح جو ...، جنهن بيان آهي ته جنهن هي ڳوٺ صرف سنڌي سرڪي خاندان جي زمين هئي، اُهي سرڪي نواب، حضرت شيخ المشائخ، سيد محمد شاهه جا معتقد هئا. ان وقت شيخ المشائخ جن، درياءَ جي نزديڪ لوئر ديني جي پرسان رهندا هئا. اُهي نواب عقيدي وچان اِها زمين (جتي هاڻي ڳوٺ امروٽ آهي) شيخ المشائخ کي نذراني طور، درگاهه لاءِ پيش ڪئي هئائون ۽ سيدن جي رهڻ لاءِ هڪ ڏوڪوٽ ڪرائي، منجهس ڪوهه کَٽائي ڏنو هئائون، جتي سيد صاحبان اونهاري جو اچي رهندا هئا، جو ته ڇوته ديني واري درگاهه تي، اونهاري جي موسم ۾ گهٽي پاڻيءَ سبب سيڪ ۽ سيلاب جي پوڻ هوءَ ڏاڍا اهميت ڏيندا هئا؛ ان ڪري اونهارو اُن ڪوٽ ۾ گذاريندا، ۽ سيارو وري ديني واري درگاهه تي رهندا هئا. ظاهر آهي ته جتي سيد صاحبان رهندا هرندا، اُتي مٿين وارن جي آمد و رفت ٿيندي هوندي. اونهاري جو ڪوٽ ڏي لهڻ ۽ سياري جو واپس موٽڻ، انهيءَ

(اصول وضابطا) جي ڪري مان هي نسبت هر جو ڳڻڻ
جي خبر پوندي جو ڪي اوٽ هوندا جو ناهيا.
لفظ اوٽ هوندا آهن
انهن ۾ ٢ حرف ناهي ليکيا ويا.

تصديق ڪيل

آءٌ تصديق ڪريان ٿو ته اوٽ امرت
جي ٿالي مطلق جيڪو مون اختيار ڪئي وئي
آهي سو برابر ۽ آيل آهي سو صحيح
۽ درست آهي

پير الله بخش شاه امروٽي
ذاتي حضرت سيد تاج محمود شاه امروٽي

لاءِ ارشاد فرمايو، تنهن مولانا امروٽي اچي ڳوٺ امروٽ ۾ ويٺو. هتي سنڌ ۾ وڏي ڏاڏي پير مشائخ ۽ ٻين عزيزن جا مقبرا هئا. اچڻ شرط مولانا صاحب ڏٺو ته سنڌ ۾ پڙ ڏاڏي جي مقبري جي پرسان هڪ مڪان اڏيل هو، جتي آفيم، چرس، تماڪ ۽ ڀنگ نوشي ٿي رهي هئي، ٻي هڪ ساري نميل جاءِ هئي، جتي مجاور رهندا هئا. ڳوٺ ۽ ڀسگردائيءَ جا مسلمان ته ٺهيو هندو، پير مشائخ تي عجيب و غريب ڪفر وارن سوالن جون شڪون باسي، نذر نياز ڏيندا هئا ۽ نندن ٻارن جون جهنڊيون لهرائيندا هئا، مطلب ته شرڪ ۽ بدعت جو هڪ وڏو اڏو هو. ان وقت ماڻهن ۾ ديني تعليم جو، نه شوق هو ۽ نه شعور. رڳو دنيوي ڪم ڪي حياتيءَ جو مقصد سمجهندا هئا. ڳوٺ ۾ ڪو ديني تعليم جو ڪو مدرسو هو، ۽ نڪو اهڙو عالم موجود هو، جو ماڻهن کي ديني تعليم ڏئي ۽ موٽي ۾ روحانيت طرف راغب ڪري.

"اوٽ موٽ" جي ڪري، اڪثر ماڻهو پڇندا هئا ته "پير صاحب جن اوٽ ۾ آهن يا "موٽ" ۾". "موٽ" معنيٰ ان ڪوٽ ۾ غير موجودگي. اُتان "اوٽ موٽ" جي لفظن تان نالو "امروٽ" پئجي ويو.

(ب) امروٽ جي هڪ پرپوٽي، سيد عبدالرسول شاهه جي روايت آهي ته امروٽ جو اصل نالو "عمر اوٽ" هو. اهو نالو هن ڪري پيس جو هتي ڪنهن وقت ۾ وڏا اهل الله ۽ ڪامل بزرگ رهندا هئا. جيڪو به وٽن ايندو هو، سو سندن فيض مان سيراب ٿي ويندو هو. ان ڪري معتقدن، هن جڳهه کي "عمر جي اوٽ" يعني "پناهه گاهه" سان ڀيٽيو ۽ اهو نالو رکيو. جنهن "عمر اوٽ" مان "عمروٽ" ۽ پوءِ "عمروٽ" ۽ "امروٽ" ٿيو.

(ج) ماستر نظام الدين دلي، وڏل امروٽ جي ٻڌايو ته "هن ڳوٺ ۾ اهڙا روحاني فياض رهندا هئا، جن وٽان ڪو فيض جو طالب، خالي نه موٽندو هو، تنهنڪري هن آباديءَ جو نالو "اموٽ" رکيائون، جنهن کي فاني نه موٽي ڏنائون. جنهن پوءِ بگڙجي "امروٽ" ٿي پيو.

(د) سيد عبدالرحمان شاهه صاحب، مولانا امروٽيءَ جي پاڻيٽي، هي حقيقت سنائي، ته اهڙاه جڳهه تي سرڪي خاندان جي نوابن جو، پنهنجي جاگير ۾ هڪ وڏو ڪوٽ اڏيل هو. ٻڌايائين ته ان جا نشان اسان ننڍي هوندي ڏٺا هئا. نواب صاحبان ان ڪوٽ ۾ اچي، پنهنجي ملڪ جي نارين ۽ ٻيا رعيت جا ڪم ڪار پوءِ ۽ فيصلا ڪري ٻڌندا هئا. ان وقت پارسي ٻولي سرڪاري زبان هئي ۽ عام تعليم به عربي پارسيءَ ۾ ڏني ويندي هئي ۽ عربي دان به موجود هئا. ان ڪري نوابن جي ان ڪوٽ کي "اُمور ڪوٽ" يعني ڪم ڪار ٿيڻ جي جاءِ ڪري سڏيندا هئا، جتي نوابن جي آمد تي سندن سڀ اُمورات طي ٿي ويندا هئا. پوءِ "امور ڪوٽ" مان بگڙجي "امرڪوٽ" ۽ پوءِ "امروٽ" نالو پئجي ويو.

بدعتن جي بيخ ڪني

ماڻهن جي اها حالت ڏسي، مولانا امروٽيءَ کي دين لاءِ درد پيدا ٿيو ۽ دين جي صحيح تبليغ لاءِ مصمم ارادو ڪيائون. اهو وقت مولانا صاحب لاءِ ڏاڍي امتحان ۽ آزمائش جو زمانو هو، ڇاڪاڻ ته پاڻ امروٽ ۾ تن تنها آيو هو. نه هيس ڪو ساٿي ۽ نه سنگتي فقط الله تي ڪامل توڪل ساڻ هيس، جنهن ڪي شامل ڪري، مرشد ڪامل جي ارشاد جي تعميل ڪرڻ لاءِ اول بدعت جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺو. جاهلن، جٽن ۽ بدعتي ماڻهن، ساڻس سخت مقابلو ڪيو، پر پڄي نه سگهيا تو ريئي وقت ۾ سوين عالم ۽ عام ماڻهو سندس معتقد ٿي پيا، اُهن مان مولانا عبدالڪريم چشتي شڪارپوري، مولانا دين محمد وفائي وغيره کي دين جي تبليغ ۾ پاڻ سان شامل ڪيائين، جي هميشه سندس حڪم تي لبيڪ چئي، الله جي دين جي تبليغ ۾، مولانا امروٽيءَ سان مددگار ۽ خدمتگار ثابت ٿيندا هئا. نه رڳو امروٽ ۾، پر سنڌ جي سڀني ڳوٺن ۽ شهرن جا ڏورا ڪري، وعظ، نصيحت ۽ تعليم جي ذريعي، شرڪ ۽ بدعت جي ڪمن کي پاڙئون پٽي ڪڍيائون ۽ بدعت جا ڪم اڪثر بند ٿي ويا. (١)

مولانا عبدالڪريم چشتي هن باري ۾ لکي ٿو :

---

(١) روزنامو الوحيد - سنڌ آزاد نمبر - سال ١٩٣٦ ص ٢١ ۽ ياد گار مولانا وفائي ته اعوان صاحب مولانا وفائي

”سندن فيض وتلقين وارشاد جي برڪت سان ڳوٺن جا ڳوٺ سمورا جا سمورا شرڪ ۽ بدعت جي عقيدن کي ترڪ ڪري توبه ڪري، پابند شريعت ٿي، هميشه الله پاڪ جي ذڪر ۽ تلاوت ڪلام پاڪ ۾ مشغول ٿيا. اڪيئن ڏنا ڏٺا ساميون آهن، جو سوين ماڻهو فاسق، فاجر، شرابي، جواري ۽ نچڻا، سندس خدمت ۾ اچي، هميشه لاءِ انهن گندن فعلن کان بيزار ٿي ويا ۽ وڃي، ياد الاهيءَ ۾ پئجي ويا. سندن زبان مبارڪ تي هميشه صرف خدا پاڪ ۽ سندس رسول پاڪ جن جي ذڪر خير هوندو هو. هميشه ٿوري ٿوري وقفي تي بار بار فرمائيندا هئا ته جيڪڏهن مسلمان ۽ مسلمان ٿيڻ گهرو ٿا ته صحابن سڳورن جي زندگي کي سامهون رکو. صحابن سڳورن جي زندگي، اسلام جو صحيح ۽ مڪمل تصوير آهي. صحابن سڳورن جي زندگي قرآن جو تفسير آهي. اهي جملا ڄڻ ته سندن تکيه ڪلام هو. سندس مجلس گفتار ۾ تمام وڏو حصو اصحابن جي حالت ۽ ڪارنامن جي بيان تي خرچ ٿيندو هو. انهيءَ طرح حضرت جن مجلس ۾ ويٺل مسلمانن ۾ اسلام جو حقيقي روح ڦوڪيندا رهندا هئا ۽ انهن کي توحيد ۽ سنت جو سبق ڏيندا رهندا هئا.“ (١)

رهائش گاهه

بدعتي ماڻهن کي ترڪ ڪرڻ کانپوءِ انهن جاين تي هڪ معمولي گهر ۽ ننڍي مسجد، جهوپڙيءَ جي شڪل ۾ ٺهرايائون، جتي پهريائين پاڻ نماز پڙهندو هو. آهستي آهستي ٿورا فقير ۽ طالب به اچي سانڍ رهيا. انهن کي پهريائين قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائون. اها ننڍڙي مسجد ۽ مختصر مڪتب ئي هو، جو هڪ عاليشان ۽ وڏي درگاهه جو جيڪو سنگ بنياد هو، جنهن جو پڙاڏو ۽ پڙلاءُ سنڌ نه پر پنجاب ۽ بلوچستان تائين پهتو. سچ چوندا آهن ته ”جنهن جو رب، تنهن جو سڀ“ ٿوري وقت ۾ مولانا امروٽيءَ جي شهرت، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر، سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويئي. خدا وارن جي مشهوري، مشڪ جي خوشبوءِ وانگر دور دور تائين پهچندي آهي. (٢)

(١) ماهنامو نئين زندگي ماهه جون ١٩٥٨ع صفحو ٢٥ (مولانا عبدالڪريم چشتي مرحوم)
(٢) منهنجو والد صاحب جن جو زباني احوال قلمبند ٿيل ـ

درگاهه امروٽ جو ٻاهريون نظارو



درگاهه جي پرسان ڪنجين جو باغ



درگاهه ڏي وڃڻ واري گهٽي



امروٽ شريف جو مدرسو

تو ريئي وقت ۾ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان توحيد جا طالب ۽ علم جا ڳولائو ، پرواني وانگر ، علم ۽ عرفان جي شمع تي گڏ ٿيندا ويا . مولانا امروٽيءَ پوءِ طالبن ۽ فقيرن جي مدد سان وقف زمين جي ٽڪري تي هڪ ڪچي مسجد تيار ڪرائي، جا اڳ جو پڙيءَ جي شڪل ۾ هئي . سنڌ ۾ والدفرمايو ته ان مسجد تي مولانا امروٽيءَ پاڻ به سرن ڍوئڻ جو ڪم ڪيو هو . روزانه الوحيد جي خاص اشاعت "سنڌ آزاد نمبر" ۾ لکيل آهي :

> "بزرگ صاحب جڏهن امروٽ ۾ آيو ، تڏهن بلڪل اڪيلو هو ، ڪو به سنگتي ساٿي ڪو نه هو . پاڻ سڀ کان پهريان مقبرن تي جهڪي بيهڻ ۽ ٽين جي پيغ کنيڪائو ، آتي هڪ پنڪ نومشيءَ جو دائرو هو ، تنهنکي ويران ڪيو ويو . هڪ زمين جو ٽڪرو مسجد لاءِ وقف ڪيو ۽ شروع ۾ ان تي نماز پڙهندا هئا ۽ ان وچ ۾ ڪي ٿورا فقير ۽ طالب علم به وقت با ي گڏ ٿيا ۽ مسجد جي پاڻ جو پڙيءَ جي شڪل ۾ هئي . ان کان پوءِ مولانا امروٽيءَ پنهنجن هٿن سان سرون ورهي ، پنهنجن فقيرن جي امداد سان هڪ ڪچي مسجد اڏائي ، جتي پوءِ آهستي آهستي ذاڪر ، راڪع ۽ ساجد جمع ٿي ويا ." (١)

الحاج الله بخش عُميلي مرحوم رقمطراز آهي :

> "مرشد جي حڪم موجب ڪراچي پاسي جو پراڻو ڳوٺ امروٽ شريف وسايائون . ٿوري وقت اندر فقير ۽ طالب وٽن اچي گڏ ٿيا . انهن جي مدد سان پنهنجي هٿن سان سرون ڍوئي ، هڪ وقف ٽڪري تي ڪچي مسجد اڏايائون ۽ امروٽ جي ڳوٺ ۾ ديني تعليم ۽ روحاني تربيت جو مرڪز قائم ڪيو ." (٢)

ذريعهٔ معاش مٿي آيل آهي ته مولانا امروٽيءَ پنهنجي مرشد حافظ محمد صديق صاحب ڀرچونڊيءَ واري جي ارشاد مطابق

---

(١) روزنامه "الوحيد" جو "سنڌ آزاد نمبر" صفحو ١٢٠

(٢) ماهنامه نئين زندگي ماهه جنوري ١٩٥٣ع صفحو ١١

خرقي خلافت عطا ٿيڻ بعد، بنا ثمر ۽ ساٿيءَ جي، امروٽ جي ڳوٺ ۾ پنهنجي پڙ ڏاڏي، شيخ المشائخ جي مقام وٽ، سلوي جاءِ ۽ ننڍڙي مسجد ٺهرائي، اچي مقيم ٿيو هو. ان وقت سندس مالي حالت نهايت سقيم هئي، ايتري قدر، جو ڪڏهن ڪڏهن فاقه جي به نوبت ايندي هئي؛ پر روحاني دولت سان ته مالا مال هئا. سندس استقلال ۽ توڪل، ساڻس همراهه هئا. سندن والد صاحب جي زباني آهي ته مولانا امروٽي صاحب پاڻ پنهنجا اوائلي حالات بيان ڪندو هو ته "الله تي توڪل رکي، جو سندرو ٻڌي، اچي، بيدين مجاورن سان ٽڪر کاڌم. شروعات ۾ ڪجهه تڪليفون آيون، پر پوءِ، امداد ايزديءَ اهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو، جو سڀئي تڪليفون دور ٿي ويون. جيئن ته مقام اسانجو آبائي هو؛ ان ڪري هُنن جو چارو چلي نه سگهيو ۽ مون سادو رهائش گاهه ۽ مسجد ٺاهي، ڪم شروع ڪيو. ضروريات زندگيءَ جو سامان ظاهر ته موجود ڪونه هو، پر خالق رزق، روزي عطا ڪندو رهيو. ڪم به سندس هو، مون فقط توڪل جو ٽُرهو هٿ ڪيو. پاڻهي پنهنجي ڪم کي پاڻ پئي ڪيائين ۽ هي ءَ ٻَر ۾ بازار به پاڻ بنائي اٿس. مان فقط سندس حُڪم جو بندو آهيان." (١)

"مرد مومن" جو مصنف فرمائي ٿو:

(ترجمه) "حضرت مولانا تاج محمود امروٽي، وڏو متوڪل يعني فاني في الله

---

(١) سندم والد صاحب جو زباني احوال

بزرگ هو. جنهن رهڻ جو ڪو سبب خود پيدا ڪري ڇڏيو هو ته
بهتر ورنه به وقت فاقي جي نوبت اچي ويندي
هئي. سندن خانقاه صفه جو نمونو هئي. روحاني فيض
جي متلاشين لاءِ ته اهو تمام وڏو دارالعلوم هو.“ (١)

والد صاحب ٻڌايو ته جنهن مولانا امروٽيءَ جي امروٽ جي، امروٽ ۾ رهڻ جو ٻڌو عام ماڻهن جي ڪنن تي پهتو، تنهن درگاهه تي روحاني فيض ۽ ظاهري علم جي طالبن ۽ معتقدن جو آهستي آهستي اچڻ شروع ٿي ويو. مولانا صاحب وٽ ته سنت نبوي مطابق سادگي هئي؛ ان ڪري سادي ننگر تي اڪتفا ڪئي ويئي. ڪڏهن ته اهڙو وقت به اچي ويندو هو، جو ڪڙهه جي ڊيلهن (ڏيکن)، پسيءَ (٢) ۽ ڪٻرن جي پيرن کائڻ سان وقت ڪاٽيو ويندو هو. جون ته امروٽ جي هڪ ڏَل زميندار، نالي مستي خان، مولانا صاحب کي طالبن جي کاڌ خوراڪ وغيره لاءِ امداد ڏيڻ جي آڇ ڪئي، مگر مولانا امروٽيءَ جهڙي متوڪل ۽ عارف باالله شخص، شڪريه ادا ڪرڻ سان انڪار ڪري ڇڏيو.

ماستر فتح محمد سومرو، سرڪاپوري پنهنجي قلمي بياض ۾ لکي ٿو:

”هاڻي ڏينهن ڏينهن ٿي مدرسي جي طالبن ۽ معتقد مريدن جي آمدني
گهٽجي وڃي ويئي. آئنده امروٽيءَ صاحب جي عاشق صادق
۽ طالب درگاهه تي اڪثر ڪري زيارت لاءِ اچڻ لڳا
اُهن کي سنت نبويءَ موجب سادگيءَ تي اڪتفا ڪرڻي
پوندي هئي. ڏونرن ۽ پيرن سان پنهنجي نفس جي

(١) عبدالصمد خان- ڪتاب مردمومن (اردو) دفعو ٥ سال ١٩٧٠ع صفحو ١٧
(١) اردو عبارت: ”حضرت مولانا تاج محمود امروٹی بڑے متوکل اور فنافی الله بزرگ تھے .... بہت بڑا دارالعلوم تھا“
(٢) ڪڙهه جيوڻ جي ڦرن کي ”پسي“ چيو ويندو آهي. غريب ۽ نادار ماڻهو اُهن جي ڀاڄي ٺاهي کائيندا آهن.

طلب پوري ڪري، بزرگن جي صحبت ۾ محو رهندا هئا. هڪ دفعي دين پور (١) جا بزرگ سڳورا جماعت سميت حضرت جن سان ملڻ آيا. منجهند جو وقت ٿيو ته دين پور جي خليفي پنهنجي جماعت کي چيو ته ”ابا، ملڻ ته ملي، دعوت ڪاڻ اچون ته پوءِ جماعت سڄو ورد درگاهه امروٽ جي ماڻهن، جنهن ڪري ته ڪيترو گهڻا بيٺا هئا، اُتي آيا پاڻ ته ڀڳا ڪاڻي، ڪجهه نه ٿي پاڻ سان کنيون آيا ۽ جي اندر جو ٻلي ۾ به موڪلي ٿا ته اهڙي طرح ڏٺي ته ڏينهن تي ڪيترا ڏينها فقر فاقي تي ٽپڻ ۽ طالبن سان گڏ گذاريندا هئا.“

ظاهري طرح درگاهه جي پيدائش جو ذريعو ڪو به ٽيسل مرڪوز اين هو، شڪر الله جو غيبي رزق، بزرگ جي ڪرامت جو ڪرشمو هو. طالبن خواه مريدن کي ڏينهن ۾ ٻه وقت کاڌو لنگر ملندو هو. صبح جو پاڻهين ڏهين ٻارهين وڳي، ۽ پوءِ مغرب جي نماز بعد. بعض اوقات فاقن تي گذارو ٿيندو هوندو، مگر ڪنهن کي سوال نه ڪندا هئا. امير توڙي غريب معتقدن کي درگاهه جي لنگر لاءِ ذڪر عقيدو هو. شروعات ۾ هڪ وقت چٽڻي يا متر جا ڪو ڪڙهيل هئا، ٻئي وقت چانورن يا ڪڪ جو ٽڪ يا ماٺ ملندو هئي. درگاهه جو لنگر طالبن يا مريدن لاءِ وڏي نعمت هئي. خوشيءَ ڪاڻ اظهار ڪندا هئا ته لنگر ۾ جا لذت آهي، هوندا ڪڍهن ڪنهن اُچي طعام ۾ به نه آهي. غريب امير لاءِ نعمت جا طالب هوندا هئا.“ (١)

ماسٽر فتح محمد سومرو راوي آهي ته ”هڪ دفعي حضرت امروٽي ڪنهن ڪم سان حيدرآباد وڃي نڪتو. سواريءَ تي چڙهي رهيو هو ته چوڌاري ماڻهن جا انبوهه هئا ته اوچتو هڪ مجذوب هجوم ۾ اندر گهڙي پيو ۽ اچي بزرگن جي آڏو بيهي ۽ کيس چيائين ته ”تو کي روز ايترا ماڻهن کي ٻه ڀيرا پلاءِ کارائڻ جي طاقت آهي، پوءِ تون ماڻهن کي دال چو ٿو کارائين“؟ امروٽي صاحب کيس هڪدم وات تي هٿ

---

(١) ماسٽر فتح محمد سومرو مرزا پوري ـ قلمي بياض. صفحو ٥٦ - ٥٧.

رکيس ۽ چيائينس تہ ڇَريا بس ڪَر، بوڙ پلاءُ مان الله ڪيئن ياد پوَندو؟" ٻئي دفعي درگاهہ تي ڪن ماڻهن صلاح ڏني تہ وڏا وڏا ماڻهو زيارت تي اچن ٿا، تنهنڪري لنگر ۾ بوڙ پلاءُ بہ ڪرايو وڃي، تنهن تي مولانا امروٽيءَ فرمايو تہ "ابا، لنگر تي بہ ڪيئون ڪونہ کپون" پوءِ جوش ۾ اچي، بہ ٽي ماڻهو ساڻ ڪري، پنهنجي مرشد حافظ صاحب وٽ پرچوندي ۽ هليو ويو. حافظ صاحب کيس پري کان ئي ڏسي، فرمايو تہ "ابا، ايتري ڪاوڙ! پٽ، اڳتي ايترو جوش ۽ جلال ۾ نہ ايندو ڪر، جو ويچارن فقيرن کي تڪليف ٿي اچي. هاڻي وڃ ۽ وڃي، لنگر ۾ بوڙ پلاءُ بہ ڪارا ءِ، اسان توکي اجازت ڏني." مرشد جي اجازت کانپوءِ لنگر ۾ پلاءُ وغيره جون ديگيون بہ چڙهنديون هيون ۽ سيني کي هڪ تڏي تي گڏجي، پاڻ ان ۾ کارايو ويندو هو. لنگر هلائڻ وارن تي مولانا امروٽيءَ جو پيار هوندو هو. شروعات ۾ اها خوش نصيبي، فقير خاوند ڏني کي حاصل ٿي. ان جي وفات کانپوءِ دودي جي ڳوٺ جو محمد هاشم ۽ ان بعد ڳڙهي ياسين جو ميان شهاب الدين لنگر تي ڪم ڪندو هو. ان کانپوءِ نمبروار حاجي الهورايو، امام بخش ڏَل، لعل محمد جکرو ايماندار لنگر هلائيندڙ هئا. روزانو پنج ڇهہ سو ماڻهو هر ويلي تي کائيندا هئا. ڪڏهن تہ خلق هزارن تي پهچندي هئي. (1) خلافت تحريڪ جي موقعي تي تہ هزارن ماڻهن جو شمار ڪرڻ

(1) ماستر فتح محمد سومرو مرحوم پوربيا، امروٽي صاحب جي خادم جي زباني

ئي مشڪل هو. صبح کان سانجهيءَ تائين پلائن جون ديڳيون رڌيون هيون. اٽي پيهڻ لاءِ مسجد شريف جي اتر ۾ خاص وڏي جاءِ هوندي هئي، جا اڄ ڪلهه ۾ مرڻ اٽي جو پيهندي هئي. ننگر لاءِ مريد ۽ معتقد ماڻهو عطيو ۽ امداد به ڏيندا هئا، ليڪن ايڏي وڏي هجوم جو رزق ربّ جي خاص نوازش ۽ ڪامل بزرگ جي ڪرامت ۽ برڪت جو ڪرشمو هو. (١)

هيءَ ڳالهه خاص ياد رکڻ جهڙي آهي ته مولانا امروٽيءَ، پين پيرن وانگر، مريدن کان نذر نه اُگاڙيندو هو ۽ نه وري ننگر لاءِ ڏنل عطيو هٿ ۾ وٺي، پنهنجي يا پنهنجي گهر جي ڪم ۾ لائيندا هئا، مريد خادم جيڪي ڪجهه ڏيندا هئا، سو اُن جو ان وقت ننگر جي سنڀار ۾ جمع ڪرائيندا هئا.

سندم والد بزرگوار ڳالهه ڪئي ته "هڪ دفعي مولانا صاحب جي خدمت ۾ ويٺا هئاسين ته اوچتو ڪن ماڻهن ڪشمش ۽ ڳيهه پاڻ سان نذراني طور آندو، ساڻن هڪ عورت به ساڻ هئي، جا اهو نذرانو مولانا امروٽيءَ جي حويليءَ ۾ اندر رکڻي وڃڻ لاءِ تيار ٿي، تنهن تي مولانا صاحب فرمايو ته "ابا، اهو اسانجو حق نه آهي، هنن ماڻهن جو آهي، جيڪي ننگر تائين." آخر اهو پنهنجي دَر تان واپس گهرائي ننگر جي ڪارڪنن کي حڪم ڪيائين ته هي هاڻي جو هاڻي ننگر ۾

(١) ماستر فتح محمد سيوهاڻيءَ، مرزا پوريءَ جي روايت .

هلائي ڇڏيو؟“ خدمتگارن عرض ڪيو ته ”قبلا، ڏيگهون رڌجي رهيون آهن، منجهن سامان پورو آهي.“ مولانا صاحب چيو ته ”بابا حاضر وقت ۾ جيڪي آيو، سو حاضرين جو آهي. اهو سامان به انهن رڌجندڙن ديڳين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. ٻئي وقت تي وري اهو ڌڻي پيو موڪليندو، جنهن جي مٿان ٻار آهي.“

سندم والد صاحب فرمائيندو هو ته ”پنهنجو ذاتي زمين جو ٽڪرو درگاه جي پرسان هوس، جنهن ۾ ڪوهه به هو، ان ڪوهه تي، زمين ۾ بصر، يا جيون وغيره ٿيندا هئا. انهن مان به پنهنجي گهر جي ضرورت کان وڌيڪ، گهر ڪونه رکائيندو هو، لنگر ۾ ڏئي ڇڏيندو هو.“

روزانه ”الوحيد“ جي ”سنڌ آزاد نمبر“ ۾ ڇپايو ويو آهي:

> ”وڏيري مستي خان دل گهري خواهش ڪئي ته فقيرن جي گذران لاءِ ڪجهه ڏيندو رهي، مگر هو متوڪل هئا، شڪريه سان انڪار ڪيو ۽ فتوحات غيبي جو انتظار ڪيو.
>
> شروع ۾ ڪي اهڙا وقت به گذريا، جو فقط ڄنگ مان سرهڻ جو ساڳ پچي، ان کي هٿ پاڻي ۾ رڌي، اهو کائي، وقت گذاريندا هئا، مگر پوءِ سنت ۽ سنڌ بزرگي ۽ ڪماليت جو آواز بلند ٿيڻ لڳو. ظاهري ۽ باطني علم جا طالب وٽن اچڻ لڳا. ان کانپوءِ زمين آباد ڪرائي، فقيرن ۽ مسافرن جي کاڌ خوراڪ لاءِ انتظام ڪيو ويو. رهائشون به ٿيڻ لڳيون. (1)

ساڳئي ئي سلسلي ۾ رئيس ضياء الله غلام علي رقمطراز آهي:

---

(1) روزنامه ”الوحيد“ جي خاص اشاعت ”سنڌ آزاد نمبر“ صفحو ۲۱

"پيريءَ مريديءَ کي نه مڃائون. ڪين مسجد جي سامهون چاليهه ايڪڙ کن زمين هئي، جتان ڪڻڪ ۽ پاڄي ٿيندو هئي. ٽڪڙ واري صحراءِ وٽ باغ به هڻايو هئائون
مونکي ياد آهي ته صبح جو الائي ڪٿان ان ايندو هو، ڪڏهن ٻهراڙيءَ ڪڏهن مرچ ۽ ڪڏهن ڪاٺيون. روزانو ڪافي ليليون هيون. هڪڙيون سامان آڻين ۽ وڃن ته ٻيون گڏهڻ ٻيون پيون اچن عمل ٿيندو هيو. پاڻ مرادو ماڻهو ٽنگر لاءِ ان مو ڪيندا هئا. سچو سال لنگر پيو هلندو هو. البت روزانو چار سو ماڻهو ته انهي نموني گذران ڪندا هئا، جن مان قريب چاليهه پنجاه نابينا هئا. عجب هي آهي ته اهي نابيناسڀ يا ته حافظ هوندا هئا" (۱)

شاديون ۽ اولاد مولانا تاج محمود شاه امروٽيءَ جو پاڻيهو ميان عبدالرحمان شاه راڙي آهي ته مولانا امروٽيءَ جي چاچي سيد محمد علي شاه کي هڪ نياڻي هئي، جا پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مولانا تاج محمود شاه جي نالي ڪري ڇڏي هئائين. پاڻ جلد ئي وفات ڪري ويو هو. مولانا امروٽي جڏهن پرچونديءَ کان امروٽ پهتو، تڏهن اجا شاديءَ جو خيال ڪونه ڏيکاريائين، تنهن تي مولانا صاحب جي وڏي ڀاءُ صوفي شاهه ۽ پرچونديءَ مان، حافظ صاحب کان خط لکائي، آڻي مولانا امروٽيءَ کي ڏنو، جنهن جي ڏس سان مولانا امروٽي شاديءَ لاءِ تيار ٿيو ۽ درگاه جا ٻه ٽي فقير ساڻ ڪري، نارنجن واري پتڻ وٽان درياءُ پار ڪري، سنت نبويءَ موجب رات جو شادي ڪري، صبح جو وري به ساڳئي رستي امروٽ پهچي ويو. هن شاديءَ مان کيس هڪ پٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو "حسن شاهه" رکيائين، جو ٻارهن ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. ان شاديءَ کانسواءِ جدا جدا وقتن تي ٻه شاديون ٻيون به ڪيون هئائين، جن مان ڪو به اولاد ڪو نه ٿيس. سندس ٻه اهليه فوت ٿي ويون آهن، باقي هڪ

(۱) ماهنامو الرحيم سنڌي- ماه جولاءِ ۱۹۶۷ع ص ۳۰

اهليه ، جيڪا ڪرمپور مان شادي ڪئي هئائين ، سا بيبي صاحبه
اڃا زنده آهي . سندس عمر هن وقت ٥٧ ورهيه کن ٿيندي .
بيبي صاحبه پرهيزگار ۽ صوم صلوٰة جي پابند آهي . ونس پري
پري کان عورتون زيارت ڪرڻ اينديون آهن . (١)

بيبي صاحبه جي زبان مان مولانا مرحومؒ بنسبت عجيب ڳالهيون
ٻڌڻ ۾ اينديون آهن . ڪيس سڄي جماعت "اما بيبي" ڪري
سڏيندي آهي . (٢)

مولانا مرحومؒ کي فقط هڪ فرزند "حسن شاه" ئي هو .
سندس ننڍپڻ ۾ ئي عجيب ۽ وجهندڙ ڳالهيون ظاهر ٿيون . سندس
والده صاحبہ راوي آهي ته هڪ ڏينهن مولانا مرحومؒ بيان ڪيو ته
"حسن شاه جي والده صاحبہ هڪ ڏينهن صبح جو قرآن پاڪ جو دور
ٿي ڪيو . پنجن سالن جو حسن شاه سندس پرسان بيٺو هو ۽ قرآن
شريف غور سان ٻڌي رهيو هو . سندس والده صاحبہ "وَلٰكِنَّ"
لفظ جي 'نُونَ' کي ذرا ڊگهي آواز وانگر پڙهيو . يعني جڏهن "وَلٰكِنَّ"
تي پهتي ، اُن تي ڪيس (والده صاحبہ کي) روڪي چيائين ، "اما ، ولٰكِنَّ"
(يعني نون کي 'الف' نه ، بلڪ 'زبر' ڏيئي) پڙهه ." سندس والده صاحبہ
حيران ٿي ويئي ، ڇاڪاڻ ته صحيح اُچار به اُهو هو . تنهن کان پڇيائين
ته "پٽ ، تو اهو ڪيئن سمجهيو ؟" تنهن جواب ڏنو ته "اما ، بابا سائين
ائين پڙهندو آهي ، مان ٻڌو آهي ." اِن کانسواءِ هن ننڍڙي ٻار
جون ٻيون به ڪيتريون عجب ۽ وجهندڙ ڳالهيون ، هن خاندان جي

---

(١) ميان عبدالرحمٰن شاه جي زباني
(٢) ماستر فتح محمد سومري مرزاپوري جي روايت

فقيرن کان روايت ڪيو ويندو آهي، جن مان مجموعي طرح اهو تاثر ملي ٿو ته هيءُ ننڍڙو نينگر جهڙي ڄام هوءِ صوفين جي اصطلاح موجب بالجنتيءَ ۾ ئي روشن ضمير هو." (١)

مولانا امروٽي، حسن شاهه کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. ٻارهن هو ته اڪثر پاڻ سان گڏ ڪندو هو. ٻارهن ورهين جو هو ته کيس پاڻ سان گڏ نيڙهيءَ وٺي ويو. اُتي کيس تپ ۽ بخار ٿي پيو، رواني ٿيڻ وقت مولانا امروٽيءَ چيس ته "اٻا، هاڻي تون فقيرن سان گڏ جي درگاهه تي وڃ. مان گوٺ ديواني رات رهي، پوءِ ايندس." حسن شاهه فڪر ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري، چوڻ لڳو، "بابا سائين، مٿان دير ڪجو!" سندس لفظن تي امروٽي صاحب خيال ۾ پئجي ويو ۽ کيس دلاسو ڏئي، روانو ڪيائين. مولانا عزيزالله نيڙهيءَ واري چيو ته نينگر کي بخار اُتي ئي هيو، مولانا امروٽي کيس درگاهه تي موڪلي، پاڻ ديوانيءَ رات رهي، صبح جو امروٽ پهتو ته ڇا ڏسي، ته نينگر جي حالت نازڪ ٿي ويئي آهي ۽ چند لمحن کانپوءِ وفات ڪيائين. مولانا امروٽيءَ پنهنجي پياري فرزند جي فراق ۾ هن دنيا جي بي ثباتي ۽ حقيقي عشق سان لڳاءُ ۽ فاني چيزن کان پرهيز ڪرڻ بابت ڪافي عجيب و غريب نڪتا شعر و شاعريءَ ۾ بيان ڪيا آهن. شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص، نينگر جي نالي پٺيان "حسن" اختيار ڪيو اٿس. مولانا صاحب جڏهن حج تي ويو، تڏهن حسن شاهه جي بدل جي طلب، درگاهه ايزديءَ مان ڪئي هئائين؛ پر

---

(١) سندم والد بزرگوار کان زباني ٻڌي، قلمبند ڪيم.

ٻارهي ٻيءَ پرواهه ڪيس وڌيڪ اولاد عطا نه ڪيو.“ (١)

درس تدريس ۽ ڪتب خانو

سندس والد ڪان روايت آهي ته مولانا امروٽي فرمائيندو هو ته جڏهن پاڻ امروٽ ۾ آيو هو، تڏهن اُتي جي ماڻهن ۾ وڏي جهالت ۽ بي علمي پکڙيل هئي.(٢) ويجهائيءَ ۾ ڪٿي به ڪو ديني مدرسو يا مڪتب ڪو نه هو، جتي قرآن ۽ سُنت موجب تعليم ڏيڻ ۾ اچي ها. جيڪڏهن ڪٿي ڪو مدرسو هو ته اهو به اُن مدرسي جي مهتمم تائين محدود هو. اُن جي ختم ٿيڻ تي مدرسي جو وجود به ختم ٿي ويندو هو. (٣) انگريزن جو دور هو. ماڻهن ۾ انگريزي تعليم پرائڻ ۽ ان مان دنيوي فائدي وٺڻ يا نوڪرين حاصل ڪرڻ جو رجحان نئون پئي پيدا ٿيو، سو به مسلمانن ۾ ڪثرت سان نه هو، البت هندن ۾ زياده هو. اهڙي اونداهي دور ۾ مولانا امروٽيءَ جي دل ۾ عوام لاءِ درد پيدا ٿيو ته ڪنهن نه ڪنهن طرح مسلمانن جي اونداهين دلين کي قرآن پاڪ ۽ سُنت واري علم جي شمع سان روشن ڪجي. اهڙيءَ اُميد ۽ عزم سان في الحال ڪچيءَ مسجد ۾ قرآن پاڪ جي ناظرا پڙهائڻ ۽ پارسيءَ جي ابتدائي تعليم ڏيڻ سان سبقن جو سلسلو شروع ڪيائين، جو اڳتي هلي، مولانا صاحب جي مستقل ارادي مطابق، اسلامي علومن جي اعليٰ مدرسي جو سنگ بُنياد ثابت ٿيو. قرآن شريف ياد ڪرائڻ لاءِ به بندوبست ڪيائين. انهن طالبن ۾ اڪثر نابينا شاگرد داخل ڪيائين، مطلب ته جنهن هنڌ، تور وقت آڳ، جهالت

---

(١) ماستر فتح محمد سومرو مرزاپوري - قلمي بياض - ص ٨٠

(٢) والد صاحب جي زباني (٣) ماهنامو الرحيم - اربع - شاسيپتمبر ١٩٦٣ع ص ٣٢

۽ بدعت جو چرچو هو، اُتي مولانا امروٽيءَ جي ڪيميائي نظر سان قرآن پاڪ جي هونگار، ذڪر، حديث ۽ سُنت جو آواز گونجي رهيو هو ۽ علم ۽ عرفان جو دور ڪو رو شروع ٿي ويو (١)

روزانه ”الوحيد“ جي خاص اشاعت ”سنڌ آزاد نمبر“ ۾ ٻڌايو ويو آهي:

”قرآن پاڪ جي پاڙهڻ لاءِ هڪ جُدا ڪلاس کوليو ويو، جنهن ۾ ڪيترا نابينا ۽ بينا شاگرد قرآن جي حفظ ۾ مشغول رهيا. بزرگن ذڪر ۽ شغل سان گڏ اتباع سنت تي زور ڏنو، ۽ پنهنجي حلقا اثر ۾ معتقدن مان بدعات کي بلڪل نابود ڪري ڇڏيو.“ (٢)

مرحوم الحاج عقيلي الله بخش صاحب لکي ٿو:

”امروٽ شريف ۾ ديني تعليم ۽ روحاني تربيت جو مرڪز قائم ٿي ويو، ۽ سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي خلق ڏانهن رجوع ٿي. قرآن شريف جي پاڙهڻ لاءِ هڪ ڌار ڪلاس کوليائون، جنهن ۾ نابينا خواه بينا شاگرد قرآن شريف جي حفظ ڪرڻ ۾ رڌل هوندا هئا.“ (٣)

ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاهه اُن سلسلي ۾ فرمائي ٿو:

”حضرت امروٽيءَ مسلمانن جي سياسي ۽ سماجي پستيءَ جو علاج ديني تعليم اندر سمجهيو، تنهن ڪري حضرت امروٽيءَ سڀ کان پهريائين هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو.“ (٤)

جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن ماڻهن جي آمد تمام گهڻي ٿيندي وئي، ۽ اُن وچ ۾ ڪجهه زمين جو ٽڪرو به مولانا امروٽيءَ حاصل ڪري ورتو، جنهن ۾ هڪ کوه پڻ هو. زمين جي آبادي، ڪٽڪ ۽ پاڇين جي صورت ۾ ٿيندي هئي، جتان لنگر ۽ طالبن جي ضرورت پوري ٿيڻ ۾ ڪجهه مدد ملي ۽ مولانا صاحب جو فيض ۽ برڪت پڻ ان سان

---

(١) سندم والد صاحب جي زباني
(٢) روزنامه الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر سال ١٩٣٦ صفحو ٤١-٤٢
(٣) ماهنامو نئين زندگي - ماه جنوري ١٩٥٣ع صفحو ١١
(٤) تذڪره امروٽي - علمي مجلس حيدرآباد - سال ١٩٧٥ع ص ١١ (ڊاڪٽر صالح شاهه جي پيش لفظ اردو تقريب جو ترجمو)

شامل ٿيا، جنهنڪري مدرسي ۽ مسجد جي رونق ڏاڍي وڌي ويئي.
مولانا امروٽيءَ تو هن وقت ان مدرسي تي اڪتفا ڪئي، ليڪن
سنڌ ڏور بين نظر، ڪيس وهڻ نه ڏنو. هڪ مبلغ، مفسر
۽ اعليٰ مفڪر جي حيثيت ۾ ڪيس اهو سمجهي آيو ته مسلمانن
۾ صحيح اسلامي روح پيدا ڪرڻ، جهالت، شرڪ ۽ بدعت
کي ترڪ ڪرڻ ۽ متحد ٿي، انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ
۽ اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ ڪرڻ لاءِ هڪ اعليٰ درجي جو
درسگاه قائم ڪجي، جنهن مان گهڻي ۾ گهڻا مسلمان فائدو
وٺي سگهن. ان سڌاري ۽ واڌاري کي خيال ۾ رکندي، هڪ اعليٰ
ديني تعليم جي عالم، مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي امروٽ
اچڻ جي دعوت ڏنائين. هُن اها دعوت خوشيءَ سان قبولي،
امروٽ ۾ آيو ۽ مولانا امروٽيءَ سان گڏجي، هڪ اعليٰ ديني مدرسي
جي سڪيم بنايائين، جنهن موجب مدرسي لاءِ هڪ شاهي
لئبريري يا ڪتب خاني جو پڻ انتظام ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ
هڪ پريس به قائم ڪئي وئي، جنهن جو ذڪر، حضرت امروٽيءَ
جي علمي خدمتن واري باب ۾ تفصيل سان ايندو. (١)

جڏهن اعليٰ ديني مدرسو، ڪتب خانو ۽ پريس قائم
ٿي ويا، تڏهن امروٽ هڪ علمي، ادبي، ديني ۽ سياسي
بيداريءَ جو عظيم ۽ اعليٰ مرڪز بڻجي ويو. ڏور ڏور کان علم ۽
فيض جا گهڻا اڪيل مدرسي ۾ داخل ٿيندا ويا ۽ ڪيترائي طلباء

(١) ماهنامو الرحيم، اردو ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع ص ٣٢

هن علمي ۽ روحاني فيض مان مستفيد ٿيا. سنڌ جا ڪيترا عالم ۽ حافظ، هن مدرسي جي پيداوار آهن. سنڌ جو نامور عالم مولانا عبدالوهاب ڪولاچي، هن مدرسي جي پهرين طالبن مان آهي.

سنڌ جو اُستاد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي هن سلسلي ۾ لکي ٿو:

"مولانا امروٽي صاحب جن اهو محسوس ڪيو هو ته باطني فيض جي بالوٽ سان گڏ، سنڌ کي ظاهري علم جي نعمت سان مالامال ڪرڻ به ضروري آهي، تنهن ڪري شرڪ، بدعت ۽ جهالت جو مقابلو ڪري سگهجي. ان ڪري پنهنجي مرشد جي وفات کان ٿورو پوءِ اٽڪل ١٣٠٣هه ۾ حضرت حافظ صاحب جي همت تي اسلام آباد ۾ تربيت لاءِ اُستاد مولانا عُبيدالله سنڌي کي امروٽ وٺي آيا ۽ اُتي ديني تعليم لاءِ هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ هڪ ڪتبخانو جو بنياد پيو. هن مدرسي منجهه علم جي اشاعت لاءِ وڏو ڪم ڪيو. استاد العلماء مولانا عبدالوهاب صاحب ڪولاچي هن مدرسي جو پهريون شاگرد هو. مولانا عبدالقادر ديپوري ۽ جيڪو مولانا عبيدالله صاحب سنڌي جي ابتدائي استادن مان هو، سو پڻ پنهنجي آخري شاگرد وٽ امروٽ ۾ حديث جو دورو پڙهڻ آيو.
ست سال سانده اهو مدرسو وڏي اوج ۽ عروج ۾ رهيو. ڪيئن عالمن تان پڙهي، فارغ ٿي، سنڌ ۾ شمع جيان ٻريا ۽ علم جي اشاعت لاءِ ڪم ڪي لڳي ويا. ان دور ۾ سنڌي ٻولي ۾ ديني ڪتابن جي اشاعت لاءِ هڪ پريس به قائم ڪئي ويئي هئي." (١)

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

حُسن اتفاق سان، اهڙن ڏينهن ۾ ڪين مولانا عبيدالله سنڌي، دارالعلوم ديوبند کان ١٣٠٨هه ۾ نئون فارغ ٿي آيو هو، جهڙو جيد عالم ملي ويو ۽ امروٽ ۾ هڪ وڏو ديني مدرسو قائم ٿي ويو، جنهن ۾ مولانا عبدالوهاب ڪولاچي جهڙا اُستعد طالب العلم پڙهڻ آيا، پر ڪيترائي فارغ التحصيل عالم جهڙوڪ مولانا عبدالله ڪنهر واري، مولانا عبدالقادر ديپوري ۽ ٻيا عالم، مولانا عبيدالله جي خدمت ۾ قرآن، حديث ۽ فلسفه ولي اللهي پڙهڻ لاءِ اچي ويا. حضرت امروٽي پاڻ به هڪ مرشد ڪامل ۽ وڏو عالم هو. مولانا عبدالقادر پنهنجي دور جو وڏو ڪامل پرانو هئا ۽ ان ڪا سوا ۽ سنڌي ٻولي جو هڪ وڏو اديب ۽ شاعر هو، جنهن جي ثابتي لاءِ سندس جو ترجمو يوسف زليخا سنڌي ۽ پريت نامو مولود ۽ ڪافيون واضح ثبوت آهن.

(١) تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي، صفحو ٢٦

سنڌ ۾ اڪثريت جي جماعت سنڌي مدرسي ۾ ئي حلقي ۾ داخل ھئي“.(١)

ساڳئي ئي امر جي تائيد مولانا ابوبڪر شبلي ھن طرح ڪري ٿو:

ترجمو: – ”سڀ کان پھريان ھڪ ديني درسگاه قائم ڪيائون، جنھن جون چند قابل ذڪر خصوصيات ھيٺيون ھيون:

ھن درسگاه کي ديوبند جي طريقي تي جاري ڪيو ويو ۽ ان جو روحاني تعلق ديوبند سان قائم ڪيو ويو. ان لحاظ کان سنڌ جو پھريون ڀيرو ديوبند سان علمي ۽ روحاني رابطو پيدا ٿيو. ھن درسگاه جي نصاب ۾ حديث، تفسير ۽ شاه ولي الله جي تصانيف کي به شامل ڪيو ويو. ان طرح سنڌ جي طالب علمن کي پھريون دفعو علوم اسلاميه جي اعليٰ تعليم کان بھرو رٿڻ جو موقعو مليو. ھن درسگاه ۾ فڪري بلنديءَ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو ويندو ھو؛ تنھنڪري ھر طلباء ۾ آزادي وطن ۽ دين کي ورثو ڏنو جا ڙجي روح پيدا ڪري جو پوري ڪوشش ڪئي ويندي ھئي. ھن درسگاه جي لئبريري ۾ مصر، استنبول ۽ ھندوستان جا مشھور ۽ نادر ڪتاب جمع ڪيا ويا ھئا ۽ ان طرح سنڌ جي طلبا کي ھڪ جيئدي عالم جي نگرانيءَ ۾ توسيع مطالعي جو پھريون دفعو موقعو مليو“.(٢)

مولانا قاسمي صاحب ۽ مولوي ابوبڪر شبلي مرحوم جي لکڻ موجب اھو ديني درسگاه پنھنجي اوج ۽ عروج سان ست سال سانده امروٽ ۾ ھليو.

سندم والد صاحب فرمايو ته مدرسي جو ڪافي وقت ڪاميابيءَ سان ھلڻ بعد ڪي اھڙا اسباب پيدا ٿيا، جن جي ڪري افسوس! جو مدرسي جو اھو آدرج جھڪو ٿي ويو؛ ڇاڪاڻ ته مولانا عبيدالله سنڌيءَ

---

(١) ماھنامو نئين زندگي – اپريل ١٩٦٠ع ص ٢٥–٢٦ ۽ قرآن شريف جا سنڌي ترجما ۽ تفسير ص ٦ ۽ ٧ (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب)

نوٽ: – رسالي الرحيم (اردو) ماه سيپٽمبر ١٩٦٢ع ۾، امروٽ جي درسگاه جي شاگردن ۾ مولانا عبدالعزيز ترنڊائي (خليفو اول مولانا امروٽي) مولوي احمد علي لاھوري ۽ مولانا خواجه محمد ميرو خاني (الڙڪائي) جا نالا به ڏنا آھن.

(٢) ماھنامو ”الرحيم“ اردو ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣ (مولانا ابوبڪر شبلي)

اردو عبارت: ”سب سے پہلے آپ نے ایک دینی درسگاہ قائم کی۔ اس کی چند ایک قابل ذکر خصوصیات یہ تھیں۔ اس درسگاہ کو دیوبند کے طریقے پر جاری کیا گیا اور اس کا روحانی تعلق دیوبند سے قائم رکھا گیا۔ اس لحاظ سے سندھ کو پہلی مرتبہ دیوبند سے علمی اور روحانی رابطہ پیدا ہوا۔ اس درسگاہ کے نصاب میں حدیث، تفسیر اور شاہ ولی اللہ کی تصانیف کو بھی شامل کیا گیا اس طرح سندھ کے طالب علموں کو پہلی مرتبہ علوم اسلامیہ کی اعلیٰ تعلیم سے ——— توسیع مطالعے کا پہلا موقع ملا“.

کي پير رشد الله صاحب ڳوٺ پيرجهنڊي واري پاران وقت مدرسي جاري ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ هو اها قبول ڪري، اوڏانهن روانو ٿي ويو.

هن حقيقت بابت روزانه "الوحيد" پنهنجي "سنڌ آزاد نمبر" ۾ لکي ٿي:

> "ساري دنيا جو مشهور ليڊر ۽ عالم مولانا عبيدالله سنڌي (وطن مڪي) بزرگن جي خدمت ۾ ننڍپڻ جي زماني ۾ آيو ۽ اتي ئي رهي، وڏو ٿيو ۽ اتي پهرين شادي ڪيائين. امروٽ مان ئي دارالعلوم ديوبند ۾ تحصيل لاءِ ويو، جنهن موٽي آيو ته هن اچي امروٽ ۾ ڇاپخانو "نظم المطابع" نالي کوليائين، جنهن ۾ ڪي ڪتاب به طبع ٿيا، مگر پوءِ سُنت ۾ مولانا عبيدالله پير جهنڊي جي ڳوٺ، جناب پير سيد محمد رشد الله جي مشوري سان مدرسو جاري ڪيو وارڻ واري مطبع بند ٿي ويو" (١)

سندم والد بزرگوار فرمايو ته "مولانا امروٽيءَ نه رڳو امروٽ ۾ اعلى ديني مدرسو قائم ڪيو هو؛ پر پسگردائيءَ جي ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ پڻ ديني مدرسا کولرايا هئائين ۽ اُنهن ۾ معلمن جو بندوبست به پاڻ ڪيائين. انهن سڀني مدرسن جو مهتمم اعلى پاڻ هو. اُهي مدرسا چڪ، ڪاڪيپوٽو، ڳوٺ وڏن وغيره ڳوٺن ۾ هئا. مولانا امروٽي پاڻ وقتاً فوقتاً هر هڪ مدرسي جي ديک ڀال (inspection)، ٻگيءَ يا ٻيءَ سواريءَ تي وڃي ڪندا هئا. نومسلم نورالحق (٢) جو واقعو (جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) به چڪ مدرسي جي معائنه ڪرڻ وقت ٿيو هو.

جامع مسجد جي تعمير والد صاحب مرحوم وانڪائيءَ ۾ ويهي ٻڌائيندو هو ته "اَبا، دنيا ۾ جن جن هستين دين جي تبليغ ۽ تجديد

---

(١) روزنامو الوحيد (سنڌ آزاد نمبر) سال ١٩٣٦ع صفحو ١٤١-١٤٢

(٢) نومسلم نورالحق، جنهن کي هاڻي مولانا نورالحق سڏيو وڃي ٿو، سو هاڻي سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ۾ اوطاري جو رهندڙ آهي، جو منصورن فرزند شعبهٔ مسابات ۾ اڳي پروفيسر آهي. (سندس احوال اڳتي "تبليغ" واري موضوع ۾ ايندو) مسيارن جو پنهنجي ڳوٺ ڪوٽ ڀٽي تعلقي ٽيپيري ۾ رهندڙ آهي.

ڪئي آهي، اُهن جتي جتي نئين طرح اسلام جي اشاعت لاءِ خيما کوڙيا آهن، اُتي اوّل خدا جو گهر (مسجد) تعمير ڪرايو اٿن. منڍ ڪانوڻي طلوع اسلام جو مثال وٺو ته اُن ۾ به اول ڪعبي خاني يا خدا جي گهر جي تعمير ڪرائي وئي هُئي. حضورﷺ جڏهن مڪي معظمہ مان، مديني منوره طرف هجرت ڪئي، تڏهن اُهن پڻ اوّل مسجد تعمير ڪرائي هُئي. اهڙيءَ طرح جيڪي به الله وارا، الله جي دين لاءِ ڪوشان هُوندا آهن، سي اوّل خدا جو گهر تعمير ڪرائيندا آهن. مولانا امروٽيءَ به امروٽ ۾ اچڻ سان اوّل مسجد جهوپڙيءَ جي شڪل ۾، ان بعد ڪچين سِرن جي ننڍڙي مسجد وُسعت آهر ٺهرايائين، جمعي جي نماز، ڳوٺ امروٽ جي جامع مسجد ۾ جماعت سوڙو وهي، پڙهندو هو، جادلن وڏيرن جي پرسان هئي. شهر جو وڏيرو مستي خان ڌل، مولانا امروٽيءَ جو معتقد هوندو هو. اُنين آنين ڏينهن جمعي تي، مولانا صاحبَ جو جماعت سوڙو، سندس پرسان واريءَ مسجد ۾ اچڻ، پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندو هو. (١)

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن جماعت وڌندي وئي، تانجو جماعت، اُن ڪچيءَ مسجد ۾ ماپي نه سگهندي هئي ۽ ماڻهو ٻاهر پٽ تي ترڙا وچائي، نماز

---

(١) سندم والد جي زباني

پڙهندا هُئا. خاص موقعن، جلسن وغيره ۾ ته ڏاڍي تڪليف محسوس ڪندا هئا. ان ضرورت کي مدِنظر رکي، مولانا امروٽيءَ دل ۾ ريت رٿي، ته ڪچي مسجد ڀڃرائي، ان جڳهه ۾ اضافو ڪري، هڪ جامع مسجد تعمير ڪرائجي، جنهن ۾ حُجرا وغيره به ٺهرائجن ته جيئن مدرسي وارن اُستادن توڙي شاگردن کي به سهوليت مهيا ٿئي، پر ان لاءِ ڪافي پيسي جي ضرورت هئي، ان ڪري ڪجهه وقت صبر ۾ رهيو. جڏهن فريضهءِ حج ادا ڪرڻ جي خيال سان پنهنجن پيارن رفيقن سان گڏ، حجاز روانو ٿي ويو. جون ٿاڻه مڪي معظم ۾ پهچڻ سان سندس عظيم الشان استقبال ڪيو ويو. حج ادا ڪرڻ بعد، مديني منوّر ڏانهن، محبوب مدنيؐ، سرڪار مدينه صلي الله عليه وآله وسلم جي حضور ۾ حاضر ٿيو. سندس رفيقن جو چوڻ آهي ته مولانا امروٽي، روزانو حرم پاڪ ۾ الله تعاليٰ کان، نهايت عجز ۽ نياز، انڪساري ۽ اشڪباريءَ سان دين جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ ترقي ۽ واڌاري جي تمنائن جو عرض پيش خدمت رکندو هو. اُن عرض ۾ جامع مسجد جي تعمير جي تمنا به ظاهر ڪندو هو، (١)

هڪ آڌيءَ رات جو اوچتو ننڊ مان اُٿي ويٺو ۽ پنهنجي رفيقن مان، مستري عبدالرحيم سومري شڪارپوريءَ کي گهرائي، امروٽ ۾ جامع مسجد جي

(١) ماستر نٿو سومرو مرزا پوريءَ جو قلمي بياض ۽ سندس والد جي زباني

تعمير جو نقشو تيار ڪرايائين. حج تان موٽڻ بعد مولانا امروٽيءَ، جامع مسجد جي تعمير جو ڪم، حرم شريف ۾ اُن ٺهرايل نقشي (۱) مطابق شروع ڪرايو. پڪين سرُن لاءِ وڏا ڀٺا ٻجرائي، سيرون حاصل ڪيائين ۽ مستري عبدالرحيم کي دعا ڪري، هدايتون ڏنائين، جنهن موجب مسجد هڪ اعليٰ نموني ۽ نقشي تي تيار ٿيڻ لڳي. مستري عبدالرحيم کي مدد لاءِ ڇهه ڪاريگر (راز) ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا. مسجد تي روزانو ٽيهه چاليهه مزور ڪم ڪندا هئا. مزورن کي گهڻو ڪري آٺين آٺين ڏينهن جمعي تي پيسا ڏيندا هئا. سڄو سارو سال لڳيتو ڪم پئي هليو. بي انداز پيسو خرچ آيو. ظاهر ۾ ته ڪن نيڪمردن ۽ جماعت جي ماڻهن به وسعت آهر مالي مدد پئي ڪئي، پر اُن امداد جي مدِنظر، پيسو اُن کان بيحد گهڻو خرچ ٿيو. جڏهن سڄي مسجد ٺهي راس ٿي، تڏهن مستري عبدالرحيم تي مولانا امروٽي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ کيس انعام اڪرام ڏنائين. (۱)

مسجد جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ، سندس باهرين دروازي جي مٿان ۱۳۲۱ هجري (مطابق ۱۹۰۴ع) اُڪريل آهي. مسجد تي ڪمال ڪاريگري

---

(۱) ماستر فتح محمد سومري جو قلمي بياض ۽ سندس والد جي زباني.

سان ڪم ٿيل آهي. سڄي عمارت پڪسري آهي. مٿس گلڪاريءَ ۽ ميناڪاريءَ جو ڪم ٿيل آهي ۽ دروازن تي ٽڪ جو ڪم ٿيل آهي، فن تعمير جو هڪ عاليشان نمونو ڏسڻ وٽان آهي. (۱)

بند پارڻ وجي، مسجد ڏٺي. ان وقت سڄيءَ عمارت جي پتين تي ۳-۴ فوٽن اوچائيءَ تي هڪ ليڪ واڱڻ ميرو نشان معلوم ٿيو. پڇڻ سان خبر پئي ته ته اهو نشان ۱۹۴۲ واريءَ ٻوڏ جي پاڻيءَ جو آهي. اُن ٻوڏ ۾ سڄي ڳوٺ امروٽ سان گڏ، مسجد پڻ زير آب هئي. منجهس انڪل ڏيڍ مهينو پاڻي بيٺو هو، پر مسجد جا بنياد ايڏا ته پڪا ۽ مضبوط هئا، جو کيس ترجيترو به نقصان ڪونه پهتو آهي. جيئن جو تيئن بيٺي هئي. البت پٽ تي جيڪي ٽائيلس جون سرون لڳل هيون، اُهي ذرا هيٺ مٿي ٿي ويون هيون.

ايوان جي ٻنهي پاسن کان ڪنگرن واريون سرون ۽ سهڻيون ونگون بيٺل آهن. مسجد جي ڇت، منارا ۽ گنبذ نهايت مهارت سان ٺهيل آهن. (۲)


اهڙيءَ دلچسپيءَ سان ٺهرايل مسجد مان، مولانا امروٽيءَ جي دين سان آٿاهه الفت جو اظهار ٿئي

---


(۱) روبرو وڃي مسجد ڏٺي ۽ نوٽ ڪيو ويو (راقم)
(۲) ايضاً

(٦)

درگاه اَمروٽ جي مسجد جو نظارو. (مختلف طرفن کان)



سامهون



سامهون

مختلف طرفن کان


نڪتل فوٽو



پاسي کان



منارن جي طرف کان



گنبذ جي طرف کان

تو ۽ الله ۽ ان جي سچي رسول جي عشق جو جذبو
پڻ نمايان نظر اچي ٿو. (۱)

سندم والد مرحوم ٻڌايو ته ” مولانا امروٽي هميشه
شام جي وقت ، مسجد جي منارن هيٺان ، ننڍن
پاڻن واري ڪٽ تي ويهي ، فقيرن سان مجلس
ڪندو هو “.

امروٽ جي درگاه تي ٻڌايو ويو ته ”جڏهن هيءَ
مسجد نهي راس ٿي ، تڏهن شهر جو وڏيرو مستيخان
ڏل ، جو مولانا امروٽيءَ جو معتقد هو ، ان کي پريشاني
ٿي ته هينئر مولانا صاحب ، جمعي جي نماز پنهنجي جامع
مسجد ۾ پڙهائيندو ۽ سندن پارٽي واري جامع
مسجد ۾ امروٽي صاحب جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويندو.
اهڙو اظهار مولانا امروٽيءَ سان ڪيائين . امروٽي صاحب
سندس اعتقاد ۽ محبت کي ڏسي ، کيس خاطري ڏني
۽ سائنس واعدو ڪيائين ته جمعي جي نماز سندس
ئي مسجد ۾ پڙهائيندو رهندو . آخر اهو وعدو پاڙيندو
آيو . باقي وقتي نمازون ۽ وڏا وڏا جلسا ، پنهنجي
مسجد ۾ ڪرائيندو هو . ان کانسواءِ عيدن جون نمازون
۽ جمعة الوداع جي نماز ، تمام وڏيءَ جماعت سان
پڻ پنهنجيءَ مسجد ۾ پڙهائيندو هو . (۲)

(۱) راقم الحروف جي (۲) سيد عبد الرحمان شاهه ، امام مولانا امروٽي درگاه امروٽ جي زباني ،
دالد جي زباني

ماستر فتح محمد سومرو جمعة الوداع جي نماز جو نظارو هيئن ٿو چوي:

رمضان جي آخري جمعي جي تياريءَ لاءِ مسجد شريف جي گرد و نواح جي حضرتن جي صفائي ڪرائي ۽ مقرر جڳهين تي وڏا پال لڳايا ويندا هئا. جماعت جي ٽڪاڻن سگهڙن ۽ پير خانن جي رهڻ لاءِ جدا جڳهون ۽ عوام لاءِ جدا جڳهون هونديون هيون. ان ڏينهن صبح کان وٺي جماعت اچڻ شروع ٿيندي هئي. ڪيترا علماء صلحاء ۽ فقراء هن موقعي تي آغا امروٽيءَ جي ڪچهريءَ جا سينگار ٿيندا هئا. مجلس جا صاحب، پاسي پلنگ گرد ونڌ باادب ويٺل هوندا هئا. نماز جي وقت جي خطبي جو نظارو اسلامي تبليغ، اتحاد ۽ اخوت جو عملي ڪردار هر مسلمان تي گهرو اثر ڪندو هو. درگاه جا ٻه ٽي کوه چالو هوندا هئا، جيئن وضو جو ضرورت ڪرڻ ۾ جماعت کي تڪليف نه پهچي. صبح کان مسجد اندر وعظ شروع ٿيندو هو. جمعي نماز بزرگ پاڻ پڙهائيندا هئا. مسجد کان سواءِ گرد و نواح جون ڇتون ۽ ميدان نماز جي صفن سان ڀرجي وينديون هيون. نه فقط ترڪيءَ يا تعلقي جا، پر سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جا ڪيترا عالم، مريد ۽ معتقد موجود هوندا هئا. تخميني طور ٽيهه چاليهه هزار خلق جا ان موقعي تي زيارت ۽ فيض کان مشرف ٿيندا هئا. هي سالياني اجتماع مسلمانن ۾ محبت ۽ ايثار ۽ اتحاد ۽ اخوت سان گڏ، قرون اسلام جي ياد تازي ڪرائڻ ۽ انسانن جون ڪثيف دليون پاڪ ۽ صاف ٿيون پيون. ڪيترا مسلمان ان ڏينهن جي فيض مان متقي، نيڪ ۽ صالح ٿي ويا ۽ غير مسلم، اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا. جمعي جي نماز کان پوءِ آغا امروٽي پاڻ وعظ نصيحت ڪندا هئا. سندن هڪ هڪ لفظ ۽ نڪتو ظاهري خواه باطني فيض جو پالوٽ هوندي هئي. سندن وعظ عام فهم ۽ رقت آميز هوندو هو. "بسم الله الرحمن الرحيم" جا مشروع زبان مبارڪ مان نڪتي نه آهي ته ساري جماعت ۾ هڪ عجيب پيدا ٿي ويندو هو. تان جو سندن آخري وعظ جي لفظن تائين هر هڪ جي دل ۾ سوز ۽ سرور پيدا ٿيندو هئي. ڪي عاشق وجد ۾ ته ڪي جهومون هڻي رهيا، ڪي ڏنا مرون، ليڪن ڪي بي اختيار ٽولا ٻه اچي ويندا هئا. حضرت امروٽيءَ جا اڪثر مريد ۽ معتقد پوءِ عالم هجي خواه عاصي، پڙهيل هجي خواه اڻ پڙهيل، ترڪ ته پڪو موحد، صوم صلوات جو پابند، سنت نبوي جو شيدائي نظر ايندو. (1)

---

(1) ماستر فتح محمد سومري جو قلمي بياض - ص ۷۲

۽ ڪبس پٽ ۾ پهاڙن ۾ ملُ چاريندي ڏٺسو ته به ڪونه و
مُصلو ۽ تسبيح ساڻس هوندي ۽ سندس گفتگو نصيحت آميز
۽ پيغام ڀري ۽ مان الله جو نُور نظر ايندو. واه منهنجا مرشد
امروٽي تنهنجو فيض ! پوڙها پرين ۽ سنهڙا سائين ۽ تنهنجا
ڪهڙا ڳڻ ڳايان؟ تون وقت جو پيشوا ۽ قطب هُئين. تنهنجي
هر لفظ ۾ هزارين فيض جون نديون هيون." (١)

مسجد نصرالله ڪانپوري، مولانا امروٽي پيو دفعو به حج تي ويو. سندن والد صاحب
ٻڌايو ته "مولانا امروٽي صاحب ست دفعا حج تي ويو هو."

روبرو وڃي، مسجد امروٽ جون ماپون ورتيون ويون.

مسجد جي ايراضي هن طرح آهي:-

مسجد جي ڊيگهه ١٢٥ فوٽ ۽ ويڪر ٦١ فوٽ = ڪل ايراضي = و × ڊ ١٢٥×٦١ = ٧٦٢٥ چورس فوٽ

مائين جو تفصيل:-

(الف) اولهه طرف تي گنبذن وارو هال = چورس فوٽ ايراضي = و × ڊ ٦١×٢١ = ١٢٨١

(ب) ڪاٺ جي گلڪاري واري ڇت جو هال = چورس فوٽ ٦١×٢٠ = ١٢٢٠

(ج) وچون آيوان چورس فوٽ ٦٨×٦١ = ٤١٤٨

(د) اوڀر طرف مُنارن جي مُنارن وارو ننڍو ورانڊو چورس فوٽ ٦١×١٦ = ٩٧٦

ڪل ايراضي = ٧٦٢٥ چورس فوٽ

امروٽ ۾ جمعي نماز جو نظارو سندم والد صاحب راوي آهي ته امروٽ ۾ جمعي جي ڏينهن، هڪ عجيب رونق لڳندي هئي. درگاه تي ته اُئين به هميشه ميلو لڳو پيو هوندو هو. پنج ڇهه سو ماڻهو هميشه لنگر تي موجود هوندا هئا؛ پر جمعي جي ڏينهن جو نظارو نرالو هوندو هو. ڏهين بجي صبح کان وٺي خلق اچڻ

(١) فتح محمد سيوهاڻي ميرزا پوري - قلمي بياض - صفحو ٧٢

شروع ٿينديون هيون. جمعي نماز کان ٿورو اڳ، مولانا امروٽي تيار ٿي، گهران ايندو هو ۽ جماعت به نڪرڪائي، امروٽي صاحب سان گڏ، جلوس جي شڪل ۾ گوٺ واري جامع مسجد ڏانهن هلندي هئي. مولانا صاحب. هڪ خاص لباس ۾ ملبوس هوندو هو، سائي دستار، سفيد ۽ ڊگهو پهريان ۽ مٿان عربي جُبو، هلڪي سُٿڻ، ڪُلهي تي ڳاڙهي ۽ ڇيٽ جو رومال ۽ هٿ ۾ هڪ رنگين ڇاسو ڪٺو هو. جلوس درگاه تان نڪرندو هو. انهن ۾ ٻه ٽولا مولودين جا هوندا هئا، جي مولانا امروٽيءَ جي پرسان پويان هلندا ايندا هئا. مولود اڪثر مولانا امروٽيءَ جا ٺهيل هئا. مولودي، واري واري سان مولود چوندا ايندا هئا. هڪ ٽولو مصرع چوندو هو ته ٻيو ٽولو ان جو ورائو ڏيندو ايندو هو. ان وقت اهڙو ماحول پيدا ٿي ويندو هو، جو هر هڪ فرد جي دل تي، هڪ روحاني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. ساري جماعت نعرهٔ تڪبير ۽ ذڪر سان شهر جي بازار مان لنگهندي هئي. بازار ۾ هندن جا دوڪان هوندا هئا. (١) هندو دُڪاندار سڀئي باادب اُٿي بيهندا هئا. اهڙيءَ طرح جمعي نماز پڙهڻ بعد پڻ ساڳئي جلوس ۾ وري واپس درگاه تي ايندا هئا. رستي ۾ گهٽين ۾ عورتون ۽ ٻار ۽ وڏن ماڻهن مان ڪي پاڻيءَ جا گلاس پڙهائڻ لاءِ، ته ڪي دُعا لاءِ

(١) سنڌ ۾ والد مرحوم جو زباني احوال، قلم بند ڪيم.

بيٺا هوندا هئا. هندو به نهايت ادب سان ڪچهريءَ ۾ گهڙو
وجهي، اچي مولانا امروٽيءَ کي پيرين پوندا هئا ۽
انهيءَ موقعي کي هڪ سعادت جي گهڙي سمجهندا هئا.
امروٽي صاحب سڀني کي نهايت پيار سان هٿ مٿي
تي رکندو، دعا ڪندو هلندو ويندو هو.

مولانا امروٽي ڪنهن ديني جهاد جي وقت ۾ جهاد
جا شعر به ٺاهيندو هو. اهڙي موقعي تي وڏي جلوس ۾
اُهي جهاد جا غزل چوندا هلندا هئا. جلوس جو ديد به
اهڙو هوندو هو، جو ٻي دين جون دليون ڏهلجي
وينديون هيون.

امروٽي صاحب هر جمعي نماز کانپوءِ پنهنجي درگاهه
تي پهچي، درگاهه واري مسجد جي آڏو ميدان تي غير مسلمن
کي اسلام جي دائري ۾ آڻيندو هو. سنت نبويءَ موجب
سندن ختنه به اُتي ئي ڪرائيندا هئا. خاص حجام هوندو
هو، جيڪو اها خدمت مفت ڪندو هو. اُن وقت به فقير
مولود خاني ڪندا هئا ۽ هڪ عجيب ڪيفيت جو ماحول
بنجي ويندو هو. مطلب ته مولانا امروٽيءَ وٽ هميشه
ميلو لڳو پيو هوندو هو، جنهن ۾ روحاني سعادت
موجود هوندي هئي. صرف اُن سعادت وٺڻ واري
جي ضرورت هوندي هئي. (١)

---

(١) سندم والد بزرگوار جون ٻاڌل احوال ڳالهيون، قلم بند ڪيم.

سيرت (اخلاق وعادات)

اِهو ظاهر آهي ته، جن ماڻهن، پاڻ ۽ پنهنجي ملڪيت کي الله ۽ ان جي رسول جي واسطي وقف ڪري ڇڏيو هوندو، اُنهن جو اخلاق وعادات، شرع ۽ سُنت محمدي مطابق هوندو ۽ خُلق محمّدي، دنيا جي سڀني اخلاق وعادات، تهذيب وتمدن کان وڏيڪ احسن ۽ عظيم آهي. جيئن الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي:

”اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيمٍ“ (۱)

مولانا امروٽي جو اخلاق وعادات، نشست برخواست، سڀ حضور پاڪ، سرورڪائنات، فخر موجودات ۽ صحابه ڪرام جي نقش قدم تي هو. ڇا اتباع سنت ۾، ڇا تبليغ اسلام ۾، ڇا اسلام جي نشر واشاعت ۾، ڇا جهاد في سبيل الله ۾، ڇا تعليم اسلام ۾، ڇا اخلاق عامه ۾. مطلب ته سراپا سون هو. سندم والد مرحوم، جو هميشه سندس صحبت ۾ رهيو ۽ منجهانئس گهڻو ڪجهه پرايو هئائين ۽ پاڻ فقير تن، اهل لوڪ هو، تنهن جي ڪيل ڳالهه بولهه نهايت معتبر آهي. وانڪائي ۾ ويهي، پنهنجي مرشد جون ڳالهيون ڪندو هو. هڪ دفعي فرمايائين ته ”مون پنهنجي حياتي ۾ ڪو هڪڙو به ماڻهو ڪونه ڏٺو آهي. باقي ٻُڌا ۽ پڙهيا ڳُڻا“ (۲)

---

(۱) قرآن پاڪ - سورت قلم - آيت ۴ - سيپارو ۲۹ رڪوع ۱ (۲) سندم والد جي ان ڳالهه...

۾ اتم“ امروٽي صاحب جي طبع بابت ٻڌايائين ته ”نهايت رحمدل، هردلعزيز، خاص طرح مسلمانن ۽ عام طرح سڀني انسان ذات جو ڀلو چاهيندڙ هو. ٻي رياءَ ته سندس جهڙو ڪو نه ليندو، حق جو ڪلمو سڀڪنهن کي چٽي ڏيندو هو. ڀلي توڙي جو وڏو آفيسر يا نواب ڇو نه هجي. حق چوندي، ڪنهن کان به نه ترندو هو. هميشه دين اسلام جي ترقي ۽ واڌاري جو فڪر ۽ اونو هوندو هوس، سخاوت جي حالت اها هيس، جو جيڪي به وٽس هوندو هو، اهو غريبن ۽ يتيمن کي ڏيندو هو يا لنگر ۾ هلائي ڇڏيندو هو. سڄي حياتي نومسلم افراد جي پڙهائڻ، ڪپڙي، کاڌي ۽ شادي وغيره تي، پنهنجي گهران خرچ ڪرڻ ۾ گذاريائين. هزارن جي تعداد ۾، غير مسلمانن کي، اسلام تي آندائين ۽ سيني سان ساڳيو ئي برتاءُ ڪيائين. يعني هر ضروريات زندگيءَ جي پوري ڪرڻ، حتيٰ ڪ شادي ۽ جڳهه جي بندوبست ڪري ڏيڻ ڪانئون قرار ايندو هوس، سندس طبع حليم ۽ نرم هوندي هئي؛ پر جڏهن ڪو ٻي ديني يا غير اسلامي ڪم ٿيندو هو، تڏهن سندس طبع ۾ جلال اچي ويندو هو ۽ اهو جلال تيستائين قائم رهندو هو، جيستائين اهو ڪم سرانجام نه ٿيندو هو. جهاد ڪرڻ تائين تيار رهندو هو. متوڪل به اهڙو هو، جو شروعات ۾ ڪڏهن فقر فاقي جي نوبت (۱)

(۱) سندم والد بزرگوار جي زباني -

ايندي هئي ته ڪنهن کي به سوال نه ڪندو هو. مطلب ته مولانا امروٽي پورو پورو متوڪل، مرد مومن ۽ مجاهد هو. (١)

مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي سيرت متعلق مختلف شخصيتن جا رايا هيٺ قلمبند ڪجن ٿا، جن پنهنجي حياتيءَ جو وڏو عرصو امروٽي صاحب جي خدمت ۾ گذاريو، هنن راين مان مولانا امروٽيءَ جي سيرت تي ڪافي روشني پوندي:

رئيس ضياءُ الله غلام علي، حيدرآبادي لکي ٿو:

> "عجيب شخصيت جا مالڪ، الله جا بندا، پرهيزگار ۽ سادا نما هئا، ٿورو ڳالهائيندا هئا ۽ وڏندڙ لفظن ۾. سڄو وقت عبادت، خلق جي خدمت ۽ اسلام سان روشناس ڪرڻ ۾ گذاريائون.........

آڳتي هلي، لکي ٿو:

> حضرت جن سخي هوندا هئا، پيري مريدي ڪندا هئائون (٢)

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

> سائينجن هميشه ومنو ۽ مرشد هوندا هئا. تسبيح سندن هٿن ۾ ٻئي هلندي ۽ چوٿون پيون سرڙايون. عجيب ڪيفيت هوندي هئي، الله الله ڪانسوا ۽ رسول ڪريم جن تي سلاتون ۽ ذڪر ۾ دما پيو خير. منهنجي جي ماڻهن تي وينا، طعام نوش ڪيائون نه البت تمام گهٽ انداز ۾، مونکي ياد آهي ته سيني سان گڏ جي ماڻهن تي وينا. نفا وڏائي نه ڪوناڻ. سادگيءَ سان، محبت سان. ياد اٿي سندن پيشو، سندن نصب ۾ ڪو واهوڻي ڪندو هو، اها ئي سندن طلب هئي ۽ سادگي کي بلڪل پسند ڪندا هئا عمر جي لحاظ ۾ ٻُڍا ٿي لڳا، پر ڏينهن مبارڪ سالم هين. پير به سادو، ململ جي پڳ، ململ جو چولو، جو گوڏي تائين هوندو هو ۽ هيٺ تڏتل بافتي جي سلوار، وڏي نه

---

(١) سندم والد بزرگوار جي زباني.

(٢) ماهنامو "الرحيم" سنڌي ـ ماهه جولاءِ ١٩٧١ع ص ٢٠ کان ٢٢ (ضياءُ الله غلام علي)

پر پرتفتي، سنڌي جُتي، شڪل شباهت ۾ شير مرد، اڇي ڏاڙهي جهڳي رکندا هئا. سنواريل تيل لڳل وار، پيشاني سنڌي، وار بلڪل نور ۾ ڦهليا پيا، روحانيت جي جوت نمايان سلڪا ۽ سهڻا هئا. ڏسڻ سان ئي دل ۾ گهرو اثر ٿيندي هئي. نيڪ انسان اهڙا ورلي ملندا. ڪيترا سندن دست مبارڪ تي مشرف به اسلام ٿيا ۽ ٿيندا رهيا. سندن نوراني چهري ۾ روحانيت جو ڪشش هوندو هو. نماز لاءِ پاڻ امامت ڪندا هئا.

پاڻ سڳورن هڪ دفعي مون کان پڇيو ته "ختنو ٿيل اٿئي؟" چيومانءِ ته "نه" شام جو جڏهن ٻيهي، نه مڃڻ کي ٻڌايائون نه سڃڻ کان پڇيائون. مونجها مڪرائي، پاڻ تي گاڙهي گوڏ ۾ ويهاريو، مٿي ڏسڻ جي تلقين ڪيائون ۽ ختنو ڪري ڇڏيو مبارڪ، مبارڪ تي ورڻ، سائين ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته ٻئي دفعي ونگيڻ ۾ ننڍين ٻارن کي به وٺي اچجان ته انهن جو به ختنو ڪرائي ڇڏبو" (١)

ماستر فتح محمد سومرو سائينءَ سلسلي ۾ لکي ٿو:

"خوش طبع، رحمدل، سخي ۽ غريبن يتيمن جا حامي هئا پاڻ وقتي فقر فاقي تي به گذارو ڪندا هئا. دل جي قوت ۽ جرأت ايڏي هين، جو انگريزن جي ڪنهن به وڏي آفيسر کي حق چوڻ کان نه ترندا هئا ۽ نه جهڪندا هئا. ڪيس سچ چئي ڏيندا هئا. پاڻ هڪ ننڍي ڪٽولي تي ويهندا هئا ۽ پاسي پلنگ کي رولايون هر وقت ۽ هر حال ۾ پابند ۽ احترام سان سندن گفتگو ٿيندا هئا.

ڪڏهن جلالي طبع کان ايڏو ته جوش ايندو هون، جو ان وقت ڪنهن به مخالف يا ڪنهن به وڏي ۾ وڏي انگريز آفيسر کي به طاقت نه هوندي هئي، جو ڪنڌ کڻي، سندن رعب تاب کان مٿي نهارين يا جواب ڏئي سگهن. شيخ التفسير مولانا احمد علي لاهوري صاحب ۽ مرحوم سحبان سنڌ مولوي عبدالڪريم چشتي صاحب وغيره علماء سڳورا سندن حسن اخلاق، جرأت ۽ روحاني طاقت کان ايڏو ته شيدائي هئا، جو حضرت امروٽي جي وفات کانپوءِ سڀڪنهن جلسي ۾ اول حضرت امروٽيءَ جا گُڻ ڳائيندا هئا ۽ چوندا هئا "هاءِ هاءِ، اڄ اسان جو سفير وسائين امروٽي علمبردار، جلسن جو سينگار هن جلسي ۾ ڪونه ها." ائين چوندي، نه رڳو پاڻ، بلڪ ساري جماعت ۾ موج راڙو پئجي ويندو هو" (٢)

---

(١) ماهنامو "الرحيم" سنڌي ماهه سيپٽمبر ١٩٧١ع صفحو ٣ (ضياءالله غلام علي)

(٢) ماستر فتح محمد سومرو مرزاپوري - قلمي بياض - صفحو ٢٥ کان ٢٧.

سحبان سنڌ مولانا عبدالڪريم چشتي وري هيئن ٿو ساک ڀري:

”حضرت صاحب خوش طبع، متواضع، ڪشاده رو، رواداري، نرم دل ۽ مهمان نواز ته هئا ئي هئا، سيڪنهن سان اهڙو مهربان ۽ ڪريم ٿي هلندا هئا، جو هر ڪنهن سندن بلند اخلاق ۽ شفقت کي ڏسي، چوندو هو ته حضرت صاحب مون تي شفقت جو پتلو آهي. اگرچه هندن جي مسلمان ٿيڻ جو سلسلو جاري هو، پر وٽس هندن مردن خواه عورتن جو اچڻ ڪثرت سان ٿيندو هو. دعا گهرائڻ ۽ تعويذ وٺڻ لاءِ عام جام ايندا هئا. حضرت صاحب ساڻن بيحد پيار ۽ قرب سان پيش ايندو هو. ساڻن ڪلندو ۽ کين کلائيندو هو. سندن ٻارڙن کي خرچيون ۽ ٿيپون ڏيندو هو. حضرت قومي ڪم ڪندڙن ۽ اسلامي مبلغن جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. کين ڏاڍي محبت ڏيندو هو. سندن حوصلا افزائي ڪندو هو. کين مخفي طور مالي مدد ڏيندو هو. حضرت مولانا مرحوم تبراج جي واهن جا ايندڙ مسجدين جي بقا ۽ سلامتي لاءِ بيحد، بي مثال ۽ زوردار جهاد شروع ڪيو.“ (١)

مولانا عبيدالله سنڌيءَ تي، مولانا امروٽيءَ جي شفقت بابت مرحوم ابوبڪر شبلي لکي ٿو:

ترجمو: ”ڀرچونڊي ۾ مختصر قيام ڪرڻ کانپوءِ سڌو امروٽ شريف هليا ويا، جتي سندن روحاني والد ۽ مرشد حضرت ڀرچونڊي جو خليفو اعظم، قطب الاقطاب سيدنا تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه پنهنجي فيوضات روحانيءَ سان هر خاص و عام کي فيضياب فرمائي رهيا هئا.

مولانا عبيدالله صاحب سنڌي، حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ سان ڀرچونڊيءَ ۾ دوران قيام وقت ئي متعارف ٿي چڪو هو، انڪري کيس امروٽ ۾ اچي ڪا اجنبيت محسوس ڪانه ٿي. اهڙيءَ طرح پنهنجي روحاني والد جي وفات کانپوءِ هن حضرت سيدنا امروٽيءَ کي ئي پنهنجو روحاني پيشوا تسليم ڪيو ۽ انهيءَ سان ئي مستقل طور تي امروٽ ۾ گذاريندا رهيا جو اڪثر لاءِ اهو ڪيائين.“ (٢)

خود مولانا عبيدالله سنڌي، پنهنجي ذاتي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو:

---

(١) ماهنامو ”نئين زندگي“ - ماهه جون ١٩٥٨ع صفحو ٢٦

(٢) ماهنامو ”الرحيم“ (اردو) ماهه سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣١ (علوم ولي اللهي کي تعليم)

اردو عبارت:- آپ ڀرچونڈی میں مختصر قیام کرنے کے بعد سیدھے امروٹ شریف تشریف لے گئے جہاں آپ کے روحانی والد اور مرشد حضرت ڀرچونڈی کے خلیفۂ اعظم، قطب الاقطاب سیدنا تاج محمود امروٹی رحمۃ اللہ علیہ اپنے فیوضات روحانی .... عزم مستقم کر لیا۔

ترجمو: - "مان شوال ۱۳۰۸ھ ۾ سيد العارفين حضرت حافظ محمد صديق
ڀرچونڊيءَ جي ٻئي خليفي حضرت مولانا ابوالحسن تاج محمود امروٽيءَ
جي طرفان، امروٽ ضلع سکر هليو ويس، پاڻ ٻنهي ٻه ٽي ڏينهن
وارد وصادر ٿي رهيا هئا، مون منهنجي لاءِ پيئي ۽ واتنگهو انهن
منهنجو نڪاح سکر جي اسلاميه اسڪول جي معلم، مولوي
محمد عظيم خان يوسف زئيءَ جي نياڻيءَ سان ڪيو، منهنجي والده
کي به گهرايائون، جا آخر تائين مون سان گڏ رهي، انهن منهنجي
مطالعي لاءِ هڪ وڏو ڪتب خانو جمع ڪيو، مان سندن سايه
عاطفت ۾ ۱۳۱۵ھ تائين، نهايت اطمينان سان مطالعي
۾ مصروف رهيس." (۱)

مولانا حسين احمد مدني پڻ ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

"حضرت امروٽي نيڪ، پرهيزگار، نهايت جوشيلا بزرگ هئا.
سکر جي آس پاس انهن جو تمام گهڻو اثر رسوخ هو." (۲)

مٿين لکيتن مان مولانا امروٽيءَ جي فياضيءَ جي پوريءَ ريت پروڙ پوي ٿي، پاڻ علم، دين ۽ قوم خاطر جيڪي ڪجهه پاڻ پتوڙي، جاکوڙ ڪري رهيو هو، سو صاف ظاهر ۽ عيان آهي.

سندس والد صاحب راوي آهي ته وطن جي حُبّ، ڌارين کان آزادي وٺڻ ۽ اسلام کي تقويت پهچائڻ جي طرف رجحان مولانا امروٽيءَ جو چٽڪ پيدائشي جذبو ۽ جبلت هئي. سڄي حياتي ملڪ جي ڀلائيءَ ۽ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ گذاريائين. ان مقصد خاطر سنڌ ۾ آزاديءَ جي تمر جاڳڻ شرط، خلافت ۽ هجرت تحريڪن جو روح روان بڻجي بيٺو (نوٽ- مفصل احوال "قومي خدمت" ۾ ايندو)

هن سلسلي ۾ ابوالصدر فتح محمد سومرو لکي ٿو: -

(۱) ماهنامو "الرحيم" (اردو) ماه سيپٽمبر ۱۹۶۳ع ص ۲۲ (امروٹ میں علوم دین کی تعلیم)
اردو عبارت: - میں شوال (۱۳۰۸ھ) میں سید العارفین حضرت حافظ محمد صدیق ...... میں مصروف رہا
(۲) مولانا حسين احمد مدني - تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي - علمي مرڪز حيدرآباد ڇاپو سال ۱۹۵۹ع ص ۳۶

"حضرت مولانا تاج محمود امروٽي قدس سره، ديني جذبي ۽ جهاد جي اُمنگ جا گهوارا هئا، اهو جذبو کين ورثي ۾ مليو هو، جو پاڻ حافظ محمد صديق ڀرچونڊي نور الله مرقده سان وابسته هئا، اهي حضرت سائين سروري شريف وارن سان ۽ اهي جو تعلق حضرت پير محمد راشد رحمة الله عليه سان هو." (١)

اڳتي هلي، فرمائي ٿو:

"تبليغ، تربيت ۽ جهاد ۾ سندن مقصد لِلاهيت هئي" (٢)

مولانا امروٽي آزاديءَ جو سڪ ڏيندڙ هو. وطن جي حُب سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. پياري وطن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سنڌ ۾ سڀ کان اڳڀرو هو. انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ خلافت تحريڪ، قطع تعلقات، ترڪ موالات وغيره تحريڪن ۾ انتهائي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪيائين. دين جي حفاظت، سندس زندگيءَ جو اوّلين اُصول هو. ان ڪري "تحريڪ تحفظ مساجد" جو باني هو. مسجدين جي بچاءَ لاءِ، انگريزن خلاف سندس جهاد مشهور آهي. (تفصيل ايندڙ باب ۾ اينديون)

هن بابت فتح محمد سيوهاڻو هن طرح لکي ٿو:

"حضرت امروٽي جنهن سرڪار جي بد اراديءَ کي سمجهي ورتو، تنهن وقت جي آفيسر خواه بيراج جي حاڪمن کي ٻڌايو ته اسلام ۾ مسلمانن جي عبادت جون جايون مسجدون قيامت تائين قائم رهنديون، ڪنهن کي به انهن جي رد و بدل ۽ شهيد ڪرڻ جو حق نه آهي. ان ڪاسواءِ انگريزن، هندستان جي قوم سان مذهب جي آزاديءَ جي پاڪ جابين جا اقرار ڪري، هميشه لاءِ حفاظت جو وعدو ڪيو آهي، تنهنڪري مسجدين کان واهن کي بدلايو وڃي." (٣)

---

(١) ماهنامو "شريعت" ماه جون ١٩٧٦ع - مطابق جمادالثاني ١٣٩٦هه ص ٦ (فتح محمد سيوهاڻي)
(٢) ايضاً
(٣) ماهنامو شريعت ماه جون ١٩٧٦ - ص ٧ کان ١٢

مولانا امروٽيءَ جي وفات

مٿي ذڪر ڪيل آهي ته مولانا امروٽيءَ جي سڄي زندگي، الله جي راهه ۾ خلق جي خدمت، دين جي حفاظت، جهاد في سبيل الله ۽ تبليغ اسلام لاءِ وقف ٿيل هئي. سڄي حياتي جد وجهد ۾ گذاريائين. بس ڪري نه ويٺو. اسلام جي دشمنن، خاص طرح انگريز سامراج جي دل ۾ منجهانئس ناراض هئي. اُهن مولانا صاحب کي طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون، ايتري قدر، جو ڪيترائي ڀيرا منافقن جي هٿان زهر ڏيارايو هئائون.(۱) سندس والد صاحب فرمايو ته "مولانا صاحب تي اُن زهر جو اثر ايترو ته ديرپا رهيو، جو اونهاري جي موسم ۾ سندس مٿي تي ساواءِ ڦڪا ڦوڪڙا ٿي پوندا هئا، جن جي ڦيهڻ سان، اندران سائو پاڻي نڪرندو هو.

ان حقيقت کي ڊاڪٽر محمد صالح شاهه هن طرح بيان ڪيو آهي:

"برطانوي حڪومت لاءِ حضرت امروٽيءَ جو وجود ناقابل برداشت هو. مشهور آهي ته حڪومت ڪجهه طرح کين زهر ڏيارايو هو. اهو زهر ڊگهي عرصي تائين اثر ڪندو رهيو ۽ ان ڪري سندن جسم تي ڦلوڪڙا ٿيندا رهيا ۽ سندن ساري جسم تي ڦلوڪڙا نڪري پيا. حضرت امروٽيءَ جي طبيعت بهترين علاج جي باوجود ڪمزور ٿيندي رهي. پاڻ فرمائيندا هئا "انگريزن مونکي زهر ڏيارايو آهي ۽ هينئر آءٌ زنده رهي نه سگهندس." چنانچه هي عظيم رهنما ۱۹۲۹ع جي آخر ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري، اسان کان جدا ٿي ويا" (۱)

ساڳئي سلسلي ۾ ماستر فتح محمد سومرو مرزاپوري لکي ٿو:

---

(۱) تذڪرهٔ مولانا تاج محمود امروٽي - علمي مجلس حيدرآباد (ڊاڪٽر محمد صالح شاهه بخاري) صفحو ۱۵ ۽ ۱۶

"آقا امروٽ طبع جا انتهايت نازڪ مزاج هوندا هئا. ڪين شبهو مسلمانن
جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ، قوم ۽ ملت جو دلي درد هوندو هو.
خلافت تحريڪ وغيره جهادن لاءِ سندن ٽڪر انگريزي حڪومت
سان اصولي هو. سڀ قربانيون خدا جي رضا مندي خاطر ڪيائون.
دنيوي جاهه جلال سان سندن ذرو به لاڳاپو نه هو. اٿندي ڪرندي جوش
۽ جذبي جو اثر سندن نازڪ دل ۽ دماغ تي رهندو هو. ڪن
وقتن تي ڪين مخالفن ڪان ٽي دفعا زهر ٻيليو. ان حالت سبب
هميشه دماغ جي خشڪيءَ ڪان بادام روغن جي مالش ڪرائيندا هئا.
مفرح ۽ يا قوتيون دل جي طاقت لاءِ استعمال ڪندا هئا. ڊاڪٽر ۽ حڪيم
ڪين آرام ڪرڻ لاءِ هميشه صلاحون ڏيندا هئا، مگر هن شير اسلام،
مرد مجاهد جي جان، ملڪ و ملت لاءِ وقف هئي. فطرتاً سندن
طبع ڪين آرام ڪرڻ نه ڏنو ۽ جد و جهد ڪندي، ٧٢ ورهين جي
عمر ۾ اوچتو بيمار ٿي پيا. علاج معالجو ڪو به اثر نه ڪيو. ڪيترو
ڪان سندن جماعت وارا معتقد مريد، عالم ۽ خليفا طبع پرسيءَ
لاءِ اچڻ لڳا، جن سان پڇا ڳاڇا ۽ نصيحت آميز گفتگو ڪندا
رهيا. طبع سترڻ جي بجاءِ تمام نازڪ ٿيندي وئي. آخر
هيءَ مايه ناز بزرگ ترين هستي، علم ۽ توحيد جو روشن صبح
قطب الاقطاب، ٥ نومبر ١٩٢٩ع مطابق جمادالثاني ١٣٤٨ھ
بروز شنبه هڪ ٻهڪي رات جو غروب ٿي، ابدي حيات حاصل
ڪئي. "انا لله و انا اليه راجعون." (١)

مولوي نور الحق صاحب راوي آهي ته "بروقت پير منل شاهه راشدي ٽنڊي واري ۽ مولوي فضل الله سڪارپوري جو علاج هليو، پر فائدو ڪو نه ٿيو. سندن طبع روز بروز ويئي تمام هيٺي ٿيندي، سندن عزيزن، ميان نظام الدين شاهه ۽ عبدالرحمان شاهه (سندن پاٽين) ۽ خليفن کي گهرائي ورتو. پاڻ پنهنجي پياري خليفي مولوي عبدالعزيز ترڪپاٽين واري کي هڪ حڪيم ڏي هالا تي موڪليائون. پوئتان سندن حالت نازڪ ٿي ويئي. ان حالت ۾ به جماعت سان مجلس چالو هئي، جا ٻارهين ٻجي رات تائين هلايائون ۽ ڏاڍيون هدايتون ۽ نصيحتون ڏنائون. اتي هڪدم طبعيت ڦري ويئي. آخر ۾ فقط هڪ جملو هي فرمايائون

(١) ماستر فتح محمد سومرو مرزا پوري جي قلمي بياض ـ صفحو ١١٥

۽ "جنازي جي نماز خليفو عبدالعزيز پڙهائي" پوءِ وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيا. فقط آخر جو اشارو متي ڪري فرمايائون "الله جي حوالي" ۽ پوءِ روح ، خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. وصيت موجب مولوي عبدالعزيز ترڪيچائي واري غسل ڏنئي ، جنازي جي نماز اداڪئي . جنازي جي نماز ۾ جماعت جو شمار ڪرڻ کان ٻاهر هو . جلدئي سيئي خليفا ، مولوي احمدعلي لاهوري ، مولوي محمد صالح ماڻڪي وارو ، مولانا حماد الله هاليجوي وارو ، سيد دين محمد شاه ميان وارو پير منگل شاه راشدي ، مولوي عبدالعزيز ڪالا باغ وارو ، مولوي عبدالڪريم ڪهاڙو ، مولانا عبدالرحمان رستم وارو وغيره پهچي ويا .

حضرت جن کي اولاد ڪونه هو : ان ڪري سندن پاڻئي ميان نظام الدين شاه کي گادي تي وهاريو ويو ۽ جماعت جي تعليم ، تربيت ۽ نماز وغيره لاءِ مولوي عبدالعزيز ترڪيچائي واري کي مقرر ڪيو . پر ڪجهه وقت کانپوءِ گادي وارن سان ناسازي سبب ، مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ ترڪيچائي ۾ مدرسو قاسم العلوم جي نالي سان وڃي کوليو ، جو اڄ تائين مشهور آهي . گادي نشين ، ميان نظام الدين شاه به وفات ڪري ويو آهي ۽ هاڻي سندس فرزند مولوي ميان محمد شاه صاحب گادي تي آهي . (١)

مولانا امروٽي جي وفات ، حسرت آيات تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان افسوس جا مراسلا ۽ قطعهٔ تاريخ وفات لکيا ويا ، جي اخبارن ۾ ڇپيا هئا . امروٽي صاحب جي وفات تي مولانا چشتي

(١) مولوي نورالحق شيخ صاحب ، سنڌ يونيورسٽيءَ ڪئمپس جي زباني احوال ڪيو .

نوٽ:- اخبار جو هي ورق، ڪتاب مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هٿ آيو، جو شامل ڪري، جلد ٻڌايو ويو.

سپليمينٽ پيغام

آه! مولانا امروٽي

سنڌ جو فخر، توحيد ۽ سنت جو عاشق، هدايت ۽ معرفت جو آفتاب اسان کان جدا ڪيو ويو!!

انا لله و انا اليه راجعون

انتهائي صدمي ۽ حسرت سان دل مسان سڙهه آهون ڪڍندي ۽ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي هن واقعه جو اظهار ٿو ڪجي ته حضرت مجاهد في سبيل الله حامي الحرمين مولانا شاهه ابو الحسن تاج محمود امروٽي داعي اجل کي لبيڪ چئي واصل بحق ٿيو! آه!! مولانا جو وجود سلف صالحين جو يادگار هو هن جي هستي اهل اسلام لاءِ باعث برڪت هئي هو توحيد جو عاشق سنت تي فدا عابد ۽ ذاڪر ٻاهون دينداري جو روشن ڏيو هو اسان جا ڪم نصيب جو اهو ڏيو اجهامي ويو دل تي اندوهه ۽ درد جو پهاڙ ٽٽي پيو جنهن سڪت جي سهار خالقين جي سرداري جي العلل جي خبر ڪنن تي پئي تڏهن هٿ ڏڪي ٿو دماغ وڏڪ اڪٽ کان جواب ڏئي چڪو دل افسرده ٿي چڪي! الله سائين صبر جي توفيق بخشي حضرت مرحوم جو رشد ۽ هدايت نصيب ڪري

آه خالداد! اوچتو هيءَ دل ڏاريندڙ خبر پهتي ته پيارو وفادار مخلص خالداد خان نواب ايڊيٽر تنظيم ڪالهه رات رحلت ڪري ويو. (وڌيڪ ٻي دفعي)

ٻنهنجي هفت روزه اخبار "پيغام" ۾ خاص ضميمو شايع ڪيو، جنهن جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

آهه، مولانا امروٽي!

"سنت جو فخر توحيد ۽ سنت جو عاشق ۽ هدايت ۽ معرفت جو آفتاب اسان کان جدا ٿي ويو، "انا لله وانا اليه راجعون""

انتهائي صدمي ۽ حسرت سان دل مان سرد آهون ڪڍندي، اکين مان گرم ڳوڙها وهائيندي، هن واقعي جو اظهار ٿو ڪجي ته حضرت، مجاهد في سبيل الله، حامي الحرمين مولانا شاهه ابوالحسن تاج محمود امروٽي داعي اجل کي لبيڪ چئي، واصل بحق ٿيو. آهه! مولانا جو وجود سلف صالحين جو يادگار هو. هن جي هستي اهل اسلام لاءِ باعث برڪت هئي. هي توحيد جو عاشق سنت جو فدا، عابد ۽ ذاڪر بالطبع، دين اسلام جو روشن ڏيئو هو. اسان ماتم نصيب، جو اهو ڏيئو اجهامي ويو. دل کي اندر ۽ درد جو پهاڙ پيش آيو. جنهن سنگت جو سهارو خلافتين جي سربراهي انتقال جي خبر ڪنن تي پيئي ته هن صحت ڪٽي ٿو، دماغ ڏڪڙيڪ ڪن کان جواب ڏئي ڇڏيو ۽ دل افسرده ٿي چڪي. الله سائين صبر جي توفيق بخشي! حضرت مرحوم جو مُرشد ۾ هدايت نصيب ڪري" (١)

مختلف ماڻهن جي ٺهيل مرثين جا نقل هيٺ ڏجن ٿا:

مرثيا

مرثيه تاريخ وصال مخدومنا ومربينا حضرت ابوالحسن تاج محمود امروٽي صاحب قدس تعالى اسره القدس
از مولوي حاجي يار محمد سومرو خليفائي

چه تاخت لشڪر اندوه ناگهان زڪمين + غمين زمين و حزين آسمان ز ماتم اين
غمين است مادر وطن و غمين است دين قويم + غمين است دين قويم غمين است اين دين
ز انتقال ابوالحسن شاه امروٽي + بجمله واقع شد جانگداز و درچنين
ز بعد واقعه جانگاه رحلت نبوي + غريب آمده باشد چنو بروي زمين
ڪمال مظهر انوار حق درين ايام + سحاب رحمت بود بر سر اهل يقين
عميم فيض ڪريم الطبع عديم المثل + نديده باشي چون او بزير چرخ حمين
زبير ملت و هم قوم و وطن + معين و حامي و حامي وحيد و رديقين
برزم دشمن دين شير دل چو شير خدا + فضولي سخنم يا رخود تو باش امين
فدا و خيد اعلم بسيرت بنويش + ڪمال يافت بجا پرسم دين متين (٢)

---

(١) تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي ص ٤٥ (بحواله اخبار هفت روزه پيغام شڪارپور سال ١٩٢٩ع)
(٢) مولوي حاجي يار محمد سومرو علي خان وارو

قطعه نمبر ١

"از برائے شاہ کامل بہتر و بہتر نژاد - کرد رضواں جاء اندر روضۂ دار السّلام" (١)
١٣٤٨ھ

قطعه نمبر ٢

"دریغ درد آں شاہ تاج محمود م - سپرد جان عزیز خود زماں بحق" (٢)

استاد، مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب، علامه کاکیپوټه صاحب جي مرثئي لکڻ جي باري ۾ لکي ٿو:

"ان دور ۾ سنڌ جو سرتاج، مولانا تاج محمود امروٽي وفات فرمائي ويو. مولانا امروٽي برصغير جو هڪ وڏو مذهبي ۽ سياسي پيشوا هو. سڄي برصغير ۾ جلسا ٿيا، مرثيا لکيا ويا. مولانا علي محمد صاحب هڪ مرثيو لکيو، جنهن جو مطلع هي هو:

"بكت عيني على شيخ كبير
جرى دمعى كماء من غدير"

هن قصيدي اخبارن ۾ اوليت ۽ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي." (٣)

مرثیه بر وفات حضرت مولانا ابو الحسن شاہ تاج محمود امروٹی رحمة الله عليه

سینه بریاں چشم گریاں پست چوں ابر بہار - از وفات مرشد کامل بریں جانم نثار
قطب دوراں، غوث عالم، بود از آل رسول - شیخ و متوکل واجو دسخی پرہیزگار
پیشوائے عالمان و عارفان و عابداں - بر سر او تاج محمود از عطائے کردگار
رہبر راہ ہُدیٰ و ہادی خلق خدا - گمرہاں را رہنما آں صاحب عالی وقار
بود از اسوۂ پیر چو چشمۂ فیض رواں - زاں شدی سیراب پیرم خلق علم بشمار
بود تبلیغ و اشاعت مقصد او در جہاد - کوشش احیائے سنت شغل او لیل و نہار
روز و شب مجلس آں حضرت والا تبار - وعظ قرآن و حدیث و ذکر اسلاف کبار
نور پیشانی درخشاں بود ہمچو ماہتاب - زاں شدی تاریکی عصیاں ز دلہا بر کنار
گرچہ دانستند ویراں دشمن خود کافراں - آمدند از دست در دین احمد بیشمار
خلق را با خُلق کردی عاشق و شیدائے خود - بر ہر یک مہرباں ہمچو پدر بر بیکسار
خندہ پیشانی بہ ہر کس چوں گل خندان و عالم - سکه بجه از غم اسلام دائم دلفگار
چوں عبا پدر باجماعت خیمه زد بہر جہاد - ظالماں پسپا شدند از خلق پروردگار (٤)

---

(١) از مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي (بروايت پير شفيع محمد شاه امروٽي)
(٢) مولانا عبدالله چانڊيو - تعلقي ګڙهي ياسين جو رهاڪو
(٣) مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي - سه ماهي الرحيم ستمبر ١٩٦٦ع تا جولاءِ ١٩٦٧ع ص ٨٠
(٤) تذڪره مولانا امروٽي علي محمد حيدرآبادي، رساله ١٩ ص ٥٠-٥٥ بحواله پيغام (هفتيوار) اخبار ١٩٣٤ع

نوٽ: هي مرثيو ڪتاب مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هٿ آيو، جلد بندي ٿيڻ کان اڳ شامل ڪيو ويو
امروٽي شريف جي صاحبن جو مرثيو

مرثیه وفات حضرت ابوالحسن تاج محمود امروٹی رحمة الله

سینه بریان چشم گریان است چون ابر بهار — از وفات مرشد اکمل بران [illegible] نثار
قطب دوران غوث عالم بود از آل رسول — اشجع و متوکل واجد و بسی پرهیزگار
پیشوای عالمان و سار رفان و زاهدان — بر سر او تاج محمود از عطای کردگار
رهبر راه هدی او هادی خلق خدا — گمرهان را رهنما آن صاحب عالی وقار
بود از امروٹ بر سو چشمهٔ فیضش روان — سیر [illegible] شد روز و شب زان خلق [illegible] بیشمار
بود تبلیغ و اشاعت مقصد او در حیات — کوشش احیای سنت شغل او لیل و نهار
روز و شب در مجلس آن حضرت والا تبار — وعظ قرآن و حدیث و ذکر اسلاف کبار
نور پیشانی درخشان بود همچون آفتاب — زان شدی تاریکی [illegible] زد لها بر کنار
گرچه دانستند ویرا دشمن خود کافران — آمدند از دست او در دین احمد بیشمار
خلق را با خلق خود کردی عاشق و شیدای خود — بر مریدان مهربان همچون پدر بس غمگسار
خنده پیشانی به هر کس چون گل خندان مدام — لیک بوده از غم اسلام دائم دل فگار
مرد میدان با شجاعت خیمه زد بهر جهاد — ظالمان پس پا شدند از قهر [illegible] پروردگار
جابجا از جلسش اهل زمین هم کنار — اهل جنت بهر استقبال او بسته قطار
با حضور دل بمو شوکت که از رب العلا — باد هر دم بر روان پاک او رحمت نثار

نوحهء وفات

چو مرغ هيئن زوال ڏني يا روح ڪمال ڪيو + چو عندليب چمن ۾ بس قيل و قال ڪيو
اهل چمن جي دلين کي جنهن هو نڍال ڪيو + يعني ته تاج محمودؒ انتقال ڪيو
دل ۽ دماغ پريل هرڪنهن جو غم سان آ + جاري لهو جي ڌار شگاف قلم کان آ
بي پير آسمان تو ڪهڙو ستم ڪيو + تنهنجي ستم جي چڪر ۾ سو راج ڀڄي پيو
روشن جنهن کان مسلمان هر هڪ جو گهر هيو + جنهن ڪري ته ملڪ سنڌ جو مسرور ٿي ٿيو
ان جي غروب ٿيڻ کان عالم سياه آ + هر طرف هاءِ ناله و فرياد آه آ
سيني ۾ سڀ قوم جي آتش هئي مشتعل + صدمه سهيون هزار نه هو قلب مضمحل
پهلوان در الله رکيس اهڙي شير دل + هرگز هئي ولي نه هو پاءِ مستقل

اسلام جو هو مبلغ غازي و شير + بي خوف دين حق جو حامي ظهير هو
اسلام جو هو عاشق محب رسول هو + رحمت الله جو مثل هر دم نزول هو
علم و شرع جو گويا ان وٽ سمنڊ هو + حق جو طرف وٺي وڙهڻ ان جو اصول هو
عالم هو صاحب عمل شريعت جو گهر هيو + ان جو دماغ عقل ۽ حڪمت کان پر هيو

هر لحظه صدق دل سان محمد جي آهه دعا + باغ بهشت خالق اڪبر ڪري عطا
گو ٿي جدا ٿي سنڌ مان لاڏ المغرا + مجبور راضي آهيون جيئن حڪم خدا
قائم رکي الله سنڌ ۾ نام و نشان ڪي + توفيق ڏئي سنڌ ۾ ماندگان کي (١)

عقيدت جا گل

حضرت مولانا تاج محمودؒ امروٽيؒ جي خدمت ۾

عظمت اسلام جو زنده نشان هئي تنهنجي ذات
ڪفر جي هستي ۾ بس ! ڪوهه گران هئي تنهنجي ذات

(١) تون هئين مشڪل ترين حالات ۾ ثابت قدم
تنهنجو رتبي دان عرب، تنهنجو ثناخوان آ عجم
عالم اسلام ۾ آقا ! عيان هئي تنهنجي ذات
(٢) لرزه براندام ٿيا، تنهنجي اڳيان لات و منات
تو چٽيو تو ٽڙي سڀ جو الحاد وارو سومنات
دين ايمان جي بدولت درخشان هئي تنهنجي ذات

---

(١) شيخ محمد الله سنڌ هو اڪرت - تذڪره امروٽي ص ٩٩ - ٦٠ (هفت روزه پيغام شڪارپور ٢٠ بسم...

(٣) اي مجاهد مرد! تنهنجو داستان ڪمزور نه ڪان،
برتري تنهنجي جو ويهي، مان بيان ڪمزور ڪان،
سنڌ جي سيني تي گويا گلستان هئي تنهنجي ذات.

(٤) تنهنجي ادنيٰ هڪ اشاري سان پهڻ پاڻي ٿيا،
تنهنجا نڪتا گنهگارن سان اچي ساٿي ٿيا،
واٽ اونده ۾ خدارا! ڪهڪشان هئي تنهنجي ذات.

(٥) ولولا تنهنجا ٿيسي، طوفان ٿي موٽي ويا،
تنهنجي قدمن ۾ اچي ٿي تاج طاغوتي پيا
ڇا چوان مان داستان دردِ داستان هئي تنهنجي ذات

(٦) مينهن رحمت جا وسايا تو اچي امروٽ ۾
مومن ويهي ڪيا آباد تنهنجي اوٽ ۾
ضوفگن بيشڪ اي ميرِ ڪاروان هئي تنهنجي ذات

(٧) مسجدون پاڻي ۾ آهن، اڄ ٻه تنهنجون برقرار
تنهنجي عظمت جو نشان آهي هي بزميءَ نثار
ظلمت جي گرد ۾ آتش فشان هئي تنهنجي ذات (١)

---

(١) ماهنامو "التوحيد" سنڌي مارچ ۽ اپريل ١٩٧٥ع ص ٤٧ـ٤٨ (نثار بزمي مرادپوري)

معتبر اخبار "پيغام" شڪارپور جي پهرئين ورق جو فوٽو

مشهور نعت گو شاعر پهوڻ ڏلسواڻي ڪولري مشرف به اسلام ٿيو ۽ اسلام جو اعلان ڪيائين —

اڪٽيهه پنجين هزارن هندن جو جلسو ٿيو جنهن ۾ شاهه ولي جي برخلاف تقريرون ٿيون ۽ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته انهن کان قسم ٿي جهڙو ورلو ووڙو جهڪڙو شاهه ولي ۾ دسر ٿيو تنهن قانون شڪي ڪيدا سون —

حيوت ۾ وچولڏ ڙ خبرون

محبوب ڪمپ تعلقه ميرا خان ۾ اسلامي مدرسي جي هڪ ٻروهي شاگرد کي ٻهڪار وقت تي ڪندي ڪي ۾ هڪ نانگ اا اسپ ڏنگو جو ٿوري دير بعد مري ويو —

ڪراچي ۾ هڪ شخص بازار مان ڪاهي آڻي جنهن کڻڻ کي ڏيو ڪٿون ڪائي شرط ڪري هوا ۾ ٻه وقت مري ويون چار هلائن سان بچيون پاڻيون ٿيون.

شڪارپور! آه شڪارپور!!

شڪارپور کي اڄ ڪلهه تعالى جو قهر نو لڳو آهي — اڄ تپ، دست، پيچ، پاسي جو سور وغيره بيمارين جهرو جهائي ويٺيون آهن ڏينهن رات ڏينهن ڪانڌي جهونٿوري سات آهي — خدا يا رحم ——

نئين سهائيت مولوي محمد عبدالڪريم محمد عبدالله هاشمي شاهه رهند ڀروس لکيدر کي ڇپي پيغام آفيس شڪارپور مان پڌري ڪئي

باب پيو (شخصيت)

مولانا امروٽي بحيثيت مبلغ مولانا امروٽي جڏهن پير چونڊيءَ وارن، حافظ محمد صديق صاحب کان روحاني فيض حاصل ڪري، خلافت جو خرقو ڏنو، تڏهن سندس مرشد کيس امروٽ جي ڳوٺ ۾ رهڻ جو ارشاد فرمايو ۽ ان سان گڏ اُتي ظاهري توڙي باطني تعليم لاءِ تبليغ ۽ نشرواشاعت ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي هئي. جيئن ته وقت جا ڪامل ۽ اهل الله اشخاص، الله جي دين جي تبليغ، پنهنجو شيوو بنائيندا آهن، تنهنڪري مولانا امروٽيءَ به امروٽ ۾ اچڻ کانپوءِ، نه رڳو ظاهري تعليم لاءِ مدرسي جو بنياد رکيو، پر اسلام جي تبليغ لاءِ هڪ مرڪز پڻ کولي ڇڏيو، ڪيترائي اسلام جا طالب، غيرمسلم افراد، مولانا صاحب وٽ ۽ سندس حياتيءَ ۾ هميشه ايندا رهيا ۽ اسلام قبول ڪري، الله جي ياد ۾ مشغول ٿيا. روايت آهي ته مولانا امروٽيءَ جي هٿ تي تقريبًا ست هزار غيرمسلم ماڻهن اسلام قبول ڪيو. سندس والد صاحب ٻڌايو ته ڪو به هفتو خالي نه هوندو هو، جنهن ۾ ڪي نه ڪي غيرمسلم، درگاهه تي مسلمان نه ٿيندا هئا.(١) تبليغ اسلام جي ان ڪم ۾ مولانا امروٽيءَ کي ڪيترين ئي تڪليفون پهتيون، مگر امروٽي صاحب

---

(١) مولوي حبيب الله صاحب شهدادڪوٽي پنهنجي شعر (مرثيه مولانا امروٽي) ۾ نومسلمن جو انداز ڇهه هزار پنج سو (٦٥٠٠) لکيو آهي.

(٢) ماستر فتح محمد سومرو، مرزاپوريءَ، پنهنجي قلمي بياض ۾، مولانا امروٽيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيندڙ نومسلمانن جو انداز 7001 (ست هزار، هڪ) لکيو آهي، جنهن جي داخلا جو رجسٽر (درگاهه وارن جي چوڻ موجب) به رکيل هو، جو (بقول فتح محمد) ١٩٤٢ع وارئي ٻوڏ ۾ غرق ٿي ويو.

از مولوي حبيب الله صاحب شهداد ڪوٽي

سلطان المجاهدين حضرت امروٽي "قدس الله سره"

١- شهه بي تاج با تاج سوادت شاهه امروٽي
لباس فقر سلطاني مگر مغز سليماني - وڏا پيرو ۽ ڪئي ڪيڪر ۽ مشت خاڪ انساني
مهاپرزار سان جنهن ڪفر کي ڏالون تر آلي - ڏوا سلام جي قفل گران جو تيم تالي
ڏڪاري ره گور کي وحده جي راهه امروٽي
شهه بي تاج با تاج سوادت شاهه امروٽي

٢- اڳ پو جنهن گوشه محراب پر ايوان سلطاني - دوان شرڪ کي لوڙهو لئي جنهن سيلاب روحاني
ڪئين اولاد لي غالب هو جهمهو لرو ايماني - الڪا الحول سان جهجي اي طاغوتان اصراني
جو هو فرعون جي ڪيهو ڪليم الله امروٽي
شهه بي تاج با تاج سيادت شاهه امروٽي

٣- عصائي موسوي ڪنهن قبطين جي ڪڪب ۽ ڪوڙيون پلا فرعون مغرب کي بغير سدل ڪنهن اوڙيو
۽ استبداد جي هڪ هڪ صنم کي ڪيهري ڏڪ ٽوڙيو - اڳي للظلمين جو
بعطا ۽ تيسا الله ڪنهن جوڙيو
هو جورو ظلم جي ڪئي آمت تاگاهه امروٽي
شهه بي تاج با تاج سيادت شاهه امروٽي

٤- نڪيو ڪنهن حضرت العمران کلين ذاڙ داون کي - سون پيان کي
اوڏن کي مجوسين کي نصارن کي
دهڪ اين يا سون کي، (٨٥٠٠) پنجسا اٺن هزارن کي - اڃا ۽ شرڪ کان
ڪنهن ڪلمه گو اي شمارن کي
سکا ويو مشرڪن کي وردا لا اِلٰه امروٽي
شهه بي تاج با تاج سيادت شاهه امروٽي

٥- هو قائل سخت ملڪي غير ملڪي ۾ ترجمه جو - هو قطعا دشمن سيد سواد مغربي جو
سندس جڏباتب ۾ بڳرو هو جو هڙا شمعه جو - اڃرڪ ۾ سندس ضمير هو جڏ ۽ غزا ۽ ٻيمه جو
الڳ هئي ملڪ دار الحرب کان درگاهه امروٽي
شهه بي تاج با تاج سيادت شاهه امروٽي

٦- مدد ۾ هو پيمبر کاروتي روح الامين جهجو - هو پيشوا شاهه جيلان کان ولي اصحاڻ دين جهجو
هو باطل جي مقابل حق هميشه همٿان جهجو - هو رهبر هر قدر لئي خاص قرآن مبين جهجو
ڪثيل بيڪسان هيڻن سندو همراهه امروٽي
شهه بي تاج با تاج سيادت شاهه امروٽي

٧- علمبردار هو سيد حڪومت آسماني جو - هو ملڪو خاص سندس حڪمت و قرآن داني جو
هو جڏ ۽ ٻين مجاهد پيرسين کي لو جوانيءَ جو - سندس استاد هو خالد هو گويا پهلواني جو
حصي ۾ صدق جي آئي ولي الله امروٽي
شهه بي تاج با تاج سيادت شاهه امروٽي

٨- اُها بُنياد هو ڪامل مذهب وملت جو ڏنائين - هو آزاد مخشر شان جو بنياد جو ڏنائين
فرعونيت جو هو شرڪ ۽ بدعت جو ڏنائين - مسيح الملڪ هو توحيد ۽ سنت جو ڏنائين
بلاشڪ قوم لاءِ هو ٿيو باذن الله امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

٩- اداري جو تاج امروٽي ڪان ابوالحق ٿيا ڪنهن سوري عبدالصمد جو نالو عبدالله ڪابو ڪنهن
ٻئي تاز ڄڻ مسجد و ممبر اڏايو ڪنهن ٻلا ٿس و ٻڌل و سنگين سان سوڌو سهايو ڪنهن
هو حق جي واسطي اي حرف ٻي پرواهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

١٠- عزيزو، شاهه امروٽي هو شان اسوهٔ حسنه - سندس هر لفظ هو هڪ داستان اسوهٔ حسنه
عمل ۽ قول ۾ هو ترجمان اسوهٔ حسنه جماعت هئي سندس هڪ ڪاروان اسوهٔ حسنه
قرون الخير جو هو مظهر دلخواهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

١١- هو سرڪش سرڪشان مٿي شرا لبريز سان - مگر هو هر ادا عجز دل مظلوم رحمت سان
ذاڪر وارو هو مٺو هر سان حيا پيش سان هميشه سان - پهچي حسن عمل سان
استقامت پيش ليڪ ٿيو سان
اُها ئا وهما ڪامل سوان گمراهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

١٢- جي صورت ۾ اونهي لمو سيرت ابان باقي آ - عاشق جي روح ۾ ساڳي سلف
جي جان باقي آ -
ڪهي حضور ۾ عمر ٿوهه جهڙو حيوان باقي آ - ارادو جي سچائي سان اهو احسان باقي آ
رهي تو ڪار ٿو ما اڄ به عزو جاهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

١٣- وا پيس الناس ٻه حال جو ٿيل دستور اڄ بي آ - ۽ امو طوج دين الله جو ٿيو اڄ بي آ
تيرا چو لي لڪوٽي جو ڇڪڻا جو اڄ بي آ - دل آزو ۾ ساڳيو ئي ٿو ن ٿاسو راج بي آ
اُها يا باغ امو دوين سدا آواهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

١٤- محمد شاهه موجود آ نظام الدين موجود آ - اعلائِ ڪلمة جاري آ اعلان موجود آ
جهاد و رشد درس و دان جو آئين موجود آ - تقي الباسه وارو ورد محيي الدين موجود آ
ڏسو امروٽ جي پس ۾ آ ساڳيو ساهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

١٥- هي آهي سنڌ ۾ هڪ ئي نزول ٿر عادت جي جهاد و زهد تقوي ذڪر تسبيح و عبادت جي
سدا هي مذهبي قومي رها داري قيادت جو - دعا آهي "حبيبا" روز شب اهل ارادت جي
رکي قائم محمد شاهه سدا ڪاهه امروٽي
شهر اي تاج باتاج سدا دس شاهه امروٽي

هي شعر مولوي حافظ عبدالمجيد "صاحب" شهيد اشاعت جماعت امروٽ طرفان هاڻي ڇپيو.
الله جي بس سڪو

جمڙو مرد مجاهد، اهي تڪليفن جي ڪا پرواهه نه ڪندو هو. بابي سائين ٻڌايو ته ”حضرت جن فرمائيندا هئا ته بابا، اسان سنڌ ۾ ٿي رهنداسين اسلام جي ڪم ويٺا ڪريون، هن ۾ جيڪي به مشڪلاتون پيدا ٿين ٿيون، سي ٻاڻ تي آسان ڪري ڇڏي ته پوءِ اهي تڪليفون ”يار“ جي لاءِ دراصل، تڪليفون ئي نظر نٿيون اچن، پر راحت جو باعث ٿيون ٿيون. ڇاڪاڻ ته اسين پيدا ئي ”يار“ جي ڪري ٿيا آهيون ۽ اسانجو تن، من ۽ ڌن، سڀ ڪجهه سندس ئي آهي. اسان جي پنهنجي ڪا شئي ڪا نهي اسان جي ملڪيت جيڪا هن ڪا آهي ته فقط سندس ”رضا“ ئي آهي. پوءِ جنهن تڪليف ۾ ”يار“ راضي ٿو رهي، اها تڪليف ڪيئن چئبي؟ اها ته اسانجو منزل مقصود آهي. الله جي راهه ۾ ايندڙ تڪليف ۾ اسانجي بيحد خوشي سمايل آهي.“ (١)

ابوبڪر شبلي صاحب لکي ٿو:

> ”حضرت آقا امروٽي رحمة الله عليه جن جي زندگي جو مقصد هو دين جو احياءُ ڪرڻ ۽ مسلمانن ۾ ديني جذبو اسلامي شعور پيدا ڪرڻ. انهيءَ مقصد خاطر ٻاڻ ٻن ڳالهين تي زياده زور ڏيندا هئا، هڪ جهاد ٻيو تبليغ. اهي ٻئي اهڙا هٿيار آهن، جن سان باطل کي نيست و نابود ڪري سگهجي ٿو ۽ حق جو آواز بلند ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ٻاڻ هميشه انهن ٻن ڳالهين تي زياده زور ڏيندا هئا ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي به سور سختيون کين آڏو اينديون هيون، سي ڏاڍي خوشيءَ سان سهندا هئا.“ (٢)

مولانا امروٽي پنهنجي مرشد جي تعليم مطابق غير مسلمانن

---

(١) سنڌ ۾ والد صاحب جي زباني

(٢) ماهنامو ”مُوَحِد“ (حيدرآباد) ماهه مارچ ١٩٦١ع صفحو ٢٥ (ايڊيٽر مولوي عبدالحق رباني)

۾ اسلام جي اشاعت جو پروگرام مرتب ڪيو هو.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته اسلام جي اشاعت ۽ حضور پاڪ ، نبي ڪريمؐ جن کان وٺي ڪري ، اعليٰ اخلاق ۽ خلق عظيم سان ٿي آهي . ساڳيو ئي طريقو مولانا تاج محمود امروٽيؒ اختيار ڪيو ۽ ان تبليغي مشن کي احسن طريقي سان جاري ڪيائين. سندس جاذب شخصيت ۽ حُسن اخلاق ڪري، هندو توڙي مسلمان ، ننڍي توڙي وڏي ، ٻار توڙي ٻُڍي ، مطلب ته هر فرد کي پنهنجي پنهنجي دل آويز ۽ دلفريب ڪشش سان پاڻ ڏي ڇڪيو. توڙي جو ڪيترا هندو مسلمان ڪيا هئائين، تاهم وٽس هندو، جوق درجوق دعا پنڻ ۽ زيارت ڪرڻ لاءِ هميشه موجود هوندا هئا. جمعي جي نماز لاءِ شهر جي جامع مسجد ڏانهن ويندي، گهٽين ۾ هندو مرد ، عورتون ۽ ٻار ، دعا ڪرائڻ يا پاڻي پڙهائڻ لاءِ برتن کڻيو انتظار ۾ ويٺا هوندا هئا ته ڪڏهن ٿو ڪامل بزرگ هتان لنگهي. اُن وقت ۾ هندن جو سنڌ ۾ زور هو. هندن طرفان "شُڌي" پرچار به زور شور سان هلندو هو. اُهن مان ڪن متعصب هندن ، امروٽي صاحب جي خلاف ، تبليغ متعلق شور ڪيو ۽ مٿس ڪيس ڪيائون ، جي سالن جا سال هلندا رهيا، ليڪن مولانا امروٽيؒ جي تبليغي تحريڪ جيئن پوءِ تيئن زور وٺندي رهي، ۽ اُهي تڪليفون جهڙوڪ ميهڻن ۽ وانگر ڪافور ٿي ويون ۽ اسلام جي هميشه فتح ٿيندي رهي . (١)

---

(١) سنڌ جو والد بزرگوار جي زباني .

هن (تبليغ جي) سلسلي ۾ ڪي واقعات بيان ڪرڻ
جهڙا آهن جي هيٺ ڏجن ٿا:

شيخ نورالحق جو اسلام ٿي اچڻ

هن واقعي کي گهڻن ئي رسالن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ليڪن بنده خود مولوي نورالحق صاحب سان سنڌ يونيورسٽي، نئين ڪئمپس ۾ وڃي، مليو هو ۽ سندس زباني بيان تحرير ڪيو هيم. مولوي صاحب، پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو واقعو هن طرح بيان ڪيو:

"منهنجي دل ٿي نٿي چوي ته مان پنهنجو اسلام کان اڳ وارو هندُ ڪونالو وري ورجايان ۽ پراڻن کي مڪمل احوال ڪري، تنهنڪري اوهان کي ٻڌايان ٿو ته منهنجو اصلي نالو "مُورج" ۽ پيءُ جو نالو 'ميٺو' هو. اسانجو اصل ڳوٺ سنجر ٽني تعلقو شهدادڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو آهي، جتي منهنجو پيءُ سونارڪو ڪم ڪندو هو. مان ڳوٺ واري پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هوس. منهنجي دل ۾ ننڍي هوندي کان ئي وٺي، مسلمانن ۽ اسلام سان محبت هوندي هئي. سڌائين جي مجلس وڻندي هيم. اسڪول جا ڪي ماستر حضرت امروٽيءَ جي جماعت جا هئا. اُهي پنهنجي مرشد ۽ اسلام جون ڏاڍيون سُٺيون ڳالهيون ڪندا هئا، جي مان غور سان ويهي، ٻڌندو هوس. ڏاڍو مزو ايندو (١)

---

(١) مولوي نورالحق جي زباني

تصديق

بنده مولوي حافظ فقير رشيد احمد ولد مولانا عبدالڪريم ڪھاڙي سورائي رحمة الله عليه -

تصديق ٿو ڪريان ته منهنجي والد مولانا عبدالڪريم ڪھاڙي اعليٰ حضرت امروٽي رحمة الله عليه بابت جيڪو احوال مون سيد جناب محمود شاه صاحب پير جهنڊي واري کي ٽيپ رڪارڊ تي لکائي ڏنو آهي سو تصديق شده ۽ سچو آهي - مون پاڻ ڏٺو ۽ لکايو آهي

فقير رشيد احمد ولد مولانا سيف الاسلام عبدالڪريم مرحوم سورائي

پتو واپا نوڏيره - پوسٽ ڪوريجا - ڳوٺ ڪوٺ ٻلو - تعلقه نوڏيره

دام ظلكم

بخدمت جناب اعليٰ محترم مكرم عزيزي محمود شاه -

دعا لي - عرض ڪاغذ موجب لکي موڪليان ٿو آمين - ڪوشش ڪري جواب ڏيندا دعا سان ياد ڪندا

[illegible]

جناب محمود شاه صاحب جيڪو احوال مون بابت پير صاحب سائين امروٽي بابت ڏنو آهي سو صحيح آهي مون ٻڌو ۽ ڏٺو ۽ لکايو آهي

[illegible]

ھنوقت سگهرت پذير ڪالونڪ نيو نورسٽي [illegible]

[illegible]

هو، هڪ ڏينهن مان پنهنجي مسلمانن دوستن کي مسلمان
تيڻ جو خيال ڏيکاريو. اُهن مونکي چيو ته جيڪڏهن حضرت
امروٽيءَ جن وٽ وڃي، مسلمان ٿيندين ته تنهنجو نالو رجسٽر
۾ داخل ٿيندو۽ بچاءُ به ٿيندو؛ يعني تنهنجو نالو ڪوبه نه
ونندو. اهو خيال ڪري، مان پنهنجي مسلمان ساٿين
سان گڏ، لڪ چوري اچي، امروٽ پهتس. سائينجن اُن
وقت درگاهه تي موجود ڪونه هئا. ڏنم ته ننگر تي ڪن
هندن به پئي خدمت ڪئي. مونکي هندڪي پوشاڪ
۾ ڏسي، مون کان پڇڻ لڳا ته تون هت ڪيئن آيو آهين؟
چاڪاڻ ته ڪين خبر هئي ته ڪي هندو سوال ڪئي، ايندا
آهن ته ڪي مسلمان ٿيڻ به ايندا آهن. مون کين ٻڌايو ته
مان مسلمان ٿيو آهيان پر هتي حضرت جن وٽ ڪي رجسٽر
۾ داخلا ڪرائڻ، ڪجهه سکڻ ۽ بچاءَ لاءِ آيو آهيان.
اُهو سال ١٩٢٧ع هو ۽ منهنجي عمر تقريبًا سورنهن ورهيه
هئي. پوءِ اُهن هندن منهنجي ڳوٺ جي پڇا ڪئي ۽ اُتان
درگاه تان هڪڙو ماڻهو موڪليائون، امروٽ جي هندن
کي ٻڌايائون، جن هڪدم منهنجي ڳوٺ ماڻهو موڪليو.
شام جو حضرت سائين جن، ڪن ولري بنگلي تي پهتا
۽ کين اُتي ئي منهنجي خبر پئي. مون ڏي ان وقت
ئي هڪ ماڻهو هت دلجاءِ ڏياري موڪليائون ته ڪو (١)

(١) مولوي نورالحق شيخ جي، پنهنجي زباني -

فڪر نہ ڪرمان صبح جو پهچي وينديس، صبح جو درگاہ
تي تشريف فرما ٿيا. هو ڏاڍو پهاڙي ۽ شهر جا سڀ
هندو واڇي، مون وٽ سهڙيا ۽ مونکي بہ غلاٽ لڳا.
چيائون تہ تون رڳو ايترو چئو تہ مان پُل ۾ زور سان
هتي پهتو آهيان، انهن جي ڪشمڪش هلندڙ هُئي تہ
سائينجن بہ پهچي ويا. اچڻ شرط مونکي گهرايائون. هُرو
بہ سيئي سارا هَليا ۽ جماعت بہ وڏي وٺي هُئي. حضورجن
سڀني مجموعي جي آڏو مون کان پڇيو تہ "باباڪيئن آيو
آهين؟ ڪنهن زور سان آندو اٿئي ڇا؟" مون صاف
صاف چئي ڏنو تہ 'مونکي ڪنهن بہ زور سان نہ آندو آهي.
مان اڪيلو آيو آهيان. هنن هندن مونکي ڏاڍو ڪِڪِ ڪيو
آهي، نوازش فرمائي ڪين چئو تہ هتان هليا وڃن ۽
مونکي پريشان نہ ڪن؛ تنهن تي هندن حضورجن کي
چيو تہ 'هي ڇوڪرو سنگت ۾ ڦاسي، هتي آيو آهي. هن کي
چئو تہ اسان سان خلاصو ڳالهائي. شايد گهران ڪاوڙجي
آيو هجي؛ مون اُنهن کي صاف جواب ڏنو تہ "مان ڪنهن
سان نہ ڳالهائيندس، نہ ڪنهن سان هلندس؛ ڪين حضرت
جن فرمايو تہ 'بابا، مان نہ هن کي هتي آندو آهي، نہ
سمجهايو آهي. تو هان ڪيس ڪٿ ڪي مجبور ڪيو آهي، پر
هو تو هان کان بيزار آهي؛ پوءِ هو هليا ويا. ٻئي ڏينهن (١)

(١) مولوي نذير الحق شيخ جي ء پنهنجي زباني

تي حضرت جن چڪ جي مدرسي جو معائنو ڪرڻ تي
ويا، جو پاڻ برپا ڪيو هئائون. چڪ جي آسپاس، باگڙجي
تائين سائين جن جي جماعت هئي. مونکي گهرائي چيائون
ته "تون به هلندين يا اتي هوندين؟" مون ساڻن وڃڻ جو
خيال ڏيکاريو. پاڻ به فرمايائون ته "چڪو پلاهل متان هتان
جاهندو توکي ستائين"، پوءِ گڏجي، باگڙجي اسٽيشن
تان لهي، بگي ۾ چڙهي، چڪ پهتاسون. چڪ جي
ٻاهران، سنڌ پنڌ تي جماعت استقبال لاءِ بيٺل هئي،
جن ۾ هندو به شامل هئا. شام جو حضرت جن گوٺ تيار
ٿيا. جماعت جي گهڻي ئي چوڻ سان رات نه رهيا. فرمايائون
"مون اڄ شام هندن سان ملڻ جو انجام ڪيو آهي؟" پوءِ
بگي تي چڙهي، باگڙجي اسٽيشن ڏانهن روانا ٿياسون
مان حضرت جن سان اڳين خاني ۾ ويٺو هوس. مون ڏٺو
پوئتي منهن ڪري ڏٺو ته اسان جي پوئتان هڪ بگي هندن
سان ڀريل پئي آئي، جنهن ۾ به هندو منهنجا مائٽ هئا.
اُهي اسان جي پيڇي ڪرڻ لاءِ تي آيا، اسانکي اچي پهتا.
وٽن بند وقوف به هيون. اُهي مون کان پڇڻ لڳا ته ڪيڏانهن
تو وڃين؟ ڇو ڪيئن آيو آهين؟ اسان سان گڏجي گهر هل،
پر مون کين صاف جواب ڏنو. هنن حضور جن جي دهشت
کان ڪجهه نه ڪڇيو، ۽ باگڙجي شهر ڏي هلياويا. اُهن (1)

(1) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

ڏينهن ۾ باگڙجيءَ ۾ هندن جو وڏو ميلو هو، جنهن تي پنج، ڇهه هزار هندو آيل هئا. جو اسي شهرن جو وڏو هندو مکي به اُتي رهندو هو. حضرت جن بگيءَ تان لهي، اسٽيشن باگڙجيءَ جي ويٽنگ روم ۾ (گاڏيءَ اچڻ تائين) اچي ويٺا. ساڻن سان گڏ به خليفا، هڪ يار محمد پٽو ۽ ٻيو يار محمد موچي به هئا. حضرت جن فقير يار محمد پٽي کي ساڻ ڪري، ضروري حاجت لاءِ ٻاهر نڪري ويا ۽ مان ۽ يار محمد ويٺا هئا سون ته اوچتو ڏکڻ طرف کان هندو اسٽيشن ماستر، ويٽنگ روم جو در زور وارو کولي، اندر اچي ويٺو. جلد ئي سندس پويان ڏاڍن ۾ خلق ڏسڻ ۾ آئي، جي سڀ هندو هئا ۽ اُهي اندر اچڻ لڳا. فقير يار محمد موچي کين ٻري ڪرڻ لڳو، پر ٻجهاءِ ٻري تيرڻ جي، هو زور سان اندر اچڻ لڳا. سندن هٿن ۾ لٺيون ۽ لڪڻ هئا. فقير يار محمد گهوٽي لَٺ ڦيرائي، پر سندس لَٺ ڦري، مونکي زور سان ڪڍي، باگڙجي شهر ڏي وٺي ويا. (١) ٻاهر هزار کن هندو بيٺا هئا. مونکي پهريائين هڪ مندر ۾ نيائون، جتي پنهنجا شگن سان ڪيائون، منتر پڙهيائون، چنبا وڌائون. پوءِ اتان وٺي، وچ شهر جي هڪ ماڙيءَ تي هڪ ڪمري ۾ رهايائون. رات جو وقت هو. ميلي تي جيڪي سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي، خيرپور ۽ حيدرآباد وغيره کان جيڪي به وڏا وڏا مکي هندو

---

(١) مسٽر فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي قلمي بياض ۾ لکيو آهي ته جنهن وقت هندو، ويٽنگ روم مان نورالحق کي زوريءَ ڪڍي آيا، تنهن وقت مولانا اسرهڙي ڪتي ويٺل هو، نورالحق آبا، ابا ڪهاڻي مولانا اسرهيءَ کي جهڙي پيو ته پرهوڪيس زوريءَ ڪڍي هليا ويا.

آيل هئا، انهن سيني اچي مونکي سمجهايو ته اسانجو ڌرم ڇڏيو آهي،
اسين شُدر ٿيل آهيون، مسلمان ڇت جاهل آهن وغيره وغيره،
ڪي وري ڦيٺا ۽ منتر پڙهي، پيا ڦُوڪا ڏين، مون سمجهيو ته هنن
سان ضد ڪرڻ خراب آهي، ڇو ته متان مونکي هٿان ڇڏائي
ڪيڏانهن ڪڍي نه وڃن، ان ڪري کين راضي ڪرڻ خاطر
چيم ته نشي جي حالت ۾ هوس. سنگت (١) ۾ ڦاسي، اچي
هتي نڪتو هوس. هاڻي مان اوهان وٽ ئي رهندس. ان ڪري
هندو دلاسي ۾ رهيا.

پوءِ تان حضرت جن جڏهن واپس وينگ روم تي آيا
ته کين فقير يار محمد موچيءَ سڀ ماجرا بيان ڪئي ۽ ان سان
گڏ مونکي به ڏيکاريائون، سو ڏاڍي جوش ۽ جلال ۾ اچي ويا،
اتفاقا باگڙجي پوليس ٿاڻي جو صوبيدار به سکرڪان گاڏيءَ ۾
اچي اسٽيشن تي لٿو. سائينجن سائس سڀ ڳالهه ڪئي،
صوبيدار عرض ڪيو ته "سائين، حڪم ڪيو ته ڇا ڪجي؟" سائينجن
کيس فرمايو ته اوهان ٻه پوليس وارن کي شهر کان ٻاهر نڪرڻ
گهٽين جي گهٽن تي بيهاري ڇڏيو، جيئن ڇوڪريءَ کي هندو ٻاهر
نه ڪڍي وڃن. سائينجن پوءِ اسٽيشن تي ئي رهيا، ڪيڏانهن نه ويا.
ٿانگي وارو جيڪو واپس ڇڪر ڏانهن موٽي ويو، تنهن موٽندي،
پسگردائيءَ جي مسلمانن کي اهو واقعو ٻڌائيندو ويو. اُن ڪري

---

(١) مولوي نورالحق صاحب ٻڌايو ته ڳوٺ کان جيڪو سنگتي مونکي امروٽ شريف وٺي آيو هو،
اُن جو نالو ٿريل شاهه هو. شاهه صاحب شهدادڪوٽ جي ويجهو محلا جروار جي ڳوٺ
جو رهاڪو هو.

جي اندر حضرت جن جي جماعت جا فقير هزارن جي تعداد ۾
اچي، سٽيشن تي گڏ ٿيا ۽ سائينجن کي عرض ڪيائون ته حڪم
ڪريو ته باگڙجي شهر ۾ گهڙيون، هندن وٽان زوريءَ ڇوڪرو
وٺي واپس آڻيون؛ پر حضرت جن کين منع ڪئي، ڳوٺ شهر
کان ٻاهر ويندڙ گهٽين تي نظرداريءَ ڪرڻ لاءِ چيائون، هو ته
نه ڳوٺ گهٽين تي، پر گهر گهر جي درن تي بيهجي ويا.
هندن ايتري خلق ڏسي، پنو ڪان ڪليڪٽر، ايس-پي،
سکر، گورنر ۽ وائسراءِ کي تارون ڪيون ته وڏي فساد ٿيڻ جو
امڪان آهي ۽ اسان نجون جانيون خطري ۾ آهن. هوڏانهن
حضرت جن صوبيدار جي معرفت سکرواري وڏيري يار محمد
پُنهي ۽ شيخ عبدالله ڏي اطلاع موڪليو. پُنهو صاحب، شيخ
عبدالله سان گڏجي، رات جو ڏهين بجي مهل، سکر
جي ڪليڪٽر وٽ پهتو. حضرت امروٽيءَ جو نياپو به پهچايائين،
۽ سڄي رُوئداد بيان ڪيائين ۽ چيائين ته جيڪڏهن
ڇوڪري کي هندن گم ڪري ڇڏيو ته وڏي فساد ٿيڻ جو
امڪان آهي ۽ پوءِ ماڻهو اسان جي قبضي ۾ اچي نه سگهندا.
ڪليڪٽر صاحب اُن ئي وقت ايس-پي سکر کي اطلاع ڏنو،
مال گاڏيءَ ۾ ڪافي پوليس موڪلي ڏني. ساڻن گڏ هڪ
يورپي پوليس انسپيڪٽر به ڏنائين. اهي سڀ اچي سٽيشن
تي سائينجن سان مليا ۽ پوءِ باگڙجيءَ ۾ پهري تي بيهجي ويا. (1)

---

(1) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

انسپيڪٽر صاحب هندن تي زور رکيو ته "چوڪرو پيدا ڪريو". آخر صبح جو سج اڀرڻ بعد هندن چوڪرو پاسي وٺي ته "اسان وٽ آهي ۽ رضا خوشيءَ سان آيو آهي. هن کي زور سان ڪنيو ويو هو. انهن چوڪريءَ کان بيان ورتو ۽ مسلمانن جي فساد کان بچايو". پوءِ پوليس جو وڏو عملو انسپيڪٽر ۽ مشيرن سان گڏ مون وٽ پهتا. انهن کان اڳ ۾ مکيه هندو مون وٽ آيا، بيان ڏيڻ جا الفاظ سمجهائي ويا. مون ظاهري ته "هائو" ڪئي. پوءِ مونکي متان آهي، انسپيڪٽر وٽ هيٺ وٺي آيا. انسپيڪٽر صاحب مونکي ڪرسيءَ تي ويهاريو. اتي هندن ڏانهن ڪيون ته هتي ماڻهن جو انبوهه آهي، ڪنهن جدا جاءِ ۾ بيان وٺو؛ ان تي انسپيڪٽر صاحب ماڻهن کي پري ڪرائي، مونکي سٽيشن تي وٺي آيو. ويٽنگ روم جي هڪڙي ڪمري ۾ ويهي، مون کان بيان ورتائين. اندر بئگر جي ٽاڻي وارو صوبيدار به هو. مون بيان ڏنو ته "مان پاڻ بنا ڪنهن نشي يا زور زبردستيءَ جي مسلمان ٿي، حضرت جن وٽ آيو آهيان، ساڻن گڏ جيڪب آباد جي جلسي تي ويا هئاسون، اتان واپس موٽڻ تي هندن مونکي زور سان کنئي، ويجهي شهر ۾ لڪايو ۽ ڪوڙي بيان ڏيڻ لاءِ زور ڪري رهيا هئا، مان پنهنجي رضا خوشيءَ سان مسلمان ٿيو آهيان"؛ تنهن تي انسپيڪٽر صاحب انگريزيءَ ۾ صوبيدار کي ڪجهه چيو (١)

---

(١) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

جنهن تي صوبيدار صاحب مونکي ٻئي ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ پوليس
جي پوشاڪ پارايائين ۽ تي چار پوليس وارا ساڻ ڏنئي،
مال گاڏيءَ جي آخري گاڏي ۾ اچي وهاريائون. اُتي اٽڪل
ڪلاڪ پوليس ويٺي هئي. اچي سڪرنڊ لٿاسون. ڪليڪٽر صاحب
بيان ورتو، بيان ساڳيو ئي ڏنم. اُتي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ٻيا آفيسر
به موجود هئا. ڪليڪٽر جي بنگلي جي ٻاهران (ڏکڻ ۾) اسان
مسلمانن جي جماعت جا ماڻهو ۽ هيڏن جا مشائخ اچي گڏ
ٿيا هئا، اُن ڪري بيان ڪانپوءِ ڪليڪٽر صاحب، مونکي بنگلي
جي اُتروارې دروازي کان ڊپٽي ڪليڪٽر سان گڏ هڪ
ڪار ۾ وهاري، پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ پهچايو. اهي خبرون
صوبيدار صاحب، حضرت امروٽيءَ کي پئي ڏنيون. باقي ٻئي ڪنهن
کي به خبر ڪانه هئي ته ڇو ڪري ڪيڏانهن ويو. مان پندرهن
ڏينهن پوليس جي حوالي هوس. اُن کانپوءِ ريلوي پوليس جو
ڪپتان ڪراچيءَ کان سڪرنڊ اسٽيشن تي آيو. رات جو ٻارهين بجي
مونکي اُتي گهرايائين. ڪپتان صاحب وٽ به ساڳيو ئي بيان ڏنم،
پوءِ ڪپتان صاحب، مونکي پنهنجي اسپيشل ٽرين ۾ کڻي، اچي
جيڪب آباد اسٽيشن تي لاٿو، جتي ريلوي جو صوبيدار
اڳيئي حاضر بيٺو هو. ڪپتان صاحب مونکي ان جي حوالي
ڪيو ۽ هدايتون ڏنائينس ته ”ڪيس حفاظت سان رکج.“ هُنَ (١)

(١) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

موکي جهنگ جي طرف کان ڦيرائي، وچي هڪ جاءِ جي ماڙيءَ
۾ مٿي رهايو. هڪ مهينو اُتي رهيس. صوبيدار منهنجي
ڏاڍي خاطرداري ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن پوليس سان گڏ
ٻگيءَ ۾ چاڙهي، شهر جي ٻاهران چڪر هڻائيندو هو.
مهيني کان پوءِ صوبيدار مٿي چڙهي آيو ۽ چيائين ته،
"توکي سکر واري ڪليڪٽر گهرايو آهي. پوءِ سنبري، پوليس
سان گڏ، سکر آيس. سکر جي ريلوي سٽيشن تي سکر وارو
ريلوي صوبيدار آيل بيٺو هو، جنهن موکي اهو ڏينهن
پاڻ وٽ رهائي، شام جو ڊُر محمد پناڻ جي بنگلي تي
حضرت امروٽيءَ جن سان ملايو. اهو بنگلو حضرت جن جي حوالي
هو. اُهارات حضرت جن جي خدمت ۾ گذري. هوڏانهن
هندن منهنجي صغير هجڻ جي دعويٰ ڪري، سيشن جج
وٽ ڪيس ڪيو هو ته سورهن ورهين جو صغير آهي،
مسلمان ٿي نٿو سگهي. هن لاءِ مختيارڪار شهدادڪوٽ
کان منهنجي جنم جو سرٽيفڪيٽ ۽ دائيءَ جون شاهديون
پڻ ڏيار ليون هئائون. هندن طرفان ٻه مشهور وڪيل،
پوچسنگ ۽ مُرلي ڌر موجود هئا. حضرت جن جي
طرفان فقط هڪ وڪيل مرزا عبدالرحمٰن، جيڪب آباد
کان پاڻهي مفت ۾ آيل هو. ڪيس سائينجن ڪونه ڇيو
هو، جنهن ڪورٽ ۾ وڃڻ جو وقت ٿيو ته هنن سڀني (١)

(١) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

جماعت (جنهن ۾ نُلاهه وارو پير منل راشدي، شيخ عبد الله سکر وارو، وتيرو يار محمد پٺو سکر جو ۽ مرزا عبدالرحمان وڪيل به هئا) سائينجن کي عرض ڪيو ته ”قبلا دعا ڪريو ته خدا فتح ڏئي، جو ججُ مرهٽو هندُو ڏاڍو سخت آهي ۽ هندُن جا وڪيل به تمام مشهور ۽ هوشيار آهن.“ پاڻ فرمايائون ”توهان ڏجو، اسان جو ڪارساز الله آهي، ڪا پرواه نه ڪيو. ڇوڪرو پڪو مسلمان آهي.“

اُن ڪيس کان به ٽي ڏينهن اڳ، حضرت جن پريالو مخدوم محمد اسماعيل صاحب جي درگاه تي ويا هئا. اوڏانهن اچي، جماعت کي ٻڌايو هئائون ته ”مخدوم صاحب فرمايو آهي ته ”ڇوڪرو پڪو مسلمان آهي.“ دلجا ڪريو. جنهن وقت ڪورٽ ۾ پهتاسون ته وڪيلن انگريزيءَ ۾ گهڻائي دليل پيش ڪيا. اسان جي وڪيل، مرزا عبدالرحمان، فقط به ٽي اکر هي ڳالهايا ته ”سائينءَ جي ڏاڙهي لڳل ظاهر آهي، پڪ بالغ آهي“. جج ڪجهه به نه ڪڇيو، عمون کان پڇيائين ته، ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“ مون چيو، ”منهنجي عمر ارڙهن (۱۸) سال آهي.“ ۽ تائيد ۾ سول سرجن (جو يورپي هو) سکر جو اهڙو سرٽيفڪيٽ به پيش ڪيو، جو اڳ ۾ ورتو ويو هو. جج مون کي چيو ته ”تون جيڏانهن وڃين، تيڏانهن وڃ.“ مون ڏٺو ته آفيس جي اتر طرف هزارين هندُو جمع ٿيل هئا ۽ ڏکڻ طرف به ٽي سو جماعتي (۱)

---

(۱) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

مسلمان هئا. مان ترڪن طرف هلڻ لڳس ته اُترڪان هندو، ڪلارڪن واريءَ آفيس ۾ ڪاهي پيا؛ ڇاڪاڻ ته هندو ڪلارڪ به اُنهن سان بدل هئا. هنن جو اهو خيال هو ته ڪيس زوريءَ ڪڍي، ڪنهن هندوستاني رياست ۾ وڃي ڇڏيون. تنهن وقت اڳ لاڙڪاڻي مان هڪ هندو عورت مسلمان ٿي هئي. هندن ان کي پڪڙي، وڃي، هندوستان جي هندو رياستن ۾ گم ڪيو هو. منهنجي لاءِ به ساڳيو ئي خيال هُين، سو مونکي وٺي، پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳا، پر جلد ئي مسلمان اچي پهتا، جنهن ڪري، مونکي ڇڏي، ڊنائون. پوءِ مان جماعت سان گڏجي، حضرت جن ڏانهن هليس. واٽ تي پير منگل شاهه جماعت وارا مولود چوندا، سڀ وحضرت صاحب جن وٽ درمحمد پٺاڻ جي بنگلي تي پهتاسون ۽ حضرت جن شڪراني جي دعا گهري.

يادرهي ته جڏهن هندو مونکي باگڙ جي ٽنڊن تائين زوريءَ ڪڍي ويا، تڏهن حضرت جن جماعت کي چيو ته "جيستائين هي ڇوڪرو واپس نه ورندو، تيستائين درگاهه تي موٽي نه وينداسين." اهي ٽي چار مهينا، جيستائين سرڪاري ڇڪتاڻ پئي هلي، تيستائين حضرت جن سکر ۾ درمحمد پٺاڻ جي بنگلي تي رهيا پيا هئا، گوٺ نه ويا. اُتي ايتري خلق ايندي هئي، جو سمورو بنگلو، (١)

(١) مولوي قمرالحق شيخ جي زباني

هميشه پر يل هوندو هو. حضرت جن جو ننگر تنهن وقت
هلندو هو. ٻه ٽي ٻورچي مقرر هئا. ٻوڙ پلاءُ پئي هليو.
ان کانسواءِ شهر جو هڪ نانوائي دڪاندار، گل محمد پناڻ
هر هڪ وقت تي وڏو ديگڙو ٻوڙ جو ۽ ٽيهه چاليهه مانيون
آڻيندو هو. اڃا تائين اهو دڪان، سکر ۾ موجود آهي؛ پر
گل محمد فوت ٿي ويو آهي.

هڪ دفعي، وڏيري يار محمد پنهي ۽ عبدالله شيخ
حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته "قبلا، ايترو ننگر،
جو ٽن چئن مهينن کانوٺي، سکر جهڙي شهر ۾ هلندو پيو
آهي. اِنهي ته حبيبي خان جي جاگير به نه پڄي، جو ته
خلق سون جي تعداد ۾ نه، پر هزارن جي تعداد ۾ پئي اچي،
اوهان وٽ ايتري آمدني به نٿي ڏسجي. اهو خرچ ڪٿان
ٿا پورو ڪريو؟" شيخ عبدالله عرض ڪيو ته "قبلا اهڙو ڪيميا
جو نسخو ته اسان کي به ڏئي ڇڏيو، تنهن تي سائين جن جوش
۾ اچي، چيو ته "اي عبدالله! (آڱر جو اشارو ڪري) اسان جي
ڪيميا آهي، توحيد جو ڪلمو، 'لا اِلٰه الّا الله'. ان ۾ ايڏي
برڪت آهي، جو مٽي کي به سون ڪري ڇڏي. پوءِ جلدئي
سنبري، جماعت سوڌا ڳوٺ هليا آيا.

حضرت امروٽي جن، ٻاگڙجي جي هنڌن تي، واقعي
وقت ڪي ٽرجو ڪيس ڪيو هو. ڊپٽي ڪليڪٽر شڪارپور (١)

(١) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

واري، ڪيس هلائي. اُنهن تي ڇهه، ڇهه مهينا جيل ۽ هزار
هزار رپيا ڏنڊ رکيو. هيٺين ورڪي ڪليڪٽر وٽ اپيل ڪئي
جنهن ۾ جيل معاف ٿين، باقي ڏنڊ ڀري ڏنائون. پوءِ
مان امروٽ شريف ۾، سائينجن وٽ رهڻ لڳس. سائينجن
گهڻو ڪري ماني گڏ ڪارائيندا هئا، چانهه گڏ پياريندا هئا ۽
فرمائيندا هئا ته "هن ڇوڪري مان مونکي پنهنجي پياري نينگر
مرحوم حسن شاهه جي سڪ ٿي لهي. رسم موجب ختنو به وقت
ٿي ڪرايو ويو هو.

ان بعد حضرت جن پاڻ ڇهن مهينن اندر قرآن مجيد پڙهائي
پورو ڪرايو. ختم تي ٻهرڙي جي وڏي ديگ لهرايائون ۽
مولوين سان سرگس ڪرائي، جامع مسجد ۾ وٺي ويا ۽ پوءِ
فارسيءَ جا پنج سبق ڏنائين، ميان علي محمد ميمڻ کي واڌيڪ
پڙهائڻ لاءِ چيائون. پندنامي تي خاص ڌيان ڏنائون. هڪ
دفعي مولانا احمد علي لاهوري، پير فخرالدين گوٺڪيءَ وارو،
قاري طيب ۽ مولانا اعزاز عليءَ جن حج تي ويندي، رهڻ
واري بنگلي تي سائينجن کان موڪلائڻ آيا. نماز جو وقت ٿيو
سائينجن مونکي فرمايو ته "پُٽ، مان هوريان هوريان
چوندو ٿو وڃان، تون آڏار ڏاڍيان چوندو وڃ." پوءِ پاڻ
هوريان چوندا ويا ۽ مان وڏي آواز سان بانگ ڏيندو
ويس، ڏاڍو خوش ٿيا، فرمايائون ته "جيڪي به تڪليفون (1)

(1) مولوي نورالحق شيخ حبيا من باني

اسان کيون آهن، هن ٻانگ جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه آهن“.
فارسي پوري ڪيم ته عربي ”ارشاد صرف“ شروع ڪرايائون
قلبي ذڪر به ڏسو هئائون. ان بعد سائينجن جڏهن
به خطبو يا وعظ ڪندا هئا، تڏهن مونکي گريو شروع ٿيندو
هوءِ ڪڏهن ته گهڻو مهل بي خبريءَ جي حالت به طاري
ٿيندي هئي. عربي شروع ڪيم ته قلبي ذڪر جهڪو
ڪري ڇڏيائون. فرمايائون ته ”پهريائين ظاهري علم
جي تڪميل به ضروري آهي. ان ڪانپوءِ جلد ئي سکر جي
جلسي ۾ خلافت آيا سون، جتي مولانا حسين احمد مدني، مولانا
ابوالڪلام آزاد، مولانا احمد علي ۽ ٻيا به گهڻا عالم آيل
هئا. اُتي منهنجو ذڪر نڪتو، جنهن ۾ مولانا احمد علي ۽
ٻين جي صلاح سان، حضرت جن مونکي ديوبند جي
مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو. مدرسي جي مهتمم
مولانا حبيب الله کي پارت ڪيائون ته ”ڪيس جُدا پڙهائجي
جُدا رهائجي“ مون سان ٻيو نومسلم شيخ خوش محمد
پني عاقل جو به ڏنائون، جو مونسان گڏ پڙهندو هو. انهيءَ
وقت سکر مان ٻه پيتيون گهرائي، انهن ۾ ضروري کپل ضروري
سامان، ڪپڙا وغيره بند ڪرائي، ديوبند روانو ڪيائون.
اسان اُتي نهايت شاندار نموني تعليم پئي ورتي، عيد ن
براتن يا موڪلن ۾، سائينجن پاڻ وٽ گهرائيندا هئا. (١)

---

(١) مولوي نورالحق شيخ جي زباني

شيخ صاحب وڏيڪ ٻڌايو ته "هڪ دفعي رمضان شريف جي عيد امروٽ ۾ ڪري، نيٽ هيءَ پڙهندا سون. ٿورو وقت گذريو ته سائينءَ جو نياپو آيو ته "جلد امروٽ پهچو" اسان کي خيال ٿيو ته خدا خير ڪري، بي وقتو نياپو ڇو آيو آهي؟ آخر اسان ٻئي امروٽ پهچي وياسون. سائين اندر حويليءَ ۾ هئا. ٻاهر ڪمري نفل جو ڪم ٻئي هليو. جڏهن حضرت جن ٻاهر آيا، تڏهن اسان کي ڏسي، فرمايائون، "ابا آيؤ، حياتي الاجي ڪيتري آهي. چڱو ٿيو، هڪٻئي جو مُنهن نه ڏسي چڪا جي" مونکي ذرا خيال ٿيو، پر ڏٺم ته سائينءَ بلڪل خوش آهن، ٻه ڏينهن گذريا ته خوش محمد موڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي؛ پر حضرت جن موڪل نه ڏني ۽ اُن ڏينهن ئي هلڪو بخار ٿي پيُن، اُهو بخار وڌندو ويو ۽ روز بروز طبيعت هيٺ ۽ حالت نازڪ ٿيندي وئي. علاج معالج به گھڻائي ڪرايا ويا، پر ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو. آخر خلق کي هدايت ۽ نصيحت ڪندي، ٥ نومبر ١٩٢٩ع جي، رات جو ٻارهين بجي ڌاري، سندن پاڪ روح پرواز ڪري، واصل بالله ٿيو.

ان بعد به آسان نيٽ هيءَ ۾ پڙهياسون. وڌيڪ تعليم لاءِ ٽن سالن بعد ٽل حبيب آباد ڳوٺ کي ۾ ڇهه مهينا ۽ سڄاول جي مدرسي "هاشميه" ۾ هڪ سال پڙهيم. ان دوران بزرگ تريچاڻيءَ وارا پاڻ وٽ گهرائيندا هئا. سڄاول ڄانيوءَ وري (١)

(١) مولوي نورالحق شيخ جي مڙ ٻاني

نومسلم مولوي نورالحق شيخ، ٻن فرزندن ۽ ننڍڙي پوٽي سميت



مولوي نورالحق شيخ



نورالله شيخ، پڙهندڙ
چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج



پروفيسر نور مصطفيٰ شيخ
شعبهءِ حسابات، سنڌ يونيورسٽي

منڍهيءَ آيس ۽ اُتان دستاربندي ڪري نڪتس.

سائينجن جي ٻارت موجب، سندن جماعت جي ماڻهن جي ڪوشش سان، مولوي عبدالڪريم "ڪماڙي" جي نياڻيءَ سان شادي ٿي. مولوي صاحب جن ٻارڻ سان گڏ ڪيو، جتي اڄ تائين رهان ٿو. انهيءَ شاديءَ مان اولاد، ٻه پٽ آهن. وڏي جونالو نورمصطفيٰ آهي، جو سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ اسسٽنٽ پروفيسر شعبي حسابات ۾ آهي ۽ هينئر اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت ويل آهي. ٻئي پٽ نورالله مئٽرڪ پاس ڪري، هاڻي ڪاليج ۾ داخل ورتي آهي.

نقل تصديق

"آءٌ مولوي نورالحق شيخ، تصديق ٿو ڪريان ته مٿيون مضمون مون حرف بحرف لکرايو آهي."

اصلي
مولوي نورالحق شيخ ڪوٽ پٽو (١)
تعلقو ٽنڊو
11-8-1971

شيخ عبدالله وارو واقعو

هن واقعي جو احوال، منهنجي والد مرحوم جي روايت تي مبني آهي. ٻار ٻڌايائين ته "شيخ عبدالله جو اصل نالو سانول هو. سندس پيءُ جو نالو ميهرومل هو، جو ٺٽه اڪوٽ تعلقي جو مشهور معروف حڪيم به هو. اُتان جا هندو توڙي مسلمان کيس "ميهرو فقير" ڪري سڏيندا هئا ۽ ڪيترا مسلمان به سندس معتقد هئا. ميهري فقير جي خاندان

(١) مولوي نورالحق شيخ جو ٻاني احوال ۾ لکيل تصديق قلمبند ڪيل

وارن پارسي علم جي بدولت علم حڪمت جا ڪتاب پڙهيا هئا، تنهنڪري مهري فقير پڻ سانول کي پارسي علم پڙهائڻ لاءِ هڪ ويجهي مڪتب ۾ وهاريو. اُن مڪتب ۾ جيڪي معلم هُيا، سي مولانا امروٽيءَ جي جماعت جا هئا. سانول جي دل تي اسلامي تعليم جو گهڻو اثر پيو. هن هڪ ڏينهن پنهنجي استاد سان حال اوريو ته "جيڪر مان مسلمان ٿيان؟" اُستاد کيس دلجاءِ ڏيندي، چيو ته "مولانا امروٽي هتي اچڻ وارا آهي، تنهنجو مقصد اُتان ٿيندو. في الحال اها ڳالهه ڪنهن سان نه ڪج؛ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مولانا امروٽي، تبليغ جي سلسلي ۾ اُتي پهتو، جتي سانول پڙهندو هو. مولانا جي اچڻ جو ٻُڌي، سانول هڪدم وٽس آيو ۽ مسلمان ٿيڻ وارو عرض پيش خدمت رکيائين. مولانا امروٽي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مسلمان ڪرڻ جو انجام ڏنائين. اها خبر يڪدم وڃي، سانول جي مائٽن کي پيئي، سو يڪدم اچي، مولانا صاحب وٽ نڪتا ۽ ڏاڍيون آزيون نيازيون ڪيائون. مولانا صاحب کين چيو ته "بابا مُون ڪو ويٺو آهي ته سانڻ هليو ته پلي وڃي وڃوس" هندو پوءِ ڇوڪري کي منٿون ڪري وٺي ويا. مولانا امروٽيءَ وڃڻ جي تياري ڪئي. مختصر ماڻهن سان گهوڙي تي چڙهي، واپس ٿي وريو. اڃا ميل ڪن پنڌ ڪري جو مس ڪيائون ته پوئتان سانول ڊوڙندو اچي پهتو، عرض ڪيائين ته "قبلا سائين، مان جند ڇڏائي اچي (١)

---

(١) سنڌ جي والد جي زباني احوال کي قلم بند ڪيم

اوهان هِتِ سامهون پيو آهيان. خدا واسطي هاڻي وري مونکي هندن جي حوالي نه ڪجو" مولانا صاحب، سنڌس اسلام سان عشق ڏسي، ڪيس وعدو ڏنو ته "توکي ڪڏهن به واپس نه ڪبو" پوءِ پاڻ سان امروٽ آڻي، تاريخ ١٥- اپريل ١٩١٠ع مطابق ٣- ربيع الثاني ١٣٢٨ هجريءَ جي ڪيس مسلمان ڪيائون. سنڌس اسلامي نالو عبدالله رکيائون. ان بعد، ماستر دوست محمد سان گڏ، ڪيس جيڪب آباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليائون ته پنهنجي مسلمان ٿيڻ جي رپورٽ پيش ڪري، درخواست لکائي، عبدالله جڏهن آفيس ۾ ڪٿي ويو، ته هندو ڪلارڪن ڪيس ڏاڍو ڌمڪايو ۽ ڦاسائي وهاريو، پر ڪنهن انگل سان پاڻ ڇڏائي، دوست محمد کي ساڻ ڪري، واپس امروٽ پهتو.

هوڏانهن سانول جي پيءُ، حڪيم مصري مل، هندن جو وفد وٺي، مولانا امروٽي صاحب وٽ آيو. منهنجو والد صاحب ٻڌائيندو هو ته "مان ان وقت موجود هوس ته مصري فقير هندو، امروٽ جي هندو مکيءَ پيمنداس کي به ساڻ وٺي آيو ۽ مصريءَ جو ٽالهه نذرانو طور پاڻ سان آندو هئائون ۽ ڪلام الله شريف به کڻي آيو هو. مولانا صاحب فرمايو ته "جيڪو ڪلام پاڪ اوهان اعتقاد رکي، کڻي آيا آهيو، اُهو جيئن چوي، تيئن ڪندؤ؟ اتي مکي پيمنداس مصري مل کي چيو ته "اُٺي، (١)

---

(١) منهنجو والد جي زباني

جلد ڦلُ، نہ تہ بزرگ جو امرتو اثر آهي جو توهان بہ مسلمان ٿي پوندين" پوءِ تہ واڻيا مصريءَ جو تالھُ ڦٽي ڪري، وٺي پڳا؛ جاعاٺ تہ مولانا امروٽيءَ کين ايئن بہ چيو تہ "توهان جي ٻُڌڻ وچ ۾ "آمينُ" هي ٻُ ڪلام پاڪ آهي، جيئن هي چوي، تيئن اسين ٻُڌي ڪندا سون" پيمنداس، مصري مل کي ايئن بہ چيو تہ "پنج جو سائينجي کي جلالي اچي وئي تہ، اِتي جو اِتي آکهسُو ٽو مسلمان ٿي ويندين. اهوان ڪري چيائين، جو پيمنداس کي مولانا صاحب جي ڪماليت جي خبر هُئي ۽ اهڙا واقعا سوين ڏٺا هُئائين.

هيندن جو وفد واپس ويو ۽ مصري مل وڃي، مولانا امروٽيءَ ۽ ماسٽر دوست محمد جي خلاف، اغوا جو ڪيس، ڊپٽي ڪمشنر "مارٽن" وٽ ڪيو. ان وچ ۾ مولانا صاحب شيخ عبد الله کي دين پور (ضلع بهاولپور) خليفي غلام محمد وٽ ڏياري موڪليو، جتي هو بہ ورهيہ نوَ مهينا رهيو ۽ ديني علم پرائڻ سان گڏ، هندوستان جي مکيہ شهرن جو سير بہ ڪيائين.

هو ڏاهڻ مولانا امروٽيءَ تي ضامن جو ڳجا وارنٽ ثنيا ۽ وڏاماهڻ وچ ۾ پيا ۽ ضامن ڪرايا ٿون. ڪيسُ ڍُھ شورسان چالو ٿيو. اُن وقت هيندن جو ڏاڍ وڏو ڍھو ڪامورا اڪثر هيندو وهنا. سمجهيا ٿون ٿي تہ جيڪڏهن فتح (١)

---

(١) سنڌم والدجي زباني

مولانا امروٽيءَ جي ته هنن وگهٽائيءَ، مسلمان ته وينداان ڪري ڪيس تي ڏاڍو زور ڏنائون. مولانا صاحب پنجوڪيل ڪيا: ١ ايلفنسٽن شريسٽرڪراچي ٢ رئيس غلام محمدلاڙڪاڻه ٣ هرداس مل هيندو ٤ چند پرام هيندو سيٺ جو٥ الهڏنو شڪارپور جو. ڪيس هڪ سال ٽي مهينا هليو.ايلفنسٽن هڪ ڏينهن جي في ڇهه سو رپيا وٺندو هو.دسٽرڪٽ مئجسٽريٽ يورپي هو، تنهن انصاف ڪريمولانا امروٽيءَ کي بي ڏوهي ٺهرايو. شيخ عبدالله کيجڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ڊرن پور مان امروٽپهتو. جمعي جو ڏينهن هو. مولانا صاحب کيس ڏسي،ڏاڍو خوش ٿيو. جلوس جي صورت ۾ کيس جامع مسجدڏاهن مولودن ۽ الله اڪبر جي فلڪ شگاف نعرن سانوٺي هليا. نظارو ڏسڻ وٽان هو.

مولانا امروٽي، شيخ عبدالله کي ڏاڍو پيار ڪندوهو. هي به ايڏو مڃائتو ٿي پيو، جو وڏن وڏن علمائنجي موجودگيءَ ۾ اچي، مولانا صاحب سان کُلي کُليمرهٽي ۽ گڏ ويهندو هو. مولانا صاحب جي ڪن عاشقنڪيس عرض ڪيو ته شيخ عبدالله کي ڏاڍو گستاخ ڪريڇڏيو اٿو. پاڻ فرمايائين ته "بابا، هن پنهنجو نسبيپيءُ ڇڏي، مونکي پنهنجو پيءُ بنايو آهي، تنهنڪري (١)

(١) سنڌيءَ والدجي مرباڻي

سندس انگل آرا سهڻا آهن. ڪڏهن پاڻ فرمائيندو
هوته اسلام عملي اخوت ۽ مساوات جو نالو آهي
سڀئي مسلمان هڪٻئي جا ڀائر آهيون. ڪوبه ڪنهن کان
وڏو ڪين آهي. خدا وٽ سڀ کان ڀلو اهو آهي، جو
وڌيڪ پرهيزگار ۽ متقي آهي". وڌيڪ فرمائيندو
هوته "مُون مان مرحوم حسن شاهه جي سيڪ ٿي لهي".

شيخ عبدالله جي شاديءَ بابت سوال، سڄيءَ
جماعت جي آڏو پيش ڪيائون. جماعت مان هڪ شخص،
منشي جان محمد رند (بلوچ) سکرواري اُٿي، ٻيهي،
خوشيءَ سان پنهنجي نياڻيءَ جو سنگ عبدالله کي
ڏنو. بزرگ امروٽيءَ پاڻ نڪاح پڙهي، اسلامي اخوت
جو ثبوت ڏنو. فرمائيندو هوته "اسلام جي دائري ۾
آيل شخص جو درجو برابر آهي، جيئن ڪنهن
نسبي ڀاءُ جو ٿيندو آهي (١)

مولانا امروٽيءَ جي تبليغي برڪات

مولانا امروٽيءَ جي ان تبليغ ۽ تعليم جو نتيجو
اهو نڪتو، جو سٺن هزارن جي تعداد ۾ غير مسلمانن
سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيو. حقيقت ۾ مولانا
کي تبليغ جي قدرتي ذات مليل هئي، ويتر سندس
مرشد ڪامل حافظ محمد صديق صاحب جي تبليغي
ارشاد ۽ دعا، جڻڪ سوني تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. (٢)

(١) سندس والد مرحوم جي زباني

مولانا امروٽيءَ کي اسلام جي اشاعت واريءَ ذات بابت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب فرمائي ٿو:

"هڪ ڀيرو حضرت امروٽي، جنهن ليا ننڍي عمر جو هو پنهنجي ڀيڻ کي خط لکيو، ته پنهنجي استاد جو خط لکي، سکر ۾ مولانا عبدالرحمٰن صاحب وٽ ويو. مولانا عبدالرحمٰن صاحب جي وقت ۾ وڏو اهل الله هو ۽ اسلام جي تبليغ لاءِ نشئون سنڌ ڪين پيغمبر عليه الصلاة والسلام کان اويسي نسبت مليل هئي. جنهن ۾ وقت سندن نظر جنهن غيرمسلم تي پوندي هئي ته اهو هدايت لهي ويندو هو. ان ڪري غيرمسلمن جي ٽولا مولانا صاحب تي اچي ويندا هئا ته مدرسي کان ٻاهر ننڍڙي سوين غيرمسلم سندن هٿ تي اسلام جي نعمت سان نوازجي ويا. هن بزرگ جي علمي ۽ روحاني عظمت جو هن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته مدرسه دارالعلوم ديوبند جو باني مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ مولانا رشيد احمد گنگوهي جهڙا بزرگ به مولانا عبدالرحمٰن جا سکر ۾ مهمان ٿي رهيا آهن.

جنهن مولانا امروٽي خط لکيو، اُتي پهتو مولانا عبدالرحمٰن صاحب آرام فرمائي رهيا هئا. ننڍڙي ۽ ڏٺو ته سندن نظر هڪ نوجوان شاگرد تي پيئي، ته ڪيس سڏ ڪري پاڻ پاڻي ملياءِ ڪيس فرمايائون ته "بابا تون هڪ بلبل ٿيندو وڃين آهين. اسان هاڻي وڃڻ وارا آهيون. اسلام جي اشاعت لاءِ اسان کي پيغمبر عليه الصلاة والسلام کان جيڪا اويسي نسبت مليل آهي، اُها اسان توهان جي حوالي ٿا ڪريون. اهوئي سبب آهي جو حضرت امروٽي صاحب جن روحاني فيض سان گڏ، اسلام جي وڏي اشاعت ڪئي. سندن تبليغ ۽ توجهه سان سٺ هزار غيرمسلم، اسلام جي نعمت کان بهره ور ٿيا. سندن اهو ڪارنامو، اُمت محمدي ۽ ۾ اسلام جي اشاعت لاءِ عظيم خدمت آهي." (١)

مولانا امروٽي نه رڳو غيرمسلمانن ۾ اشاعت اسلام جي تبليغ ڪئي، پر سنڌ جي اُنهن مسلمانن کي راهِ راست تي آڻڻ جي تبليغ پڻ ڪيائون، جيڪي صحيح اسلامي روح کان خالي هئا. اُنهن ۾ بدعت، قبر پرستي ۽ شرڪ جهڙيون گندگيون عادتون ۽ رسمون موجود هيون، جن کي دفع ڪرڻ لاءِ هڪ خاص جماعت تيار ڪيائون، جنهن ۾ مولانا

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب - مقالو، تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي ص ج ٤ د سال ١٩٧٠ ڇاپو ١

وفائي، مولانا محمد صادق صاحب کڏي وارو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا چشتي وغيره، جهڙا مجاهد ۽ پڪا مسلمان موجود هئا. هن ڳالھ جو اعتراف مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب، "سنت جي تبليغ" جي عنوان سان هن طرح ڪيو آهي:

"اهڙي وقت مولانا محمد صادق صاحب ۽ جناب شيخ عبدالمجيد صاحب جي سرڪردگيءَ هيٺ مولانا وفائيءَ مرحوم سنڌ جي ڪوٺ ڪوٺ جو دورو ڪري، سنت جي تبليغ ڪئي ۽ صحيح اسلامي ڪان ماڻهن کي روشناس ڪيو. مولانا وفائيءَ کي سينه بسينه تاج حضرت امروٽيءَ کان به تبليغ لاءِ ارشاد ٿيندو رهندو هو. ان نازڪ دور ۾ قلمي خدمت ۽ جهاد، مرحوم (وفائي صاحب) جاري رکيو." (١)

مولانا امروٽيءَ جهڙي بزرگ جي خدمت ۽ صُحبت ۾ رهڻ ڪري، مولانا وفائيءَ ۾ جيڪو تبليغي جذبو شدت سان پيدا ٿيو، ان بابت مولانا الهورايو بروهي رقمطراز آهي:

"مرحوم مولانا وفائيءَ کي، امام الانقلاب مولانا عبيدالله سنڌي، شيخ الاسلام مولانا تاج محمود امروٽي، امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد، شيخ العرب والعجم مولانا حسين احمد مدني جهڙن جليل القدر ۽ يگانه روزگار شخصيتن سان هم نشيني ۽ صحبت جو فخر حاصل هو." (٢)

اڳتي هلي، فرمائي ٿو:

مرحوم حق ۽ صداقت، ڪتاب ۽ سُنت جي ترجمانيءَ جو حق اهڙي موقعي تي ادا ڪيو، جڏهن مذهبي ۽ اعتقادي حيثيت سان سرزمين سنڌ ۾ شرڪ ۽ بدعت جي بازار گرم هئي." (٣)

اهڙيءَ طرح مولانا امروٽيءَ جي ئي ڪوشش سان مسلمانن مان بي ديني، شرڪ ۽ بدعت، گهٽجي پاڳي ڪافور ٿي ويئي. الهيءَ خيال سان ڏسجي

---

(١) علينواز وفائي (مرتب) - مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي (مضمون نگار) ۽ يادگار مولانا وفائي جون ١٩٧٣ع ص ٥٥

(٢) ايضاً - مولانا الهورايو بروهي (مضمون نگار) - يادگار مولانا وفائي جون ١٩٧٣ع - ص ١٩ کان ٢١

(٣) ايضاً

توڙ اسان جي سنڌ توڙي لاڳيتن علائقن ؛ پنجاب ۽ بلوچستان جي مٿان مولانا امروٽيءَ ، هڪ رحمت جي صورت ۾ پيدا ٿيو. اهوئي سبب آهي جو مولانا امروٽيءَ جي اصلاحي تبليغ کانپوءِ سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن جي مسلمانن مان بدعت واريون رسمون گهٽجي ڀاڳي ڪافور وانگر اُڏامي ويا. ڪيترائي عالم ۽ مولانا صاحب جي اعليٰ ۽ افضل تعليم ، ۽ ڪماليت کي ڏسي ، آيا ، ۽ سندس هٿ تي بيعت ڪيائون ۽ هميشه سندس حضور ۾ نهايت ادب سان تعليم ۽ تربيت هٿ ڪري ، سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ سُنت کي رواج ڏنائون ،

مولانا الهي بخش اعوان ، بدعت جي بيخ ڪنيءَ جو حوالو ڏيندي، مولانا وفائيءَ کي ، مولانا امروٽيءَ جي "سچي پاڻ" سڏيو آهي ؛

> توحيد جي جاڙي ۽ تبليغ سنڌ ۾ مولانا وفائيءَ جي ٿورن منت آهي . رسالہ توحيد ، هن هڪ اهڙي زماني ۾ شايع ڪيو ۽ حضرت امروٽي رحمة الله عليه جنت آشيان جي معرفت سنڌ ۾ پکيڙايو . (مولانا امروٽيءَ جا توحيد جي تبليغ ۾ سچي پاڻ هئا) جنهن زماني ۾ پير پرستي هڪ اسلام جو ٿنڀو ۽ رڪن اعظم سمجهيو ويندو هو ۽ ڪنهن به الهيءَ انسان، جنهن تي پير جو نالو اچي ، انهيءَ ۾ ڪا به ڪمي يا عيب ڪڍڻ گناهه ، پر ڪفر کان به وڌيڪ خراب سمجهيو ويندو هو . بس اهوئي هڪ گناهه هو ، جنهن اهن سياڻي مُلن ۽ وڏيرن کي زبردست هٿيار جو ڪم ڏنو. انهيءَ کانپوءِ امروٽي "وهابي" سڏجڻ لڳا . اسان امروٽي معتقدن کي دنيا ۾ گذارڻ ڏکيو ٿي پيو هو . گهر گهر ۾ توحيد ۽ بدعت جو جهڳڙو هو . ڪيترن زالن انهيءَ اختلاف جي سبب ۾ نحوست رهي ۽ پوءِ والجهله برليو . نوجوان تعليم يافته طبقو وهابي سمجهيو ويو . تان جو الحمد لله ثم الحمد لله " اڄ حالت اها آهي ، جو جهنگ جهر وارا ماڻهو به توحيد ۽ شرڪ جي رسمن ۾ فرق ڪري ڄاڻن." (١)

(١) مولانا الهي بخش اعوان (مضمون نگار) [illegible] مولانا وفائي جون ١٩٨٣ع ص ٨

مولانا امروٽي جي تبليغي زندگي بابت روزانه الوحيد جي "سنڌ آزاد نمبر" ۾ هن طرح لکيو ويو آهي:

"بزرگ صاحب رحمة الله عليه جي روحانيت واري زندگي جو تبليغ اسلام وارو حصو، تمام نمايان رهيو آهي. اسلامي مسلمانن کي ته سيڪار بخشيون، پر هزارن جي تعداد ۾ غير مسلم ۾ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي، حلقهٴ اسلام ۾ داخل ٿيا.

پوئين زماني ۾ جو "شُڌي" جي لهر لڳي ۽ ڪي نومسلم بروجيءَ مرتد ٿيا، پر بزرگن جي روحانيت جو اهڙو اثر هو ته وٽن جيڪو به مسلمان ٿيو ٿي، سو وري اسلام مان ڪڏهن به خارج نه ٿيو. تبليغ جي سلسلي ۾ مخالفن جا ساڻن سخت جهيڙا به ٿي گذريا. جيئن ڪڙهيءَ خوري جمالي جي هڪ هندو فقير ۽ زميندار ڀيرو مل جي فرزند اسلام آندو ته بزرگن تي هندن ناحق ڪيس ڪيو ۽ مقدمون هلايو پر ناحق بند جو زبردست جهيڙو ٿي گذريو. بيو مقدمو هڪ هندو سونار جي ڇوڪري جي اسلام آڻڻ ڪانپوءِ اٿيو، جنهن ۾ هندن حضرت صاحب تي بي گناهي تهمتون لڳايون ۽ ڪيس ڪيو، مگر پنهنجي مقدمن ۾ فتح بزرگن جي هٿ رهي. انهن مان هڪ آهي پٺي نوجوان، پهريون شيخ عبدالله (۱) سکر جا عيال عزت سان زندگي گذاري رهيو آهي ۽ ٻيو پونا شيخ نورالحق (۲) نالي عربي علومن جو عالم آهي." (۳)

ساڳئي سلسلي ۾ مولوي عبدالڪريم چشتي صاحب لکي ٿو:

توحيد ۽ سُنت جو وڏو بااثر ۽ ڪامياب مبلغ هو. پنهنجي قال ۽ حال ۾، گفتار ۽ ڪردار ۾، ظاهر ۽ باطن ۾، علم ۽ عمل ۾، شريعت ۽ طريقت ۾، سلف صالحين (اڳين بزرگ هستين) جو زنده ۽ ناقابل انڪار مثال ۽ نمونو هو. وڏو صاحب جذب ۽ ڪشف ۽ ڪرامت جو ڌڻي هو. سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ هزارن جي تعداد ۾ علماءِ ۽ عام مسلمان، سندس مريد ۽ شيدائي موجود آهن. سندس هٿ تي هزارن جي تعداد ۾ غير مسلم، ڪلمهٴ توحيد پڙهي، اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿيا." (۴)

شُڌي ۽ سنگٺن تحريڪون :-

نه رڳو ايترو، بلڪ اسلام جي دشمنن سان وڏا ٽڪر کاڌائين. اُن وقت هندن جو سنڌ ۾ وڏو زور هو. آريه سماج وارن ۾ "شُڌي تحريڪ"

---

(۱) شيخ عبدالله، سکر ۾ اسسٽنٽ ويلفيئر هو ۽ هڪ معزز شهري ٿي هو. هاڻي فوت ٿي چڪو آهي. سندس فرزند ميان شاهنواز سکر ۾ مارڪيٽ واري مسجد جي پيش امام، عربي جو نيڪي جو ڏيندڙ ۽ ڪندڙ آهي.
(۲) شيخ صاحب هاڻي مولوي نورالحق جي نالي سان مشهور آهي. سنڌي زبان اول آريائي بيان تي پهچنڪو آهي.
(۳) الوحيد جو "سنڌ آزاد نمبر" سال ۱۹۳۶ صفحو ۴۲
(۴) ماهوار نئين زندگي ـ ماه جون ۱۹۵۸ع ص ۲۵.

شروع ٿي، جنهن موجب هندن جي هڪ تبليغي جماعت پيدا ٿي. اُن جو ڪم هو، مسلمانن يا ٻين مذهب وارن ماڻهن ۾ تبليغ ڪري يا ڪين لالچائي، هندو ڌرم ۾ آڻڻ.

شُڌي تحريڪ جي ڪري، ڪي ٿورا جاهل مسلمان افراد، جن ۾ اڪثر نومسلم يا شيخ هئا "شُڌي" ڪري، هندو ڌرم ۾ آندا ويا. مولانا امروٽي اهو ڏسي، جاڳي اُٿيو ۽ شُڌي تحريڪ جي جواب ۾ ڪمر ڪشي بيٺو ۽ هن ڪم لاءِ مولانا دين محمد وفائي، شيخ عبدالمجيد ۽ مولانا محمد صادق کڏي واري جهڙن قومي مجاهدن کي منتخب ڪيائين، جي وقت بوقت مولانا امروٽيءَ جي ارشاد موجب، لبيڪ چئي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هن تحريڪ (شُڌي) جي خلاف، مسلمانن ۾ توحيد ۽ اسلام جو رُوح ڦوڪيندا رهيا. ساڻن گڏ، مولانا امروٽي پنهنجي سِر به خُوب جلسا ڪرايا ۽ پاڻ تقرير ڪري، جلسن ۾ ويو ۽ آخر شُڌي تحريڪ وارن کي ماٺ ڪرائي، ڇڏيائين. هن ڪم ۾ پير صالح شاه راشديءَ پڻ مولانا امروٽيءَ سان همراه رهيو (١)

شُڌيءَ جي فتني ختم ڪرڻ بابت مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب فرمائي ٿو:

> ان وچ ۾ آريه سماجين طرفان سنڌ جي سنجوڳي شيخن کي شُڌي ۽ مرتد بنائڻ جي تحريڪ شروع ٿي. ان کي ڏسي، مولانا وفائي مرحوم کي خصوصن جي ڪوششن زندگيءَ جهڙا ٻڌي ۽ ويٺي ۽ انهيءَ فتني کي منهن ڏيڻ

---

(١) سنڌ ۾ والد مرحوم جي زباني.

لاءِ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ جو دورو ڪري، مخالفن جي ناپاڪ
ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو.
هن ڪم ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ ۽ مولانا محمد صادق
ڪڏهه واري ۽ شيخ عبدالمجيد صاحب سان به ملندا رهندا
هئا، انهن جي صلاح مشوري سان شڌيءَ جي
فتني کي ختم ڪري ڇڏيائون" (١)

ساڳئي ئي سلسلي ۾ مولانا غلام محمد گرامي صاحب پڻ لکي ٿو:

"ان دور ۾ آريه، جن سارن مسلمانن کي شڌ ڪيو هو،
تن کي ٻيهر دين تي آڻڻ جي سلسلي ۾ حضرت امروٽي،
حضرت ندوة العلماء خواجه حسن جان سرهندي،
شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ شيخ عبدالرحيم سان گڏ،
وفائي صاحب کي به وساري نٿو سگهجي." (٢)

ماستر فتح محمد سومرو ميرزا پور وارا ساڳئي امر جي تائيد ڪري ٿو:

"سحبان سنڌ حضرت مولانا چشتي مرحوم جن جو
بيان اسان وٽ سند تي قلمبند ٿيل آهي ته جڏهن آريه
سماجي هندن وسائل، شڌيءَ ۽ سنگٺن تحريڪون شروع
ڪيون ۽ هنگامه آرائي ڪرڻ لڳا. شڌيءَ ۾ سنجوڳي شيخ
به آريه ۽ سياسي سورما ڳهرايا ته ڪيترا شيخ مرتد ٿي ويا.
حضرت والا (٣) مون کي ۽ مولانا وفائيءَ کي خصوصي طرح هن
ڪم لاءِ وقف ٿيڻ جو ارشاد فرمايو. هن ڪم ۾ حضرت مولانا
الحاج علامه مفتي محمد صادق مرحوم ڪڏهه واري ۽ شيخ الحاج
عبدالمجيد سنڌي به مڪمل ڀرپور ورتو. ٽي چار سال لاڳيتو
هن بندي هن تحريڪ ۾ مڪمل ڪاميابي حاصل ڪئي." (٤)

سندس والد مرحوم ٻڌايو ته "مولانا امروٽي جن، نومسلمن لاءِ باقاعدي
رجسٽر رکيو هو، جنهن ۾ هر هڪ نومسلم جي رجسٽريشن
ٿيندي هئي ۽ اهو ڪم هميشه منشي عبدالخالق سومرو
شڪارپوري (رٽائرڊ مختيارڪار) ڪندو هو. هر هڪ نومسلم جي
اصل ڳوٺ ۽ ذات واري ائڊريس ۽ اسلامي رکيل نالي وغيره

---

(١) سه ماهي "الرحيم" سنڌي (٢) سال بهار ١٩٦٥ع صفحو ٦٣-٦٥
(٢) يادگار مولانا وفائي (مضمون مولانا گرامي مرحوم) سال ١٩٤٣ع-ڇاپو ١ ص ١٦
(٣) يعني مولانا امروٽي صاحب
(٤) ماهنامو "شريعت" ماه جون ١٩٧٦ع مطابق جمادي الثاني ١٣٩٦هه - ص ٨ (شريعت پبليڪيشن سکر)

سان نبرڻ ۾ داخلا ڪندو هو. سنڌس حياتيءَ ۾ ست هزار پورا ٿيا. ان کانپوءِ مولانا صاحب جي حياتيءَ تائين فقط هڪ وڌيڪ هنڌ نومسلمان ٿيو ۽ ڪُل ست هزار هڪ (٧٠٠١) مسلمان ٿيا. رجسٽريشن لاءِ هر هڪ نومسلم جي درخواست ۽ بيان جو باقاعدي رڪارڊ رکيو ويندو هو" (١) اهڙي رڪارڊ جون ڪي درخواستون ۽ بيان، بنده، امروٽ درگاهه جي پراڻي دفتر ۾ ڏٺا، جن جا ڪي نقل هيٺ ڏجن ٿا. ملاحظه فرمايو:

بيان

تاريخ ١٢ جون ١٩٢١ع مطابق ٥ شوال ١٣٣٩ھ

"حاضر آيو، چوي ٿو ته منهنجو نالو خوشحال آهي. منهنجي پيءُ جو نالو جيسو مل آهي. ذات هندو - لُڪ لُهاڻو گهر ڪرت هٿ سر ڪئي - عمر ٣٠ ورهيه ويٺل ڳوٺ پٽ شاهه عبداللطيف ضلعو حيدرآباد سنڌ مان اڄ هتي مسلمان ٿيڻ واسطي آيو آهيان. تاريخ ٢ جون ١٩٢١ع تي سکر ضلعي جي ڪليڪٽر کي مان درخواست ڪئي ته مان مسلمان ٿيڻ گهران ٿو. ان تي هن جواب ڏنو ته تنهنجي مرضي" منهنجو پيءُ مري ويو آهي، ٻه ڀائر آهن، هڪ جو نالو ٽلسيو، ٻئي جو ڪيول آهي. مان شادي ڪئي آهي. زال جيٺري [illegible] - ٻه پٽ [illegible] هڪ ڏيڍ سال جو ٿيو آهي ڏيڍ سال جي عمر ست اٺ ورهيه آهي ننڍي جي عمر ..... آهي. اٺ ڏهه ڏينهن ٿيا جو مان کي مسلمان ٿيڻ جو خيال ٿيو آهي. ٻئي ڪنهن مونکي نه چيو آهي. منهنجي هٽ جي پرسان مسجد آهي. انهي مان شيوا ڪندو هوس. ڀماڻي ڏينهن هو جيڪو پاڻي پريندو هوس. مونکي سپني ۾ ماڻهن چيو آهي ته تون دين تي اچ. ڀرچونڊي تعلق ۾ لونگ فقير جي لوڙهي تي شاهه جا فقير رهندا آهن. مان انهن وٽ آيس. انهن چيو ته سکر جي ڪليڪٽر صاحب کي درخواست ڏي. مان سکر اچي درخواست ڏني. درخواست ڏيڻ کانپوءِ روهڙيءَ ۾ شاهه جي اوطاق تي رهندو هوس اُتي هن ماڻهن چيو ته پيرن جي ڳوٺ وڃ. اُتي ٻه ٽي سو روپيا به ملندءِ ۽ گهوڙو به ملندءِ. ڪن چيو ته ڳوٺ

---

(١) سنڌ ۾ والد بزرگوار جي زباني.

مولوي صاحب امروٽيءَ وٽ وڃ، تنهنڪري مان اڄ هتي آيس. منهنجو ارادو مسلمان ٿيڻ جو ٿيو آهي".

اصل تي
خوشحال پٽ جسومل (١)

بیان

"میرا نام رامچند ولد میہو مل قوم راجپوت ساکن گجرانوالہ
عمر ۲۱ سال ہے - ڈیڑھ سال ہوا ہے - ملازمی رسالہ ۱۴۲
نمبر میں تھی - اسکو چھوڑ کر ۱۱ ماہ گرسالن سیالکوٹ کی خدمت
میں حکمت کا کام سیکھا - دو سال اس کے پاس رہا - ایک سال
ہوا ہے کہ میں اپنی دوائی کا کام کرتا ہوں - جب میں بیمار ہو کر
مسافرخانہ سکھر میں آ کر رہا اور وہاں مجھ اللہ تعالیٰ نے شفا عطا کی
تب میرے کو یہ خیال پیدا ہوا کہ میں مسلمان ہو جاؤں - اب آپ
کے پاس ۱۵ - جنوری ۱۹۲۲ء کو پہنچا ہوں کہ میں مسلمان ہو جاؤں"

"یہ بیان اسلئے میں نے لکھ کر دستخط کیا ہے - مبادا کوئی میرا
رشتہ دار یا جسکی خدمت میں رہا ہوں اور مسلمان ہوا
ہوں اور ختنہ کروایا ہے - ان پر کوئی مقدمہ چلا دے - میں نے اپنی
خوشی سے - بغیر کسی کی زبردستی کے یا کسی لالچ کے - خدا اور
رسول پر ایمان لایا ہے"

۱۵ جنوری ۱۹۲۲ء

اصل پر
رام چند ولد میہو مل گجرانوالہ بقلم خود (۲)

بیان

میرا نام کرم چند - میرے باپ کا نام نہال چند دھرم ہندو
قوم راجپوت کھتری - عمر ۵۵ سال - پیشہ زمینداری - ساکن موضع
سعید پور تحصیل چکوال ضلع جہلم - میں یہاں مسلمان ہونے
کے لئے آیا ہوں - وہاں سے روہڑی کا ٹکٹ لیا پھر شکارپور گیا
شکارپور سے جیکب آباد گیا - پھر واپس شکارپور آیا -
شکارپور سے عبدو آیا - وہاں سے اس شہر کا پتہ لگا کہ آج
یہاں آیا ہوں - میرا والد فوت ہو گیا ہے - میری ماں فوت
ہو گئی ہے - بھائی اور دو ہیں - نام ریوا چند اور جگت رام
میری شادی ہوئی ہے - میری عورت اندھی ہے لڑکا پندرہ
سال کا ہے - اس کا نام مولراج ہے - اپنے ہوش و عقل سے
دین اسلام قبول کرتا ہوں - یکم اگست ۱۹۲۱ء
بقلم خود کرم چند - نام اسلام محمد اسحاق (۳)

---

(١) پراڻو دفتر - درگاه امروٽ - خط نمبر ٢٨ (٢) ايضاً - نمبر ٤١ (٣) ايضاً - خط نمبر ٤٢

اھڙا بيان تمام گھڻا ھئا، پرھت "يک مشت نمونه خروار" موجب ٿورا مثال ڏنا ويا آھن

اھڙيءَ طرح مولانا امروٽيءَ پنھنجي حياتي اسلام جي اشاعت ۽ دين جي تبليغ ۾ گذاري. سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب، بلڪ ھندستان تائين، اسلامي تبليغ جو روح ڦوڪيو ۽ ھزارين غيرمسلمانن کي راھ راست تي آڻي، کين اسلام جي نعمت سان نوازيو.

مولانا امروٽي بحيثيت محافظ دين ۽ مرد مجاھد

سندم والد صاحب کان روايت آھي ته مولانا امروٽيءَ ۾ دين جو جذبو ايڏي ته شدت سان ھو، جو ڀي ڪا به تڪليف برداشت ڪري ويندو ھو، پر جڏھن دين جي گستاخيءَ بابت ڪا ڳالھ ٻڌندو ھو، تڏھن نھايت جوش ۾ ايندو ھو، توڙي جو بيماريءَ جي حالت ۾ ڇونه ھجي. ھڪ دفعي جي ڳالھ آھي ته جڏھن سال ١٩٢٢ع ۾ انگريز سرڪار، براج جي واھن جي کوٽائي شروع ڪئي، تڏھن ھڪ ڏينھن ڪنھن ماڻھوءَ اچي کين ٻڌايو ته واھن کوٽيندي، جيڪا به مسجد سڌ ۾ اچي ٿي، اُن کي شھيد ڪري، واھن کوٽڻ جي رٿ مڪمل ڪندا. انھيءَ ٻڌڻ وقت پاڻ علالت جي بستري تي ھو، پر ھڪدم اُٿي ويھي رھيو ۽ بلند آواز سان فرمايائين ته "آھن ڪي مرد مجاھد، جي الله جي گھرن کي تباھيءَ کان بچائين! جن الله جي (١)

---

(١) سندم والد جون پاڻي احوال قلمبند ڪيل.

گهرن جي حفاظت ڪئي، انهن لاءِ آخرت ۾ گهر ٺهندو“ پوءِ ته ڪانئس بيماري وسري وئي، ۽ جماعتين کي گهرائي، مسجدين جي تحفظ لاءِ جاڙي ڪاڙي پيغامات موڪليائين. خاص طرح مولوي عبدالڪريم چشتي کي تاڪيد ڪيائين ته مسجدين جي تحفظ لاءِ اشتهار ڇپائي، مسلم عوام کي سجاڳ ڪري.

هن ڪوشش ۾ هڪ پاسي شعائرالله کي بچائڻو هو ته ٻئي پاسي انگريز سامراج سان ٽڪر کائڻ ۽ ملڪ کي آزاد ڪرائڻ به مقصود هو. هن مقصد ۾ مولانا صاحب کي آخر فتح حاصل ٿي. جيڪي به مسجدون برباد ٿي رهيون هيون، بچايائين، تن جو تفصيل سان ذڪر اڳتي ايندو.

هندن طرفان ”شُڌي ۽ سنگٺن“ تحريڪون ۽ عيسائن طرفان مسيحي تحريڪون ۽ مشن سڪول جاري ٿيا. اهي سڀ، انگريزن جي اسلام دشمن سرگرمين جو بنياد هيون، ان وقت ۾ به مولانا صاحب، دين جي تحفظ لاءِ جاڳيل ٿيو. شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾، پاڻ ۽ سنڌ جا معاون علماء، هٿ وجهي هنڌ ڪيو. امروٽي صاحب تيستائين آرام سان نه ويٺو، جيستائين مڪمل طرح انهن ”لاديني تحريڪن“ جي پاڙ نه پٽيائين. انهيءَ جدوجهد ۾ ڪيئن طرح طرح جون تڪليفون پهتيون، پر سنڌ جي تبليغ ۽ جهاد جي پٺيان پوءِ، تيئن وڌيڪ ڪندا رهيا. (١)

(١) سنڌ ۾ والد جي ٻن ٽاڻير

سنڌ جي مجاهدانه زندگيءَ بابت "سنڌ آزاد نمبر" ۾ ڇپايو ويو آهي:

"تبليغي زندگيءَ کانسواءِ سنڌين زندگيءَ جو وڌيڪ روشن پهلو، مجاهدانه زندگي آهي. کين جهاد في سبيل الله جو شوق هوندو هو. ڪيترا گهوڙا سنڌين دوستن وٽ بيٺل هوندا هئا. هن ارادي سان ته ڪڏهن اهي گهوڙا جهاد ۾ ڪم ايندا. ۽ هميشه جهاد جي ڳالهين مان لطف اندوز ٿيندا هئا." (١)

"سنڌ آزاد نمبر" ۾ هنن مسجدن جي تحفظ بابت ٻڌائي ٿو:

"آخر ۾، براج جي واهن جي زد ۾ ڪيترائي مسجدون اچي رهيون هيون. اهو امروٽ شريف جي بزرگ ترين هستيءَ جو اثر هيو، جو سنڌين جماعت، سڀاڻي وارين مشينن جي اڳيان ستياگره ڪري، مسجدن جو بچاءُ ڪرايو. جو اڄ تائين يادگار طور براج جي واهن جي وچ ۾ موجود آهن." (٢)

مولانا عبدالڪريم چشتي هن سلسلي ۾ فرمائي ٿو:

"دين ۽ قوم جي آزاديءَ جي راهه جو وڏو مجاهد هو. جهاد سندن زندگيءَ جو مکيه اصول هو. جهاد کي هو اسلام جو روح سمجهندا هئا ۽ توحيد کي اسلام جو قلب!! حضرت وڏو نڊر دلير ۽ بهادر هو. توحيد تي ڳالهائيندي، سرڪار يا سرڪاري عملدارن جو ڪو خيال نه ڪندو هو. الله تعاليٰ جي ذات پاڪ جي امداد ۽ دستگيريءَ تي ڪيس ڏاڍو آسرو ۽ اعتماد هوندو هو. هر وقت ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي دعا گهرندو هو." (٣)

اڳتي هلي، لکي ٿو:

حضرت مولانا مرحوم براج جي واهن ۾ ايندڙ مسجدن جي بقاءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ بيحد بي مثال ۽ زوردار جهاد شروع ڪيو. انگريز سرڪار جي طاقت ۽ تڪبر جي مدنظر ڪي سمجهو پيو چوندو هو ته بزرگ اڪيلو ته اهو زور ڪيئن ڪندا، ٿيندو ڪجهه نه. مونکي ياد آهي ته مون جڏهن اهو احوال پيش ڪيو ته جن ذات مبارڪ تي جٽ ڦيرائي، بزرگ فرمايو ته "بابا مولوي چشتي، منهنجي حق ۽ قيوم قادر خدا جي فضل ۽ مدد سان سڀ ڪجهه ٿيندو. انشاءالله فتح اسان جي ٿيندي."

---

(١) روزنامه 'الوحيد' جو "سنڌ آزاد نمبر" صفحو ٢١-٢٢
(٢) ايضاً
(٣) ماهنامو 'نئين زندگي' ماه جون ١٩٥٨ع صفحو ٢٦

خَلق حيران رهجي ويئي ۽ ڪين بزرگ جو ضعيف رسيده هجڻ محسوس ٿيو. جڏهن ڪلهي وقت ۾ چڪتان ڪانپور ۽ سرڪار بهادر پنهنجي سوريءَ ڪا قربوني طاقت هوندي، هڪ ساده پهرڻ، بوريه نشين درويش تاج محمود اگيان گوڏا جُهڪايا ۽ مسجد جي بچاءَ جو اعلان ڪيو. هي بندهءِ گنهگار الهوءِ تحريڪ ۾ پنهنجي آقا ۽ بزرگ مولانا امروٽيءَ سان شريڪ هو. ان زماني ۾ منهنجي اخبار هفتيوار "پيغام" نڪرندي هئي. جنهن پرچي ۾ مون مضمون لکيو: "حفاظت مساجد" جي سري سان، جنهن ۾ هي چند سٽون الله تعاليٰ جي توفيق سان قلم لکيون:

"مسلمانو، جيڪڏهن اسان جي زندگيءَ ۾ مسجدون برباد ڪيون ويون ۽ اسان خاموش رهياسون ته خدا پاڪ جا ڏنا ۽ آسمان جا تارا اسان تي ڦٽڪار ڪندا. جيڪڏهن اسان پنهنجي جان ۽ مال، اولاد ۽ عيال جي حفاظت ڪري سگهون ٿا، مگر مسجدن جي حفاظت نٿا ڪريون ته سنڌ روئندي ۽ غرق ٿي ويندي. جيڪڏهن خدا پاڪ ۽ رسول پاڪ جو دل ۾ پيار آهي ته پنهنجو ترڪ، سراج واهڻ مسجدن جي حرمت ۽ حفاظت تي قربان ڪريو، ڪفر سرڪار جو ڪنڌ جهڪايو."

اعليٰ حضرت جن کي سنڌ ڏي موديءَ موجب مان پڙهي ٻڌايو. پاڻ ڏاڍا جوش ۾ اچي اٿي، مون کي ٻانهن کان مون کي ڀاڪر پاتائين، منهنجي پيشانيءَ ۽ اکين تي چميون ڏنائين ۽ دعائون ڏيئي چيائون ته "شاباش تري مولوي [illegible]" منهنجي دل ٺاريءَ ڇڏي." (١)

مرحوم الله بخش عُقيلي هڪ هنڌ لکي ٿو:

"پير صاحب نومسلمن لاءِ امروٽ شريف آجهي ۽ تربيت جي جاءِ هئي. تبليغ اسلام ۽ جهاد في سبيل الله، سندن ۾ مرغوب مشغلا هئا." (٢)

تحريڪ حفظ مساجد

سندم والد ٻڌايو ته "بيراج جي ٺهڻ ۾ ايندڙ ٽي مسجدون هيون:

(١) مسجد جوڻيجا، نزديڪ امروٽ تعلقو ڳڙهي ياسين (ڪيرٿر براج ۾)
(٢) مسجد ڪلواڙي، ٺٺ جي پرسان تعلقو ڳڙهي ياسين
(٣) مسجد ابيجاڻي، تعلقو ٺٺري.

---

(١) ماهنامو نئين زندگي ماه جون ١٩٥٨ع صفحو ٣٦
(٢) ماهنامو نئين زندگي ماه جنوري ١٩٥٣ع صفحو ١١

مسجد جوڻيجا جو تحفظ

هيءَ مسجد، جوڻيجن جي ڳوٺ ۾ هُئي. انگريز سرڪار جوڻيجن جي ڳوٺ کي اُٿڙ جو نوٽيس ڏنو هو. شهر جا سڀئي ماڻهو سرڪار کان عيوضو وغيره وٺي، وڃي ٻئي هنڌ ويٺا. سرڪار ڳوٺ جي جاين، وڻن ۽ کوهن وغيره کي ناس ڪرائي، واهه جي کوٽائي شروع ڪئي هُئي. هيءَ ننڍي مسجد به واهه جي پيٽ ۾ ٿي آئي. اُن کي به شهيد ڪرڻ جو خيال ڪيائون ته مولانا امروٽيءَ کي خبر پهچي وئي. پاڻ تعلقي جي مختيارڪار، ڪليڪٽر ۽ انجنيري کاتي وارن کي درخواستون ڏنائين، پر خاطرخواه جواب نه مليو. پوءِ ته وٺي، مقابلي جو اعلان ڪيائين. جيڪي به جماعت جا ماڻهو موجود هئا، انهن کي اپيل ڪيائين ته پاڻ سان ڪفن ٻڌي، (يا ڪفني پائي) قربانيءَ لاءِ تيار ٿي اچو ۽ اهو پروگرام پاڻ تيار ڪيائين. هوڏانهن ڪيترو واهه جي کوٽائيءَ جو ڪم بيٺي هليو، هيڏانهن مولانا امروٽيءَ جي اپيل تي بي انداز خلق اچي، گڏ ٿي ۽ ان مسجد جي پرسان اچي تنبو کوڙيائون. مولانا صاحب مسجد جي حفاظت لاءِ ماڻهن جا ٽولا مقرر ڪيا، جي جدا جدا وقتن تي مسجد جي چوڪي ڏيڻ لڳا. مولانا صاحب جو چوڻ هو ته انگريزن اسان کي وعدو ڏنو هو ته هندستان سنڌ ۾ ماڻهن کي مذهبي آزادي هوندي ۽ سندن عبادتگاهن کي سلامتي هوندي. (١)

(١) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

پوري هئي ۽ وعدي خلافي هڪ طرف آهي ۽ اسان کي الله ۽ رسول پاڪ جو حڪم بڌي پاسي آهي ته ”عبادت گاهن کي شهيد ٿيڻ کان بچايو“ ان ڪري اسين هن الله جي گهر تي سر ڏينداسون، شهيد ٿينداسون، باقي مسجد کي شهيد ڪرائڻ نه ڇڏينداسون. ان تبليغ لاءِ مولانا چشتيءَ ۽ ٻين کي مقرر ڪيائين، جن سڄي ضلعي اندر وعظ ڪري، ماڻهن ۾ جوش پيدا ڪيو. مسلمان مجاهد تمام گهڻي انداز ۾ جهاد لاءِ پهچي ويا، جن کي مولانا امروٽيءَ حديث ۽ قرآن پاڪ جون آيتون پڙهي ٻڌايون ته ”مسجدون خدا جا گهر آهن، جن تي هميشه خدا جي رحمت ۽ نور وسندو رهي ٿو. اُهن جي انچ انچ تي سر ڏيندا سون ۽ ان جهڙي افضل عبادت ٻي ڪانه آهي. خدا جي گهر جي حفاظت لاءِ شهيد ٿيڻ، عظيم مرتبو حاصل ڪرڻ آهي. ڪيترائي ماڻهو لبيڪ چئي، مسجد جي طرف آيا. هڪ جٿو ماڻهن جو اندر مسجد ۾ سمهي پيو ته ٻيو جٿو ٻاهران نگهباني پيو ڪري. اُهڙيءَ طرح واري واري سان جٿا تبديل ٿيندا ٿي رهيا. هوڏانهن انگريز ڪليڪٽر، انجنير، پوليس ڪپتان وغيره، ڪن خوشامدي زميندارن سان گڏ، بلڊوزرن ۽ ڪاٽيءَ جي مشينن سان گڏ اچي، موجود ٿيا. انگريز آفيسرن، مولانا امروٽيءَ کي چورايو ته اتان اُٿي وڃو؛ پر مولانا صاحب (۱)

(۱) سنڌ جي والد جي زباني

صاف انڪار ڪيو. الله اڪبر جي فلڪ شگاف نعرن جي ڌمر
لائي ڏنائون؛ تنهن تي ڪليڪٽر ۽ انجنيئر حڪم ڪيو ته مشينن
کي هلايو وڃي ته جيئن مسجد شهيد ٿي وڃي. عام روايت
آهي ته ان وقت خدا جي اعانت ۽ مدد هن طرح نمودار ٿي،
جو آپريٽرن ۽ مستريـن يا ڊرائيورن، ڪيترو به مشين کي چالو
ڪيو، پر مشين خراب ٿي پيئي. ورهي بي مشين آندي وئي،
ان جي حالت به ساڳئي طرح خراب ٿي پيئي. اِتي سب انجنيئر
۽ آفيسر اچي گڏ ٿيا. مولانا امروٽي اندر تنبوءَ ۾ نندڙي
کٽولي تي ويٺو هو. انهن آفيسرن، مولانا صاحب کي منٿون
ميڙيون ڪيون ته اُتان اُٿي وڃن، پر مولانا صاحب ڪين سوال
جواب ۾ لاجواب ڪري ڇڏيو. ان وقت جي يورپي ڪليڪٽر ۽
مولانا امروٽيءَ جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي، سا هيٺ ڏجي ٿي: (١)

"ڪليڪٽر - اوهان هت ڇو ويٺا آهيو؟
امروٽي صاحب - اسان خدا جي گهر جي حفاظت لاءِ
ويٺا آهيون. اسان خدا جا سپاهي آهيون.
ڪليڪٽر - خدا پنهنجي گهر جي حفاظت پاڻ ڇو نٿو ڪري؟
مولانا امروٽي - تنهنجو بنگلو آهي، تنهنجي بادشاهه
جارج پنجين جو آهي. جيڪڏهن ان
بنگلي يا آفيس کي ڪو برباد ڪري ته
حفاظت تون ڪندين يا جارج پنجون پاڻ
ايندو؟ اسين به ان رب جا سپاهي ايئا
آهيون. جيئن تون جارج پنجين جو سپاهي
آهين؛ تنهنڪري حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض
آهي

هڪ خوشامدي زميندار - ڪيترائي مسجديون ويران

(١) ماسٽر فتح محمد سومري جو قلمي بياض - ص ٧٦ ۽ ٧٧

آهن. مُختاجي ۾ ڀلا ڀي اسين ڪن تا. اُنهن جي حفاظت
جو ڪهڙو انتظام ڪريو؟

مولانا امروٽي - جيڪو پنهنجي ڪُتي ۾ مرندو آهي
ان جي حفاظت جو فرض، نه حڪومت تي آهي
نه عوام تي. باقي صحن کي مارلو ويندو
آهي، ان جو جاچ، ۽ مجرم جي سزا
لاءِ پوليس ڪپتان ۽ پوليس جا سپاهي ايترا
آهن. امرتسر قطع حقيقي مالڪ جي گهر کي به هٿ
سان شهيد ڪيو ويو. ته اسين سندس
سپاهين جي حفاظت لاءِ اچي ڪنا ٿيا آهيون.

زميندار - هن ننڍڙي مسجد جي حفاظت جي
ڪهڙي ضرورت آهي؟

امروٽي صاحب - چا، ڪنهن جو ننڍڙي نياڻي کي
ڪٽي وڃي ته ان جا وارث ڪجهه به نه ڪندا؟
جاڪار جو ننڍڙي آهي؟" (1)

ان سوال جواب کانپوءِ سڪي الجواب ٿي پيا ۽ پوءِ مجاهدن
مان هڪ مجاهد، مولوي غلام فريد (٢) کي ٻاهر سنڌ ڪري
گهرايائون ۽ چيائونس ته تون مولانا امروٽيءَ کي ايلاز منت
ڪري، عرض ڪريس ته اسان اهڙي مسجد، وام جي ڪپ
تي ٺهرائي ڏيون ۽ ان سان گڏ پنجاهه ايڪڙ زمين به بزرگ
جي درگاهه جي لاءِ ڏيون. مولوي صاحب پاڻ ٻڌايو ته "مان
دل ۾ چيو ته مسجد به ننڍڙي آهي ۽ پنجاهه ايڪڙ زمين، درگاهه
جي لاءِ گهڻو آهي: پر اچا مولانا امروٽيءَ جي سامهون آيس
ته فرمايائين ته 'فريد ڪلمو پڙهه، هن مسجد ۽ درگاهه واري
مسجد ۾ ڪهڙو فرق آهي؟' موٽ ورائيو ته قبلا سائين،
الله تعاليٰ وٽ ٻنهي جو شان هڪجهڙو آهي. تنهن تي

(١) ماستر فتح محمد سيوهاڻي - قلمي بياض - صفحو ٢٨.
(٢) مولوي غلام فريد ذات جو سپرو، ويڙهل ڳوٺ شهر اسڪ ڪوٽ سليمان تعلقي ڦرجو. خلافت ۽ قومي تحريڪ ۾ ڪم ڪيو. خلافت تحريڪ ۾ جيل به ڪاٽيائين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڳوٺ جوان ۾ پهتو.

فرمايائين ته "توهان وري دل ۾ ڪهڙا خيال پيو ڪريو؟ اسانکي انگريز جي جاگير جي ڪا پرواهه ڪانهي." مان مولانا صاحب جي ڪشف کي پروڙي، حيران ٿي ويس."

جڏهن اهاخبر آفيسرن کي پيئي ته مولانا صاحب راضي نه ٿيو، تڏهن وزيري رسول بخش جوڻيجي مرزاپوري کي منهنڪا چيو ته "وزيرا، تون جوڻيجن جو رئيس آهين. تون ئي اجازت ڏي ته هن مسجد کي شهيد ڪريون" تنهن تي وزيري چيو ته "مختارڪار صاحب، جيڪڏهن منهنجي ڪنهن جوڻيجي جي ملڪيت يا گهر هجي ها ته مان اُن کي مجبور ڪريان ها؛ پر هن مسجد جو محافظ، اهو پير ۽ بزرگ آهي. هي سمورا احوال ڪليڪٽر ڏنو پئي. ان ڪانپوءِ هن، انجنيئر کي مسجد جي قائم رکڻ جي هدايت ڪئي ۽ مولانا مروتيءَ کي اُتان اُٿي وڃڻ لاءِ چيائين، مگر مولانا فرمايو ته "اسان تيستائين هتان نه هٽنداسين جيستائين تنهنجو آرڊر لکيت ۾ نه ملندو. نيٺ ڪليڪٽر، مسجد جي قائم رهڻ جو لکيل حڪم ڏنو ۽ مولانا مروتي پوءِ اُتان جماعت سوڌو اُٿي، درگاهه تي آيو. (۱)

اُها نئين ٺهيل مسجد پهريائين ڪچي نموني درگاهه تي واهه جي وچ ۾ بيٺي ٺهيل هئي؛ پر سيڪ سيلاب جي ڪري ڪري پوڻ تي وئي هئي. بزرگ صاحب ان جي مرمت لاءِ سرڪار جو ڏيان ڇڪايو ۽ سرڪار فقط ان درگاهه جي پاسن کي ۽

(۱) سنڌ واهه جي ٻن پاڻي

(۸)

انگريزن سان جهاد ڪري، شهيد ٿيڻ کان بچايل ٻُراج واري مسجد جا
مختلف نظارا ۽ اُتي نهرايل مدرسو



سامهون ورتل فوٽو



پُٺئين طرف کان ورتل فوٽو



مسجد کان ڪناري تائين پُل جو نظارو



اُتي نهرايل مدرسو "تاج المدارس"

متان سطحي فرش هٽائي ڇڏيو هو. مولانا صاحب جي وفات کانپوءِ اها مسجد شهيد ٿي پيئي. هن مسجد جي تعمير جي سلسلي ۾ هالن جي امروٽي گاديءَ جي سجاده نشين، سيد محمد شاهه صاحب ڪوشش ڪري، هڪ وفد وٺي، ان وقت جي وزير اعليٰ، پيرزاده عبدالستار صاحب سان ڪراچيءَ ملڻ ويو، جنهن ۾ ڪي اخبارن جا ايڊيٽر به هئا. پيرزادي صاحب حقيقت ٻڌي، چيو ته، "نه رڳو اهان کي بيراج ۾ مسجد جي تعمير ٿي ملندي، پر براج جي ڪناري کان مسجد تائين پل به سيمينٽ جي تعمير ٿي ملندي. سنت ٿي مسجد نهايت شاندار نموني پيلهاڻن تي پڪيءَ طرح سرڪار طرفان تعمير ڪرائي، ۽ پل جو رستي ڪناري سان ڳنڍيو ويو، جتي هائي هڪ ديني مدرسو (تاج المدارس جي هڪ شاخ) پڻ قائم آهي. هڪ عالم ۽ چاليهارو ڪن طلباء درس تدريس ۾ مشغول آهن. عجيب نظارو لڳو پيو آهي. ڪيترا ماڻهو هن تاريخي يادگار کي ڏسڻ ايندا آهن. (١)

مسجد ڪلواڙي هيءَ مسجد به ٻڪن جي پرسان ڪلواڙيءَ جي ڳوٺ ۾ هئي. ماڻهولڏائيءَ گورنمينٽ مسجد کي شهيد ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي ته مولانا امروٽي جماعت سوڌو راتو واهه اچي، مسجد تي قبضو ڪيو. هن مسجد تي به انجنيرن وغيره گهڻو ئي منٿون ڪيون، پر مولانا کين هدايت ڪري، روانو ڪيو ۽

(١) ماستر فتح محمد سرهي مرزا پور جي کان جي زباني

انهن پوءِ سرڪار سان لڪپڙ هلائي، مسجد کي واهه جي ڪناري سان قائم رکيائون، جو جو اڄ به واهه جي ڪناري تي هئي .

مسجد اَبيجاڻي

والد صاحب فرمايو ته "انهن ڏينهن ۾ سکر ۾ هڪُ ديني جلسو ٿيو، جنهن ۾ مولانا امروٽي سان مان به گڏ هوس. جلسي هلندي، هڪ ماڻهو اچي، مولانا صاحب کي عرض ڪيو ته ابيجاڻين جو ڳوٺ بيراج جي واهه جي وچ ۾ اچي رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ مسجد به شهيد ٿي ويندي . مولانا امروٽيءَ پُٺ ٺ شرط موٽر ۾ سوار ٿي، سرزمين ڏني، ۽ موٽي اچي، ڳوٺ ابيجاڻين وٽ جلسي جو پروگرام مرتب ڪيائين ۽ سکر واري جلسي ۾ اعلان ڪيائين ته ابيجاڻين جي مسجد جي بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي (١) وڃي . اَمروٽي سپاهي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا . هن سلسلي ۾ امروٽي صاحب، هڪُ اشتهار به ڇپايو هو، جنهن جو نقل هيٺ ڏجي ٿو :

جلسي جو اشتهار

الله اڪبر	مسلمانو!	الله اڪبر

"ابيجاڻين جي مسجد کي شهيد ٿيڻ کان بچايو!

جنهن ڏينهن کان سکر بيراج جي سڪيم کُلي آهي ۽ واهن جي کوٽائي جو ڪم شروع ٿيو آهي، ان ڏينهن کان وٺي، مسجدين شهيد ٿيڻ جا درد انگيز واقعا ٿيندا رهيا آهيون. ڪيئي دفعا مسلمان جلسا ڪري، سرڪار ۽ بيراج جي عملدارن جو ڌيان ڇڪايو آهي ۽ ڪيترن

---

(١) سندم والد جي زباني

درخواستون پٽ ڏنيون ويون، نتيجو ھي نڪتو تہ سرڪار ۽ بيراج عملدارن وعدو ڪيو تہ اسان انهن کي تڪڙين سر فرائي ڏينداسون، مگر ان تي عمل ڪرڻ جي بجاءِ براج عملدارن تازو مسلمانن جي دلين تي نئون چيرڪ ڏئي، پراڻن زخمن تي لوڻ ڇٽڪيو آهي.
جيئن تہ ابيجاڻين (تعلقہ ڏوهڙي) جي مسجد شهيد ٿيڻ جو امڪان آهي. مسلمانن جي صبر جو پيالو ڀرجي چڪو آهي. هو هرگز خانہ خدا جي شهادت کي خاموشيءَ سان ڏسڻ گوارا نہ ڪري سگهندا.
مسلمانو! براج عملدارن جي هن مجرمانہ روش تي ڇا اوهين صبر ۽ تحمل سان ڪم هلي نہ سگهندؤ؟

مسلمانو! اُٿو ۽ پنهنجون مسجدون شهيد ٿيڻ کان بچايو!!

"هاڻي مسلمانن جو زنده رهڻ فضول ۽ اجايو آهي. انهن کي گهرجي تہ خُوخانہ خدا جي بچائڻ لاءِ پنهنجا سِر ڏيئي ڇڏين. ناموس خداءِ رسول جي بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪفن ۽ ڪاڌي ٻڌي جو سامان سان آڻيو ۽ گهڻي تعداد ۾ اچي، هن اسلامي جلسي ۾ شريڪ ٿيو.
پرستارانِ توحيد ۽ عاشقانِ رسولِ خداءِ رسول جي ناليءَ تي سِرڙ ڏيڻ جو هي موقعو آهي. خانہ خدا جي حرمت کي قائم رکڻ لاءِ هڪدم تيار ٿيو. مسلمانو ڪُلهي سڱُ اوهان کي پُڪاري رهيو آهي. هيءُ اوهان جي زندگيءَ ۽ موت جو سوال آهي. اچو لبيڪ اللّٰهم لبيڪ چوندا، ميدان ۾ نڪري اچو ۽ دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مسلمان خداءِ رسول جي ناليءَ تي پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هو هر قسم جو ظلم ۽ قهر ۽ سختيون برداشت ڪري سگهندا، ليڪن مذهبي توهين ۽ مسجدين جي بي حرمتي هرگز هرگز گوارا ڪري نہ سگهندا."

قبلہ حضرت مولانا تاج محمود امروٽي صدر
خلافت ڪاميٽي سکر
سيد محبوب علي شاھ سيڪريٽري
خلافت ڪاميٽي سکر. (١)

---

(١) علمي مجلس حيدرآباد سنڌ - تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي سجايو ١٩٧٩ع - ص ٢٣ کان ٢٤

روحاني تعليم جو پس منظر

مولانا امروٽي بحيثيت روحاني رهبر ۽ مرشد ڪامل

اهاميل حقيقت آهي تہ ظاهري، دنيوي يا ديني تعليم حاصل ڪرڻ، سُنت ۽ شريعت تي هلڻ، دين جي پهرين منزل آهي، پر بزرگوان ظاهري تعليم سان نفس جو تزڪيو، قلبي سڪون ۽ باطني ڪمال حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جيستائين باطني علم، ظاهري تعليم سان گڏوگڏ، يا اڪيلو ئي نہ پڙهائبو. جهڙيءَ طرح ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ فرمايو آهي:

"روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم
اُوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پڻ پرينءَ کي" (١)

جنهن موجب، ظاهري علم، شريعت پٽاندر، روزا ۽ نمازون ڪرڻ فرض آهن، پر "پرينءَ جو پسڻ" يا قرب الاهي حاصل ڪرڻ لاءِ اُها ڪنهن ٻئي فهم جي ضرورت آهي. اهو ٻيو فهم، روحاني تعليم کانسواءِ سيکي نہ سگهبو. اُن فهم ۾ خلق خدا جي خدمت بہ اچي وڃي ٿي ۽ خدمت ڪرڻ جو مدار بہ روحاني تعليم سان ئي حاصل ٿيندو آهي.

سچ آهي تہ هن حياتيءَ جو اصلي مقصد ئي "پرينءَ کي پسڻ" يا "اَلست" واري وعدو پورو ڪرڻ آهي. حقيقت ۾ ظاهري ديني تعليم سان گڏوگڏ باطني (روحاني) تعليم کي طئي ڪرڻ، آخرت جي وڏي فتح، سُرخروئي ۽ بهادري آهي؛ ڇاڪاڻ تہ روحاني تعليم، اُن اصل مالڪ کي دستياب ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

---

(١) ڊاڪٽر ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي (مرتب) شاهہ جو رسالو جلد ١ - سال ١٩٢٣ع ڇاپو ١- ص ٥٧ (مڪلي)

جنهن "لعل" لاءِ هيءَ دنيا خلقي وئي. جئين سلطان الاوليا،
خواجه محمد زمان لنواريءَ واري فرمايو آهي:

"لکي واءُ وصال، جني ساعت هيڪڙي
تن سالڙي لعل، جنهن لئه جڳ خلقيو" (١)

خواجه صاحب جي فرمان موجب، اها قيمتي لعل، جنهن لاءِ الله تبارڪ وتعاليٰ هيءَ دنيا پيدا ڪئي، "الله جو وصال"، ان جو مشاهدو ۽ پاڻ جو ديدار، جنهن ۾ "الست بربکم" قالوا "بليٰ" وارو مقصد پورو ٿي وڃي ٿو. حقيقت ۾ انسان پيدا ٿي ان وعدي پوري ڪرڻ واري امتحان لاءِ آهي. هاڻي جڏهن انسان جي پيدائش ئي ان مقصد ۽ امتحان لاءِ ٿي آهي ته پوءِ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي ظاهري تعليم سان گڏ، روحاني تعليم حاصل ڪرڻ واسطي، روحاني رهبر يا اُستاد جي به اَشَدُ ضرورت آهي.

مٿي ڏيکاريل آهي ته ظاهري تعليم سان گڏ، روحاني تعليم حاصل ڪرڻ هڪ بهادري آهي، ڇاڪاڻ ته ظاهري علمُ، اڪثر ڪري باطني علم حاصل ڪرڻ ۾ رنڊڪ ۽ رُڪاوٽ ثابت ٿيندو آهي. ان رنڊڪ جي باوجود، روحاني ڪماليت حاصل ڪرڻ، واقعي بهادري ۽ مردانگي آهي. بقول سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري، خواجه محمد زمان ۽ قاضي قاضن جي، ظاهري علمُ، باطني علم جي آڏو ٿيو آهي، بلڪ ان لاءِ رُڪاوٽ آهي:

(١) ڊاڪٽر علامه دائود پوٽو صاحب - ابيات سنڌي خواجه محمد زمان لنواري واري (شارح مولانا گرامي صاحب - جلد ٢ - سال ١٩٣١ - صفحو ٣ - بيت نمبر ٥

ملاحظه فرمايو:

١

"ڪنز قدوري ڪافيه، جي پڙهي پروڙين سڀ،
نه ڪرينديون ماڪوڙي ڪوهه، پڙهي ڪجهه ڪي آپ." (١)

٢

"اڪر پڙهه عشق جو ڪنز قدوري ڇڏ،
چڙهه تنين جي مڏ، جي سُتي ڏين شراب جي،
سُتي تنهن شراب جي، جن سَري، سي سونَ ٿيا،
سمجهه تن ثوابُ، ڪتڙ تن ڪي ڪيميا." (٢)

٣

"سڀئي سيله تيا مء پڙهيام جي پاٺان،
اکر اڳيان اُپري، واڳون تي وريام.
لوڪان نحو صرف، مون مطالع سُپرين،
سوئي پڙهيو سو پڙهان، سوئي سو حرف" (٣)

مٿئين ڪلام مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ظاهري علم، روحاني علم ۾ رڪاوٽ آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته جڏهن انسان مختلف علومن جا ڪيترائي وڏا وڏا ڪتاب پڙهي ٿو، تڏهن هن جي دماغ ۾ بحث مباحثي، فلسفي، منطق وغيره جو بنياد پوي ٿو. پوءِ هو هر ڳالهه تي فلسفو، منطق ۽ قاعدو هلائيندو. منجهس اوهام، وسواس ۽ شڪ گمان جهڙا خيال پيدا ٿيندا. هو ڏاهن

(١) قاضي قاضن سيوهاڻي (مضمون نگار ڊاڪٽر داؤد پوٽو) "مهراڻ جو موتي" (مرتب سيد حسام الدين راشدي) سال ... صفحو ...
(٢) خواجه محمد زمان لواريءَ وارو - ابيات سنڌي - (مرتب ڊاڪٽر داؤد پوٽو) دفعو ٢ سال ١٩٣٩ع صفحو ٣
(٣) شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو - ڪريم جو ڪلام (مرتب ڊاڪٽر داؤد پوٽو) سال ١٩٦٣ ڇاپو ١ ص ٨٥
۽ "مهراڻ جو موتي" (مضمون نگار ڊاڪٽر داؤد پوٽو) مرتب حسام الدين راشدي دفعو ٢ سال ١٩٦٣ع ص ١٢٤

روحاني ترقيءَ ۾ وهم ۽ وسوسو، وڏي رڪاوٽ آهي. هتي ته يقين محڪم ۽ تصفيه قلب کپي. ان ڪري ظاهري علومن جو حصول، ڪن افراد جي فخر ۽ وڏائيءَ جو باعث بڻجي ٿو. هن جو مطلب اهو نه آهي ته جاهل مطلق ٿيجي ۽ علم نه پڙهجي، پر غرض هي آهي ته ظاهري علم پڙهي، پاڻ ۾ فرعونيت پيدا نه ڪجي.

بهرحال، هن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ظاهري علم سان گڏ، روحاني علم (جيڪو حياتيءَ جو مول مقصد آهي) حاصل ڪرڻ، ائين آهي، جيئن ڪير مِگندُ ۽ سون تي سهاڳو". اهڙا ظاهري ۽ باطني علم جا عالم ۽ ڪامل گهڻئي ٿي گذريا آهن، جن ظاهري علم سان گڏ، روحاني قدرن ۾ ڪمال حاصل ڪري، همت ۽ مردانگيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. اهڙي دور ڪلان ڪجهه اڳ، اسان جي والدين (وڏن) جي دور جا اڪثر علماء سڳورا، ظاهري علومن سان گڏ، باطني علم جا ڪامل ۽ اڪمل ٿي گذريا آهن، جن جي فيض جي درياء مان لکين انسانن جون سُڪل دليون سيراب ٿي ويون. هنن ئي ڌرتي سنڌ ۾ اهڙن عالمن ئي نعرهءِ توحيد بلند ڪيو ۽ شرڪ، بدعت ۽ ڪُفر کي هڪالي، انساني دلين کي الله جي نور سان منوّر ڪيو. اُهڙن علماء اڪرام مان، اسان جي موضوع جو مرڪز، مولانا ابوالحسن، سيد تاج محمد شاه امروٽي به هڪ آهي،

جنهن جي روحاني رهبريءَ ۽ باطني ڪمال جو بيان ڪرڻو آهي.

مولانا السرديءَ جي روحانيت بابت روايتون

سندم والد صاحب ڳالهه ڪندو هو ته ”منهنجي ابتدائي تعليم، والد صاحب (سندم ڏاڏي) وٽ ٿي ۽ ان بعد هڪ مالم وٽ فارسي پڙهندو هوس. ان سان گڏ والد صاحب هميشه روحاني تعليم (قلبي ذڪر وغيره) جي استاد ونڊ لاءِ چوندو هو، پوءِ سُتت ئي والد صاحب (سندم ڏاڏي) وفات ڪئي؛ پر سندس تربيت جو اثر دل تي رهيو؛ انڪري ننڍي ڪان ئي وني ٿيو ٿيون رهيون تائين روحاني رهبر جي ڳولا ۾ رهيس. ان وقت مولانا عبد الغفور همايوني صاحب جي شهرت ٻڌي، اوڏانهن روانو ٿيس. جڏهن همايون پهتس، تڏهن بزرگن جي پڇا ڳاڇا ڪري، درگاهه همايون تي آيس، پر مولوي صاحب تمام گوشه نشين هو ۽ ڏاڍي مشڪلات کانپوءِ اندر گهرايائين. نهايت بلند اخلاقيءَ سان آدرڀاءُ ڪيائين. مون سائنس اندر جي طلب بابت حال اوريو، جنهن موجب مونکي ڏايا ورد وظيفا ڏنائين، جي مون بن سالن تائين پڪي پڙهيا. ان دوران، وقت بوقت سندس خدمت ۾ پيو ويندو هوس، ليڪن سواءِ وظيفن جي، بيو قلبي ذڪر وغيره ڪونه ڏسيائين. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته وردن وظيفن پڙهڻ ڪري، مون ۾ پرهيزگاري ۽ تحمل پيدا ٿيو، پر قلبي سڪون ۽ قلبي سُرور پيدا ڪونه (١)

(١) سندم والد صاحب جون باطني ڪيفيتون احوال

ٿيو. خير، مون پنهنجي دليئون قلبي ذڪر پاڻ ڪندو هوس، پر
ان جو ڪو استاد ڪونه هو، جو ترتيب ٻڌائي، سڌي رستي سان لائي.

هڪ دفعي ڪاڪيپوٽن جي ڳوٺ جي سيد، نالي علي شاهه
اچي مونکي ايلاز منتون ڪيون ته مان غريب آهيان. گذران
ڏکيو ٿو ٿئي. مون ٻڌو آهي ته مولانا امروٽيءَ وٽ علم ڪيميا آهي.
جيڪر مون سان گڏجي ان وٽ هلين ته ڏاڍو چڱو، ڇاڪاڻ
ته تون پڙهيل عالم ۽ نيڪ آهين. متان تنهنجو اثر متن ٿئي ۽
ڪيميا جو نسخو ڏئي وجهي؟ مون سائنس صاف انڪار ڪيو ته
مان مولانا صاحب جو واقف ئي نه آهيان. ڪيئن هلندس؟ پر
هن وڏا قسم وڌا، منتون ۽ نيزاريون ڪيون. لاچار، مان
هن سان گڏجي، امروٽ ويس، جتي اڳي ڪڏهن ڪونه
ويو هوس. ماڻهو ان وقت مولانا امروٽيءَ کي "پڪو ملا" ۽ وهابي
جي نالي سان سڏيندا هئا. خير، مان جڏهن سيد علي شاهه
سان گڏجي، درگاهه امروٽ تي پهتس ته مولانا امروٽي، جماعت
سان گڏ ويٺي، مجلس ڪئي. پاڻ هڪ ننڍي پاون واري
کٽولي تي ويٺو هو. مونکي ڏسڻ سان کٽوليءَ تان اٿي، زور
سان ياڪر پائي مليو ۽ علي شاهه کي پڻ هٿ ڏنائين،
منهنجي نظر مولوي صاحب تي پوڻ سان ئي منهنجي دل
۾ نرمي پيدا ٿي. مولانا صاحب ظاهر احوال جلد نه ورتا.
علي شاهه جو زور هو ته مولوي صاحب کي ڪنهن ٻئي تي [1]

(۱) سندرم والدجي زباني

استدعا لکي ڏجي. مون کيس ترسايو. آخر پيشيءَ جي
نماز امروٽي صاحب سان پڙهي. جڏهن فارغ ٿياسون ته
تڏهن مولانا صاحب بلند آواز سان مجموعي طرح چئي ڏنو
ته 'ماڻهو ٿا چون ته مولانا امروٽيءَ وٽ ڪيميا آهي، پر مون وٽ
ڪيميا هيءَ آهي: "لا اله الا الله محمد الرسول الله صلي الله عليه وسلم"
جيڪو وٺي ته ڏيانس. باقي دنيا واري ڪيميا مون وٽ ڪانهي؛
مون ان وقت ٻئي علي شاهه کي چيو ته 'بابا توکي، تنهنجي سوال
جو جواب ملي ويو؛ هن به ڪٿي، صبر ڪيو. چي،' بزرگ کي وڏيڪ
ڇا چئجي' ان بعد هلڻ جي تياري ڪيائين. جڏهن امروٽي
بزرگ کان اجازت وٺڻ جي ڪئي سون، تڏهن علي شاهه کي
از خود ئي چيائون ته 'بابا، توکي اجازت آهي، باقي ڏينهن ٽي
(سنڌيم والده صاحبه) کي اچا مهماني کان ڪا ڙائي اٿم، اما ڪاڻي، پوءِ
ايندو. تون وڃين ته ڀلي وڃ؛ پوءِ شاهه صاحب گهوڙو هليو ويو
۽ مان امروٽي صاحب جي حضور ۾ رهيس. مولانا صاحب
مونکي پرسان وهاري، ايترو ته قرب ۽ محبت سان ملندو
ڳالهايو، جو ان وقت ئي دل کسي ورتائين. اڃا پيشيءَ
جي نماز جو وقت ٿيو. نماز پاڻ بزرگ پڙهائي. مان نماز
کان فارغ ٿي، مسجد ۾ اندر ويهي، پنهنجي دليئون
جا گيلي ذڪر ڪرڻ لڳس. اڃا به منٽ مس گذريا ته ڏسان
ته مولانا امروٽي اڪيلو اندر آيو ۽ منهنجي سامهون ويهي (١)

(١) سنڌيم والده جي زباني

ڪاڏيءَ تي هٿ رکي، چيائين ته ٻچا، اهو ذڪر غلط ٿو ڪمائين، اَڄ ته مان توکي صحيح ذڪر ڏسيان. ”ائين چئي آڏو گوڏا پڇي، ويهي رهيو. مان ته اڳيئي گوڏا پڇي ويٺو هوس.

بس، اُها محل هئي، جنهن ۾ روحاني اُڃ اجهامي ويئي. بزرگ صاحب، قلب تي هٿ رکي، قلبي ذڪر ڏيڻ جي تلقين ڪيائين. مونکي ان وقت جيڪو قلبي سڪون حاصل ٿيو، اُن جي ڪهڙي حالت ڪريان! ڪو وقت ته وجداني ڪيفيت ۾ هوس، آخر بيدار ٿي ڏٺم ته ڪا ٻُهر ڪالهي ٿي پوءِ، باهر آيس ته مغرب جي نماز جو وقت قريب هو. پوءِ مان نئون وضو ڪري، نماز جي تياري ڪئي. قصو ڪوتاه، آخر تائين راتيون رهبر ڪامل جي منڍيءَ مجلس جو حظ حاصل ڪندو رهيس. اُنهن ڏينهن ۾ جيڪي ڪجهه گفتگو مولانا صاحب جي زبان مبارڪ مان نڪتو پئي، اُهو جڙ ائين ٿي سمجهيم ته خاص منهنجي لاءِ تلقين ۽ نصيحت هئي، سراپا سون هئي!

پاڻ فرمايائين پئي ته ”آباءُ مون وٽ دنيا، زالون، پٽ وغيره جا طالبو تمام گهڻا تا اچن، پر اهڙو ڪو ماڻهو ڪونه ٿو اچي، جو چوي ته ”الله جو نالو ڏس.“ خاص الله جو طالبو ڪو، ڪو آهي“ پوءِ مان اجازت وٺي، ڳوٺ (ميان تعلقو ٽين) آيس ۽ مرشد عالي سان روحاني رشتو قائم ٿي ويو. جنهن ڪري جي ڳولا ۾ (۱)

(۱) منهنجي والد بزرگوار جو سوانح احوال

هُيس، اُهو قدرت مونکي پاڻهي ملائي ڇڏيو. الله جا لک احسان! والد صاحب وٽ ڏيک ڏُڙايو ته ' پنهنجي ڪامل مرشد جي زير تربيت ستت سال گذريا، تنهن بعد مولانا امروٽيءَ مونکي خرقهٔ خلافت عطا ڪري، عوام کي تربيت ڏيڻ جي اجازت ڏني. مون جهڙا رُوحاني طالب، هزارن جي تعداد ۾ هئا، جي هميشه پنهنجي روحاني سَبَق پوري ٿيڻ ۽ ڪافي مَشق ڪرڻ کانپوءِ واري واري سان نئون سبق وٺڻ ايندا هئا. اهڙا نئين سبق وٺڻ وارا هر روز سوَن جي انداز ۾ هوندا هئا. پير سنيءَ جي حالت سبب سندس قابل مُريد يا خليفا، ان تربيت ڏيڻ لاءِ ڪافي موجود هوندا هئا، جي اڪثر طالبن کي مرشد جي ارشاد سان نوان سبق ڏيئي ڇڏيندا هئا. سندس ننگر تي هرهڪ ڪاڙي جي وقت هر روز چار پنج سو ماڻهو ڪاڙو کائيندا هئا، جن ۾ چاليھ يا پنجاه نابينا هوندا هئا. ڪڏهن ته ننگر تي کائڻ وارا ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ به ٿي ويندا هئا ۽ ديگيون پيون رڌبيون هيون."

مولانا امروٽيءَ جي روحاني ڪماليت هن ڳالھ مان صاف ظاهر آهي، جا سندم والد صاحب (سندس خليفي) هڪ دفعي ڪئي ته: "اسانجو همعصر مولانا خوش محمد ٽونيو، مير روحاني به مولانا امروٽيءَ کان روحاني سبق وٺڻ ايندو هو. هڪ دفعي امروٽي (١)

---

(١) سندم والد جو ٻاتي لکايل احوال

صاحب کيس نئون سبق ڏنو. ان ۾ هيڪڙ اهڙو ذڪر هيو، جنهن
جي مَشق ڪرڻ سان توحيد جي طالب کي ”ڪشف القبور“
جي ڪيفيت حاصل ٿيندي آهي، جا بلڪل مخفي رکبي آهي.
روحاني طالبن جو تعداد بي اندازه هو، اُن ڪري امروٽي بزرگ،
مولانا مير وفائيءَ کي چيو ته ”پُٽ هن ذڪر ۾ جڏهن مٿين
ڪيفيت پيدا ٿي پوئي، تڏهن مون ڏي اچڻ جي بدران،
دين محمد ڏي (يعني مون ڏي) ميڻ جي ڳوٺ (سلطان ڪوٽ ۾) وڃجانءِ“
والد بزرگوار وڏيڪ ٻڌايو ته ”هي لُدني علم جي راز وارن ڳالهيون
آهن، جن جي ظاهري علم وارن کي ڄاڻ هرگز نه پوندي
آهي. ظاهري علم وارا، روحاني ڄاڻ اڳيان ڄڻڪ انڌن جي
مثال آهي. سو واقعي ائين ٿيو. ڪنهن وقت ۾ مولوي خوش محمد
صاحب کي اُها ”ڪشف القبور“ واري حالت پيدا ٿي پيئي
۽ هو مرشد ڪامل جي هدايت موجب (رهيسي وارا مقام ڪمندو) مون
وٽ پهتو. مان سائنس پاڪر پائي مليس. ملڻ کانپوءِ جڏهن
ويٺو، تڏهن ٿوري دير کانپوءِ ناراضپو ظاهر ڪيائين ته،
” منهنجي اها نئين حالت ڏاڍي مزي جهڙي هئي، پر هن وقت
هتي وڃڻ سان بند ٿي ويئي، شايد تو بند ڪري ڇڏي“
مون کيس مرشد سائينءَ جي هدايت بيان ڪري ٻڌائي ته
اهو خيال منهنجو نه، بلڪ اسان جي رهبر، آقا امروٽيءَ (١)

(١) سنڌ ۾ والد جو بابائي احوال

جوڻي آهي ته ايها ڪيفيت بند ڪرڻ گهرجي؛ جاڪاڻ ته طالبُ، اُن جي مزي ۾ محويت ۾ ڦاسي پوندو ۽ منثي پرواز ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي پوندي؛ تنهن ڪري پنج ڪان ماڻي نٿي ڪاڏائين. آخر گهڻي سمجهائڻ ڪانپوءِ ماڻي ڪاڏائين. مولانا امروٽيءَ جي رُوحاني ڪمال جُون اهڙيُون هزارين ڳالهيُون آهن. هڪڙو روحاني ماهر اُستاد ۽ فيض جي سخاوت وارو بزرگ، بيو ڪوچڱو هوندو. سندس ڪيمياڻ نظر، ڪيتريل لوهه جهڙين دلين کي لڳي، پارس بڻائي ڇڏيندي. هزارين گنهگار پاپا، مولانا امروٽيءَ جي هڪ نظر سان سونُ ٿي پيا. سندس روحاني شاگرد ۽ خليفا به ڪامل ۽ اڪمل اولياء ٿي پيا ۽ هزارين ماڻهن کي توحيد جي راهه سان لاتائون ۽ سندن خانقاهون اڄا تائين الاهي ذڪر ۽ فڪر سان رڱجي رهيون آهن.“ (١)

مولانا امروٽيءَ جي رُوحاني ڪماليت جو ذڪر، مولانا عبدالڪريم چشتيءَ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

> ”حضرت امروٽي عليه الرحمة قادري طريقي جو وڏو باڪمال خليفو پير هو. حضرت بابرڪت رئيس الاولياء حافظ محمد صديق ڀرچونڊي شريف واري بزرگ جو خليفو هو...... وڏو صاحب جذب ۽ ڪشف ڪرامت جو ترڙي هو. اکين ڏٺا واقعا سامهون آهن، جو سوين ماڻهو فاسق، فاجر، شرابي، جواري ۽ ٻيا سندن صحبت ۾ اچي، هميشه لاءِ انهن گندن فعلن کان بيزار ٿي ويا ۽ وحدت يا الاهيءَ ۾ جڪبي ويا.“ (٢)

سالڪي سلسلي ۾ شيخ العرب والعجم مولانا سيد حسين احمد مدني

---

(١) سندم والد بزرگوار جي زباني.
(٢) ماهنامه مومنين زندگي، ماهه جون ١٩٥٨ع صفحو ٢٦

فرمائي ٿو:

"هزارين بلڪ لکين مسلمان اهڙا عقيدتمند ۽ مُريد اُتي موجود آهن. سندن ڪرامتن جو اُن ترڪ ۾ ڏاڍو غوغاءُ آهي." (۱)

مرحوم محمد امين کوسو "حضرت امروٽيءَ جو روحاني اثر" هيٺين لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو:

"مولانا حماد الله جي بي پناهه روحانيت ۽ خدا شناسي ۽ فياضيءَ ۾ امروٽي. مياڻ عبدالعزيز (ڪريو پالوي) جي بزرگانه سادگي ۽ زاهدانه زندگيءَ ۾ امروٽي. حڪيم فتح الدين جي انوروني جذبن ۽ عقيدت ۾ امروٽي. عبدالرحمان مرزا جي ڪرگويائيءَ ۽ شب زنده داريءَ ۾ امروٽي. حاجي عظيم خان جي تحريڪ حريت جي سالاريءَ ۾ امروٽي. جان محمد جوڻيجي جي شعاريت ۽ عظمت ۾ امروٽي. باده مرگان جي منصور عبدالرسول مرحوم جي بيباڪيءَ جرئت، طاقت ۽ صداقت ۾ امروٽي. احمد علي لاهوريءَ جي خادمانه سروريءَ ۽ مجاهدانه وطن ۾ امروٽي. عبيدالله سنڌيءَ جي جلاوطني هجرت، غريب الوطنيءَ ۽ جفا طلبيءَ ۾ امروٽي. حقيقتاً سندن زندگيءَ جي هر پهلو، غيرت جي هر مظاهري، ايماني جوش جي هر ولولي ۽ هر لهر، حق پرستيءَ جي هر ڪوشش، سرفروشيءَ جي هر تمنا، باطل شڪنيءَ جي هر عزم، غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ جي هر ڪُرڻ، تڪبير جي هر ضرب، حق ۽ صداقت جي هر نعري ۽ اعلاءِ ڪلمة الحق خاطر هر قربانيءَ، اسير محنتن ۽ هر فدائيت ۽ شهادت ۾ امروٽيءَ جا اثر نمايان آهن." (۲)

مولانا احمد علي لاهوري، مولانا امروٽيءَ جي ڪامل روحاني استاد هجڻ جو ثبوت هيٺين نموني پيش ڪري ٿو:

ترجمو: جڏهن مان حضرت دينپوريءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي، تڏهن منهنجي عمر تقريباً ٽوِيهه سال هئي. پاڻ منهنجي بيعت کانپوءِ چاليهن سالن تائين زنده رهيو ۽ هڪ سو ڏهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. حضرت امروٽيءَ منهنجي تربيت ڪندو رهيو. منهنجي موٽڪي الله جو نالو ڏسيو ۽ پوءِ ڪي الله جو ذڪر سڻ جي اجازت عطا فرمائي. مگر جيستائين اهي حضرت زنده رهيا، تيستائين جو شخص مون وٽ بيعت جي لاءِ ايندو هو، ان کي استطاعت

---

(۱) هفت روزه ترجمان اسلام لاهور مورخ ۲ فيبروري ۱۹۷۰ع

(۲) روزنامه الوحيد "سنڌ آزاد نمبر" سال ۱۹۳۶ع صفحو ۴۵

هوندي هئي ته مان ان کي وٺي مولويءَ ڏي ويندو هوس.“ (١)

مولانا احمد علي لاهوريءَ جو عقيدتمند عبدالحميد خان لکي ٿو :

ترجمو : ” آنحضرت (مولانا احمد علي لاهوري) کي سنه ١٩٢٦ع ۾ حضرت تاج محمود امروٽيءَ حڪم فرمايو ته : ” احمد علي پٽ! تون خلق خدا کي بيعت جي لاءِ دور دراز سفر ڪرڻ جي تڪليف نه ڏيندو ڪر، اڄ کان تون خود ئي ڪين لاهور ۾ بيعت ڪندو ڪر. اهڙي طرح حضرت (احمد علي) ان ڪانپوءِ ماڻهن جي بيعت وٺڻ شروع ڪئي.“ (٢)

عبدالحميد خان پنهنجي مولانا امروٽيءَ جي روحاني مقام بابت لکي ٿو :

ترجمو : ” امروٽ شريف سنڌ ۾ ضلعي سکر جو هڪ ڳوٺ آهي، جتي هڪ عالم دين ۽ تمام وڏو باخدا ولي الله رهندو هو. ان جو اسم گرامي ابوالحسن شاهه سيد تاج محمود هو. عام طرح پاڻ حضرت امروٽيءَ جي نالي سان مشهور هو. بزرگن کان ٻڌڻ ۾ آيو ته پنجابي ولقب تمام مجذوبن ۽ اصحاب خدمت جا حلقا تقسيم ڪرڻ ۽ انهن جون بدليون ڪرڻ، سندس ذميداري هئي. تنهنڪري کيس قطب الاقطاب جي لقب سان ملقب ڪيو ويو آهي.“ (٣)

اڳتي هلي، فرمائي ٿو :

ترجمو : ” حضرت مولانا تاج محمود امروٽي وڏو متوڪل ۽ فنا في الله بزرگ هو.... روحاني فيض جي طالبن لاءِ اهو هڪ وڏو دارالعلوم هو.“ (٤)

---

(١) عبدالحميد خان - ڪتاب مرد مومن (اردو) دنعوه، سال ١٩٧٠ع
اردو عبارت : ميري عمر تقريبًا نو سال تھی - جب ميں نے حضرت دينپوريؒ کے ہاتھ پر بيعت کی، آپ ميری بيعت کے بعد چاليس سال تک زنده رہے اور ١١٠ سال کی عمر ميں وصال پايا - حضرت امروٹیؒ بھی ميری تربيت فرماتے تھے ... مگر جب تک يہ حضرات زنده رہے ...... بھيج ديتا ۔

(٢) ايضًا - اردو عبارت : آنحضرت کو ١٩٢٦ء ميں حضرت تاج محمود امروٹیؒ نے حکم فرمايا : ” احمد علی بيٹا، تم خلق خدا کو بيعت کے لئے .... شروع کر ديا

(٣) ايضًا - اردو عبارت : امروٹ شريف سندھ ميں ضلع سکھر کا ايک قصبہ ہے - يہاں ايک عالم دين اور بہت بڑے باخدا ولی الله رہتے تھے . ان کا اسم گرامی ابوالحسن شاہ سيد تاج محمود تھا - عام طور پر آپ حضرت امروٹیؒ کے نام سے .... ملقب کيا جاتا ہے“

(٤) ايضًا - اردو عبارت :-
حضرت مولانا تاج محمود بڑے متوکل اور فنا فی الله بزرگ تھے ..... دار العلوم تھا

والدصاحب جي روايت موجب مولانا امروٽي

مولانا امروٽيءَ جي بيعت ڪرائڻ جو طريقو

پهريائين هي الفاظ چورائيندو هو :
"يا الله، مون شرڪ، بدعت، ڪفر ۽ تنهنجي نافرمانيءَ کان توبه ڪئي. اي منهنجا رب، پنهنجو ذوق ۽ محبت عطا فرماءِ ۽ اهڙا عمل صادر ڪراءِ، جن جي تون راضي هجين."

ان کانپوءِ هن طرح بيعت ڪرائيندو هو :

"مان اوهان جي هٿ تي بيعت ڪريان ٿو، مٿي
هن ڳالهه جي ته جيڪي بحڪم الله تعاليٰ ان جي رسول
صلي الله عليه وسلم جا ارشاد ٻڌائيندؤ، اهي ٻڌي دل جي
حضور ۽ سچائيءَ سان عمل ڪندس. هن ڳالهه ۾ مان
الله پاڪ کي شاهد وٺان ٿو."

روحاني لطائف

جهڙيءَ طرح ظاهري تعليم جا درجا يا سال وغيره هوندا آهن ۽ هڪ درجي پاس ڪرڻ کانپوءِ ٻيو درجو کلبو آهي، اهڙيءَ طرح باطني تعليم ۾ به درجا هوندا آهن، جن کي "لطائف روحاني" سڏيو ويندو آهي. مٿي ذڪر ڪيل بيعت کانپوءِ مولانا امروٽي، مرد مريد جي هڪ هٿ کي وٺي، ٻئي هٿ جي اشهد آڱر سندس قلب تي رکي، قلبي ذڪر (اسم ذات) جي تلقين ڪندو هو. القين جو جلدي يا دير سان اثر، هر هڪ فرد جي قلبي حالت تي منحصر هوندو هو. ڪن کي ته اُتي جو اُتي غشيءَ جي حالت طاري ٿي ويندي هئي ۽ سندن دل ذڪر ڪرڻ شروع ڪندي هئي ۽ ڪن کي ڪجهه دير سان اثر ظاهر ٿيندو هو. پاڻ سلسلي (١)

---

(١) سندم والدصاحب جي زباني

قادريءَ جي تلقين ڪندو هو. مون تي خاص مهربان هو ۽
چئن ئي طريقن (قادري، نقشبندي، چشتي ۽ سهروردي) جا لطائف
طئي ڪرائي چڪا هئائين، مگر انهن مان گهڻي مشق، قادري
طريقي جي هئي. سلسلي قادريه ۾ قلبي ذڪر تيرنهن [١٣]
قسم ڏسيائين، جي نمبروار هن طرح آهن:

(١) ذڪر قلبي (٢) روحي (٣) سري (٤) نفسي (٥) خفي (٦) اخفيٰ
(٧) پاس انفاس (٨) آرو (٩) سبع صفات (١٠) سلطان الاذڪار
(١١) نفي اثبات (١٢) مراقبه صفات سبع (١٣) مراقبه اسم ذات نوراني

هر هڪ ذڪر جي عمل ۾ محنت ڪري، پاس ٿيڻ کانپوءِ
ٻيو ذڪر جاري ڪيو ويندو هو. مٿين مان پهرين ڇهن کي
لطيفا چوندا آهن. (١)

انساني جسم ۾، هر هڪ لطيفي جي پنهنجي پنهنجي جاءِ
آهي. سندن روشنائي (لمعا) جو رنگ به جدا جدا آهي:
ماستر علي محمد ٽيٽي لطائف روحاني جا رنگ هن طرح بيان
ڪيا آهن: -

"قلب زرد، روح سرخ، سرّ اڇو سفيد
خفي ڪارو، اخفيٰ سائو (سبز)" (٢)

سندم والدصاحب "نفسي" لطيفي جو رنگ ڦڪو يا زرد
ٻڌايو ۽ لطائف جون جايون هن طرح ٻڌايون:

---

(١) سندم والد بزرگوار جي زباني
(٢) ماستر حاجي علي محمد حاجي مير محمد ٽيٽي: تصفيه روحاني عرف روحاني تعليم دفعو اول ص ١٣ سال ١٩٥١

"قلبي"، ڪبي پاسي دل ۾
"رُوحي"، سڄي پاسي ٻيءَ هيٺان
"سِرّي"، ڇم ڇدوءَ وچ تي)
"نفسي"، ڏُن وٽ،
"خفي"، نِرڙ وٽ
"اخفيٰ"، کوپڙيءَ وٽ."

مٿين لطائف کي طئي ڪرڻ کانپوءِ وڌيڪ اذڪار وڏيءَ محنت سان طئي ڪري سگهبا آهن. انهن جا مختصر قوانين بيان ڪجن ٿا:

(۱) پنهنجي شيخ (مرشد) جو ادب، سندس خدمت ۽ ساڻس بيحد محبت رکڻ

(۲) سلوڪ جي راهه ۾ جيڪا محنت ڪجي، سا پڻ نوري ڍنگ ڪجي، پرڪمال محبت، خشوع ۽ خضوع (دل جي حضور) سان ڪجي.

(۳) خوراڪ حلال کائڻ، ڳالهائڻ ۽ ڇڪڻ پڇڻ (کنهن جي پيهوڙي) کان پاسو

(۴) تزڪيه نفس ڪرڻ (مزدوري يا فقر فاقه جي عادت وجهڻ سان)

(۵) پرهيزگاري ۽ پاڪائي رکڻ (جسم جي صفائي، پوشاڪ جي پاڪائي، کاڌي پيتي جي صفائي ۽ خيال ۽ عمل جي صفائي يا نيڪي).

ذڪر لاءِ رات جو وقت نهايت موزون آهي. ذڪر ڪرڻ جو طريقو ۽ ٻيون ڳالهيون عمل سان تعلق رکن ٿيون (جي هتي طوالت جي خوف کان بيان ڪري نٿيون سگهجن) ۽ مرشد ۽ مريد جي وچ ۾ ڪي راز وارا ڳالهيون آهن، جن جو وستار وڏو آهي ۽ اهي سلوڪ وارن کان (۱)

(۱) سنڌ ۾ والي صاحب جي نالي

سواءِ نه کو سمجهندو نه اعتبار ڪري سگهندو.

والد صاحب وڌيڪ ٻڌايو ته مولانا امروٽي گهڻو ڪري عورتن کي بيعت نه ڪرائيندو هو. پنهنجي مُريدن ۽ طالبن کي چوندو هو ته "پنهنجي عورتن (زالُن) کي اوهين پاڻ ذڪر ٻڌايو، ڇو ته اوهان کي اجازت آهي". جيڪڏهن ڪو ڪيس مجبور ڪندو هو، ته پري کان ئي هدايت ۽ تلقين ڪري، سندس مرشد کي هدايتون ڏيندو هو.

امروٽي صاحب، اڪثر ڪري پنهنجي مريدن يا طالبن کي پاڪائي رکڻ، ٿوري ڳالهائڻ، ٿوري کائڻ، ٿوري سمهڻ، بي ريائي، صبر، شڪر ۽ سخاوت ڪرڻ جي هدايت ڪندو هو. پاڻ فرمائيندو هو ته "پڙهيل ماڻهوءَ کي ترجمو ۽ تفسير قرآن پاڪ، ۽ حديث جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي ۽ مرشد جو تصور ۽ خيال هميشه هئڻ گهرجي. اُن کان سواءِ مولانا صاحب ذڪر جو حلقو ۽ مراقبو پڻ ڪرائيندو هو". •

وڌيڪ ڳالهه هيءَ ٻڌايائين ته "مولانا امروٽي اهڙو ڪامل مرشد هو، جو گناه جي امڪان وقت، سندس مُريد يا طالب کي اهڙو قدرتي اشارو يا خيال اچي ويندو هو، جو هو پاڻ سنڀالي وٺندو هو ۽ اُن گناه ڪرڻ کان بچي ويندو هو. اهو سندس روحاني ڪمال جو ثبوت هو. (۱)

مولانا امروٽيءَ کي چئن ئي طريقن (قادري، نقشبندي، چشتي، ...

(۱) سندم والد صاحب جي زباني

۽ سهروردي جي ترغيب مليل هئي، پر سلسلهٔ قادريہ تي خاص عبور حاصل هوس ۽ اڪثر تلقين به قادري طريقي جي ڪندو هو." (۱)

ان جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

سلسلو قادريہ راشديہ جو نبرا شجرو

حضرت شيخ المشائخ قطب الاقطاب حضرت مولانا سيد ابوالحسن شاهه تاج محمود امروٽي قدس الله سره العزيز خرقو خلافت ڏکيو، حضرت شيخ المشائخ قطب الوقت حافظ محمد صديق صاحب پرچونڊي شريف کان، الهن سيد حسن شاهه موئي شريف وارن کان، الهن حضرت شيخ المشائخ سيد محمد راشد روضي ڌڻي کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد محمد بقا شهيد کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد عبدالقادر رضا سر کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد صالح شاهه کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد شمس الدين ثالث کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد عبدالقادر رابع کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد شمس الدين محمد شاهه ثاني کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد عبدالقادر ثالث کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد عبدالرزاق کان الهن حضرت شيخ المشائخ سيد عبدالقادر ثاني کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد محمد غوث کان – الهن حضرت شيخ المشائخ شمس الدين محمد اول کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد شاهه مير کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد علي کان الهن حضرت شيخ المشائخ سيد محمد مسعود کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد احمد کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد صفي الدين صوفي کان – الهن حضرت شيخ المشائخ سيد سيف الدين عبدالوهاب کان – الهن حضرت شيخ المشائخ

---

(۱) سندم والدجو زباني احوال قلمبند ڪيم.

سيد محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني کان - انهن حضرت شيخ المشائخ
سيد ابوسعيد مبارڪ بن علي مخزومي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ
سيد علي بن احمد کان - انهن حضرت شيخ المشائخ سيد ابوالفرح محمد بن
عبدالله طرطوسي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ سيد ابوالفضل کان - انهن
حضرت شيخ المشائخ سيد عبدالواحد تميمي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ
سيد عبدالعزيز کان - انهن حضرت شيخ المشائخ شيخ ابوبڪر شبلي کان
انهن حضرت شيخ المشائخ جُنيد بغدادي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ
سري سقطي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ معروف ڪرخي کان - انهن
حضرت شيخ المشائخ دائود طائي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ خواجه
حبيب عجمي کان - انهن حضرت شيخ المشائخ خواجه حسن بصري کان
انهن حضرت شيخ المشائخ اميرالمومنين امام المُتقين علي بن ابي طالب ڪرم
الله وجهه کان - انهن حضرت سيد المرسلين خاتم النبيين رسول رب العالمين
انيس الغريبين شفيع المذنبين سيدنا ومولانا وملجانا وآقانا
محمد بن عبدالله العربي الهاشمي القريشي صلي الله عليه وآله
واصحابه وبارڪ وسلم کان (1)

(٢) <u>صيلون شجرو خاندان عاليه قادريه راشديه نمبر ٢ ڪجهه مختلف آهي ;</u>

(١) الهي بحرمت شمس الضحيٰ نور الهديٰ احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم — روضه طاهره مدينه منوره

(٢) الهي بحرمت باب العلم اسدالله الغالب علي ابن ابي طالب ڪرم الله وجهه — مزار نجف اشرف

(٣) الهي بحرمت خواجه حسن بصري رحمة الله عليه — مزار بصره عراق

(٤) الهي بحرمت حضرت دائود طائي رحمة الله عليه — بغداد

---

(1) تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي - مطبوعه مجلس حيدرآباد سنڌ - (مضمون نگار مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي) مع حواله درگاه عاليه طرفان ڇپايل شجرو ۽ ڊاڪٽر عبدالفتاح بلوچ جو ڪتاب اصلاح المومنين تاه ونيل

(۵) الٰہی بحرمت خواجہ حبیب عجمی رح — بصرہ

(۶) الٰہی بحرمت حضرت معروف کرخی رح — بغداد

(۷) الٰہی بحرمت حضرت شیخ سرّی سقطی رح — بغداد

(۸) الٰہی بحرمت حضرت جُنید بغدادی رح — بغداد

(۹) الٰہی بحرمت شیخ ابوبکر شبلی رح — بغداد

(۱۰) الٰہی بحرمت حضرت عبدالواحد تمیمی رح — بغداد

(۱۱) الٰہی بحرمت حضرت ابوالفرح طرطوسی رح — طرطوس

(۱۲) الٰہی بحرمت حضرت شیخ ابوالحسن ہنکاری قریشی رح — بغداد

(۱۳) الٰہی بحرمت حضرت ابوسعید مبارک مخزومی رح — بغداد

(۱۴) الٰہی بحرمت حضرت شاہ محی الدّین عبدالقادر جیلانی رح — بغداد

(۱۵) الٰہی بحرمت حضرت شیخ سیف الدّین عبدالوہاب رح — بغداد

(۱۶) الٰہی بحرمت حضرت سیّد صفی الدین صوفی رح — بغداد

(۱۷) الٰہی بحرمت حضرت سیّد ابوالعباس رح — حلب

(۱۸) الٰہی بحرمت حضرت سیّد مسعود رح — حلب

(۱۹) الٰہی بحرمت حضرت سیّد علی رح — حلب

(۲۰) الٰہی بحرمت حضرت سیّد شاہ میر رح — حلب

(۲۱) الٰہی بحرمت سیّد شمس الدّین جیلانی بغدادی حلبی اوچی رح — حلب

(۲۲) الٰہی بحرمت سید محمد غوث گیلانی الحسنی حلبی اُچوی رح — اُچ (پنجاب)

(۲۳) الٰہی بحرمت سید عبدالقادر ثانی رح — اُچ

(۲۴) الٰہی بحرمت حضرت سیّد عبدالرزّاق رح — اُچ (۱)

---

(۱) عبدالحمید خان - مرہومن (اردو) طبع ۵ سال ۱۹۲۰ء ص ۸۵

(۲۵) الٰہی بحرمت حضرت سید حامد گنج بخش کلاں رح　　اُچ

(۲۶) الٰہی بحرمت حضرت سید عبد القادر ثالث رح　　اُچ

(۲۷) الٰہی بحرمت حضرت سید عبد القادر رابع رح　　اُچ

(۲۸) الٰہی بحرمت حضرت سید حامد گنج بخش ثانی رح　　اچ

(۲۹) الٰہی بحرمت حضرت سید شمس الدین ثانی رح　　اُچ

(۳۰) الٰہی بحرمت حضرت محمد صالح شاہ رح　　اچ

(۳۱) الٰہی بحرمت حضرت سید عبد القادر خامس رح　　پیر جوٹ ستارہ

(۳۲) الٰہی بحرمت حضرت سید محمد بقا رح　　پیر گوٹھ پاگارہ

(۳۳) الٰہی بحرمت حضرت سید محمد راشد رح　　پیر پاگارہ

(۳۴) الٰہی بحرمت حضرت سید شاہ حسن رح　　سوئی شریف

(۳۵) الٰہی بحرمت حضرت شیخ حافظ محمد صدیق رح　　پیر چونڈی

(۳۶) الٰہی بحرمت حضرت سید ابوالحسن شاہ تاج محمود امروٹی رح　　امروٹ (۱)

---

(۱) عبد الحمید خان - کتاب مرد مومن (اردو) طبع سال ۱۹۷۰ء ص ۸۵

باب ٽيون (خليفا ۽ راوي)

روحاني تعليم ڏيڻ سان، مولانا امروٽيءَ ڪيترن ئي مُريدن کي روحاني علم ۾ قابل ۽ ڪامل ڪري، کين خلافت جو خرقو عنايت ڪيو. روحاني تعليم ۾ ته ڪيترائي اڻ ڳڻيا ماڻهو پڙتي ويا ۽ وڃي خلق خدا کي روحاني فيض ڏنائون، پر هتي ڪن مشهور خليفن جا نالا ۽ مختصر بيان ڏجي ٿو:

مولانا امروٽيءَ جي مشهور خلفاء جا اسماء گرامي:

(١) خليفو مولانا عبدالعزيز صاحب ترڳڙيا لوي ضلعو سکر،

(٢) خليفو ميان محمد صالح صاحب باڻيچي تعلقو پنو عاقل ضلعو سکر

(٣) خليفو سيد دين محمد شاه صاحب ميٺا، تعلقو ٺيڙ ضلعو لاڙڪاڻو

(٤) خليفو مولانا حماد الله صاحب هاليجوي، ضلعو سکر

(٥) خليفو مولانا و حافظ عبدالعزيز صاحب ڪالاباغ، پنجاب.

(٦) خليفو مولانا احمد علي صاحب لاهوري. پنجاب.

(٧) خليفو سيد دين محمد شاه صاحب، شڪراهه، تعلقو شڪارپور ضلع سکر. (١)

خليفو مولانا عبدالعزيز صاحب ترڳڙيا لوي

مولانا عبدالعزيز ترڳڙيائيءَ وارو، مولانا امروٽيءَ جو وڏو خليفو هو، کيس مولانا امروٽي ڏاڍي عزت ۽ پيار ڏيندو هو. وفات تائين

---

(١) سندم والد جن جا احوال

تو رواج، پنهنجي جنازي جي نماز پڙهڻ لاءِ به خليفي صاحب بابت وصيت ڪئي هئائين. خليفو صاحب، سندس ارشاد موجب هالا ۾ مان دوا وٺڻ ويو هو. پوئتان امروٽي صاحب وفات ڪري ويو. خليفو صاحب به وقت تي پهچي ويو ۽ مولانا امروٽيءَ کي غسل ڏنائين، سندس جنازي جي نماز پڙهايائين، جيووجهي ته سندس مرشد (امروٽي صاحب) جي مٿس ايتري ته شفقت هئي، جو ڪيس خلافت عطا ڪري (وفات بعد) ڪيس پنهنجو سجاده نشين مقرر ڪيو هئائون، پر وفات بعد ڪن سببن ڪري، ائين ٿي نه سگهيو (٢)

مولانا عبدالعزيز صاحب، ڳوٺ تريچاڻي (٣) تعلقي بني عاقل، ضلعي سکر ميجائو. سندس ولادت جي تاريخ، سندن پس ماندن کان به معلوم ٿي نه سگهي. تريچاڻيءَ جو ڳوٺ علم ۽ فيض جي لحاظ کان سندس ئي وجود جي ڪري مشهور آهي. سندس والد جو نالو مولوي محمد حيات هو، جو پڻ روحانيت جو مالڪ هو. سندس خاندان "شيخ" جي نالي سان مشهور آهي، پر تحقيق موجب پاڻ قريشي آهن. سندس نسب وڃيو ٿو ابابڪر صديق سان ملي. انهيءَ سلسلي ۾ مولانا ابوبڪر

---

(٢) سندس والد جي زباني

(٣) هن ڳوٺ تي مصراڻ جي مهربانين ڪري، ڪيترائي ڦيرا انقلاب آيا. جنهن تريچاڻيءَ ۾ مولانا موصوف جي ولادت ٿي، سا شهر روهڙيءَ ويجهو هئي. درياءَ جي ٻاٽڻ ڪري، ويڪي بند جي ميل پري اوڀر طرف آڙاهي وڃي، اُتي به ڪيس درياءَ نه ڇڏيو، جنهن ڪري ويڪي تعلق بني عاقل جي سائنگي ۽ شيٽن جي پرسان تريچاڻي ڳوٺ آباد ٿيو، جو اڄ تائين قائم آهي ۽ مولانا ان جي وفات ڪئي. (ابوبڪر شبلي هراڙ ١٩٥٠ء، سواليه نمبر مضمون ١٨٠٥/١٨٨٥)

شبلي لکي ٿو:

"عربستان ۾ وڏي مالڙو کي شيخ سڏيندا آهن. سنڌ جا وڏا جو عربستان کان آيا، سو شيخ سڏجڻ لڳا. سنڌ ۾ هن سلسلي ۾ شجرو تعلق ڪنهن بارڪي جي گوٺ شيخاڻي ۾ سنڌ ڪن عزيزن وٽ موجود آهي." (١)

مولانا صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي والد، مولوي محمد حيات وٽ پوري ڪئي. سندس والد به روحانيت جو مالڪ هو. وڌيڪ تعليم گوٺ پنهواري (ضلع ٺٽو) ۾ مولانا عبدالقادر اٻيرڙو وٽ ورتائين.

مولانا صاحب جي وڏن جي، مولانا امروٽيءَ جي وڏن ۾ عقيدت هئي، ان ڪري هي به علم جي تحصيل کان اڳ به امروٽ پهچي ويو ۽ درگاه تي خادم ٿي، ڪم ڪرڻ لڳو. جڏهن مولانا عُبيد الله سنڌيءَ امروٽ ۾ دارالعلوم ۽ پريس قائم ڪيا، تڏهن مولانا عبدالعزيز صاحب وٽس شاه ولي الله جو فلسفو پڙهيو هو.

مولانا عبدالعزيز صاحب، مذهبي، تبليغي، سياسي، سماجي ۽ علمي ڪمن ۾ مولانا امروٽيءَ جو مددگار رهيو. قرآن شريف جي سنڌي ترجمي ڪرڻ وقت، هن صاحب ان ڪم ۾ گهڻي ڀاڱي حصو ورتو ۽ ننگر جي خدمت سان گڏ علم طريقت جو به طئي ڪندو رهيو. سياسي ڳالهين، جهڙوڪ خلافت ۽ هجرت تحريڪن ۾ به مولانا امروٽيءَ سان گڏو گڏ ڪم ڪيائين. انگريزن خلاف تقريرون ڪرڻ سبب جيل به ڪاٽيو هئائين.(١)

(١) مولانا ابوبڪر شبلي "مهراڻ" سوانح نمبر سال ١٩٥٧ع صفحو ١٨٥ کان ١٨٧

مسجد منزلگاهه ملهپل ۾، هندن طرفان، انگريزن کي ڪي غلط فهميون وهاريون ويون، جنهن ڪري کيس گرفتار ڪري خانپور (پنجاب) شهر ۾ نظربند رهيو؛ پر پوءِ ثابتي نه ملڻ ڪري، جلدئي کيس آزاد ڪيو ويو. (۱)

امروٽي صاحب جي وفات کانپوءِ هن پنهنجي ڳوٺ ترڳڙي ۾ وڃي، "مدرسو قاسم العلوم" جاري ڪيو؛ ان سان گڏ فيض رساني جو ڪم پڻ شروع ڪيائين. (۲)

ڪيترائي سنڌي مريد هئا. سنڌ ۾ خليفن مان شفيع محمد ڀٽو، ڳوٺ جونگل تعلقي نار جو، مشهور آهي.

خليفي مولانا عبدالعزيز صاحب جي طبع نهايت حليم همدرد ۽ خوش اخلاق هئي. مهمانن کي روزانو پنهنجي هٿن سان ماني کارائيندو هو. مهمان نوازي ڪندي، ڏاڍو خوش ٿيندو هو. فخر يا وڏائي منجهس اصل ڪونه هوندي هئي، سڀني سان گڏجي، ساڳئي جاءِ تي ويهندو هو.

پنهنجي مرشد جي تعليم مطابق شرڪ ۽ بدعت جي بيحد خلاف هو، رسول ﷺ جي سُنت ۽ توحيد جو عاشق هو. سندس طريقت جو سلسلو قادري هو.

خليفي صاحب کي چار پٽ آهن: ۱ مولوي محمد صاحب ۲ مولوي محمد حسن صاحب ۳ محمد يحيٰ صاحب ۴ محمد هارون صاحب، اهي پڻ پيءُ وانگر، تبليغ ۽ روحانيت ۾ مصروف آهن.

---

(۱) مولانا ابوبڪر شبلي جو مضمون "سوانح نمبر ڪاروان" سال ۱۹۵۷ع صفحو ۱۸۶
(۲) ماستر فتح محمد سومري سرائي پوري جو زباني احوال.

هي خليفو ٦- آگسٽ ١٩٥٠ع، آچر ڏينهن، تريچاڻيءَ ۾ وفات ڪري ويو. (١)

خليفو ميان محمد صالح صاحب بائيجيءَ وارو

خليفو ميان محمد صالح، ڏاريجا قوم مان هو، سندس ڳوٺ بائيجي(٢) تعلقي پني عاقل ۾ آهي. ان طرف ڏاريجا(٣)، اڪثر خان ۽ زميندار آهن. ميان صاحب به انهن منجهان هڪ زميندار هو. سندس والد جو نالو ميان خدا بخش هو. ميان خدا بخش کي ٻه پٽ هئا، وڏو تماچي خان ۽ ننڍو ميان محمد صالح. (خليفو مولانا مرحوم) خليفي صاحب جي تاريخ ولادت، اڃ تائين معلوم ٿي نه سگهي آهي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مولوي جمال الدين پنهي وٽ ورتائين. پارسي نصاب جا سڀ ڪتاب پورا ڪيائين. ان کانپوءِ پنهنجي آبائي ڌنڌي (زميندارئي) ۾ مصروف ٿي ويو.

---

(١) مولانا ابوبڪر شبلي جو مضمون "سوانح ليرو نگو" سال ١٩٥٧ صفحو ١٨٥ کان ١٨٧.

(٢) بائيجي جو ڳوٺ، پني عاقل اسٽيشن کان هڪ ميل ڏکڻ اولھ طرف آهي. خليفي محمد صالح جي ڳوٺ هجڻ ڪري هو ڪيس "بائيجي شريف" سڏيندا آهن.
ماستر محمد حسن انيڙ، ساڪن پنوعاقل راوي آهي ته ميان محمد صالح خليفي جي وڏي ڏاڏي جو نالو "بايزيد" هو، جو روحانيت جو صاحب هو، کيس شيخ المشائخ بايزيد سڏيندا هئا. هي بزرگ ناٿ ۽ ميو سڃا ڏاري اچي، سلطانپور جي پرسان ميل کن مناسلي ۾ رهي [illegible] (تعلق پني عاقل) جي نزديڪ آباد ٿيو. ان آباديءَ کي "بايزيد جي" سڏيندا هئا، جيڪا بعد ۾ سڏجڻ آئي "بائيجي" ٿي ويئي. انگريزن جي اوائلي دور ۾ ڳوٺ "بايزيد جي" تعلقي ننڍا پور، ضلعي شڪارپور ۾ هو. شيخ بايزيد وفات به اتي ڪئي. سندس مقبرو سلطانپور لڳ، پوليس ٿاڻي جي پرسان آهي، جنهن کي "پير مشائخ جو قبو" چوندا آهن.

(٣) ڏاريجا اصل ۾ راٺوڙ راجپوت قوم مان آهن. ماستر محمد حسن انيڙ جي روايت موجب اهي راٺوڙ راجپوت غوث بهاءُ الحق ملتاني سهروردي جي دعا، سندس خليفن جي وساطت سان وڃي مسلمان ٿيا. ٻي روايت موجب حضرت بابا فريد الدين شڪر گنج چشتي جي هٿ وٽ مسلمان ٿيا هئا. خليفو ميان محمد صالح صاحب، بزرگ بايزيد جي پشت تان آهي، بزرگ جي ٻي اولاد [illegible] ڳوٺ [illegible] ڏاريجا سلطانپور کان هڪ ميل اتر طرف "جيب ڏاريجا" ۾ آهي. (محمد حسن انيڙ)

ڏاريجا قوم وارن کي ڪافي زمينون هيون، جيڪي اڄ به "ديھ باڻيجي"، "ديھ ماليجي" ۽ "ديھ جانيجي" جي نالن سان سڏجن ٿيون. خليفي ميان محمد صالح صاحب جا وڏا به پنهنجي ترجا زميندار ۽ آڳواڻ رهندا آيا.

خليفي صاحب جن جو خاندان شروع کان اُچ جي پيرن جو مريد ۽ معتقد هو. ميان خدا بخش ڪانپوري، سندس وڏڙن ۽ فرزند تماچي خان پٽ رڏن جي روايت موجب، اُچ وارن بزرگن جي عقيدي ۾ رهيو، پر ميان محمد صالح جي دل وري ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ مرد جي تلاش ۾ رهندي آئي. مولانا عبدالرحمٰن سکر واري ۽ ملا محمد عباس پُنهي، گگل واري سان سندس ملاقاتون ۽ صحبتون ٿينديون رهنديون هيون. عباس فقير، مولانا امروٽي جو خاص معتقد هو. هي جڏهن به امروٽ ويندو هو، تڏهن ميان محمد صالح صاحب کيس امروٽي صاحب جي خدمت ۾ سلام عرض ڪندو هو. هڪ دفعي امروٽي صاحب، عباس فقير کان پڇيو ته "اهو سلامن وارو ماڻهو اسان وٽ اچي نه سگهندو؟" فقير جواب عرض ڪيو ته هو وڏي پاءِ جي ماڻهو آهي. اهو کيس هيڏانهن اچڻ جي اجازت نه ڏيندو. ڪنهن وقت مولانا امروٽي، عباس فقير جي دعوت قبول ڪري، "گگل" ۾ آيو. خليفي محمد صالح کي به دعوت ۾ گهرايو ويو. موکلائڻ وقت امروٽي صاحب، خليفي صاحب سان گڏجي، تقريباً ۲-۳ فرلانگ اڳتي ڪري آيو. موڪلائيندي، کيس پاڪر پاتائين. پاڪر پائڻ کانپوءِ، جڏهن هو گهر پهتو، تڏهن سندس دل ۾ مولانا امروٽيءَ لاءِ سڪ ۽ ڪشش پيدا ٿي. (۱)

(۱) ماستر محمد حسن انڙ ۽ ويل پٽوعاقل جو ڪاڻيل احوال.

پوءِ جلد ئي سنه ١٣١٠ هجري ۾ امروٽ پهچي، مولانا امروٽيءَ وٽ ٻيهر

بيعت ڪيائين.

"ميهاران مهي، پيتائين پريم جي،
اُهڪ شرڪ ميڙ چڙهي، تڪبر ذات ڏهي،
سڳي تان نه سهي، ٻيو جان نه ميهار کي." (شاه جو رسالو) (١)

سنڌ ۾ پاڻ ڪي جڏهن هيءَ خبر پيئي، تڏهن هو ٿوري سخت رنج

ٿيو ۽ ڪيس روڪڻ لڳو ۽ زمين، مال ملڪيت نه ڏيڻ جو ڊيڄارڻ ڏنو،

پر خليفي صاحب ملڪيت جي پرواهه نه ڪري، مهربانيءَ جو در نه ڇڏيو.

هڪ ڏينهن مولانا امروٽي، ميان محمد صالح جي دعوت تي بانڀڻ ۾

آيو ۽ چند ڏينهن رهيو. خدا جي قدرت اهڙي ٿي، جو تماچي خان

شرمسار ٿي، خليفي صاحب جي ملڪيت به کيس واپس ڪئي ۽ پاڻ به

امروٽي صاحب جو مريد ٿيو.

ميان محمد صالح صاحب، مولانا امروٽيءَ جي پهرين خليفن مان وڏي عمر

جو خليفو هو. پاڻ، مولانا امروٽيءَ کان ٥-٦ سال عمر ۾ وڏو هو.

بيعت ڪرڻ کان ٣ سال پوءِ جمعي جي ڏينهن امروٽ جي مسجد ۾

سڀني جماعت جي روبرو، اُٿي، بيهي، بلند آواز سان اعلان ڪيو

ته: "الله تبارڪ وتعالىٰ ۽ حضور محمد ﷺ جي حڪم موجب، اسان ميان محمد صالح ڏاهري ڍينگاڻي ٻانڀڻ ۾ وارن کي
مڪمل اجازت سان خليفو مقرر ڪريون ٿا ۽ کيس اجازت ٿا ڏيون
ته هو پنهنجي خلق خدا کي الله جي ذات ڏسيندو رهي." (٢)

ماستر محمد حسن ٻڌايو ته قاضي سعدالله نيرڙهي وارو ان اعلان وقت اُتي حاضر

هو. مولانا امروٽيءَ خلافت جي سند پڻ خليفي صاحب کي لکي ڏني هئي.

---

(١) شاه جو رسالو - مرتب: شاه جو رسالو - ڇاپو ١ - سال ١٩٥٠ع - ص ٣١٥ - سر سهڻي - بيت نمبر ١٧
(٢) ماستر محمد حسن انڙ (ٻانڀڻ وارو) جي روايت

مولانا امروٽي چوندو هو ته ”اسانجي بين خليفن مون وٽ اچي، فيض ورتو، پر خليفي ميان محمد صالح کي اسان الله تعالىٰ جي حڪم سان وجهي فيض ڏنو.“

امروٽي صاحب جا، جيڪي به فقير پنهنجي هاڪل جي طرف جا هئا، ذڪر جي تعليم وٺڻ ايندا هئا. انهن کي مولانا امروٽي چيو ته، ”هتي جيڪا باهه ٻريل آهي، اُن مان خليفي صاحب چڻنگ کڻي، ساڳي باهه ٻاري آهي؛ تنهنڪري اُڳتي اُتي وڃي ڪريو. هيڏانهن اچڻ جي تڪليف نه ڪندا ڪريو، جو ته ساڳي ٻاريل باهه مان توهان به ساڳيو ٽڪي ايندو.“ ان بعد هن طرف جا فقير اڪثر ٻانهيجي ويندا هئا. خليفي صاحب به روحاني فيض عام جام ڏنو. ڪيترائي ننڍا خليفا ٿيا. چند مشهور خليفن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(۱) مخدوم غلام رسول گوٺ رب ميسر تعلقو پنو عاقل، جو سنڌ جا تاريخ ۾ فوت ٿي ويو.

(۲) مولانا محمد حيات نارڙي وارو.

(۳) پير ميان صابل شاهه سيد، تعلقو پنو عاقل

(۴) فقير شيخ ولي محمد دادلوءِ تعلقو پنو عاقل

پويان ٽي خليفا، سنڌ وفات کانپوءِ جلدي فوت ٿيا.

خليفي صاحب جي هلت چلت شاهاڻي ڍنگ واري هئي. پوشاڪ هميشه اوچي پائيندو هو؛ پر خوراڪ سادي کائيندو هو. سنڌ ننگر عام هو، ڪنهن کي به ماني کاڌا بنا اٿڻ نه ڇڏيندو هو. (۱)

(۱) ماستر محمد حسن کان مليل احوال قلم بند ڪيو

طبيعت جو نهايت سخي ۽ باجهارو هو. تمام تورو ڳالهائيندو هو. ڪيترو به ڏکو سوال ڪجي، پر سندس جواب بلڪل مختصر مگر جامع هوندو هو. ڪي ڏکيا مسائل، جيڪي وقت جا علماءِ دين، نه سلجهائي سگهندا هئا، اهي اُتي جو اُتي وضاحت ڪري، سڄيءَ مجلس کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو هو. گفتگو جو وڏو قابل هو. سندس گفتار اوڇي ۽ بلند صوفيانه رنگ جي هوندي هئي. ڪيترن مريدن جو چوڻ آهي ته خواب ۾ ذڪر ڏسيو اٿس

سياست ۾ يڪطرفو نه، بلڪ هميشه اعتدال پسنديءَ سان هليو. ڪنهن به خاص پارٽيءَ يا جماعت جو ميمبر نه ٿيو ۽ نه ڪنهن جي ڪڏ لڳو. حق جو پاسو وٺندو هو.

ظاهري طرح فقط پارسي نصاب پورو ڪيو هئائين، پر رب تعاليٰ کيس اهڙو نوازيو هو، جو حديث شريف خواه فقه جا وڏا وڏا ڪتاب، نهايت وڏن عالمن جي اڳيان ويهي پڙهائيندو هو. هڪ پيري انگريزيءَ ۾ لکيل مضمون، اهڙي ته رواني سان پڙهي ويو، جيئن ڪو انگلش دان پڙهي سگهي.

خليفي صاحب ٻه شاديون ڪيون. پهرينءَ مان کيس هڪ پٽ، نالي محمد ابراهيم هو، جيڪو پلارو ۽ ديندار هو. دنيا سان دل نه لڳندي هيس ۽ اڪثر سادو ۽ تارڪ الدنيا ٿي گذاريندو هو. هو فرزند ٨٧ ورهين جي عمر ۾، سال ١٩٦٣ع ۾ وفات ڪئي پهرين گهرواريءَ جي فوت ٿيڻ بعد، ٻي شادي، مولانا عطاالله (١)

(١) ماستر محمد حسن اڻڙ کان سليل احوال قلمبند ڪيو

مالنجيءَ واري ۾ سندس اُستاد مولوي جمال الدين جي اصرار تي ڪيائين. ان وقت سندس عمر ٨٠ ورهيه هئي. پوئين گهر مان هڪ فرزند ميان عبدالستار ۽ هڪ ٻيا ٻي پيدا ٿيس، تن مان ٻيا ٻي جلدي وفات ڪري ويئي.

چون ٿا ته پوئين شاديءَ مان جڏهن کيس پٽ ڄائو، تڏهن مولانا امروٽيءَ ٻڌي، خوشيءَ ۾ ملڻ وانگر آيا ڏنا. چي ۽ "ابا، منهنجي پوڙهي پٽ کي پٽ ڄائو آهي، تڏهن ٿو آئون ڪيان". سندس فرزند ميان عبدالستار بانجيءَ وارو اجا زنده آهي.

خليفي صاحب جي وفات، تاريخ ٦- اپريل ١٩٤٢ع- مطابق ١٩ ربيع الاوّل ١٣٦١ هجري جي ٿي. ان وقت جيڪو وچي ٿو ته سندس عمر ٩٢ ورهيه هئي. ان موجب اندازو لڳائجي ٿو ته سندس ولادت ١٨٥٠ع مطابق ١٢٦٩ھ جي ٿي هوندي. (١)

خليفو سيّد دين محمّد شاهؒ ميئن وارو

سندم والد صاحب جي لکيل احوال موجب پاڻ سنه ١٨٨٠ء ۾، گوٺ ميٺا تعلقي قمبر ۾ ڄائو. سندس والد صاحب (سندم ڏاڏي) جو نالو سيّد محمّد شاهه بخاري هو. سندس وڏا اُچ ۽ ملتان جي آسپاس کان سنڌ ۾، اول سکر ۾ اچي ويٺا. اُنهن مان سندس وڏو ڏاڏو قتال شاهه، گوٺ ميٺي تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ اچي، مُقيم ٿيو. کيس چار پٽ هئا: احمدشاهه، محمّدشاهه، اميرشاهه ۽ رضا محمّد شاهه. اُنهن مان محمّد شاهه صاحب کي ٻه پُٽ: جعفرشاهه ۽ دين محمّدشاهه

(١) ملفوظ محمد حسن انڍڙ، پنهنجي قلم مبارڪ جو لکيل احوال

مولانا امروٽي ءَ جا خليفا ۽ راوي افراد.



هن ڪتاب جو گهڻي ڀاڱي راوي ۽ خليفو سيد دين محمّد شاهه صاحب (مرحوم) ڳوٺ ميٺا، تعلقو قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو.



مولانا امروٽي ءَ جو خاص خادم ۽ راوي، ماستر فتح محمّد خان سومرو، ميرزا پور، ضلعو سکر، سيڪريٽري امروٽي اڪيڊمي



خليفو مولانا احمد علي لاهوري (پنجاب).

(مولانا سونهي جو خليفو هو) ۽ ٻه نياڻيون هيون. جعفرشاهه کي اولاد ٿيو، پر ڪونه بچيو ۽ هو بي اولاد وفات ڪري ويو. باقي خليفي صاحب، دين محمد شاهه کي ڇهه پٽ: محمد شاهه، محمود شاهه، عبدالله شاهه ۽ حزب الله شاهه، نصرالله شاهه ۽ عين الله شاهه ۽ ٽي نياڻيون هيون. پهريان ٽي فرزند ۽ ٻه نياڻيون پهرين گهر مان ۽ پويان ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي پوئين گهر مان. پهرين ٽن فرزندن مان، راقم الحروف (محمود شاهه) هڪ آهي،

ستن ورهين جي عمر ۾ ڪيس ميان جي ننڍي مدرسي ۾ ملا حاجي محمد صالح بوهڙ وٽ ويهاريو ويو، جتي قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين. ملا حاجي ڪبير ميان واري وٽ پارسي ڪتاب سڪندر نامي تائين پڙهيائين. ان وقت سرڪاري اسڪول ڪونه هو، ان ڪري خانگي گرانٽ تيل پرائمري سڪول ۾ ملا خان محمد ماڇي وٽ پنج درجا سنڌي به پڙهيائين ۽ گڏوگڏ مولوي حاجي خير محمد لاشاري بلوچ وٽ، گوٺ جو ٻاڃي تعلقي ميرپورخاص ۾ وڌيڪ ديني تعليم (عربي) به جاري رکندو آيو. عربي تعليم به ڪافي پڙهيائين، پر دستار بندي ڪونه ڪيائين، جنهن جو سبب هي هو، ته ننڍي وهيءَ ۾ ئي اول سندس والد صاحب فوت ٿي ويو ۽ جلد ئي سندس وڏو ڀاءُ جعفرشاهه صاحب به وفات ڪري ويو ۽ پاڻ گهر ۾ اڪيلو ٿي پيو. گهر جو بار سڄو سندس ڪلهن تي پيو ۽ گهر جي سنڀال ۽ بندوبست لاءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو ويلي ٿي (1)

---

(1) سندم والد جي زبانيءَ کي قلمبند ڪيم.

مولانا امروہیؒ کا دستخط (تکمیل کار بحر فوٹو)

INDIA POST CARD

WRITING SPACE

ADDRESS ONLY

ڪونه هو. ان ڪري اعليٰ ديني تعليم کي آخر چڙهي نه پيس. سندس والد صاحب، پنهنجي وفات کان اڳ، کيس چوندو هو ته: ”ڪنهن وقت همايوني بزرگ ڏانهن ڇهل ته توکي روحاني سبق وٺي ڏيان“.
پنهنجو به لاڙو ننڍي هوندي کان ئي وني، روحانيت جي طرف هوندو هوس. والد صاحب جي وفات بعد کيس اُها ڳالهه ياد آئي ته مولانا عبدالغفور همايوني جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ٽي سال ساندهه پنڌ ڪيائين، مگر همايوني بزرگ، کيس ورد وظيفا گهڻائي ڏسيا، باقي سلوڪ جي وات کان ڇڏايائيس. ايترو ٻڌايائيس، جو وظيفن پڙهڻ ڪري، سنجمس پرهيزگاري، زهد ۽ تقويٰ جو بنياد پيو. آخر پنجويهن ورهين جي عمر ۾ مولانا امروٽي جو مريد ٿيو. (سندس بيعت ڪرڻ جو سمورو احوال ”مولانا امروٽي بحيثيت ڪامل مرشد“ جي موضوع ۾ بيان ڪيل آهي) ست سال سندس روحاني تربيت هيٺ رهيو. ان عرصي ۾ مولانا امروٽي کان چئن ئي طريقن تي ڪمال حاصل ڪيائين. ان بعد امروٽي صاحب کيس خلافت عطا ڪئي ۽ ارشاد ڪيائينس ته ”عوام الناس کي وڃي، روحانيت جي تلقين ڪر“. پاڻ ساري عمر ان حڪم جي بجاآوري ۾ روحاني تلقين ڪندو رهيو. ٿوري ئي عرصي ۾ سندس هزارين مريد ٿيا. (١)

ننڍي هوندي کان ئي وني، کيس تعليم پرائڻ ۽ ٻين کي ڏيڻ جو شوق هوندو هو، ان ڪري پنهنجي درگاهه تي مدرسو کولايائين

(١) سندم والد صاحب جو لکايل ۽ ڏنل احوال قلمبند ڪيم.

جتي سوکن طالب العلم پڙهندا هئا. اُن مدرسي ۾ حافظ يار محمد ۽ حافظ محمود صاحبان چانڊيا، ڊيلا رهڻ ڳوٺ جا، قرآني تعليم ۽ حفظ ڪرائڻ ۾ مشغول رهندا هئا. پسگردائيءَ جا ڪيترائي حافظ اُن مدرسي جي پيداوار آهن. اُنهن مان هڪ حافظ جيئڻ شيخ به آهي، جو رمضان شريف ۾ حسن القرآت ۾ مشهور آهي. سندس اُستاد، حافظ يار محمد چانڊيو صاحب به خوش الحانيءَ ۾ جڳ مشهور رهيو ۽ سندس جي حافظن جي استاد ۽ حافظ حاجي محمود (١) جي خاص شاگردن مان هو.

خليفو سيد دين محمد شاهه صاحب پاڻ به پيريءَ تائين مطالعي ۾ مشغول رهندو هو. سندس شوق علم ۽ عالمن سان ڏاڍو هوندو هو. ڪيترائي ديني جلسا ڪرايائين، جن ۾ قرآن ۽ سُنت جو ڄاڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي طور طريقي جي تبليغ ڪئي ويندي هئي. پنهنجي مرشد مولانا امروٽيءَ جي تبليغي ۽ جهاد واريءَ مشن (سلسلي) جو رُڪن پڻ هو. جيڪي به واقعات مولانا امروٽيءَ جا ٻڌايا ويا آهن، اُنهن ۾ اڪثر سائنس گڏ هو. ويجهي تر جو سندس همعصر، مولانا خوش محمد (٢) ميروخاني آهي، جو مولانا امروٽيءَ وٽ اچڻ وڃڻ ۾ سندس وقتي ساٿي هوندو هو.

---

(١) مرحوم حافظ محمود صاحب پنهنجي اُستاد قاسمي صاحب جو والد هو، جنهن مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ کان قرآن پاڪ جو حفظ، ديني تعليم ۽ سلوڪ ۾ فراغت لڌي، ۽ ڊيلا رهڻ (ڳوٺ پنهوخان چانڊيو) ۾ هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيو هو. (وفات ١٣٣٨هه.)

(٢) مولانا ميروخاني تائب (صحفتر شيند) وفات ڪري ويو. سال ١٩٤٣ع ۾ هن ڪتاب جي سلسلي ۾ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ آءٌ ان سان مليو هوس. سندس پوٽو حبيب الرحمان، جو هن وٽ اڪثر سائنس پڙهندو هو، سو هن سان گڏ هو. مولانا صاحب ايترو ضعيف هو، جو پوريءَ طرح ڳالهائي به نٿي سگهيو. سندس طبيعت هميشه ناچاق پئي رهي. ان ڪري آءٌ پوري معلومات حاصل ڪرڻ کان نااميد ٿي، موٽي آيس.

خليفي صاحب کي اسلامي خدمت ڪرڻ جو جذبو، سندس مرشد، مولانا امروٽيءَ کان مليل هو. ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي مسجديون تعمير ڪرائي، انهن ۾ مؤذن ۽ پيش امام مقرر ڪيائين. مسجدين جي آباد ڪرڻ ۽ ذڪر ربي ڪرڻ جي هرهڪ ماڻهوءَ کي تلقين ڪندو هو. پنهنجي درگاهه واريءَ مسجد ۽ مدرسي ۾ به هميشه ذڪر الاهي ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت جي ڀُونگار هروقت لڳي پيئي هوندي هئي. اُن مسجد ۾ سندس مريد حاجي جعفر نالي ذات جو مڱريو، مشهور مؤذن هو. سندس آواز ايڏو ته بلند هو، جو سندس آذان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي به ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. ان کانسواءِ خوش الحاني سندس خاص خصوصيت هئي. هي شخص نهايت ديندار ۽ فقير تن هو. پنهنجي مرشد (خليفي دين محمد شاهه) تي جند عاشق هو.

سيّد صاحب پنهنجي مرشد، مولانا امروٽيءَ جي پيرويءَ ۾، اسلام جي تبليغ ۾ تڏا دو مصروف هوندو هو. ڪيترن غير مسلمن کي تبليغ ڪري، پاڻ مسلمان ڪيائين يا کين امروٽ ڏي موڪلي، مسلمان ڪرايائين.

ڳوٺ جي هندن تورڙي مسلمانن کي، سندس ايمانداريءَ، سچائي ۽ امانت جو، مٿس ايڏو ويساهه هو، جو انهن کيس مجبور ڪيو ته ڳوٺ جا فيصلا اوهان ڪريو. (١)

---

(١) پنهنجي مشاهدي ۽ والد صاحب جي زباني ڏنل قلمبند ڪيم.

اسان زميندارن وٽ نہ وينداسون“ پاڻ اها ڳالھ، مولانا امروٽيءَ کي ٻڌايائين تہ، ”شھر جي راڄ توڙي مھاڄن ڏاڍو مجبور ڪيو آھي تہ شھر جا فيصلا مان ڪريان، پر مان ان ڳالھ کان بيزار آھيان: ان ڪري صاف انڪار ڪيو اٿم.“ تنھن تي امروٽي صاحب ورائيو تہ، ”ابا، تون ڪين راضي ڪر، باقي فيصلا عدالت ۽ انصاف سان ڪجان ۽. نہ سو ورھيہ جي عبادت، نہ ھڪ عدالت.“ ان بعد سڀئي شھر جا فيصلا پاڻ ڪندو ھو.

آخر عمر ۾ ڪيس اعصابي ڪمزوري ۽ ريزش ۽ ڪڏھن ڪڏھن سنھو بخار رھندو ھو. گھڻائي علاج ڪرايا ويا، پر اجل ڪيس وڌيڪ مھلت نہ ڏني ۽ تاريخ ٢٥ جون ١٩٤٣ع تي سندس روح جي پاڪ پکيئڙي ھن دارفانيءَ جي خاڪي پڃري مان پرواز ڪري ۽ پنھنجي اصلي وطن ڏانھن اڏامي ويو ۽ پوين کي داغ مفارقت جو ڏيئي ويو. ان وقت سندس عمر ٩٣ ورھيہ ھئي. شال، الله سندس روح کي راحت ڏئي! (١)

خليفو مولانا حماد الله صاحب ھاليجي وارو

مولانا حماد الله بن محمود بن حماد الله ذات انڙ، ڳوٺ ھاليجي تعلقي پنوعاقل ضلعي سکر جو وينل ھو. سندس وڏا نيڪ ۽ پيريءَ مريديءَ وارا ھئا.

---

(١) سندم والد مرحوم جي زباني احوال ۽ پنھنجي مشاھدي کي قلمبند ڪيم.

سنڌس والد جي قبر، چيچڙي ڳوٺ (ضلعي سکر) جي پرسان بگوشير پير تي آهي ۽ سنڌس ڏاڏي جو آخري آرامگاهه جهمپير ۾ آهي، جتي سفر حج تي پيادل ويندي، وفات ڪيائون، جوان زماني ۾ ريل جو رستو ڪونه هو.

خليفي مولانا حماد الله صاحب جي ولادت، سنه ١٣٠٠ هه مطابق ١٨٨٠ع ۾، هاليجي ڳوٺ ۾ ٿي. سندس والد صاحب ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويو هو، تنهنڪري سندس چاچي کيس پاليو ۽ تعليم ڏياري. شروعاتي تعليم، مولوي مظهرالدين جي ناني، ميانجي الله ڏني صاحب وٽ ڪجهه وقت ورتائين. ان بعد مولوي مظهرالدين جي والد، مولوي قمرالدين وٽ پڙهيو. ڪجهه وقت گهوٽڪي، ڳوٺ پير جهنڊي ۽ نيڙهي ۾ به تعليم ورتائين ۽ جيڪا تعليم ان وقت جي مدارس ۾، قرآن، حديث، فقه، منطق وغيره جي ملندي هئي، تنهن ۾ تحصيل ڪيائين. (١)

مولانا صاحب جي، فقير عبدالغني ٻل سان دوستي هوندي هئي. فقير صاحب مولانا امروٽي جو خاص مريد، بلڪ خليفو هو. مولانا حماد الله صاحب جي اجها امروٽي بزرگ سان واقفيت ڪانه هئي ۽ هميشه فقير عبدالغني ٻل سان سلوڪ ۽ تصوف بابت بحث مباحثو ڪندو هو. فقير صاحب کيس هر وقت ائين چوندو هو ته هڪ دفعو منهنجي پير مرشد وٽ مون سان گڏجي هلو،

(١) ماسٽر عبدالحڪيم سولنگي - پرائمري اسڪول شاهه والي (اباوڙي) جو لکايل احوال

اُتي توهانجا سڀ سوال حل ٿي ويندا، آخرڪار ڏينهن مولانا صاحب فقير عبدالغني سان گڏجي، امروٽي بزرگ وٽ پهتو. ان وقت مولانا امروٽي، مسجد مان اشراق جي نماز پڙهي، ٻاهر نڪري رهيو هو. ٻئي ڄڻا بزرگ صاحب سان مليا. جڏهن مولانا حماد الله سان امروٽي صاحب مليو، تڏهن وڏو ياڪريا تا ئينس ۽ عبدالغني فقير ڏانهن منهن ڪري چيائين ته: "ڇڱو شڪار ڦاسائي آيو آهين؟" بس، مولانا حماد الله صاحب جي دل جو لاڙو ۽ عقيدت اهڙي ٿي، جو ان وقت ئي مولانا امروٽي وٽ بيعت ڪيائين ۽ ذڪر فڪر شروع ڪيائين. پوءِ ته سلوڪ جي سڀني سوالن جا مسئلا خود بخود حل ٿي ويس. جئين جئين راهِ سلوڪ ۾ ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن سندس ڪمالات ۾ برتري ٿيندي وئي. سندس طبعي ذوق، ذڪر سان ايتري قدر وڌي ويو جو درس تدريس جو ڪم گهٽجي ويو. (١)

سندم والد صاحب فرمايو ته مولانا حماد الله جڏهن روحاني سبق طئي ڪري، پيو وٽ ايندو هو، تڏهن سندس محنت ۽ ڪمال کي ڏسي، امروٽي صاحب کيس ڪا ڏاڍي ٿي همت ڪري، شاباس چوندو هو ۽ سندس تکڙي روحاني ترقي کي ڏسي، ائين به چئي ڏنائين ته "مڪر مولوي حماد الله ڪري ٿو، پيا لسي حاصل ڪن ٿا". (٢)

مولانا حماد الله صاحب جڏهن سلوڪ ۾ ڪمال حاصل ڪيو، تڏهن هڪ

---

(١) ماستر عبدالحڪيم سولنگي - پرائمري اسڪول شاهه والي (اُباوڙو) جو لکايل احوال
(٢) سندم والد بزرگوار جي زباني .

ڏيڻ امروٽي بزرگ کيس روحاني فيض ڏيڻ جي اجازت ڏني ۽ خلافت جي تحرير پڻ لکي ڏني. ان بعد مولانا صاحب قادري طريقي جي ذڪر اذڪار جي عوام کي تلقين ڪندو رهيو. سوين سندس مُريد ۽ طالب ٿيا ۽ روحاني فيض حاصل ڪيائون. (١)

مولانا حماد الله صاحب جي حليي بابت ماستر عبدالحڪيم سولنگي ٻڌايو ته "پاڻ قدآور هو. سندس جسم موڪرو، چهرو نوراني، رنگ گندمي، رعبدار ۽ وڏيون اکيون، نگاهن ۾ محبت، ڪشش ۽ الاهي عشق جا آثار هئا. ڏاڙهي گھاٽي، حج کان اڳي مٿي جا وار ڊگها هئا، بعد ۾ مٿو بلڪل صاف ڪرائيندو هو. پروان جا ڏيون (گنديل) هيون. پوشاڪ ساري پائيندو هو. سياري جو ٽلهي ڪپڙي جو سفيد پهرياڻ، ٽلهو منجهلو، مٿي تي اڇي ٽوپي مٿان ٻه چار وال پٽڪو. اوڍڻي ۾ گھوڙڪري ننڍين ٻانهن سان صدري ۽ سنهو پهرياڻ به پائيندو هو. منجهلو مُرن کان مٿي. حج کان اڳي گھوڙڪري ڪارو پٽڪو ٻڌندو هو.

سندس صحبت ۾ جيڪو به ماڻهو ويهندو هو، ته رب ياد اچي ويندو هوس. سندس نظر ۾ نورانيت ۽ زبردست ڪشش ۽ جذب هو. ڪلام ۾ مٺاج، فصاحت ۽ بلاغت ۽ حڪمت

(١) ماستر عبدالحڪيم سولنگي ۽ جي روايت آهي ته سلوڪ ۾ مولانا حماد الله صاحب "شيخ" جو تصور ڪرائيندو هو. ستر و ستون "فنا في الرسول" جي طرف مريد کي راغب ڪندو هو. حالانڪ قادري سلسلي ۾ شيخ (مرشد) جو تصور ڪرايو ويندو آهي. عبدالحڪيم

ايتري قدر هئي، جو وڏا وڏا عالم ۽ فاضل، آنگشت بدندان ھوندا ھئا. اعلي تو ڙي آدني ماڻھوءَ سان پيار ڪري ملندا ھو. سيڪو نيڪوبعي دل ۾ اھو محسوس ڪندو ھو تہ "مولانا صاحب جو مون سان زيادہ قرب ۽ پيار آھي. دنيوي فوقيت ۽ جاہ و حشمت سبب، ڪنھن بہ ماڻھوءَ جي عزت افزائي نہ ڪندو. وڏا وڏا آفيسر بلڪ ضلعي جو ڪليڪٽر بہ مسجد جي ٽڪري تي اچي، ويندو ھو، انھن ڏانھن بہ ايترو توجہ ڪندو ھو، جيترو ڪنھن آدني ماڻھوءَ ڏانھن. ننڍن ٻارن کي ڏاڍو پيار ڏيندو ھو ۽ انھن سان ڳالھيون ٻولھيون ڪندو ھو. باقي جيڪو عارف، عالم يا فاضل اچي ويندو ھو تہ ان جي عزت افزائي ڪري، مسجد ۾ ان جي ھيٺان رلھي وڇرائيندو ھو ۽ ڪن بزرگن جو وري استقبال بہ ڪندو ھو، جو ڏٺم اچي تو تہ مولانا صاحب، الله تعالٰي جي عشق و محبت ۾ ايتري قدر محو ھوندو ھو، جو ڪيتري بہ جسماني (سياري ۾) تڪليف اچي ھيس تہ ڪنھن بہ بيان نہ ڪيائين تہ "مونکي ھيءَ تڪليف آھي". (١)

ماستر عبدالحڪيم جو تہ مولانا عبدالعزيز پانڊوي ديوبندي جو چوڻ آھي تہ "جڏھن مان گوري پوري ۾ وعظ ۽ تقرير جي دعوت تي ويس تہ مولانا حماد الله صاحب بہ مون وانگي دعوت تي آيو ھو، مون دل ۾ خيال ڪيو تہ "مان ديوبند جو فارغ آھيان. مولانا صاحب ھتي جي ننڍيءَ مدرسي ۾ پڙھيو آھي. منھنجي اڳيان آخر ڇا بيان

(١) ماستر عبدالحڪيم سولنگيءَ جو لکيل احوال

ڪري سگھندو؟ مگر جڏهن مان مولانا حماد الله صاحب جي تقرير ٻڌي، تڏهن دل ئي دل ۾ قبول ڪيم ته واقعي هيءُ خدائي ذات آهي، جنهن جي اڳيان منهنجي جاءِ نه آهي. آخر مان مولانا صاحب جو ايترو قائل ٿي پيس، جو هاليجيءَ وڃي، بزرگ وٽ بيعت ڪيم.

خليفو مولانا حماد الله صاحب متوڪل به اهڙو هو، جو جنهن زماني ۾ ڪُرِّ علماء جي قتل لاءِ اپڙا هئا. ان وقت جماعت ڪيس عرض ڪيو ته "سائين، پهرو وغيره بيهارجي" پاڻ جواب ڏنائون ته "اسانجو محافظ خدا تعالى بس ۽ ڪافي آهي" پاڻ هميشه بي خوف ۽ بي ڊپو رهيو.

مولانا صاحب کي ٻڍن ۾ ڪانه ڪا تڪليف متريڙي رهندي هئي، مگر پاڻ خنده پيشانيءَ سان فيض عام جاري رکيون آيو (١) سندم استاد، مولانا قاسمي صاحب کان روايت آهي ته "مولانا حماد الله صاحب هاليجيءَ واري جي ڪري ئي اهو امروٽي سلسلو جاري آهي" (٢)

مولانا صاحب آخر عمر ۾ پنهنجي بيماريءَ سبب، خلق خدا کي روحاني فائدو پهچائيندي پهچائيندي، تاريخ ١٨- اپريل ١٩٦١ع، مطابق ١٣٨١ هجري جي گوٺ هاليجيءَ ۾ وفات ڪئي.

(١) ماستر عبدالحڪيم جي ٽڪي، موڪيل احوال ڪي قلم بند ڪيم
(٢) جناب مولانا قاسمي صاحب حيدرآباد کان زباني ٻڌم.

خليفو حافظ عبدالعزيز، ڳوٺ پکڙا

خليفو حافظ عبدالعزيز ڪالا باغ (پنجاب) وارو

تعلقي ۽ ضلعي ميانوالي، پنجاب جو وينل هو،

ننڍي هوندي قرآن شريف ڳوٺ "ڏوڪ ميانه" (جو سيڪسر جبل جي ويجهو آهي) ۾ حفظ ڪيائين. بعد ۾ دينيات، مختلف جاين تي حاصل ڪيائين. گهڻو عرصو ملتان ۾ پڙهيو. اُن کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي نزديڪ، ڳوٺ "گهنڊي" ۾، مولوي عطا محمد قريشي صاحب وٽ حديث شريف پڙهندو هو. هڪ ڏينهن پڻ پهرڻ جي نماز کان پوءِ سندس استاد ڪنهن پڙهائي رهيو هو ته حافظ صاحب کان نڪس بابت سوال پڇيا، جن جو جواب سندس استاد (مولوي عطا محمد) ڏنو، مگر حافظ صاحب پوري طرح مطمئن نه ٿيو. اتفاقاً ان وقت هڪ شخص به وضو ڪري، مسجد ۾ نماز ادا ڪري رهيو هو، جنهن اِها سموري ماجرا ٻڌي ٻڌي، سو نماز کان فارغ ٿي، اُنهن ئي حديث جي مسائل تي تقرير شروع ڪيائين، جن تي حافظ صاحب پنهنجي اُستاد مولوي صاحب کي سوال پڇي ڪيا. تقرير ٻڌڻ کان پوءِ حافظ صاحب ۽ سندس استاد ٻنهي اُنهن حديث جي مسئلن تي مطمئن ٿي ويا، پڇڻ تي معلوم ٿيو ته اُهو شخص نالي قاضي غلام نبي وينل چڪڙالا تعلقي ۽ ضلعي ميانوالي جو آهي. حافظ صاحب سندس هوشياري ۽ قابليت ڏسي، تعليم پرائڻ لاءِ اُن سان وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. (۱)

(۱) خليفي صاحب جي فرزند، ميان نظام الدين جي لکيل اُردو ۾ احوال جو ترجمو

سنڌس اُستاد کيس منع ڪئي ته ”قاضي صاحب تمام سخت عقيدن جو آهي. متان تنهنجا عقيدا به بگڙي وڃن.“ پر حافظ صاحب ان سان چڪرالا هليو ويو.

خليفي حافظ صاحب جي فرزند نظام الدين جي روايت آهي ته جڏهن حافظ صاحب قاضي غلام نبيءَ سان گڏجي، چڪرالا سندس مدرسي ۾ پڙهندو هو ته ڪجهه وقت کانپوءِ ڏٺائين ته قرآن شريف هيٺ پيا هئا، قاضي صاحب مٿي ويٺو هو، ان تي حافظ صاحب ڏاڍو اعتراض ڪيو. قاضي صاحب کيس اهڙا دليل دلائل ڏنا ته قرآن شريف صرف چمڻ لاءِ آهي نه ان تي رکڻ لاءِ نه آهي، مگر ان تي عمل ڪرڻ لاءِ آهي، پر جي ان تي عمل نه آهي ته سڪنڊو ادب ڪا شيءِ نه آهي. خير حافظ صاحب اُتي حديث شريف مڪمل ڪئي، پر سندس عقيدا به قاضي صاحب جهڙا سخت ٿي ويا. (١)

نظام الدين چيو ته هڪ دفعي حافظ صاحب رمضان شريف جي ختم لاءِ سنڌ مان، امروٽ جي ڳوٺ ۾ لطف الله خان جي مسجد ۾ وڃي رهيو. اُتي ماڻهن جي واتان مولانا امروٽيءَ جي تمام گهڻي تعريف ٻڌائين. تنهن تي حافظ صاحب انهن ماڻهن کي منع ڪئي ته اهڙن ماڻهن ڏي نه وڃڻ ڪريو، جو اهي دغاباز ۽ مڪار آهن. آخر هڪ ڏينهن مولانا امروٽيءَ جي عقيدن جي خلاف، مولانا امروٽيءَ وٽ مناظري

---

(١) ميان نظام الدين (فرزند خليفو عبدالعزيز صاحب ضلع ميانوالي پنجاب) جو انٽرويو مولف جا احوال جو ترجمو

جي لاءِ آيو ۽ چيائين ته هي ماڻهو اچي، توهان کي پيرين تا پوءِ ۾ هٿ تا چمن. اهو شرڪ آهي. ان تي امروٽي صاحب صرف مرڪيو ۽ حافظ صاحب موٽي، مسجد ۾ آيو. هڪ ڏينهن امروٽي بزرگ اوچتو هڪ خادم کي چيو ته ”حافظ عبدالعزيز کالاباغ واري کي، لطف الله خان جي مسجد مان جلدي وٺي اچ“. خادم عرض ڪيو ته ”هو ته ڪٽر وهابي آهي، ڪيئن ايندو؟“ مولانا کيس چيو ته ”پاڻهي ايندو. خادم اچي، حافظ عبدالعزيز کي هلڻ لاءِ چيو. حافظ صاحب جيئن ئي بزرگ امروٽيءَ جي درگاه تي آيو، تيئن ڏنائين ته مولانا امروٽي مسجد کان ٻاهر، رستي ۾ منتظر بيٺو هو. هتي نظر پوڻ سان ئي حافظ صاحب جي دل ۾ اهڙو انقلاب پيدا ٿيو جو هڪدم امروٽي صاحب جي قدمن تي ڪري، ڇمڻ ۽ زارزار رُئڻ لڳو ته ”مون وڏي غلطي ڪئي آهي، معافي ملي“. پر حافظ صاحب کي رُئڻ ايتري قدر پيدا ٿيو، جو ان کان بس نٿي ڪيائين، تنهن تي امروٽي صاحب پنهنجي عصا زور سان سندس پٺيءَ تي هنئي. ان بعد سندس رُئڻ ۾ تخفيف ٿي ۽ مولانا امروٽيءَ کيس پنهنجي سيني سان لاتو. اتي حافظ صاحب کي ڪجهه آرام آيو ۽ بزرگ کي چيائين ته ”منهنجو ڪفر ٽٽي ويو“.(١)

---

(١) خليفي صاحب جي فرزند مياں نظام الدين جي پنهنجي صاحب کان اردو ۾ لکيل مرڪيل احوال جو سنڌي ترجمو

ان بعد لطف الله واري مسجد ڇڏي، اچي امروٽي صاحب جي خدمت ۾ رهيو. بزرگ صاحب سندس ڏاڍي خاطرداري ڪئي. ڪجهه وقت بعد، مولانا امروٽيءَ کيس اُها ساڳي عصا، جيڪا سندس ٻنهي ۾ لڳي هئي، هڪ پهرياڻ، هڪ مصلو، هڪ ٽوپي، هڪ اجرڪ ۽ هڪ قلمي دلائل الخيرات عطا ڪري، سندس ڪوٺ اجازت ڏني. ان بعد حافظ عبدالعزيز وٽ پڻ اهائي فيض جي رونق لڳي وئي.

نظام الدين جو چوڻ آهي ته جڏهن بزرگ امروٽيءَ وفات ڪئي، تڏهن حافظ صاحب (سندس والد) ميانواليءَ ويل هو، جنهن کي خبر ٻڌائڻ تيئن سندس روانو ٿي ويو. کيس سخت صدمو رسيو. سندس مان موٽي اچڻ تي فقط ٻه مهينا ٿيا هو. ٽيئن مهيني ۾ پاڻ حافظ صاحب به وفات ڪئي.

حافظ صاحب، مولانا امروٽيءَ جا ڏنل تحفا تحائف حفاظت سان سانڍي رکندو هو. انهن مان عصا، درياءَ جي پوڙ وقت، لڏپلاڻ ۾ پٺتي پيئي ۽ ان بعد خرد برد ٿي وئي. باقي مصلو وغيره ٻيا تبرڪات اڃا تائين موجود آهن. (١)

(١) نظام الدين صاحب، نينهن، خليفي عبدالعزيز صاحب احوال لکيو، جنهن کي قلمبند ڪيو ويو. خليفي حافظ صاحب جي والد جي وفات جو تاريخون، سندس نينهن به نه ٻڌائي سگهيو.

خليفو مولانا احمدعلي لاهوري

مولانا احمدعلي لاهوري؛ جو آبائي وطن قصبو جلال ضلعو گوجرانواله (پنجاب) آهي. هي ڳوٺ ريلوي اسٽيشن گکڙ کان چار ميل اوڀر طرف واقع آهي، سندس والد بزرگوار شيخ حبيب الله صاحب(۱) هڪ ديندار بزرگ ۽ چشتيه سلسلي ۾ بلند مقام جو مالڪ هو. سندس والده پيدائشي مسلمان ۽ صوم صلوٰة جي پابند هئي. مولانا احمدعلي صاحب جا ڀاءُ ٽي پائر هئا: ۱. حافظ مولوي محمدعلي صاحب مقيم ياغستان. ۲. مولوي عزيز احمد صاحب مقيم ڪراچي. ۳. حڪيم رشيد احمد صاحب مقيم لاهور. خليفو صاحب سڀني ڀائرن ۾ وڏو هو.

مولانا احمدعلي صاحب ۲ رمضان المبارڪ ۱۳۰۴هجري ۾، جمعي جي ڏينهن، قصبي جلال ۾ پيدا ٿيو. جڏهن ته مولوي احمدعلي صاحب جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾، سندس والدين اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته "جيڪڏهن الله پاڪ فرزند عطا ڪيو ته ان کي دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏينداسون." (۲)

---

(۱) شيخ حبيب الله ٻُڌو ڪنڀي سِک گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو، جنهن سان مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو واسطو هو، اهوئي سبب هو، جو مولانا سنڌي جنهن ديوبند کان تحصيل تعليم بعد والده صاحبه سان هنيالعرصه ملندي، سنڌ ڏانهن ٿي آيو، تڏهن سندس والده صاحبه شيخ حبيب الله جي مسلمان ٿيڻ جي حقيقت کري، کيس ان ڏانهن جلال ۾ وٺي رهڻو هئي. ان وقت شيخ صاحب، عزيزن جي اسلام قبول ڪرڻ سبب قصبي جلال ڇڏي، ڳوٺ "چهڪ ناهو" ۾ رهي رهيو هو. ان موقعي تي شيخ حبيب الله صاحب، پنهنجي پٽ، احمدعليءَ جي ڄاڻن، مولانا سنڌيءَ جي حوالي ڪئي هئي. مولانا سنڌي کيس پاڻ سان ڪٺي ڪري سنڌ ۾ وٺي آيو ۽ اعليٰ ديني تعليم جي تحصيل تائين کيس پڙهايو. مولانا سنڌيءَ جڏهن مولوي احمدعليءَ کي تفسير قرآن مجيد ۽ علم حديث جي سند ڏني هئي، تڏهن ان ۾ هيءَ الفاظ عربيءَ ۾ لکيا هئا. قلبن جو اردو ۾ ترجمو، عبدالمجيد خان لکيو آهي: "سعادت مند مولوي احمدعلي لاهوري کو ميں نے اس نذر کی وجہ سے اپنی تربیت میں لے لیا جو آپ کے والدین نے دین کی خدمت کے لئے مانی تھی." (عبدالمجيد خان- مرد مومن اردو- دفع ۵- سال ۱۹۷۰ع ملتان)

(۲) عبدالمجيد خان- ڪتاب مرد مومن (اردو) دفعو پنجون سال ۱۹۷۰ع صفحو ۹ مطبوعه فيروز سنز لاهور.

شروعاتي تعليم ۾ سندس والده صاحبہ کيس قرآن پاڪ پڙهايو. ان بعد کيس ڪوٽ سعدالله جي سڪول ۾ وهاريو ويو. سندس والد صاحب جڏهن قصبہ جلال ان لڏي، چڪ باهوءَ ۾ ويو، تڏهن اُتي تعليم جي خاطر خواه بندوبست نہ هئڻ ڪري، کيس ڳوٺ "تلونبي ڪجروالي" جي سڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي پنجين جماعت تائين پڙهيو. ان بعد سندس والد صاحب، مولانا عبدالحق صاحب، خطيب جامع مسجد گوجرانواله جي مدرسي ۾ داخل ڪيو، جتي نصاب فارسي جي ديني تعليم شروع ڪيائين. اڃا چند مهينا ئي گذريا، تہ مولانا سنڌي، ديوبند کان موٽندي، سنڌ ڳوٺ آيو ۽ شيخ حبيب الله، احمدعلي کي سندس حوالي ڪيو، جتي ديني تعليم جي تڪميل ڪري، تحصيل جي پڳ ٻڌائين. مولانا احمدعلي صاحب، اها سموري تعليم، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي امروٽ ۽ ڳوٺ ڀڳندي ۾ رهڻ جي دوران پوري ڪئي. (١)

مولانا احمدعلي صاحب اڃا ننڍيءَ عمر جو هو تہ سندس والد فوت ٿي ويو. جنهن تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ ۽ مولانا لاهوريءَ جي والد صاحب جي درج ۾ سڳي ماسيءَ جو رشتو قائم هو، اُنڪري شيخ صاحب جي مرڻ کانپوءِ مولانا دين پوريءَ، مولانا احمدعليءَ جي والده صاحبہ جو نڪاح، مولانا سنڌيءَ سان ڪيو، ڇاڪاڻ جو اُن وقت مولانا سنڌيءَ جي اڳين گهرواري، جيڪا مولانا امروٽيءَ کيس شادي ڪرائي هئي، سا فوت ٿي ويئي هئي. هيءَ پوئين

(١) عبدالحميد خان - مرحومين (اردو) دفعو - سال ١٩٧٠ صفحو ١٠

گهرواري به وٽس گهڻو وقت زنده نه رهي ۽ مولانا سنڌيءَ
کي هن مان ڪو به اولاد ڪونه ٿيو.

خليفو مولانا احمد علي صاحب جڏهن گوٺ پير جهنڊي
۾ فارغ التحصيل ٿيڻ وارو هو، تڏهن ساڻس ٻيا چار طلباء
به دستاربنديءَ لاءِ تيار هئا. انهن ۾ پير رشدالله صاحب جو
وڏو فرزند مولانا ضياء الدين (موجوده گادي نشين) به هو. پير صاحب
وڏي، انهن پنجن ئي شاگردن جي دستاربنديءَ تي شاهي
جلسو منعقد ڪرايو هو، جنهن ۾ شيخ حسين ابن محسن انصاري
يمنيءَ (۱) کي رياست ڀوپال کان صدارت جي لاءِ گهرايو ويو.
دستاربنديءَ کانپوءِ مولانا سنڌيءَ، مولانا لاهوريءَ کي مدرسي
دارالارشاد ۾ مدرس مقرر ڪيو، جتي ٽن سالن تائين درس نظامي
جي تعليم ڏيندو رهيو.

جڏهن مولانا احمد علي صاحب پير جهنڊي جي مدرسي ۾
مدرس مقرر ٿيو، تڏهن مولانا عُبيدالله سنڌي صاحب، پنهنجي
پهرين گهرواريءَ جي ننڍي ڀيڻ، بيبي مريم سان مولانا احمد عليءَ
جو نڪاح ڪري، شادي ڪرائي ڏنائينس، جنهن مان هڪ سال بعد
هڪ فرزند پيدا ٿيو پر اهو فرزند سنڌ ۾ والده صاحبه سميت،
هڪ ٻئي پٺيان وفات ڪري ويا. ٻنهي جا مقبرا گوٺ پير جهنڊي

(۱) شيخ حسين ابن محسن انصاري يمن جو زبردست عالم هو جنهن کي ڀوپال رياست
جي نواب، دعوت تي پاڻ وٽ گهرايو هو. هو صاحب اهل حديثن مان ڀوپال ۾ آيل
هو. پير صاحب جن جي نظر پير ڏني جڏهن هو سنڌ ۾ آيو، تڏهن ڏٺو ويو ته هو عمر جي
ضعف جي ڪري ايترو ته ضعيف هو، جو سواريءَ ۾ وهڻ جي لائق به نه هو. آخر ڪيس پالڪيءَ
۾ ويهاري، ٽيشن کان گوٺ پير جهنڊي تائين آندو ويو. هيءَ دستاربندي بقول مصنف
۱۳۲۶ھ جي آخر يا ۱۳۲۷ھ جي شروعات ۾ ٿي. (عبدالمجيد خان - مهراڻ (اردو) دفعو سال ۱۹۷۰ ص ۱۸)

جي مقام ۾، جتي مولانا لاهوري صاحب جي والده صاحبه دفن ٿيل آهي، اُتي موجود آهن.

پهرين گهروارِي جي وفات کانپوءِ مولانا عبيدالله سنڌيءَ مولانا احمدعلي صاحب جي ٻي شادي، چڪوال جي مولانا ابو محمّد احمد صاحب جي نياڻيءَ سان ڪرائي. مولانا ابومحمد احمد صاحب، مولانا سنڌيءَ سان گڏ ديوبند ۾ هم سبق هوندو هو. ان کانسواءِ مولانا سنڌيءَ جي قائم ڪيل جميعة الانصار جو سرگرم رڪن پڻ هو. مولانا لاهوري صاحب جو نڪاح ديوبند جي مسجد ۾، شيخ الهند مولانا محمود الحسن صاحب پاڻ پڙهيو هو. (١)

جڏهن شيخ الهند جي حڪم تي، مولانا سنڌي ديوبند هليو ويو، تڏهن مدرسي دارالرشاد گوٺ پير جهنڊي جو انتظام، مولانا احمدعلي صاحب جي هٿ ۾ هو. ان بعد مولانا سنڌيءَ جي حڪم تي وچي، نوابشاهه ۾ مدرسو کوليائين، جتي سنڌي صاحب جا ٻه شاگرد: مولانا عبدالله لغاري ۽ مولانا محمّد صالح پڻ سانس مددگار رهيا. جلدئي مولانا سنڌيءَ دهليءَ ۾ نظارة المعارف قائم ڪيو ۽ شيخ الهند جي چوڻ سان، مولانا لاهوريءَ کي به نوابشاهه سنڌ مان گهرائي، قرآني مدرسي ۾ مُدرّس ڪري رکيو ۽ مسلمانن جي تحريڪ آزاديءَ ۾ مولانا لاهوري به هڪ سرگرم

(١) عبدالحميد خان - مرد مومن (اردو) دغيره سال ١٩٧٠ صفحو ١٩

رهڪن بلڪ ٿيو ۽ مختلف هنڌن تي دورا ڪري، ماڻهن ۾ قرآني تعليم جي حوالن سان آزادي ۽ دين محڪم جو روح ڦوڪيائين. ان سلسلي ۾ مولانا سنڌي، شيخ الهند جي مشوري سان تحريڪ آزادي هلائڻ لاءِ ڪابل روانو ٿي ويو ۽ هندوستان ۾ نظارة المعارف قرآنيه کي هلائڻ لاءِ مولانا لاهوري کي پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪري ويو. آخر ريشمي رومال جي تحريڪ جو راز انگريزن کي معلوم ٿي ويو ۽ آزادي جي سپاهي ارڪان سان گڏ، مولانا احمد علي صاحب کي به گرفتار ڪيو ويو ۽ مختلف جاين جهڙوڪ شملي، لاهور، جالنڌر ۽ راهون ۾ نظربندي جي طويل عرصي ڪاٽيو ۽ ضامن تي آزاد ٿيو. ان بعد لاهور ۾ مستقل قيام ڪيائين. (١)

جنهن وقت مولانا سنڌي سان گڏ، مولانا لاهوري امروٽ ۾ ست سال سانده رهيو هو ان وقت مولانا امروٽي جي بيعت ڪئي هئائين. ان بعد مٿين مڙني علمي توڙي تبليغي سرگرمين جي باوجود، مولانا احمد علي صاحب جتي به رهيو، اُتان وقت فوقتاً پنهنجي مرشد مولانا امروٽي جي خدمت ۾ ئين روحاني سبق وٺڻ لاءِ ضروري حاضري ڏيندو رهيو ۽ مرشد جي هدايتن تي عمل ڪندو ايندو هو. تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ به پنهنجي مرشد جي اجازت سان ڀرپور ورتائين. مولانا امروٽي کيس روحاني علم جون منزلون طئي ڪرايون. (٢)

(١) عبدالحميد خان - مرد مؤمن (اردو) ڇنڍو سال ١٩٧١ع صفحو ٢٠ کان ٢٣

(٢) ايضاً صفحو ٢٢

سلوڪ جي منزلن جي تڪميل ڪان پوءِ، مولانا امروٽيءَ کيس ڪمال شفقت سان خلافت عطا فرمائي، تنهن هوندي به جيڪي روحاني طالب ونس (لاهور ۾) ايندا هئا، اُهن کي پنهنجي مرشد مولانا امروٽيءَ ڏانهن رجوع ڪندو هو. آخر مولانا امروٽيءَ کيس انهن ماڻهن کي موڪلڻ کان منع ڪئي. ان سلسلي ۾ عبدالحميد خان لکي ٿو:

ترجمو:-
سرڪار تاج محمود امروٽيءَ حڪم ڪيو ته، احمد علي پٽ، توڙي خلق خدا کي بيعت جي لاءِ دور دراز سفر (امروٽ) جي تڪليف نه ڏيندو ڪر. آئنده خود لاهور ۾ ئي بيعت ڪندو ڪريو" (١)

ان بعد مولانا لاهوريءَ ارشاد ۽ تلقين جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هزارين سندس مريد ۽ معتقد ننڍي کنڊ ۾ پکڙيل آهن.

مولانا احمد علي صاحب پنهنجي مرشد، مولانا امروٽيءَ جو عاشق هو. سندس حڪم سان قرآن شريف جي سنڌي ترجمي سان لاهور مان ڇپائيندو ايندو هو. سال ١٩٧٠ع ۾ پنجون ايڊيشن شايع ٿيو هو. هن لاءِ هڪ پائي به خرچ نه وٺندو هو. صرف ايصال ثواب خاطر اهو ڪم سرانجام ڪندو هو ۽ اڄ تائين سندس پوٽا پڙ ڪندا اچن ٿا. (٢)

لاهوري صاحب، مرشد کان ڪامل فيض حاصل ڪرڻ لاءِ چوندو هو ته "طالب لاءِ ضروري آهي ته سندس عقيدي، ادب ۽ اطاعت ۾ ذري برابر به فرق نه اچي. انهن ٽنهي ٽانڊن (عقيده، ادب ۽ اطاعت) مان ڪا به هڪ ٽار ڪٽي ته طالب ويو" پاڻ چوندو هو ته مون کي جتي به پهچايو، سو الله تعاليٰ مُنهنجي ڏيندو آهي، تنهن امروٽ

---

(١) عبدالحميد خان - مردِ مومن اردو - دهلي - سال ١٩٧٠ صفحو ٧٦

(٢) ايضاً - صفحو ١٢٣ ۽ ١٢٥

شروع ٿيو ويندو آهيان. هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات اُتي رهندو آهيان." (١)

آخر عمر ۾ خليفي صاحب جي طبيعت ڪجهه ناساز رهندي

هئي. ٢٣ فيبروري ١٩٦٢ع صبح جو ڪجهه پيٽ جي تڪليف پيدا

ٿيس. ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو ويو، پر اجل ڪيس وڌيڪ

مهلت نه ڏني ۽ عشاءِ جي نماز ادا ڪندي، سجدي ۾

رات جو ٩½ بجي وفات ڪيائون (٢)

سندس خليفا پنجاب کان سواءِ سنڌ ۾ به آهن. جهڙوڪ

مولوي احمد شاهه صاحب ديواني ضلعو خيرپور ۽ مولوي

محمد هارون، ترڙيچائي ضلعو سکر. (٣)

مولانا احمد علي لاهوري جي زير سرپرستيءَ رسالو خدام الدين لاهور مان

(هفت روزه) جاري ٿيو، جنهن دين جي ڪافي خدمت ڪئي.

---

(١) عبد الحميد خان - مرد مومن (اردو) دفعو ٥ سال ١٩٧٠ع - صفحو ١٤٧

نوٽ:- مولانا احمد علي لاهوري، لاهور ۾ نظربند مجلس منعقد ڪندو هو. ذڪر ڪرائيندو ۽ تقرير ڪندو هو. سندس هر تقرير رسالو خدام الدين (اردو) لاهور ۾ ڇپبي هئي. هڪ تقرير ۾ پنهنجي مرشد لاهوري صاحب ۽ سنڌي مرشد بابت مولانا دين پوري صاحب جي ذاتي عقيدت جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين: "حضرت دين پوري کی عمر ١١٠ سال کی تھی۔ اگر ان کی عمر ٥٠٠ سال بھی ہوتی تو میں ان کے دروازہ کی کرچ نہ چھوڑتا۔ اسی طرح اگر حضرت امروٹی زندہ رہتے تو ان کے دروازہ کی دریوزہ گری بھی نہ چھوڑتا۔" (رسالہ خدام الدین لاهور (اردو) مؤرخہ ١٣ فيبروري ١٩٥٩ع صفحو ١٠)

(٢) عبد الحميد خان - مرد مومن (اردو) دفعو ٥ سال ١٩٧٠ع - صفحو ٢١٦ کان ٢١٨

(٣) ايضاً - صفحو ٨٧

خليفو سيد دين محمد شاه شجراهن وارو

سيد دين محمد شاه بُخاري،[ل] ڳوٺ نور محمد شجراهه تعلقي شڪارپور ۾، سال ١٨٦٠ع ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان ئي سندس طبيعت جو ميلان، خدا وارن جي طرف هو. سندس والد، باغن شاهه بُخاري، درويش صفت انسان هو، جنهن کيس قرآن شريف پڙهائڻ کانپوءِ، حافظ محمد صديق ڀرچونڊي واري وٽ، طريقت جي واٽ وٺڻ لاءِ، دست بيعت ڪرائي. اُن وقت مولانا امروٽي پڻ اُتي ايندو هو ۽ سلوڪ جا مرحلا اڳتي طئي ڪري چڪو هو. جلد ئي حافظ صاحب وفات ڪئي، تنهنڪري دين محمد شاه صاحب، طريقت جا سمورا سبق طئي ڪري نه سگهيو. هڪ ڏينهن، پنهنجي آبائي مقام ۾، پنهنجن وڏن ڏاڏن، موسيٰ شاهه ۽ مبارڪ شاهه جي مزارن تي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري، سمهي پيو ۽ خواب ۾ هڪ نوراني چهري واري شخص کي ڏٺائين، جنهن کيس مولانا امروٽي ڏي وڃي، سلوڪ جي راهه طئي ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان کانپوءِ سندس،

ل هي احوال، سيد نور محمد شاه ولد جيئل شاه، ويل ڳوٺ نور محمد شجراهه (ويندڙ پنهور) تعلقي شڪارپور کان مليو. نور محمد شاه، خليفي دين محمد شاه صاحب جي وڏي ڀاءُ، عبدالحميد شاه صاحب جو پوٽو، جيئل شاه جو پٽ آهي. شاه صاحب ٿورڙو پاسرو ڪري، روشن ٽاڻي ۾ تيرهن ... ان کانپوءِ سيرو اڻ ريشو هو، پر طريقت جي راهه ۾ گهري دلچسپي جي ڪري سيرو ... تان استعفا ڏيئي، ذڪر فڪر ۾ اچي تائين مشغول آهي. صلقي شڪارپور ۾ رهندو آهي. شاه صاحب پنهنجي ڏاڏي جا احوال ٻڌائيندي بيان ڪيا، خليفي دين محمد شاه جي همعصر ۽ مولانا امروٽي جي مريد، عبدالله جتوئي کي پڻ ان وقت گهرائي ورتو، جو شڪارپور ۾ آيل هو. ان ٻنهي احوالن جي تصديق ڪئي ۽ کي روايتون ٻڌايائين.

امروٽ ۾ آيو ۽ مولانا امروٽي صاحب سان منسلڪ ٿيو. روحاني تعليم طئي ڪرڻ کانپوءِ، امروٽي صاحب، کيس خلافت جو خرقو عطا ڪيو. ان بعد پاڻ پنهنجي درگاهه تي اچي، سلوڪ ۽ طريقت جي تعليم عوام کي ڏنائين. ڪيترائي ماڻهو اچي، سندس مريد ٿيا ۽ طريقت جي تعليم مڪمل ڪري، فيض حاصل ڪيائون. سندس ڪيترائي روحاني خليفا ٿيا، جن مان، فقير نور محمد چاچڙ، وڏل ڳوٺ چاچڙ تعلقو شڪارپور ۽ فقير مولڏنو جُملاڻُ، وڏل نزد خيل تعلقو شڪارپور، مشهور آهن. (١)

فقير عبدالله جتوئي، جنهن جو والد، حافظ بهادر خان جتوئي، دين محمد شاهه شجراهن واري سان گڏ پڙهندڙ هو، بيعت امروٽي صاحب وٽ ڪئي هئائين، ان کان روايت آهي ته امروٽي صاحب جا ٻه خليفا، گهوٽڪي سندس همعمر (ڪانشر ڪجهه گهٽ يا وڌ) هئا ۽ سيني خليفن ۾ وڏي عمر وارا هئا: هڪ خليفو ميان محمد صالح ڀائي وارو، جو سندس عمر کان به ٿورو وڏو هو ۽ ٻيو خليفو دين محمد شاهه شُجراهن وارو، جو سندس عُمر کان ڪو ٿورو ننڍو هو. (٢)

---

(١) سيد نور محمد شاهه، شجراهن واري جو ٻڌايل احوال.

(٢) فقير عبدالله جتوئي، اصل وڏل مَسُو ڀرڙو، حال ٽڳ الهڏاڏائي (ضلعو سکر) جي روايت

مولانا امروٽيءَ، شاهه صاحب کي گهڻي عزت ڏيندو هو.
سيد دين محمد شاهه به پنهنجي مرشد، امروٽيءَ تان
سرُ فدا هو. وطن جي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ جدو
جهد (تحريڪ خلافت، هجرت ۽ ريشمي رومال تحريڪ) ۾،
جيڪي تڪليفون مولانا امروٽيءَ کي در پيش آيون،
تن ۾ ساڻس هم رڪاب رهيو.

شاهه صاحب ٻه شاديون ڪيون. پهرين گهرواريءَ مان
هڪ فرزند، سيد محسن شاهه پيدا ٿيس. ٻيءَ شاديءَ
مان، محمد عمر شاهه، حافظ محمد عثمان شاهه ۽ حافظ
جعفر شاهه صاحبان پيدا ٿيا. سيني ڀائرن مان هاڻي فقط
ٻه ڀائر: محمد عمر شاهه ۽ حافظ جعفر شاهه حين حيات
آهن.

هن وقت گادي نشين حافظ جعفر شاهه صاحب آهي،
جو گاديءَ جو لنگر به هلائي ٿو ۽ مُريدن جي تربيت به ڪري
ٿو. سندس عمر هن وقت ستر سال ٿيندي. کيس
پنج فرزند: دين محمد شاهه عرف شبير احمد شاهه، نثار احمد شاهه،
رشيد احمد شاهه، خورشيد احمد شاهه ۽ هڪ ان کان ننڍو
فرزند آهي. (1)

(1) سيد نور محمد شاهه شهراهن واري کان زباني احوال ٻڌي قلم بند ڪيم

راوي ماستر فتح محمد سومرو

ماستر فتح محمد ولد آخوند پير بخش سومرو ساڪن مرزاپور، نزديڪ امروٽ، ضلعي سکر جو، تاريخ ٢٦ جولاءِ ١٩٠٨ع تي، مرزاپور ۾ ڄائو. سنڌس والد، ڪيس سنڌي اسڪول ۾ وهاريو، جتان سال ١٩٢٤ع ۾، سنڌي فائينل پاس ڪيائين؛ ان سان گڏ وڏي فارسي تعليم، سڪندرنامه، بهار دانش ۽ تذڪرة الشعراء تائين حاصل ڪيائين. حڪمت ۽ طب جي تعليم، حڪيم حبيب الله خان، مولوي يار محمد ۽ مولوي محمد مبارڪ صاحبان وٽ حاصل ڪيائين.

سال ١٩٢٦ع ۾، مولانا امروٽي ؒ جي حڪم موجب، مرحوم مولوي محمد هاشم جي مدرسي ۾ ماستر مقرر ٿيو. اُن کانپوءِ گڙهي ياسين ۾ حافظ نور محمد جي مدرسي ۾ سرڪاري طرح مقرر ٿيو. حافظ صاحب جي وفات بعد، آغا بدرالدين جي چوڻ تي، ميونسپل پرائمري اسڪول گڙهي ياسين ۾، تاريخ ٢٦ نومبر ١٩٤٣ع تي ماستر مقرر ٿيو ۽ سال ١٩٤٧ع تائين، حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج فارمين مان ٻه سال پاس ڪري، ٽريند پرائمري ماستر ٿيو. گڙهي ياسين اسڪول ۾، مڊل اسڪول اسڪالرشپ (١)

---

(١) هي احوال خود ماستر فتح محمد سومري لکي ڏنو ۽ قلمبند ڪيو ويو.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

خود نوشته سوانح حيات (مختصر)

ابو الصدر فتح محمد ولد پير بخش سومرو ساڪن مرزاپور

ڳڙهي ياسين

مصنف جي تولد جي تاريخ - ٢٦ جولائي ١٩٠٨ع آهي

سڪونت - مرزاپور متصل امروٽ شريف تعلقو ڳڙهي ياسين ضلع سکر سنڌ

تعليم - فائنل سال 1924 پاس ڪيم [illegible]

ٽريننگ - [illegible] ماستري جي ٽريننگ ٻن سالن حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جي سنڌ [illegible]

لياقت - حديث جي ڪتب [illegible] حضرت [illegible] حڪيم حبيب الله [illegible]

نوڪري - روزگار - سال 1926ع ۾ حضرت [illegible] جي حڪم موجب [illegible]

[illegible] جي مدرسي ۾ ماستر [illegible] مقرر ٿيس [illegible] ياسين

حافظ [illegible] جي مدرسي ۾ [illegible] ماستر [illegible] وفات [illegible]

[illegible] مرزاپور [illegible] جي [illegible] مقرر [illegible]

[illegible] مقرر ٿيس [illegible] 27 سال استاد [illegible]

[illegible] فائنل [illegible] پاس [illegible] جي

[illegible] آهن - جهڙوڪ مسٽر احمد خان [illegible]

مسٽر عبدالعزيز [illegible] مسٽر عبدالغفور [illegible]

[illegible] انگريزي [illegible] استاد [illegible]

[illegible]

[illegible] ماستري [illegible]

[illegible] مرزاپور [illegible] ترقي [illegible]

راوي: ماستر فتح محمد سومري جي لکيل احوال جو فوٽو

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

ابو الصدر فتح محمد سومرو
11.8.77

هاءِ سڪول سڪالرشپ ۽ سنڌي فائينل جا ڪافي شاگرد، امتحان لاءِ، سال بسال تيار ڪندو هو. انهن مان ڪيترائي اڄ ڪله وڏن عهدن تي آهن. مثلاً مسٽر احمد خان بارڪزئي اليڪشن ڪمشنر ڪراچي سنڌ، مسٽر عبدالعزيز سيڪشن آفيسر تعليم کاتو، مسٽر عبدالغفور جوڻيجو ڊپٽي رجسٽرار، مسٽر ڪريم بخش خالد، ڊئريڪٽر انفرميشن وغيره. انکانسواءِ ڪيترائي انگريزي استاد، وڪيل ۽ انجنيئر ۽ ننڍا ڪامورا سنڌ ۽ پاڪستان اندر آهن.

پهرين مئي ۱۹۵۴ع تي، گاهيجا سڪول مان بدلي ٿيس ۽ ۱۶-اپريل ۱۹۵۶ع تي باگڙجي سڪول ۾ تعلقي ماستر مقرر ٿيو. ان کانپوءِ سمجھي، ٺٽون امروٽ، ۽ آخر پنهنجي ڳوٺ مرزا پور ۾ هيڊ ماستر مقرر ٿيو ۽ نوڪري جو باقي عرصو اُتي گذاري، تاريخ ۲۹ ڊسمبر ۱۹۶۷ع تي پينشن ورتائين. رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ، سندس ٻي ڪا به مشغولي ڪانه هئي، فقط پنهنجي مرشد، مولانا امروٽيءَ جي سوانح حيات لکڻ جو شوق رهيس. سندس ئي ڪوشش ۽ گادي نشين امروٽ، مولانا محمد شاهه صاحب جي مشوري ۽ مدد سان، ”امروٽي اڪيڊمي“ قائم ڪيائين. ٻه سال ڪم چڱو هليو، پر پوءِ سجاده نشين جي (۱)

(۱) ماستر فتح محمد سومري جي خودنوشته احوال تي قلم بند ڪيم.

امروٽي اڪيڊمي جي لفافي جو فوٽو

BOOK POST



امروٹی اکیڈمی

امروٹ شریف براستہ رک ضلع سکھر



بجناب محترم و مکرم جناب شاہ صاحب محمود شاہ ایڈیٹر

[illegible] لاڑکانو

پوسٹ لاڑکانو

امروٽي اڪيڊمي جي لٽريچر جي سرورق جو فوٽو

الذين جاهدوا فينا لنهدينهم سبلنا



اغراض و مقاصد
و
قواعد و ضوابط

از:
ابوالصدر شیخ محمد صالح مرحوم
ناظم اعلیٰ امروٹی اکیڈمی

سنڌي ۾

امروٽي اڪيڊمي جي هڪ بوڪليٽ جي ٽائيٽل ورق جو فوٽو

الذين جاهدوا فينا لنهدينهم سبلنا

امروٽي اڪيڊمي

مختصر تعارف

ابوالصدر فتح محمد سومرو

ناظم اعليٰ

امروٽي اڪيڊمي امروٽ شريف

اردو ۾

الذین جاهدوا فینا لنهدینهم سبلنا

امروٹی اکیڈمی

مختصر تعارف

از

ابوالصدر فتح محمد سومرہ

ناظم اعلیٰ امروٹی اکیڈمی، امروٹ شریف

گوناگون (سياسي وغيره) مصروفيتن سبب بند ٿي ويو. ماستر صاحب، هن اڪيڊمي ۾ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ۽ لٽريچر به شايع ڪرايائين.

سنڌس (فتح محمد سومري) چوڻ موجب، پاڻ ڏهه سال بزرگ امروٽي ء جي صحبت ۾ رهيو. خلافت تحريڪ، جهاد مساجد ۽ شڌي تحريڪ جي جهاد جا واقعا اکين سان ڏٺا اٿس. مولانا امروٽي ء جي ڪچهري ۾ ڪيترن هندوستاني توڙي سنڌي عالمن ۽ مشائخن جون زيارتون ڪيون اٿس، تنهن ڪري سنڌس روايتون بلڪل مستند ۽ حقيقت تي مبني آهن. (١)

پاڻ به مولانا امروٽي ء جي حالات تي گهڻو ڪجهه لکيو اٿس، جو سنڌس قلمي بياض ۾ آهي. (٢)

هن سال تائين ماستر صاحب طبع ۾ ناچاق رهي ٿو. تنهنڪري ڏاڍو ضعيف ٿي ويو آهي. اندر ٻاهر اچي وڃي نٿو سگهي. ڪيس پنج فرزند آهن، جي مختلف نوڪرين ۾ مصروف آهن. سنڌس وڏي فرزند جو نالو صدرالدين آهي. ماستر صاحب جي هن وقت عمر، اٺهتر ورهيه ٿيندي. (٣)

---

(١) مولانا امروٽي ء جي سوانح حيات لکڻ ۾ ماستر صاحب به گهڻو ڪجهه مونکي ڪي روايتون ٻڌايون، پڙهيون ڪجهه پاڻ لکيو هئائين، اهو پڻ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ عنايت ڪيائين.

(٢) اُن قلمي بياض مان استفادو ڪيو اٿم.

(٣) ماستر فتح محمد سومري جي خودنوشت احوال کي قلمبند ڪيو ويو.

مولانا عبدالڪريم ڪُهاڙو

مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو، ذات جو ڪورائي بلوچ هو. سندس والد جو نالو ملا پانڌي خان هو، جو شروعات ۾ جاين جو رهاڪو هو. بعد ۾، جيڪب آباد ۾ جاين جي ٺيڪداريءَ جو ڪم ڪندو هو. سندس وڏا، ديري اسماعيل خان (پنجاب) کان لڏي، اچي جيڪب آباد ۾ ويٺا. اهي اصلي علمي خاندان جا هئا.

ڪورائي صاحب، والد جي حياتيءَ ۾ انگريزي ڇهين درجي تائين تعليم ورتي، پوءِ فارسي علم جي تڪميل ڪئي. عربيءَ جي ابتدائي تعليم به جيڪب آباد ۾ شروع ڪيائين پر اُتي تحصيل ڪري نه سگهيو. ساڳئي وقت علم حڪمت ۽ طب جي تعليم مير محمد شجاع صاحب کان ورتائين.

جلدئي سندس واقفيت مولانا امروٽيءَ سان ٿي ۽ روحاني تعليم طرف مائل ٿيو. ان سلسلي ۾ اوڙاهون اچڻ وڃڻ شروع ڪيائين. پنهنجي خداداد لياقت، ادب، اخلاق ۽ علميت جي ڪري، امروٽي صاحب جو ڏاڍو پيار ۽ شفقت حاصل ڪيائين. (١)

ساڳئي وقت محمدپور اُديءَ، ڳوٺ جو زميندار، حاجي

(١) هي احوال، مولانا ڪُهاڙي جي ڳوٺ ڪوٽ ڏيتي ۾ ورتي، سندس فرزند مولوي حافظ رشيد احمد کان ٽڪرائي ورتم.

امام بخش خان اُڏو به مولانا امروٽيءَ جو مريد هو ۽ وٽس ايندو ويندو هو. ان جي گوٺ ۾ عالم جي ضرورت هئي؛ تنهنڪري سندس اصرار تي، امروٽي صاحب ڪيس ڄهورپور اُڏي ۾ وڃي رهڻ جو حڪم ڪيو، جتي مولانا صاحب مسلسل ايڪهه سال درس تدريس ڪندو رهيو ۽ اُتي ئي باقي عربي تعليم پوري ڪرڻ لاءِ، مولوي عبدالقادر کي پاڻ وٽ رهايائين، تحصيل علم ڪيائين. محمد پور رهڻ جي دوران مولوي صاحب، پنهنجي مرشد وٽ، محمد پور کان امروٽ تائين، مهيني ۾ ٻه دفعا پنڌ ايندو ويندو هو. ڪجهه وقت بعد، امروٽي صاحب جي حڪم سان گهوڙي وٺي، ان تي ايندو هو.

مولانا عبدالڪريم صاحب، نهايت بيباڪ هو. حق جي ڪلمي ۽ شريعت جي مسئلي بيان ڪرڻ ۾ ڪنهن جو به رايو نه رکندو هو. هڪ دفعي مولانا امروٽيءَ جي ڪچهريءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کانئس پڇيو ته "ناس ڏيڻ جائز آهي يا نه؟" پاڻ هڪدم چئي ڏنائين ته "شريعت ۾ ناس ڏيڻ ناجائز آهي." تنهن تي ان ماڻهوءَ جواب ڏنس ته "امروٽي بزرگ جو ناس ڏيندو آهي؟" ان تي چيائين ته "توکي جو حضرت جن ڏيندا آهن، ته ٻه ناجائز آهي؟" اهو ٻڌي، مولانا امروٽي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس ته "پٽ، تو تي (١)

(١) مولانا ڪُهاڙي جي فرزند، رشيداحمد صاحب جي خودنوشته احوال کي قلمي نقل.

خدا جي رحمت هجي! تون حق جو ڪُماڻو آهين، جو بهشت ڪي ڪاڻ لاءِ هروقت تيار آهي؟ اُتان کئي متش نالو "مولوي عبدالڪريم ڪُماڻو" مشهور ٿي ويو، ءِ اڄ تائين هلندو اچي.

مولانا ڪورائي صاحب، امروٽي بزرگ جي هر تحريڪ ۾ ساڻس گڏ ءِ شامل رهيو. تحريڪ حفظ مساجد ۾ پڻ "سربڪف، ڪفن بدوش" (سرتريءَ تي، ڪفن ڪلهي تي) امروٽي جي ساٿ گڏ هو. تحريڪ آزادي وطن جي سلسلي ۾ پنجاب بلوچستان، لاڙ ءِ ڪاٺياواڙ تائين مسافرين ۾ به ساڻس رفيق رهيو.

شُڌي ءِ سنگٺن تحريڪن ۾ مولانا امروٽيءَ جي ارشاد تي، اسلام جي تبليغ ءِ اشاعت لاءِ ڪمرڪشي بيٺو. سندس وعظ ايترو ته مؤثر هو، جو سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ "مولانا ڪُماڻو وعظي" نالو مشهور ٿي ويو هو. ان سلسلي ۾ جتي لاڙ ڪانئي ۾ اچي، اسلام ءِ سُنت جي تبليغ ڪيائين، تڏهن لاڙ ڪاني ڇڪلي جون به رنڊيون: مائي ٻچل ءِ مريم، سندس وعظ کان متاثر ٿي، توبهه تائب ٿيون ءِ اهو ماحول ڇڏي، پابندي سان روزو نماز ڪرڻ لڳيون، آخر حج جو فريضو پڻ ادا ڪري آيون. (١)

---

(١) مولوي حافظ رشيد احمد جي زباني ءِ تڪيل احوال ڪي قلم بند ڪيم.

مولانا ڪُماتري صاحب، جنهن مولانا امروٽيءَ وٽ تصوف جون منزلون طئي ڪيون، تنهن رمضان مبارڪ جي آخري جمعي جي موقعي تي، ڪيس بزرگ طرفان خلافت جو خرقو، تبرڪات طور عطا ٿيو.

مولانا ڪوراڻي صاحب، خلافت ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پورو حصو ورتو. هلال احمر جي سلسلي ۾ خوب چندو گڏ ڪري، ترڪيءَ موڪليو هئائين.

اسلامي اخوت ۽ برادريءَ جو وري ايڏو قائل هو، جو جنهن پنهنجي مرشد، مولانا امروٽيءَ جي، نومسلم مولوي نورالحق شيخ تي شفقت ڏنائين، تنهن ڪيس پاڙ وٽ گهرائي، نه فقط پنهنجي وڏيءَ نياڻيءَ جو سڱ ڏنائين، پر پنهنجي گهر ۾ رهائي، سندس اهل وعيال جو خرچ به پنهنجي سر تي کنيائين.

ان وقت جيڪب آباد ۾ مولانا عبدالوهاب ڪولاچيءَ جي پٽ کي هندن، جاءِ تان ڪيرائي، شهيد ڪري وڌو، ان تي ڪوراڻي صاحب کي پنهنجي مرشد پائي ۽ همعصر جي فرزند جو ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اُتي وڃي، جوش واري تقرير ڪيائين، تنهن تي مسلمانن ۾ ايڏو جذبو پيدا ٿيو، (١) جو وڃي، چند هندو مار پاتون. ان تي مولانا صاحب کي گرفتار ڪري، جيل ۾ رکيو ويو. آخرڪار (٢)

---

(١) مولانا صاحب جي تقرير، مسلمانن کي فساد ڪرڻ لاءِ نه هئي، پر ڪن بي علم ماڻهن غلط مفهوم ورتي، وڃي فساد ڪيو.

(٢) مولوي صاحب جي فرزند، مولوي رشيد احمد صاحب جي زباني.

جج ڪيس ۾ قصور نہ ڪرائي، جمعي جي ڏينهن چڙهي ڏنو. پر متس ٽي سال وعظ ڪرڻ جي بندش وڌائين، تنهن تي مولانا ڪُماڙيءَ، جج کي چيو ته ”امر بالمعروف، نهي عن المنڪر“ کان منهنجي زبان کو بند ڪري نٿو سگهي“ ۽ ساڳئي وقت جج کي اُن ڏينهن جمعي جي نماز ۾ شامل ٿيڻ جي تلقين ڪيائين. ساڳئي ئي جمعي تي جيڪب آباد جي جامع مسجد ۾ انگريزن تي خوب چوٽ چنبيائين.

مولانا صاحب شعر وشاعريءَ سان به شوق وشغف رکندو هو. عشق رسول ۾ سندس چيل مولود مشهور آهن. ان کان سواءِ مداحون، مناجاتون ۽ ڪافيون ۽ غزل، قصيده ۽ پنهنجي مرشد جي جُدائيءَ ۾ مرثيا پڻ چيا اٿس، سندس اولاد ، هن وقت به پٽ ، ٽي نياڻيون حيات آهن. سندس وڏو پٽ، مولوي حافظ رشيد احمد صاحب ، گوٺ ، کوٽ پٺي ، تعلقي رتيديري ۾ مسجد جو پيش امام آهي . فراغت جي وقت ۾ حڪمت جو ڪم ڪندو آهي . سندس ننڍو پٽ ، ماستر نور احمد خان رتيديري ۾ سنڌي ماستر آهي . (١)

مولانا ڪماڙو صاحب به اڪثر باهر تبليغ ۽ اشاعت دين جي ڪمسان گڏ ، حڪمت جو ڪم ڪندو هو. سفر جي

---

(١) مولانا حافظ رشيد احمد صاحب جو لکايل احوال

حالت ۾ ساڻس چند روايون گڏ ھونديون ھيون .
مولانا صاحب جي تصنيفات ۾ معراج المومنين (نماز جا مسئلا)
۽ اعمال قرآني ۽ جو سنڌي ترجمو چيل آھن .

مولانا امروٽي ؒ جي وفات تي سنڌس ھي مرثيو مشھور آھي: (١)

مرثيه وفات مولانا امروٽي

ھاءِ ويو فردوس ڏي امام المسلمين - جنھن ڪئي امروٽ کي ھانئي بڻايو زمين .
١- ڪونه ڪو ثاني سندس پرور ڪيو پيدا ڪنھي - رخ ڪئي ڏس جنھن ڪي سنڌ ۽ عرب يا ماچين چين .
٢- سر ڪيئن سو پڇي سدائي بهشتون نيڙو ڪئن - مرد مولا جي مجاھد، تي ڏڪ لڳو ڪيا دين .
٣- ھر ساري سنت نبوي مثال تنھن ڪئي ھئي - دست تنھن ولد ارچو مضبوط ھو حبل المتين
٤- ڪري ڪھڙا ڀي ڪان ڪنھن ڪي ڪين ڪيئن ڪي ڪين - پروسو تنھنجو مثل ان آيا ڪنھن نستعين
٥- حاتم طائي نه ثاني ھو سخاوت جي ھڻي - ڏيڻ مار ڪان نه جهند وڪو ڪھجه ڏس باليقين .
٦- دم ھڪي سان قرب ڪان تاريخ تنھنجو سيد سيج - سو چتڙي سلوڪ جماعت ۽ ويو خلق برين .
٧- دم نه ھڪڙو دوست دلبر تي بيرين پيار اپري - ڪريه مفرت ھجر ۾ من عبد جو قلب حزين

مولود شريف

يا الھي مان حبيب ڪبريا سان گڏ ھجان
دين دنيا ۾ مثي خير الوريٰ سان گڏ ھجان
١- آرزو آ يا الھي مون مدامي من اندر ۾
ھت ھُتي مرسل محمد مصطفيٰ سان گڏ ھجان .
٢- جنھن محل منهنجا تڙن اعمال ميزان ۾ خدا ،
اُت شفيع المذنبين يوم الجزا سان گڏ ھجان .
٣- قبر ۽ سڪرات تو ڙي پلصراط ۽ حشر ۾ ،
پڻ پيغمبر پاڪ پيارے پيشوا سان گڏ ھجان .
٤- مان رسول الله جي خاصي خليفي يار سان ،
ان سچي صديق اڪبر ۽ با صفا سان گڏ ھجان . (٢)

---

(١) مولانا رشيد احمد جو لکايل احوال
(٢) مولانا عبدالڪريم ڪھاڙ ي جو چيل مرثيو .

٦- يا الٰہ العالمين هي عرض ڪر مقبول تون،
مان عمر عادل سچي ۽ ٻي رپاشا ڳنڍهمان

٧- آل اطهر آهه جن جي مدح منجهه قرآن جي
۽ علي وارث ولي شير خدا سان ڳنڍهمان،

٨- آڪوڙائي عبد تنهنجو، تو ڪري عرض سان عجز،
پير ماء امروٽ واري بوالحسن سان ڳنڍهمان. (١)

---

(١) مولانا عبدالڪريم ڪُماڙي جو تصنيف مولود.

باب چوٿون

مولانا تاج محمود امروٽيءَ جون علمي خدمتون

مولانا امروٽيءَ جي وقت ۾ سنڌ جي علمي حالت

مولانا امروٽيءَ جي سوانح واري باب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مولانا صاحب، جڏهن پنهنجي مرشد، حافظ محمد صديق صاحب کان فيضياب ٿي، امروٽ ۾ آيو، تڏهن سنڌ جي قديم علمي درسگاهن جي روشني، اُجهامڻ واري هئي. امروٽي صاحب، عوام جي بي علميءَ کي ڏسي، مُنڍ کان ئي هڪ ننڍي مسجد ناهڻ ۽ مدرسي کولڻ سان عوام جي علمي خدمت ڪرڻ، شروع ڪئي. سندس خيال هو ته اول مسلمانن ۾ قرآني تعليم جو جذبو پيدا ڪجي ته هو پنهنجا فرض، الله ۽ انسانن جا حق سُڃاڻڻ لڳن، ان ڪري قرآن پاڪ جي تعليم شروع ڪيائين. (١) قرآن پاڪ جي حفظ لاءِ بينا ۽ نابينا شاگردن لاءِ جُدا ڪلاس کوليائين.(٢)

اها ڳالهه دل ۾ هنڌ اٿڻ جوڳي آهي ته جنهن وقت مولانا امروٽيءَ عوام ۾ علمي سُڌاري ۽ واڌاري

---

(١) ماهنامو نئين زندگي ماهه اپريل ١٩٦٤ع (مولانا ابوبڪر شبلي)

(٢) روزنامه الوحيد ـ سنڌ آزاد نمبر ـ سال ١٩٣٦ع ص ٤١

آڻڻ لاءِ ڪوشان هو، تنهن وقت سنڌ ۾ جيڪو دانشور طبقو هو، تنهن ۾ هندو سڀ کان اڳرا هئا ۽ مسلمان گهٽ گهٽ هئا، پر عوام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري جي لهر، آزادي تحريڪ جي جذبي سان گڏ پيدا ٿي هئي. هنن ڄاتو ٿي، ته قوم جو بقاء سنڌي ٻوليءَ جي زنده رهڻ ۽ ادب کي محفوظ رکڻ، وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ آهي. (١)

جيئن ته مولانا امروٽيءَ کي قوم جي ديني بهتريءَ جو جذبو موجزن هو، تنهنڪري کيس اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ جو فڪر هر وقت دامنگير هو. ان ڪري سنڌ جي عوام کي ٽن طبقن ۾ ورهايائين: ١. ناخوانده مسلمان طبقو ٢. جديد تعليم يافته مسلمان طبقو، ۽ ٣. غير مسلم طبقو. (٢)

مولانا صاحب اڻ پڙهيل مسلمانن لاءِ امروٽ ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو، جو اڳتي هلي، وڏي دارالعلوم ۾ تبديل ٿيو.

جديد تعليم يافته مسلمان طبقي لاءِ، ڪيترائي علماءِ صلحاء مقرر ڪيائين، جن وعظ، نصيحت ۽ تبليغ جي ذريعي، پڙهيل مسلمانن ۽ انگريزي دانن کي پڻ صحيح دين جي طرف راغب ڪيو. هن شعبي ۾ مولانا امروٽيءَ جي روحاني ڪمال پڻ

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماه اپريل ١٩٦٢ع (مولانا ابوبڪر شبلي)

(٢) ماستر فتح محمد سومرو ميرزاپوري - خادم مولانا امروٽي - قلمي بياض ص ١٠٨-١٠٩

هيءُ ماڻھن لاءِ بيان آهي ۽ پرھيزگارن لاءِ ھدايت ۽ نصيحت آهي
(١٣٨) ۽ نه سست ٿيو ۽ نه غمگين ٿيو ۽ جيڪڏھن مؤمن
آھيو ته (ڄاڻو) اوهين غالب (ٿيڻ وارا) آھيو (١٣٩) جيڪڏھن
اوهانکي (اُحد ۾) ڪو گھاءُ پھتو آهي ته بيشڪ اُن جھڙو گھاءُ
ڪافرن کي (بدر ۾) پھتو ھو. ۽ ھي اھڙا واقعا آھن جو (اسين) اُنھن
کي ماڻھن جي وچ ڦيريندا آھيون (ته نصيحت وٺن)، ۽ ھن لاءِ ته
الله مؤمنن کي نکيڙي ۽ اوهان مان ڪن کي شھيد ڪري. ۽
الله ظالمن کي دوست نه رکندو آهي (١٤٠) ۽ ھن لاءِ ته الله مؤمنن
کي کرو ڪري ۽ ڪافرن کي ناس ڪري (١٤١) اوهان بهشت ۾
گھڙڻ جو گمان ڪيو آهي ڇا؟ ھن ھوندي جو الله اڃا اوهان
مان مجاھدن کي نه نکيڙيو آهي ۽ نڪي صابرن کي نکيڙيو آهي
(١٤٢) ۽ بيشڪ اوهين موت کي اُن جي ملڻ کان اڳ گھرندا ھيؤ
١٣ ع پوءِ بيشڪ انکي ڏٺو ۽ اوهين نھاريندا ھيؤ (١٤٣) ۽ محمد
(صلي الله عليه وسلم) [الله جو] پيغمبر آهي، بيشڪ اُن کان اڳ
ڪيترا پيغمبر گذري ويا. پوءِ جيڪڏھن (اھو) مري وڃي يا قتل
ٿئي ته (اوهين) پٺاھين ڪڙين (اُبتا) ٿي ڦرندؤ ڇا؟ ۽ جيڪو
پٺاھين ڪڙين (اُبتو) ٿي ڦرندو سو الله کي ڪجھ به نقصان
ڪڏھن نه ڏيندو، ۽ الله شاڪرن (احسان مڃيندڙن) کي سگھو
ثواب ڏيندو (١٤٤) ۽ الله جي فرمان ۽ وقت لکيل حڪم کان سواءِ
ڪنھنکي مرڻو نه آهي. ۽ جيڪو دنيا جو ثواب گھرندو تنھنکي
اُن مان ڏينداسون، ۽ جيڪو آخرت جو ثواب گھرندو تنھنکي اُنمان ڏيندا
سون. ۽ شاڪرن کي (چڱو) ثواب سگھو ڏينداسون
(١٤٥) ۽ پيغمبرن مان گھڻا (ڪافرن سان) وڙھيا ساڻن گھڻا خدا
وارا ھوا، پوءِ جيڪي الله جي واٽ ۾ کين پھتو تنھن سببان نڪي
سست ٿيا ۽ نڪي ھيڻا ٿيا ۽ نڪي عاجزي ڪيائون. ۽ الله
صابرنکي دوست رکندو آهي (١٤٦) ۽ سندن چوڻ (ھن) چوڻ
کانسواءِ نه ھو ته اي اسانجا پالڻھار اسانکي

جادو اثر ڪيو، جنهن جي ڪشش تي نه رڳو عالمن، پر پر انگريزي پڙهيل سرڪاري ملازم، وڪيل وغيره به ڇڪجي، سنڌس خدمت ۾ آيا ۽ ديني علوم ۽ هدايت واري گفتگو ۽ کان بهرور ٿيا. (١)

غيرمسلم طبقي لاءِ، سنڌس هدايت جو نمونو هي هو ته اول قرآن پاڪ جو پيغام هرهڪ انسان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيائين، توڙي اهو مسلمان هجي يا غيرمسلمان، نيڪ هجي يا بد. غرض ته دين جي، سندس هيءَ دعوت، ڪنهن هڪ فرقي تائين محدود نه هئي. اهو مقصد آڏو رکي، قرآن شريف جو ترجمو، خالص ۽ نج سنڌيءَ ۾ ڪرڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ عربي متن ڪونه هو. اهوان ڪري ته جيئن مسلمانن سان گڏ، سنڌ جا هندو به پڙهي سگهن. عربي متن شايع ڪرڻ جي صورت ۾، ان ترجمي کي فقط باوضو مسلمان ئي هٿ لڳائي سگهن ها. بي وضو مسلمان يا غيرمسلمان، ان کي ڇهي نه سگهن ها. جيڪڏهن هوا ڻ جا ٿايءَ کان کولي پڙهن به ها، تڏهن به مولانا صاحب، ان کي بي ادبي سمجهي، پاسو ڪيو. ان کانسواءِ ڪي هندو اهڙا به هئا، جي ادب جي لحاظ کان هٿ نه لڳائين ها، ان ڪري هدايت حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي وڃن ها ۽ ان ۾ مولانا صاحب جي (٢)

(١) ماسترفتح محمد سيوهاڻي- قلمي بياض - ص ١٠٨

(٢) ماهنامو سنڌ زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٢ع

تبليغ ۽ اشاعت اسلام جو زبردست مقصد به پورو ٿيندو هو. اهو خيال ڪندي، سڀ کان اول سورت "الرحمٰن"(١) ۽ سورت "يٰس" جو منظوم ترجمو، نهايت سليس ۽ سهڻي سنڌي ۾ عربي متن کانسواءِ شايع ڪيائين.(٢)

جهڙيءَ طرح شاهه وليُّ الله صاحب، وقت جي تقاضا موجب فارسي زبان ۾ خالص ترجمو ڪيو. ان ساڳئي نئين اصول تي مولانا امروٽيءَ پڻ سنڌيءَ ۾ پاڻ ترجمو ڪري، ڇپرايو. ان مان هي به فائدو ٿيو ته غيرمسلم افراد، اسلامي لٽريچر پڙهي، اسلامي خوبين کان روشناس ٿيا ۽ اسلام ڏانهن راغب ٿيڻ لڳا. غيرمسلم طبقي کي هدايت ڪرڻ لاءِ مولانا امروٽيءَ جو هي مقصد ايتري قدر ڪامياب ويو، جو سنڌ ۾ هٿ تي ست هزار ۽ هڪ جي اندازي ۾ غيرمسلم افراد، اسلام جي نعمت عظمىٰ سان مالا مال ٿيا، جا اسلام جي غيرمعمولي خدمت ۾ شامل آهي.(٣)

امروٽ ۾ شاهه وليُّ الله جي تعليم جو مرڪز

مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته علمي ۽ ادبي لحاظ کان سنڌ پٺتي پيل هئي. پريس ۽ نشر و اشاعت جا ذرائع ۽ وسائل، هندو دانشورن جي قبضي ۾ هئا، ايتري قدر جو مسلمانن جا مذهبي ڪتاب، قرآن پاڪ تائين به هندو پريسن

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٤ع (مولانا ابوبڪر شبلي)
(٢) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جنوري ١٩٥٣ع
(٣) ماستر فتح محمد سيوهاڻي مرزا پوري - مولانا امروٽيءَ جو خادم - قلمي بياض ص ١١٠ اڪانت

۾، جنهن جي سرپرستي ۾ هيٺ شايع ٿيندا هئا، ان صورتحال کي ڏسي، مولانا امروٽي کي، پنهنجي قوم کي سڌارڻ لاءِ دل ۾ درد پيدا ٿيو ۽ جهالت کي دور ڪرڻ، ۽ منجهن علمي، سياسي، ۽ آزادي بيداري لاءِ هڪ وڏي دارالعلوم ۽ دارالاشاعت قائم ڪرڻ لاءِ سوچيو. (١)

حسن اتفاق سان آن وقت (شوال ١٣٠٨ هجري) مولانا عبيدالله سنڌي جهڙو جيد عالم، ديوبند مان فارغ التحصيل ٿي، مولانا امروٽي جي خدمت ۾ آيو (٢) ۽ مٿين ڪوتاهي کي دور ڪرڻ لاءِ مولانا امروٽي سان پاڻ پيلي ٿي بيٺو.

مولانا امروٽي جيئن ته شاه ولي الله جي تعليم کان نهايت متاثر ٿيو هو ۽ مولانا عبيدالله سنڌي، شاه ولي الله جي تعليم جو هڪ ترجمان هو، تنهنڪري امروٽي صاحب سائس صلاح مشورو ڪري، قوم جي ڀلائي لاءِ هڪ جامع پروگرام بنايو، جو هن ريت هو:

(١) سڀ کان اول امروٽ ۾ هڪ وڏو ديني دارالعلوم قائم ڪجي، جو ديوبند جي عظيم الشان درسگاه جي طريقي تي هلائجي، جنهن جون هيٺيون خصوصيتون هجن:

(الف) هن ديني درسگاه جي نصاب ۾ حديث، تفسير ۽ شاه ولي الله جي تصانيف کي شامل ڪجي ۽ سنڌ ۾ فڪري ۽ علمي انقلاب آڻجي.
(ب) تعليم جي ذريعي، شاگردن ۾ آزادي ۽ جهاد جو روح

---

(١) ماهنامو الرحيم (اردو) ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع (مولانا ابوبڪر شبلي) ص ٣٣
(٢) ايضاً

ڦُٽڪيو ته جيئن ھُو قوم جي رھنمائيءَ لاءِ مفيد ثابت ٿين.

(ج) دين کي زور وٺائڻ (احياءِ دين) لاءِ علماء پيدا ڪجن.

(ح) امروٽ جي ان مدرسي جو، ديوبند سان روحاني رابطو قائم ڪجي.

(٨) ھڪ اسلاميه دارالاشاعت کولجي، جنھن کي پنھنجي پريس "محمودالمطابع" جي نالي سان ھجي. اُھا پريس ھيٺيان مقصد پورا ڪري:

(الف) قرآن مجيد يا ان جا ترجما ۽ ٻيا مذھبي ڪتاب، جيڪي ھن وقت تائين ھندُن جي پريسن ۾ ڇپيا ٿي، تن کي پنھنجي پريس ۾ شايع ڪجي.

(ب) مسلمانن ۾ علمي ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ مختلف موضوعات تي ڪتاب شايع ڪرڻ.

(ج) سنڌي زبان جي سُڌاري ۽ واڌاري ۽ سنڌي مسلمانن ۾ فڪري بلندي پيدا ڪرڻ لاءِ ھڪُ مستقل ماھنامو، "ھدايت الاخوان" جي نالي سان جاري ڪجي.

(د) ديني ڪتابن ۽ ديني تبليغ لاءِ اشتھار وغيره ڇاپڻ. (١)

---

(١) ماھنامه الرحيم اردو - ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع

(ھ) سنڌي زبان کي ترقي ڏيارڻ لاءِ مختلف سنڌي ڪتاب زير طبع آڻڻ .

(۳) ھڪ شاھي ڪُتب خانو يا لئبريري برپا ڪرڻ، جنھن ۾ مختلف علومن تي لکيل، ھندوستان، مصر ۽ استنبول جا مشھور ۽ نادر ڪتاب جمع ڪجن ۽ قرآن شريف جي صحيح تفسير ۽ ترجمي ڪرڻ لاءِ مختلف تفسير موجود ڪجن ته جيئن صحيح قرآني تعليم کان عوام باخبر ٿئي . (۱)

امروٽ ۾ دارالعلوم

مٿين رٿيل پروگرام موجب، مولانا عبيد الله سنڌيؒ، امروٽ ۾ مولانا امروٽيؒ جي زيرنگراني پھريائين ديني درسگاھ کوليو، جنھن ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جا طالب العلمُ پڙھڻ آيا. ھن مدرسي جو نالو، "دارالعلوم قاسميه" رکيو ويو. (۲) ھن مدرسي جو پھريون پھريون شاگرد، مولانا عبدالوھاب ڪُلاچي، ھڪ مستعد طالب العلمُ ھو. (۳) اُنکانپوءِ مولوي عبدالرئوف سومرو مرزاپوري (ضلع ٺٽو)، مولوي يار محمد سومرو مرزاپوري، (۴) مولانا عبدالعزيز، ترڇاڻي (ضلع ٺٽو)، مولانا احمد علي لاھوري، مولانا خوش محمد ميرو خان (ضلع لاڙڪاڻو) وغيره جا نالا ،

(۱) ماھنامه الرحيم (اردو) ماھ سيپٽمبر ۱۹۶۳ع. صفحو ۴۳ ۽ سندرم والاصاحب جي زباني
(۲) ماستر فتح محمد سومرو مرزاپوري، مولانا امروٽيؒ جو خادم - قلمي بياض صفحو ۱۰۷ ۽ سندس زباني.
(۳) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب - تذڪره امروٽي دفع اسال ۱۹۷۰ع ۾ (ڇاپي) بيھي گل ۴۶
(۴) ھفتيوار اخبار آزاد ۳ جون ۱۹۶۸ع

ان مدرسي جي شاگردن ۾ قابل ذڪر آهن، جي وقت جا فياض ۽ جيّد عالم ٿي گذريا آهن، انهن مان مولانا خوش محمد ميروخاني، احياڻا ئين پيرسنيءَ جي حالت ۾ زنده آهي. (١) نه رڳو ايترو، بلڪ ايترائي فارغ التحصيل علماء، جهڙوڪ مولانا ڪڏهر (ملڪوالبشام) وارو، مولانا عبدالقادر دين پوري (بهاولپور) ۽ ٻيا علماء پڙهي مدرسي ۾ مولانا امروٽيءَ ۽ مولانا عُبيد الله سنڌيءَ جي خدمت ۾، قرآن، حديث ۽ فلسفي ولي اللاهي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پهچي ويا.

مولانا امروٽي هڪ وڏو عالم ۽ مرشد ڪامل هو، سنڌ جي اڪثر عالمن جي جماعت، سندس مريديءَ جي حلقي ۾ داخل هئي، ان ڪري هميشه سندس خدمت ۾ علماء اڪرام جا ميڙ امنڊيا هوندا هئا. امروٽي صاحب جو اهو دستور هوندو هو ته ذڪر ۽ فڪر جي تلقين کانپوءِ جماعت جي آڏو قرآن پاڪ کڻي، وهندو هو ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تفسير ويٺو بيان ڪندو هو. ان جو اثر، سندس مريد عالمن تي ڏاڍو پيو. اهوئي سبب هو، جو سندس خليفن، جهڙوڪ. مولانا حماد الله هاليجوي (ضلع سکر)، مولانا احمد علي لاهوري ۽ ٻين علمائن وٽ به قرآن شريف جي ترجمي جو درس هلندو آيو. (١)

---

(١) ماهنامو- نئين زندگي - ماه اپريل ١٩٦٠ع (مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب) ص ٤٣ ۽ ٤٤

امروٽ جي دارالعلوم جي ٻي جيڪا خاص خصوصيت هُئي، سا هيءَ هُئي ته ٻين علومن سان گڏ، طالبالعلمن ۾، وطن جي حُبّ، آزاديءَ ۽ جهاد جو جذبو ۽ صحيح ديني تعليم جو شوق پيدا ڪيو ويو. هن مدرسي مان فارغ التحصيل علمائن، سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر قومي توڙي ديني اصلاح لاءِ نمايان ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ عوام کي علم جي دولت سان مالا مال ڪيو. مولانا امروٽيءَ جي شاگردن ۽ مُريدن ۾ شاه وليُ الله جي تعليم، ايڏو اثر ڪيو، جو سنڌ مان بدعت ۽ بد اعتقاديءَ جي پاڙ پٽجي ويئي. (١)

هن سلسلي ۾ مولانا ابوبڪر شبلي فرمائي ٿو:

ترجمو: "سڀ کان پهرين پاڻ (امروٽي صاحب) هڪ ديني درسگاه قائم ڪيائون. ان جون ڪجهه قابل ذڪر خصوصيات هي هيون: ان درسگاه کي ديوبند جي طريقي تي جاري ڪيو ويو ۽ انجو روحاني تعلق ديوبند سان قائم ڪيو ويو. ان لحاظ کان، سنڌ جو پهريون ڀيرو ديوبند سان علمي ۽ روحاني رابطو پيدا ٿيو. ان درسگاه جي نصاب ۾ حديث، تفسير ۽ شاه ولي الله جي تصانيف کي به شامل ڪيو ويو. ان طرح سنڌ جي طالب علمن کي پهريون دفعو علوم اسلاميه جي اعلىٰ تعليم کان ڀرپور ٿيڻ جو موقعو مليو. هن درسگاه ۾ فڪري بلنديءَ تي سڀ کان زياده زور ڏنو ويندو هو. اهڙيءَ طرح طالبن ۾ حُريت، وطن ۽ احياءِ دين قيم جي روح پيدا ڪرڻ جي پوري ڪوشش ٿيندي هئي." (٢)

---

(١) سنڌ جو والد جي زباني قلمبند ڪئي وئي.

(٢) ماهنامو الرحيم لاهور - ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣٢٠ - (مولانا ابوبڪر شبلي)

اردو عبارت: "سب سے پہلے آپ نے ایک دینی درسگاہ قائم کی۔ اس کے چند ایک قابل ذکر خصوصیات یہ تھیں: اس درسگاہ کو دیوبند کے طریقے پر جاری کیا گیا اور اس کا روحانی تعلق دیوبند سے قائم رکھا گیا۔ اس لحاظ سے سندھ کو پہلی مرتبہ دیوبند سے علمی اور روحانی رابطہ پیدا ہوا۔ اس درسگاہ کے نصاب میں حدیث، تفسیر اور شاہ ولی اللہ کی تصانیف کو بھی شامل کیا گیا تھا۔ اس طرح سندھ کے طالب علموں کو پہلی بار علوم اسلامیہ کی اعلیٰ تعلیم سے بہرہ ور ہونے کا موقع ملا۔ اس درسگاہ میں فکری جلا پر سب سے زیادہ زور دیا جاتا تھا۔ چنانچہ طلبہ میں حریت وطن اور احیائے دین قیم کی روح پیدا کرنے کی پوری کوشش ہوتی تھی۔" (ابوبکر شبلی)

اڳتي هلي، لکي ٿو:

"ان دوران ۾ سنڌ ۾ سينڪڙن ٻاهرين سُوَن عالمن، اُن مان استفاده ڪيو ۽ ان درسگاه جي بدولت سنڌ ۾ حريت وطن ۽ احياءِ دين قيم جي جد وجهد جي شروعات ٿي." (١)

پريس محمود المطابع سنڌ جي مسلمانن ۾ مذهبي، سياسي، علمي ۽ ادبي شعور کي نئين سر پيدا ۽ زنده ڪرڻ خاطر بنهي بزرگن (مولانا امروٽي ۽ مولانا سنڌي) اهو ضروري سمجهو ته سنڌ ۾، خاص طرح مسلمانن، ۽ عام طرح سڀني ماڻهن لاءِ هڪ دارالاشاعت به هجي. انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ پريس قائم ڪئي وئي، جنهنجو نالو "قادري پريس، محمود المطابع امروٽ" رکيو ويو. امروٽ جي ڳوٺ ۾ طباعت ۽ اشاعت جو ڪم شروع ٿي ويو. (٢)

ان پريس ۾ سڀ کان پهريائين "سورت الرحمٰن" ۽ "سورت يٰسين" جو منظوم ترجمو ۽ تفسير شايع ٿيو. (٣) جلدئي هڪ ماهوار سنڌي رسالو "هدايت الاخوان" به جاري ڪيو ويو جنهن، قوم ۽ ملت جي اعليٰ خدمت ڪئي. اُن وقت اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ لاءِ هي واحد رسالو هو (٤)

خلافت تحريڪ جي مخالفت ۾، مولوي فيض الڪريم موري (ضلع نوابشاه) واري جڏهن پنهنجو رسالو "تحقيق الخلافت"

---

(١) ماهنامو الرحيم اردو - ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع (مولانا شبلي) صفحو ٣٣،
اردو عبارت: "اس دوران ميں سنده اور بيرون سنده کے سينکڑوں علماء نے اس سے استفاده کيا اور اس درسگاه کی وجه سے سنده ميں حريت وطن اور احيائے دين قيم کی جد وجهد کا آغاز هوا" (شبلي صاحب)
(٢) پراڻو دفتر امروٽ - خط نمبر ٢٢ - الف - ۽ "الرحيم" اردو سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣٤،
(٣) ماهنامو نئين زندگي - جنوري ١٩٥٣ع (عقيلي صاحب)
(٤) ماستر فتح محمد سوهري - مولانا امروٽي جو خاص خادم - قلمي بيان - صفحو ١١٠ ۽ ١١١

لکيوهو تنهن اُن جي ترڄمي ۾ مولانا امروٽيءَ پنهنجي پريس ۾ رسالو ”اظهار الڪرامت“ به شايع ڪرايو هو. (١) ان بعد ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ۽ تفسير، عربي متن کانسواءِ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ڇاپيو ويو، جنهنجو نالو ”الهام الرحمٰن في تفسير القرآن“ رکيو ويو. انکانسواءِ ٻيا ڪيترائي سنڌي ڪتاب ڇاپيا ويا، جنهن ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کي وڏي هٿي ملي. مولانا امروٽيءَ جي ناهيل مثنوي، ”يوسف زليخا عرف پريت نامو“ ته سنڌي موزون شاعريءَ ۾ هڪ بيش بها اضافو آهي. (٢)

مولانا امروٽيءَ جي پريس ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ مولانا ابوبڪر شبلي لکي ٿو:

> ترجمو: ”امروٽ شريف ۾ ديني درسگاهه ۽ محمود المطابع جي قيام ۽ ان مان شايع ٿيندڙ رسالن ۽ ڪتابن جا نتيجا تمام سٺا ظاهر ٿيا هئا ۽ حضرت مولانا عبيد الله سنڌي صاحب نهايت اطمينان سان پنهنجي جدوجهد ۾ مصروف هو.“ (٣)

ريسرچ جي دوران درگاهه امروٽ جي پراڻي دفتر مان مڪي خط ۽ ليٽر موصول ٿيا، جن ۾ مولانا امروٽيءَ گورنمنٽ (ڪليڪٽر شڪارپور) سان پنهنجي پريس ۾ رسالي ”هدايت الاخوان“ جي ڇاپڻ متعلق جيڪا لکپڙهه سال ١٩٠٠ع ۾ ڪئي هئي، تنهنجو پتو پوي ٿو.

---

(١) هفته نامه الوحيد – سنڌ آزاد نمبر سال ١٩٣٦ع صفحو ٤٢

(٢) ماهنامو نئين زندگي – جنوري ١٩٥٣ع

(٣) ماهنامو الرحيم (اردو) ماهه سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣٤.

اردو عبارت: ”امروٹ شریف میں دینی درسگاہ اور محمود المطابع کے قیام اور اس سے شایع ہونے والے رسائل اور کتب کے نتائج بڑے اچھے نکل رہے تھے اور حضرت مولانا عبید اللہ سندھی نہایت اطمینان سے اپنی جدوجہد میں مصروف تھے“۔ (مولانا شبلی)

ازانسواءِ مينڌ جي جاگرافيءَ بابت به خبر ملي ٿي ته ان وقت شڪارپور ضلعو هوءِ امروٽ جو ڳوٺ، تعلقي نوشهري اٻڙي (۱) ۾ هو. هن وقت نوشهري جي ڳوٺ کي اها اهميت حاصل نه آهي. (۲)

خطن مان اهو به اظهار ٿئي ٿو ته مولانا امروٽيءَ جي پريس جو پورو نالو، "قادري پريس محمود المطابع امروٽ" هو. هينئين انگريزي ليٽر ۾ مولانا امروٽيءَ، شڪارپور ضلعي جي ڪليڪٽر ڏانهن ماهوار رسالي "هدايت الاخوان" ڇپائڻ بابت لکيو آهي:

No. of 1900
Amrote 20th Sept. 1900

From,

Molvi Taj Mahamood wd Bhural Shah
Pro-Prietor, Kadri Press, Mahmoodul Mutabia
Amrote, Taluka Noushahro Abro.

R 9669
23.9.1900

To
The collector of Shikarpur.

Sir,

I most respectfully beg to submit here with copies of the book marginally noted, printed and published in my Press together with the Memorandum, showing particulars required by Section 18 of the Printing Press Act XXV of 1867 and to request the favour of an acknowledgement for the same. No copy right of the book is to be reserved.

1. Hidayatul Akhwan P. IV A Pamphlet Teaching of Islam.
2. —— Do —— Part V
—— Do ——

(۳)

I beg to remain
Sir
Your most obedient Servant
Molvi Taj Mahmood
Proprietor, Kadri Press
Mahmoodul Mutabia

---

(۱) امروٽ ۽ ڳڙهي ياسين جي وچ ۾ آهي.
(۲) پراڻو دفتر - درگاهه امروٽ خط نمبر ۲۲ - الف
(۳) ايضاً

مٿين ليٽرمان معلوم ٿو ٿئي تہ ان وقت جي گورنمينٽ
جي قانون مطابق، ڪنهن بہ نئين رسالي يا ڪتاب ڇپائڻ لاءِ
گورنمينٽ پريس ائڪٽ سال ١٨٦٧ع موجب، ڪو پريس فارم
يا ميمورنڊم پرڻو هو، جو مولانا امروٽيءَ پري، درخواست سان
گڏ، ڪليڪٽر شڪارپور کي موڪليو هو. پريس فارم هن طرح هو:- (١)

The Statement of a new Book Printed and Published form - I.

Kadri Press Mahmood-ul-Matabia, Amrote, Taluka Naushahro, Dist: Shikarpur.

Page with translation into English of such title and contents, when the same are not in English language.	
The language in which the book is written.	
The name of the author, translator, or editor of the book or any part there of.	
The subject.	
The place of printing and the place of publication	
The name or firm of the printer and the firm or publisher.	
The date of issue from the press or of the publication	
The number of sheets, leaves or pages.	
The size	
The first, second or other number of the edition.	
The number of copies of which the edition consists	
Whether the book is printed or lithographed	
The price, at which the book is sold to the public.	
The name and residence of the proprietor of the copyrights or of any portion of such copyrights.	

(١) پراڻو دفتر- درگاهہ امروٽ - خط نمبر ٣٨

شڪارپور جي ڪليڪٽر پنهنجي آفيس کان هن طرح تفتيش ڪئي آهي :

No. 8955 of 1900
General Department
collector's office

Memo

Returned

It should be stated, whether the pamphlets or Journals are to be issued every month by the proprietor of the Kodri press. If so, under what rule they have been sent to the collector?

sd
collector of Shikarpur.

آفيس وارن ڪيس هن طرح جواب ڏنو آهي :

The copies were submitted to the collector, under section 9, of the act refered to the publication, comprises translation into Sindhi Islamic books, issued in parts every month. If under the circumstances, the collector thinks that the act does not require submission of such publication, an order may be graciously issued to the proprietor.

2. The copies are submitted to proprietor Kodri press Amrote. (1)

مٿين ۽ لکپڙھ مان وقت، جاءِ، تعلقي، ضلعي ۽ پريس جي ڪمڪرڻ بابت ثبوت ملي ٿو.

پريس جي اسلامي اشاعت ۽ تبليغي لٽريچر جي اثر سان گڏ، مولانا امروٽيءَ جي جاذب ۽ ڪامل شخصيت وڏو ڪم ڪيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، ته امروٽي صاحب جي غير مسلم طبقي جي هدايت ۽ تبليغ وارو مقصد ايتري قدر ڪامياب ويو، جو ست هزار ۽ هڪ (٧٠٠١) غير مسلم افراد، اسلام جي

(١) پراڻو دفتر - درگاه امروٽ - خط نمبر ٢٢ ب

نعمت ۾ شامل هيا. نه رڳو ايترو، پر اهي نومسلم افراد، مولانا امروٽيءَ جي طُفيل، علم جي دولت سان به مالا مال ٿيا. انهن مان ڪيترائي پارسي، عربي دان ۽ ڪيترا فارغ التحصيل عالم پڻ اڄ تائين آهن (١) جيڪي اسلام جي خدمت سان گڏ عظيم علمي خدمت پڻ آهي. (٢)

پريس "محمود المطابع" جي باري ۾ مولانا ابوبڪر شبلي لکي ٿو:

> ترجمو: "هن دارالاشاعت ۾ 'ماهنامي' کانسواءِ، سنڌي زبان ۾ ڪيترا ڪتاب به شايع ٿيا، جن ۾، مولانا امروٽيءَ جو قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو 'الهام الرحمٰن في تفسير القرآن'، خاص طرح سان ذڪر جي قابل آهي. هڪ ديني درسگاهه، شاهه ولي الله جي فلسفي جي تعليم ۽ محمود المطابع' جي قيام جي ڪري، امروٽ ٿوري ئي عرصي ۾ سرزمين سنڌ ۾ علمي ۽ سياسي لحاظ کان، هڪ مرڪزي حيثيت حاصل ڪري ورتي ۽ سنڌ کانسواءِ، سنڌ کان ٻاهر پڻ سندس شهرت ٿي وئي." (٣)

ساڳئي سلسلي ۾ مرحوم الله بخش عقيلي صاحب هن طرح فرمائي ٿو:

> "علمي تحريڪ جي سلسلي ۾، هڪ اسلامي پريس 'محمود المطابع' جو پاڻ پنهنجي سير وڌائين. خالص اسلامي ديني ڪتاب جهڙوڪ منظوم تفسير سورت الرحمٰن ۽ سورت يا سين، قرآن شريف جو پاڻ پورو پورو سنڌي ترجمو پاڻ لکي، شايع ڪرايائون. هي اهو زمانو هو، جڏهن مسلمان پنهنجي ديني ڪتابن جي اشاعت لاءِ به غير مسلم پريسن ۽ غير مسلم شايع ڪندڙن جا محتاج هئا." (٤)

ڪُتب خانو يا لئبرري قائم ڪرڻ

مولانا امروٽيءَ پنهنجي قائم ڪيل دارالعلوم جي ترقيءَ لاءِ هر وجهه ڪوشش ورتي. مدرسي جي مُدرسن، مقامي علمائن ۽ طالبن جي معلومات ۾ اضافي آڻڻ لاءِ هڪ سٺي ڪتب خاني يا لئبرريءَ جو بنياد وڌائين. ان ڪتبخاني ۾، مصر، استنبول، هندوستان وغيره جا مشهور ۽ ناياب ڪتاب

(١) مولوي نور الحق شيخ سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس جامشورو (اصل ڳوٺ ڪريٽ پنو عاقل) جيڪي جاگيردار تمر آهي.
(٢) ماستر فتح محمد سومرو - امروٽي صاحب جو خاص خادم جي زباني.
(٣) ماهنامو التحميد اردو ماه سپٽمبر ١٩٦٣ع ص ٣٤ - اردو عبارت: "اس دارالاشاعت مين ماهنامي کي علاوه - سندهي زبان مين کئي کتابين بهي شايع هوئين - جن مين حضرت مولانا امروٽي کا قرآن مجيد کا سندهي ترجمه 'الهام الرحمان في تفسير القرآن' خاص طور سي قابل ذکر هي - ايک ديني درسگاه، شاه ولي الله کي فلسفي کي تعليم اور محمود المطابع کي قيام کي وجه سي امروٽ شريف ني ٿوڙي سي عرصي مين سرزمين سنده مين علمي اور سياسي لحاظ سي ايک مرکزي کي حيثيت حاصل کرلي اور سنده کي علاوه بيرون سنده مين بهي اس کي شهرت هوگئي." (ابوبکر شبلي متب).
(٤) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جنوري ١٩٥٣ع (سنڌي سوانح شاعرنو).

گذ ڪيائين، (١) جن ۾ قرآن شريف جي ترجمي ۽ تفسير جا مختلف ۽ تمام گهڻا ڪتاب شامل هئا. (٢) اهڙيءَ طرح سنڌ جي شاگردن کي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جهڙي جيد عالم جي زير نگرانيءَ، توسيع مطالعي جو ڀرپور دفعو موقعو مليو. (٣) مولانا ابوبڪر شبلي لکي ٿو؛

”حضرت سيدنا امروٽيءَ، حضرت مولانا سنڌيءَ جي علم جي اضافي لاءِ هڪ عظيم ڪتب خانو جمع ڪيو (جو اڄا تائين خسته حالت ۾ موجود آهي) اهي ئي سبب هيا، جن جي ڪري مولانا عبيدالله سنڌيءَ شروعات ۾ امروٽ شريف کي پنهنجو مستقل رهڻ جو هنڌ بنائي، پنهنجي علمي ۽ سياسي جدوجهد جو آغاز ڪيو.“ (٤)

خود مولانا عُبيدالله سنڌي پنهنجي ذاتي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو:

”پاڻ منهنجي مطالعي لاءِ هڪ تمام وڏو ڪتب خانو جمع ڪيائون، مان سندن نظرعنايت هيٺ، ١٣١٥ھ تائين، نهايت اطمينان سان مطالعي ۾ مصروف رهيس.“ (٥)

عوام جي علمي خدمت لاءِ، مولانا امروٽيءَ پنهنجي شخصي ڪوشش ڪانسواءِ، پنهنجي ڳوٺ امروٽ جي گرد و نواح، ۽ سنڌ جي ٻين ڳوٺن ۽ شهرن جي علمي سُڌاري لاءِ، تعليمي انجمنون ۽ ڪيئي بنايون ۽ انهن جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪافي پاڻ پتوڙيو.

(١) ماهنامو الرحيم اردو ماه سپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣٢ ۽ ٣٣
(٢) ماهنامو نئين زندگي - ماه اپريل ١٩٦٠ع (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب) ص ٤٦
(٣) ماهنامو الرحيم اردو ماه سپٽمبر ١٩٦٣ع ص ٣٣ (شبلي صاحب)
(٤) ايضاً. اردو عبارت: ”حضرت سيدنا امروٹی نے، حضرت مولانا سندھی کے علم کے اضافے کے لیئے ایک عظیم کتب خانہ جمع کیا (جو اب تک خستہ حالت میں موجود ہے) یہی وجوہات تھیں جن کی بنا پر مولانا عبیداللہ سندھی نے ابتدا میں امروٹ شریف کو اپنا مستقل مسکن بنا کر اپنی علمی اور سیاسی جدو جہد کا آغاز کیا“ (شبلی)
(٥) ايضاً. اردو عبارت: ”آپ نے میرے مطالعے کے لیئے ایک بہت بڑا کتب خانہ جمع کیا۔ میں ان کے سایۂ عاطفت میں، ١٣١٥ھ تک نہایت اطمینان سے مطالعے میں مصروف رہا۔“

اهڙن تعليمي ڪاميٽين جي ساليانن جلسن جي صدارت اڪثر پاڻ ڪندو هو. (١) امروٽ جي نزديڪ ڳوٺن ۾ ڪيترائي ديني مدرسا پنهنجي زير نگراني کولايا هئائين، جن جي معائني لاءِ وقت بوقت (انسپيڪشن طور) ويندو هو. نومسلم شيخ (مولانا) نورالحق وارو واقعو به جهڪ واري مدرسي جي معائني ڪرڻ کانپوءِ واپسيءَ ۾، باگڙجي نيشن تي ٿيو هو. (٢) اهڙيءَ طرح مولانا امروٽيءَ، عوام جي علمي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ايتري جان افشاني ڪئي، جيتري ڪو مجدد ۽ امام ۽ هادي ڪندو آهي. (٣)

مولانا امروٽيءَ جي تصنيفات

عوام جي تعليم لاءِ، درسگاهن، دارالعلوم وغيره قائم ڪرڻ سان گڏ، مولانا امروٽيءَ، ماڻهن جي رشد ۽ هدايت لاءِ قلم هٿ ۾ کنيو ۽ تصنيف جو ڪم شروع ڪيو. سندس تصانيف ۾ هيٺيان ڪتاب سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل آهن:

(١) قرآن پاڪ جي سورت الرحمٰن ۽ سورت يٰسين جو عربي متن ڪانسواءِ، سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو (٢)

(٢) قرآن مجيد جو عربي متن ڪانسواءِ بامحاوره سنڌيءَ ۾ مڪمل ترجمو ٽن حصن ۾ (ڏهن ڏهن سيپارن جو هڪ حصو) (٤)

(٣) قرآن شريف جو عربي متن سان گڏ، بامحاوره سنڌيءَ ۾

---

(١) ماهنامو نئين زندگي ماه اپريل ١٩٦٤ع (مولانا ابوبڪر شبلي صاحب)
(٢) ماهنامو موحّد (مير پورخاص) ماه مارچ ١٩٦١ع (مولانا شبلي صاحب) ص ٢٦.
(٣) ماهنامو نئين زندگي ماه جنوري ١٩٥٣ع
(٤) ماهنامو نئين زندگي - ماه اپريل ١٩٦٠ع (مولانا قاسمي صاحب) ص ٤٢

مولانا امروٽيءَ جي سنڌي ترجمي بابت ساڻ قرآن مجيد جي پريس ورق جو فوٽو

اللّٰہ اکبر

هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ

(الجاثیۃ)

قرآن مجید مترجم

بزبان سندھی

ترجمۂ مکمل شیخ المشائخ قطب الاقطاب اعلیٰ حضرت

مولینا و سیدنا تاج محمود امروٹی نوّر اللہ مرقدہٗ

بفرمائش احقر الانام احمد علی عفی عنہٗ

مقیم مسجد لائن والی دروازہ شیرانوالہ لاہور

سنہ ۱۳۸۱ ہجری مطابق ۱۹۶۱ سنہ عیسوی

يَعْتَذِرُونَ إِلَيْكُمْ إِذَا رَجَعْتُمْ إِلَيْهِمْ قُل لَّا
عذر ڪندا (بهانا) اوهين ڏانهن موٽندؤ (تن ڏانهن) اوهان وٽ بهانو ڪندا (اي نبي) چؤ ته بهانو نه ڪريو
تَعْتَذِرُوا لَن نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّأَنَا اللَّهُ مِنْ أَخْبَارِكُمْ
اوهان جي ڳالهه کي هرگز نه مڃينداسون بيشڪ اوهان جي حال کان الله اسان کي خبر ڏني آهي.
وَسَيَرَى اللَّهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُولُهُ ثُمَّ تُرَدُّونَ إِلَىٰ عَالِمِ
۽ الله ۽ سندس پيغمبر اوهان جا عمل سگهو ڏسندو وري ڳجھه ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله)
الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُم بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿۹۴﴾
ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪي ڪيو ٿي تنهن جي اوهان کي سڌ ڏيندو.
سَيَحْلِفُونَ بِاللَّهِ لَكُمْ إِذَا انقَلَبْتُمْ إِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوا
جڏهن اوهين ڏانهن موٽندؤ ته سگهو ئي اوهان جي آڏو الله جو قسم کڻندا هن لاءِ ته اوهين
عَنْهُمْ فَأَعْرِضُوا عَنْهُمْ إِنَّهُمْ رِجْسٌ وَمَأْوَاهُمْ جَهَنَّمُ جَزَاءً
کانئن منهن ڦيرايو ڇو ته کانئن منهن ڦيرايو بيشڪ اهي پليت آهن ۽ جيڪي ڪمايائون تنهن جي عوض ۾
بِمَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴿۹۵﴾ يَحْلِفُونَ لَكُمْ لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ
سندن جاءِ دوزخ آهي. اوهان وٽ هن لاءِ قسم کڻندا ته (اوهين) کانئن راضي ٿيو (ڀلا)
فَإِن تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَإِنَّ اللَّهَ لَا يَرْضَىٰ عَنِ الْقَوْمِ
جيڪڏهن کانئن راضي ٿيندؤ ته (به) الله بدڪار ماڻهن کان راضي نه
الْفَاسِقِينَ ﴿۹۶﴾ الْأَعْرَابُ أَشَدُّ كُفْرًا وَنِفَاقًا وَأَجْدَرُ أَلَّا
ٿيندو. بدوي ڪفر ۽ منافقي ۾ تمام سخت آهن ۽ هن (عادت) جو لائق آهن ته الله جيڪي سندس پيغمبر
يَعْلَمُوا حُدُودَ مَا أَنزَلَ اللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿۹۷﴾
تي نازل ڪيو تنهن جون (شرعي) حدون نه ڄاڻن ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.
وَمِنَ الْأَعْرَابِ مَن يَتَّخِذُ مَا يُنفِقُ مَغْرَمًا وَيَتَرَبَّصُ بِكُمُ
۽ ڳوٺاڻن مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪي خرچ ڪن تنهن کي ڏنڊ ڄاڻن ٿا ۽ اوهان لاءِ زماني جي ڦيرن جي
الدَّوَائِرَ عَلَيْهِمْ دَائِرَةُ السَّوْءِ وَاللَّهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿۹۸﴾ وَ
(اچڻ) جا منتظر آهن زماني جو بڇڙو ڦيرو انهن تي (پوندو) ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽
مِنَ الْأَعْرَابِ مَن يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَ
ڳوٺاڻن مان ڪي اهڙا آهن جي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي مڃيندا آهن ۽

ترجمو "المام الرحمٰن في تفسير القرآن" جي نالي سان

(٤) پريت نامو (عرف يوسف زليخا سنڌي منظوم) سنڌي مثنوي (ڇاپيل)

(٥) گلشن امروٽي - سنڌيءَ ۾ نعتيه ڪلام (مولود شريف) (ڇاپيل)

(٦) اڻ ڇاپيل شعر: - ڪافيون، غزل، مخمس، مناجات مفيد (اڻ ڇپيل)

(٧) فارسي اڻ ڇاپيل شعر: نعتون ۽ غزل

مولانا امروٽيءَ جي تصنيفات جو مختصر جائزو	(١) قرآن مجيد جو عربي متن کان سواءِ سنڌي ترجمو: —

مٿي ٻڌايو ويو آهي ته مولانا امروٽيءَ، سنڌ جي عوام جي جهالت، بدعت، بداخلاقي ۽ گندين رسمن جهڙن دلي مرض جو علاج، صحيح قرآني تعليم ۾ ڄاتو، ان ڪري جهڙيءَ طرح شاه ولي الله هندوستان جي عوام کي سڌارڻ لاءِ، ان وقت جي مروج زبان فارسيءَ ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ڪيو هو، تهڙيءَ طرح مولانا تاج محمود امروٽيءَ به وقت جي تقاضا موجب سنڌ جي مروج زبان، خالص سنڌيءَ ۾ قرآن مجيد جي ترجمي ڪرڻ جو عزم ڪيو.

ان حقيقت کي مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب، هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

> "اهڙيءَ علمي ۽ عملي ماحول ۾ مولانا امروٽي (رح) جيڪو ترجمو فرمايو آهي سو ايترو ته مستند، بامحاوره ۽ عمدو ترجمو ثابت ٿيو جو جهڙيءَ طرح فارسيءَ ۾ شاه ولي الله دهلوي جو ترجمو اعتبار جو مرتبو رکي ٿو اهڙيءَ طرح مولانا امروٽيءَ جو ڪيل سنڌي ترجمو به اهائي حيثيت رکي ٿو." (١)

---

(١) ماهنامو نئين زندگي ماه اپريل ١٩٦٠ع (مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب) صفحو ٢٠

اُن وقت سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سُڌاري ۽ واڌاري لاءِ عوام ۾ هڪ خاص لهر آيل هئي، جنهن ۾ سنڌ جا هندو ۽ سڀ کان اڳرا هئا. سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن اِن ڳالهه تي سمجهيو ته اُها قوم زنده رهي سگهندي، جنهن جي ٻولي زنده آهي. مولانا امروٽيءَ اِن ڳالهه کي به شدت سان محسوس ڪيو هو. ان ڪري قرآن شريف جي سنڌي زبان ۾ ترجمي جو ڪم هڪ جوش سان شروع ڪيائين. ترجمي ڪرڻ وقت، ان ڳالهه جو خيال رکندو هو ته، ترجمو اهڙي سليس ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ هجي، جو هڪ ئي وقت، هڪ اعلى تعليم يافته ۽ گهٽ ۾ گهٽ تعليم وارو شخص، ٻئي آسانيءَ سان سمجهڻ ۽ سمجهي سگهن. ان مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ، مشوري خاطر، هڪ طرف جيد عالمن جي جماعت کي پاڻ وٽ رکيائين، ته ٻئي طرف چند سنڌي ماسترن کي به پنهنجي مشيرن ۾ شامل ڪيائين. جنهن به ڪنهن عربي لفظ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻو هوندو هوني ته پاڻ اها ڪوشش ڪندو هو ته ان جو ترجمو ڪنهن ساري، سليس ۽ عام فهم ڳوٺاڻيءَ زبان ۾ هجي. ان صورت ۾ سنڌي ماسترن کان به صلاح وٺندو هو، ۽ علماء ۽ سنڌي ماستر پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪري، مناسب لفظن لاءِ، جڏهن پاڻ ۾ متفق ٿي ويندا هئا، تڏهن اُهي الفاظ ترجمي ۾ شامل ڪيا ويندا هئا. (١)

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٢ع (مولانا ابوبڪر شبلي)

ان کانسواءِ هيڪُ ٻيو نامور مضمون نگار، منشي عبدالخالق صاحب شڪارپوري سومرو، جو پاڻ سنڌيءَ جو هيڪُ وڏو اديب هو، سو پڻ مولانا صاحب سان قرآن پاڪ جي ترجمي ڪرڻ ۾ سنڌس صلاحڪار هو. (١)

مولانا امروٽيءَ جي اهڙي تاڪيد ۽ خبرداريءَ جي ڪري قرآن مجيد جو، سنڌس ترجمو، هڪ طرف دين جي عظيم خدمت ۾ شمار ڪيو ويو، ته ٻئي طرف بامحاوره ۽ عمدي سنڌيءَ جي ڪري، سنڌي ادب جو هيڪُ بلند پايه شاهڪار به سمجهيو ويو. (٢)

مولانا امروٽيءَ جي زندگيءَ ۾، جيڪو پهريون دفعو قرآن مجيد جو ترجمو ڇپيو، ظاهر ٿيو، اهو عربي متن کان سواءِ، ٽن حصن ۾ الڳ الڳ (ڏهن ڏهن پارن جو مڪمل) هو. اهو ترجمو (٣) "الحق" پريس سکر مان، ٽائيپ ۾ ڇپيو هو. ڇپائي ۽ ڪاغذ نهايت دلڪش ۽ سٺو هو. ان ۾ قرآن پاڪ جي آيتن جا نمبر ڏنيئي، انهن جي سنڌيءَ ۾، صرف معنيٰ ڏني وئي هئي ۽ عربي عبارت ڪانه هئي.(٤)

جائزي وٺڻ لاءِ، ان سنڌي ترجمي جي ڪن ٽڪرن جا نقل ڏجن ٿا:

١. "اي مومنو صبر ۽ نماز سان مدد وٺو. بيشڪ الله صابرن سان آهي (١٥٣)
۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُسن، تن کي مئل نه چئو. بلڪ (اهي)
جيئرا آهن؛ پر اوهين نٿا پروڙيو (١٥٤) ۾ اوهان کي ڀَوَ ۽ بُک،
مالن ۽ ميون جي گهٽتائيءَ مان ڪنهن شيءِ سان ضرور پرکينداسون ۽

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٢ع (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب) ص ٥٤.

(٢) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٢ع (مولانا ابوبڪر شبلي مرحوم)

(٣) عربي عبارت کانسواءِ سنڌي ترجمي جو هڪ ايڊيشن، شاه ولي الله اڪيڊميءَ ۾ محترم استاد صاحب مولانا قاسمي صاحب ڏيکاريو جو سال ١٣٣٠ هجريءَ ۾ الحق پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيل (٨٦٤ صفحا) هو. سنڌس قيمت (ٽن سيپارن ۾ هڪ مڪمل جلد) سوا روپيو لکيل آهي.

(٤) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٠ع (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب) ص ٤٦

(اي پيغمبر) انهن صابرن کي خوشخبري ڏي (١٥٥) جن کي جڏهن ڪا آفت پهچي ٿي (تڏهن) چون ٿا ته اسين الله جا (ٻانها) آهيون ۽ اسين ان ڏانهن ئي موٽندڙ آهيون (١٥٦) انهن تي سندن پالڻهار وٽان مهربانيون ۽ ٻاجهه آهي، ۽ اهي ئي سڌيءَ واٽ وارا آهن (١٥٧)" (١)

٢. "اي ايمان وارؤ جيڪڏهن الله کان ڊڄندا رهندؤ ته اوهان لاءِ (اوهان جي دلين ۾ حق ۽ باطل کي) نکيڙيندڙ (نور) پيدا ڪندو ۽ اوهان گناهه اوهان کان ڊاهيندو ۽ اوهان کي بخشيندو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢٩) ۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن ڪافر توکي مارڻ، توکي بند ڪرڻ يا توکي لوڏڻ ۾ (رٿون) رٿي رهيا هئا، الله (به) رٿ ڪئي ۽ الله چڱو رٿ ڪندڙ آهي. (٣٠)" (٢)

مٿين ٻن، سنڌي ترجمي جي ٽڪرن مان لسڻ ٿو اچي ته قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو، نهايت عام فهم ۽ سليس سنڌي ۾ ڪيل آهي، جنهن کي ٿورو سنڌي پڙهيل ماڻهو به نهايت آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. قرآن پاڪ جي آيتن جا نمبر ڏنا ويا آهن ته هر هڪ آيت جو مفهوم الڳ الڳ سمجهي سگهجي. ان کانسواءِ هر هڪ پاري پوري جي ٽين ڪالمن ۾ به صفحا چڙهيا ويا آهن ۽ هر هڪ پاري جو نالو ۽ رڪوع جو نمبر نهايت خبرداريءَ سان ڏنا ويا آهن ته جيئن هڪ پاره، ٻئي کان الڳ نظر اچي ۽ ڳولڻ ۾ به سولائي ٿئي.

سڄي قرآن شريف جي ترجمي کي ٽن[٣] حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هر هڪ حصو ڏهن پارن جو آهي، سنڌس قيمت صرف سوا رپيو آهي، جنهن ڪري نه رڳو غريب طبقي جي ماڻهن کي خريد ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿي پيئي، پر کڻڻ رکڻ ۾ به سهوليت ٿي پيئي. هر هڪ حصي جو ڪاغذ نهايت عمدو آهي. ترجمي ڪرڻ کي هيترا سارا سال گذري چڪا آهن، تڏهن به ڪاغذ نهايت مضبوط ۽ سهڻو نظر اچي ٿو.

(١) مولانا تاج محمود امروٽي صاحب - قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو مطبوعه پورن[١] - پارو سيقول سورة بقره رڪوع ١٩ ص ١١٤
(٢) ايضاً - پارو قال الملاء - سورة الانفال - رڪوع ١٣ - صفحو ١٦٣ - مطبوعه سال ١٣٢٩ هجري

جيئن ته هن کان اڳ عربي متن کانسواءِ قرآن مجيد جو ترجمو
ڪنهن به عالم شايع ڪونه ڪيو هو؛ تنهنڪري ان وقت جي عالمن،
مولانا امروٽيءَ جي اُن ڪم کي پسند نه ڪيو ۽ دين ۾ هڪ بدعت
تصور ڪري، مولانا امروٽيءَ جي خلاف فتوائون ڏيڻ لڳا، حالانڪ
مولانا امروٽي پاڻ بدعت جي بيخ ڪني ڪندڙ هو، پر هُو وقت
جي نزاڪت ۽ تقاضا کي مدنظر رکندي، وقت جي غير مسلمانن
۾ اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ خاطر هي ڪم ڪيو هئائين.
سندس نيت نيڪ ۽ ارادو عظيم هو، جنهن کي وقت جا
علماء سمجهي ڪري نه ٿي سگهيا؛ ان ڪري سنڌ جو هڪ وڏو
عالم، مولانا قمرالدين صاحب انڙ، پنهنجي عاقل وارو، مولانا
امروٽيءَ سان مناظري ۽ بحث ڪرڻ لاءِ امروٽ ۾ آيو، پر
امروٽي صاحبُ، عالم ۽ ڪامل هئڻ سان گڏ، وڏو مدبر ۽
باريڪ بين ۽ سياستدان پڻ هو، تنهن پنهنجي حڪمت
عمليءَ کان ڪم ورتو، مولانا قمرالدين کي هيئن چئي، واپس
ڪري ڇڏيو ته "اڳتي عربي متن کانسواءِ قرآن شريف جو ترجمو نه ڇپايو ويندو" (١)

٢. عربي متن سان قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو:

ان ترجمي جي ٻيءَ اشاعت مهل، عربي متن به
ساڻس شامل ڪيو ويو، جو "الهام الرحمٰن في تفسير القرآن" جي نالي
سان مشهور آهي. اهو سنڌي ترجمي سان قرآن شريف، مولانا
احمد علي لاهوريءَ کي ڇاپڻ لاءِ ڏنو ويو، جنهن جي ڪوشش سان

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٠ع (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب) ص ٣٢

لاهور مان ڇپجي ، ساري سنڌ ۾ پهچي چڪو آهي. اهو ترجمو ايترو ته مستند ثابت ٿيو آهي ، جو هن وقت تائين ، جنهن به عالم قرآن حڪيم جي ترجمي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ، تنهن امروٽي صاحب جي هن ترجمي مان ضرور استفاده ڪيو آهي. (١)

مولانا امروٽي ديني عالم ، سماجي ڪارڪن ، سياسي اڳواڻ ۽ مدبر هئڻ ڪانسواءِ وقت جو بهترين اديب ۽ شاعر پڻ هو. قرآن شريف جو هي سنڌي ترجمو ، سندس سنڌي نثر نويسيءَ جو نادر نمونو آهي.

هن باري ۾ مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب فرمائي ٿو:

"مولانا تاج محمود امروٽي (رح) جو هيءُ ترجمو ، سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي به اعجازي ترجمو سنڌي ۾ ته ڇپيا آهن. هن کان اڳ جيڪي به ترجما آهن ، سي سنڌي زبان جي نه هئا ۽ نڪي انهن ۾ صحيح معنا پيڪو يا محاوره ترجمو سنڌي ڪيو ويو ،
حضرت امروٽي (رح) هن ترجمي لکڻ مهل جيڪا محنت ڪئي ۽ جاکوڙ ورتي ، ان جو اندازو هن مان لڳائي سگهو ٿا ته جنهن قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي جو خيال فرمايو اٿن ته اڳ ۾ پاڻ وٽ هڪ وڏي ڪتب خاني بنائڻ جو خيال ڪيائون." (٢)

ادبي لحاظ کان ، اها هڪ تسليم شده حقيقت آهي ، ته ڪنهن به ڌاري ٻوليءَ جو ترجمو ، پنهنجي زبان يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪرڻ ڪا آسان ڳالهه ڪانهي ؛ ڇاڪاڻ ته هر ڪنهن زبان جو گرامر ، يعني محاورا ۽ نحوي بناوتون ، پنهنجي پنهنجي نوعيت جون آهن. انهن جي اصطلاحي جملن ۽ معنائن جي گهرائين جا

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٠ (مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي هين) ص ٦ م
(٢) ايضاً

نمونا ۽ نزاڪتون ، پنهنجي خاص نموني جا ٿين ٿا. آهن ، خاص ڪري اهڙي ٻولي ، جنهن جو ادب وسيع آهي ۽ منجهس بلاغت جو دريا ۽ موجزن هوندو آهي ، ته اهڙيءَ ٻوليءَ جو ترجمو نهايت خبرداري ، محنت ۽ مشقت سان ڪرڻو پوندو آهي . اهو ان لاءِ ته متان اصلي ٻوليءَ جو روح مفقود نه ٿئي ۽ سندس مفهوم ۾ ڪو ترجيترو به تفاوت نه ٿئي ؛ ان لاءِ جنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻو هوندو آهي ، اُن ڌاري ٻوليءَ جي موزون ۽ مناسب الفاظن ۽ جملن ڳولڻ جي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي ته جيئن اصلي ٻوليءَ جو نيڪ ۽ پورو مطلب ادا ٿئي .

شاه ولي الله به پنهنجي تفسير "فتح الرحمان" جي مقدمي ۾ قرآن پاڪ جي ترجمي ڪرڻ کي نهايت مشڪل ۽ وڏو ڪم لکيو آهي . پاڻ کان اڳ ڪيل ترجمن جي اڻاٺن ۾ اُوڻاين بيان ڪندي ، فرمائي ٿو :

ترجمو : "جنهن دور ۾ اسين آهيون ۽ جنهن ملڪ جا اسين رهواسي آهيون ، ان ۾ مسلمانن جي ڀلائيءَ ۽ خيرخواهيءَ جو اهائي تقاضا ڪندڙ آهي ته فارسي ٻوليءَ ۾ قرآن جو هڪ اهڙو ترجمو ڪيو وڃي ، جو سلوڻي ، منجهس ڪنهن به قسم جو تڪلف ۽ دشواري يا عبارت ۾ تصنع (ڏيکاءُ) نه هجي ، جنهن ۾ ڪي به مناسب قصا يا زائد توجيهون نه آنديون ويون هجن ، ته جيئن سڀ ماڻهو ، خواص ۽ عوام ، ڪير ننڍا توڙي وڏا سولائيءَ سان سمجهي ۽ ننڍا وڏا هڪ ئي نموني سمجهي سگهن . انهيءَ ڪري هن فقير (شاه ولي الله) جي دل ۾ الهامي ۽ وڏي ڪرم جي سبب الهام جي لاءِ (واسطي) خيال پيدا ٿيو ، جو مجبور ٿي اهو ڪم مٿي تي کنيو ويو . ورڻ جو خيال آيو ته انهن جو ترجمو ڪجي ، جو اڳين ترجمن کي آڏو رکي ، انهن مان جيڪو منهنجي رٿيل ترجمي سان ٺهڪي اچي ، تنهن کي ڪتابي رواج ڏجي ۽ ڪنهن به طرح ان کي ماڻهن آڏو مرغوب بڻائجي ؛ پر اهڙو ڪو به ترجمو مناسب نظر نه آيو . ڪن ترجمن ۾

امڙئي ته ڏنگهه هئي، جو پڙهندڙ ملول ۽ پريشان ٿي ويا.
بين ۾ وري امڙوڻ اختصار کان ڪم ورتو ويو هو، جو مطلب
سمجهڻ اوکو هو. لاچار هڪ نئين ترجمي لکڻ جو پڪو ارادو ڪيو“ (١)

شاهه ولي الله جي مٿين عبارت مان معلوم ٿو ٿئي ته قرآن شريف جي ڪرڻ وقت، ڪيترو نه احتياط ڪرڻو ٿو پوي ۽ هيءُ ڪم، ڀاري ڪمن مان هڪ آهي. هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مولانا امروٽيءَ کي به قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي ڪرڻ وقت، انيڪ دشواريون ۽ رڪاوٽون محسوس ٿيون هونديون. اهوئي سبب هو، جو مولانا امروٽيءَ، پنهنجي ڪتب خاني ۾ ڪافي ڪتاب جمع ڪيا، جن ۾ وڏو تعداد، قرآن شريف جي ترجمن ۽ تفسيرن جو هو.

هن حقيقت کي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب هن طرح واضح ڪيو آهي:

”حضرت مولانا تاج محمد امروٽي رح جيڪي ڪتاب ڪٺا ڪيا هئا، انهي
مان اندر جو هڪ مرتبو آهن. مون جهڙو سعادت نشين، سيد محمد
امروٽيءَ جي عنايت سان مون سڀ ڏٺا آهن. سڄي ڪتب خاني ۾
مون کي اها خاص ڳالهه نظر آئي ته ڪتابن ۾ گهڻو انداز تفسير جو هو.
ايترا تفسير سنڌ جي ڪنهن به ڪتب خاني ۾ مون کي نظر نه آيا. ان
مان حضرت امروٽي (رح) جي علمي مذاق جو اندازو ٿي سگهي ٿو.“ (٢)

مٿين حقيقت مان معلوم ٿو ٿئي ته مولانا امروٽيءَ کي قرآن پاڪ جي تعليم، عوام تائين پهچائڻ لاءِ، صحيح، سالم ۽ عام فهم ترجمي ڪرڻ جي ڪيڏي نه جستجو هئي، جو اِن، جاکوڙ واري وڏي ڪم سرانجام ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو.

---

(١) شاهه ولي الله جو تفسير ”فتح الرحمان“ جي فارسي مقدمي جو سنڌي ترجمو - مترجم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب - قرآن شريف سنڌي ترجمي ۽ حواشي سان - مترجم مولانا محمد مدني ۽ حاشيو تي ترجمو مولانا غ. م قاسمي صاحب جو - سال ١٩٥٣ع ڇاپو - صفحو ٣ ۽ ٤
(٢) ماهنامو نئين زندگي - ماه اپريل ١٩٦٠ع - مولانا غ. م. قاسمي صاحب، صفحو ٤٦.

مولانا تاج محمود شاہ امروٽيءَ جي صحيح ۽ عام فهم ترجمي جو انداز، هيٺين مواز ني مان لڳائي سگهجي ٿو، جو قرآن پاڪ جي مختلف ترجمن ۾ امروٽي صاحب جي ترجمي سان پيش ڪيو وڃي ٿو:

مثال ١.
عربي عبارت قرآن مجيد:- "وَقَالُوا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ وَلَوْ تَرٰى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ط قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ط قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ط قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ" (١)

سنڌي ترجمو مولانا امروٽي:-

"۽ چون ٿا ته هن دنيا جي حياتيءَ کانسواءِ (ٻيو ڪجهه) نه آهي ۽ (مرڻ کانپوءِ وري) اٿڻا وارا نه آهيون ۽ جيڪڏهن ڏسين جڏهن پنهنجي پالڻهار جي آڏو بيهاريا (تڏهن ڏسين جيڪڏهن تون ڪين ڏسين ته عجب ڪرين، الله) چوندو ته هي (وري جيئرو ٿيڻ) سچ نه آهي ڇا؟ چوندا هائو اسان کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي ته (سچ آهي) الله چوندو ته جيڪي توهين ڪفر ڪندا هيوَ، تنهن سبان عذاب جو مزو چکو." (٢)

سنڌي ترجمو قاضي عبدالرزاق رهڙائي:

۽ اهي چون ٿا ته نه آهي ڪجهه ٻيو، مگر هي اسان جي دنيا جي حياتي ۽ نه آهيون اسين جو (موت کانپوءِ) اُٿاريا وڃون ۽ جيڪڏهن تون ڏسين جڏهن کڙا ڪيا ويندا پنهنجي رب وٽ. فرمائيندو ته

---

(١) قرآن مجيد - سورت انعام - رڪوع ٣ - پاره "وَاِذَا سَمِعُوْا"
(٢) مولانا امروٽي صاحب - قرآن شريف جو ترجمو - ڇپائيندڙ مولانا احمد علي لاهوري سال ١٩٦١ع

جيا نہ آهي سچ ـ اهي جونئا جوڻ قسم آهي پنهنجي رب جو ـ فرمائيندو
پوءِ چکو عذاب هنڪري جو اوهين انڪار ڪندا هئا." (١)

مولانا محمد مدنيءَ جو سنڌي ترجمو:

"۽ انهن جيوت حياتي ڪي ٻيو اسان جو دنيا جي حياتي آهي ۽ اسانکي (ميڙو ڪري) اٿاريو نہ ويندو ۽ (توکي عجب ٿئي) جيڪڏهن تون ڏسين جنهن وقت کين سندن پالڻهار جي اڳيان بيهاريو ويندو الله فرمائيندو تہ ڇا هي (جيئرو ڪري اٿارڻ) سچ نہ آهي؟ چوندا تہ جوڻ اسانکي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي، الله فرمائيندو تہ پوءِ جيڪو اوهين ڪفر ڪندا هئا، تنهن جي ڪري عذاب چکو." (٢)

قرآن ڪمپني حيدرآباد جو ترجمو:

ماخذ: ١ شاه ولي الله جو ترجمو ٢ شاه عبدالقادر " ٣ شيخ الهند " " ٤ مولانا امروٽي " ٥ ابوالڪلام " " ٦ مولانا مودودي "	"۽ چون تہ دنيا جي زندگيءَ کانسواءِ ٻي ڪا زندگي نہ آهي ۽ اسين اٿاريا نہ وينداسين. جيڪر تون انهن کي ڏسين تہ (عجب ڪرين) جڏهن پنهنجي رب وٽ بيهاريا ويندو فرمائيندو تہ ڇا هي حق نہ آهي؟ اهي چوندا برابر اسانکي پنهنجي رب جو قسم آهي. فرمائيندو تہ جيڪو ڪفر ڪندا هئا ان جي بدلي عذاب چکو" (٣)

مٿين مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ قرآن شريف جي ترجمي ڪندڙ جن مترجمن، مولانا امروٽيءَ جي ترجمي مان استفادہ نہ ڪيو آهي، انهن جي ترجمي کي، مولانا صاحب جي ترجمي سان

(١) قاضي عبدالرزاق ريهڙائي - قرآن پاڪ جو ترجمو - ڇپائيندڙ: شبير عباسي ڪتب خانہ جونا مارڪيٽ ڪراچي ١٩٩٥ع
(٢) مولانا محمد مدني - قرآن پاڪ جو ترجمو - حاشيو ۽ تفسير مولانا محمد قاسمي صاحب - سال ١٩٥٣ع احمد علائن ڪتب خانہ گبول ڪراچي
(٣) قرآن ڪمپني - منزل ڪتب حبيب بئنڪ حيدرآباد سنڌ - مولانا قاضي عبدالرزاق ۽ ٻيا عالم سال ڪونہ

پيٽي ڏسبو ته مولانا امروٽيءَ جو ترجمو بالاتر نظر ايندو.

مثال ٢ :

قرآن پاڪ جي عربي عبارت : اَللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ
لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ۭ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ
وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا
بِاِذْنِهٖ ۭ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ
وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَاۗءَ ۚ
وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَـــُٔـوْدُهٗ
حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ (١)

مولانا امروٽيءَ جو ڪيل سنڌي ترجمو : ”الله (اهو آهي) جو ان کانسواءِ ڪو عبادت جو
لائق ڪوني (اهو سدائين) جيئرو، جهانن کي بيهڪ ڏيندڙ
ڏيندڙ آهي. کيس نه ڪي پنڪي ۽ نه ڪي ننڊ وٺندي
آهي. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي،
(سو سڀ) سندس (ملڪيت) آهي. ڪير آهي، جو سندس
موڪل ڌاران وٽس پارت ڪري سگهي؟ جيڪي الهن (خلق)
جي اڳيان آهي ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي، سو
(سڀ) ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي گهري، تنهن کانسواءِ سندس
علم مان ڪنهن ذري کي (اهي) گهيرو ڪري نه سگهندا
آهن. ان جي (بادشاهيءَ جي) ڪرسيءَ، آسمانن ۽ زمين
کي ليٽيو آهي ۽ الهن جي سنڀال کيس نه ٿڪائيندي آهي

(١) قرآن پاڪ - سورة بقرة - رڪوع ٣٤ - پارو تلك الرسل (مولانا امروٽيءَ جو ترجمي وارو قرآن شريف)

۽ اهو (سڀڪان) مٿاهون وڏي وڏائي وارو آهي" (١)

قاضي عبدالرزاق رحمة الله جو سنڌي ترجمو:

"الله، ان کانسواءِ ڪو معبود نه آهي. جيئرو، سڀني کي قائم رکندڙ - نه ورتي ٿي ان کي گهرنه ننڊ - ان لاءِ آهي، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي - ڪير اهڙو آهي جو سفارش ڪري ان وٽ، مگر ان جي اجازت سان - ڄاڻي ٿو جيڪي خلق جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي پٺيان آهي ۽ نٿا گهيري سگهن ڪنهن شيءِ کي ان جي علم مان مگر ان کي جيڪي هو گهري - ان جي بادشاهي جي ڪرسي آسمانن ۽ زمين لاءِ ڪشادي آهي ۽ نٿو ٿڪائي ان کي انهن جو سنڀالڻ ۽ اهو ئي آهي سڀ کان بلند ۽ وڏي وڏائي وارو" (٢)

قرآن ڪمپني حيدرآباد جو ترجمو:

مولانا مرحوم ۽ ٻين عالمن جي ترجمي تان استفاده ڪيل

"الله کانسواءِ ڪو بندگي جو لائق نه آهي، هو هميشه جيئرو، ۽ سڀ کي قائم رکندڙ آهي. نڪي کيس گهرايپ ٿي ۽ نه ننڊ. جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سو سندس ئي آهي. ڪير آهي جو ونس سندس اجازت کانسواءِ شفاعت ڪري. جيڪي ماڻهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي پويان آهي، ان سڀ جي خبر اٿس ۽ اهي سندس مرضيءَ کانسواءِ سندس علم مان ڪجهه به هٿ ڪري نٿا سگهن. سندس بادشاهي آسمان ۽ زمين تي ڇانيل آهي ۽ انهن جو سنڀالڻ کيس نٿو ٿڪائي. هو سڀ کان مٿاهون بزرگي وارو آهي" (٣)

(١) مولانا السروري - قرآن شريف جو سنڌي ترجمو - سورت بقره - رڪوع ٣٤ پارو تلڪ الرسل سال ١٩٦١ع صفحو ٣٢ جلد ٥
(٢) قاضي محمد عبدالرزاق رحمة الله - سنڌي ترجمو - (مسلم هاشمي ڪتب خانو جونا مارڪيٽ ڪراچي) سال ١٣٦٨ھ ص ٦٥ ۽ ٦٦
(٣) قرآن ڪمپني حيدرآباد سنڌ - سال ڪونهي (ننڍڙيڪ حبيب بئنڪ) صفحو ٢٩

مولانا محمد مدنيءَ جو ترجمو: -

الله اهو آهي، جنهن کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي. اهو
جيئرو (هميشه جيئرو) قائم رکندڙ آهي. ان کي نه پنڪي ۽ نه ننڊ وٺي ٿي.
جو ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جو ڪجهه زمين ۾ آهي، سو سندس آهي. اهو
ڪير آهي، جو سندس اجازت کانسواءِ وٽس سفارش ڪري سگهي.
جو ڪجهه انهن جي اڳيان ۽ جو ڪجهه انهن جي پٺيان آهي، تنهن کي
هو ڄاڻي ٿو ۽ اهي سندس علم مان ڪنهن شيءِ کي به گهيرو نٿا ڪري
سگهن نٿا ڄاڻن مگر جيترو گهري ٿو اوترو. سندس (بادشاهيءَ جي) ڪرسي
آسمانن ۽ زمين کي ڍڪيو آهي ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ به مٿس ڳري
نه آهي ۽ اهو سڀ کان مٿاهون وڏائيءَ وارو آهي". (١)

مٿين مختلف ترجمن کي هڪٻئي سان ڀيٽي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته
سڀني ۾ موزون ترجمو مولانا امروٽيءَ جو نظر ايندو. جن صاحبن
مولانا امروٽيءَ جي سنڌي ترجمي مان استفاده ڪيو آهي،
تن جو ترجمو البت چڱو نظر اچي ٿو. مولانا محمد مدني صاحب
جو ترجمو ته جهڙڪ اڻ لکيءَ ڦيرگهير سان ساڳيو ئي معلوم ٿئي ٿو.
تنهن هوندي به ڪي الفاظ، مولانا امروٽيءَ جي ترجمي ۾
وڌيڪ سليس آهن. مثلاً مدني صاحب لکيو آهي، "اهو ڪير آهي،
جو سندس اجازت کانسواءِ وٽس سفارش ڪري سگهي"، پر امروٽيءَ
ان کي هن طرح لکيو آهي: "ڪير آهي، جو سندس موڪل ڌاران، وٽس
پارت ڪري سگهي؟" مولانا مدني صاحب جي "اجازت" ۽ "سفارش"

لفظن کان، مولانا امروٽي صاحب جا ڪم آيل، ”موڪل“ ۽ ”پارت“ الفاظ، وڌيڪ سليس ۽ سادا آهن. نيٺ ڀهراڙيءَ وارن ماڻهن کي ”سفارش“ ۽ ”اجازت“ الفاظ چوڻ ئي نه ايندا آهن، پر جي ڪٿي ڪا ئن چوڻا پوندا آهن ته هُو هَبڪي هَبڪي، نهايت مشڪلات سان، ”چُفارش“ يا ”سُپارت“ ۽ ”اجاجت“ يا ”اِزازت“، غلط تلفظ سان الفاظ اُچاريندا آهن، توڙي جو هُو ٿوري گهڻي سنڌي، پڙهي به ڄاڻندا آهن. ان جي برعڪس، مولانا امروٽيءَ وارا، ”موڪل“ ۽ ”پارت“ الفاظ امڙاته سليس، سلوڻا ۽ موزون آهن، جي شهر توڙي ڀهراڙيءَ ۾ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي، ڳالهايا ۽ سمجها وڃن ٿا. ان سواءِ مولانا امروٽيءَ، بيهڪ جي نشانين تي پڻ ڌيان ڏنو آهي. مثلاً: ”اموڪيو آهي، جو سنڌين موڪل ڏاران وٺن پارت ڪري سگهي؟“. هتي جُملي جي پڇاڙيءَ ۾ سوال جي نشاني ڏني وئي آهي. اهڙيءَ طرح تور ردم، پور ردم وغيره خيال سان، درست نموني ڏنا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح مثال طور ٻئي ترجمي ۾ ”بين، گهر ۽ نند“ لکيو آهي؛ پر امروٽي صاحب انهن جي بدران ”پنکي ۽ ننڊ“ استعمال ڪيو آهي. شايد ائين هجي، جو اُتر سنڌ ۾ ”پنکي“ ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ”گهر“ چوندا هجن، پر لفظ ”پنکي“ اهڙو سليس

۽ عام آهي، جو هتي (اتر سنڌ ۾) ٻهراڙيءَ توڙي شهر ٻنهي ۾ مروج آهي بنسبت "گهر" جي

امروٽي صاحب جي سنڌي اهڙي سليس ۽ عام فهم آهي، جو عالم توڙي گهٽ پڙهيل ماڻهو، چڱيءَ طرح سمجهي سگهندا. ٻوليءَ گرامر موجب آهي ۽ فعل پنهنجي جاءِ تي پورا آهن. ترجمي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ڏنگين ۾ لفظ ڪم آندا اٿس ته جيئن مطلب پورو ۽ چٽو ظاهر ٿئي.

مٿين ٻنهي مثالن ۾ مولانا امروٽيءَ جي ٻوليءَ ۾ "موڪل" "شاهين" "پنهنجي" "پيارت" وغيره سليس الفاظ ڪم آندل آهن، جي هر طبقي جا ماڻهو سمجهي سگهن ٿا. ان جي برعڪس ٻين ترجمن ۾ "اجازت" "بزرگي" "گهر" "سفارش" يا شفاعت" وغيره ڏکيا الفاظ آهن، جي ٻهراڙيءَ جا تمام گهٽ پڙهيل ماڻهو مشڪل سان سمجهي سگهندا. ان کانسواءِ مولانا امروٽيءَ سنڌي اصطلاح جهڙوڪ "گهيري ۾ آڻڻ" ۽ "لپيٽڻ" وغيره ڪم آڻي، ٻوليءَ کي وڌندڙ بڻايو آهي. ٻئي سڀ کان وڏي خصوصيت، سندس ترجمي جي "سلاست" ۽ "اعتدال پسندي" آهي، جا سيني کي ٺهه ڏيئي، گويا کيئون بيٺي آهي.

قرآن پاڪ جي پهاڙيءَ ۾ تلاوت ڪرڻ جون فضيلتون، اهم مختلف حديثن جي وسيلي، اثرائتي نموني بيان ڪيون ويون آهن، جن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کي پڙهي ٻڌائڻ سان ڪلام پاڪ

جي پڙهڻ لاءِ هر ڪنهن جي دل اُڪسي ٿي .

سنڌس ترجمي جي تصحيح ، سنڌ جي جيد عالمن ، جهڙوڪ مولانا عبدالعزيز ترڇجانوي ۽ مولانا حماد الله هاليجوي صاحبن جهڙن عالمن جي جماعت سان گڏجي ڪئي آهي . اهي ٻئي علماء ، بزرگ امروٽيءَ جا مريد ۽ خليفا هئا . (١)

قرآن شريف جي مضمونن جي مختصر طور فهرست ، نهايت قابليت سان ڏني وئي آهي ، جنهن ڪري ڪنهن به مضمون جي عبارت ۽ ترجمي ڳولي لهڻ ۾ آساني ٿي پئي آهي ۽ قرآن پاڪ جي سورتن جي فهرست ۽ ڪلمهء ڪفر جي امڪان وارين وڌيڪ جايون بلڪل خبرداريءَ سان بيان ڪيون ويون آهن ، جن تي ڌيان ڏيڻ ۽ انهن کي ياد ڪرڻ سان قرآن مجيد جي پڙهڻ ۾ غلطين ٿيڻ جو امڪان ، مولانا امروٽيءَ گهٽ ۾ گهٽ قدر گهٽائي ڇڏيو آهي .

قرآن شريف ۾ اهڙيون اڙهائي جايون ، جتي "الف" لکجڻ ۾ آيو آهي ، پر پڙهڻ ۾ نه ايندو ، سي پڻ آخرين مٿي تي ڏنيون ويون آهن .

مولانا امروٽيءَ ، جنهن تعليم ۽ تبليغ جي مقصد کان هي ترجمو لکيو هو ته جيئن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ، ڀڄاريءَ توڙي شهر ۾ ، توڙي پڙهيل ، ياڻ توڙي ٻُڌ ، سنڌ توڙي وڏو

(١) مولانا احمد علي لاهوري - قرآن مجيد سنڌي ترجمي سان حضرت امروٽي سال ١٩٦١ صفحو ٤٢٨ .

امير توڙي غريب، سنڌي مسلم توڙي غيرمسلم، عورت توڙي مرد، سڀئي يڪسان قرآن پاڪ جو مطلب سمجهي سگهن"، سو سندن مقصد پورو ٿيو. مولانا صاحب جو تفسير ۽ ترجمو سنڌ جي تقريبًا هر گهر ۾ موجود آهي، اهوئي سبب هو، جو سنڌ ۾ هت تي هزارين غيرمسلم، اسلام تي آيا ۽ سندن تبليغ جو مطلب ڪاميابيءَ سان پورو ٿي ويو.

مطلب ته هر نقطهء نگاهه کان مولانا امروٽيءَ جو سنڌي ترجمو اعليٰ ۽ افضل نظر اچي ٿو، جهڙو سنڌي گرامر جو خيال رکيو ويو آهي، تهڙي لفظن جي سادگي ۽ موزونيت، سنڌي بولي سلوڻي ۽ بامحاوره آهي؛ تنهنڪري ان جوڙ ۾ ڪو وڌاءُ نه آهي ته هي ترجمو، سنڌي ادب ۾ بيش بها اضافو آهي، عمدي نثر جي صنف پيش ڪري ٿو ۽ پڙهڻ ۾ پيارو پيو لڳي.

پريت نامو سنڌي عرف يوسف زليخا

هن ڪتاب ۾ مولانا امروٽيءَ يوسف زليخا جو قصو، شعر جي مثنويءَ واري صنف ۾ لکيو آهي. هي قصو قرآن پاڪ جي "سورت يوسف" ۾ بيان ڪيل آهي، پر امروٽي صاحب ان کي مولانا جامي جي فارسي "يوسف زليخا" تان اخذ ڪيو آهي. جيئن پاڻ پنهنجي هن ڪتاب ۾ فرمائي ٿو:

"قصو يوسف زليخا نينهن وارو،
بڻايو اڳ هيو جامئي سو سارو،
ڏنو تنهن ۾ سخن جو ڏيان سياڻي،
ڪيم تنهنڪي سنڌي ۾ يار رهاڻي." (١)

مولانا تاج محمود امروٽي جهڙي صاحب عرفان، بزرگ ۽ جيد عالم لاءِ، شعر و شاعري ته هڪ رواجي ڳالهه هئي، تنهنڪري جڏهن صوفيانه ڪيفيات سبب، ڪنهن وقت، سندس طبع، شعر و شاعريءَ ڏانهن مائل ٿي آهي، تڏهن هيءَ مثنوي چئي، قلمبند ڪيائين. هيءَ مثنوي، امروٽي صاحب آخري عمر ۾، سال ١٣٢٥ هجريءَ ۾ لکي هئي. جيئن پاڻ لکيو اٿس:

"سال جو فڪر پيو دل ۾ جڏهن + پرت جي سا پور ۾ ويڙهي تڏهن
سُرت سائينءَ ڏني هئي پوءِ هشا + تون پرين آڪي صرف رسندين پرت سان" (٢)
١٣٢٥ھ

مولوي عبدالڪريم محمد پوريءَ وري هن طرح "برِيت نامي" جي تاريخ ٻڌائي آهي:

"ڏٺي تنهن ڪي چيو احسن قصن جو + تيو ارشاد جاري ٻوالحسن جو
اُتي عرصيا لڪارڻ خيال خاڪي + هجي ڏارين ۾ تاريخ باقي
هٿا پنجو ليهه وڏِ تيرهن سون ڪان + تڏهن ظاهر ٿيو هي فيض رحمان
الله الهام ٿيو نروار پيهي + عجب اسرار نيڻ تاريهي" (٣)
١٣٢٥ھ

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو نغمون يوسف زليخا - نغمه سالڪون، صفحو ١٩
(٢) ايضاً - ص ١٤٣
(٣) ايضاً - صفحو ١٤٢

هي ڪتاب ۲۴۴ صفحن تي مشتمل آهي. سنڌس ٻئي صفحي تي، موجوده سجاده نشين، ابوالمنير محمد شاه، درگاه امروٽ ضلعي سکر جي اجازت ڇپيل آهي، جاهن مولوي حافظ محمد عظيم تاجر ڪتب شڪارپور جي فرزندن کي ڇپائڻ لاءِ ڏني آهي ڪتاب، ٽئين صفحي کان، "ڏٺيءَ جي نالي سان پرت نامو ڪولڻ" جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو. هي ڪتاب ڪچي پڪي جلد سان آهي.

مولانا امروٽي، جڏهن هيءَ مثنوي جُڙي، پوري ڪري، ڪتابي صورت ۾ آندي، تڏهن سنڌس معتقد ۽ مريد، وڏيري حاجي حاتم خان ڏهر، پهريون دفعو، لاهور اسلامي پريس مان ڇپائي، شايع ڪيو هو. (۱)

ان باري ۾ امروٽي صاحب پاڻ فرمائي ٿو:

"سوڪڙي تيوسينڌ وارن ڪاڻ هي + پرت وارن ڪاڻ پڻ سرمائي
ڇاپ تيو لاهور اسلامي پريس + تي ڳڻن جي عشق وارن دل ۾ رس." (۲)

هن ڪتاب جي، عوام ۾ ايڏي مقبوليت ٿي، جو وڏيري صاحب واري ڇاپي جون سمورپون ڪاپيون جلد ئي ختم ٿي ويون ۽ ماڻهن جي طلب ايتري ته وڌي وئي، جو شڪارپور جي ڪتب فروشن، اجازت وٺي، هن ڪتاب کي ڪيترائي دفعا

(۱) ماستر فتح محمد سومرو محمد مرزا پوري (خادم درگاه امروٽ) جي زباني ۽ بيان زندگي جنوري ۱۹۵۲ع
(۲) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو مرتب يوسف ٻلوچ - دفعو سال ۱۳۲۵ھ

پنھنجي خرچ سان ڇپائي پڌرو ڪيو. ھن وقت وزيري حاجي محمد حاتم وارو ڇاپو نا ياب آھي . (١)

پريت نامي جو ھي ڇاپو، جنھن تي اسان تبصرو ڪري رھيا آھيون، سو پنجون دفعو ڇپايل آھي. ھن کي مولوي محمد عظيم جي سنڌس فرزندن، ڪتب فروش شڪارپور وارن، درگاھ امروٽ جي سجاده نشين ميان محمد شاھ صاحب کان اجازت وٺي، ڇپايو آھي. ھن باري ۾ مولانا محمد شاھ صاحب فرمائي ٿو:

> "چونڪ ھي ڪتاب پريت نامو سنڌي عرف يوسف زليخاء امروٽي جماعت خواه ٻين وٽ مقبول عام ٿي چڪو آھي، تنھنڪري ھن کان اڳ چار دفعا ڇپجي چڪو آھي، پر ھن وقت جڏھن ھي ڪتاب ناياب ٿي رھيو آھي ۽ پنھنجي جماعت خواه سڄڻ وارن جي تقاضا ٿي رھي آھي، تنھنڪري اسان دارالاشاعت امروٽ شريف طرفان مولوي حافظ محمد عظيم تاجر ڪتب شڪارپور جي فرزندن کي پنجون دفعو ڇپائڻ جي اجازت ڏني آھي ته پڙھي مسلمان، بزرگن جي فيض سان فيضياب ٿيندا رھن ۽ انھن سان روح جي راحت حاصل ڪندا رھن." (٢)

جيئن ته ھي ڪتاب "مثنوي" ۾ لکيل آھي، تنھنڪري ھن ڪتاب جي ادبي جائزي وٺڻ کان اڳ، "مثنوي" جي صنف تي ڪجھ روشني وجھڻ مناسب آھي:

مثنوي ھي لفظ، عربي جي "مثنيٰ" لفظ سان لاڳاپو رکي ٿو، جنھن جي معنيٰ آھي، "ٻنو يا جوڙ" (٣) "مثنيٰ" ڏي

---

(١) ماھنامو نئين زندگي ماه جنوري ١٩٥٣ع (مسترادله بخش عقيلي صاحب) ص ١٢

(٢) ابوالمنير محمد شاھ - سجاده نشين درگاه امروٽ جو پريت نامو پنجون ڇاپو ٻيو ڪون ص ٢

(٣) ڊاڪٽر شيخ محمد ابراھيم خليل - سنڌي شاعري ڀاڱو ٣ - سال ١٩٤٨ پھريون دفعو ص ١٤٢

"اثنين" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ٻه". آخر مو لفظ، "مثنيٰ" مان ٺهي، "مثنوي" ٿيو آهي. شعر جي اصلاح ۾ ان کي "مثنوي" ان ڪري چيو ويندو آهي، جو هن قسم جي شعر ۾، ٻن ٻن سٽن جا بيت هوندا آهن ۽ اهڙا بيت سترهن کان مٿي، هزارن تائين، بلڪ لاتعداد تي سگهن ٿا. هرهڪ بيت ۾ ٻنهي سٽون يا مصرعون، پاڻ ۾ هم قافيه يا هم رديف هونديون آهن، پر هرهڪ بيت جي قافئي ۽ رديف جو، ٻئي بيت جي قافيه ۽ رديف سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. (١)

هي موزون شاعري جي قسمن مان، هڪ آهي:

مثال: "ڪئي راوي سچي اهڙي ڪهاڻي،
سڄڻ جي ريت واري، سرت جا ڻي.
هيو طيموس نالي نانو وارو،
وڃايو جنهن هيو شاهي نقارو." (٢)

جيئن ته مثنوي لفظ عربي آهي، تنهنڪري هر ڪوئي چوندو ته سنڌ ۾ شروعات ئي عرب مان ٿي هوندي ۽ اُتان جي ادبي پيڙهي ۾ پرورش پائي، تيل قليل ڪري، سينڌ سرمي سان سنوارجي، سن شعور کي پهتي هوندي، ليڪن حقيقت ان جي برعڪس آهي. اُها ابتدائي ٿي ته مثنوي لکڻ جو حق، اهل فارس وارن کي حاصل آهي. (٣)

---

(١) ماهنامو نئين زندگي فبروري ١٩٥٨ع صفحو ٤
(٢) مولانا تاج محمود امروٽي صاحب - پرچيت نامو عرف يوسف زليخا - دفعو ٥ سال ڪونه صفحو ٢٤
(٣) ماهنامو نئين زندگي - فبروري ١٩٥٨ع - صفحو ٤

من لاءِ سنڌ جو مشهور اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر ابراهيم خليل لکي ٿو:

"مثنوي پنهنجي شڪل ۾ خدوخال فارس جي نگارستان جي آئيني ۾ درست ڪيا. حسن جي سهڻائي ۽ رنگ جي دلفريبي، فارس جي گلن مان جنهن ورتي، درد جي تڪليف ۽ ناله جي رسائي، ايران جي بلبلن مان پاتي. غمزه جي شرارت ۽ نگاهن جي شوخي، ايران جي اپسرائن کان سکي، تصوف جو سبق ۽ حقيقت جو درس، ايران جي مڪتبن مان پرايو. مطلب ته مثنوي جي جسم جي جوڙجڪ ۽ ترڪيب خاص ايراني صناعن جي صنعت ۽ دماغ سوزي جو نتيجو آهي." (١)

هي سوال ٿو اٿي ته جيڪڏهن مثنوي فارس وارن جي ايجاد آهي ته پوءِ عربي نالو ڪيئن مروج ٿيو؟ ان لاءِ ڊاڪٽر خليل صاحب، پنهنجو دليل هن ريت ڏئي ٿو:

"جهڙيءَ طرح فارس وارن کي هزارها ڪوششن ۽ قربانين ڪندي به عربي مجاهدن اڳيان گردن نمائڻ کا سواءِ ٻي واهه ڪانه هئي، اهڙيءَ طرح زبان جي وسيع فتوحات جي دامن ۾ لڪڻ کا سواءِ فارسي زبان لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو." (٢)

تنهن هوندي به ڊاڪٽر صاحب، پنهنجا وڌيڪ دليل دلائل ڏيندي، لکيو آهي ته جنهن وقت ايران ۾ مثنوي مروج هئي، ان وقت عرب ۾ مثنويءَ جو نالو به ڪونه هو. البت ان ”رجز“ شعر مروج هو، جو نظم مزدوجه (مثنوي) جي مشابه هو. عباسي دور ۾، عبدالله بن المعتز، شڪار جي

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه فيبروري ١٩٥٨ع صفحو ٣

(٢) ساڳئي خيال موجب، حقيقت پيش ڪئي اٿس. جو هوندي به فارسي شعر ۾ بيت، قطعا، رباعي، مصرع، قصيده، غزل وغيره عربي نالا آهن. ماهنامو نئين زندگي - فيبروري ١٩٥٨ع ص ٣

اوائل لکندي ۾ ”رجز“ شعر چيو آهي، جنهن کي مختصر مثنوي چئي سگهجي ٿو. ابو يعلي محمد بن الهبارية عباسي ۾ ”الصادح والباغم“ نالي نظم مزدوجه لکيو ۽ شيخ بهاء الدين آملي، بحر وافر ۾ ”رياض الارواح“ نالي مزدوجه نظم لکيو آهي؛ پر بحر خفيف ۾، جنهن ۾ عربي شاعر جو مزدوجه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. (۱)

جيڪڏهن ائين چئجي ته فارسي وارن، عربيءَ ”رجز“ جو نمونو ڏسي، هڪ نئين شئي ناهي، پيش ڪئي هوندي، ته پوءِ اهو نقل سندن ڪوشش کان وڌيڪ چئبو. ڇاڪاڻ ته عربي زبان ۾ اڄ تائين ڪا به وڏي مثنوي شاعرن انهن ۾ ڪانه لکي وئي آهي، پر فارسيءَ ۾ اعلى درجي جون مثنويون اوائل کان وٺي، موجود آهن ۽ ايران جي شاعر ”رودڪيءَ“ کي ان جو موجد چئبو. رودڪيءَ، نصر بن احمد سامانيءَ جي چوڻ تي ”ڪليله دمنه“ جو ترجمو مثنويءَ ۾ ڪيو هو، جنهن لاءِ وقت جي سيڪي ما چاليهه هزار انعام هو. بهرحال ائين چئي سگهبو ته ”مثنوي“ سرزمين فارس جي ئي پيدائش آهي. (۲)

سنڌي زبان ۾ مثنوي

سنڌي زبان ۾ مثنويءَ جي ابتدا جي تاريخ جاچڻ اهڙي ڏکي آهي، جهڙي سنڌي شعر جي

---

(۱) ماهنامو نئين زندگي ماهه فيبروري ۱۹۵۸ع - صفحو ۴
(۲) ايضاً

شروعات جو پتو لڳائڻ، پر موجوده ادبي سنڌي تاريخون جيڪي ٻڌائن ٿيون، ان موجب چئي سگهجي ٿو ته سنڌي شعر جي شروعات "دوهي" يا "ڏوهڙي" سان ٿي آهي جنهن جي معنيٰ ٻه آهي ٻن سٽن وارو شعر. اهو ان کان اڳ به موجود هيو يا نه؟ تنهن جو پتو پئجي نه سگهيو آهي. البت سومرن جي دور جا ڳاهه ۽ جهنگلي شعر، جو قصن ۽ ڪهاڻين جي صورت ۾، پٽ ۽ پان فقيرگا ڳائيندا هئا، جهڙوڪ "روڙي چنيسر" جو قصو، ماڻهن جي سيني ۾ موجود هو، باقي ڪتابي صورت ۾ نه هو. ان مان ثابت آهي ته ان وقت جي شاعري ڏوهيڙن جي شڪل ۾ هوندي هئي. (۱)

ڪلهوڙن واري زماني ۾ مولانا ابوالحسن ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين عالمن پڻ مذهبي لٽريچر، ڏوهيڙن جي لباس ۾ شايع ڪرايا. توڙي جو اهو شعر علم عروض جي پابندي هيٺ نه آهي، پر ڏوهيڙن (ٻن سٽن) جي صورت ۾ آهي. انهي نقطه نظر کان ڏسبو ته "روڙي چنيسر" جو قصو جو مثنوي وانگي ٻن، ٻن سٽن جو آهي، تنهن کي سنڌي "رزميه مثنوي" چئي سگهبو، جيڪا ته منجهس جنگ جو داستان چيل آهي. فارسي مثنوي پڻ رزميه داستان سان شروع ٿي هئي. جهڙوڪ شاهنامو وغيره (۲)

---

(۱) خانبهادر محمد صديق ميمڻ- سنڌي ادبي تاريخ حصو اول - دفعو ۱ سال ۱۹۳۷ صفحو ۲۲

(۲) ماهنامو نئين زندگي - ماهه مئي ۱۹۶۰ع - صفحو ۲۰

ايراني شاعريءَ جي اثر ڪانپوءِ ته سنڌيءَ ۾ باقاعدي بحر وزن تي موزون شاعري جوڙڻ ۾ آئي ۽ سنڌي شاعرن ٻين موزون صنفن سان گڏ، مثنويءَ تي پڻ طبع آزمائي ڪئي. اسان جي سنڌي مثنويءَ ۾ فارسي مثنويءَ وارين جملي خوبيون هٿ ڪيون، پر جيڪو مزو ۽ ميناج، لطف ۽ لذت فارسي مولانا روم جي مثنويءَ، شاهنامي ۽ سڪندر نامي ۾ ڏسڻ ۾ اينديءَ، سا سنڌيءَ ۾ خير ڪي آهي. پر تنهن هوندي به ايترو ته چئبو ته سنڌي مثنوي ايران جي مرهون منت آهي. (١)

سنڌيءَ ۾ پهرين مثنوي ڪنهن جُڙي ۽ ڪڏهن جڙي؟ ان لاءِ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل لکي ٿو:

"سنڌي مثنويءَ جي تاريخ اڃا پردي راز ۾ آهي، تنهنڪري اهو سمجهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي ته پهرين مثنوي ڪنهن لکي، ڪٿي ۽ ڪڏهن لکيائين." (٢)

موجوده مواد جي مطالعي جي بناءَ تي، پهرين مثنوي "سڪندر نامو" سنڌي ليکڪ تي، جا سنه ١٢٩٠هه (١٨٧٣ع) ۾ لکي وئي. ان ڪانسواءِ هيٺيون سنڌي مثنويون مشهور آهن:

١. گلزار واصل (سنڌي ٻنهي جو تمهيد) محمد واصل درس جي چيل، جا سنه ١٢٩٩هه لکي وئي ۽ رمضان ١٣٣١هه ۾ ڇپي. هن ۾ ڪل ٧٠١٨ هزار شعر آهن. هيءَ طويل مثنوي آهي. (٣)

---

(١) ماهنامو نئين زندگي، ماهه فيبروري ١٩٥٨ع صفحو ٢٤ ۽ ٢٥
(٢) ايضاً ص ٢٤
(٣) ماهنامو نئين زندگي، ماهه اپريل ٦١، صفحو ١٥ (ڊاڪٽر خليل)

٢. يوسف زليخا - عبدالواحد سائل حيدرآباديءَ جي سال ١٣٠٦ھ ۾
٣. عمر ماروئي - حافظ محمد ابراهيم ترأجبي ، سال ١٣٠٧ هجري ۾
٤. سيرسليمان مولوي غلام الله جي ، سال ١٣١٠ هجري ۾ چپيو. تعلقو نارو - ضلع لاڙڪاڻو.
٥. قصو ليلي مجنون عاجز صاحب جي سال ١٣١٠ هجري ۾ (١)
٦. شاهنامو ۽ سڪندرنامو. غلام مرتضيٰ شاه مرتضائي نثويءَ جون شروع ، شاهنامي جهاصل فارسي شاهنامي جاڪي نثر اسنديءَ ۾ ڪيل آهن . هنجوسال ۽ تاريخ ، ڪتاب ۾ ڪتي به ڪيل ڪونهي. باقي ميرالله بخش ٽالپر سنڌي محمد خان واري جي وقت ۾ ڪيل تو پائنجي ، جيڪا نه ٽالپر صاحب جي تعريف هن شنوي ۾ آندي آهي . ڪتاب منشي پوڪرداس شڪار پور واري، "ديپڪ راجپوت پرنٽنگ پريس" لاهور مان ڇپايو.(٢) باقي سندس سڪندرنامو سال ١٣١١ هجري ۾ لکيو ويو هو .
٧. سڪندرنامو - غلام محمد نظامائي - قاضي محمد صديق سال ١٨٩١ع آخر مهر ڪراچي ۾ ڇپايو.
٨. سڪندرنامو - گل محمد رند (اڻ ڇپيل)
٩. يوسف زليخا - مير مرتضائي جي
١٠. قصو سسئي پنهل - واحد بخش مشتاق شڪار پوري - سال ١٨٩٥ع ۾
١١. سنڌ جو شاهنامو (ڪلهوڙن ۽ ميرن جي جنگ) ڇپيل مير حسن علي خان سال ١٩٣٨ ۾ مسلم ادبي سوسائٽي ڇپايو.
١٢. شهنشاه نامو يا حملهءِ حيدري - اڻ ڇپيل مير حسن علي خان
١٣. قصو جنگ خيبر - سيد غلام مهدي شاه منو ديرو لاڙڪاڻه (٣)

(١) سنڌي ادب جو تاريخي جائزو - مير عبدالحسين سنڌي - ڇاپو پهريو سال ١٩٧٢ع صفحو ١٤١
(٢) ماهوار نئين زندگي - ماه جولاءِ ١٩٦٠ع ص ١٢
(٣) ماهوار نئين زندگي - ماه جنوري ١٩٦١ع ص ١٠

۱۴. مصر جي راڻي

۱۵. شاهنامو :- محمد امين ٻلي ضلعي ٿرپارڪر جي سال ۱۳۵۹هه ۾.

۱۶. فرس نامو: محمد امين ٻلي سال ۱۳۵۹ هجري جي آخر ۾

۱۷. اخوان يوسف :- مولوي غلام الله عباسي، چوڙ ٿر تعلقو واره ضلعو لاڙڪاڻه ۱۳۴۶هه

۱۸. مثنوي محمدي - حافظ عبدالله بسمل ٽکڙائي جي. سال ۱۹۲۹ع کان ٿوري گهڻو لکيائين. کيس ڊيپلائي صاحب ۱۹۵۱ع ۾ ڇپايو.

۱۹. مثنوي روح چنيسر :- ڊاڪٽر خليل جي سال ۱۹۴۰ع ۾ تڪميل

۲۰. مثنوي تقدير :- ڊاڪٽر خليل - سال ۱۹۳۹ ۾ تڪميل.

۲۱. مثنوي فاتح سنڌ (نثري) محمود خان غني.

ان کانسواءِ ڪيترين ننڍين مثنوين، حافظ محمد احسن ليکراج عزيز، خليل، قليچ وغيره شاعرن لکيون.

۲۲. مثنوي پريت نامو عرف يوسف زليخا :- مولانا امروٽي صاحب سال ۱۳۵۰ هجري ۾. (۱)

ڪن عالمن، منظوم خطبا مثنوي جي صنف تي لکيا، انهن مان مولوي محمد عثمان نورنگ زاده (وفات ۱۹۱۸ع) جو نالو قابل ذڪر آهي. ان کانسواءِ گدا، سيد فاضل شاهه، شمس الدين بلبل بچل، همايون ٻوڙي وغيره به مثنويون ڇڏي ويا آهن. (۲)

مثنوي جا قسم شعر جي سڀني قسمن مان مثنوي جو دامن نهايت وسيع آهي؛ ڇاڪاڻ ته شاعر کي خيال جي انساني

(۱) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جنوري ۱۹۶۱
(۲) سنڌي ادب جو تاريخي جائزو - مرتب عبدالمجيد سنڌي - ڇاپو ۲ سال ۱۹۶۲ ص ۱۸۱

جذبا، سمورا هن صنف جي صورت ۾، نهايت سولائيءَ سان بخوبي ادا ڪري سگهجن ٿا. انهيءَ ڪري مضمون جي لحاظ کان مثنوين جا قسم جدا جدا ڪري سگهجن ٿا: (١)

١. رزميه يا تاريخي مثنويون: جن ۾ بادشاهن يا قومن جي تاريخ يا جنگين جا بيان اچن ٿا. جهڙوڪ سنڌ جو شاهنامو، سڪندرنامو، دودي چنيسر جو قصو، فاتح سنڌ ۽ محمد چيچ

٢. عشقيه مثنويون: - جن ۾ حسن ۽ عشق جا داستان (حقيقي يا مجازي) اچي وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙيون مثنويون آهن، يوسف زليخا، هير رانجهو، ليليٰ مجنون

٣. اخلاقي مثنويون: سنڌيءَ ۾ جهڙوڪ چندن هار، پاڳو بيو، تحفة الاحرار، مثنوي محمدي وغيره

٤. قصن ۽ افسانن جون مثنويون. جهڙوڪ مصر جي راڻي، تقدير وغيره

٥. تصوف، فلسفه يا حقائق معارف جون مثنويون: جهڙوڪ مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو ترجمو اشرف العلوم، ڪشف اعجاز وحديءَ جي جام جم سنڌي ترجمو، گلزار واصل ۽ پريت نامو وغيره (٢)

٦. قدرتي مناظر جون مثنويون: = جهڙوڪ تقدير ۽ دودو چنيسر وغيره (٢)

مثنويءَ جي اهميت | جڏهن ڪنهن شاعر جي خيالن جو سلسلو

---

(١) ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل - رهنمائي شاعري ڀاڱو ٣ - دفعو اسال ١٩٢٨ع ص ١٤٢ ۽ ١٤٣
(٢) ايضاً - ع ماهنامو نئين زندگي مئي ١٩٦٩

طويل ۽ هڪ مڪمل ۽ مربوط شاعرانه ڪارنامي ۽ حقيقت جو حامل آهي، تنهن ڪري مثنويءَ جي صنف کانسواءِ ٻي ڪابه صنف ڪم نٿي اچي سگهي: ڇاڪاڻ ته غزل ۽ قصيدي وغيره ۾ محدود شعرن يا مصرعن جي گنجائش آهي، پر اها مثنويءَ جي صنف ئي آهي، جنهن ۾ لکين شعر ۽ هزارن جي تعداد ۾ لکي سگهجن ٿا.

مثنويءَ جي ذريعي، شاعر پنهنجي تعليم جو پيغام نهايت مؤثر نموني ۾ بيان ڪري سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مولانا روميءَ جي مثنويءَ جي اثر ڪان، متاثر ٿي، ماڻهن ڪيس "پهلوي زبان ۾ قرآن" جو درجو ڏنو (١)

سنڌي مثنويءَ جون خصوصيتون

(الف) سُوڌي ترتيب:- مثنويءَ ۾ شاعر ڪي، جنهن واقعي، داستان يا قصي کي بيان ڪرڻو هوندو آهي، ان ۾ سهڻي ترتيب رکڻ نهايت ضروري آهي. نه ته بيان مؤثر نه ٿيندو. هن لاءِ حقيقتون سلسليوار بيان ڪريون آهن. جيڪڏهن بيان ۾ سلسلو ۽ ربط نه رهندو ته ان مثنويءَ جو اثر زائل ٿي ويندو

(ب) اداڪاري:- مثنويءَ ۾، قصي يا واقعي بيان ڪندي، ڪيترن ئي قسمن جي افراد جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. انهن ۾ ٻار ۽ ٻڍي، جوان ۽ ننڍي، امير ۽ غريب، پڙهيل ۽ جاهل

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه مئي ١٩٦٠ع (ڊاڪٽر خليل) ص ١٨ ۽ ١٩

مرد ۽ عورت وغيره جو بيان ايندو آهي، انهن سڀني افرادمڙهڻن جو مزاج ۽ طرز گفتگو، پنهنجو پنهنجو ٿيندو آهي. شاعر کي هرهڪ جي هلت چلت ۽ گفتگو بيان ڪندي، انهن جي مزاج ۽ فطري طبع موافق، واقعي کي چٽڻو آهي، جيئن هرهڪ جي امتيازي حيثيت نمايان نظر اچي. ازانسواءِ ان سان گڏ فرد جي اداڪاري، مختلف هنڌن تي ساڳي ۽ سندن طبيعت موافق هئڻ گهرجي، جنهن کي ڊاڪٽر نقليل "ڪردار جو اتحاد" سڏي ٿو. ائين نه ڪرڻ سان واقعي جي صداقت کي نقصان پهچي.

(ج) واقعي نگاري:- واقعي بيان ڪندي، وڏين يا نمايان ڳالهين سان گڏ، ننڍين، باريڪ ۽ اڻ لکين ڳالهين کي پڻ وضاحت سان بيان ڪرڻ ضروري آهي. ننڍن ۽ ضمنين ۽ مبهم پهلوئن کي نظرانداز ڪرڻ سان، بيان جي دلڪشي گم ٿي وڃي ٿي ۽ پڙهندڙن جي دلچسپي نه رهندي. ان ڪانسواءِ واقعو اهڙي ڍنگ سان بيان ڪرڻ گهرجي، جئن واقعو، پڙهڻ وقت، اکين اڳيان ٿي رهيو آهي. يعني شاعري ۾ "محاڪات" موجود هجي. (۱)

(د) حقيقت نگاري ۽ منظرڪشي:- اهي مثنوي جون سڀ کان اهم خاصيتون آهن، پر جي ان ۾ عشقيه داستان ۽ ٻيا خيالي موضوع آيل هوندا، ته به پڙهندڙن جي دل

---

(۱) ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل - رهنمائي شاعري ڀاڱو ۳ - ڇپيو سال ۱۹۲۸ع ص ۲ ڪانسه

۾ خوشي ۽ تعجب جي جذبن جا ڳالهيون جوڳ ڪم ته ضرور ڪندا، جي پڻ عوام جي دلچسپيءَ جو باعث بڻجن ٿا، جو علم و ادب جو اهم مقصد آهي. (١)

سنڌي مثنويءَ جو مدار، انداز بيان تي به آهي. شاعر جيڪڏهن مثنوي چوندي، واقعي جي توضيح ۽ تشريح، دلچسپ پيرايه ۾ ڪندو ته اهڙي مثنويءَ ۾ لطف ۽ نزاڪت پيدا ٿيندي، جا عوام جي مقبوليت جو باعث بڻبي؛ اهڙيءَ ڪري مثنويءَ ۾ ڊراماڻي انداز يا گفتگو به رکي سگهجي ٿو (٢)

مثنويءَ مان فائدا فني لحاظ کان مثنوي، هڪ نهايت مرڪب ۽ بسيط شاعراڻي صنف آهي، جنهن جي وسيلي نه رڳو قصا ۽ واقعا بيان ڪجن ٿا، پر هر نقطه نگاهه کان قوم جي رهبري ڪري، هڪ ترقي يافته ۽ متمدن سوسائٽيءَ جو بنياد رکي سگهجي ٿو. اهڙو طويل ۽ بلند پايه شاعرانه ڪارنامو، دنيوي زندگيءَ ۾ مصروف ماڻهن کي به ڪشش ڪري، ڪجهه وقت پڙهڻ لاءِ آماده ڪري ٿو ۽ سندن لاءِ دلچسپي ۽ وندر ۽ سکيا جو سامان مُهيا ڪري ٿو. (٣)

پريت نامي جو جائزو متين روشنيءَ ۾ ڏسڻو آهي ته مولانا امروٽيءَ جي مثنوي پريت نامي ۾ ڪهڙيون خصوصيتون موجود آهن. مولانا امروٽيءَ جي مثنويءَ

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماه مئي ١٩٦٠ع ص ١٨ ۽ ١٩
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً

جو قسم ، ظاهري مضمون جي لحاظ کان ته "عشقيه" آهي، پر باطني طرح ان ۾ معرفت جي معنيٰ جا موتي رکيل ۽ سلوڪ جي واٽ سُليل آهي. امروٽي صاحب ، يوسف زليخا جو قصو بيان ڪندي، انسان جا خيال ڏانهن ڇڪائي ۽ تصوف ۽ توحيد جو اُنهو اسرار بيان ڪيو آهي؛ تنهنڪري سنڌس هن مثنويءَ کي "عشقيه مثنوي" سان گڏ، "صوفيانه ۽ ناصحانه مثنوي به سڏي سگهجي ٿو، جيا ڪاڻ ته، ظاهر ۾ ته يوسف زليخا جي عشق جو قصو معلوم ٿئي ٿو، پر حقيقت ۾ الله پاڪ ، ان جي رسول صلي الله عليه وآله وسلم ۽ توحيد جي طرف مائل ٿيڻ لاءِ ، نيسو ري هدايت آهي ۽ طريقت وارن علم جي تلقين آهي.

طريقت ۾ صوفين جي مقوله "اَلمجاز قنطرة الحقيقت" جو بيان، مولانا امروٽي هن طرح ٿو ڪري:

"هاڻي سڻ تون ڳئين جو ڏيان لاءِ + ڏيئي ڪن تون ٻڌج چت سُلڃائي.
جيڪو جا مع رکو آهر سارو ، + قصي يوسف زليخا ۾ پيارو.
مجازيءَ کان ٿئي حاصل سو معنيٰ + سُڻج تنهن ۾ حقيقت يار دانا.
تنهين جي هن قصي ۾ ريز ساري + رکي سا سمجهه وارن لئه موچاري.
مجازي تنهن کان معنيٰ موچاري + ٿئي ٿي ڪيئن سلو ويڌن ساري." (١)

مولانا صاحب ٻڌائي ٿو ته مجازي عشق مان حقيقي عشق حاصل ٿئي ٿو ، بشرطيڪ ان مجاز ۾ ، پنهنجي نفسي ستر کي دخل نه هجي. ملاحظو ڪريو:

"زليخا هئي عشا فت طبع واري + جنهين ، ستر ۾ وڃائي عمر ساري،
ڇڏي ستر ، جي پروڙي ها پياري + ٿئي ها واصلن مان سا موچاري." (٢)

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - سالڪن دفتر پهريون - صفحو ٦٢

(٢) ايضاً - صفحو ٦٣

مٿين ٻن ٽُڪرن مان معلوم ٿئي ٿو ته مولانا امروٽيءَ طريقت جي هن باريڪ ۽ نازڪ مسئلي کي نهايت سهڻي نموني سمجهائيندي، ٻڌايو آهي ته حقيقي عشق جي پهرين منزل، مجازي عشق آهي. مجازي سونهن، الله پاڪ جي جوڙيل جنسار جو مظاهر آهي. توحيد جي طالب کي مڪرم ته حق حاصل ٿو ٿي سگهي. ڀرائين هُو، ڪائنات جو ريندڙ جي جوڙيل سهڻي جنسار جي سونهن کي پسي، ان تي ماشق ٿئي ٿو ۽ پرحق جي سچي طالب کي، مخلوق جي فاني حسن ۾ ڦاسي ۽ اٽڪي پوڻو نه آهي، پر اُن جي خالق جي حسن کي پروڙي، عبرت وني، اڳتي قدم وڌائڻو آهي. جيڪڏهن مجازي حسن ۾ ڦاسي پيو ته گوياعشق واريءَ راهه جي، آدم ۾ اٽڪي پيو ۽ معنيٰ جو موتي حاصل نه ڪيائين.

مٿين نڪتي کي اجابو وڌيڪ هيٺ بيان ڪري ٿو:

"عشاقن ڪيئي ڪئين رهي ڦاسي ساآدم ۾ + گنوائين عمر ساري سا سڪ ۾،
منجهان صحبت نه پرڙسڪا پروڙ پ + معنيٰ جي ٿلڪ جي دلبرم عاڏپ." (١)

انسان جڏهن ڪنهن مجازي سونهن کي ڏسي ٿو ته گويا اُها مجازي سونهن، ڪيس حقيقي حسن طرف اشارو ڪري، توحيد جي طرف جهڪي ٿي.

پر زليخا ائين نه ڪيو.

زليخا جي مجازي موهه ۾ ڦاسڻ ۽ حقيقي حسن طرف مائل ٿيڻ کان غافل رهڻ ۽ سندس عشق جي ڪچائيءَ کي امروٽي صاحب هن طرح واضح ڪري ٿو:

(١) مولانا تاج محمود امروٽي- پريت نامو عرف يوسف زليخا- سال ڪڏهه- دفعو- صفحو ٦١٣

"توڙي تنهن دم حسن حق جي ڇيڙو ڇڏي،
طرف معنيٰ توجهه پڻ ڏنيو تني.
نه پي سڏڪان نه پيڙس شرت ڪا ٿي،
عنافت ڪان پرهيون تنهنجي ڪپائي،
سڏن واري اوڙڪ آخر ڪپجائي،
مجازي رابطي تنهن جي وڃائي." (١)

زليخا جڏهن نفسي سڏ پوري ٿيڻ کان نااميد ٿي، ڏک ڏولاوا ڏسي، قدرت جي رمز ۽ اسرار کي سمجهيو، تڏهن سندس توجهه، حقيقت ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ ان وقت گويا سندس دل جي ملڪ ۾ حقيقت جو سج اڀريو، قلب جو اندارو دور ٿي ويو ۽ پوءِ کيس معنيٰ جي ملڪ جي چاڪ پيئي، ۽ آخر حق جو ديدار نصيب ٿيس. ان حقيقت کي مولانا امروٽي هن طرح ظاهر ڪري ٿو:

"اڀاريو سج معنيٰ جو موچارو،
ملڪ دل ۾، ويس سارو اندارو.
نينگر نروار نرتئون نينهن لاٿو،
پسي صورت يوسف تنهن ساهه ڦاٿو.
لطافت طبع کان جا چاهه ساري،
رکي مڪرم پڇيس معنيٰ موچاري.
لذتين صحبت سنجهان صورت حقاني،
معنيٰ جي ملڪ جا تنهن چاڪ پياني.

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - بعنوان ٥ - سالڪونه ص ٦٣

مجازي رابطي هڪڙم پُڄايُس،
لطافت کان مُلڪ معنيٰ ڏِکا ئيُس.“ (١)

مولانا امروٽيءَ جي نظر ۾، جنهن حق جو طالبُ، پنهنجو رهبر يا مرشد وٺي ٿو، تنهن منجهس، پنهنجي شيخ يا مرشد ۾ سچو اعتقاد ۽ ان لاءِ محبت ۽ عشق پيدا ٿئي ٿو ۽ طريقت جي علمَ مطابق، پنهنجي شيخ جي صورت پچائڻ يا تصور ڪرڻ لڳي ٿو. اها محبت به مجازي آهي، پر حقيقي طلب جي گويا پاڙ يا بنياد آهي. پوءِ جنهن طالبُ، مرشد جي صورت ۾ گم ٿي ويندو، تنهن توحيد جي راهه ۾ اڳتي هلڻ جو اسرار ڪيس مرشد کان معلوم ٿئي ٿو ۽ ”شيخ“ جي مدد سان، ”فنا في الرّسول“، ۽ آخر ”فنا في الله“ جو درجو حاصل ڪري، حق سان واصل ٿي وڃي ٿو. هن نڪتي کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

”مجازيءَ کان ڪليو تنهن منجهه معنيٰ،
پَروِ پيرِ تُس تنهن کان سمجهه معنيٰ،
فنا في الشيخ پڻ نالو رکيا ٿون،
مجازي نينهن پڻ تنهن کي چيائون،
اهي جو رابطو نالو تنهين جا ڻ،
وهيائي طالبن جو چاڻ پڻ جاڻ.
پرت پهرين تنهين طالبَ جڳائي،
مسن حق جو جائي ٿي سمائي،
اهو تو رابطو هڪڙم پُڄائي،
نينگر جي سمجهه سانائي جڳائي.“ (٢)

---

(١) مولانا امروٽي - پرميت نامو عرف يوسف زليخا - سال ڪونه - دفعو پنجون صفحو ٢٤٣
(٢) ايضاً

مولانا تاج محمود امروٽيءَ مجاز مان حقيقت تي اچڻ جي واٽ هن طرح ٻڌائي آهي:

" هيان ٻيگروانگي رک هوشياري + حقي صورت ڏسي، ساڃاهه واري.
زليخا جان نه رهي تاسي ستن ۾ + لائي لنئو تون نه ره خيالن مدن ۾.
صورت ڪامل پرت معنيٰ جدائي + لائي لنئو تون نه ره ستن ۾ اجائي.
ستن سارئون وڃائي سڀني لائج + پرت جو پيچ پائي حق سڃائج.
حسن ڪامل حقيقي کي پروڙج + ستن سارئون نهڙي تون ورهه ڏوڙج
تنهن جي پرت ۾ پنهنجو سڀو پالا + گنوائج موڙ، هو ڦڻ، ٻڌرهو تون پالا.
اها صورت ڏي ڏسيئي ڏوهون + فنا ڪان ٻئي، آڻي جنهن پار ڏانهون
سڀني ساڻو ڪي تنهن پار ڏيپالا + سکت الها هيان دل ڏيان رک سانڍ.
معنيٰ جي ملڪ جو سڀ سيرسار + ڪنهين آفاق انفس جو ٻلڪل پيار،
آ تي معنيٰ هيڪا صورت هزارين + متان تنهن ۾ هيان جدا جدا ڪارين.
جنهن جو خيال صورت ماسيئي + سڀني ملجي، حسن جيڪو پيو ئي.
جنهين سائين ڏني ساڃاسلي + تنهين صورت عناد ڏيان ولهي
معنيٰ جي ملڪ تڪڙنه خيال هرم + رکو پنهنجو پٽ تي سڀ ڪاروهم. (١)

مولانا امروٽي پورو پورو مُوحّد هو. الله پاڪ جي تعريف ڪندي، فرمائي ٿو ته الله بي مثال ۽ بي نظير آهي:

اسان کي تنهن ڏني آهي هياتي + حياتيءَ مان سندس سڀ وصف جاتي.
تکين ڪُن کي ٽيرا پلڪ ۾ جين ڪاسئي + پاڻ کي پاڻ جهڙسان ڏاتيون ڏنائين.
تو ڏسي پا ڪان ڏي تا پئين تڙي خلڪ + ٻڌ ڏاڻي ڏيان جي سيار سڀي واڪ
سو امڪمئون ذري کي ٿڪو نه پائي + تو ڏسي جنهن جان سو پنهنجي کيائي.
پرو ترڻ مان پري، فڪر ٿو نه ڏارڊ + جيڏي جهڙي ڪنا ن آسلڊ ن سارڊ
ڏيان جي سرت تي بي شرت تنهن ڏ + سڀئي سياڻا، ايا ناچار تنهن ۾.
ڏمر جي جي ڪي ماهڪار هڪار + ملڪ موهنا پويئون اُپت جاڻ تڪرار،
سنڌ ڏگام مرشد تي جهڪائي + ادب وارو هيئون جي ڏيان لائي. (٢)

الله پاڪ کي ڳولڻ لاءِ هُش ٔ ۾ "هستي" کي مارڻ ۽ ڪيس هميشه ياد ڪرڻ جي تلقين هن طرح تو ڪري:

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پير پيٽ نامو عرف يوسف زليخا - سال ڪنه دفعو ٥ - ص ٤٦

(٢) ايضاً - صفحو ٥

اُهي هردم پرت لائي پروڙين + هُتِ سارو هِتِي، واٽان سو ورڻ،
هو ور هستي حسن الاهي جوئي + پروڙي پرت سان سنجهي جي ۽ سوئي،
جيڪو جيءَ کان آهي ويجهيرو + ممتان ٿئي ڪو ديرو ڪو ويرو،" (۱)

روحانيت جي تلقين ڪندي، انسان کي پنهنجو اصلي وطن، هن طرح ٿو ياد ڏياري:

"هَيا، هن ماڳ ۾ رک هوشياري + پار وڃڻ جي ڪر تون تياري،
اصل آهين ڪنهن پرڏيهه وارو + هيو هتي ٿورو ڏينهن واهيرو،
تنهن وساري تون واهيرو + جنهن جان تون ڪرين ويران آکيرو،
جنهن جي پرت ۾ ٺاهيا ڪڏهن اوتاقين + ويو ان ماڳ جا تِهس ڇڏي جائي،
جانتون آئين ورڻ ڏي اُٿيو + پهچ پرتڻ، جتي سانگا پيو،
مٿو سو ماڳ آهي، جت سکائي + بيا ڪا ڪانه پئي تو کي جدائي." (۲)

الله پاڪ جي هستيءَ کان منڪر ڪافر کي هن طرح هدايت فرمائي ٿو:

"جنهن بنائي، ديدن ڏس ديد پائي + ساري سنسار ڏي دل سان جتائي،
اهو آپ ايترا جسار وارا، + سورج چنڊ نکٽ تنهن ۾ سو ستارا،
جيڪا اُوبر کان ائين ڪئي جوڙي + ٻيا اوبر پيا جنهن کي پتو ٽڪڙي،
هڪ ڪئي ڏينهن جو ڏيئي سوجهرائي + ٻين کان رات جي رونق سوائي،
اهڙا تڪرا سڀئي لعل اپرن + ٻئي هيڪڙي ڪي نشانين ڪرڻ جا اکن،
سڀ اهڙا انهن ۾ سين اهن ٿا + جنهن تي منٿئي ڏسُ ڏين ٿا،
اها پهچ ته ڪو تو کي آهي ڪائي + ٻين ڏي آسرا تو کي بيائي." (۳)

توحيد جي تعليم هن طرح ڏئي ٿو:

خليل الله جان سار اهنجو چڙهي + ڏٺي ته جي خيال تون دل جو پئي گڏ،
غلط ڪڍ امپئي دل جا واڻائي + هيڪو هيڪ ساڻ رک تون زبان لائي،
هيڪو ڏس جان هڪ جي ڏي گواهي + هيڪو گھر سڏ مٿي ملي بيائي،
سڀ وليون ڏيکارن ڏئي پهچ سارا + تو کي هڪ تي ڏين ٿا ڏس اشارا،
سياڻ جي سڀ پڌري جي ڏائي + جنهن ڏي تو ڏي توحيد گواهي،
جنهن اهڙي طرح سڀ کي سمجهائين + ڏٺي ڏي ڏي عين تو تون ڏيان آئين." (۴)

ڏٺي ڏي عاجزي ڪندي، دعا گھري ٿو:

خداوند جي هٿان هون ٿيو ڏهين + ڪريو معافي جيڪي مون کان ٿيو ڏهين،
تو ماني ۽ عرض بخشڻهار منهنجو + سڀا جو سچ مٿو ڏاتار منهنجو.

(۱) مولانا امروٽي- پريت نامو عرف يوسف نامو - سال ڪرڻ ڏهو صفحو پنجون
(۲) ايضاً ص ۶
(۳) ايضاً ص ۵
(۴) ايضاً ص ۷

صفتي ڪُٺين سنجهو ماس ڪين جو + اطاعت ايمان سان ساري جان، تن جو،
پنهنجي درتي پياهر رهه نوايو + اهو نور ٽڪري هر رهه سوايو،
پنهنجي محبت ڏيو جنهن جان تنهن + وڃو موڻ زيتي پنهنجو خاص من جو،
منهنجي دل جو ڏيو پيو در پنهنجو + سوا پنهنجي نه ڏجي عشق درد بئي جو۔ (١)

مولانا امروٽي، نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو سچو عاشق هو، محبوب مدني ﷺ جي تعريف ڪندي، چئي ٿو:

”جنهن کي پاڪ ذات تنهن سان اهو + پڇي اُنهين نه عشق جو ڏيان لايو،
اشارو جنهن جو سهڻي اُپر زلفن + پيو چنڊ چار جيو آ گرهن ڪان،
عرش پاڪ پرين پنهنجي نه پيو + هيو سونهن سارو سچو سو ٿئي،
تنهن جي سو جهڙي هيڻان ٿيو جڳ + ڪيو ذات مٿان لولاڪ جي جڳ،
ٿيو پيدا رحمت ٺار مُرسل + جنهن ديد ڪيئي تو ڏسين گهڙي پل“ (٢)

وري بئي هنڌ چئي ٿو:

جنهن ڄڻيو دنيا جو جڳ سچو + ٿيو سپه سر جهڙو نالو سندو،
ڏيو سپه دين وارن جون سڀ ڏرهم + نوازيو سر چمن پرين سندو ڪيم،
جنهن نالو سندو ٿيو سا ڏو وارو + جنهن جو اصلي تنهين نور عوسارو،
مٺو نالو سندس سهڻو ڏوڙيجو + زبان جنهن جان کي لذت ٿئي تڏ،
مٺو نالو محمد مير وارو + اول ۾ جڏ قلم تنهن کي سنوارو۔

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي معراج جو نظارو هيئن چئي ٿو:

”هئي معراج سا روسرجهو نور + او نداهيو لڙ جڳ جي شان سو،
اُن کي پرط هيو ذات رسول ليو + چندائي جو منهائين وقت وارايو،
سينگارين بهشت جا سڀ محل آرايو + تيار ورنيج سند دَر بند ٿا ڙيون،
ملائڪ پرطمنهي پاڪار اشاغل + گهڙي وانگر تنهن ڪان وير غافل،
سين تسبيح جون هر رهه پڪارون + اپڻ پيغلو تنهن جون تنوارون،
ٿيو فرمان پرط جبرئيل فالحال + سڀني سواري بهشتي ني تون برحال،
وڃ تون محمد مير ڏاهڙ + اُن ڪان لڳو ٿي جنهن جي شامون،
چاڙهي تنهن تي عنايت پرط پرين جي + ڪرائي سير تو نساري اِيلڄي،
وڃاج مير مرسل کو هيناهن + عرش اعليٰ تي هڪدم مٿاهون،
ادب سان ملعم رسل کو جاڳايو + سنجهو سند سهڻن سڏايو،
ٻڌي سرهو ٿيو سڪ جو سنهو + پاڻ هيو پرت من جي مار موهيو۔“ (٣)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو معروف يوسف زليخا - سال ڪونه - ڇڻيو پهريون صفحو ٩
(٢) ايضاً صفحو ١٠
(٣) ايضاً صفحو ١١

حضور سرورِ ڪائنات سان والهانه محبت جو اظهار ڪندي، جهونگاري ٿو:

"رسول الله! تو رهيُس جان ماندي، + بنا مقبت ناهي هڪڙا وانديءَ،
سدائين مون منا تنهنجي سڄڻ تاڪون + پيچي ترم اڏاري تي سدا ڪانگ.
وڇوڙي ۾ آهي ماندي ويچاري، + اُليلن عشق جي تنهنجان گاري.
رسول الله! لحهُ تنهنجا سرور، + سڪايل جي منا منٺار دلبر.
ڏکيو سا ڏيهه ڇڄالي ويچاري، + برهه جي باره ۾ پالي ويچاري." (١)

امروٽي صاحب ڪي عام مسلمانن جي سُنت تي عمل نه ڪرڻ جو دل ۾ ڏاڍو درد آهي. ملاحظه فرمايو:

"حضور ڪنهنجي وڇوڙي جو تواري + بيو سنت وڃي جڳ ڏاڳندي،
پڙهيا پيرا تو ڙي ڄين مان وارا + نهن اسنت چڙهيورين ڏيانسار." (٢)

اسلامي سنت کي جيارڻ لاءِ حضور پاڪ کي اپيل ڪندي، عرض ڪري ٿو:

"امڙ وا حوال تيز ڏورين جوئي، + پاھر ڪرڻ منهجان ڪجري پيوئي.
منا منهن تان الصبر چادريندي + پيجا پودين ليسا آس من جي.
آڳن تنهنجي اهي پير آگهائيو، + پرين پڙتون اهي مرڙهو وسايو.
تو ھان ريءَ ڪونه بيو دلم ويچاري، + منا ڪُون ڏيو آڏر ويچاري."
سنيهو حسن ماندي جان وارو، + پکو برين آڳيان احوال سارو." (٣)

مولانا امروٽيءَ جي نظر ۾ برهه ڪمڙو به، مجازي يا حقيقي هجي، سو پلو آهي؛ جا ڪاڻ ته اهو آخر حقيقت حاصل ڪرائي، حق سان ملائي ٿو. مجازي عشق، حقيقي عشق جي جڙ آهي:

"برهه آهي پلو تو ڙي مجازي، + بيايءَ کي چڙهيا بو ڙي مجازي.
حقيقت ڏي سڌو رهه تو ڏيکاري + هئڻ هستي سهو ساري وساري.
مجازي مان سمجهه معني ابروڙي + لهيج تنهن سان حقيقت وره تدڙي." (٤)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت ناموريهه يوسف زليخا - سال ۔ صفحو ١٣
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً
(٤) ايضاً - صفحو ١٤

پر مجازي عشق جي معنيٰ ۽ وضاحت هيئن ٿو ڪري:

"هاڻي سڻ ارا معنيٰ مجازي + ڏيڍ سيڪ ساه کي ٿو تيرت تازي.
هيءُ سارو جيڏو تنهنجو وساري + وڏڙو وارا ماراڻي خيال ڪارهي.
اصل آهي مجازي مير مرسل + جنهن جو سان عاشق اهو اصل.
تنين جي پرت سان من جو لئاڙو + تيو ڪافر پهت غير وارو.
مجازي پره مرشد مير وارو + ڪري ڪلمون ڪي سو غير سارو." (١)

سندس خيال ۾ جيڪو "هئڻ هستي" جو خيال وساري ۽ نيستي ۽ نابودي اختيار ڪندو، ان کي حقيقي محبوب جو ديدار ٿيندو:

"جنهن صورت اها ساڳي سڄائي، + تنهن پريتون پرت پر ساڻ لائي.
راڻي رمز جو معنيٰ پر وڃي ٿو + وهم خطرا سڀ جهڙي تون ڏيان لائي.
انهيءَ صورت منهان ديدار سارو + ٿيندو تنهن کي جنهن هوند وساريو." (٢)

حضرت يوسف جي پيدا ٿيڻ ۽ سندس سونهن جو بيان ڪندي، صوفيانه خيال، "هر چه هست همه اوست" هن طرح اظهار ڪري ٿو:

"ٿيو يعقوب سرهو جان تن جي + ڏسي سا سونهن پرڙس پور من جي.
ڏسي يعقوب ٿيو سرهو سڄائي + ڏسي سا سونهن ويو سا جدائي.
ڪري سجدو آيو ۽ لوا هوئي + پاڻ هن ويس جو پولو اهو ئي.
تڏهن نالو سندس يوسف رکيون + رنگي ۾ رنگ آيو رنگ نموني." (٣)

زليخا جو خواب ۾ حضرت يوسف جي مجازي صورت تي عاشق ٿيڻ ۽ سندس بي وسيءَ جو بيان ڪندي، امروٽي صاحب، انسان ذات کي حقيقت ڏانهن مائل ٿيڻ جي هدايت هن طرح ڪري ٿو:

"زليخا جي جيها اصل دانا + جيڪي صورت وئي ها پرت معنيٰ.
پئي تا سي جي صورت سان + عنان معنيٰ رهيو اصلي اياڻي.
حسن تون جي صورت جو خيال آهي + هلطر معنيٰ ڏيان کي وڃهه وڃائي.
منهنجا صورت اصل معنيٰ پر وڃ + وهم سان ڏيان لائي پيا تون وڃ.
منجهس تاسي زليخا جان نه رهي تون + وڃائي ڪيئي سمجهه معنيٰ جو تون.
انهيءَ پڻ جي پرهيا آيا هيندي + پرت تن جي، ٿيڪ معنيٰ ڏسيندي." (٤)

---

(١) مولانا تاج محمد امروٽي- پريت نامو عرف يوسف زليخا- ساڪرو- سنڌي بيجوڙن- صفحو ١٨

(٢) ايضاً- صفحو ١٩

(٣) ايضاً صفحو ٢٣

(٤) ايضاً صفحو ٢٧ ۽ ٢٨

حقيقي عشق جي تلقين ڪندي، مولانا امروٽي، سواءِ مقي جي، غير کي ڏسڻ گناهه تو سمجهي:

”حسن تون پيو سدائين سڪ منجهارون + سارو جاني اندر هي جي ڄمارون.
متان ڪا پلڪ سو سلارڻ وسارين + ڪٿي ٻئي ٻيڻ، رهي دلبر نظارين.“ (١)

مولانا امروٽيءَ، يوسف زليخا جي قصي جي اوٽ ۾ روحاني راز بيان ڪيا آهن. قصي بيان ڪندي، ٻڌائي ٿو ته جڏهن بيبي زليخا پيڪائي گهر ۾، ٽي دفعا، هڪ سهڻي صورت خواب ۾ ڏٺي، تڏهن بيبي صاحب کي، ان صورت ٻڌايو ته سندس نالو ”عزيز مصر“ آهي؛ ان ڪري بيبي صاحب، شاديءَ لاءِ به عزيز مصر جو نالو ورتو، سندس حسب منشا، شادي، عزيز مصر سان ڪرائي وئي، پر جڏهن عزيز مصر جي شڪل ڏٺائين، تڏهن کيس اُها خواب واري سهڻي صورت نظر نه آئي. سندس ڇهه ڇپي پياءِ ڏاڍي واويلا ڪيائين. ڪنهن وقت کيس الهام باري ٿيو ته ”پريشان نه ٿيءُ، اُن صورت واري سان ملڻ لاءِ تنهنجي هيءَ شادي بهانو بڻي آهي؛ تنهنڪري اِتي مانَ ڪري پيئي ڏينهن گذار.“ اهو بيان، مولانا صاحب هن طرح ڪري ٿو:

”ته اي سياڻي سياڻپ ڪر سُرت جي + رکي تون هوش مَن پنهنجي پرت جي.
اهو مقصود تنهنجو اصل ناهي، + سبب تنهنجي ملڻ جو هيءُ آهي.
اتان تنهنجو ٿيندو مقصود حاصل + جڏهن پورڪان نه ٿي تون ترت غافل.“ (٢)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - سال ڪونه ڏنل پهريون دفعو ڇپيل - صفحو ٣٣
(٢) ايضًا - صفحو ٣٩

اهو بيان ڪندي، آخر ان مان اصلي روحاني راز هن طرح
آڻي ٿو:

حسن سوماڳ مَن، جاڳي ملي يار + نه ڇڏ تون ٿيو پرين ۾ پنڌ جو بار.
راتيان ڏينهان هلي تون ڪر ڏاڍي + ڪنهن آڳتي، نه ٿولتي پير پاڻي
محبت مصر ۾ ماڙهي ٻانڌي، + ڏروهه تنهن ۾ هئين ساڻ ديدار ٿي.
اهلساني ڏني تو کي خبر ساري، + سنهيان گهر جي قرب وارن مو ڄاڻي.
اينڊو سونا مٺو هنجان وارو + سندو يوسف تيندو ديدار سارو. (1)

جهڙيءَ طرح زليخا حضرت يوسف جي تصور ۾ گم هئي، تهڙيءَ طرح پرينءَ جي پريت ۾ راتيان ڏينهان مخمور هئڻ جي هدايت، مولانا امروٽي هن طرح ڪري ٿو:

"حسن تون ٿي ايئن رک خيال لائي، + پرينءَ ڏي پريت جو دل ۾ ڄاڻي.
راتيان ڏينهان اندر ۾ سڪ سان اُڪڻ + مڪي ڏي ڪين تون ڪوريان لائي" (2)

عزيز مصر جي ماڙيءَ ۾ ويهي، زليخا حضرت يوسف جي ياد ۾ ايترو ته ماندي ٿي، جو صبح جي هير جي هٿان، پنهنجي پرينءَ ڏي پيغام پهچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. هن لاءِ مولانا امروٽيءَ جي بيان جي ادائگي ته ڏسو:

"فجر ويلي جڏهن هئي هير گهلندي، + سنيهاڻو رجا تنهن کي ساڃوندي
ته اي سهڻي صبا هر جا هماڻي، + سنيهاڻو رجا منهنجا پهچائين.
نئين پيغام منهنجو تون ڏکاڻين + اکيان پر جي پهچائين سو سڪايو.
وٽان پرينءَ آئين تون خط خوشي جا + ٿين دلجاءِ سي جا نين جنين جا.
مون ڪلي ڏاڍو ڏکيو هڪ ۾ ڏونڌو؟ + پره جي بار ۾ نا بو ڪنو جي،
نه هوندو ڪوڪين هن ٿي ڏکايل، + نه تصديق مثل مون جو ڳوڙهن ڇائيل.
منهنجي دل ٿي پره جو بار ڏاڍو، + پيو آهي، ڪرڄ مون لاءِ ڪا ڏون،
ٿري سمڊ جمل پلڪان آهي، + گهلي هر جا پرين تون ترت ڪاهي.
ڏسج هر هند تون دلبر جاني، + نهاري نيڻ ڪر تون ديد پاڻي.
هتان ڪر ڪوڙي پاڻي بعالو، + جي منهنجو پرين اتهين ٻکالو

(1) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - سال ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ - صفحو ٤٠
(2) ايضاً - صفحو ٤١

سمن ڦلا صنوبر سپ نمارج + سيئي پوتا وڻن جانا وسا برج.
سرو جان سر جنهن جي منهن هڏ پيئو + ڪناري ڪانهه واهي پنڌ پيئو.
سنيها سونها منهنجا ٻڌائج + وجهڙي جا سيئي سارا ڏڪائج.
ٿيل تنهنجي برهه جي هڪ ناڻج + مصر جي ملڪ جو آهي بنيائي.
تنهنجي ڪارڻ جڙهڻ ماڻ ابالا + ملج تنهن شاپرين طبر سيالا.
مٿان سڪ جو وجهي سائين مري يار + ملڻ جي ڪر تنهن ٿي دويار " (١)

واقعي نگاريءَ جي موزون ادائگيءَ ۾ مولانا امروٽي، ادبي طرح بيشڪ جَسُ لهڻي. حضرت يوسف کي سندس ڀائرن جڏهن سانڍ ۾ مسد وچان پيءُ کان موڪل وٺي، جهنگ ڏي وٺي ٿا وڃن، تڏهن ڪيس ڪيئن نه ٺڏ ٺوڪري، ڪيئن وانگر ٻڪي ٽڏيائون ۽ مار پائون. اهو بيان ڪندي، مولانا صاحب پنهنجي مثنويءَ ۾ "محاڪات" پيدا ڪري وڌي آهي.

ڏسو! واقعو جڏهن اکين اڳيان پيو ڦري، ۽ احوال پڙهندي ٻچڙي وال ماڻهوءَ کان ته جڻ هينئون هٿن مان نڪتو وڃي!

ملاحظه فرمايو:

" اکين آڏو جيترا پيءُ جي ٿي، + ڪنوا مڙي مهر وڏا پيئي.
جڏهن ٿيا پيءُ کان پاسي پريري + وڏا انڊن هيٺ مڪرم ڪيس گهيري.
جنيا مارن پيا تهنگي جتا ٿي، + جنهن ڏي منهن هري سوڙا ڦاٽي.
جتي پرڙت لڪون مڙا انڌا وڻس + اڳاڙو دوڙيو اتهين سٽيا وڻس،
ڪري دانهان، ابا مونکي ڇڏائين + هنن جي مار کان مونکي ڇڏائين.
روڙي جنهن ڏکن سو پاتماليءَ + روئي اتڪ ڳلن ڳوڙها سو هاري.
ڪري ڪوڪلي ابا ٻيڪر ڏسين تون + مونکي من ملي مها ڦي پسين تون
جيرو جوشون ٿي تنهنجو ٽڙ پارءِ + چهاڙي ابا مونکي سماهه وارا،
ٿيا پائر آبا، هاڻي ويري مون، + ڪٿي سان تن ڪئي ڇنڏڙي ڳيري ٿي.
ترس تر جيترو آيو نه تن کي، + پرو سوڪي ۽ دلين ويساري ان کي.
مارينداءِ ڪئين اکين پٽيندا، + جيئون هو تنهن کي پڻ ڪريندا،
وٺي جهڪي آيا سو ڏهرينداءِ + مصر مصيبت لڳي دل تان، ۽ مار ينڊا (٢)

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامون عرف يوسف زليخا - ساليڪيشن - دفعو پهريون، صفحو ۴٣

(٢) ايضاً - صفحو ۴۸

اڃي هڪ ڪوهه تي ٻنا پيئي، + اندر پيرت سين ڪي هيءَ پيئي،
لڏا الهي ستيون تنهنکي منهن ڪوه + پٽين ڇيڪيو، ڪياڙون سامهان رخ،
ڪوٺو ار ٺھو ڇيڪو سرپٽ اتريو، + پوءِ ڇيڪيو، تنهن جو هيٺ ٺيريو.“ (١)

حقيقت ۾، مولانا امروٽي، زليخا جي روپ ۾، حقيقي محبوب جي

مشاهدي ماڻڻ لاءِ ما ندي، ۽ پنهنجي وجود ميارڻ لاءِ تيار آهي:

”حضري پاڇون ملين جي يار پيار + اکين ۾ آءُ ڪريان تنهنجا اوتارا،
جتي من ترڪي وسان آڪرين ارڙائي، + هوڏ هستي چتريان سارو ڇائي
رهي پولي ٻيائي جي نه ڪائي، + وڃي هندوار جيئن رهندي نه ڪائي.“ (٢)

مولانا امروٽي جي مثنوي ۾ منظر نگاري: —

مولانا صاحب، قدرتي نظارن کي نهايت سهڻي نموني چٽيو آهي!

بيبي زليخا، هڪ رات گهري ننڊ ۾، حضرت يوسف جي سهڻي

صورت کي خواب ۾ ڏٺو هو. ان رات جو نظارو هيئن تو چٽي:

”هئي هڪ رات ڇا مروڪي چٽي شام، + گهٽي ساهير تيءَ واري هئي شام،
تارن جي چهرو پير چندرسان لڳائي، + ڪتين نڪتن سرهن پئي سهائي،
هوا ماهوءَ لڪين تنهن ۾ آرامي، + ڏکيو اهڙو تنهين احوال جامي،
ستارن رڪ آليون نا هنو ڪيل هو نه + پکين ماڻن ننڊيون تنهن سهه اهڙو،
زليخا هوڙ هئي پنهنجي وهاڻي، + سنهي سڙهي، ڏيڻي سير سرو ماڻي.
ونءِ وڃي گيل تنهن کي سڙواري، + اکيون ننڊ ۾، هيڻين کي هوشياري،
صورت سهڻي ڏٺائين خواب ۾ پئي + سرهو سهڻو، تو اوائي چند لڳيءَ.“ (٣)

حضرت يوسف کي، بيبي زليخا، جنهن باغ ۾ گهمڻ ۽ وندرڻ لاءِ

موڪليو، تنهن باغ جو نظارو وري هيئن تو بيان ڪري:

(وٺ ۽ ميون جا نالا)

ٻنديا آڪي ميو هڪ اغ جاءِ، + ساوا سهڻي تنهين ميوڻ لاڏي،
ارهه وانگي ميو سو باغ جائي، + ساوا سهڻي ڳلن ٿلزار لاڏي،
نيلوفر نيڻن جي ناوڪ لڳائي، + نازڪ نرگس وڌيرتن ۾ وڌائي،
سڄڻ سيڪ جي شرهت جند جان سعائي + صنوبر بند جي قد ڪمال ڪاٻي،
لاله تڪ وار رونق رنگ وڌايو، + برهه وارين دلين ۾ داغ لايو،
سوسن سارو نظارو نيڻن وارو، + لايو هو، عاشقن جهاني سارو

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - مثنوي نامو عرف يوسف زليخا - سال ڪونه - ڇاپو ٻيون صفحو ٣٩

(٢) ايضاً صفحو ٤٣

(٣) ايضاً - صفحو ٢٦

بيا ڪل ميوا طرحين هزارين، + ڪليل تنهن ۾ هئا نازڪ نظارين،
وڻن وڻ ۾ منجهس رونق ڏيکاري، + سلول تن جهيڄ ٿا مُن ڏڏ ڏجاري.
صوفن پڻ هئا ساوا سڀ ويس پهرياءِ + بيٺا هئا جيئن هڪ سي هٿ نهريا.
ڪجهين گوشا هئا ڳوٿا سڀ پورتا، + قمرن کي پڻ ڏنل سارا سي پورتا.
انجيرن مٿي جو قمري پيا پي + پرت وارن پکين کيا ڦي سُهائي.
چنارن پڻ چنبا سي پرت وارا، + وڏا هئا سرو کي سڪوان سي سارا.
ليمن ڏاڙهن ميوو سهت سيا پي + ڪاٽ وارن، سنهيا رٿون سيڪو سيايو.
سوين سڪ مانکير پاهاڪيو ڏي سنگ، + سارا سهڻا ڪيئون لئوئينن ٺينگ.
ڦکرڪيئي هزارين لات وارا، + بولٿون بولين سي طرحين بات وارا.
سُت ببيڇ ڪيو تنهن ۾ رولئو، + سڳو سو باغ ۾ آيو پڳائو.
وڇايل تخت تي موڙهن وڇالي، + منجهيئي باغ جي هڪ هنڌ نرالي.
منجهان ماڪي ۽ ريل ملوڙهي ڇائي، + الفن پڻ باغ ۾ رونق وڌائي.
سَوين باغيچن پرين ڏانگي موچار پڪڙ + زليخا پڻ آئي تنهن موچارين.“ (١)

مولانا صاحب، باغ جو نقشو، اهڙو ته مؤثر نموني چٽيو آهي جو پڙهڻ سان هڪ عمدو باغ، چٽ اکين آڏو بيٺو آهي!

<u>انداز بيان:</u>- بيا ني شعر ۾ به امروٽي صاحب ڪمال ڪري ڇڏيو آهي! هيٺين شعرن مان معلوم ٿيندو ته جڏهن زليخا حضرت يوسف جي دل وٺڻ خاطر محلات ٺهرايو هو، تڏهن اُن محلات ٺهرائڻ لاءِ هڪ قابل اوستو گهرايو هئائين. مولانا صاحب، اُن رازي جي قابليت جو بيان ڪندي، فرمايو:

راوي همرڙي ڪماني ۾ بڻائي، + مازيءَ جي جڙ، اڏاوت تنهن آڏائي.
عارڳ ڪهار وارو پڻ گهرايو، + اڪابر اوستو، سڀ ڪاسوايو.
بنا پرڪار، هٿ پرڪار جاپڻ، + ليکي آڳر منجهان سڀ ڪم ڪار جيڻ
سنوت سيٽ ۾ اهڙو هوڙو وارو، + عري ڀارت تنهن سو ڪم موچارو
اوساري جا امرڙ و دانا قابل، + هئي سيڙ، ڏور ري ۽ سڀني سا شامل.
بنا شامل ٻيو هٿ سان بيهاريءَ + سنئين سڀني عجب جهرڙي ڏيکاري.
عاشق جي پڻ گهڙاوت جو سيارو + صفائي ڏيکريني، راڄن سيارو.
جڏهن اوستي سا اهڙي ٺهرائي + چرپون لائي، سٽي سٽ سان مثالي.
صُفا ڪونيون عجب سهڻا اوساريا + چوڦير گجسان ونگان تو ڏا بيهاريا
صفا اڳيون ۾ سڀ زيب وارا، + آڳر تن جا تها سهڻا موچارا.
(٢) تنيا شهتير سڀ نڪتي ٽڪيائين، + عجائب مورتون تنهن ۾ رکايئين

---

(١) مولانا تاج محمد امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا، سال ڪونهي - دفعو ٦، صفحو ٧٧ ۽ ٧٨
(٢) ايضاً - ص ٨٤

مهين جو پڻ ٿين شهتير ٿڪم + ڏٺين وڏي تڙي لاءِ جنسار آڳم.

درپون ڏڪي طاق جون ڪائيون نجهي جو + تن پڻ آبنوسي جي ڪن جون" (۱)

محلات جي زيب زينت جو بيان هن طرح ٿو ڪري :

"هئي ست ماڙ جا او ستيا وساري + عجب حيرت وارين ساري مڃاري،
ليا ٿنهنجا ڏنا يش پڻ سونهري + گلن جو پڻ تنهن چٽڪار چٽري." (۲)

محلات جنهن نهي، راس ٿيو، تڏهن زليخا اُن جي پٽين تي، پنهنجون ۽ حضرت يوسف جون تصويرون هڪ ٻئي سان گڏ چِٽايون. ته مَنَ اُن طرح حضرت يوسف ڏسي، سندس دل هُرڪي. اهو بيان ڪهڙو نه دلڪش لکيو اٿس !

"صورت يوسف زليخا جي مِٺ هند + جُڙيو ڏاڍي سهڻي سا فڪر هند
هڪي هند تي ڏينا سي ديدا لاڳ + شڪر ميٺيان هٿن رزون چٽائي.
هڪي هند تي ٻنهي سي نيت پيت + ۽ اکر پاڙون مٿئون ضيون نهيان پيت
تڪيل ڪائين اُتي سو سوتيون نڪ + پکين سهڻن سنديون ٻيون سوکون تڪ
گلن جا وڏي جهس او ستي ٻانا + ٿهن تي پڻ جهتي سان سي نمايا،
بيا گل ٻوٽا تنهن ميٺيا ئين، + عجائب دڙ جهتي سان پڻ چٽيائين
پکي ميوا مٿن جي قدرت وارا + سارا ان جي جهٽي ڏيند ڪار سارا،
فرش جينيون پٽر مرمر جا رُلي + جُڙي جنڊ جان ٻئي تنهن ميڙ ڪار يو
جتهن او ستي اعزي ماڙي نماڻي + پنهنجي ڪمارسن ساري چٽائي
ڏسي وڃي زليخا ڪي ڏڏير ستو ٿي، + برو جي باهه پار يو تنهن اندر ٿيو." (۳)

ماڙيءَ نهوڙ ڪانپو ۽ زليخا، حضرت يوسف جي وصال لاءِ، ان ڪي فرنيچر، گلن ۽ غاليچن سان هن طرح تي سينگاري :

"پهريون تنهن ميڙ جيا اسباب وڇايئين، + غاليچا پڻ پتريون سڀ وڇايئين
ڪتان ڪوسيون فوارا نينهن واريون، + وڇايئين پڻ پلنگ پرتئون ڇٽاريون" (۴)

---

(۱) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - ريحو ٻيجوني - سالڪوٽ - صفحو ۸۴
(۲) ايضاً
(۳) ايضاً - ص ۸۵

ماروئڙيءَ جي سينگار ۽ جنسار ڪانپوءِ، پاڻ هن طرح ٿي سينگاري:

<u>ڪپڙن جا نالا</u>

"ڪيئن سينگار ۽ جنسار وارو، + نيڻن نروار يا ڪيئن ڪجل ڪارو،
گهنڊائي وار مسڪي لاڻائي، + سڳي موتين پري، تنهن ۾ ساپاٽي،
ڪن ۾ ڪيترا پنڙا ٻي پاتا، + ڦيبين ۾ ٺارا نينهن لاتا،
نانهوڻ بولوند ۾ آڪاپاتو، + ڇڙا لوڏا ۽ واڳي املاڪ لاتو،
ڳچي ڳچ جيتوا گهڻا سي پاتل + ڍر ۾ شغل، ٺڳڙو ڏاڍا لاتا،
سٿا هون هار موتين دار جاني، + ٻيئي جي سونهن تنهن ويتر وڌائي،
پانهن ڪنگڻ ۽ ڏيئن ويتر ولائي، + ڇلا منڊيون هٿن پيرن ۾ پاتي،
عطر ۽ پانڊيب پيرن ۾ پاتائين، + نوان سڪ جا سلا سي نينهن لاتائين،
وڳا پوشيس پٽ پاٽ پياري، + وٺي ماروئڙي ملهار لائي نظاري،
ڇانيو دلبر ڪيئن سينگار سارو، + ڪيئن مليو مٺ سو پيارو." (١)

بيبي زليخا کي حضرت يوسف جي عشق ۾ قاتل ڏسي، مصر جون ٻائيون ڪيس ڏاڍا طعنا ڏينديون، تنهن تي بيبي صاحب ڪين دعوت ڏيئي گهرائي، حضرت يوسف جو حسن ڏيکاريو: ان لاءِ ته اهي به ڏسي، حيران ٿين ۽ متان ٺٺ ڪوڙا جو ڪارو تڪو لهي. بيبي صاحب انهن لاءِ هن طرح دعوت جو بندوبست ڪري ٿي:

<u>طعامن جا نالا</u>

"لڪين ڪني ڪائڻا تنهن ۾ ٻاپايا، + ڏيا ڪاسي تنهن ۾ هنڌ وڇايا،
تنهين ۾ مٿا جي مجلس ٺاهيائين + هزارين ناز نفت پٽ رکيائين،
سوين شيشا سٺا مند گلابي، + نيلوفر پٽ بنفشي مان رکيائين،
پيڙا ٿا عطر بلوري تان ٽڪيئي + پيالا پڻ گلاس جمه نه هو ٿي،
پچايا طعام ويتر جا ڪيئي، + پلاءُ چاشنين جي باس پيئي،
سوين طوسين پو ترن کي پٽ بنايو، + فلورن ذرين ۾ ذوق لايو،
ٽرڻ جوشتو هو ڪونه جاني + آچار عشق جي لذت وڌائي،
ڪبابن جون سوين سيخون پڪيون، + پيون پٽ کير ڏڌ ڇيڙان رکيون،
چانور هر جنس جا ڪيئي پچايا، + جني ڦڪا ويتر تڪ مچايا،
ٿالهن سوين رکيين ۾ ڇپايا، + اڳيون ڏاڍن آڻي سارا رکايا،
ميوا هرجنس جا تازا موچارا، + آڻي اڳيون رکايا ٿالهن سارا." (٢)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي- پريت نامو عرف يوسف زليخا- ڏهون ڇاپو- سال ڪونه صفحو ٩٦

(٢) ايضاً- صفحو ٩٧

حضرت يوسف جڏهن ڪنعن جي به بازنه آيو ته هن ڪيس جيل ۾ اماڻيائين، پر پوءِ اچي پشيمان ٿي ته "ڪيس ڇو پاڻ کان جدا ڪيم؛ ان تي اچي روح رڙ رتو ڪيائين، پر آخر پاڻ کي خنجر هڻي، آپ گهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي، تنهن تي سندس خادمه دائي کيس دلاسا ۽ هدايتون ڏنيون ته "صبر ڪرڻ پلو آهي ۽ صبر جو ميوو مٺو آهي؛ تنهنڪري ڌيرج ڪرڻ واجب آهي؛"

مولانا صاحب اهو بيان ڪندي، صبر جا فائدا ٻڌائي ٿو:

"صبر ميوو اميدن جو ڀائي، + صبر جيرت وچي، پرکي، ڀائي
صبر کان ڏڪ ٿي سڀ پرسائي + ڏکو ٿو ٿري صبح جا عار جائي.
جيرت جنهن جي ۾ پڙهي سوائي + تنهين جي ڪار آساري سماڻي." (١)

<u>ناصحانه شعر</u>:- مولانا امروٽي، يوسف زليخا جي قصي بيان ڪندي، ڪيترائي ناصحانه نڪتا، رشد، هدايت ۽ معنيٰ جا موتي ظاهر ڪيا آهن. ملاحظو فرمايو:

(الف) عزيز مصر ڪيتري به ڪوشش ڪئي، پر زليخا تي قادر ٿي نه سگهيو ۽ زليخا ڪنواري ئي رهي. ان تان پاڪدامن رهڻ جي، هن طرح هدايت ڪري ٿو:

"حُسن سمجهي قصي کي ڏيان لائج، + مالڪ دل جو زليخا جان جائج.
عزيز نفس شيطان جو خيانت، + تنان آئي مالڪ دل جي قرابت.
ميلاپ جي وقت يوسف حق جو جائي، + ڪري تو کان ڀڄي پاڻ سا ڪائي.
زليخا وانگ تو نيکي پرت لائي، + رکج مالڪ خيانت کان بچائي." (٢)

(ب) ظاهري حُسن ۽ نظارن کان خيال هٽائي، ڌيان خالق ڏي لائڻ

---

(١) مولانا امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - ڇنڇو ڇپيون - سال ڇپڻ - صفحو ١٠٨
(٢) ايضاً - صفحو ١٢٨

جي صلاح هن طرح ڏني ٿو :

"سيئي ظاهر ڏين ٿو اُن کي اشارا، + ڏسي سا سوڻن سمجهو شرح ولارا،
چٽي جهٽ کي، چنبڙ ٿيا لالا، + حُسن هر جا جنهين آهي سمايو،
. . . . . .
حُسن پرتئون سمجهائي اشارا، + تنهن پسندين پرين جا پڻ نظارا،
منجهان عزت اها وحدت پرڙج، + چڙهي سوڀ، منهن معنيٰ تون تڙج" (١)

ساڳئي سلسلي ۾ الله جي دَر تي دُعا گهري ٿو ته "رکو وحدت جي وائي بخش":

"الٰهي بخش پنهنجي عشق جو درد ۽ + تيان مان عشق تنهنجي ۾ مٿڻ گرد
منهنجي دل ۾ بخش جوش درد پنهنجو، + جيئو وانءِ سينو هي ساڙ منهنجو
ڀرا تيان تريهان سدائي ساڙ تنهنجي، + رهي دل ۾ پرت جي تار تنهنجي،
پرائي پرت کان رکُ سانگ پاسي، + سارئي جنڌ جان منهنجي کين ڦاسي،
واجهائي کين توري مُهين ڪاڙي، + ڏسي تو کي مٿا جا ڏي سو تاڙي." (٢)

(ج) دُنيا جي بي ثباتي هن طرح ٻڌائي ٿو :

"هتان سيالا اڪابر سڀ چڙهيا، + سا يا موڙي مڙي سارو ئي چڙهيا،
جنهين جي ميڙ ۾ دم وتن اجايا، + مڙيون سي مال تن کي ڇڏ مڙيا
سمجهه سُرتيون جنين جو ٿيا ٿلُئي، + ويا ڪاڙي جنين جي جلدي الائي،
پرين پيارا مٿا تو ميرو وارا، + جني سان تو کيا لڪ تو هه سارا،
مڙي سارو، جنين جي صيقل صلايا، + آتو ٿنهنجي اهي صحم صليا،
تو کي گهرجو پرهڻ منهن ڦر جائي، + هتان آئين هلڻ دار سدائي.
مٽيون ارالد سڀ ڇهڙو ڪري پائيج، + پرت تن سان نه لائي ڇڏ وڃائيج
اما والد مٽيون مال سارو، + سوا ءِ محبت آئي سيڪي بيڪارو.
. . . . . .
پرت جڳ جي اهائي ڪڙ پائيج، + هنئين جو خيال خنهن سان عين لائج،
حُسن هو خيال ڇسائين ڪرج سڪ، + پيئج پرتئون پرين جو وارو هئي ڪَ،
جيڪ رکُ ساهه ۾ ساٿين هنر ياد، + هونديون سو ڪو سدا هر جا آباد." (٣)

(د) مرشد ونڌي ۽ ان کان مطلب حاصل ڪرڻ جي هدايت هن طرح ڪري ٿو :

"اها سيڪت سڪي، سڪ ڪي وڃائج ٻيرين، ڏا ڦون اندر مڃين لائج،
تينڊو مطلب سمورو پڻ اتا هونه، + منهنجو محبوب مرشد جي هٿا هونه" (٤)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - دفعو ٥ - سال ڪونه - صفحو ١٣٦ ۽ ١٣٧
(٢) ايضاً - صفحو ١٣٧
(٣) ايضاً - صفحو ١٤١
(٤) ايضاً - صفحو ١٤٠

ادبي خوبيون :- مولانا امروٽيءَ جي مثنويءَ ۾ صنعت سينگار (تشبيھ)

حضرت يوسف جي حسن جي ساک ٻڌي، عرب جي "عاد" قبيلي مان "بازغہ" نالي حسين عورت، جڏهن حضرت يوسف جو حسن ڏسڻ آئي، تڏهن سندس صورت ۽ پيشانيءَ تي عجب کائيندي، کانئس، سندس هر هڪ سهڻي عضوي جي جوڙ بيدڙ بابت پڇيا ڪيائين ته اهي ڪنهن ناهيا آهن ؟ اهو بيان ڪندي، امروٽي صاحب ادبي صنعتون "سينگار" ۽ "تشبيھ" ڪم آنديون آهن. ملاحظو فرمايو :

" اهڙا چپ ڪنهن بنايا تو سنهيرا، + ڏسڻ ۾ ٿا پٽ تين ٿا سام خيرا.
بنايا ڪنهن تنهنجا موتين وانگي ڏند، + مارن جلوا، ڪرن سا ٿا سڀئي سند.
اهڙو تو وات ڪنهن ناهيو پيارا، + مُرڪ ماري، ڪسي تو هوش سارا.
اهڙو نڪ تو، بنايو ڪنهن اُجيرو، + تنهن جيرت ڇپري تو مان اُجيرو.
پيرن تنهنجي پيشاني ڪنهن بنائي، + پرٽاني ڪنهن اها سهڻي نهائي.
ڀنئون پروان اهڙا تنهنجون ڪمانئون + بنايون ڪنهن، ڇپن دل ڪشا نا
ڪتوريا نيڻ تنهنجا هرڻ وانگي، + بنايا ڪنهن، ڪين ٿا شرت سانگي.
پرين پنبڻيون تنهنجون نازڪ وانگي تير، + بنايون ڪنهن، وڃن ڇپون ڇاتو ڪر ڇار
اهي گهڙيا تو، عرن ڇيران هزارين، + ڪيٿي ٻٿي نيڻ تو دلدار مارين.
ڀنيو جوڙ تو وارن وارو سنڊولي، + بنايو ڪنهن، پري تو چيلھ تو ٿي.
وڃي ٿا هيون، شرين ٿا بوليون تو، + هنيو هڪم سرت ساري نيڻون تو.
پرٽاني منهن پيشاني لڳ سارا، + بنايا ڪنهن تنهنجا دلبر پيارا. " (۱)

مٿين تڪري ۾ امروٽي صاحب، حضرت يوسف جي سيني سهڻن عضون جي تعريف ڪندي، صنعت "سينگار" استعمال ڪيو آهي. سندس ڏندن کي موتين سان، ڀرون کي ڪمان سان، اکين کي ڪتوري ۽ هرڻ جي اکين سان ۽ پنبڻين کي تيرسان ڀيٽي، صنعت "تشبيھ" ڪم آندي آهي.

---

(۱) مولانا امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - دفتر - سال ڪونه - صفحو ۶۰

سينگار جو ٻيو مثال هيٺ ڏجي ٿو، جنهن ۾ زليخا جي حُسن جي تعريف ڪري ٿو:

"سندس تن سوهڻو موسرو وانگي، ڏسي جنهن کي ٿا ٿا دانا اٽانگي
هيو چوٽون نيڪر وارو ورائڻ جو، ڀنيو سرتي سوهڻي ڪارڻ وارڻ جو،
اکيون تنهنجون ڪتوريون ڪجل وارين، ڀرين دليون تلوارين نڪارين
ڪجل جي تار ڏاڙين وارو نڪ سام، کيا جنهن جان ڪانءُ قربان ويا هم
ٻرت پيشين لاتي جاني ڀٺ کي، ڏسي وارن سندي موهيو سوسن کي
پنيون پروان هيون تنهنجون ڪانا، ڇنيا تن تيرتک جاتي نشانا
هيو نيڪر پنو ونڪ سونرالو، ٻره ٻولو ورتو تنهن ۾ وچالو،
کيا هيران ٻولي چيڪ ريوانا، نهوڙيا نٿ اعابر اصل دانا
عجائب وه چيين لالي سالاتي، ڏسي تن کي سياڻ سُرت ٿاتي،
جنهن ٻولي تکين رولي سياڻا، ڪري مهرون نڪري سياڻا، اياڻا
ورڪ سارو عقل کي هٿ نه آئي، ٿيون جيتو جهلڪ جي سوهڻ جائي." (١)

مٿين نڪري ۾ امروٽي صاحب، حسن جي تعريف ڪندي، آخر ۾ فرمائي ٿو ته زليخا جي حُسن جي جهلڪ، جيتي ڪي چُور ڪري ڇڏيو، جو عقل کي وڙيڪ سارا ڪرڻ هٿ نه آئي.

صنعت سرحرفي:-

مولانا صاحب، هيٺين بيت ۾ "سرحرفي" استعمال ڪري، پنهنجي شعر ۾ سوهڻو ترنم پيدا ڪيو آهي:

"جنهين صورت اُها ساڳي سُهائي، تنهين پرتوءُ پرت پرستاتي" (٢)

هن بيت ۾ "ص"، "س" ۽ "پ" جي حرفن سان لاڳيتا الفاظ آڻي، سرحرفي پيدا ڪئي وئي آهي.

مثال ٻيو:- "لٽا ليٽرون عري ٿاڙي وڙائين، سجهڻ ساري ٻهرت تي رناين" (٣)

هن مثال ۾ "لٽا ۽ ليٽرون"، "سجهڻ ۽ ساري"، "رت ۽ رناين" الفاظ سرحرفي جي صنعت ڏيکارين ٿا.

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - رفيو پنجون - سال ڪونهي - ص ٢٥.
(٢) ايضًا صفحو ١٩.
(٣) ايضًا صفحو ٣٢.

صنعت استعاره :-

(الف) پنهنجون پروان امر تنهنجون کمانا (١) (صفحو ٦٠)
(ب) اکيون تنهنجون کتوريون ڪجل وارا ٻون (٢) (ص ٢٥)
(ج) برهه جي سينگ جا تي تير ماري (٣) (ص ٢٨)

مٿين ٽن مثالن ۾ استعاره طور، ڀرون کي "ڪمانا" ٻئي ۾ اکين کي "ڪتوريون" ۽ ٽئين ۾ برهه کي "سينگ" سڏيو ويو آهي ۽ انهن ۾ حرف تشبيه "جهڙو"، "وانگي"، "جيان" وغيره ڪم آيل نه آهن ،

صنعت تضاد :-

(الف) ڏرکن جي پوئتان لک سک هاڻي (٤) (ص ١١٧)
(ب) اڀين کان لهو وجي ٻنهن جي ٻتاهون (٥) (ص ١١)

هر ٻن مثالن ۾ "ڏک ۽ سک" ۽ ٻئي ۾ "اڀ ۽ ٻنهن" (زمين ۽ آسمان) الفاظ هڪ ٻئي جا ضد ڪم آندا اٿس .

اصطلاح ۽ پهاڪا :-

(الف) گُتي تيرکان سوين سا چوٽ کائي (٦) (ص ١٠٧)
(ب) برهه ماري لائي تو ڏوم جا تي (٧) (ص ٦٩)
(ج) وڇوڙي پڄاڻ ڇڏي هوءَ جيءَ جهوري ماريا تائين بيو تو ماه ڪوري (ص ١١١) (٨)
(د) نه هوند ڏسڪ تنهين جي مٿاڪاني + برهه باري لائي تو ڏوم جاني. (ص ٦٩) (٩)
(ه) هاڻي ميلو ڪري ڪمرو جڳائي + مين ڪڙمين سڏي، ڇڏجي چتائي (ص ١١٨) (١٠)
(و) ڏکن جي پوئتان لک سک جاڻي (١١) (پين آڙ دماغ مري ترين گهوري ٿمايل (١١) (ص ١٢)

مٿين مثالن ۾ "تير جي گتي، سو چوٽون کائي" ۽ "ڏکن پنيان سک اچڻ"

---

(١) ڪان (١٢) تائين - مولانا امروٽي - پريت نامو - دفعو - سال ڪن - صفحا مٿي ڄاڻايل

عام مشهور پهاڪا آهن، ۽ "جيءَ جهورڻ"، "ماهه ڪورڻ" "ڏوهه لاٿڻ"، "ميلو ڪرڻ"، "چتائي چنڊ ڏا" ۽ گهور ڪرڻ وغيره سڀ اصطلاح آهن، جي سنڌي ٻوليءَ جي سونهن آهن ۽ ڪيس سلوڻو بنائين ٿا.

صنعت تلميح :

(الف) اجايو پڪ نه توکي آئو ڪائي، + ٻين ڏي آسرا توکي ٻيائي.
خليل الله جان سا اهيئي چيو، + ترڪي ڏي خيال تو ندا و نئي ڪو (١)

هن شعر ۾ حضرت ابراهيم خليل الله جو حوالو ڏنو ويو آهي، اهو ٿالو، مولانا امروٽيءَ تلميحًا ونيو، سندس خلوص ۽ سچائيءَ جو مثال ڏيندي ۽ انسان کي هدايت ڪئي آهي.

(ب) ڏيڙ واهه ٿيو عيسىٰ وارائيءَ، + اچن واري سدا نوازي جي جائيءَ.
منهنجي ولهي منهنجي محبوب جي ڪارڻ، + ٿيو ڏاجي سنڌ صالح موسىٰ ساري
موسىٰ آهو ٿو ڏن سدا نه موهان پائو، + لکو هو ڏير سان تهو نيڻن آلو. (٢)

هيٺين مثال ۾، مني مدني صلي الله عليه وآله وسلم جي سارام ڪندي حضرت عيسىٰ، حضرت صالح ۽ حضرت موسىٰ جا حوالا ڏنيئي، جوڪي ٿو ته اهي سڀئي نبي، حضور ڪريم جي طفيل ماڻ ۽ عزت وارا ٿيا. اهي حوالا پڻ تلميحًا ڏني، نبي ڪريم جو شان ٻڌايو ويو آهي.

صنعت مراعات النظير : -

مثال : - راويءَ هموڙي ڪهاڻي هيءَ ٻڌائي، + ماڙيءَ جي جڏ اڙاوت تنهن اڙائي.
ڪاريگر عار ولهي پٽ گهرايو + ڪابرا ويسٽو سڀ ڪان سوالو
بنا پر عار هيٺ پر ڪار جاين + ليکي آڪر منهان سڀ ڪهه عار جٺ
او ساري جو اهڙو دانا و قايل، + دشمن سير ڏور ري ۽ سڀئي ساشامل
بنا شامل بيهڪ هت سان بيهاري + سيئن سڀئي عجب جهڙي ڏيکاريو
حاشين جيڏ گهر وات جو سيالا، + صفائي نقش ربي راجن سيارو
جنهن ارسقي سا اهڙي پڙهائي، + چريون لاي سڀني ست سان ستائي

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - ساڪره - نفوره - صفحو ٦
(٢) ايضًا - ص ١٠

ڳُڻا ڳوڻيون عجب سڄا ڳورا ماريا + ڳُجھا ڳڻيا سان وَنگن توڙا بيھاريا،
تنيا شتير سڀ ٽڪيا ٽُڪيائين، + عجائب مور توڙ تنھن ۾ رکيائين. (١)

مٿين نظم ۾ ماڙيءَ (محلات) جو ذڪر آيل، پوءِ ان سان تعلق رکندڙ ۽ واسطيدار، اوزارن جي شين، جھروڪ، پرڪار، ڏور، شاھل، شھتيرن، ڪاٺين، ٽڪ، رنبيءَ، چوني، گچ، ونگن، توڙن ۽ ڳڻن ڪونين جو بيان ڪيو اٿس، جنھن ڪري فني لحاظ کان صنعت "مراعات النظير" چئبو آھي.

بولي:- مولانا امروٽيءَ پنھنجي مثنويءَ ۾ سنڌي بولي نھايت سادي ۽ سلوڻي ڪم آندي آھي. ھيٺين مثالن ۾ ٺيٺ سنڌي الفاظ صاف ظاھر آھن:

١. دنيا جي جھل ۾ ڪيئي قيد سانگي + نھوڙيا مان ڏُٺي ھوئڻ اسانگي (ص ٨)

٢. دِليون سڀ ڏين وارن جون سڀئي ڏيھ + نوائي سر چُمن پيرن سندي کيھ. (ص ٩)

٣. ونئي وچ تون محمد مير ڏانھون + اُپن کان لُڌ وچي، ٻُنھن جي شاھون. (ص ١٠)

٤. چاڙھي تنھن تي ڪنجڪ پڪڙ پرين جيھا + ڪرائي سر تون ساري اُپن جي. (ص ١١)

٥. اکين کي ارجاھي تنھن ونڌ ونڌي + اُتي ھنڌ تي پرين پرتون ڪري پٺي، (ص ٢٤)

٦. تنھن صورت ڏِٺس ونبيءَ واليءَ + تو کي بس ايترو ڪانڌ ڳُجائي. (ص ٣٤)

٧. اُڏيڪي ٿا تُنھنجي ڪاڻ ھرڊم + ملي مونسان مٿا ترن الم سڀ غم. (ص ٣٢)

٨. سرتو جان سو ھُجي جنھن جاه ٻيئو + ڪناري ڪانپ، وامي ٻَنڌ ٻيئو (ص ٣٣)

٩. ھي سڀ پيڙ جائي ڪو سپو زنھي + جنھن جي دل ۾ پيو منھن مندو منجھ (ص ٣٦)

١٠. اچا موٽي اچون ناصر نمائي، + ڪاڻ تو يوسف، ڏسيھ جي ڳالھ آئين (ص ٣٩)

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - سالڪ - دفعو ٩ صفحو ٣٨

١١. اهڙيءَ سڀان وڌو سون کوهه پرڻ، هاڻي ڪلفي تنهن ۾ پُٽڪ ڪاجي. (ص ٩)

١٢. اچي گينهو مڙيا تنهن جا ڀاڻي، ڪنهين تڪ ٿي چيا ۾ ڪن اداڻي. (ص ٥)

١٣. ڳليءَ ڪُوجي ڳماڻي سونيا ٿون، هن طرح اهڙيءَ وجي جَهلَ ۾ وڌا ٿون. (ص ١٣)

مٿين مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته هيٺيان ساداءِ نيٺ سنڌي الفاظ ڪم آيل آهن:

١. جِلَهه (يا ڳِلهه) = جيڪي مٿي جي چوڌاري ڳهه ، هوڙ = هجر يا هُٺڙ.

٢. ڪيهه = ڌرڙ، مٽي، خاڪ. ٤. ڪنجهه پهرڻ = دامن پڪڙڻ يا ادب سان پوئتان هلڻ.

٣. ٻُنهن (يون ۾) زمين. ٥. اوجهراڪي = جھونو (ننڍو). ٦. ڪامڻ = عورت.

٧. اُڙيڪي = سيڪي. ٨. ڪانپ = پڳ يا ڪناري جو اندريون حصو.

٩. پيڏ = راز. ، سپورنجهه = عقل وارو، دانا. ، منجهه = راز. ١٠. ناهرو ڳهلو وسيهه = وساهه، اعتبار. ١١. پُٽڪ = آواز، خبر، سڪت، پُرپر. ١٢. گينهو = خريدار

١٣. جَهلَ = قيد، جيل، بند (١)

مٿيان الفاظ، اڳين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا آهن، جي اڄ ڪلهه ٻهراڙيءَ جون ٻُڍيون عورتون ڪم آڻينديون آهن. اهڙا الفاظ، جيڪڏهن هاڻي به سنڌي ۾ رائج ڪجن ته لغطي ذخيري (vocabulary) ۾ سهڻو اضافو ٿيندو.

الغرض، مولانا امروٽيءَ جو هي ڪتاب، نه رڳو عشقيه قصو، صوفيانه ڪارنامو، توحيد جي تلقين ۽ هدايتن جو مجموعو آهي؛ پر ادبي خوبين سان پڻ ڀريل آهي.

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پرهيت نامو عرف يوسف زليخا - سال ١٩٢٠ - دفعو - صفحا مٿي ڄاڻايل

فني لحاظ کان به ڏسبو ته جيکي خوبيون هڪ سٺي
مثنويءَ ۾ هئڻ گهرجن، جهڙوڪ: واقعي نگاري، حقيقت نگاري،
منظرڪشي، انداز بيان وغيره، سي هن مثنويءَ ۾ پڻ موجود
آهن، تنهن هوندي به ڪي خسيس خاميون نظر اچن ٿيون،
جي عموماً هر شاعر کان سرزد ٿينديون آهن:

مثال ١:- (الف) جڏهن ٿيا پيءُ ڪان پاسي پريري + وڏاوڻ ڏوڙ، هڪ ڪيو عيري. (ص ٣٢)

هن ۾ "پري" جي بجاءِ "پريري" لفظ استعمال ٿيل آهي، جو فقط
قافيه ملائڻ ۽ وزن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.

(ب) ڏسي جڏهن هيون پڻ نيڻ ناري + هو سڀ تنهن ڏي پوي پاڪ ويچاري (ص ٦٩)

(ج) اچا موتي اچون نامه نمائي + ڪاتو يوسف، وسيم جي ڳاله آئين (ص ٣٤)

ساڳيءَ طرح ٻين ٻن مثالن ۾ پڻ قافيه ملائڻ خاطر "ويچاري" ۽
"نامه نمائي" الفاظ، بيجا وڌا ويا آهن، جي "حشو قبيح" پڻ آهن

مثال ٢: (الف) زليخا ڇني ونئون ساديه پاٻون + ڇهلڪ پڻ جيلا ٽڙن هون سنمت ڪاٿيون (ص ٧)

(ب) پنيو چو ٿو وارن وارو سنڌوئي + ٻڌايو عشق، پوي توجيه توڙي. (ص ٦)

(ث) سوڻي شيشا شا سندلا ڳلابي + نيلو نرپڻ بنفشه مان رکيائي. (ص ٩)

مٿين مثالن ۾ "پاٻون" سان "ڪاٿيون" ۽ "سنڌوئي" سان "توڙي"
۽ "ڳلابي" سان "رکيائي" قافيا اڻ ٺهندڙ آهن.

ڪٿي ڪٿي سٽن جو مطلب مغلق ۽ موڙهل آهي:

مثال ٣: (الف) جي تنهن کي سنيعو پڻ ٻڌايو + ڏٺي تو کي صبر الفن وانگر نه آيو. (ص ٤٩) (١)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - سال ڪونه - دفعو - صفحا مٿي ڄاڻايل.

(ب) اجاموقي اچون ناموبماڻي + مثال يوسف ويهه جي ڳالهه آئين (ص ٩٤) (١)

مثال (الف) ۾ حضرت جبرائيل جي پيغام جو بيان آهي، جو حضرت يعقوب ڏانهن صبر جي تلقين طور ڪئي آئي هو، هن مان اها خبر نٿي پوي ته "عنهن وانگر صبر ڪو ڪي نه آيو."

مثال (ب) ۾ به مطلب سنجيدي سو معلوم نٿي، جو جڏهن حضرت يوسف جا ڀائر، پنهنجي والد، حضرت يعقوب کي ڪوڙي ڳالهه ٻڌائي رهيا هئا، ته "جيڪڏهن تون ويهه آئين ته يوسف کي بگهڙ کائي ويو" هن جملي ۾ "نامرنماڻي" به نٿو نهي.

مٿيون خصوصيتون، مولانا امروٽي جي هن ادبي شهپاري تي ڪو ميراڻ جو مٿئي ڪو نه ٿيون چاڙهين، جاڪاڻ ته مولانا صاحب کي هن شغل (شاعري) کانسواءِ هزارين مذهبي، سياسي ۽ معاشرتي مسئلا، سندس ادبي ذهن کي پنهنجي طرف مبذول ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. انهن اڪيچار معاملن هوندي به هي عاليشان ادبي ڪارنامو، سندس ڪمال ادبي ۽ علمي ذهن جو اهڃاڻ آهي، سندس هيءُ مثنوي، سنڌي ادبي خزاني ۾ "بي بها گوهر" ۽ "دُرِ نايابُ" جي حيثيت ۾ بيش بها اضافو آهي.

گلشن امروٽي هي ننڍڙو ڪتاب ارڙهن [١٨] مولودن تي مشتمل آهي. هن ۾ پنج ڏگها بيت به ڏنل آهن، جن مان به بيت

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - يوسف نامو معروف يوسف زليخا سال ڪو - ننڍو - صفحو ٩٤

وائيءَ نما ٻوميڙن جهڙا آهن ۽ باقي ٽي ، ٻگهن بيتن (ڪبت) وانگر آهن ،

ڪتاب جي منڍ ۾ ”رمضان جي عيد“ تي مولوءِ ”سالم“ تخلص سان ڏنل آهي ۽ آخر ۾ هڪ مولود شريف ، مولوي عبدالڪريم گدائيءَ جو ڏنل آهي ،

مولانا امروٽيءَ جي مولودن جي مقبول عام هجڻ جو ثبوت اهو آهي ، جو هي ڪتاب ، چوٿون دفعو ، حافظ عبدالحميد ، ”محموديه پريس سکر“ ۾ ڇپايو آهي . ڪتاب تي چوٿين دفعي ڇپجڻ جو سال ڪونه آهي . منجهس ڪل ارڙهن صفحا آهن ۽ بنير جلد جي آهي .

هن ننڍڙي ڪتاب جي علاوه سندس بياض ڇپيل ڪلام ، جهڙوڪ : مولود ، ڪافيون ، غزل وغيره پڻ مليو آهي ، جن کي پڻ هتي آڻجي تو ، چوڻ ۾ اچي ٿو ته امروٽي صاحب جو شعر اجا گهڻو هو ، جو ڪنهن نه سهيڙيو ۽ زباني جي لاهين چاڙهين ۾ هيئن مٽجي تي ويو . (١)

مولانا صاحب جي ڇپيل ، شاعري صنف مان ، هر هڪ جي فني معلومات ڏيڻ ، مناسب سمجهان ٿو :

مولود مختلف مصنفن ، ”مولود“ جي معنيٰ الگ الگ بيان ڪئي آهي . عربيءَ ۾ مولود جي معنيٰ ”انشاجاتو ياجاولاد“ (٢)

---

(١) مولانا امروٽيءَ جي پياري مُريد ، جام فقير ڪَنگاڙ جو متعلم شعار ، ورڪن پوڻدو ، جي زباني .
(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ — سپ رنگ — دفعو پهريون — سال ١٩٦٨ع . صفحو ٢ .

آهي .

مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ جي تحقيق موجب ، مولود جون مختلف لغوي معنائون هن طرح آهن :

" ڇاول ، پيدا ٿيل ، پُٽُ ، اُها مجلس ، جنهن ۾ پيغمبر عليہ السّلام جي جنم جو ذڪر ڪيو وڃي ، اهو ڪتاب ، جنهن ۾ آنحضرت عليہ السّلام جو ذڪر هجي ، اهو نظم ، جو جنازي يا ميت جي آڏو پڙهيو وڃي ، جنم جو ڏينهن ، نئون ڄاول ٻار وغيره" (١)

مختلف لغاتين موجب "مولود" لفظ جون مٿي ذڪر ڪيل معنائون آهن ؛ پر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "مولود" جي معنيٰ قرآن شريف مان ورتي آهي . پنهنجي ڪتاب "مولود" جي حاشيءَ ۾ لکي ٿو :

"عربيءَ ۾ "مولود" (جمع مواليد) معنيٰ نئون ڄاول ٻار يا طفل . مولود جي اها معنيٰ قرآن شريف ۾ سورة " بقره " جي هن آية مان پوريءَ طرح واضح ٿئي ٿي : "وعلى المولود له رزقهن وكسوتهن بالمعروف" (۽ والد تي ڄاول ٻار جي مائرن جي کاڌي ۽ اوڇڻ جو انتظام سٺي طريقي موجب ڪرڻ لازمي آهي) ." (٢)

مٿئين مان معلوم ٿو ٿئي ته "مولود" لفظ جي صحيح معنيٰ آهي ، "نئون ڄاول ٻار يا طفل" ، پر سوال ٿو اُٿي ته سنڌ ۾ هڪ شعر جي قسم کي "مولود" ڇو ٿو سڏيو وڃي ؟ هن ڏس ۾

---

(١) عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي - سرمارڻ - دفعو ا - سال ١٩٥٨ع ص ٢٢٣ ؛

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - دفعو ا - سال ١٩٦١ - ص ٢ (مقدمو)

ڊاڪٽر بلوچ رقمطراز آهي:

> ”مولود“ هڪ مخصوص نالو آهي، جو سنڌ وارن ئي ڪنيو ۽ رائج ڪيو آهي. جنهن اهو نالو تجويز ڪيو ۽ ڪٿهن کان اهو نالو رائج ٿيو سو چٽي نموني چئي نٿو سگهجي، پر مخصوص مقصد جي لحاظ کان اهو نالو هڪ انوکي ۽ اصولي حيثيت رکي ٿو. هن برِ اعظم ۾ اسلام اول سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ وارن جي دلين ۾ نبي صلعم جي محبت سڀ کان اول جاگير ٿي. نبي صلعم جيڪو توحيد جو پيغام آندو، تنهن انسان ذات کي، پنهنجا انسان جسمن ۽ ذهن جي غلاميءَ کان آزاد ڪيو. انساني برابريءَ جو بنياد رکيو ۽ فقط علم، فڪر ۽ نيڪيءَ ۾ گوءِ کڻڻ جي بلنديءَ ۽ برتريءَ کي تسليم ڪيو. اهو هڪ نئون نياپو هو، جو نبي صلعم آندو. سنڌ ۾ چانڊاڻ آئي، علم جي روشنائي هر جاءِ سجاڳ ڪيو ۽ جهل جي اونداهيءَ جو هميشه لاءِ خاتمو ٿيو. انهيءَ ڪري نبي صلعم جي ولادت ۽ وجود، انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ هڪ اهم پيش خيمو هئا. نبي صلعم سان تيئن زندگيءَ عقيدت تنهن جي جذبات جي لحاظ سان، جڳ ۾ ڪو نه ٿيو ته معتقد آيو ۽ جي کوڙ ٿيا ته معتقد ٿيا ڏو. انهيءَ ڪري سنڌ وارن نبي صلعم جي جنم ۽ ولادت کي پنهنجي صفت ۽ ساراهه جو مرڪز ۽ محور قرار ڏنو، سنڌ جي شان ۾ جيل شعر کي ”مولود“ سڏيو“. (١)

ڊاڪٽر صاحب جي راءِ موجب واقعي سنڌ کان ٻاهر، نبي صلعم جن جي صفت ۽ ساراهه لاءِ، ”نعت“ ۽ ”ثنا“ جا الفاظ استعمال ٿين ٿا ۽ اهڙن ساراهه وارن شعرن کي ڪا مقرر ٿيل شڪل يا صورت ڪانهي، مگر سنڌ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ثنا ۽ ساراهه لاءِ جيڪو شعر چيو ويو، ان کي مقرر نالو ”مولود“ ڏنو ويو. ان جو وڏو سبب هي آهي ته سنڌ ۾ ٻين گهڻن غير مسلم ممالڪ کان اڳ ۾ اسلام آيو ۽ سنڌ سڀ کان پهرين ”باب الاسلام“ جو لقب ۽ شرف حاصل ٿيو. ان مان ظاهر آهي ته نبي ڪريم صلعم جن جي

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - مولود - دفعو ١ - سال ١٩٦١ ص ١ (مقدمو)

محبت ۽ عقيدت سندن ٻنهي کان اول پيدا ٿي . سندن اسلام سان عشق ۽ محبت جي معيار جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هنن پنهنجي محبوب مرسل جي ثنا ۽ صفت لاءِ جيڪو شعر چيو، ان کي "مولود" نالو ڏنائون، ٻئي قسم جي سنڌي شعر کان مخصوص ۽ الڳ ڪري ڇڏيو. (١)

حضور جن جي تعريف لاءِ اهڙي خاص انداز ۾ شعر جو جداگانه قسم، ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ مروج ڪونهي. هن مان سنڌين جي دانائي، روشن ضميري ۽ نبي ڪريم لاءِ سندن آتاهه الفت جو اظهار ٿئي ٿو، جنهن جي جيتري ساراهه ڪجي، اوتري ٿوري آهي. (٢)

سنڌي شعر جي اصطلاح موجب، مولود اهو شعر آهي، جو حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي جنم جي خوشي ۽ سندن شان ۽ تعريف ۾ چيل هجي.

وقت گذرڻ سان، مولود شريف جي موضوعات جو دائرو وسيع ٿيندو ويو ۽ ان ۾ نبي ڪريم صلعم جي جنم، ساراهه ۽ صفت ڪانسواءِ، سندن روضي مبارڪ جي زيارت فيض بشارت جي تمنا، ڏاڍي سڪ سچي سڪ جو اظهار، پنهنجي ڏک ۽ درد جي اپيل، سندن پاڪ سيرت، شادي، معراج ۽ معجزن جو احوال بيان ڪيو ويندو آهي.(٣) ڪن مولودن ۾ ورڇ

(١) الله بخش نظاماڻي - سنڌي لوڪ ادب جي ارتقاء - سال ١٩٦٤ع (مقالو)
(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - ڇاپو ١ - سال ١٩٦١ع صفحو ٢
(٣) ايضاً - ص ٣

حضور پاڪ جي خلفاء سڳورن جي سارام، نبي ڪريم صلعم جي شفاعت ۾ آسرو ۽ ان لاءِ اپيل، ڪانئن فيض طلب ڪرڻ ۽ مٿن صلوتون ۽ سلام پڙهڻ جا مضمون به اچي وڃن ٿا مثلاً:

١- موت محمد مير، اوڪيءَ ويل اڙانگي... (مولانا مروي)

٢- محمد مير مرسل جو اتڙين کي آسرو آهي ״

٣- عاشق توکي احمد، سار يو ٿام سڪن ״

٤- مٺا مرسل ڙڳيءَ توکي ته آهي پاڻ سارهيو، وغيره (امروٽي)

سنڌ ۾ مولود شريف، اڪثر ڪري، سيرت پاڪ جي جلسن، وعظن، شادين ۽ طهر جي موقعن، حاجين جو حج تان موٽڻ وقت، يا ڪفن جنازي يا ميت کي دفن لاءِ کڻي وڃڻ وقت، گهرن تان وني مقام تائين چوايا ويندا آهن. (١)

مولود جي صنف جو بنياد، وائي يا ڪافي آهي. جيئن ته پهريون شاعر جنهن پنهنجي وائين ۾ حضرت جن جو ذڪر ۽ تعريف آندي، مٿس مولود نالو رکيو، سو شاهه عنايت رضوي هو، جو ٻارهين صدي هجريءَ جو شاعر هو، ان ڪري ائين چئبو ته مولودن جي شروعات، ٻارهين صدي هجريءَ ۾، شاهه عنايت رضويءَ کان ٿي. ان بعد شاهه

---

(١) عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي - سرهاڻ - دفعو١ - سال ١٩٥٨ع ص ٢٢٤.

پيٽانئي، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي، غلام محمد ٻگائي، مخدوم عبدالله ۽ اشرف شاه جا مولود ملن ٿا. (١)

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

"مولود، هيئت ۾ 'وائي' يا 'ڪافي' جهڙو آهي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته 'مولود' تڏهن ڪر رائج ٿيا، جڏهن ڪر 'وائي' وجود ۾ آئي. ڪن ڳالهين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سترهين صدي عيسوي کان وٺي سنڌ ۾ ملتان جي سهروردي بزرگن ۽ سندن عقيدتمند خليفن ۽ اصحابن جي سماع جي مجلس ۾ سنڌي جي درويش سنتن جا ڪلام ڳائيندا هئا، ۽ غالباً دوهڙا ۽ وايون ڳايون وينديون هيون. جيئن ته نبي صلعم جي محبت ۽ "فنا في الرسول" جي سالڪانه منزل کي صوفي بزرگن جي طريقي ۾ خاص اهميت هئي، انهيءَ ڪري اهي وايون جن ۾ نبي صلعم جي حب ۽ محبت جو اظهار هو، سي انهن سماعن جي مجلسن ۾ وجد طاري ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ذريعو بڻيون. مگر انهن ڳالهين واين يا ڪافين جا سالم نمونا اسان وٽ موجود نه آهن، جو انهن مان مولود جي مضمون وارن مثالن جو پوري طرح اندازو لڳائي سگهجي. واين جا سڀ کان پهريان متن ۽ مختلف نمونا اسان کي ٻارهين صدي هجري جي شروع کان شاه عنايت رضوي ۽ ان بعد شاه عبداللطيف جي ڪلام ۾ ملن ٿا، جن ۾ مولود جي مضمون واريون پڻ شامل آهن. انهي مان ٿي نه ٿو سگهجي ته وائي کان الڳ، مولود جي مستقل ۽ جداگانه حيثيت ڪڏهن کان عام طور تسليم ٿي. غالباً جڏهن وائي جو دائرو وسيع ٿيو ۽ ان ۾ مجازي رنگ جا عاشقانه عنوان توڙي سنڌ جي رومانوي داستانن جا مضمون عام رائج ٿيا، تڏهن مولود جي مضمون واريون وايون هڪ مخصوص دفعي ۾ شمار ٿيڻ لڳيون. ٻيو ته جڏهن وايون سماع جي مخصوص مجلس کان ٻاهر پڻ عام خاص جي تفريح خاطر سازن سرودن سان ڳائجڻ لڳيون، تڏهن مولود جي مضمون واريون وايون سماع جي مجلس لاءِ مخصوص بڻجي ويون ۽ سازن سرودن جي سنگت جي بجاءِ انهن واين جي الحان ۽ لئي ۾ گوناگون رنگيني پيدا ڪئي وئي. انهيءَ لاءِ ته بنا سازن جي ٻڌ انهن جي پڙهڻي ۾ ترنم ۽ سيناج پيدا ڪري سگهجي. غالباً مغلن جي دور ۾ موسيقي جي ترقي سان خانقاهن ۾ سازن سرودن جي سنگت سان علم موسيقي مطابق پوري سرتال ۽ مختلف راڳڻين ۾ ڳائجڻ لڳيون ......"

بهرحال ٻارهين صدي جي آخر تائين الحان، لئي توڙي مخصوص نالي جي لحاظ سان مولودن جي هڪ مستقل

---

(١) الله بخش نظاماڻي - سنڌي لوڪ ادب جي ارتقا - دفعو ا سال ١٩٦٦ع (مقدمو)

حيثيت قائم ٿي چڪي هئي ۽ لفظ مولود پنهنجي مخصوص
معنيٰ ۽ مفهوم سان رائج ٿي چڪو هو. چنانچه ميون
شاه عنايت رضوي، جو ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾
ٻارهين صدي هجري جي اوائل جو شاعر آهي، تنهن مولود
جي لفظ کي استعمال ڪيو آهي ۽ پنهنجي نعت واري کي
مولود سڏيو آهي:

"پڙهو صلوات صدق سين، اي مولود مدام" (ص ٢)

اڄ تائين عام طور اهو پاتو ويو آهي ته مخدوم عبدالرئوف
ڀٽي مولودن جو موجد آهي يا پهريون شاعر آهي جنهن
مولود چيا، اهو گمان صحيح نه آهي. تاريخي طور مولود ته ڏهن
ڪان رائج ٿيا، جنهن ڪان وايون يا ڪافيون رائج ٿيون ۽ مولود
جي الڳ حيثيت ٻارهين صدي جي آخر ۾ مڃيل ٿي. ميين شاه
عنايت رضوي جي ڪلام ۾ لفظ مولود ڇهن دفعو استعمال
ٿيل نظر اچي ٿو. (١)

ڊاڪٽر صاحب جي مٿين حقيقت مان معلوم ٿو ٿئي ته سماع جي
مجلسن ۾ اهل طريقت وارا، وايون ۽ دوهڙا چوارائيندا هئا. طريقت ۾
جن افراد کي "فنا في الرسول" جي منزل هئي، اهي سماع وارن
واين ۾ نبي ڪريم صلعم جي سڪ محبت ۽ تعريف جا مضمون
داخل ڪيا، جي عشق رسول ۾ شدت آڻي، وجداني ڪيفيت
پيدا ڪندا هئا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ جا مسلمان اهڙن ڏينهن
ڪانوڻي، واين ۽ دوهڙن ۾ حضور سرور ڪائنات جي ثناءِ صفت
ڪرڻ لڳا. شاه عنايت رضوي پڻ اهڙن جو تتبع ڪري، واين ۾
رسول پاڪ جي ثنا آندي ۽ ڪين "مولود" سڏيو. ان بعد شاه
عبداللطيف ڀٽائي جي واين ۾ پڻ مولود جو مضمون ڏسڻ ۾ آيو.
مولود جي صنف جي جداگانه حيثيت تڏهن ٿي، جڏهن

(١) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - ڏهون - سال ١٩٦١ع - مقدمي جو صفحو ٢٥ ۽ ٢

واين ۾ معرفت جي مضامين کانسواءِ مجازي عنوان ۽ رومانوي داستانن وغيره جا مضمون پڻ رائج ٿيا. ان وقت رسول ڪريم صلعم جي ثناوارن وائين، هڪ مخصوص دفعي ۾ شامل ٿيون، جن کي "مولود" سڏيو ويو. ان کانپوءِ وايون ياڪافيون، سماع جي مجلسن کان ٻاهر، ماڻهن جي وندر ۽ تفريح لاءِ ڳايون ويون ۽ "مولود" جي مضمون وارين وايون، ڪن خاص جڳهن، جهڙوڪ مسجدين، ديني مڪتبن، ديني جلسن، عيدن براتن، عُرسن وغيره ۾ ڳائجڻ لڳيون ۽ مولود پنهنجي خاص نوعيت ۾ اُڀريا. (١)

پهريائين مولودن ۾ رڳو نبي صلعم جن جي تعريف ۽ مٿس صلواتن وارا مضامين ايندا هئا. جيئن ميين شاهه عنايت رضوي چيو: "چئو صلواة صدق سين، اي مولود مدام"!

ان بعد مخدوم عبدالرئوف ڀٽيءَ، مولودن جي عنوانن ۾ ترقي آندي ۽ رسول پاڪ صلعم جي شاديءَ، سندس چئن يارن، پنجن تنن، معراج وغيره جو ذڪر به ڪيائين: (٢)

مثال: ١- پرڻي رات رسول جي ملڪن مشڪ ورهايو (ص ٧)
چارئي يار رسول جا، پنجتن پاڪ پسايو
٢- اڄهو غوث محمد هاشمي، پلي ڪري آيو (ص ٥)
٣- ساريون سڪن، مشڪ عطر ڇڻيو ملڪن (ص ٩)
٤- محمد، تو معراج ڪيو، ملڪن چيو مرحبا (ص ١٠)
٥- مثل مرسل، اچا نور، ڪيو راڄ راڻو مون دلبر (ص ١٢)
٦- آيو محمد عربي، ڪافر قيد ڪري (ص ١١) (٣)

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - دفعو ١ - سال ١٩٦١ - ص ٥
(٢) ايضاً - ص ٢
(٣) ايضاً - صفحا مٿي ڄاڻايل.

مخدوم عبدالرئوف صاحب، مولودن کي موزون شعر جي صورت ۾ چيو.

مثال:-

"منارا مير مرسل جا، ڏسان مثل ڏيئا سڀ ڏري
هلي هالا، متي ميسا، اتي پور کي چڙهان اوري
پيان پاڻي سنڌ وزم زم، چڙهيان احرام اُت پوري" (١)

مٿيون مولود، "بحر هزج مثمن سالم" (مفاعيلن) ۾ چيل آهي، اهڙيءَ طرح هيا به ڪيترا مولود چيا اٿس، جن ۾ ترنم آهي. پوين شاعرن پڻ مخدوم صاحب جو تتبع ڪري، مولود جي نه رڳو مضمون ۾ وسعت آندي، پر اُن جي ڳائڻ وارن طور طريقن کي پڻ ترقيءَ تي پهچايو. (٢)

ويجهي دور ۾ مولوي غلام رسول، مولوي ثناءالله مولوي ڪُماڙي، مولوي فنائي، احمدخان آصف وغيره جا مولود مشهور آهن. (٣)

جيئن ته مولودن جي موضوع جو مرڪز، حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات گرامي آهي؛ ان ڪري سازن سرودن تي، راڳ واري فن ۾ ڪونه ڳائبا آهن. هنن ۾ راڳ وارا پلٽا ۽ تانون ڪونه هونديون آهن (٤)، پر خوش الحانيءَ سان، قرآن پاڪ جي قرأت واري ادب سان ڳايا ويندا آهن، ان ڪري مولودن جي موسيقي سنڌ ۾ هڪ خاص قسم جو ايجاد آهي. (٥)

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - دفعو پهريون - سال ١٩٦١ع - صفحو ٢٦
(٢) ۽ (٣) ايضاً - صفحا ٩ ۽ ١٠
(٤) اڄ ڪلهه ته فلمي ڳائڻ جي طرز تي به مولود ڳايا ويا آهن ۽ ڳايا ٿا وڃن. خبر ناهي اهو ڪيتري قدر صحيح آهي؟
(٥) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - دفعو پهريون - سال ١٩٦١ع - صفحو ١٣.

مولود جي ڳائڻ جو طريقو اهو آهي، جو هن صنف کي ٽولين ۾ ڳايو ويندو آهي، هرهڪ ٽوليءَ ۾ هڪ اڳواڻ ۽ ٻيا ٥-٦ جهيلي هوندا آهن، جي هرهڪ وراڻي ۾ گڏجي ڳائيندا آهن. ساريءَ سنڌ ۾ مولود پڙهندڙ ٽوليون اکيچار آهن، جي سا ڳئي ئي طريقي سان ڳائيندا آهن هن طريقي، مولودن جي صنف کي ڪمال درجي تي پهچايو آهي. (١)

لاڙ ۽ اُتر سنڌ جي ٽولين ۾، مولود ڳائڻ جي ڇتا ڀيٽي نه لڳندي آهي. (٢)

مولودن ۾ علم ادب

مولودن جو سنڌي ادب، هڪ معياري علم ادب آهي، جنهن ۾ تلميحون، نيم تاريخي قصن جون تمثيلون، بحرون، نصيحت، ادب و اخلاق سهڻيون لفظي ترڪيبون وغيره موجود آهن، جي سنڌي ادب ۾ بيش بها اضافو آهن. هنن کي لوڪ ادب ۾ ان ڪري داخل ڪيو ويو آهي، جو عوام ۾ تمام گهڻو مقبول آهن ۽ ٻهراڙيءَ توڙي شهرن ۾ عام جام ڳايا ويندا هئا. (٣)

مولانا امروٽيءَ جي مولودن جو جائزو

مولانا تاج محمود امروٽي، هڪ عارف بالله شخصيت هئي. هن پنهنجي مرشد ڪامل،

---

(١) الله بخش نظاماڻي - لوڪ ادب جو ارتقاء - دفعو ١ - سال ١٩٦٢ع (مقدمو)
(٢) ۽ (٣) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - دفعو ١ - سال ١٩٦١ - مهاڳ جو ب ۽ مقدمي جو ص ٨

صاحبِ عرفان، حافظ محمد صديق وٽان معرفت ۽ سلوڪ جا سيئي درجا طئي ڪيا هئا. جيئن ته پاڻ پنهنجي ڪتاب "پريت نامي" ۾، مجازي عشق جي وصف بيان ڪندي، "فنا في الشيخ" ۽ "فنا في الرسول" جي درجن ۽ منزلن کي پڻ عشق مجازي سڏيو اٿس، جو آخر ۾، محبوب حقيقي ۽ سان وڃيو ملائي. (١)

مولانا امروٽيءَ جي مولود شريف ۾ عشقِ رسول سڀ ڀانڊيا آهن:

هينئين مولود ۾، مولانا صاحب، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو وجود انور، هن دنيا کان به اڳ ۾ تسليم ڪريٿو. امروٽي صاحب چوي ٿو ته جڏهن هن دنيا جا اڃا وجود ئي ڪونه هو، تڏهن ئي حضور سرورِ ڪائنات، فخرِ موجودات جو ظهور ٿيو:

"تجلي نور نرمل کان، ٿيو ڪون ومڪان پيدا،
زمين پيدا، اضحيٰ کان ٿي، ٿيا ست آسمان پيدا،
خدا جي خود خدائي، جي نه پڌرائي هُئي ڪا ڪِي،
تڏهن ظاهر ظهور ٿيو، ٿيو فخر زمان پيدا.
نه هو آدم نه هئي حوا، نه هئي ڪا جوڙ هن جڳ ۾،
سبب سڀني، سچل سرور، ٿيو سارو جهان پيدا.
نه هئي ڪا بوءِ دوزخ جي، نڪا جنت نشاني هُئي،
نه حُورن حُورون قصورون ڪي، نه هو نام و نشان پيدا.
نه هو اسمن ظهور ڪو، نه ها مظهر سندن ظاهر،
ڪنائي ميم معتمد جي، ٿيا پڌرا پهار پيدا." (٢)

---

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - پريت نامو عرف يوسف زليخا - ڇاپو ٥ - سال ٨٧ ص ٦٣ کان ١٤٠
(٢) ايضًا - گلشن امروٽي - ڇاپو پهريون - سال ڪونه - صفحو ١
سانگيو مولود - ماستر نظام الدين جي بياض ۾ "غزل نمبر ١٣" لکيل آهي ۽
حاجي محمود قاسم جي قلمي بياض ۾ مولود شريف نمبر ٣ لکيل آهي ص ١٤

خدا پاڪ، مٿي مرسل جي مَٿُ پاتا ٿي، هن دنيا ۾ ڪنهن
ڪي به نه خلقيو آهي. مولانا امروٽيءَ، آقائي نامدار محمدﷺ
مدنيءَ کي، "باعثِ تخليقِ دو جهان" سڏيو آهي.
سا لحظو فرمايو:

"ڏٺي پيو ڪونه ڪو ڪَيَڙو، مٿي مرسل جهڙو پيدا،
جنهين جي جوڙ جي سببان، ٿيو سارو جهان پيدا." (۱)

ساڳئي ئي سلسلي ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو:

"سڀ ايجاد عالم جو، ٿيو شافع گنهگارن،
ايڏو وڏو ٿيو ڏنو ڏاتر مٿي رحمان رسول الله." (۲)

حضرتﷺ جن جي پيدائش ۾ سندن حُسن جي جلوي ظاهر
ٿيڻ جو بيان ڪندي، فرمائي ٿو:

"مظهرِ نورِ الهدىٰ، احمد امين پيدا ٿيو،
حُسن حق جو، حق تجلو، برهين پيدا ٿيو،
سونهن سرور جي ڏسي، مخلوق سڀ حيران ٿي،
ويس صورت ۾ سمايو، باليقين پيدا ٿيو،
سچ بشر جي آهه نسبت، مظهر مٿي محبوب کي،
في الحقيقت، حق معيت، نازنين پيدا ٿيو." (۳)

اهڙي سهڻي سرور جي سُونهن ۽ شانُ پسي، مولانا امروٽيءَ
پنهنجي محبوب، آقائي نامدار جي مٿان، لک ڀيرا قربان

---

(۱) ڪان (۳) مولانا تاج محمود امروٽي - گلشن امروٽي - دفتر ۲ - سال ڪو نه ص ۱ ۽ ۲ ۽ ۽
قلمي بياض حاجي محمود قاسمي - مولود نمبر ۲ - ص ۱۷
قلمي بياض ماستر نظام الدين دائي جي ۾ غزل نمبر ۳۷ - ص ۴

تيرِ لاءِ تيار آهي :

”پِسي هي ۽ سوڀِن سرورجي حُسن قربان ٿئ پيا،
مٿان محبوب مرسل جي، تيو نام و نشان پيدا.“ (١)

نبي ڪريم صلعم جن جي جُدائيءَ، مولانا امروٽي سخت پريشان ڪريٿي، سندن جُدائيءَ ۾ راتيان ڏينهان چشمِ گِريان آهي :

”ويڇوڙي ۾ تنهنجي ميران، تيو جِندُ حان رسول الله،
گوندرَ ڳهاڙن، ضعيف هاڻ، ٻيون چشمان رسول الله.
سدائي سڪ اندر تنهنجي، رهي جندڙجانِ ۾ جائي،
ڏينهان راتيان نهارَ نيڻ، آئيون گريان رسول الله“ (٢)

پر مولانا امروٽي ڏسي ٿو ته ”محبوب مدني، رحمة للعالمين جو هڪڙو مان عاشق نه آهيان، پر لکين آهن، جيڪي مون وانگيان حياتيءَ ۾ پيا ڳرن ۽ سندن حسن تي، مجنونءَ جيان مستان آهن؟ پنهنجي محبوب، نبي پاڪ صلعم کي مخاطب ٿيندي، فرمائي ٿو :

” تُنهنجي جلوي جوت جمالَ سنا، موهيا خان لکين هڪڙا نه رڳو،
تنهنجي نيڻن نازَ ڪمال ڪيا، ميران لکين هڪ مان نه رڳو.
تنهنجي وڏو ڪنان مخمور هِن، درس ترياني، ويران ڪُهي،
اهي مجنون وانگ مستان رهن، سنهان لکين هڪڙا نه رڳو.“ (٣)

حضور پاڪ جن کي مخاطب ٿيندي، فرمائي ٿو ته ”تنهنجي عشق، هن سڄي سنسار ۽ سامان کان خيالُ ڪٽائي ڇڏيو آهي. دل اٿئي

(١) مولانا امروٽي ”گلشن امروٽي“ دفعو ٣ – سال ڪرنه – ص ١ ۽ ٢ ۽ قلمي بياض قاسمي ۽ دايو قتاح
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً –

چوي ٿي ته هي ء جسم جان پڻ دنيا جا مذڪور مال ، مٿن قربان ڪري ڇڏيان . ليڪن قربان ٿيڻ وارو به هڪڙو مان نه آهيان ، پر ڪئين انسان آهن :

"تنهنجي عشق اُتاريا خيال سندي سنسار سندي سامان هنا
جند جان جُثو ء مذڪور مال سڀ ، قربان ڪئين هڪ مان نه ڪو " (١)

"محبوب جي ملڻ خاطر ، ڪئين عاشق ليئا پائي رهيا آهن . انسان ته ڇڏيو ، پر حيوان ، ملڪ ، فلڪ ، مطلب ته سڀ جهان ملڻ لاءِ مشتاق آهي ، هڪڙو مان نه آهيان" :

"مشتاق ملڻ جي ڪاڻ منا ، ڪئين پائن ليا ، جهان سڄو ،
پائين ، ملڪ فلڪ حيوان سڀئي انسان ڪئين هڪ مان نه ڪو " (٢)

مولانا امروٽي عشق رسول ۾ مڪمل مستان آهي . جدائي جي حالت ۾ ملڻ لاءِ ماندو آهي . مديني منوره ڏي ويندڙ ٿڌي هوا کي قاصد بنائي ، ڪيس مديني جي ﷺ نيا پو ڏئي ٿو ته "منهنجي مديني ڏي واڪ وارو ء اهو پيغام هن طرح ٿو موڪلي :

"اي صبا ساجهر گهلي تون ، وڃ مديني يار ڏي ،
من نماڻي جو نياپو پهچ تنهين دلدار ڏي ،
حال هتئون امروٽ مان ساجهر سڀئي سانگا ڇڏي ،
هي ء حقيقت حال جي ، ورتين وڃي ، غم نار ڏي .
پهچين جڏهن پرين اڳيان ، روئج اڳيان تون زار زار ،
من پڇين سڀ ماجرا مان ، رهڻ سنڌي تون سار ڏي .
. . . .
هڪ سنڌ ۾ سڪيو ڏڻ ، تنهنجو نياپو آهه هي ،
ڏک ڏئي ڪرمون پڏو ، تنهن حال جي گفتار ڏي .

---

(١) ۽ (٢) مولانا امروٽي جو گلشن امروٽي - دفتر ٣ - سال ڪرڻ - ص ٢ ۽ ٣ ۽ نظام الدين دائي جي بياض ۾ ص ١٨ ۽ ١٩

آهه سو عاصي اُمجهو، عيبن ڀريو سو اُمتي ،
تو سڪي ساري سدا ، ٻرئون اوهانجي ٻار ٿري ،
قسن نه تنهنجي واڳ قسمت ، جو اچي حاضر ٿئي ،
مرسل ڪجو مهر ڏون نظر ، نرمل تنهين نا دار ٿري.“ (١)

ماڻهن ۾ بدعت ، بي ديني ۽ ڪفر ڏسي ، مولانا امروٽيءَ

کي دل ۾ درد پيدا ٿئي ٿو ، مٺي مرسل کي بدعت جي بيخ ڪني

ڪرڻ ۽ ڪفر کي ٽوڙڻ لاءِ اپيل هن طرح ٿو ڪري :

” ٿيو آ زور بدعت جو ، سنڌ ۾ سُنت ضعيفي آهه ،
لکين ملئا ملامت ڪن ، اُهي نادان رسول الله ،
مبارڪ منهن مٿان چادر ، لاهيو هيڪر مٺا رهبر
وڃي هي شور بدعت جو ، سندو سامان رسول الله ،
وڪوڙي ويو آهي ڪوڙو ، ڪفر اسلام کي اهڙو
رهي بي جاءِ ڪا ناهي ، اوهان جي آن رسول الله .“ (٢)

سنڌ ملڪ لاءِ ، ڪيئن عرض هيئن ٿو ڪري :

” سوائي سوز ۾ تنهنجي ، سڙي سينو سڪايل جو ،
ڳهايل ڳهاري ، سدا ساري ۽ راتيان ڏينهان رسول الله ،
ملڪ جي مهر ڪر مرسل ، مٺا محبوب ماڻڻ سان ،
ڀسايو مڪ ، وڃايو ڏڪ ، ٿيان قربان رسول الله .“ (٣)

مولانا امروٽي ، عارف بالله هوندي ، به الله جي در تي عجز

۽ انڪساري ڏيکاريندي ، پنهنجي حياتي ، گناهن ۾ گذريل

ٿو سمجهي . پنهنجي گناهن جي معافي وٺندي ، پنهنجو هيڻو

حال ڏيکاريندي ، شفيع المذنبين جي دروازي تي ، شفاعت

جي لاءِ ٻاڏائي ٿو :

---

(١) مولانا امروٽي ”گلشن امروٽي“ ، سال ١٩٨٠ع - ص ٢ ۽ ٣ - بياض نظام الدين داي وص ١٨ ۽ ١٩ .
(٢) ايضاً ، بياض حاجي محمود ماسمي ص ١٧ ۽ بياض نظام الدين دايو صاحب ص ٢٠ .
(٣) ايضاً .

"گناهن ۾ وڃايئي مون، عمر ساري رسول الله،
اوهان جي در تي پاڙايان، ڪيئن زاري رسول الله.

ساري جڳ ۾ نه ليند وڪو، مٿا مون جيان ڏوهاري ڪو
ڪيئن ڪري ڪنهن نيڪيون، بديون باري رسول الله.

نيٺ مان شفاعت جي، سوا تنهنجي مٿا مرسل،
ملي ٻئي نه ڪنهن مرسل، ساسر واري رسول الله.
پهچي آيس اوهان جي در، بديون باري ڪٽي مرسل،
ڪرايو معاف، ڪان ڪاتر، تون ڄاري رسول الله." (١)

وري به حضور پاڪ کي اپيل ڪري ٿو:-

"ٻُڏي زاريون نماڻي جون اچي رهيار رسول الله
پريت سوياڻ، تون پاڇون، اچي پس يا رسول الله" (٢)

مولانا امروٽي، هن ملڪ جي بادشاهيءَ کان، مديني شريف
جي گدائيءَ کي پسند ڪري ٿو، دنيا جي عيش عشرت
کي تُچ سمجهي ٿو:

"مديني جي گدائي آ، ڀلي هن بادشاهيءَ کان،
تو تي بيا عيش عشرت لک، مٿل خس يا رسول الله." (٣)

حضور پاڪ کي حق جو اسرار ۽ نور سمجهي، فرمائي ٿو ته
ان ڳالهه کي پرت وارا ئي پروڙين ٿا، جن جو قلب روشن آهي ۽
اُهي زنده دل عاشق آهن:

"حسن حق جي ظهور، مظهر مٿي محبوب ۾،
پرت وارن سو پروڙيو، صفت انسان کي جڏهين،
هي حُسن اسرار حق جو ميم جو پردو ڏئي،
تا پس، عاشق پروڙيو، وله جذبان کي جڏهين." (٤)

---

(١) مولانا امروٽي - گلشن امروٽي - دنعوم - سال ٢٠٠٣ - ص ٥ - بياض قاسمي ص ١٧ - بياض دايو صاحب ص ٢٥
(٢) ايضاً - ص ٧ بياض قاسمي ص ١٦ - بياض دايو صاحب ٢٦
(٣) ايضاً - ص ٨ - بياض دايو صاحب ص ٣٥

مولانا مروتيءَ جو مٿيون مولود، مخدوم شهيد ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو تتبع آهي. گرهوڙيءَ صاحب پنهنجي ڪلام ۾، "حقيقت محمدي" جي عنوان هيٺ ۾ حضور سرور ڪائنات کي پوريءَ پرپسڻ لاءِ، رخ ۽ دل جي ضرورت ٻڌائي آهي، سُتل قلب وارا انسان، محبوب مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کي، صحيح معنيٰ ۾ سڃاڻي نه سگهندا. ملاحظه فرمايو:

"پر سڃاڻ، سڃاڻ ٿا رهيءَ محض معاني آهه
ڪونه سڃاڻي ڪڏهن، هوت هنئين ڏارا ءِ
كيف يُدرِكُ في الدنيا حقيقةً قومٌ نيامٌ تسلّوا
عنهُ بالحلم آهي اشارتا ءِ
(ترجمه: - جنهن قوم گوشت (دنيا مرجهن) تي پاڙ ٿي وسي
رهيا يا غافل ٿيا) سا حقيقت کي ڪيئن پروڙيندي؟
سي ڪيئن تن سڃاڻين، جني قلبُ سُتا ءِ
سٽي صورت ظاهري، آئين آرا ما ءِ." (1)

اڳتي هلي، فرمائي ٿو:

"الا لن لقا پور رهي، پڙ ريا پاڇو ياءِ
اُهي ڏسن ان کي، جي ان ڏيهه وياءِ
....
حقيقت حبيب جي عجب جهڙي آهه." (2)

مٿين مذڪور موجب، حضور پاڪ کي پروڙڻ لاءِ، اُهي ماڻهو هجن، جي عارف بالله، يا صاحب منزل هجن ۽ اُن ڏيهه ڏانهن وڃي چڪا، جتي محبوب جي منزل آهي، يعني انهن جون باطني اکيون کُليل هجن. باقي ظاهري اکين

---

(1) ڊاڪٽر داؤد پوٽه صاحب ڪلام گرهوڙي - ڇاپو سال ۱۹۵۶ع ص ۲
(2) ايضاً

وارا، ڪين اصلي ۽ حقيقي صورت ۾ ڏسي نه سگهندا.

مولانا امروٽيءَ کي بار بار مٺي مدنيءَ صلعم جي سڪ ستائي ٿي ۽ پاڻ وري وري مديني ڏي وڃڻ جي آس اندر ۾ رکي ٿو:

"ڏسان موٽي جو مون حضور اديون،
جتي روز وسي پيو نور اديون.
سدا اسيڻ کي مٺا ساريان ٿو، گهر گوندر ۾ مان گهاريان ٿو،
هنجهون هوت حبيب لئه هاريان ٿو، جنهن چارئون چوڌارئون نور اُڀري،
وڃي حسن مدينو منور ڪري، ڏينهاڙا ڏسان ڀاڳن سوا گهڙي،
ڏسي رهبر منهنجو روح ٺري، ڪيو جهوري ڳنهن جي جهور اديون" (١)

مولانا صاحب، مٿيون مولود، شايد آخر عمر ۾ چيو آهي، جڏهن پاڻ فرمائي ٿو ته "مونکي محبوب مدنيءَ جي جهوريءَ جهور ڪري ڇڏيو آهي"

محمد مير صلعم جن جو آسرو نه رڳو پاڻ کي آهي، پر سڀني اٽرين مومنن ۽ هيڻن کي پڻ آهي. ڪيس حضور پاڪ جي شفاعت ۾ پڪي اميد آهي ته هُو سندس سڀ ڏوهه ميٽي ڇڏيندو:

"محمد مير مرسل جو، اٽرين کي آسرو آهي.
انهي اُميد ۾ سارا، ڇڏيندو ڏوهه سڀ ڌاهي." (٢)

مطلب ته، مولانا امروٽيءَ جي مولودن مان معلوم ٿئي ٿو ته هُو رسول پاڪ جو سچو عاشق هو. سندس مولودن ۾ نبي ڪريم جي حُب، مديني وڃڻ جي آس، اسلام، احياءِ سنت، ڪفر

---

(١) مولانا امروٽي - گلشن امروٽي - دفعو ٢ - سال ڪونهي - ص ١١
(٢) ايضًا - صفحو ١٣

ميٺاڻ لاءِ، مدد جي اپيل، سندن اعلى شان، جمڻ جي
خوشي ۽ منجهن شفاعت جي يقين وغيره جا مضمون
سمايل آهن.

ادبي جائزو — سڀئي مولود، بحرون ۽ موزون شعر جي
صورت ۾ چيل آهن. منجهن سلاست ۽ رواني، جرئت
۽ جوش سمايل آهي.

مولانا امروٽيءَ جي مولودن ۾، مخدوم عبدالرئوف
ڀٽيءَ جي مولودن وارو اندروني ترنم به موجود آهي:

مخدوم عبدالرئوف :- "منارا مير مرسل جا، ڏسان نٿي ڏيهه سين ڏوري،
هلي هلا، متي ميسا، اڙي اوهر ڪي جڏيان اوري." (١)

مولانا امروٽي :- سدائي سوز ۾ تنهنجي سڙي سينو سڪايل جو،
گهايل گهاري، سدا ساري، راتيان ڏينهان رسول الله.
ملڻ جي مرڪز مرسل، منا محبوب ماندن ڪي،
پسا يوٽمڪ، وڃا لوڙڪ، تيان قربان رسول الله. (٢)

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته امروٽي صاحب جي مٿين شعر ۾، اهڙو
اندروني ترنم موجود آهي، جهڙو وڏن وڏن ۽ مشهور
عام شاعرن، جهڙوڪ، حمل لغاري ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي
جي ڪلام ۾ آهي. اچو ته موازنو ڪري ڏسون:
جهڙيءَ طرح مولانا امروٽيءَ، حضور پاڪ جي جدائيءَ ۽ ديدار
بابت چيو آهي:

---

١) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - مولود - دفعو ١ - سال ١٩٦١ع - ص ٢٦
٢) مولانا امروٽي - گلشن امروٽي - دفعو ٣ - سال ڪونهي - ص ٣٠

١- "ڪمايل ڪماري، سڀ ساري، راتيان رسول الله،

٢- پسايو مک، وڃايو ڏک، ٿيان قربان رسول الله." (١)

اهڙيءَ طرح حمل فقير، حضور پاڪ جي حسن جي تعريف ڪندي، اندروني ترنم وارو هينئون شعر هندي ۾ چيو آهي:

١- "تجلي تاب، موهيا مهتاب، ڪنگور ڪباب، اگن کون آب، ديا اولا،

٢- جبين ڪي چين، ديکي غمگين، موهي مسڪين، وساري دين، دنيا عقبولا." (٢)

ساڳئي ترنم وارو شعر، سرفراز ڪلهوڙي، پنهنجي مداح ۾ هن طرح چيو آهي:

١- "پيلا چاڪ، حن غلام، سند و سوال سڀ تون،

٢- آهيان ڏڏ، غمن ڳڏ، سڀا سڏ سڀ تون." (٣)

ڏسڻ ۾ ايندو ته هيٺين پنهنجي شاعرن جي شعر ۾، مولانا امروٽيءَ جي مٿي ڏنل مولود جي سٽن جهڙو اندروني ترنم موجود آهي.

<u>سرحرفي</u>:- مولانا صاحب جي مولودن ۾ اندروني ترنم سان گڏ، سرحرفي به موجود آهي، جنهن سندس ڪلام جو حسن دوبالا ڪري ڇڏيو آهي.

مثال ١، "هن نمائيءَ جو نيا پو نج تنهين دلدار ڏي" (٤)

نمائيءَ، نيا پو ۽ نج، تنهي الفاظ جو پهريون حرف، نون آهي.

مثال ٢، "مرسل ڪيو مهر ڏون نظر، نرمل تنهين نادار ڏي (٥)

---

(١) مولانا امروٽي گلشن امروٽي - دفعو ٤ - سال ڪونهي - صفحو ٣
(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - ڪليات حمل - دفعو ٢ - سال ١٩٥٠ع ص ٣٣٩
(٣) ايضاً - مداحون ۽ مناجاتون - ڇاپو ١ - سال ١٩٥٩ع صفحو ١

مثال٣. سوسکھي، ساري سدا، پرتئون اڌاڇي پارڙي. (ص ٢) (١)

ٻئي مثال ۾، مرسل، مھرئون لفظن ۾ ''ميم'' ۽ نرمل، نظر ۽ نادار لفظن ۾ ''نون'' سرحرفي جو نشان آھن

ٽئين مثال ۾، سو، سکي، ساري، سدا الفاظ ۾ ''سين'' ۽ پرتئون ۽ پار لفظن ۾ ''پي'' سرحرفي جا سھڻا مثال آھن.

اصطلاح :- مثال ١. ھَلُ ھتئون امروٽ مان، ساڄُھ سيئي ساگا چڙھي (ص٦)

ھن ۾ ''ساگا چڙھڻ'' اصطلاح آھي (معنيٰ واسطا ترڻ)

مثال٢. سوکن ڏئي، کرمئون ٻڌو، تنھن حال جي گفتار ڏي (ص٦)

ھن ۾ ''کن ڏيڻ'' اصطلاح آھي (معنيٰ ڌيان ڏيڻ، دلچسپي وٺڻ)

مثال٣. ''سدا ئي سو زمين ٿيئي سڙي سينو سکايل جو،
گھايل گھاري، سدا ساري راتيان ڏينھان رسول الله''؟

مثال٤. لکين معنا ملامت ڪن، اُھي خادان رسول الله (ص٢) (٢)

مٿين مثالن ۾ سينو سڙڻ، گھايل گھارڻ، سارڻ، ملامت ڪرڻ، اصطلاح ڪم آيل آھن.

مٿين خوبين جي باوجود، ڪٿي ڪٿي، بحر وزن جي ٽوڙ ڦوڙ جي ڪري، شعر قدري ڪسارو بيو لڳي، سو ھر ڪ شاعر جي لاءِ فطري امر آھي. بھرحال مولانا امروٽي جي مولودن جو ڪلام، قابلِ تحسين آھي ۽ سنڌي ادب ۾ سونھن ٿو،

(١) ۽ (٢) مولانا امروٽي۔ گلشن امروٽي۔ دفعو ٢ – سال ڪونھ۔ صفحا مٿي ڄاڻايل،

بيت — گلشن امروٽيءَ مان، مولانا امروٽيءَ جا فقط پنج بيت دستياب ٿيا آهن.

امروٽ ۽ بين ڳوٺن ۾ تلاش جي دوران، مولانا امروٽيءَ جي ڪن پوڙهن مُريدن کان معلوم ٿيو ته مولانا صاحب جي ڪلام ۾ بيت پڻ چڱي چوکي انداز ۾ هئا، پر ڪنهن به نه سهيڙيا. امروٽي صاحب ڪي هميشه مريدن جي ذڪر اذڪار ۽ تربيت جي مشغوليءَ، ديني تعليم ۽ تبليغ، قومي ۽ سياسي امورات ۽ ايترو ته مصروف رکيو، جو پنهنجي چيل شعر جي حفاظت جو اونو ڪا نئس پيچي ڪونه سگهندو هو. جيڪو شعر منشي عبدالخالق شڪارپوريءَ کي ڪنهن هٿ ايندو هو، اهو قلمبند ڪندو هو، نه ته ٿيو خير، ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته امروٽي صاحب جو گهڻو شعر، جنهن ۾ مولودن ۽ ڪافين سان گڏ مداحون ۽ بيت به هئا، تن مان گهڻو حصو ضايع ٿي ويو.

بيتن جو جائزو — مولانا امروٽيءَ جا ٽي بيت، ڏهن بيتن (رکنن) جي نوعيت جا آهن، جن مان هڪ ۾ ڏهه، ٻئي ۾ نَوَ ۽ ٽئين بيت ۾ ست سٽون آهن. تن بيتن جي سيني سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو چيو،

۾ سندن سڀئي سٽون هم قافيه آهن:

مثال "محرڪ تون مصطفيٰ، تن مُرسلَ مشتاق،
عاشق تو کي احمدا، سارين تامِ سِڪن،
اندر اُڪنڊ ادهان جي، جوشن سنجهه جلن.
سِڪ اوهانجي سيدا، جي ۾ جيا ريو جن،
آيون عرب پار ڏي، تيون رويون روز تڪن
ڪڙهن ملندي ڪارڻي (١)، مُرسل مشتاقن،
توري اجونا ڪو، واهرَ وير ولهين،
حسن جهڙا هاشمي، تو ڏي دانهون ڪن" (٢)

باقي ٻه بيت، وائي يا ڪافي نما بيت آهن، جن جي پهرين سٽ، ٽئين وانگي پيئي لڳي:

مثال ١- "پاند ڳچيءَ ڳل پائي، پوندس پيش رسول جي.
ڪري پوندس قدمن ۾، سارو سير نوائي.
عرض ڪندس عان اڳتون، اهڙيءَ طرح چتائي،
جُھنڊ ڳس چين سان کيهه (٣) جُتيءَ دل لائي.
تڪين مدا يون مصطفيٰ، آيس پاند ۾ پائي" (٤)

مثال ٢- "مرحبا آذار، تريُن يا رسول الله، سونهن پريا سردار.
ڏيهن جا ڏاتار، اچ محبيب الله لڳي عربي، دوست منا دلدار" (٥)

مولانا صاحب "حسن" جا سمورا بيت، حضور سرورِ ڪائنات فخرِ موجودات جي شان ۾ سڪ ۾ جيل آهن. ڪنهن ۾ محبوب مدني صلي الله عليه وآله وسلم سان سِڪ، ڪنهن ۾ تہ ڏين بخشائڻ جي اپيل ۽ عرض، ڪنهن ۾

(١) ڪارڻي معنيٰ سبب وارو، حضور سرورِ ڪائنات ڏانهن اشارو آهي؛ ڇاڪاڻ جو ڪين دنيا پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ يا سبب تسليم ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي، جو ڪين "باعث تخليق" به چيو ويندو آهي.
(٣) کيهه = مٽيءَ جي ذرڙا، جيڪا پيرن يا جُتيءَ تي پوندي آهي.
(٢)، (٤)، (٥) مولانا امروٽي "گلشن امروٽي" - دفعو - ساليڪو - صفحا نمبر ٢، ٣، ٤ ۽ ١١

اوڪي ويل مردلاءِ پڪار ۽ ڪنهن ۾ وري حضور جن جي ولادت ۽ شان ۾ ڪلام چيل آهي. امروٽي صاحب حضور جن جو پيدا ٿيڻ ئي دنيا جي پيدا ٿيڻ جو سبب سمجهي ٿو. اُمت جو آسرو، نبي ڪريم صلعم جي ذات گرامي ئي ڄاڻي ٿو:

"جنهن ڪارڻ پيدا ٿيو، عالم ٿيو اظهار،
طٰهٰ يٰسين تنهنجي شان ۾ نازل آهن نروار،
ايترو آهي آسرو، اُمت جو آڌار،
جاءِ تنهين جا مڙهي، ڪافر ڪونه ڪفار،
حامي هن حسن کي، ڏيو دلاسو دلدار" (١)

حضور پاڪ جي شان، معراج جي بيان ۽ مسنون زيارت ۽ پرين جي پاڙي ۾ قبر ٺهڻ جو اشتياق هن طرح ظاهر ڪري ٿو:

"صورت سُبحٰن الذي، حمد چون هر هر،
مَلڪ منزلن تي، تسبيح ۾ آڳاٽو انوَر،
آڳي تو کي آئيو، پاڇار پيهر،
مرسل هَل معراج تي، تو کي پاڪ سڏيو پرور،
حاجي ڪي ته حضور جي، نيو پاڇارا پيهر،
پرين پاڙي پنهنجي، ڏيو قرب دار قبر،
مولا! مسڪين تي، عرض عاجز نظر،
زيارت پنهنجي ڪرائجو، حسن کي هر هر" (٢)

<u>ادبي خوبيون</u>:- مولانا امروٽيءَ جي بيتن جي بولي

---

(١) مولانا امروٽي: گلشن امروٽي - رفعو چوٿون سالڪين - ص ١٤

(٢) ايضاً - صفحو ١١.

نهايت سلوڻي آهي. منجهس نيٺ سنڌي لفظ شامل آهن. جهڙوڪ، ڪارڻي، ڪيهه، اَجهو وغيره.

سرحرفي سنڌس بيتن جي سوڻهن آهي مثلاً:

مثال ١- "مهر ڪر تون مصطفيٰ، تن مرسل مشتاق
عاشق تو ڪي احمدا، سارئو تام سڪن
آنڊ ر اُڪنڊا وهامي، جو تن منجهه جلن" (١)

مثال ٢- "ڏيهن جا ڏاتار، اچ محبيب الله لڳ عربي، دوست منا دلدار.
عالم جا آڌار، ترس يا رسول الله، سوڻهن ٿيو يا سردار." (٢)

... مٿين بيتن ۾ سرحرفي عيان ۽ اظهار نظر اچي ٿي. مطلب ته مولانا امروٽي ءَ جي بيتن جو ڪلام نهايت دلپذير آهي. سرحرفي ءُ بيتر منجهن ترنم ۽ ميناج پيدا ڪري وڌو آهي؛ تنهنڪري پڙهڻ ۾ پيارو پيو لڳي.

اڻ ڇپيل ڪلام
هاڻيون، غزل ۽ مناجات

اَمروٽي صاحب جو هي ڪلام، مختلف ماڻن جي قلمي بياضن مان هٿ ڪيو ويو، جنهن ۾ شعر جون ٽي صنفون: ڪافي، غزل ۽ مناجات اچي وڃن ٿيون. هر هڪ صنف جي فني سلونا ڪانيو ۽، هن اڻ ڇپيل ڪلام جو جائزو وٺڻ مناسب آهي.

ڪافي (صنف) ڪافيءَ جي صنف تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ اُن

---

(١) مولانا امروٽي - گلشن امروٽي - دفعو ٣ - سال ڪرنه ص ٣
(٢) ايضاً - صفحو ١١

لاءِ مختلف رايا آهن:

(الف) مرحوم مطا حسين شاهه موسوي، پنهنجي ڪتاب "ڪچ ڪوڙ ڏُڦون" ۾ لکي ٿو:

"عربن جي جن صاحبن تاريخ پڙهي هوندي، تن کي چڱي طرح معلوم هوندو ته عربن ۾ بلند پايه جي شاعري هئي ۽ گهڻي پاڪي عشقيه به. انهيءَ هوندي به راڳ ڳائڻ جو نالو ڪڏهن رواج ۾ نه آهي. عربي ۾ غنا جي معنيٰ آهي، رقص جي ڪافي، منجهن گهنگهرو ٻڌل هجن (قاموس) ۽ "استڪفوا" جي معنيٰ آهي، خيرات ڪرڻ يا گهرڻ لاءِ هٿ ڦهلائڻ ۽ فقير جو هٿ جي ترڙي تي پيسا پوڻ. عربستان ۾ فقير رقص ڪري وڃائي، پوءِ خيرات لاءِ هٿ ڊگهو ڪندا آهن ۽ جيئن دستور آهي. هتي ان جو اصوائر پيرو جو ڪه جي ڀڄڻ، ڪنجري، يڪتارو، پکوان ڪتي، گهنگهرن وارين چوڙن وهاڻي، خيرات گهرڻ جو سلسلو هلندو ٿو. جامع اللغات وارو صاحب ڪافي ڪافي هڪ راڳ جو قسم آهي يا پنجابي زبان ۾ هڪ شعر جو قسم. غياث اللغات وارو صاحب لکي ٿو ته ڪافي هڪ راڳڻي آهي ۽ ويدڪ موسيقي جي باب ۾ ڪافي کي ديپڪ راڳ جي شاخ ڄاڻايو آهي جا ساڍ ڪنگڻ جيڪو ۽ ٢ ڪلاڪ معني ۾ ڳائبي آهي. جيڪڏهن آرائن (سبو چوڪراءِ) ملاحظه ڪندا ته معلوم ٿيندو ته ڪي گويا ڪافي راڳڻي ڪري ڳائيندا آهن. سنڌ ۾ چوندا ته مصر جي ڪُمهري آهي تنهن ڪري ممڪن آهي ته هتي جي ماڻهن اندر ديوتا کي رجهائڻ ۽ برسات آڻڻ جي خيالات ڪافي کي زياده اهميت ڏني هجي ۽ هي جيئن جو سارنگ سان لاڳاپو رکندڙ راڳڻي آهي، تيئن هن تي مقرر نه رکو هاڻي ۽ پوءِ هفته هفته پيرين سُرن ۾ ڳائڻ جو رواج پيو هجي ...... ان طرح حڪومت جو اثر يعني غنا يا استڪفوا جو ۽ ملڪي اثر ٻنهي گڏجي پيا. ڪافي جو وڏائي هاڻي سان ڪو به واسطو ڪونه ٿو ڏسجي؟ .... ان جو وائيءَ سان به ڪو واسطو ڪونه آهي - جيالاءِ ته ڪافين ۾ تڪ ڪا شواءِ گهڻي ۾ گهڻي ٽي مصراعون ٿينديون آهن. ان شواءِ وائي جو تڪ يا مصرع هڪ سٽ آهي پر ڪافي جي هڪ هڪ مصرع ۾ ان جي برعڪس ڏيڍ سٽ، ٻه سٽون ٽي سٽون ۽ چار به ٿينديون آهن." (١)

(ب) سيد عبدالحسين شاهه ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ به سيد، مطا حسين شاهه جي راءِ سان اتفاق ڪيو آهي. لکن ٿا:

---

(١) سيد مطا حسين شاهه موسوي - ڪچ ڪوڙ ڏڦون - دعوت - سال ١٩٥٩ع ص ٧٧ کان ٧٩.

جيئن چيراج کان اڳ، ماڻهو برسات لاءِ سڪندا هئا، ان کري ممڪن آهي ته ماڻهن، ميگهه ديوتا کي منائڻ لاءِ ڪافيون ڳائڻ شروع ڪيون هجن. مثال طور ملندڙ جي ڪافي پيش ڪجي ٿي:

ساريگ ساوڻ لاڻا ڏيي، آلا ميگهه مينهن ڪيا ٻهار،
وهڙين وڻ وس جا ڪيتا، سرهاول ٿيا ساوا وڻ." (١)

(ج) ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل وري هيئن ٿو چوي:

"ڪافيون به ناموزون شعر جو هڪ بيو قسم آهي. ان کي سر (صدا) به ڪري سگهبو آهي.
ڪافي بلڪل غزل جي ڍنگ تي هوندي آهي، پر غزل موزون شعر آهي ۽ ڪافي ناموزون." (٢)

(د) سيد لطف علي شاهه منظور نقوي لکي ٿو:

"ڪافي" سنڌ جي پيداوار ڪافي. ڪافي لفظ جي تحقيق لاءِ ٽراٽ گر نٿ جمڙ ڪهڙي "ويبوده" ۽ "سار امرت" ۽ "لکشن سنگيت" جي ورق گرداني ڪئي، معلوم ٿيو ته "ڪافي" موسيقي جي هڪ ناٺ مان نڪتل راڳ جو نالو آهي. ان ناٺ جو نالو ست سور ڀيه راڳ هڪ پنڊت سارنگ ديو پنهنجي گرنٿ "رتناڪر" ۾ "صرپا ميل" جاڻايو آهي. "ستار" جي موجد امير خسرو ته بادشاهه وقت جي ايماءَ سان ان جي ست سورن مان آڳ، شاهي موسيقار نائڪ گوپال کي شڪست ڏيڻ لاءِ عجمي راڳن کي هندي راڳن سان ملائڻ لاءِ چند سُر ايجاد ڪيا. امير خسرو به "صرپا ميل" ناٺ مان هڪ سمپورن راڳ ڪيو، جنهن جو نالو رکيائين "ڪافي" ڪافي جن ڪري سڏيا ٿي، جو جن تي سڀ سُر سنوان سڏيا ٿي ڪلاسيڪل موسيقي ۾ سنتوڪ سُر آهي تي ٿيا، ان ڪري ان جو نالو "ڪافي" يعني مڪمل، پورا، بلڪل، تمام رکيائين. سنڌ ۾ گائڻ جو وقت ادارات ۽ ٽيل جو به پهر آهي. ڪافي نئون راڳ ۽ مقبول هئڻ ڪري، جلد ئي ملڪ جي اطراف ۽ اڪناف ۾ پکڙجي ويو. ڪن هندوستان ۾ البت سنڌ جي تورنگ ٿيو. گائڻ وارن سُر کي ڦيرائي بولن ۾ آڻي، مثلاً "اربي ڪافي" نالو رکيو، جو اڄ تائين رائج آهي. اسان ڪافي جنهن پنجاب ۾ پهتي، ته جن به اصلي سُر گائي وڄائي جي بولن ۽ قولن ۾ ڪافي شعر جا بيت، ٿيا هو، ته ماڻهو ان بولن کي "ڪافي" سڏڻ لڳا. سنڌ ۾ سنڌ جي سنڌي شعر ٿيو جو صرف بولن

---

(١) سيد عبدالحسين شاهه موسوي - ڊاڪٽر ابراهيم عباسي - سُر ملار - ڇپيل ١٩٥٨ع ص ١٨٧
(٢) ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل - سنڌي شاعري جو اوڃ - ڇپيل ١٩٧٨ع ص ١٣٨

ڪي ڪافي سنڌ ۾ ڪا شرط ليکي ڪهڙو به صحيح، پر جي اڻا بولڻ
جو نالو غزل رائج نه ٿيو هو؟ (۱)

(۵) مخدوم محمد زمان، طالب المولى صاحب، ساڳئي سلسلي ۾ هيئن فرمائي ٿو:

"پانهنجي ٿوري جيتري پنهنجي هڪ خاص ايجاد ڪيل راڳ تي امير خسرو "ڪافي" نالو رکيو، جيئن اردو زبان ۾ به شاعريءَ جي هڪ خاص صنف تي امير خسرو "ڪافي" نالو رکيو آهي، ڇو ته اردو زبان جو پهريون شاعر امير خسرو کي ئي سمجهيو ويو آهي. هيءُ امير خسرو جي اردو ڪلام ۾ اهڙا ٻئي نمونا ملن ٿا، جن جا ڳاڻيٽا هو ٻه ٻه آهن، جيڪي اڄ ڪن سنڌي شاعرن جي ڪافين ۾ آهن. ٿي سگهي ٿو ته امير صاحب جي انهيءَ طرز تي پنجاب ۽ سنڌ وارن شاعرن ڪافيون لکڻ شروع ڪيون هجن. يقيناً ايئين ئي هوندو. امير صاحب جو هي شعر:

"بيا برادر، آ ؤ رے ڀائي!
بنشين مادر، بيٺوري مائي!"

انهيءَ ڳاڻيٽي تي اشرف شاهه جي ڪافي، جو هيٺ لکيل ٿُلُ ڏسي، اهو ظاهر ٿيو ته اهو ڳاڻيٽو، امير خسرو جي مٿين مطلع جي تتبع تي چيل آهي:

"منهنجي مٺڙا عشق الاهي،
محبت هاڻي سڀ گهر ليسي." (۲)

"امير خسرو جي هي ڪافي جو ٿُلُ: —

"برس نارے بدرا، سياں گهر ناهين،
اگرج ترپ گئے، برس نکس گئے،
ڪهر آئي نين، ٿرڪ گئي گهرا،" (۳)

"امير خسرو جي هڪ اردو غزل جي مطلع ۾ هت پيش ڪجي ٿي، جا اسان لاءِ "ڪافي" بابت گهڻي ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿي:"

"سکي پيا کو جو مين نه ديکهون، تو کيسي ڪاٽون انڌيري رتيان
کسے پڙي هے جو سناوے، پيارے پي کو هماري بتيان" (۴)

سنڌي ڪافيءَ ۾ اعتر گنگو مريت جي زبان ۾ گهٽي وڌي آهي پر ٿين

---

(۱) ماهنامو نئين زندگي ماهه جون ۱۹۵۳ع ۽ مخدوم طالب المولى جو ڪتاب "ڪافي" صفحو ٦ ۽ ٦۲.
(۲) مخدوم محمد زمان طالب المولى - ڪافي - نمبر ۱ - سال ۱۹۹۲ع ص ٦۲ کان ٦۴.
(۳) ۽ (۴) ايضاً

مطلع ۾ امير خسرو عورت جي زبان ڪم آندي آهي. اهاهو رڳو ثابتي آهي سنڌي يا پنجابي ڪافين جي. ته امير صاحب جي ڪافين جي تتبع ۾ لکي ويئي ٿي.

. . . .

منهنجي تحقيق هيءَ آهي ته سنڌيءَ ۾ هي جيڪو "ڪافي" جو استعمال ٿيندو ٿو، سو بلڪل غلط آهي. جو ته ان لفظ مان بيت يا شعر وغيره جي معنيٰ اصل ڪانه ٿي نڪري. دراصل هي لفظ "قافيه" آهي. جنهن مان "قافي" لفظ بمعنيٰ الڪلام المقفيٰ آهي. يعني قافيي سان شامل ڪلام، بيت، شعر وغيره.

جڏهن سنڌي ادب مان عالم لڏي ويا ۽ پوءِ انگريزيدان ۽ سنڌيدان حضرات رهجي ويا، خاص ڪري ورچ ۾ سنڌي ادب وارن جي هٿ ۾ هليو ويو، ته الف "ق" جي بدران "ڪ" عنبت آڻڻ شروع ڪيو. جو هاڻي "ڪافي" بنجي ويو آهي. اهڙيءَ طرح ٻين لفظن جا اچار، شاهه جي رسالي ۾ الا هو ملندا جو ۽ ٢٢٠ جو اصل لفظ "آغا" آهي. پر ٻين جا اصل لفظ "بغير" آهي وغيره." (١)

ان ڪانپوءِ مخدوم صاحب "ڪافي" لفظ جي وصف ۽ معنيٰ جو فيصلو سنڌي عالمن ۽ اديبن تي رکيو ٿو.

(د) سيد حسام الدين شاهه راشدي "ڪافي" کي "سنڌي راڳ" لکيو ٿو. (٢)

(ر) ساڳئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ راءِ ڏئي ٿو: —

"سنڌي ۾ 'قافي' ۽ 'ڪلام' جي عام مروج ۽ مشهور اصطلاح مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته عربن جي حڪومت واري دور ۾ يا ان ڪانپوءِ سنڌ جي شاعرن پنهنجن ڪن خاص نظمن لاءِ 'قافي' ۽ 'ڪلام' جا نالا استعمال ڪيا، جي عربي شاعري جي 'قافِيَة' ۽ 'ڪلِمَة' جي ترجما ۾ هڪ ئي جي معنيٰ آهي: منظوم ڪلام، شعر يا قصيدو." (٣)

بهرحال "ڪافي" جي صنف تي سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جون مختلف قياس آرائيون ۽ رايا آهن.

---

(١) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ — ڪافي — دفعو ا — سال ١٩٦٢ع صفحو ٢٦ ڪالم ٢ >
(٢) پير حسام الدين شاهه راشدي — مهراڻ جون موجون دفعو ٢ — سال ١٩٦٢ع صفحو ٢٢٢
(٣) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ — سر رنگ — سال ١٩٦٨ع — دفعو پهريون — صفحو ١٥٥

پير حسام الدين شاه راشديءَ جي تحقيق موجب "ڪافيءَ"
جو موجد، شاهه عبداللطيف ڀٽائي (ڄم ١١٠٢ع وفات ١١٦٥ھ) نہ آهي.
شاهه صاحب کان تقريباً ڏيڍ سو، پوڻا ٻه سو ورهيه اڳ به ڪافيءَ
جو وجود سنڌ ۾ موجود هو، جاڪاڻ تہ ان وقت ۾ پاٽ جو
هڪ صوفي بزرگ، شيخ لاڏ ڏجيئو (ڄم ٩٣٠ع وفات ١٠٠٧ھ) سنڌي
ڪافيون ڳائيندو هو، جو زمانو قاضي قاضن جو آهي.
راشدي صاحب اهو به لکيو آهي تہ "ان وقت جو تذڪري نگار،
"غوثي"، اهو به ڄاڻائي ٿو تہ ڪافي سنڌ جو مقبول ترين راڳ
آهي." (١)

راشدي صاحب هن سلسلي ۾ وڌيڪ لکي ٿو:

همايون جڏهن شيرخان لوڌيءَ کان شڪست کائي، سنڌ ۾ آيو هو
اهي وقت پورو ٽيهه سال ٿيا هئا. تڏهن سنڌ جا ڪيترا درويش، صوفي،
اوليا ۽ امن پسند اديب ۽ عالم، انتشار ۽ بدامني سبب، هتان
ٻاهريان ملڪن ڏانهن هليا ويا. پاٽ جي بزرگن به گجرات، دکن ۽
برهانپور طرف رخ رکيو. چنانچه سڀ کان اول حضرت قاسم شيخ
طاهر محدث ۽ سنڌ جي خاندان جي ٻين افرادن پنهنجو وطن ڪي
خيرباد چيو، جنهن کانپوءِ انهن جي ڪيترن مريدن، معتقدن
۽ شاگردن خواهه سنگتين ۽ ساٿين انهن جي عشق ۾ غريب
الوطني ۽ پرديس اختيار ڪيو ۽ سڀئي وڃي برهانپور
۾ گڏ ٿيا.
انهن سنڌي بزرگن پنهنجي روحاني ۽ علمي قوتن جي آڌار تي، اُتي
وڃي اهڙو گهرو اثر پيدا ڪيو، جو برهانپور جي ماحول تي انهن جي علم
تاثير، سنڌي معتقد ۽ مريد ٿي پيا. انهن بزرگن جي طفيل اڄ
تائين برهانپور ۾ "سنڌي پوره" جو محلو آباد آهي،
۽ اڄ به سنڌي معتقد اُتي موجود آهن.
روحاني رهنمائيءَ سان گڏ انهن بزرگن علم ۽ ادب جي مسند کي
به آراسته پيراسته ڪيو. چنانچه حضرت قاسم سنڌيءَ ۽

---

(١) پير حسام الدين راشدي - مهراڻ جون موجون نمبر ٢ - سال ١٩٦٤ع - صفحو ٢٢٠ ۽ ٢٢٣

شيخ طاهر محدث، حضرت مسيح الاولياءِ بابا فتح محمد سوين ڪتاب عربي ۽ فارسيءَ ۾ هر شاخ تي لکيا ۽ خود سنڌي ادب جو به چرچو ڇڏي پرديس ۾ پيدا ڪيائون:

شيخ قاسم پاڻ سنڌ جا هڪ برجسته شاعر هوءَ سنڌ جي اولياءِ حضرت مسيح الاولياءِ ان جي فرزند رشيد حضرت بابا فتح محمد جي به پنهنجي وطني ادب سان بي پناهه دلچسپي هئي. شيخ محمد قاسم جو لاڏاڻو ۹۸۱ھ ۾ ٿيو. گويا قاضي قاضن جي دور جي پڇاڙي ۾ هڪ سنڌ جا شاعر جا سان جي ادبي تاريخ ۾ اضافو ٿئي ٿو.

انهن بزرگن سنڌ جا راڳ ڪي به فروغ ڏنو ۽ برهانپور ۾ هميشه راڳ مروج جون مجلسون منعقد رهنديون هيون. انهن جي مجلسن جو مور شيخ لاڏ جيئو هو ۽ انهن جي دم سان انهيءَ قسم جون مجلسون آباد رهنديون هيون.

تذڪرت الابرار جو مصنف غوثي لکي ٿو: شيخ لاڏ جيئو حسن صورت ۽ حسن سيرت سان گڏ ۽ خوش گلوئي جي نعمت عظمىٰ سان به مالا مال هو. نغمه سنجي ۽ نغمه نوازي جا سنڌ ۾ طرت ڏيکن جو شعار هو. سنڌي ڪافيون اهڙي درد ۽ سوز سان ڳائيندو هو جو نه فقط پاڻ مست ٿي ويندو هو بلڪ ٻڌندڙ به محو ۽ مسحور ٿي ويندا هئا ... ٻڌندڙن ۾ فقط سنڌي بزرگ نه هئا بلڪ انهن مجلسن ۾ برهانپور وارن جي اطراف جا مختلف ۽ مريد به شامل ٿيندا هئا ۽ انهن غير سنڌي سامعين تي به سنڌ جي دلنواز نغمن اثر انداز ٿيندو هو ۽ ڪيئن مست ڪري ڇڏيندو هو.

انهن مجلسن جو عشق انگيز ۽ وجد آور رنگ انهيءَ حد تائين مضبوط هئي جو جيڪو هڪ دفعو انهن ۾ شريڪ ٿيو سو بار بار شريڪ ٿيڻ جي خواهش رکندو هو. برهانپور جي نادر ٿي مڪرات محمد شاه هو سنڌي بزرگ شيخ مبارڪ کي برهانپور مان باهر وڃڻ لاءِ چوندو هو ٿي آيا هو. اهو بزرگ جلدئي انهيءَ عمر ۾ تائڪري استغنا ڏئي برهانپور موٽي آيو جو اُتي ڪيس اهي صحبتون نصيب نه ٿيون ۽ شيخ لاڏ جيئي جا سنڌي نغما ميسر ٿي نه سگهيا.

هتي حقيقت اسان کي هيٺين نتيجن تي پهچائي ٿي:

۱- شاهه ڪافيءَ جو موجد نه آهي، بلڪ ڪانئس تقريبًا به صديون اڳ سنڌي ادب ۾ ڪافي نه فقط موجود هئي، ليڪن مقبول هئي.

۲- شاهه ڪان به سو ورهيه اڳ عيني ڪافي گو شاعر پيدا ٿيا هوندا جن جون ڪافيون شيخ لاڏ جيئو جو نمونو ظاهر آهي ته هڪ شاعر جو ڪلام بار بار ڪري ڳائيندو رهندو.

۳- انهيءَ لحاظ سان هن دور جي ڪافي گنهائش موجود آهي ته قاضي قاضن ۽ انهيءَ دور جي ٻين شاعرن به ڪافيءَ جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪئي هوندي، ليڪن اسان جو اهو سهو آهي جو ترڪ خانن ارغونن ۽ ترخانن ۽ مغلن جي (۱)

---

(۱) پير حسام الدين شاهه راشدي - مهراڻ جو موجون سنڌ نمبر ۲ - سال ۱۹۶۲ع ص ۲۲۱ کان ۲۲۵
مهراڻ ۲۲۴

مسلسل انتشار ۾ عشاعت ۾ برباد ٿي ويا آهي ۽ شايد
گهڻا سچيل پس انداز ڪيل نور محمد ڪلهوڙي جي خزاني
سان گڏ نادرشاه ايران ڏانهن کڻي هليو ويو .
٣ - ڪافيءَ ڪافيءَ جي نالي سان شاهه ڪان به صديون اڳ
ئي مشهور رهي آهي . معلوم نہ آهي تہ شاهه صاحب انهيءَ
صنف تي ڪاني جوتا لوجهو ورتو . ان جا اسباب تحقيق طلب
آهن" .... (١)

ڪافين جون خصوصيتون. سيد عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ ڪافيءَ جي خصوصيتن کي نمايان ڪرڻ لاءِ، ڪافيءَ ۽ مولود ۾ هيئن طرح ڀيٽ ڪئي آهي:

مولود شريف	ڪافي
١- هن ۾ خاص طرح حضرت رسول ڪريم صلعم جن جي ثنا ۽ سندن زيارت جي سڪ ۽ سندن پاڪ حياتيءَ جي ڪن واقعن جهڙوڪ نبوت ملڻ، شادي ۽ معراج وغيره مضمون هوندا آهن	١- هن جو مضمون گهڻو ڪري صوفيانہ ۽ عاشقانہ وغيره هوندو آهي .
٢- هي گهڻو ڪري هڪڙي طرز تي، راڳڻين جي خيال رکڻ بغير ڳايو آهي، پر هاڻي ان ۾ جدت پيدا ڪئي وئي آهي .	٢- هيءَ جدا جدا راڳڻين ۾ ڳائي ويندي آهي.
٣- هي ٻين هنرن سان گڏ، مسجدن ۾ به چيو ويندو آهي .	٣- هيءَ سواءِ مسجدن جي ٻين سڀني هنڌن تي ڳائي ويندي آهي
٤- گهڻو ڪري ٽولين ۾ ڳايو ويندو آهي، مگر ساڳي ماڻهن ٽولين ۾ ويهي ڳائيندا آهن .	٤- هيءَ اڪيلو ماڻهو به ڳائي سگهي ٿو .
٥- هن ۾ ڳائڻ جو ساز استعمال نہ ٿيندو آهي .	٥- هيءَ ڪنهن نہ ڪنهن ساز تي ڳائبي آهي
٦- هي خوشيءَ جي موقعن سان گڏ، جنازي سان گڏ به، (گهر ڪان مقام تائين) ڳايو ويندو آهي .	٦- اڪثر خوشيءَ جي موقعن يا صوفيانہ محفلن ۾ ڳائي وينديون آهن، پر غم جي موقعي تي هرگز نہ . (٢)

مخدوم محمد زمان طالب المولى، هيئين فلسفو بيان ڪري،

---

(١) پير حسام الدين راشدي - مقالات جو مجموعو - دفعو ٢ - سال ١٩٩٤ع ص ٢٢١ کان ٢٢٢
(٢) عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم - سُورهاڻ - دفعو ١ - سال ١٩٥٨ع ص ٢٢٥ ۽ ٢٢٦

ڪافيءَ ۽ غزل جي ڀيٽ مان، ڪافيءَ جي سچائيءَ بيان ڪئي آهي:

"انسان ۾ ٻه شيون روح ۽ نفس موجود آهن. روح جو دل سان تعلق آهي. جيئن حقيقت وڻندي آهي ۽ دل کي فرحت بخشي ٿو. نفس جو دماغ ۽ جسماني لذتن سان واسطو آهي. جيئن مبالغو ۽ ڪوڙ وڻي ٿو، جنهن مان جسم ۽ دماغ کي هڪ قسم جي لذت سبب تسڪين ۽ آرام ملي ٿو.
ڪافيءَ ۾ حقيقت، واقعيت ۽ حال بيان ٿيندو آهي، ان ڪري ڪافي ڳائڻ ۽ ٻڌڻ وقت سڪوت ۽ ماٺ طاري ٿي ويندي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي اکين ۾ پاڻي به ڀرجي ايندو آهي، جو روحاني فعل آهي.

غزل ۾ اڪثر مصنوعيت، اجنبيت ۽ مبالغو هوندو آهي ان ڪري غزل ٻڌڻ وقت واهه واهه جا نعرا بلند ٿيندا آهن جو دماغ ۽ جسم کي وقتي سرور پهچي ٿو. مون کي شڪ نه آهي ته غزل ۾ به حقيقت ۽ واقعيت اچي سگهي ٿي؛ پر اهڙا شاعر بلڪل ٿورا ۽ آڱرين تي ڳڻيا هوندا آهن جن جي غزل ۾ اهي شيون هجن." (١)

نفس کي ڪثافت کان پاڪ وصاف رکڻ لاءِ مخدوم صاحب ٽن قسمن جي پاڪائيءَ جي ضرورت تي زور ڏيڻ جو بيان ڪندي، "ڪافي" جي بابت هن طرح وضاحت ڪري ٿو:

"هڪ جذبات جي پاڪائي، ٻي فڪر ۽ خيال جي پاڪائي ۽ ٽين عمل جي پاڪائي. جذبات جو لاڳاپو دل سان آهي، فڪر جو واسطو دماغ سان آهي ۽ عمل جو تعلق دل ۽ دماغ جي شموليت ۽ شرڪت سان آهي. ڪافيءَ ۾ اهي ٽيئي پاڪايون موجود هونديون آهن بشرطيڪ ڪافي جوڙيندڙ يا ڳائيندڙ صحيح معنيٰ ۾ شاعر هجي." (٢)

---

(١) مخدوم طالب المولى - ڪافي - [illegible] - سال ١٩٦٢ - صفحو ٦٨.
(٢) ايضاً - صفحو ٦٩

ڪافيءَ جو اصلي مقصد ۽ فائدو

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڪافيءَ جي اصلي مقصد بابت لکيو آهي، جنهن جو خلاصو هي آهي ته علم النفس جي ماهرن اهو ثابت ڪيو آهي ته، انسان جي دماغ ۾ ڪي پردا اهڙا آهن، جن تي آواز قائم ٿي ٿي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو ننڍي هوندي کان نيڪ ۽ بد ماحول جو اثر انساني دماغ ۾ ايترو ته قائم ٿي ويندو آهي، جو وڏي هوندي ان جو بدلائڻ ناممڪن ٿيو پوي. اهو اثر ننڍي وهيءَ ۾ تمام گهڻو تيز ۽ وڏيءَ عمر ۾ آهستگيءَ سان قائم ٿئي ٿو.

اسان جي وڏن، صوفي بزرگن، انهيءَ انساني فطرت مان فائدو ورتي، ڪافي، وائيءَ يا بيت فقيرائڻ بولن جي گائڻ وارن مجلسن جو بنياد وڌو. ذِڪر، سَماع (يا سَمَعَ) جا حلقا به ساڳئي اصول تي قائم ڪيا ويا، جن ۾ وائون پڙهيون وينديون هيون ۽ ذِڪر ذاتيءَ جو شغل جاري رهندو هو. اهوئي سبب آهي، جو وائيءَ ڪافيءَ جا پاڪ مضامين، ننڍي هوندي کان ئي ٻُڌندي، اسان جا سنڌي شاعر ۽ صوفيائي ڪرام، پاڪ دل، نيڪ نيت ۽ سهڻي فڪر ۽ ڪردار جا مالڪ بڻيا. (١)

اهو فطري قاعدو آهي ته سوسائٽيءَ جو اثر، علم ادب تي پوندو آهي. ان بعد، جنهن ڪنهن علم ادب جو بنياد

---

(١) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ - ڪافي - دفعو اول سال ١٩٦٢ع صفحو ٦٩

قائم ٿي وينو آهي، تنهن آئنده نسلن تي پڻ سنڌس نيڪيءَ يا بديءَ جو اثر پوندو آهي. انهيءَ ڪري ئي سنڌ ۾ ڪافيءَ، وائيءَ يا ڏوهيڙن جي صوفيانه ٻولن جي اثر، قوم کي فقيرانه ۽ توحيدانه خيالن ڏي راغب ڪيو. (١)

هن سلسلي ۾ مخدوم صاحب فرمائي ٿو:

> "اسان جي درويشن، فقيرن، الله وارن، اخلاقي سماع جون محفلون ترڇايون، انهن ۾ الهيءَ رنگ ڍنگ جو ڪلام ڳارائي، ننڍن کوڙين وڏن کي الله جي طرف موڙيو." (٢)

"ڪافيءَ" جي مٿي بيان ڪيل لوازمات کي مد نظر رکندي، مولانا تاج محمود امروٽي جي ڪافين جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

جائزه مولانا امروٽيءَ جي چيل ڪافين جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس ڪافين ۾ حقيقي يار جي وصل جي طلب سان گڏ، دل جو درد سمايل آهي ۽ سڄي ڪلام تي صوفيانه رنگ چڙهيل آهي.

ڪافين جي مضامين ۾، الهي عشق جون قلبي وارداتون، الهي ذڪر ۽ فڪر جي تلقين، حقيقي سڄڻ جي سونهن کي دل جي اکين سان ڏسڻ، ڏک ۽ تڪليفون، عشق جا عجب

(١) مخدوم محمد زمان طالب المولى- ڪافي- ڇاپو- سال ١٩٦٢- صفحو ٦٩
(٢) ايضاً- صفحو ٧٠

اسرار ۽ نرالين ڳالهين، انسان کي سندس اصلي وطن (عالم ارواح) ياد ڏيارڻ، محبوب کي ڳولڻ لاءِ ڏونگر ڏور رلڻ ۽ جبل جهاڳڻ، پنهنجي سيني جو سماءُ لهڻ وغيره وغيره جا خيال سمايل آهن، جي درحقيقت مولا جي طالبن ۽ ذڪر ذاتي ڪمائڻ وارن لاءِ گويا هڪ آبحيات جي مثل آهن.

امروٽي صاحب حقيقي يار جي ميلاپ ۽ وصل جي ترڪيب هوءَ تو ٻڌائي؛

ڪرين جي ذڪر ذاتي ته ٿيندو يار ميلاپو
١- وسارج ڪينڪي جاني، جيڪا دل ۾ تو لنئو لائي،
اُتي ويٺي تون ڪر سائي، اهو ڪر خيال ڳانڍاپو.
٢- فنا ڪر پاڻ کي فاني، سنجهي ٿي دل ذڪر جاني،
لاهي سڀ خيال حيراني، ته ٿيئي سيڪ جو تون سيلاپو. (١)

متين ڪافيءَ ۾ امروٽي صاحب، حقيقي محبوب جي ميلاپ لاءِ اسم ذاتي (الله) جي ذڪر ڪرڻ جي هدايت ڪري، فرمائي ٿو ته الانسان لنئو لائي، ڪيس وسارڻ جي واٽ نه ڪر. اٿڻ ويهڻ ۽ ڪم ڪار ۾ به فڪر ۽ ذڪر جي تلوار وار، خيال يار سان ڳنڍيل هجي. دنيا جا سڀئي خيال خطرا پاسي رکي، محبوب جي عشق جو سلو، سيڪ جي سيلاب ڏيڻ سان وڌائيندو رهه، ته پوءِ تون مشاهدو ماڻي سگهين. ٻئي مصرع ۾ فرمائي ٿو ته محبوب حقاني جو ديدار جو

---

(١) مولانا امروٽي - بياض ماسٽر محمود قاسمي - ڪافي نمبر ٢ -

حظ اهي حاصل ڪري سگهندا، جيڪي پنهنجي نفس کي ماري، اندر جي هوائي دور ڪندا. ان ڪانپوءِ سندن اندر وارئون اکيون کلنديون، جن سان هو سچ کي ڏسي سگهندا، ورنه هي ظاهري اکيون، ان کي هرگز ڏسي نه سگهنديون. جڏهن هوائي دور ٿيندي، تڏهن هيڪائي يا ميلاپ نصيب ٿيندو. ملا حظه ڪريو:

"سهڻ جي سونهن کي پيرو اکين دل سان ڏسڻ گهرجي
هوائي کي ڇڏي هيڪڙم، هيڪائي هيڪ ٿيڻ گهرجي." (١)

مولانا امروٽي پنهنجي هن ڪلام ۾ صوفين جي عام قولي کي به ورجايو آهي، جنهن کي فارسي ۾ "هرچه هست همه اوست" چوندا آهن. حالانڪ امروٽي صاحبُ، هڪ پڪو متشرع عالم هو، تاهم طريقت ۾ دلي ڪيفيات ۽ قلبي واردات، جنهن کي صوفيانه اصطلاح ۾ "حالُ" چوندا آهن، تنهن کان مجبور ٿو ڏسجي. هتي بيجا نه ٿيندو جيڪڏهن "حالُ" ۽ "قالُ"، يعني طريقت ۽ شريعت متعلق ڪجهه لکجي:

اسلام جو آئينُ، "شريعت" آهي، جنهن ۾ هڪ مسلمان جي پوري حياتي جا قوانين درج آهن. ان ۾ هر سهڻ ۽ نشست برخواست، زهد عبادت، شادي غمي، غرض ته حقوق الله توڙي حقوق العباد سان گڏ، رواجي حياتي جا طور طريقا پڻ اچي وڃن ٿا، جن ۾ انسان جي ظاهري (ديني توڙي دنيوي

(١) مولانا امروٽي - بياض ماستر حاجي محمود قاسمي - ڪافي نمبر ٢

حياتيءَ جو دارومدار آهي. انهن شريعت جي قوانين کي انسان جون ظاهري اکيون ڏسي ۽ پسي سگهن ٿيون، ظاهري ڪَنَ ٻُڌي سگهن ٿا ۽ انسان اُنهن قاعدن اندر، ظاهري ٻولَ ٻولي سگهي ٿو. مطلب ته ظاهري زندگيءَ ۾، هر پهلوءَ جون حدون مقرر ڪيل آهن، جن جي اندر رهي، باشريعت مسلمان سڏائي سگهي ٿو. انهن حدن کان ٻاهر نڪرڻ وارو عمل، غير شرعي ڪم، يا "بِدعت" سڏجي ٿو. اهي سيئي ڳالهيون، شريعت يا "قالَ" سان واسطو رکن ٿيون.

ٻئي طرف هڪ سچي مؤمنَ ۽ مسلمان کي "الست" سهڻي واري وعدي پوري ڪرڻ لاءِ طريقت وارو رستو به طئي ڪرڻو آهي، جنهن جي ذريعي، وعدو پاڙي ۽ پنهنجي خالق ۽ مالڪ سان سُرخرو ٿئي. ان سلسلي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي:

"الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالو بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تنهين ور ڪيوم، وچن ورهيامين سين." (١)

الله وارن انسانن جي نظر ۾ ته انسان پيدائي ان وعدي پوري ڪرڻ جي امتحان لاءِ ٿيو آهي، ورنه زندگي بي مقصد ۽ بيڪار گذاري ٿو.

سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري ڪهڙو نه سٺو چيو آهي:

"جيئون نه حاضر جن، پرين نه اڪڙين ۾،
لطا دانا سڪنا، جئين جا ڙ جيئن." (٢)

---

(١) شاهه عبداللطيف ڀٽائي – رشيد احمد لاشاري (شارح) – شاهه جو رسالو – دفعرا سال ١٩٥٢ع ص ٣٧.

(٢) شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو – شايع ڪندڙ ميان عبدالحميد – ڪريم جو ڪلام – دفعرا – سال ١٩٦٢ع ص ١٨.

مطلب آهي ته، الله جي ذڪر ۽ يادگيريءَ کانسواءِ زندگي اجائي ۽ بيڪار آهي. متي ذڪر ڪيل امتحان جي پاس ڪرڻ لاءِ، جيڪا ميهنت کپي، سا طريقت جي ذريعي ئي ٿي سگهي ٿي، ان جو علم به گجھو يا باطني آهي، جو ظاهري علومن کان ئي نرالو ۽ نيارو آهي. ان علم جي سکڻ لاءِ مرشد ۽ هادي جي ضرورت پوندي آهي، جو "صاحبِ طريقت" ۽ ڪامل بزرگ هوندو آهي. ان اندروني علم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سان، بتدريج انساني بدن ۽ دل تي، ڪي ڪيفيات طاري ٿينديون آهن ۽ ان سان گڏ، ستوس اندروني اکيون، باطني ڪن ۽ زبان پڻ کلندا آهن، جن سان هو، اهو ڪجهه ڏسي سگهندو آهي، جو ظاهري اکين وارو ڪڏهن به ڏسي، نه سگهندو، اهو ڪجهه ٻڌي سگهندو، جنهن جي ٻڌڻ لاءِ، ظاهري ڪن قاصر رهن ٿا.

جئين هڪ سالڪ چيو آهي:

"ڪن ڪي ڪڙي، ڪن ڪي بيا ڪيتڄ،
پريان سندي ڳالهڙي، تني سان نئين ٻيج." (١)

پر طريقت جو طالبُ، جيڪي به باطني اسرار ڏسي ۽ ٻڌي ٿو، انهن جي اظهار ڪرڻ جي ڪيس منع ٿيل هوندي آهي، بلڪي جنهن ته طريقت جي علم موجب متس بندش پيل آهي. جئين پيتا ٿي صاحبؒ چيو آهي:

"نماڻين ڪان نينهن، سيکج منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري." (٢)

---

(١) شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو- ڪريم جو ڪلام- شارح ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- ڇاپو سال ١٩٦٢ع- ص ١٢٠ بيت ٩١

(٢) علياڻي براهينا آڏاڻيءَ ترتيب: شاهه جو رسالو- ڇاپو پهريون- سال ١٩٥٨ع- سُر ڪوهياري- داستان پهريون- بيت ١٥- ص ٢٨٥

تنهنڪري طريقت واري ڪي، اُنهن اسرارن ۽ باطني ڳجهن واري ٻاڦ، ٻاهر ڪڍڻي نه آهي، پر شاهه صاحب، انهيءَ تنبيهه ۽ ڪوشش ڪندي، به طريقت واري "حال" جي مستيءَ ۽ مدهوشيءَ کان خالي رهي نه سگهيو آهي، جڏهن اُها ڪيفيت مٿس طاري ٿي آهي، تڏهن هڪدم چئي ڏنائين:

"١- اسين سڀڻن جن کي، سڀ پڻ اسين پاڻ
٢- ڏسڻ ڏسين جي، ته مون کي حق چئين
٣- سڀ ۾ پنهون پاڻ، ٻيو ڪو نه ٻروچ رهيو" (١)

لطيف جي طرح ٻين اندازن فقيرن ۽ ملوڪن، جهڙوڪ: سچل سرمست وغيره ساڳيءَ نعرو پئي هنيو آهي. هن مان معلوم ٿو ٿئي ته "حال" هڪ اهڙي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ هڪ نئين، عجيب، شدت ڀري، پر وقتي ڪيفيت دل تي طاري ٿئي ٿي، جنهن کان هڪ عالم ۽ مُتبحر انسان به مجبور، ۽ ظاهري شريعت جي قيد و بند کان بي نياز ٿيو پوي. اُها ڪيفيت ۽ اندر جو ڏمر فطري طاقت واري سمنڊ جي ويرن ۽ ڇولي آهي. جڏهن وحدانيت جو بحر بيڪران موجزن ٿئي ٿو، تڏهن ڌوڙي ٽڪ لڳايا، قيد و بند ٽوڙي، وڃي، حقيقت جي حد تائين پهچي ٿو. هڪ صوفيءَ فرمايو آهي:

"سائر ڏيئي ڇَٽ، اچي نيڪي ٻوڙيئي،
هيڪائين هيڪ ٿيو، وڃي سڀ جهت." (٢)

---

(١) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو مرزا قليچ بيگ - سال ١٩١٣ع ص ٨٧٧، کان ٨٢، (سر آسا)
(٢) قاضي قادن - ڪلام جو علام ميمڻ عبدالمجيد - ڏنو - سال ١٩٦٣ ص ١٢٤

پوءِ طالب جي اندر واريُون اکيون، اُن ڪيفيت ۽ "حال" ۾ جيڪي ڪجهه ڏسن پسن ٿيون، اُن کي اندر ئي اندر اُن ڏسڻ ۾ شدت سبب، ظاهري زبان مجبوراً ٻولي، ٻاهر ڪڍي ٿي ڇڏي ۽ انسان جڏهن ان مستيءَ ۽ مدهوشيءَ واريءَ حالت کان واندو ٿئي ٿو، تڏهن ساڳيو ئي "قال" جي قيد اندر رهڻ لڳي ٿو. باقي رهي ڳالهه ته ان ڪيفيت ۾ "حال" کان پري رهندڙ، بي خبر، قال جا صاحب، اُن نعري کي ورجائي ڪڏهن به نٿا سگهن. الٽو اهو عين گناهه آهي، ڇاڪاڻ ته: "اُهي ڏسن اُن کي، جي اُن ڏيهه ويا." (١)

جيڪي صاحب، ان ڏيهه کان ئي پري آهن، تن کي اُن ڪيف، مستي ۽ نوري نظارن (تجليات) جي ڪهڙي خبر؟ اُهي پاڻ گناهه سمجهن:

"گُڙ نه سُڃاڻي ڳالهڙين، جان جان گُڙ نه کاءِ" (٢)

مولانا مروتيءَ ٿي به جڏهن اُهو ڪيف ۽ مدهوشي طاري ٿي آهي، تڏهن هڪرم چئي ڏنو اٿس:

"اناالحق ٻاهر ٻاڦون، ٻولي انسان جي اولي.
ٻڌي سوڍ پڙهيا پليا، ڪيئون منصور جي ٻولي.
١- سوريءَ تي مرد ٿيو سرهو، چئي ٻولي ٻيائيءَ جي،
هڪائي موج محبت ۾، ٽِڪا تنهن ٻوليءَ سڀ ٻولي.
٢- رهڻ هوڙيءَ نه هت ٿيو هاڻي، پرت جي پرڙسان پائي،
پڙهيو ديکو نه تني ڪاڻي، ٻيائي تن ڏٺو رولي." (٣)

فرض آهي ته "حق" پاڻ ئي انسان جي اولي ۾ "اناالحق" چوي ٿو، پر پڙهيل ماڻهو، آکرن جا اڙجي، ان مام کي پروڙي نه سگهيا.

---

(١) ڊاڪٽر داؤد پوٽه صاحب - ڪلام گرهوڙي - ڇاپو سال ١٩٥٦ع - ص ٣٠ ڪافي ٦
(٢) ايضاً - ص ٣
(٣) مولانا مروتي - بياض ملڪ حاجي محمد قاسمي صاحب - ڪافي نمبر ٢

۾ منصور جهڙي ”جذب ۽ ڪيف“ کي، پَل ۾ گُناهه سمجهي، ڪيس سُوريءَ تي چاڙهيائون، منصور نه مردُ غازي هو. هُو بيانيءَ واري ٻوليءَ ۾ ته، ڪري، محبت واريءَ موج ۾، هڪائيءَ (وحدانيت) جي واٽ واري، سرهوتي، سُوريءَ تي چڙهيو ۽ انسانيءَ ٻولَ ٻيجي، ڦِٽي ڪيائين. ”محبت واري مام، سالڪ ڀا جڙو عيسيٰ ع“ (١) ٻئي مصرع ۾ فرمائي ٿو ته جن ماڻهن، وحدانيت واري فڪر ريتن سان دل لاتي، اهي دنيا کي هميشه رهڻ جو مڪان نٿا سمجهن، هُو هن حياتيءَ کي فقط امتحان جي گهڙي ٿا سمجهن، ان ڪري ”حيات جاوداني“ لاءِ، هميشه ڪوشان رهن ٿا. اهي ڳالهيون ظاهري علم پڙهيل ملوانن کي آهن، جي باطني علم (طريقت) کان بي بهره هجي، هن دنيا کي هميشه رهڻ جو مالڪ پائين ٿا. انهيءَ بيانيءَ ڪين رولي وڌو آهي.

اهڙيءَ طرح مولانا امروٽيءَ، ڪيترن ئي هنڌن تي، ساڳيا ٻول ٻوليا آهن. ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

مثال-٢ - ”ظهور ذات نرداري، اولي اظهار ڪثرت جي
سمايل تنهن سندو شڙو، فنا جوڦن سڪر ڪري.
١- انهيءَ فن جا ڏسندڙ لهه، پرت دل ۾ ڳولا پائي،
سمجهڻ جي سوڦن هر صورت، تنهين ڪئون پرتڪ ڪري.
٢- اُٿو ويهو ڏسڻ سارو، ڦري تيندو سمجهڻ وارو
مرڪي ويساهه، عَرِوارو، سيڪت دل سان پڌرو ڪري.“ (٢)

ذات باري تعاليٰ جو ظهور، ڪثرت (هن دنيا) جي اوٽ (پردي) ۾ ٿيو،

---

(١) هي بيت پير ناصرالدين شاهه مرحوم درداڻي تعلق لاڙڪاڻي جي ڪافيءَ جي آهي، هو صاحب نڌ اصل اُتي ڳالهه آهي، درداڻيءَ ڳوٺ ۾، منهن سندس ٿيو، ڳي ساليانو ميلو لڳندو آهي.
(٢) مولانا امروٽي - بيان جا مترجم محمد قاسم صاحب قاسم ڳوٺ ظلو سڪر.

يعني الله تعالىٰ پاڻ کي ڪثرت جي صورت ۾ ظاهر ڪيو. جيئن پنائي
صاحب فرمايو: ”وحدتان ڪثرت ٿي، وحدت ڪثرت ڪل؟“
اهو هڪ فن، مام يا گجهه آهي. ان معمي کي سمجهڻ کو آسان
ڪم نه آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ، پاڻ کي فنا ڪرڻ، يا پنهنجي
نفس کي مارڻ جو هنر سکڻ ضروري آهي. ان لاءِ، انهيءَ فن جا
اُستاد ڳولي، هٿ ڪري، انهن کان اهو فنا جو هنر هٿ ڪجي.
ساڳئي ئي نعريڊ ۾ بيت ۽ استعاجا مثال سندس ڪلام ۾ گهڻيئي
ملندا:

مثال: ١- ”تخت هزارا ڇوڙ، رنگپور ۾ وڃ رانجهن آيا
خلق الله آدم ملا صورتهم، ويس وجودي جوڙ، ڪجايار تماشا آيا“ (١)

مثال ٢- ”ڪري صورت جو سانگ، ماهي جهنگ سيالين آيو
ويس وجودي وجه الله، حُسن ڪُل ملهايو“ (٢)

مثال: ٣- ”ڪيڻي ويس بنائي، آيا رانجهن رنگپور ۾ آيا.“ (٣)

مولانا امروٽيءَ سنڌ جي نيم تاريخي قصن جي اوٽ ۾
پنهنجي ڪافين ذريعي، توحيد جي تند تنواري آهي:

سُر مارئي

”پنهوارن جي پرم، ميءَ وڏي عيبداري،
جا وساري وڃڻ نه ڪي، وجهي ويئي ۾ گهاري.“ (٤)
”مارئڙن جي مارئي، جا ڳيڙن جي ڇلهائي، ڏي عمر جا مُٺي ڪي ماري“

مارئي جوءِ ڦي ته اي عمر جام! مونکي مارن جي ميار ۽ طعنو
ماري ٿو. منهنجي پنهوارن جي پرم، پنهنجي متن (وطن) کي وساري،
وچ ۾ جدائي جي گهاري وجهڻ وڏو عيب آهي

(١) مولانا امروٽي — بياض حاجي محمد قاسمي - ڪافي نمبر٢
(٢) ايضاً - ڪافي نمبر٦
(٣) ايضاً - ڪافي نمبر٢
(٤) ايضاً - ڪافي نمبر١٠

غرض هي آهي ته انسان جو اصلي وطن عالم ارواح آهي ۽ ان جو خالق ۽ مالڪ، محبوب حقيقي (الله پاڪ) آهي. ان کي وساري ويهڻ، چڱڪ پنهنجي حق کان منهن موڙڻو آهي ۽ انسان لاءِ اهو هڪ وڏو عيب آهي، تنهنڪري اُن کي هميشه پنهنجي حق جي تلاش ۽ ياد ۾ رهڻ گهرجي. حقيقت ۾ امروٽي صاحب عمر ۽ مارئيءَ جا مثال آڻي، روح جو ربّ سان تعلق بيان ڪيو آهي. هيٺين ڪافيءَ ۾ سندس روح، پنهنجي اصلي وطن (عالم ارواح) لاءِ واجهائي رهيو آهي:

مثال ١. "امڙ اتهه مال، عمر اباڻن ري منهنجا هتڙي.
١- تهس اچي مان تروٽ ملندي، ڪت ڦيس مان سوڙ واندي
امل نه تني عنهن سان امڙي شال.
٢- عڪي بند ياڻي بندمان جيڪر، وياڻ اباڻن ڏي هڙان هيڪر،
چا عندس مان تنهنجا مال.
٣- قيد ڪيو تو جيو مون آڻي، ساهه سدائي تو تن ڏي تاڻي،
حسن هرڪنهن حال." (١)

مثال ٢، "عمر اباڻي تانگهه، مو ره منهنجي من ۾ تون لهندي.
١. مزيو ترهيون زيون زينت وارا، عين وطن تا ويس مون سارا،
سا مڪنيا سيئي سانگ." (٢)

ظاهري ته مارئي، عمر جي قيد ۾ بند ٿي، آزاديءَ لاءِ تڙڦي رهي آهي، پر حقيقت ۾ روح، عالم ارواح (اصلي وطن) کان اچي، هن خاڪي پڃري ۽ نفس جي قيد و بند ۾ قابو ٿيو آهي، جو هميشه پنهنجي وطن ڏانهن تاڻي ٿو. جن ماڻهن جو روح،

---

(١) مولانا امروٽي - بياض حافظ محمد تا سمي - ڪافي نمبر ١١
(٢) ايضاً - ڪافي نمبر ١٢

پنهنجي اصلي وطن وڃڻ جي فڪر ۾ نه آهي، انهن لاءِ شاهه پنهنجي ٻڌايو آهي ته "حيف تني کي آهه، جن وطن وساريو."

سر سسئي پنهون

"ڏک ڏونگر ها مان ڏور ڪندس، ڪيچ پنهل جي ٿي جاليندس"
۱- من پنهور ڪان برهه اُتاري، جيڄ پنهل جي عشق تياري.
۱- سڪ پنهل جي سيج وساري، واٽن تي وڃي ووڙ ڪرينديس." (١)

پنهل جي لاءِ سسئي، جبلن جون تڪليفون ۽ ڏک سِرتي کڻڻ لاءِ به تيار آهي، پر ڪيچ ڏي وڃي، گذارڻ لاءِ پڪو ارادو ڪيو اٿس. پنهور جي شهر ڪان، ڪيس، عشق ئي اُتاري ڪيچ طرف تياري ڪرائي آهي. پنهل جي سڪ ڪانئس سيج تي سمهڻ وساري ڇڏيو آهي. هاڻي هوءَ پنهل کي ڳولڻ لاءِ واٽون ووڙينديءَ.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو؛

"سمجهي، تون پاڻ سنڀال، آهي پاڙو چل تو ۾ اولي اولي.
۱- هيڏي هوڏي ناحق ڦولين، پاڻ پنهنجو مور نه ڳولين،
تو ۾ حسن ڪمال، هيڪر ڏس تون آکيون کولي کولي." (٢)

اي سسئي! تون پنهل کي هيڏي هوڏي اجايو ٿي ڳولين. پاڻ ۾ تون هڪواري آکيون کولي، ليئو پائي، ڏس ته ساڳيو پنهل وارو ڪمال حسن ۽ صورت توکي نظر ايندي،

هتي پڻ مولانا صاحب، "همه اوست" کي ورجايو آهي.

سُر هير رانجهو

مثال ۱- نکين بيک بنائي، آيا رانجهن رنگپور ۾ آيا

---

(١) مولانا امروٽي - بياض حاجي محمود قاسمي - ڪافي نمبر ١٢١
(٢) ايضاً - ڪافي نمبر ٣٢

هيرماڻيءَ جي لُڙَ خاطر، پنهنجو پاڻ ڇپايا.“ (١)

شاهه رانجهن، هير ماڻيءَ جي دل لُڙَ خاطر، لکين ويس مٽائي، پنهنجو پاڻ ڇپائي، اچي رنگپور (هيءَ دنيا) ۾ نڪتو.

مثال ٢ - ”ڪري صورت جو سانگ، ماهي جهنگ سيالين آيو.
١- ويس وجودي ڀڄائي، حُسن هُل مچايو.
٢- سڀ سيال وچ تون، هيرماڻي پرتئون پُور پرايو.“ (٢)

شاهه رانجهن، پنهنجي سهڻي صورت کي لڪائي، سانگ بنائي، جهنگ سيال (هن دنيا) ۾ آيو. وجودي ويس پهري، جنهن ظاهر ٿيو تنهن سندس حسن جو هُل سڀني ملڪ ۾ مچي ويو. سڀني سيالن جي وچ ۾، فقط هڪڙيءَ هير ماڻيءَ کي رانجهن جي پرت جو پُور تيلڻو پيو.

مثال ٣ - ”قلب المؤمن، جهوڪ رانجهن جي، ڏس ڏنائين ڏور،
پرتئون پري ڪر، خيال پرايا.“ (٣)

امروٽي صاحب هير (انسان) کي صلاح ڏئي ٿو ته رانجهن جي جهوڪ تنهنجي اندر ۾ ئي آهي، پر توکي هو ڏور ٿو ڏسڻ ۾ اچي. حقيقت ۾ تون پراوا خيال تڙنا ڪري، پنهنجي رانجهن جي طرف، سڌيءَ سِڪ وچان، راغب ٿي ته توکي، تنهنجي دل ۾ ئي ديدار ٿيندو (رانجهن توکي ملندو)

مولانا امروٽيءَ حقيقي عشق جي تعريف، پنهنجي ڪافين ۾ تمام گهڻي ڪئي آهي، عشق کي سار اهيندي چوي ٿو:

---

(١) مولانا امروٽي - بياض حاجي محمد قاسمي - ڪافي نمبر ٣١.
(٢) ايضاً - ڪافي نمبر ٣٢
(٣) ايضاً - ڪافي نمبر ٢٨

مثال ١- ”عشق عجب اسرار، نيڻن نراليون آهن ڳالهيون،
١- ويرهه ٻڌي جيئن دل ۾ وارهه، علم عقل جو خيال وسارهه،
نيڻن ڏيئي ٺڪراءِ، وانئون ونائي پرت نراليون،
٢- فقه فنا جو فن پڙهائي، نيڻن نفي جو نحو سکائي،
طلب ڏيئي تڪرار، برهه ڪريندو اهڙيون برجائيون.“ (١)

عشق جون ڳالهيون ئي نراليون آهن. منجهس عجب اسرار رکيل آهن. جڏهن به هو دل ۾ گهر ڪري ٿو، تڏهن علم ۽ عقل اُتان ڀڄي وڃن ٿا. پوءِ عشق انسان کي سڪ ۽ محبت واريون نراليون وانئون ونائي ٿو. هو جيڪي به پڙهائي ٿو، ان ۾ فنا جي فقه وارو فن ۽ نفي ۽ نيستي جو نحو سمايل آهي. ان بعد محبوب حقاني جي طلب تي زور ڏئي ٿو. اهڙي طرح انسان کي صحيح رستي سان لڳائي ٿو.

مثال ٢- ”عشق جهڙو اُستاد، ڪونه ڪو ٻيو جڳ ۾ جائي.
١- دره وارو سو درس ٿو کولي، سيکت سورن جي، پيو مونهن پڙهي،
اهڙو ڪريندو ارشاد، پرتئون ڪري سو اهڙي پڙهائي.
٢- کولي ڪتاب ان قرب جو، پنا ڦرمين خيال خوديءَ جا پاسي ڦاڙي،
هستي ڪري برباد، نيڻن ڏيکاري ٿو اهڙي صفائي.“ (٢)

هن جهان ۾، عشق جهڙو ٻيو اُستاد ڪي نظر ڪونه ٿو اچي. هي اهو اُستاد آهي، جو دره وارو مڪتب کولي، ان ۾ ڏکن ۽ سورن جي سيکت ڏيڻ کانسواءِ ٻي ڪا به تعليم نٿو ڏئي. هو قرب جا ڪتاب پڙهائي ٿو. اهي ڪتاب يا پنا، جن ۾ خوديءَ جو خيال سمايل هوندو آهي، انهن کي ڦاڙي ڦٽو ڪندو آهي. هو ظاهري هستيءَ کي ناس ڪري، انسان جي دل ۽ آئيني وانگر صاف ڪري ڇڏيندو آهي.

مثال ٣- ”ويره جي واٽ وارن لئه، سوين مصلحتون جاءِ

---

(١) مولانا مرزائي - بيان ماسترحاجي محمد قاسمي - ڪافي نمبر ٦
(٢) ايضًا - ڪافي نمبر ٧

تهن سچي عيشق ڪاڏي، توڙي لکها تين نعريون
حسن ونت واٽ محبت جي، امل مايا اها مُوڙي
آهي بي گاڏو سڀ ڪوڙي، مذيون ۽ مال اولاديون (١)

سچن عاشقن جو عزم بيان ڪندي، مولانا امروٽي فرمائي ٿو ته جيڪي عشق جي راهه ۾ قدم رکن ٿا، انهن کي زماني جون تڪليفون، طعنا، مهٽا، جُنبيون ۽ تعديون ڪڏهن به لوڙي نٿا سگهن. اهي پنهنجي مستي ۽ ڪيف ۾ ايترو ته مست ۽ مگهن آهن، جو ايتريون تکيا تعديون ۽ تڪليفن جي باوجود به هُوبهُي طرف نٿا نهارين. پنهنجي محويت ۾ غرق آهن.

امروٽي صاحب جي نظر ۾، اصلي خزانو ۽ مايا موڙي، حقيقي محبوب جو عشق ۽ سندس راضپو ۽ ديدار آهي، هن دنيا جا مال ۽ مڏيون، اولاد ۽ ٻيون گالهيون سڀ بي بقا ۽ ڪوڙيون آهن.

<u>منظر نگاري</u>:- مولانا امروٽي کي دنيا جي هر حسين نظاري ۾ حقيقي محبوب جو حسن ۽ جانب جي جلوي جي جوت نظر اچي ٿي. سندس نظر ۾ گلن ڦلن ۽ وڻن ٽڻن جي سونهن، اهي سڀئي سندن خلقيندڙ جي طرف اشارا آهن. ڏسو، ڪيئن بهار جي مُند ۾ جانب جو حسن سوايو ٿو نظر اچي:

”آئي موسم جيئن بهار، هر جاءِ جانب حُسنُ سوايو.
١- گل ڦل پوڻا، باغ سجهوئي، واسياون ترڪ سُونهن سهوئي،
ٻا جهنون سڪل نظر نه ڪوئي، نيڻ ڏسن نروار.
٢- سمن صنوبر سوسن سارا، نازڪ نرگس نيڻ نيارا
اڙدهن ڏين ٿا اصل اشارا، طالب وارن کي تڪرار.“ (٢)

---

(١) مولانا امروٽي ــ بيان حاجي فقير ٿاسمي - ڪافي نمبر ٣
(٢) ايضًا ڪافي نمبر ٥

متين ڪافي ۾ امروٽي صاحب، بهار جي مُند ۾ باغ جو نظارو
چٽيو آهي.

<u>صنعت مراعات النظير</u>:- متين ڪافي ۾ مولانا صاحب، موسم
بهار جو ذڪر آندو آهي، ان سان گڏ سندس لوازمات هيٺ پيش
ڪيا آهن. جهڙوڪ وڻن ٻوٽن جي ساوڪ ۽ سبزي، گلن جي
خوشبوءِ سان وڻن جو واسجڻ، طرحين طرحين گلن جهڙوڪ:
سمن، سوسن، صنوبر ۽ نرگس جي پيدا ٿيڻ جو بيان ڪيو
اٿس. اهڙي قسم جي بيان کي "صنعت مراعات النظير" چئبو آهي.

<u>صنعت تلميح</u>:-

مثال-١- تجلو طور ۾ تو ڏٺو، ٿيو تر پون ڪليم الله
پس تا پاڻ ۾ پڙتون، نمو ڙيل نينهن وجه الله (١)

ڪافي جي تڪ ۾ جبل "طور سينا" ۽ حضرت موسیٰ ڪليم الله جو
حوالو، امروٽي صاحب، تلميحاً ڏنو آهي

مثال-٢- لا الٰه جي لڳا جي لاري، اِلّا الله ڪري اثبات
"يبصر، يسمع، ينطق" سارو، خيال خودي جو ٿين ٻيارو (٢)
بهه يسمع يبصر وارِي بات

مثال-٣- نحن اقرب جو تجلو، شيشهءِ دل مان لڌوم.
ڪيميا عشق کي ٻوٽئہ دل مان لڌوم. (٣)

متين ٽنهي ئي مثالن ۾ قرآن شريف جا حوالا، "نحن اقرب"، "يسمع"
"يبصر"، "ينطق" ۽ "لا الٰه الا الله" ڏيئي، صنعت تلميح استعمال ڪئي
وئي آهي.

<u>استعارو</u>:- متي مثال نمبر ٣ ۾ "شيشهءِ دل" (دل جو شيشو) ۽ "ٻوٽئہ دل"

---

(١) مولانا امروٽي - بياض محمد قاسمي - ڪافي نمبر ٢٦
(٢) ايضاً - ڪافي نمبر ٩
(٣) ايضاً - ڪافي نمبر ٣٣

الفاظ استعاره طور ڪتب آندا آهن.

مثال ٢- "قلم قضا جي مون مٿ آندي، روز ڦاريان پنهوار ۾ پاڻي." (١)

هتي ۾ ست ۾ "قلم قضا" (قضا جو قلم) استعاره طور ڪم آيل آهي.

اصطلاح :-

مثال ١- "وسارج عيني جاءِ، جيڪا دل ۾ تو لنؤ لائي." (٢)

مثال ٢- "پرت لائي ڪرين پاسا، تڪين تو ڏين ويٺو ماسا." (٣)

مثال ٣- "ڪُريا ڪيڏن بره بازي، لاهي سانگو سري ۾ پنهنجو." (٤)

مٿين مثالن ۾ لنؤ لائڻ، پرت لائڻ، پاسا ڪرڻ، ماسا تورڻ نڪڻ، بره جي بازي ڪيڏڻ ۽ سري جو سانگو لاهڻ، اصطلاح ڪم آئي، امروٽي صاحب پنهنجي ڪلام کي سلونو بنايو آهي.

بحر وزن :- "ڪافي" اگرچه غير موزون سنڌي شعر سان وابسته آهي، تنهن هوندي به ڪيترن سنڌي شاعرن جي ڪافين ۾ بحر وزن موجود آهي، جن کي جيڪر "غزل نما ڪافي" چئجي ته به نهي. اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي موزون ڪافيون، اسانکي سچل سرمست ۽ ٻين شاعرن جي سنڌي ڪلام ۾ ملن ٿيون. مثال طور سچل سرمست جي ڪافين جو موزون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

١. تيز تير انداز چشمون، يار جون خوني خطاب

(١) ڪافي (٢) مولانا امروٽي - بياض محمود قاسمي -

نامر پروردہ نظرسان، تيئن ڪرڻ ماشق ڪباب. (١)

مثنوي سڳوري بحر رمل ۾ موزون آهي.

اهڙيون موزون ڪافيون، مولانا امروٽيءَ جي ڪلام ۾

پڻ موجود آهن، جن ۾ بحر وزن پڻ موجود آهي:

مثال ١- "سچڻ جي سونهن کي پڙو آئين دل ساڻ ڏس گهر جي،

ٻيا ٻئي ڪي چنڊي هڪدم، هڪائي هڪ تين گهر جي." (٢)

مثال ٢- "ڪرنهي نروار نينهن، من سڀئي موجود ڪي

تان پسين پنهنجي پرين، سهڻي سڀئي موجود ڪي." (٣)

غزليات | مولانا امروٽيءَ جي اڻ ڇپيل ڪلام ۾ سنڌي غزل به موجود آهن، جن ۾ ڪي عشقيه (حقيقي) ڪي صوفيانه ۽ ڪي "مولودنما غزل" آهن. سنڌي غزلن تي تبصرو ڪرڻ کان اڳ، مختصر نموني "سنڌي غزل" جي صنف تي ڪجهه لکڻ بيجا نه ٿيندو:

غزل | غزل جي توصيف ۽ بنياد متعلق ڊاڪٽر خليل لکي ٿو:

"غزل جي لغوي معنيٰ آهي، زالن سان گفتگو ڪرڻ يا زالن جو ذڪر ڪرڻ ۽ غزل ۾ شباب جي حديث بيان ڪئي ويندي آهي جو اصل مطلب آهي ته جيڪا گفتگو زالن سان نثر ۾ نه ٿي ڪري سگهجي، سا نظم ۾ ڪجي. مگر ٿورن ئي صدين ۾ غزل جي لغوي معنيٰ، يا معنوي خصوصيت وڃي نه رهي، جا ته مرد پنهنجي محبت جا جذبات، عورت کي مخاطب ڪري ظاهر ڪرڻ لڳا ۽ عورت جي بات جي اظهار ڪري مرد جي طرف مخاطب ڪرڻ لڳي. اهڙي قسم جي شعرن کي، غزل جو نالو ڏنو ويو.

غزل عرب مان عجم ۾ آيو ۽ اتان پوءِ هندوستان ۾ داخل ٿيو. هندوستان ۾ اڳ ۾ ئي ڪي شاعر ڏوهيڙا جي شڪل ۾ هڪ پيرو

---

(١) سهيل سرمست

(٢) مولانا امروٽي- ٻاجهن ماستر جي هٿ جو قلمي - صفحي نمبر ٢

(٣) ايضاً- صفحي نمبر

مرد کي مخاطب ڪري اظهار جذبات ڪندي هئي، پر فارسي شاعريءَ
جي اثر هيٺ ڪيترن ئي ٻولين ۾، غزل جي صنف اختيار ڪئي، ۽ فارسي رنگ
۾ مشغول ٿي ويا. ....

شاعريءَ جي شروعات قصيدي سان ٿي هئي. شروعات ۾ غزل، طبيعت جي
جوش سان نه، بلڪ شاعريءَ جا قسم پورا ڪرڻ جي غرض سان وجود ۾
آيو هو. قصيدي جي شروع ۾ مختلف شعر چوڻ جو دستور هو، جن تي تغزل
يا گهٽ ڪي ڪاسر عليحده ته غزل نه هيو. جڏهن قصيدي جي وڏاڻ کان هٽ
ڪيا ويا، جدا ڪيا ويو.

غزل جيتوڻيڪ قصيدي کان جدا شيءِ آهي، پر غور سان ڏسبو ته انهيءَ زماني
جي غزل جو اصل منبع قصيدو آهي. قصيدي ۾ ممدوح جي تعريف ٿيندي
هئي ۽ غزل ۾ معشوق جي. ....

اصطلاح ۾ غزل انهيءَ شعر کي چيو آهي، جنهن ۾ عشقيه مضمون هوندا آهن.
غزل ۾ حسن و عشق جو داستان، فراق و وصال جو بيان، خال و خط ۽ زلفن
جي تعريف، گل و بلبل، شمع و پرواني جي شيرين نغمن جي حڪايت، معشوق جي
بي رخي ۽ جنون ۽ ياس جي شڪايت جا بيان درج ٿيل هوندا آهن. مطلب ته
جيڪو مضمون مطلع کان وٺي، مقطع تائين هوندو آهي، سو هر هڪ
بيت ۾ جدا هوندو آهي، پر جنون آميز ۽ عشق انگيز ڳالهين سان ڀريل
هوندو آهي.

هن جو مطلب آهي ته انهيءَ قسم جي شعر جو نالو غزل انهيءَ ڪري رکيو ويو جو عرب
۾ هڪ شخص هوندو هو جنهن پنهنجي سموري حياتي شراب نوشي ۽ عشقبازي
۾ گذاري هئي، جنهن جو نالو غزل هو. ۽ هو هميشه عشق و حسن جي تعريف ڪندو
هو ۽ عاشقاڻا سخن چوندو هو، تنهن ڪري اهڙي شعر کي، جنهن ۾ حسن و عشق
تعريف جو بيان هجي، انهيءَ شخص جي نالي سان، يعني "غزل" سڏڻ لڳا.
غزل جا شعر پنهنجين ڳالهين ۽ مستقبل کان لاڏ تعلق نه هوندا آهن ... سڀني
کان پهرين ٻن شعرن کي، جنهن جي ٻئي مصراعون، قافيه رکنديون هجن
"مطلع" چيو آهي ..... هر مقطع ۾ ڪا خوبيءَ سان ڇيڙ هوندي آهي ته
ڪي "شاهه بيت" چيو آهي ...... سڀني کان آخري شعر کي، جنهن ۾
شاعر جو تخلص هوندو آهي، "مقطع" چيو آهي". (1)

ساڳئي سلسلي ۾ عبدالغفور سومرو لکي ٿو:

"غزل عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، زالن سان گفتگو ڪرڻ،
شراب ۽ شباب جون ڳالهيون ڪرڻ. عرب جي ايام جاهليت وارن قصيدن
۾، خاص ڪري امرءُالقيس ۽ زهير بن سلميٰ جي قصيدن ۾، اهڙي
عورت ۽ شراب جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. ان ڪري ڪيترن نقادن جي
راءِ آهي ته غزل جو قصيدي سان گهرو سٻنڌ آهي. هيءَ راءِ ادبي
نقطه نگاهه کان درست قياس ۾ نظر اچي ٿي. هن راءِ موجب، غزل گويا قصيدي

(1) ماهتاب محبوب، ابراهيم خليل – روحاني شاعري ڀاڱو ٣ – ڇپيو – سال ١٩٢٨، ٢ صفحو ١٦٢ کان ١٦٧

جي پيدائش آهي ۽ اُن جي شي سگهي ٿو ته اهو عرب جي فڪر ۽ خيال
جي ايجاد آهي“ (١)

”سنڌي غزل جي ارتقاءَ“ غزل جي صنف جي ابتدا جي باري ۾ عبدالغفور سومرو چاڻائي ٿو:

”غزل عربي شاعرن جي ايجاد آهي، جنهن کي فارسي شاعريءَ ڪمال تي پهچايو.
اڪثر نقادن جي راءِ آهي ته فارسي شاعريءَ جي ابتدا ۾ غزل کا مستقل
حيثيت اختيار نه ڪئي هئي، قصيدي جي شروع ۾ جا تشبيب آهي،
تنهن کي ان زماني ۾ غزل سمجهيو ويندو هو. فارسي شاعريءَ ۾
غزل جو پهريون موجد رودڪي ٿي ٿو هو، جيئن عنصري (٢) چوي
ٿو، ”غزل رودکي وار نيکو بود، غزلهائي من رودکي وار نيست“ (رودڪيءَ
جو غزل چڱو هو، منهنجا غزل رودڪيءَ جي غزلن جهڙا ناهن) .
اڪثر نقادن جي راءِ آهي ته غزل جي ابتدا تصوف جي تمهيد سان ٿي،
ان جي ثبوت لاءِ مولانا جلال الدين روميءَ جو نالو ورتو وڃي ٿو، پر
سڀني تنقيد نگارن فيصلي تي متفق آهن ته شيخ سعديءَ کي
غزل کي غزل بنايو، تنهن هوندي به آهو اولين نقش شمار ٿئي ٿو
انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته غزل کي اوج تي پهچائيندڙ امير خسرو هو
ڪو سعديءَ جي خصلتن جو پياڪ ضرور هو، پر تنهن هوندي
به منهنجي ايجاد جو صاحب هو........
امير خسرو غزل ۾ وجد ۽ ذوق جو صحيح نمونو پيش ڪيو، مگر
خواجه حافظ شيرازيءَ ان ۾ سوز ۽ مستيءَ جو رنگ پيدا ڪيو جنهن
جي ڪري سندس ديوان کي غيبي الهامي ڪتاب چيو ويو ۽ سندس ساره
بيان ۾ مضمون آفرينيءَ کي الهام سڏيو ويو .... غزل ۾
هاڻي معصيت ۽ فلسفي، پنهنجي نصيحت ۽ تصوف جا مسئلا سمائجي ويا.
انهيءَ ۾ با ڪمال شاعرن ۾ عرفي، فيضي ۽ نظيريءَ کي شاعريءَ جو مقام
حاصل آهي، انهيءَ کان پوءِ غزل ترقي ڪري، انتها تي پهچي ويو“ (٣)

شعر ۽ شاعريءَ جي ڪتابن پڙهڻ مان معلوم ٿو ٿئي ته شاعر، پرپاس
غزل ۾ صرف عشقيه (مجازي) مضمون آڻيندا هئا، پر پوءِ صوفي
بزرگن، ان ۾ حقيقي عشق ۽ تصوف جا مضمون به آندا، جنهنڪري
غزل جو دامن نهايت وسيع ٿي ويو، ان بعد منجهس اخلاق، نصيحت

---

(١) عبدالغفور سومرو - سنڌي غزل جي ارتقاءَ - سال ١٩٦٦ع - ڇاپو پهريون - ص ٢٦.
(٢) عنصري جنهن جو سلطاني دربار جو مشهور شاعر ۽ ملڪ الشعرا آهي - جو امير محمود غزنويءَ جي درباري هو. ص ٣٢ [illegible]
هو [illegible] فارسي جو شاعر هو، جنهن پنهنجو ديوان مڪمل ڪيو [illegible]
(٣) عنصري سلطان محمود غزنويءَ جي دور ۾ مشهور شاعر هو، سلطان کيس ”ملڪ الشعراءَ“ جو لقب ڏنو هو. ص ٣٢ [illegible]
(٤) عبدالغفور سومرو - سنڌي غزل جي ارتقاءَ - سال ١٩٦٦ع - ڇاپو پهريون - ص ٣٥ کان ٣٨.

سياست وغيره جي مضمونن کي به داخل ڪيو ويو.
ڪتاب "رهنمائي شاعري" جو صاحب، غزل جي ترقي بابت لکي ٿو:

"غزل جي تعريف سچ پچ ته رڳو عشق ۽ محبت جي جذبات سان ٿئي ٿي، مگر تصوف جي زماني ۾ غزل گهڻي ترقي ڪئي، ڇاڪاڻ ته تصوف جو لاڳاپو گهڻو ڪري واردات ۽ جذبات سان آهي ۽ انهيءَ تعليم جو پهريون ابجد، عشق و محبت آهي ....
ڪيترن شاعرن جيتوڻيڪ عشقيه مضمون ترڪ نه ڪيو، بلڪ بين قسمن جا خيال به غزل ۾ آڻڻ لڳا ...... جهڙوڪ اخلاق، فلسفو، تصوف، نصيحت، سياست ۽ قوميت جا مضمون. اهو غزلگوئيءَ جو معراج هو. (١)

غزل جي دائره جي وسعت جي باري ۾ علامه شبلي نعماني رقمطراز آهي:

ترجمو: "ان وقت تائين غزل ۾ عشق و محبت ۽ محبوب جي حسن و جمال جي تعريف کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. خواجه حافظ، ان دائري کي وسيع ڪيو. هي غزل گوئيءَ جو معراج هو ....
اهوئي سبب آهي جو صوفي حضرات جي شاعريءَ ۾، جو جذبو ۽ اثر آهي، ٻين جي ڪلام ۾ ان جو شائبو به نٿو ڏسجي. صوفي حضرات جو مطلوب عموماً شاهد حقيقي آهي، ان ڪري سندن عشق، هوا ۽ هوس کان پاڪ ۽ نهايت قوي ۽ مشتعل ٿيندو آهي. مجاز ۾ حسن پائدار ۽ فاني آهي، ان ڪري مجازي عشق ۾ اهو زور، اهو جذبو، اهو استقلال نٿو ٿي سگهي، جو حقيقي عشق جو جوهر آهي." (٢)

اڳتي هلي، شبلي صاحب لکي ٿو:

ترجمو: صوفيانه شاعريءَ جي هڪ وڏي خصوصيت هيءَ آهي جو هن ۾ الفاظن ۽ خيالات کان ٻاهر نڪتي آهي، جيڪي پاڪيزگي ۽ نزاهت ۽ تهذيب ۽ متانت جي خلاف هجن. مثلاً بوس و ڪنار آغوش وغيره وغيره، ڇو ته تصوف ۾ عشق حقيقي بيان ٿيندو آهي ۽ حقيقي عشق جو، الفن ڳالهين سان تعلق ڪونهي. تصوف ۾ اگرچه گهڻا خيال مجاز جي پيرايه ۾ ادا ڪيا ويندا آهن، تاهم ان حد تائين محدود هوندا آهن، جيستائين تشبيه ۽ استعاره جي ذريعي سان حقيقي عشق سان به نڀجي سگهن ته ۽ آلودگيءَ جي حد تائين نٿا وڃن.

(١) ماهوار رسالو مهراڻ - محمد ابراهيم خليل - سنڌي شاعريءَ جو ارتقا - دفعو ٤ - سال ١٩٤٨ع ص ١٧٤ کان ١٦٥

(٢) علامه شبلي نعماني - شعرالعجم حصو پنجون - دفعو ٣ - سال ١٩٤٢ع = ١٣٦١هه ص ٤١ کان ٧٧

اردو عبارت: اس وقت تک غزل میں عشق و محبت، محبوب کے حسن و جمال کی تعریف کے سوا اور کچھ نہیں تھا۔ خواجہ حافظ نے اس دائرہ کو وسیع کیا۔ یہ غزلگوئی کی معراج تھی ...... یہی وجہ ہے کہ حضرات صوفیہ کی شاعری میں جو جذبہ اور اثر ہے، اوروں کے کلام میں اس کا شائبہ تک نہیں پایا جاتا۔ حضرات صوفیہ کا مطلوب عموماً شاہد حقیقی ہے، اس لئے ان کا عشق ہوا اور ہوس سے پاک اور نہایت قوی اور مشتعل ہوتا ہے ...... کا خاصہ ہے

مثلاً تصوف ۾ وصل، فراق، انتظار وغيره الفاظ اچي سگهن ٿا، ڇو ته
انهن جو اُن واردات سان ڳاٽي ڳنڍيل ۽ مشابهت آهي، جهڙي مشاهدات
۽ تجليات ۾ پيش اچن ٿيون، ليڪن بوسي ڪنار وغيره الفاظ ڪان
انهن جو دامن پاڪ ٿيڻ گهرجي.
سچي عاشق کي محض سان رشتي جو ثابت نه ٿيندي آهي. هو سچي
سان محبت رکندو آهي، جو ته ان جو خيال اهو هوندو آهي ته سڀ
انسان محبوب جا دوست آهن ۽ دوست جو دوست، دوست ٿيندو آهي" (١)

سنڌي غزل | سنڌي غزل جي تاريخ جي معنيٰ، سنڌي ۾ "عروضي ۽ موزون شاعريءَ" جي تاريخ؛ ڇاڪاڻ ته عروضي شاعري، غزل جي صنف سان ئي شروع ٿي هئي

جهڙيءَ طرح ڪافيءَ جي صنف جي ابتدائي تاريخ ٿي جيئن جديد تحقيقات ٿيندي ٿي وڃي ته: "ڪافي" سنڌ ۽ پنهنجي ڪان به گهڻو اڳي جي پيدا وار معلوم ٿيندي ٿي وڃي (٢) تهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ "موزون شاعريءَ" جي شروعات معلوم ڪرڻ جي تحقيق به اسان کي ٻڌائي ٿي ته خليفي گل محمد (١٩ صدي) کان گهڻو اڳي، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي (١١٨٢هه) (١٧ عيسوي صدي) هالن واري، ميان چتن، نور محمد خسته، مرزا تقي، حافظ عالي وغيره ٺٽي وارن ۽ مير ثابت علي شاه سيوهاڻي (١٢٣٠هه) (١٨ صدي عيسوي) سنڌي موزون شاعري ڪئي آهي. (٣)

سنڌي غزل جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ تنهن لاءِ "سنڌي غزل جي ارتقا" جو مصنف لکي ٿو:

---

(١) علامه شبلي نعماني - شعر العجم - حصو ۵ - ڇاپو ٣ - سال ١٩٤٢ع = ١٣٦١هه ص ٨٧-٨٨.
اصل عبارت: - صوفيانه شاعري کي ايک بڑي خصوصيت يه هے که وه ان الفاظ اور خيالات سے بالکل پاک هوتي هے جو پاکيزگي اور نزاهت اور تهذيب و متانت کے خلاف هيں ....
مثلاً تصوف ميں وصل و فراق و انتظار وغيره الفاظ آسکتے هيں ليکن بانکو .... دوست هوتا هے -
(٢) پير حسام الدين شاه راشدي - هو ڏوٿي هو ڏچو - ڇاپو ٢ - سال ١٩٨٦ع - ص ٢٢٢-٢٢٣
(٣) لطف الله بدوي - تذڪره لطفي ڀاڱو ٣ - ڇاپو ١ - سال ١٩٥٢-٥٣ع - ص ١٢ کان ٢١

"سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي ابتدا ڪڏهن ٿي، تنهن لاءِ ڪا پڪي راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ٻين جي شاعرن ۾ غزل جو موجد مڃجي، ته 'خسته' جي ٽن مصرعن کي ڏسي، ائين چئجي ته هن سنڌي ۾ عروضي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي. نه پر سنڌ جي دور جي ٻين شاعرن جي ڪلام کي ڏسڻ به ضروري آهي، جو بلڪل البت مشڪل آهي. نور محمد خسته جو ويجهڙو همعصر 'اويس' شعار پوري آهي، جنهن جي ڪلام ۾ اسان کي سنڌي غزل جي صورت نظر اچي ٿي، ڇاڪاڻ جو هو سنڌي ڪلام تورو متوسط ٿي سگهيو آهي. هن ڪلام کان پوءِ انهيءَ ڏسڪندو ته سنڌ جي شاعرن جا فارسي ۾ ديوان موجود آهن، ٿي سگهي ٿو ته هنن سنڌي زبان ۾ به غزل لکيا هجن. پر جيئن ته ان وقت ۾ فارسي زبان کي وڌيڪ اهميت هئي. تنهن ڪري اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هنن پنهنجي ڪلام کي محفوظ ڪرڻ جي تڪليف گوارا نه ڪئي هجي يا وري ان وقت جو سامان ڪري ضايع ٿي ويو هجي. سچل سرمست، جنهن جو فارسي زبان ۾ "ديوان آشڪارا" موجود آهي، سو ان وقت جو ٽيون شخص آهي. سچل جي سنڌي ڪلام ۾ سانگي ڪيترائي غزل ملن ٿا، جن ۾ اگرچ اڃا پختگي نه آهي ۽ نه وري انهن ۾ سنڌي جي پابندي ڪئي وئي آهي، پر ته به انهن ۾ غزل جو رنگ نمايان آهي. مثال طور:

آ آرا ساڪ سڀ ڪرتون ظلمات کي
ٻيچ ڏرشي تاڪل پوئي، دور ڪر درجات کي
....

غزلن جا جيڪي لوازمات ٿي سگهن ٿا، سي سڀ سچل جي شعر ۾ پوريءَ طرح موجود آهن. اهڙيءَ قسم جي ڪلام کي غزل شمار ڪري سگهون ٿا. سچل جي ڪلام ۾ اهڙا مثال گهڻا آهن. هي ڪافي به ملاحظه ڪريو:

تيز تير انداز چشون يار جون خوني خطاب.
ناز پرورده نظر سان، ٿيو ڪون عاشق ڪباب.
......

سچل جي ڪلام ۾ اهڙن مثالن کي ڏسي، آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي ابتدا صحيح طرح سچل سرمست کان ٿي ٿي." (١)

ساڳئي سلسلي ۾ خانبهادر محمد صديق ميمڻ، پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد رقمطراز آهي:

"(٣) غزل — علم عروض جي اصولن موجب سنڌي رسالي جلد پهرين ۾ جيڪي اردو ۽ پنجابي ٻوليءَ

---

(١) عبدالغفور چوهڙ ڀيماڻي - سنڌي غزل جي ارتقا - دفعو ١ - سال ١٩٦٦ع - ص ٢١ کان ٢٣.

بہ غزل آھن، تن کي "ريختو" نالو ڏنو ويو آھي ۽ سنڌي ٻولي ۾ جا جيڪي غزل آھن، تن کي "ڪافي" جو نالو ڏنو ويو آھي ۽ ڪافين سان ملائي ڇڏيو ويو آھي ....
جيڪي غزل ڪافين جي نالي سان شمار ٿيا آھن، سي بحر ھزج مثمن سالم، بحر رجز مثمن سالم، بحر رمل مثمن مقصور ۽ محذوف، بحر مضارع مثمن اخرب، بحر منسرح مثمن، بحر مجتث ۽ بحر متقارب ۾ لکيل آھن ....
سڀ غزل، جي ڪافيءَ جي صورت ۾ ڏنل آھن. فقط ھڪ ئي غزل (مثلث) نه ڪي ڪافيءَ جي صورت ۾ لکيل آھي." (١)

مٿين اديبن جي راين مطابق، اھين چئي سگھجي ٿو ته سنڌي غزل جي ابتدا (موجوده سنڌي ادبي مواد ۽ تحقيق موجب) سچل سرمست (جنم ١٧٣٩ع) ڪئي. سچل سرمست ايڪيتاليھن ورھين جو ھو، جو ميرن، ڪلھوڙن کان سنڌ (١٧٨١ع) فتح ڪئي. سچل سائين جھڙي عالم ۽ عظيم شاعر ڪلھوڙن واري ايڪيتاليھن سالن جي عرصي ۾ ڪافي شعر چيو ھوندو. ان ڪري چئي سگھبو ته غزل (سنڌي) جي ابتدا ڪلھوڙن جي دور ۾ ٿي ۽ گويا سنڌي غزل جو اھو پھريون دور ھو.

ميرن جي دور ۾، سنڌي غزل کي پاڻ ھٿي ملي، ڇاڪاڻ ته ميرصاحب پاڻ به فارسي زبان جا شاعر ھئا. مير ڪرم علي خان جو ته ديوان به موجود آھي. مير نصير خان، پاڻ به سنڌي غزل چيا آھن مثال طور ھيٺ ڏجن ٿا:

مثال - ١- "اعتماد ھو جن عزيزن دوستن تي دائما،
ويا ڇڏي ڳوندر ڳلي، تن کي مٿھا ني يادڪر.
٢- آھي بيوطني ۽ دربدري ۾ پئي قيد ۽ بلا،
زندگي آھي زھر ڪايا خدا، امداد ڪر.
٣- ڳھٽ نه ڪيو آھي ستم، مون تي نصارن، چرخ پير
توکي ٻيو جيڪي وڻي، تون ٻي ستم بيداد ڪر." (٢)

(١) محمد صديق ميمڻ - سنڌ جي ادبي تاريخ ڀاڱو ١ - دفعو ١ - سال ١٩٣٧ع صفحو ٣٢٧ کان ٣٢٨.
(٢) ڊاڪٽر حسام الدين راشدي - ميران جي دور جون يادگار شخصيتون ۽ علمي - سال ١٩٦٣ع - جاپيپر - ص ٢٠١٣

مثال ٢ - "نه ڏٺي دل ماڻ خيال رخ جانان هرگز،
خانهٔ عيش نه ٿي خانهٔ ويران هرگز .
١. حسن وارن ۾ آهين تون نه شه خوبان لاريب
تو مثل هوندو ونه ڪو، حسن جو سلطان هرگز.
٢. عشق ۾ حسن، بيرکي مرد ۽ جو قيمتي ٿي سندم
مفت ۾ به ٿي نه وٺان ملڪ سليمان هرگز." (١)

سچل سرمست جي غزلن ۾ تصوف آهي، ان ڪري ائين چئي سگهبو ته سنڌي غزل جي ابتدا، تصوف سان ٿي، جيئن اردو فارسيءَ ۾ به ان جي شروعات تصوف سان ٿي آهي. بقول علامه شبلي، "فارسي شاعري، ان وقت تائين بيجان هئي ۽ جيستائين ان ۾ تصوف جو عنصر شامل نه ٿيو هو." (٢)

ادبي لحاظ کان، سنڌي غزل جا دور مقرر ڪيا ويا آهن: پهرين دور ۾ سچل سرمست کانپوءِ، مشهور غزل گو شاعر خليفو گل محمد هالائي آهي، جنهن باقاعدي غزلن جو ديوان ناهيو. ٻئي دور ۾ قاسم، فاضل ۽ حامد، مشهور غزلگو شاعر هئا. ٽين دور ۾ مير عبدالحسين سانگي، غزل جو عمرو شاعر هو، جنهن وٽ اڪثر غزل گو شاعر، اچي سنڌي غزلن جو مشاعرو ڪندا هئا. انهن شاعرن ۾، مرزا قليچ بيگ، غلام محمد شاهه 'گدا'، حاجي امام بخش 'خادم'، منعم، صغير، مرتضائي وغيره مشهور آهن.

چوٿين دور ۾، "جميعت الشعراء سنڌ"، وجود ۾ آئي ۽ ١٩٢٠ ع

(١) پير حسام الدين راشدي "مهراڻ جون موجون" ۾ مقالو (اصنع) سال ١٩٦٢ع - ڇاپو ٻيو ص ٩٣ ۽ ٩٤
(٢) علامه شبلي نعماني - شعر العجم - جلد پنجون - صفحو ١٢ - ڇاپو ٣ - سال ١٩٤٢ع

مرزا مليح بيگ جي صدارت هيٺ، لاڙڪاڻي ۾، هڪ عظيم مشاعرو ٿيو هو. هن دور جا مشهور شاعر، علي محمد قادري غلام سرور قادري، حڪيم فتح محمد، حاجي محمود خادم، محمد بخش واصف، نواز علي 'نياز' وغيره هئا. (١)

غزل جو جائزو مولانا تاج محمود شاهه امروٽي، 'محسن' جي تخلص سان، غزل جي پوئين ٿنهي دورن سان واسطو رکي ٿو، پر هو هڪ عارف بالله شخص هو، تنهنڪري شاعري جي شهرت کان هميشه پاسو ڪندو هو. اهوئي سبب آهي جو سندس شعر گمنامي جي گوشي ۾ لڪل هو. سندس غزلن تي سمورو تصوف جو رنگ چڙهيل آهي.

جيتوڻيڪ سندس غزلن ۾ عشق، محبت ۽ محبوب جي ديدار جو مضمون آهي، ته اهو عشقِ رسول ۽ الله پاڪ جي ديدار جي طلب آهي. جيتوڻيڪ ڪانيم تاريخي قصن جي اپٽار آهي، سا به حقيقت ۾ الله جي طلب، شريعت ۽ طريقت جي تلقين آهي.

مولانا امروٽي حقيقي محبوب جي ديدار لاءِ تڙپي ٿو:

"ڏکين جي درد جو دارون، سوا ديدار جي ناهي.
ڦٽين جي ڦٽ سندي مرهم، سواءِ ديدار جي ناهي.
ا- پيا پرين پچن سيئي، اندر جهيءَ ۾ لڳو جن کي.
پورت جو پيچ پيار سان، سواءِ بيمار جي ناهي." (٢)

---

(١) عبدالغفور ميمڻ، ايم-اي - سنڌي غزل جي ارتقا - ڏهوا سال ١٩٦٦ع - ص ٤٧ کان ٨٤.

(٢) مولانا امروٽي - بياض جيڪا حاجي محمود قاسمي - غزل نمبر ١

امروٽي صاحب چوي ٿو ته جن، محبوب حقاني جي پرت جو پيالو پيتو ۽ وحدانيت واري مشروب مان ڪجهه چکيو آهي، اهي الله جي محبت ۾ ايترو ته محو ۽ مدهوش آهن، جو ڪا نُن ڪائڻ بيٺڻ به وسري ويو آهي ۽ اُهي وحدانيت جي نشي ۽ خمار ۾ هميشه مست رهن ٿا، اهن کي سدائين پنهنجي اندر ۾ سڄڻ جي سار آهي: تنهنڪري هو سواءِ حقيقي يار جي، ٻئي طرف ڪڏهن به نٿا تڪين. ملاحظو فرمايو:

"ڪائڻ بيٺڻ وين وسري، ٿيا مدهوش محبت ۾،
پيالو پرت جن پيتو، سوا خمار جي ناهي،
سواتن سار سڄڻ جي، اٿن جا جيءَ اندر جائي
تڪين تا نڪين سي ڪاڏهن، سواتهن يار جي ناهي." (١)

اُهي عاشق، پنهنجي محبوب جي رهاڻ ڪانسواءِ هڪڙي گهڙي به واندا نٿا گهارين ۽ غيرسان گذارڻ هرگز پسند نٿا ڪن، اُهي سدائين وحدانيت واري جوش ۽ جلال ۾ رهن ٿا ۽ ان مشغوليءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪم ئي نٿا ڪن.

امروٽي صاحب جي خيال موجب، اهڙن وحدت جي واريءَ ۾ غرق ٿيل "رندن" کي، نه بهشت جي پرواهه آهي، ۽ نه دوزخ جو خوف اٿن، اهي دنيا جي ڏوهن گناهن کان بي نياز رهن ٿا ۽ اهن کي حقيقي يار جي ديدار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه گهرجي، ملاحظو ڪريو:

"گهڙي سي غيرسان هڪڙي، ڪڏهن گهارين نٿا گهڙ،
سدائين جوش جيجالين ۽ سواتهن ڪار جي ناهي.

---

(١) مولانا امروٽي. بياض ماستر حاجي محمود قاسمي. غزل ١٠١

تيا ورائدا ڏوهڻ جڳ ڪوڻ ، نه ڪي سڪو هون دوزخ جو
ناهين تن آس جنت جي ، سوا ديدار جي ناهي." (١)

مولانا مروئيءَ جي مٿئين خيال ۽ منزل جي مترادف خواجه فريد جو ڏوهڙو

"وبهشت ميڏي ڪيهي ليکي ، جتي تون هين نظر نه آوين
او دوزخ مشئون آنان بستان دي برابر ، جتي تون مين مکڙا ڏکلاوين
آکي فريدا ، مشئون رکوا تاهين ، جتي تون هين آوين جاوين" (غلام فريد)

خواجه محمد زمان لُنواريءَ واري بزرگ به انسان ملندڙ جُلندڙ خيال، هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

"عارف ۽ عُشاق، پسڻ گهرن پرين ۽ جو
جنت جا مشتاق، اجاورا هان تيا." (٢)

مولانا مروئي فرمائي ٿو ته امڙا عارف ۽ اهل الله شخص، جن محبوب حقيقي جو مشاهدو ماڻيو آهي، سي "دست بڪار، دل بيار" جي مصداق، هن ظاهري دنيا ۾ به پيا هلن؛ پر اندر ۾ الله جي محبت جا مچ مچايون ڦاوتن. انهن کي باطني اکين وارن ڪانسواءِ ڪو به سڃاڻي نٿو سگهي. اهي سچا عاشق، دنيا جي هر مظهر ۾، پنهنجي سهڻي محبوب جو حُسن پيا ڏسن. سندن نظر ۾ ڪائنات جي ذري ذري ۾ سندن محبوب جو جلوو ۽ اظهار عيان آهي:

"ظاهر سنسار ۾ پورا، اندر ۾ جوش محبت جا
پڇاڻي ڪير سو تن کي، سوا اعتبار جي ناهي.

(١) مولانا مروئي - قلمي بياض ماستر محمود ٿاسمي - غزل ١
(٢) خواجه محمد زمان لنواريءَ وارا - مؤلف مير محمد نظاماڻي - ابيات سنڌي - بيت نمبر ٦ - سال ١٩٦٢ع - ليکڪ

حُسن ھي حُسن سمجھُ جوءِ پسن نظرونجھُون مرحبا
"آھي جلو جنھين پٽڙيءِ سواءِ اظھار جي نا ھي" (١)

<u>ناصحانہ شعر</u>:- مولانا امروٽي انسان کي تنبيھہ ۽ ھدايت ڪندي، فرمائي ٿو تہ اي بوڙا ۽ غافل انسان! تون ڪلام الاھي (قرآن مجيد) جي ھن آيت: "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْد" جي طرف، نہ ڪو ڌيان ڏنو ۽ نہ ان کي چڱيءَ طرح سمجھي ٿو سگھين. جيڪڏھن تون ان کي چڱيءَ طرح سمجھي، ان تي عمل ڪرين ھا، تہ پنھنجي خالق ۽ مالڪ کي ڏور سمجھي، ڪيس ڳولڻ ۽ ووڙڻ کان بس ڪري، نہ وھين ھا. ھو تہ تو کي ساھہ جي رڳن کان بہ ويجھو آھي. افسوس، جو اُن طرف تنھنجو ڌيان ئي ڪونھي، رڳو دُنيا جي ڪُوڙي ساز وسامان جي فاني ۽ خراب فڪرن ۽ خيالن ۾ راتيان ڏينھان لڳو پيو آھين ۽ خالق ڏي خيال ڪو نہ ٿو ڪرين. تو کي اھڙي غفلت ڪرڻ نہ گھرجي:

"نحن اقرب ٻُڌءِ نہ بوڙا، آھ سو حَبْلُ الوريد
قُرب ان جو ڏور سمجھي، فھم نہ ڪئي ۽ فرقان کي
رات ڏينھان تو ھين، منجھہ فڪر دنيا جي خراب
ھاءِ ھاءِ ھر ھر ڪرين گڏ، ڪوڙي اِن سامان کي." (٢)

مولانا امروٽي "عمل" جو قائل ھو. ڪيترو بہ پڙھيل عالم ڇو نہ

---

(١) مولانا امروٽي - بياض محمود قاسمي، نظام الدين دايو
(٢) ايضًا -

هجبي، پر ڪين عمل نه آهي ته اهڙي عالم کي نيدي تو،
بي عمل عالم کي تنبيهه تو ڪري ته جڏهن علم پڙهي،
مٿس عمل ڪري، ان مان فائدو نٿو وٺي سگهين ته پوءِ
قرآن پاڪ کي بغل ۾ ڪٽي، پينو فقيرن وانگي وعظ ڪرڻ
لاءِ دردر تي ڇو ٿو پنڪين؟ ائين ڪرڻ سان توکي الله
پاڪ جو ڪو شرم به ڪونه ٿو ٿئي! ان ڳالهه جو اظهار مولانا
امروٽي هن طرح تو ڪري:

”ميٺن نه توکي جڏهن علم مان نهرو ملير،
عيئن ڪٽين تو بغل ۾ اهڙي مني قرآن کي،
پيو نه توکي ڪو شرم، صاحب سڀي سبحان جو،
دردر ڦرين ٿو تي گداگر سمجهه عزت دين کي.“

مولانا صاحب، رزق جو ڏيندڙ ۽ ان جو ضامن، الله پاڪ کي
سمجهي تو، دردر تي پنڪندڙ، عالم کي هدايت ڪري ٿو،
سمجهائي ٿو ته جيڪڏهن تون رب رحمان کي، پنهنجي رزق
جو ضامن ۽ رازق سمجهين ها ته ائين هين درن تي نه پنڪين
ها. تون جيڪڏهن ڌيان ۽ هوش سان هن آيت: وَهُوَ مَعَكُمْ
أَيْنَ مَا كُنتُمْ (هو اوهان سان آهي جتي اوهين هجو) کي ڏسي، ان تي مڪمل يقين ڪرين
ته ڏي توسان هردم گڏ آهي. رڳو تون پاڻ کي پاسي
ڪري، پنهنجي نفس کي مار، جن پنهنجي نفسي خواهش
کي ماري، خوديءَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، تن الله

جي قرب ۽ محبت وارو مرتبو ماڻيو آهي :

”عيرپاليندڙ تيرو جو رزق جو آهي ضمان،
رب کي تو رب نه سمجهيو، رزق نه تو ڄاڻان کي.
وهو معکم موجود آهي توسان سؤ هرهد ڏيڻي،
هيئن سان جيکر ڏسين هن آيت سندي تون شان کي،
اينما آهي اشارو ، عشق وارن کي آسان،
پاڻ کن پاسي ڦٽو، ماڻين شي تنهن ڄاڻان کي.“ (١)

مولانا امروٽي فرمائي ٿو ته محبوب جي برهه ۾ جيڪو بيمار

ٿي پيو آهي، تنهن جي دوا، دلبر جي ديدار ۽ وصل کانسواءِ

ٻي ڪا نهي. اهڙو بيمار پنهنجي بيماري جي گلي ڪي ڪٿي پڙهندو!

اهڙيءَ طرح بلبل ويچاري جيڪا گل جي عشق ۾ بيوس ٿي چڪي

آهي، سا گل ۽ باغ کي ڪيئن ڇڏي ويندي؟

عشق پنهنجي محبوب (حقيقي) جي حسن جي تعريف ڪندي، فرمائي ٿو ته

بيبي زليخا رڳو يوسف جي حسن کي ڏٺو، مٿس عاشق

ٿي پئي هئي، پر جيڪڏهن هوءَ منهنجي محبوب جي سونهن

ڏسي ها ته جيڪر، ڪنعان جي چنڊ (حضرت يوسف) کي هڪدم

ڇڏي، منهنجي محبوب جي حسن تي حيران ٿي پوي ها، ڇاڪاڻ

ته حضرت يوسف جو حسن ته منهنجي محبوب جي جلوي اڳيان

ذرو به هيچ آهي. ملاحظه ڪريو :

”برهه جو بيمار ڪيئن ٿيءِ جانان کي ڇڏي.
بلبل و بيوس برهه ۾، ڪيئن گلشان کي ڇڏي.
جي ڏسي ها بيبي زليخا، حسن منهنجي محبوب جو،
هوند حيران ٿي پوي ها، ماهِ ڪنعان کي ڇڏي.“ (٢)

---

(١) مولانا امروٽي - بياض ماستر نظام الدين دائو - غزل ٣٢
(٢) ايضاً —

مولانا امروٽي، حقيقي عشق ۾، مشاهدي مان جو بيان ڪندي
دل جي قدر ۽ قيمت ٻڌائي ٿو ته مون پنهنجي دل جي شيشي ۾
"نحن اقرب" (اسان ان جي ويجها آهيون) جو تجلو ڏٺو. اها عشق جي هڪ
ڪيميا آهي، جيڪا، جن کي حاصل ٿئي ٿي، سي سچا سون
ٿي ٿا پون (يعني حقيقي يار سان صدقي وين ٿا) اها ڪيميا مون کي دل
جي ٻوٽي مان حاصل ٿي آهي.

اڳتي هلي، قلبي واردات ۽ دلي ڪيفيات جو بيان ڪندي، فرمائي
ٿو ته "جنهن ان ڪيميا جي مون کي خبر پيئي، ته هن منهنجي
حيرت جي حد نه رهي، ڇاڪاڻ ته ڏٺم ته اهو محبوب ۽ مون
عشق جي قتيل يا ڪوهن جي گهايل جي اندر ۾ ئي لڪل هو.
وري جو پاڻ پروڙي ڏٺم ته مون ۾ سڀئي وصفون، پنهنجي
سهڻي محبوب واريون پيدا ٿي پيون."

مٿين بيان ۾، امروٽي صاحب طريقت جي راهه ۾ جيڪي
وجداني ڪيفيتون (تجليات وغيره) دل تي طاري ٿينديون
آهن، انهن جو راز کوليو آهي. ملاحظه فرمايو:

"نحن اقرب جو تجلو، شيشه دل مان لڌم
ڪيميا ئي عشق کي، ٻوٽه دل مان لڌم،
سهڻي سندي پون صفتون سڀئي پرتئون پروڙيم پاڻ ۾،
ويڙهي اندر ۾ ڏٺو سيتي، ان ڪوهر گهايل کان لڌم" (١)

وري عجب ڪا ڳالهه ٿيندي، جو ڪي ٿو ته ختن ملڪ جي هرڻ (آهو ختن) (٢)

---

(١) مولانا امروٽي - بياض ماسٽر نظام الدين دايو - غزل ٣٢
(٢) ختن هڪ ملڪ آهي، جتي مشڪ جو هرڻ ٿيندو آهي، جنهن جي دني ۾ مشڪ ٿيندي آهي. ٻڌ هرڻ کڏ ڏئي ويهندو آهي. ڪيس اها خبر ڪانهي ته هو مشڪ جهڙي نايا ب ۽ اعلى شي ماڻس آهي. ان مشڪ کي "مشڪ ختن" چوندا آهن. اهو سڀ کان قيمتي ۽ ترانه مشڪ آهي.

وانگر مونکي پتوئي نہ ھوتہ کو قيمتي مشڪ (ڪستوري) مون ۾ آھي، پر اھا گرانمايہ مشڪ جي خوشبوءِ مون رڳو پنھنجي دل جي صفائيءَ ۽ ڪامل يقين رستي، پنھنجي وجود مان وڌي لڌي آھي. يعني الله جو ديدار نصيب ٿيو اٿم:

"ھرڻ ختني ۾ جان نہ پيو ڪو پاڻ ۾ مونکي پرو
مشڪ "معڪمر،" جو سندرو، ھي مرڙو ڪامل کان لڌم" (١)

مرشد جي تعريف:

مولانا امروٽيءَ ڪي ظاھري علم مان ڪو بہ معنوي نفعو ڪونہ پيو، توڙي جو قدوري ۽ ڪافيہ جھڙا ڪتاب ۽ بيا شرعي مسئلا پڙھي، تحصيل ڪئي ھئائين ۽ مولوي ٿيو ھو، تنھن ھوندي بہ کيس حقيقي عشق جو ذري جيترو بہ ذوق پيدا ڪونہ ٿيو ھو. پاڻ فرمائي ٿو تہ جڏھن پنھنجي مرشد ھاديءَ جو قرب حاصل ٿيو، تڏھن سندس ارشاد ۽ ھدايت سان مونکي ھي طريقت وارو حال حاصل ٿي چڪو آھي. چوي ٿو:

"توڙي قدوري ڪافيہ، مسلا پڙھي ٿيس مولوي،
ھڪ ذرو نا ذوق جو، تحصيل حاصل ڪان لڌوم،
ٿيو جڏھن ارشاد مون تي، مرشد منھي ھاديءَ ڪنان
حال حاصل ٿيو حسن کي قرب ڪامل کان لڌوم،" (٢)

قومي شعر:- مولانا امروٽي ھڪ صوفي شاعر سان گڏ، قومي شاعر بہ ھو. آزاديءَ ۽ ھجرت تحريڪ جي سلسلي ۾، قومي

شعر چوندي، انهن مهاجرن کي دعا ڪئي اٿس، جيڪي انگريزن جي خلاف، احتجاج طور پنهنجو ملڪ ڇڏي، افغانستان تي ويا.

هينئين شعر ۾ الله پاڪ جي دروازي تي دست بدعا آهي ته اي بلجبار اڏني! تون هنن نوجوانن جي دل ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪر ته هو نمارن سان آزاديءَ جي جنگ جوٽي فتح حاصل ڪن:

جلالي ڏي جوانن کي، سچا الله باجبار،
مهاجر جي اچن تو ڏي، ڇڏي ملڪ سڀ سارا.
تياري سبيل الله، وسيلو تن توڪل تي،
الاهي لاءِ چوڏاري، سندن ويرين شومارا. (١)

امروٽي صاحب الله پاڪ کان مدد تو گهري ته مجاهدن جي دل ۾ ايتري قوت ڏي، جو هو الله اڪبر جا نعرا هڻندا، وڃي ڪفارن تي ڪڙڪن ۽ اُن سان گڏ پنهنجي باجهه ڪري، ڪين ملائڪن جي غيبي مدد پڻ عطا فرماءِ ته جيئن ڪافرن جا ڪنڌ ڪپي ڇڏين ۽ سندن (ڪافرن جون) دليون ضعيف ٿي وڃن ۽ مٿن دهشت طاري ٿي وڃي:

"هلن غازي هڻي غوغاءُ، اُو جو الله اڪبر جو،
ڪفارن ۾ پوءِ دهشت، ٻڌي آواز تن نعرا،
ڇنيان تن جا ٿين هيٺا، ٿين تن سنڌ سڀ سا ٺاءِ
ملائڪ لاءِ تون مهرن، ڪٽن تن ڪنڌ ڪاپارا." (٢)

---

(١) مولانا امروٽي - بياض ماستر نظام الدين دايو - غزل نمبر ٣٥.
(٢) ايضاً

مولانا صاحب کي نصارن جي ڪُوڙن دلاسن ۽ وعدن جي ڪري، ڪانئن نفرت آهي. انگريزن سنڌ نگهي ۽ دولاب سان ورتي هئي. انهن کان آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ڪين ملڪ مان تڙي ڪڍڻ بابت هن طرح دُعا ڪئي:

”وني رنگروٽ ۽ پيسا، ڪيائون واعدا ڪوڙا،
سيگهو ڏي سوڀ جون سرسيون، ڪلمي تن لاءِ سهارا،
ڦُري ويري بغاوت سان، ڪسي ويا ملڪ اسلامي،
ترارين تيز ڪارين ڏي، هٿن مُلحيدي نعرا.

لوڙي ڪيڙون نصارن کي، ڪسي وٺ تون تڙ ڪان،
سنڌ تي محمد بن قاسم جي، لوڙي ڪيڙون پوا پورا
ڏي حي دامن در ڦٽيني، حسن جي آم زاري سان،
مرد جي محل ڦي هاڻي، ڪيوسائين سي سوڀا را.“ (١)

مولانا امروٽي سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جو بہ باني هو. ترڪي جي احرارن کي پڻ فتح جي دعا ڪئي:

ڏي ڏي تون فتح ڪامل، مصطفيٰ احرار کي،
مرحبا ڏين کي مدد ڏي، مرحبا سنون ڪاري،
تُرڪ تاز لڪر توانا، آل عثمان جي سوا،
ناس ڪر سارا نصارا، راڄ روسين زار کي. (٢)

ملڪي ماڻهن کي اهڙا بہ هئا، جي پنهنجي ملڪ سان غداري ڪري، انگريزن سان خوشامد ڪندا هئا. سندن ضمير فروشي ۽ ڪي ڏسي، ڏک وچان، الله کي فرياد ڪريئو:

”ڏي ڏر تي تنهنجي ڪمزي، عرضان فرياد ماڻهاڻي
لڄ پاٿنهنجي ڪسي ساري، وڃي ويڙهي طمع راڻي (٣)

(١) مولانا امروٽي - بياض ماستر نظام الدين دايو - غزل ٣٥
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً

اڳيون ڪلڙ ڏيهي ڪريسين، ڏنسون ايمان اُت سارو،
جوي جيڪو ميٺون سوئي، اڳيون نڪر نڪا آئي
ويو سڀ آمين ايمان، جنهن ويو خوف آ تنهنجو،
وڙهي ويو ٽوينمارن جو، پيو مينهن وسدا تا ٽي" (١)

غزلن جون ادبي خوبيون:-

صنعت تلميح:- مولانا امروٽيءَ جي غزلن ۾ "تلميح" گهڻي قدر استعمال ٿيل آهي. جنهن ڪٿي، قرآن پاڪ جي آيتن، يا ڪن واقعن جا حوالا ڏنا ٿيا، جنهنجي شعر ۾ ادبي خوبي پيدا ڪئي اٿس،

مثال:١ - "وَهُوَ مَعَكُمْ" موجود آهي توسان منهن دم ڏٺي"

٢ - "هِرڻ ختني" جان نه پيو سو پاڙ ۾ مونکي پرو"

٣ - "جي ڏسي ها بيبي زليخا، حسن مون محبوب جو"
"هوند ميران ڦي پوي ها، ماهِ ڪنعان کي جتي"،

مٿين مثالن ۾ "وهو معڪم" قرآن پاڪ مان تلميح طور ورتو ويو آهي، "هرڻ ختني" ۽ سندس "مُشڪ" جو حوالو ڏنو ويو آهي، ۽ ٽئين مثال ۾ "بيبي زليخا" ۽ "ماهِ ڪنعان" (حضرت يوسف) جا حوالا، يوسف زليخا جي واقعي مان تلميحا ورتا ويا آهن،

استعارو: مثال ڪيميائي عشق کي، بوتنهه دل مان لڌوم
هن مثال ۾ "ڪيميائي عشق" (عشق جي ڪيميا) ۽ "بوتنهه دل" (دل جي بوٽي) الفاظ استعاري طور ڪتب آندا ويا آهن،

اصطلاح:- مثال ١ - هيئن نه توکي ڪو جڏهن، علم مان ٻهر ويليو
٢ - ڏيڏر ڦرين تو ٿي گوا گرو شعبه، ڪڙون زبان کي

---

(١) مولانا امروٽي - تياهن ماستر نظام الدين دايو - غزل ٣٦

متين مثالن ۾ "بحرِ ملرف" ۽ "دردرِ قرن" اصطلاح ڪم آيل آهن.

مولانا صاحب، ڪٿي ڪٿي وزن ۽ قافيه جي پوراِئي لاءِ زائد لفظ استعمال ڪيا آهن، جنهن ڪري هو سندس ڪلام جو تحسن قائم آهي.

امروٽي صاحب جي غزلن ۾، غزل جي صنف جي فني سنئاء ۽ سندس ٻيا سور لوازمات، جهڙوڪ: مصرعن جو انداز، دلي ڪيفيات ۽ قلبي واردات، سوز ۽ درد، صوفيانه خيالات ۽ عشقيه مضمون، اخلاقي ۽ ناصحانه نڪتا وغيره، سڀئي موجود آهن. ان ڪري سندس غزليات پُرڪشش، پُرسوز ۽ جاذب آهن. ڪلام ۾ رواني ۽ سلاست موجود آهي. سندس ڪلام نهايت سلوڻو ۽ سباجهو آهي، جنهن سرحرفي جي رونق پڻ موجود آهي، جنهنڪري هر پڙهندڙ جي دل کي وڻي ٿو.

مخمس مناجات

"مناجات" جي معنيٰ آهي، اهو نظم، جنهن ۾ خدا پاڪ کان دعا گهرجي. (١)

مثال: "الاهي مهربان منهنجي، اسان تي ڪا ڀلائي ڪر
گناهن ۾ آهيون گمراهه، تون ڪا رهنمائي ڪر
ڏکڻ سُورن سندا ڏوراهه ڏنا تون عمر سڀ ساري
سُکن کي ڏا سکون ساري، خوشي ۽ دلڪشائي ڪر." (٢)

---

(١) باعث: شيخ محمد ابراهيم خليل - سڌاري شاعري ڀاڱو ٣ - ڇاپو سال ١٩٤٨ع، ص ٢٧٣

(٢) ايضاً

مولانا امروٽيءَ جي هيءَ مناجات، شعر جي فني لحاظ
کان "مخمس" جي صورت ۾ آهي.
"مخمس" جي هر بند ۾ پنج، پنج مصرعون ٿينديون
آهن. پهرئين بند جون پنجئي سٽون هم قافيه ٿينديون
آهن. ان بعد، ٻين بندن ۾، هر هڪ جي ڇوٿين پنجين
سٽ، پهرئين بند جي سٽن سان هم قافيه هوندي آهي. (١)

مثال: "بحرِ عزت جو گهر مردانگي،
چرخ نيڪيءَ جو قمر مردانگي،
شجرِ غيرت جو ثمر مردانگي،
شانِ شوڪت جو ڪڪر مردانگي،
پر شبِ غم جو سحر مردانگي."

"١- آهه هي بس شيوهٔ اهلِ وفا،
هن ڪان ئي قائم ٿي، توحيدِ خدا،
پڻ ٻڌوين پاڪيزه رسم انبيا،
تنهن عيان ڪئو هين نه هارا هُدى
هُئي نه دنيا ۾ اگر مردانگي" (٢)

مولانا امروٽيءَ جو هيٺ ڏنل مخمس، بارگاهه ايزديءَ
۾، پنهنجي گناهن جي مغفرت گهُرڻ سان گڏ،
عجز، انڪساري، گريي ۽ زاريءَ جو هڪ عمدو
اظهار آهي. الاهي ذڪر ۽ فڪر، حقيقي محبوب جو

---

(١) ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل - رهنمائي شاعري ڀاڱو ٣ - ڇاپو ١ - سال ١٩٨٢ع - صفحو ٣٥٣
(٢) ايضاً

اشتياق ۽ روحاني لطائف ۽ سينه ڪُشائيءَ لاءِ اپيل ۽
دُعا آهي.

امروٽي صاحب، هن مخمس جون پهريون ٽي سٽون
سنڌيءَ ۾ جيئن آهن ۽ پويون ٻه سٽون عربيءَ ۾،
حضرت ابوبڪر صديق رضه جي عربي مناجات واريون
”تضمين“ ڪري، پنهنجي مخمس جو حُسن دوبالا
ڪيو اٿس. سنڌي پهرين ٽن سٽُن جو مفهوم ۽
پوين ٻن عربيءَ جي سٽن سان ٺهڪي ٿو اچي
ته، جنهن مان امروٽي صاحب جي سنڌي زبان ۽
شاعريءَ تي دسترس ۽ عبور جي ساک ملي ٿي.
مخمس جي مضمون جو جائزو هيٺ ڏجي ٿو:
پنهنجي سارسنڀال لاءِ امروٽي صاحب الله پاڪ کي اپيل
ڪري ٿو، جنهن مان سندس انڪساري ۽ عاجزي
عيان آهي:

اي ڌڻي در تي تو هانجي، آهه پيو اُپرو عليل
جو کٽو ناقص نماڻو، آهه سوزارو ذليل
لهه تنهين جي سار لطفون، تون سندس سائين ڪفيل
فُزْ بِلُطفِكَ يا الٰهي مَن لَهُ زادٌ قليل
مفلسًا بالصدق ياتي عند بابك يا جليل (١)

پنهنجي ڏوهن ۽ مدائين کي ميٽڻ جي صدا هن طرح ڪري ٿو،

---

(١) مولانا امروٽي - بيان ماستر محمود قاسمي - ص ١٦

ذوهه منهنجا هين وڏا، ناقص نڌر آهي ڪريم
ڪرم پنهنجي، جي ڪيو ڪا نظر اي راحم رحيم
سڀ مرادون ميت سڀنجون، ڏوهه ٿي آهن عظيم
ذنبه ذنبٌ عظيمٌ، فاغفرِ الذنبَ العظيم
الهٰ شخصٌ غريبٌ، مذنبٌ عبدٌ ذليل

جي هتان منهنجون خطائون، ڏوهه تيز اسان سهو
تو ڪري تنهنجي پنهه، ڪريمون ڪيو تنهن تي عفو
باجهه سان پنهنجي ڪيو، دفتر مدا ابن جا محو
منهُ عصيانٌ وَ نسيانٌ وَ سهوٌ بعد سهو
منك احسانٌ وَ فضلٌ بعد اعطاء الجزيل. (١)

آخر ۾ درگاهه ايزدي ۾ مان پنهنجي روحاني قوت ۽ سيني روحاني لطائف جاري ٿيڻ لاءِ دعاگهر ٿيو ته اهي سندس حياتيءَ

جي ونڊ ۽ وروهه بڻجن:

بخش بحر ذوق جو، ٿئي اندر ۾ قوت روح
سڀ لطائف ذڪر سان جاري ٿين سانجهي صبوح
امروڪرم قادر ڪيو، اها حسن تي مڪوڙه
آئين موسيٰ ابن عيسيٰ، ابن يحيٰ ابن نوح
انت ياصديق عاصي تب الى المولى الجليل (٢)

فني لحاظ کان، مولانا امروٽي جو هي مخمس، سنڌي ادب ۾ هڪ اعليٰ حيثيت رکي ٿو. سندس شعر ۾ رواني شُستگي، سلاست، فصاحت ۽ قافيه بندي جهڙيون خصوصيتون موجود آهن. صنعت تضمين نه ويتر مٿس چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

---

(١) ۽ (٢) مولانا امروٽي - بياض ماستر حاجي محمد قاسمي - ص ١٦

مولانا مروئيءَ جي ڪلام جو انتخاب.

ڪافيون

(١)

يار پنهل جي يارئ سان، پوڙ ويڳر ڏور ڏٽ چاميڙي.

١- پنڌ پهاڙ جا ٿي برت ڪرائي، سور سختيون ٿي سڀ سهائي،
تيو جالڻ ورهه جي واري سان، ڪيچ پنهل ڏي ڪاهيڙي.

٢- باهه ڀنڀور ڪي برهه ڏيا رهه، عيش آرام جا عشق وساريم،
گڏل تنهين جي ڳاري سان، ٿي سڪ پنهل جي ساميڙي.

٣- آس اميد اهامون آهي، ڪين چڙهيڙو ڪو ميارل ڪاهي،
پاڻ اچي پنهنجي يارئ سان، نينهن ننگ نباهيڙي.

٤- وس اسانجي ڪرڻ هي ولڪا، ڪر ڪو ميارل پوي مَن ڪاڪا،
حسن هردم ڪر زاري سان، مَن ڪو ميارل اچي ڪاهيڙي

(٢)

ڪرين جي تون ذڪر ذاتي، ته تينڊءِ يار ميلا پو.

١- فنا ڪر پاڻ کي فاني، اندر منجهه ذڪر دل جاني،
لاهي سڀ خيال حيراني، لاٿي سڪ جون سيلا پو.

٢- وسار ج ڪين ڪي جائي، جيڪا دل ۾ تو لنو لائي،
اُتئي ويني تون ڪر سائي، اهو ڪر خيال ڳانڍا پو

٣- پرت لائي، ڪرين پاسا، تڪين تو رين وينو ماسا،
جاتا تو خيال هي خاصا، چوڙ ج دل تان تون دولا پو

٤- حسن رکي هوش هر دم ۾، وسارج ڪين دم ۾،
مايا موڙهي سڀئي ان ۾، چوڙج سڀ ميل ميلا پون.

(٣)

عشق ڄمڙو استاد، ڪونه ڏنو سي جڳ ۾ جائي.

١- درد وارو سود ۾ تو ڪولي، سورن ري ٻيو مورنه بولي،
اهڙو ڪري تو ارشاد، پرتئون ڪري سو اهڙي پڙهائي.

٢- پنهي جڳن ڪان ڪري سو وانرو، الهي دل تان سور سيانرو،
يار سان ڪري ٿو دلشاد، ٻي ڪا رهي نا اصلئون ڪائي.

٣- ڪل ڪتابان قرب جون پاڙهي، خيال خودي جا پنا سپ ڦاڙهي،
هو ڪري برباد، سينهن ڏيکاري اهڙي صفائي.

٤- مڪتب محبت ۾ ره حسن سدائي، سارو ادب جي ڪرڻ ڪمائي،
ته محبت ڪري سپ مات، غير جا خطرا خلل ۾ بيائي.

(٤)

عشق عجب اسرار، سينهن نراليون آهن گالهيون،

١- عشق عقائد آهي نرالي، پاڻئون پار ڪان ڪري سو خالي،
بره ڪري بيزار، سرتين واريون ساريون چاليون.

٢- وره جذبي وجهي دل ۾ وارو، علم عقل جو خيال سو سارو،
سينهن وسائي نروار، وائون وٺائي پرت نراليون

٣- فقه فنا جو فن پڙهائي، سينهن نفي جي نحو سکائي،
طلب ڏيئي تڪرار، بره ڪري اهڙيون برحاليون

۴- چئي نه حسن تون وِرو جي وائي، ڪَا اندر ۾ سانڃي سدائي،
ڪرڻ پَڙهِيو تون پرين ء پچار، دَمُ ورو سان ڪڍ تون سنڀاليون.

(۵)

سمجهڻ مشڪل هوءِ صفات، مَن صورت واريءَ سيرَ جي ۔

۱- لا اِلٰه جي لڳا جي لاري، خيال خوديءَ جا سڀ وساري،
اِلّا الله ڪري اثبات.

۲- ماڻهن مون جان محبت وارا، پيا چيا چاڻ عام وچارا،
ملا قاضي عالي ذات،

۳- يَسْمَعُ يُبْصِرُ يَنْطِقُ سارو، خيال خوديءَ جو تن وسارو،
بي سمع بصر واري بات ۔

۴- هون ته حَسن کي حُسن اوڻائي، دل ۾ وڌو ٿم دام مڇين جي،
مون سُونهن سڀ جهات.

(۶)

اهڙا اتم حال، عمر اباڻن ريءَ منهنجا هنڙي ۔

۱- تيس اچي مان ترونٽ ماندي، هُتِ هيس مان سورن واندي،
اصل نه ٿيءُ عضن شاهڙي شال ۔

۲- پرت پنهوارڻ پوريون ٿاء، رُڻن اکيون مون نيڻ ٿمن ٿاء،
جوڙن گذاريا هم سال ۔

۳- ڪڪي بنديائي بند مان جيڪو، وجهان اباڻن هنڙون ميڪو،
چاڪ نوس تنهنجا مال ۔

۴- قيد ڪيو تو جنهن مون آئي، ساڻو سدائي تن تري تائي،
حسن هرڪنهن حال.

(٧)

عُمرا ٻاٻي تا ڳنگهه، مون ۾ منجهي من تئون لهندي ،

١- اُکنڊي اباڻي رهڻ تي رُڙ ناري، ڪانڌ خوشيون سڀ جنهن وساري

ڍولِ وهاڻا ٿا پيا نيان نانگ ،

٢- ريو ري ري پيون زينت وارا، ڪين وڻن تا ويس موچارا ،

ساه ڪنيا سپ سانگ ،

٣- دم دم دل ۾ پور پنهوارن، ايون اوڙاهين گوڙها ڳاڙن،

وڃي اُڏايان ڪانگ ،

٤- روز اڱڻ اُن جي آهيان، ٻاندي تي هٿ وڪوڙ سايان،

گهڙي گهڙي تم تانگهه .

٥- ملڪ مليرجي هيرُ سُهائي، هن تن حسن ڪي ساه سمائي،

برهه پڙهايم بانگ .

(٨)

ماروئڙن جي مياري، جهانگيئڙن جي جهنڪاري، تي جام عمر ڪي ماري،

١- صحبت سنگهارن جي مون مُنهن وساري، مناڳم معري ٻيا يارا ٿا ياري.

٢- پنهوارن جي پرهه، هوءَ وڏي عيبداري، جا وساري وطن کي وڃي ونءِ ڳاري

٣- پيٽ ڀريندس ڪينڪي، لوئي ولهون ڪاري، ابا ڻن جي راج مڙن وسيئڙ واري

٤- پرت پنهوارن جي، وڏي ڳجل ڳچي ڳاري، وتي پرندي شل ڪانه ڪا مون هيڏي ڪا لاهاري

٥- ڪند ڪٽيندس ڪيهڙو، شل ڪرن ستاري، حسن اڳون الهن جي تي اچي شرمساري.

(٩)

بي وس ٻار مُنهن سرهائيسي، لڙُهوت پنهل سان لائيسي .

١- جنهن ڏينهن اسانکي نينهن لڳا، ڇُڙُ هوش اسانکئون سڀ ڀڳا،

رهي عشق سندي هڪ آهه لڳا، رڳ رڳ ڪرت برهه نه ڪمائيسي،

٢- ناوڪ نينهن سندي جنهن لڳندي، سُڌ سور نه جي تنهنکي پوندي،

ڪَلَ ٻئي ڪنهن کي ڪهڙي پوندي، ساهه تي ٻار سهائيسي،

٣- جوش برهه جا جيءَ ۾ پيڙا، خيال خوديءَ جا وسري ويڙا،

ٻار پرين جي پنڌ مون ٿيڙا، جوڙ خودي ڇُم حيائيسي،

٤- ٻاهه پيئو مرڪي برهه ڏياري، عشق حسن ڪئي آڪيچ تياري،

آتڪ سهيليون سڀ وساري، ٻار پنهل پنڌ پائيسي،

(١٠)

سمجهه تون ٻار ڪسنيال، ٻار وڃڻ تو ۾ اولي اولي،

١- جا جي جيءَ پروڙ جائي، هيڪر جيڏ تون شڪ ٻيائي،

لا هي غير وبال، جنهن رڏو توکي رولي رولي،

٢- هيڏي هوڏي ناحق ٿولين، ٻاڻ پنهنجو مُور نه ڳولين،

تو ۾ حُسن ڪمال، هيڪر ڏيڪ تون اکيون کولي،

٣- وفي انفسڪم جو اشارو، هي سِرُ سمجهه تون نور نيارو،

متس آهه هاديءَ جو حال، تڏهن وينو تو ٻولي ٻولي،

٤- عشق حسن کي جن رنگ آندو، ناهي ويو ڪان ڪريم وانڊو،

لاتس جيءَ جنجال، پيو جيڏ سهڻي تان گهولي گهولي،

(١١)

ڏک ڏونگر جامان ڏوريندس، ڪيچ پنهل نيئي جاليندس ۔

١- هن پنهورن برهه اُٺاري، ڪيچ پنهل ڪئي عشق تياري

سک پنهل جي سيج وساري، واٽن تي نئي ووڙيندس ۔

٢- وهڻ ورهه ڪيو وڻ آهي، ساهه سدائي ڪيچ ڏي ڪاهي،

لوڪ لڳا پا دلتئون لاهي، ڪڙ ڪيچين جي ڪاهيندس ۔

٣- نينهن نه ڪو سار وڃائي، تنهن ڏينهن لڪون پند پڇائي

نيٺ پنهل ڏي سيڪ پڄائي، سختيون ساهه مٿي ته سهائيندس،

٤- عشق آتڻ سان منهنجو هيا هي، ووڙيندس بار وڇوڙو آهي،

تنگ ڏنڊ ٻجو نينهن انباهي، تنگ نه حسن نماسيندس ۔

(١٢)

آئي موسم چيٽ بهار، هر جا جانب حُسن سوايو.

١. گل ڦل بوٽا باغ سهائي، واسياون ٽڙ سوسن سيوئي،

پا ڇپون سمنڊ آ فطرت ڪوئي، نيڻ ڏسن نروار،

٢. سمن صنوبر سوسن سارا، نازڪ نرگس نيڻ نيارا

اوڙينهن ڏين ٿا اصل اشارا، طلب وارن کي تڪرار.

٣. برهه وارن لئه مُنڌ بهاري، آئي رُت سا ترت پياري

شاهد دلبر جي سبزي ساري، گُل سارا گلزار،

٤. ڪثرت علمي آهه نمونو، رنگ رنگي جي ڪيو گل گونو،

چمن چوڏاري ڏيئي ٻيڻو گونو، حسن حيرت وچ لک هزار،

(١٣)

عشق وارن جا اهوا نصاف، پاڻئون تين تا پاسي پاسي.

١- نيڻن سگوري يا رسهڻ جي، ڪَين مڙيون معاف،
واتن حُسن جي واسي واسي،

٢- برهه گنوا ئين هستي ساري، رهين نه رتي لاف،
هڻڻ واري ماسي ماسي.

٣- موج حسن ۾ مائين موجُون، ڏوبي تين تا صاف
پرت پرين جي پاسي پاسي.

٤- حُسن سوائي برهه پلاري، ڪَين ڪشا لا ڪاف
رهن سهڻ جي پاسي پاسي.

(١٤)

سُڻ سهڻا سهڻا زاريُون، ننگ پريا نماڻي جُون
پا جهه پريا پاڻهي جون

١- برهه اوڇانجي بيوس ڪيَري، سُرت هڻڻ جي ساري نيرَي
پرت ڪيُون امرَيون ڪاريون.

٢- ماڻ تُنهنجين مُحب آموهي، جي مُحبتون دلڙي موهي
نازنيڻ جي هيڪاريُون.

٣- هيڻ نه جُڳائي ريت رُسڻ جي، ويڙهي ولهي ٿي ڪرڪاڇڻ جي،
ورڻ وصل جون واريُون

۴- گھوٽ حسن جنھان سوالون، ڪيھ ڪري جي مور نه پوريون،

مال مڏيون توڙي ساريُون .

(۱۵)

مرد سڏائين منصور، پر مَن ۾ سور نه توکي

۱- حال حلاج جي مور نه پائين، ساڻ زبان جي ظاهر ڳائين

پرت پرين جو پُور .

۲- ساڻُ نفيءَ جي نفس نه ماريُءِ، هستي هوڙ مور نه ڳاريُءِ

ڇڏ ڏئي جو دستور،

۳- رهين رانجهن جي جنهن دل پاتي، ترقي تنهنجي جاتي،

سوز تنهين کي آهي سُور،

۴- حُسن حسن کي ڪيڙو شاغل، غير سمجهڻ کان تيڙ غافل

مست رهي مخمور،

(۱۶)

جي تون پروڙين پاڻ، هئي سوڙ سمجهين سِرُّ الاهي

۱- عرش فرش ۾ حُسن نمائيس، پيو ڪو اهڙو هنڌ نه پائيس

وَهُوَ مَعَڪُم آهي ساڻس، دل اندر ۾ وتاڻ .

۲- بارُ امانت روز ازل کئون، سِر تي چاتم، اڄ نڪلو کئون

جان جگر جي جوش ۾ جلڪون، جارڻ اجوئي جاڻُ .

۳- پرين تو کئون پاسي ناهي، هنڌ هوڙ جو تو ڪاهين

ناحق سختيون سِر تي سهائين، آهي تنهنجو تو ۾ سالُ .

٤. هادي مرشد مهر منجهائون مجهي اندر مهونکي جاريئون،
پيد حسن اهو پرت جي پاريئون، اهڙي ڏنائين سرت سُڄاڻ.

(١٧)

سرتيون سونهائون مان شال، اڱڻ عجيبن قول قريبن سي ماڻهائي.

١. سکندي سکندي، سال گذاريم، رُڃندي رُنڌي حال وڃايم،
نينهن ڇتيا بيا خيال، جيڏيون مي تان ويم اُڪائي.

٢. گوران گهوريندس سر ته سڄڻ تون، جان جُٺو مون يار ته اڱڻ تون،
هي مڏيون سڀ سال، مان قبولين هي ٺمائي.

٣. باجهئون يار وچان ڪو نه ٻُجهي تو، جهڙس جڳ مڙ ڪو نه سُڃي تو،
جو ڪري پلاڙيون پال، ڪرمئون پنهنجي هن ته اپائي.

٤. جهمندي لا ڪونه، هن ته حسن کي، پرت الهي جي لڳي آتن کي،
نينهن نيا ئي ڪن نهال، مان ملن سي سوهڻ سمائي.

(١٨)

تخت هزارا چوڙ، رانجهن رنگپور آيا.

١. قلب المومن، جهوڪ رانجهن جي، ڏس ڏنائين تان ڏور،
پرٺون پري ڪر خيال پرا يا.

٢. خلق الآدم علیٰ صورته، اهو ويس وجودي جوڙ،
هرجا يار تماشا لايا.

٣. هيڏي جوڙي تاڱهه نه ڪاڙي، وڄي، ورهه شاورڙ،
تنهنجو تو مي پاڻ سمايا.

۳- توهه توهانجي سُهاڳُ سڃاڻي، نه ته گولي ڏاڍن ڪيرو لهائي،
وڃي نه منا ڪنهن ٻولي.

۴- حسن مدائن ٻاڙهي ٻاري، ڏسي تن کي، ڏسي تي نهاري،
تو ٻنا ٿئي نه سولي.

(۲۱)

ڪري صورت جو سانگُ، ماهي جهنگ سيالين آيو،

۱- ويس وجودي وجه الله، حسن هُل مچايو.

۲- سڀ سيالن وچ مڱوڻ هير نماڻي، پرتئون پُور پرايو.

۳- ماهيءَ ٻاجهون مور نه ڏسبو، هن صورت ۾ آيو.

۴- حسن هردم خيال اهوئي، ماهيءَ مُکُ وڪايو

(۲۲)

لکين ٻيڪ بنائي، آيا رانجهن رنگيور آيا.

۱- هير نماڻيءَ جي لُٽ خاطر، پنهنجو پاڻ ڇپايا.

۲- ڏسڻ سان ئي صورت سهڻي، سوين سُور پرايا.

۳- ونڊ تيهر ور وڏايو، کهڙي ويس سمايا.

۴- حُسن اهڙيءَ جو انت نه ڪوئي، حسن هوش گنوايا.

(۲۳)

مارو ئڙامون ماهير، سدا ويڻي سارايان

۱- دم دم پُور پوري سانگين جا، نيڻين وهايم نير

۲- قلم قضا جي هٿ مون آندي، تو ڙئون هيم تقدير.
۳- چاڪ ڏنيس مان مال خزانا، لوئي ابا ڻي تم ليڙ.
۴- رهجي اچي شل راڄ مارن سان، سڪ آندر جي سير.
۵- پرت پنهوارن جي هن حسن کي، جان اندر اڪير.

(۲۴)

ڪر ڻ نه گهر مون ماڻا يار، مُحب مٺا مسڪين سان.

۱- محبت تنهنجي من کي موهيو، جان جُتو مون وڪاڻا يار.
۲- پرين پرايم سُنو رهڙ ارين، سي مون ساهه سيباڻا يار.
۳- ڏجن ڏکوين کي سوين دلدارين، پاڻ ٿون پرين سياڻا يار.
۴- وري وسايو ورهه پنهنجي سان، هن حسن جا پاڻا يار.

(۲۵)

سدّ نڌ رجا سُڻي، رمبج کوهيار ل ڪيچ جا والي.

۱- پير پٿون عيا هين ڏونگر ڏاري، بي رهت سُجهي اکين گهوٽڪي.
۲- برهه اوهان جي پنهور پڌايو، رهڙ ازل کئون اما گُڏي گڏي.
۳- هڪ پير مَن پيادي، بيا ڏونگر ڏاڏا، هيڪلي مکڙي جُٽي جُٽي.
۴- پرت کوهياري جي، هن ته حسن کي، اصل ازل کان ولي ولي.

۲۶

پا نيان پنهور مون نيز الله پا جهئون تنهنجي يار کوهيار ا
۱- ڪاٿي خوشيون عيش آتر اجاه جا ڻان مون ته نهر الڪ

٢- ڏکيو لڳئي تو ڏيهه ڏکيءَ کي، سارو سهڻا تڙ آل،

٣- سرتيون ساهيڙيون، مائٽ ۽ ماڙيون، وڃي عين شمر آل،

٤- صدقي صدقي سيڙ ته حسن جو، گهوريون گهوريان گهڙ آل،

(٢٧)

گهر پنهنجي سوئي گولي، جنهن جو آهين اصل گولائو

١- ناحق ڍونڍين در در پراوا، جنهن وڏو آهي توکي رولي رول

٢- وفي انفسکم وهو وڙهي، دل نه پڙتڙ ڪئي اهڙي ٻول

٣- نحن اقرب نيڻن وسدا، ساجن تنهنجي آهي ڪول

٤- توسان سوئي يار سدائي، اکيون پنهنجون پوئيل کول

٥- حسن هردم مان تون موجان، ويجهو وسي تو تنهنجي جهول

(٢٨)

تجلو طور ۾ تو ڏٺون، تيو قربئون ڪليم الله،

پس تاپاڻ ۾ پرتئون، نمو تڙ پل نينهن وجه الله،

١- پس خاطر پرين پنهنجي، کيو ڪائو بنا اهڙو،

جنهين ۾ عڪس اسمن جو، پيو پرتو سو نور الله.

٢- مثل اڪرام تيو ڪرمئون، ساري جڳ ۾ سڳو رو تيو،

الهيءَ مظهر منجهئون مڙئي، تيئون سارئون صفات الله

٣- ملائڪ جنهن تيا ساجد اهو مسجود مڙني جو،

سمايائي ڪيرمي صورت، سو اسو پاڄهه ڪرم الله،

٤- حسن خاطر پس پنهنجي، ڪري سينگار هر صورت،

آيو اظهار لئه سهلو، اول آدم صفي الله،

(٢٩)

ساهه سدائين تو ساري ٿي، سرتيون سانگيئڙن کي.
جي جدائيءَ سان تو گهاري ٿي، جيڏيون جهانگيئڙن کي.

١- قلم قضا جي مان هٿ آندي، روز نهاريان پنهوارن پانڌي،
وهان عيش وساري ٿي، سرتيون سانگيئڙن کي.

٢- شال ابا ڻن کي مون اصل نه جاڻي، آءُ پنهوارن ناعشقن لوڙن لاڻي،
امو گهاٽا تو گهاري ٿي، سرتيون سانگيئڙن کي.

٣- ماڳ ماڙين جا منهن ۾ پاٿا، باغن بنگلن مون مان جاجا ٿا،
گهڙي به ڏکن سان تي گهاري ٿي، سرتيون سانگيئڙن کي.

٤- پرت پنهوارن رڳ رڳ تاڻي، اُٺي وڃي تمرت کاڻي.
حسن حمير سياري ٿي، سرتيون سانگيئڙن کي.

(٣٠)

سهڻي جي سونهن کي پتڻ ره، آهين دل سان ڏسڻ گهر جي.
پيائي کي چنڊ هڪ دم، هڪائي هڪ تين گهر جي.

١- ظهور ذات نرواري، اولي اظهار ڪثرت جي،
سيا ٽو تنهن سندو سترو، فنا جو فن سکڻ گهر جي.

٢- اهڙي فن جا ڏسيد ٿر لقه، پرت دل ۾ گوڙ پائي،
سهڻي جي سونهن هر صورت، تنهين کان لوڻ تکڻ گهر جي.

٣- اٿڻ ويهڻ ڏسڻ سارو، قري تيند وسعط وارو
ڪري ويساهه ڪروارو، سکت دل سان نڀڻ گهر جي.

٤- متان مت کي وساريين تون، محسن جان ڏسي ڪامل
امڙي پهه پرت واري جي، پرت من سان رکڻ گهر جي.

(٣١)

آنا الحق پاڻ سو پاڻئون، پولئي انسان جي پولي،
پڙهي پَڙهي پڙهيا پُليا، ڪيئون منصور جي پولي.

١- مڙهي هووڻ نه اُت ڪائي، پيرت جن پورسان پائي،
پڙهين ويسهه نه تني ڪائي، پيائي تن وڏو رولي.

٢- طوطي واري واري وڻ مان، اهڙو تيو پولُ نرواري،
جنهين شاهد آهي قرآن، پڙهو مرجاءِ ڏسو ڪولي.

٣- سوري تي مرد تيو سرهو، چڙهي پولي پيائي جي
هڪائي موج منصب جي، پڳا سي پول تنهين پولي

٤- حسن مردم پيائي چئي، هڪائي هيان هڪرم ڳنڍ
سڪائتي سوز سانول سنڌ، پرت شالڪ سڀ ڳولي.

بيت (ابيات)

(١)

محرم ڪرتون مصطفيٰ، تن مرسل مشتاقن،
عاشق توکي احمدا، سار پوتا مرسڪن.
الله رکندا اوهاجي، جيئرا جوش جلن.
سڪ اوهان جي سيدا، جي ٿا جيارو جن
رُئندي راتيون رهبرا، تون کي تيون مرلکهن.
اکيون عرب يار ڏي، روئون راهه تکن.
ڪڏهن ملندين ڪار ڪي، مرسل مشتاقن.
نوري اجو نالو ڪو، واهروير ولهين.
حسن حبيب هاشمي، تو ڏي دانهون ڪن.

(٢)

پاند ڳچيءَ ڳل پائي، پوندس پيش رسول جي

ڪري پوندس قدمن تي، سارو سير نوائي.
عرض ڪندس مون اڳيئون، اهڙيءَ طرح چتائي.
ڇُٽندس ڇيڙن سان، ڪيهه جُتي دل لائي.
لکين مدايون مصطفيٰ، آئيس پاند ۾ پائي.
مانَ نهاري نيڻ ڪٽي مون، بديون بخشائي.
حمزو نهرو حسن اوهانجو، مَن پريان ڳل لائي.

(٣)

هاشمي هيڻن ڪي سيد ڏيج سُڌ ير.
سرورَ تنهنجي سڪ ۾ دوست مناد لڳير.
ورنهو تنهين ويل ۾، واهر ڪر تون وير.
ڪرمدد تون مصطفيٰ، ماندن جي تون مير.
داتا تنهنجي در تي، پيئو آهن پير.
پريون پسڻ لئه تنهنجي، سڪن منجهه سرير.
هن ته حسن ڪي هاشمي، تنهنجي آهِ اُڪير.

(٤)

جنهن پاڻ پيدا ٿيو، عالم ٿيو اظهارُ
طٰهٰ يٰسٓ تنهنجي شان ۾ نازل آهن نروار.
ايلعا جو آسرو، اُمت جو آڌار.
جائي تنهين جا مرحبي، يڪا ڪوڙ ڪفار.
حامي هن حسن کي، ڏيو دلاسو دلدار.

(٥)

عالم مرحبا آڏار، رب يا رسول الله سوڻهن ير يا سردار
ڏيهن جا داتار، اج حبيب الله لڳ عربي، دوست مناد لڌار

(٦)

صورت سبحان الذي، محمد چوان هر هر
ملڪ مڙئي تسبيح ۾، آڳا تو انور
آگي توکي آڻائيو، پاڻ جبار بيهر
مرسل مڙ معراج تي، توکي پاڪ سڏيو پرور
حاجي ڪي تہ حضور ۾، نيو پاڻ جبار بيهر
پريي پاڙهيو پاڻ نمنبي، ڏيو قربدار قبر
مولي هن مسڪين تي، ڪريو نيڪ نظر
تہ يارب پنهنجي ڪرائيجو حسن کي هر هر

مولود شريف

(١)

محمد عربي زاريون نمائي جون، اچي ٻڌ يا رسول الله
پرين سو پاڻ تون پاڃهون، اچي پش يا رسول الله
١- تو ماں رهي ڪونڪو مرسل ٻيو، ولهر وسيلو ڪو
پاڻ ڌاري ٻيو ڪوهني ڪو تنهين وس يا رسول الله
٢- هيڻو عاجز نيت بيتر، ڪيو آفتن وچوڙي جي،
ملڪ جي مصر ۾ هم جو، ڏيو ڏس يا رسول الله.
٣- پريان پرتون ٽپسي توکي، تيان سرهو سڀئي سائين،
وچوڙي جي لڳي دل تان، منا ڪس يا رسول الله
٤- وڏي ويو شور برهمت جو، اولياء ويرساري جڳ کي،
دلين ماندين جي دلبر، وڏي جس يا رسول الله.
٥- ڏکيو آ ڏيهه ۾ حالات، انهي حالت اندر دلبر،
ٻڪي هند تي رهڻ ڪوهني، هلي ٻس يا رسول الله.
٦- مدني جي گلي آ، پليهن پادشاهي ڪان
توڙي ٻيا عيش عشرت لک، مثل خس يا رسول الله.

٧- ڪئي ڪيو قيد قسمت جي، ڄُڻ آءُ اموريت ۾ قابو،
هينئون هردم مديني جا، ڳولهي ڳس يا رسول الله.
٨- سڪي سارئي سدائين تو، دليئون هردم مٺا توکي،
پرت جي پيچ آڏيو، اهو ڙس يا رسول الله
٩- موں ۾ ڪن عيب لک لالن، لڳي آهيا تنهنجي لاري،
حسن جو حال توں ميڪرو، اچي پس يا رسول الله.

(٢)

گناهن ۾ وڃائي مون عمر ساري يا رسول الله
توهان جي در تو ٻاڏايان، ڪيون زاري رسول الله.
١- ويو جوڀن اجايو مون، پيرين پيري ٿي آ ها ئي،
اچان لڄ کان ڪا پيو تم شرمساري رسول الله.
٢- ساري جڳ ۾ نه ليندو ڪو، مٺا مونجيان ڏوهاري ڪو،
ڪيون ٿم ڪينڪي نيڪون، بديون باري رسول الله.
٣- جنا ڪرتوت جي تيز تم عنبي تو جي ڄُڻ ساري،
وڃي ڪاڏي هي ويچارو، سٺو زاري رسول الله.
٤- ڏئي قرآن ۾ توکي، هزارين ڪندي آساڻي،
اهي وصفون ڏسي تنهنجون، ٿي دلواري رسول الله
٥- نبين مان سوا تنهنجي، شفاعت جي مٺا مرسل،
ملي ٻئي نا ڪم ڪامر ڪل، سا سرداري رسول الله.
٦- جنهن ڏاتر ڏنو توکي، ايڏو رتبو سچا سرور،
تنهن مرڪي تو اي رهبر، هي ڏوهاري رسول الله.
٧- پيچي آئيس اوهان جي در، بديون باري ڪئي بر سر
ڪرايو معاف ڪان ڏاتر ڏنئي ياري رسول الله.
٨- چڙهي توکي وڃان ڪاڏي، وطن ٻيو واهه ڪانا هي،
لڳا تنهنجي اترين آڏر، اها تاري رسول الله.
٩- حسن جو حال هي هيئڙو، ڏسي تنهن ڏاڍن واڄايو،
پسايو پاڻ، منهجايو، اڪي هڪواري رسول الله.

(٣)

وڇوڙي ۾ تنهنجي حيران، تيو جند جان رسول الله
گونهه ڳاڙهين، ضعجون هاريو پيون چشمن رسول الله.

١- سدائين سڪ اندر تنهنجي رهي جند جان ۾ جائي،
ڏينهان راتيان نهارين نت اکيون گريان رسول الله.

٢- سبب ايجاد عالم جو، تيو شافع گنهگارن،
ايڏو تنهنجو ڏنئي ڏاتر، مٺي رحمان رسول الله.

٣- ڪيان تعريف مان ڪهڙي، حسن تنهنجي سندري سٺا،
طه ليس شاهد تنهن، تيو قرآن رسول الله.

٤- ڇڏيو شاه ڇيهن ڪيئون، ڪيا جي نفس هن نادان
پتهه پنهنجي ڏيو پاڪر، ڪيو احسان رسول الله.

٥- تيو آ نور بدعت جو، سنڌ سنت ضعيفي آهه،
لڪين مطلا ملامت ڪن، آهي نادان رسول الله

٦- مبارڪ منهن مٿئون چادر، لاهيو هيڪر مٺا رهبر،
وڃي ميٽ شور، شر بدعت، سندو ساماں رسول الله.

٧- وڪوڙي ويو آهي ڪوڙو، ڪفر اسلام کي اڄ ڏو،
رهي ڪا جاءِ، ڪانا هي، اهو ارمان رسول الله.

٨- ملڻ جي مهر ڪر مرسل، مٺا محبوب ماندي ٿي،
پسايو مک، وڃايو ڏک، ٿيان قربان رسول الله.

٩- حسن کي هوت حب تنهنجي وينو ڳايل سدا ڳاري،
ڪيو ڪرم ڪر هاري، ٿيان شادان رسول الله.

(٤)

تجلي نور لامڪان، تيو ڪون و مڪان پيدا،
ملڪ پيدا زمين پيدا، سڀئي تيا آسمان پيدا.

١- ڏٺي ٻيو ڪو نڪو ڪڙو، مٺي مرسل جهو پيدا،
جنهين جي جوڙ جي سڀان، تيو سارو جهان پيدا.

٢- نه هو آدم، نه هئي حوا، نه هئي ڪا جوڙ هن جڳ ۾،
سڀ سڀ هئي سڀ سرور، تيو سارو جهان پيدا.

٣- نڪا هئي بوءِ دوزخ جي، نڪا جنت نشاني هئي،
نه هوئي حورن، قصورن ڪي، نڪو نام و نشان پيدا.
٤- خدا جي خود خدائي جي نه پڌرائي هئي ڪائي،
نه ڪنهن ظاهر ظهور ڪيو، جو تيو فخر زمان پيدا.
٥- نه هو اسمن ظهور ڪو، نه هو مظهر سندن ظاهر،
ڪنان ڦي مير محمد جي، ٿيا پڌرا نشان پيدا.
٦- ٽپسي هي سو ڪنهن سرور جي، حسن قربان ڪيا،
مٿان محبوب مرسل جي، تيو نالي نشان پيدا.

(۵)

مٺا مرسل ڏٺي توکي، ته آهي پاڻ سارا هيو
مٺي سو ڏٺو توکي دلبر، عرش تي پاڻ آنائيو.
١- تنهنجي واڪاڻ جي وائي، زمين آسمان ۾ پائي
سين آواز هي وائي، اچو عاصين سندو آيو.
٢- مڙني مهندار مرسل تون، سڀني سالار سرور تون،
نبين مان نه ڪنهن ايڏو، شرف ۽ شان سو پايو.
٣- تو ڙي موسى ڪليم الله، تيو عيسى سو روح الله،
تيو آدم صفي الله، مٺا مٽ تو نه ڪو جايو.
٤- سڪايل جو سنهارا ٿين سڪ هلي آيو اڱڻ تنهنجي
پرين صحرا پسي تنهنجا، وڃي تو سوز ڳهايو.
٥- پسي سو پاڪ پيشاني، تني سر هو سڄڻ سائين،
ڪٽي ٻنهي نيڻ جي نرمل، ويچاري ڏاڍي وڄايو.
٦- ڪيو الله تو هان لائق، مٿاڻون پاڻ نالا هيو،
ڪنو ڪو جو پيو در تي، تنهين کي ڳل ڪٽي لايو.
٧- ڪري قربان سر پنهنجو، ڪنو جو قرب آ تنهنجي،
قتيل ڪي ڏيو ڦڪي پاڻ جيئون، وجو ترڪي صنمن کي ڀڙ لايو
٨- سڀ سڪ ۾ سڄڻ تنهنجي، بچاءِ پار نگهه پنهنجو
ڪري آيو ٿي تو ڏي، پرت جو پيچ ڳل پايو.

۹- سڳايو ڪين ڪي سڳ ۾، سڀڪا پڙهي سڳا پل ڪي
تنهن تي توتان فدا جيڪو چادر جي پاڙ تان لاهيو.
۱۰- عرض ايهو حسن جو هيڪڙو، سڻي سهڻا سچا سرور،
ڪيو مقبول سو مصر ئون، پنهنجي پاڇئون سوڙا ليو.

(۶)

نور نرمل سڀ نبين جو مٿو منڊار آ
اُمت سندو احمد نبي، اتر ين سندو آڌار آ.
۱- ڏسيمن قيامت جي نبي، نفسي سڀئي ظاهر ڪندا،
احمد نبي چوندو امتي، امت سندو آڌار آ.
۲- توفير قيامت سندو لاهي ڇڏيو سڀ امتي،
قول جو سچو نبي آ، سچ سندس اقرار آ.
۳- رحمةٌ للعالمين، لائق لقب پرور ڏنس
وعدو سچو ولسوف جو، وهه واه اهو منٺار آ.
۴- يٰسٓ طٰهٰ تعريف ۾، واللّيل والضُحیٰ شان ۾،
نرمل نبيءَ جي نور جو، وهه واه اهو اظهار آ.
۵- حق پرستن جي حمايت، هاشمي وڌن جَزاء
بيوسن جو پر ڀلو سرور سچو سردار آ.
۶- مصطفیٰ سچ مهربان، امت مٿئون احمد نبي،
حق جي حمايت هميشه حسن قرآن ميزوار آ.

(۷)

مظهر نور الهُدیٰ احمد امين پيدا ٿيو،
حسن حق جو حق تجلو، بر زمين پيدا ٿيو.
۱- سو ڏٺو سرور جي ڏسي، مخلوق سڀ حيران ٿي،
ويس صورت ۾ سمايو، باليقين پيدا ٿيو.
۲- جن سچا توشاه عربي، شهر تا ۾ مشهور ٿيا،
تن پرورتيو پاڪ پرور، حق جبين پيدا ٿيو.
۳- سچ بشر جي آهه نسبت مظهر منهنجي محبوب کي،
في الحقيقت حق حقيقت، نازنين پيدا ٿيو.

٤- مظهر مُنهنجي محبوب جهڙو، عالم ناسوت ۾،
قادر نه ڪو پيدا ڪيو، مصطفيٰ جهڙين پيدا ٿيو.
٥- سرڪيان صدقي مٿس، گهر بار گهوريان چاچڙن،
قربان ٿيا، قادر آکيئون، پرور پرين پيدا ٿيو.
٦- نانهه طاقت بشر کي ڪا، سو ڪهڙن سرور جي ثناءَ
چا حسن ظاهر ڪري، محمد امين پيدا ٿيو.

(٨)

نبيءُ رهبر غريب پرور، خدا جو جاني رسول آهي،
اندڙن لئه آڌر، ٻڌن لئه واهر، مدينه جو حامي رسول آهي.
١- نبين جماعت، سندن صفن ۾، حبيب عربي خطيب تن جو،
سڀن نبين جي موجودگي ۾، ڪٿي امامي رسول آهي.
٢- نبيءُ هر هڪ چوندو محشر ۾، يا رب معافي زبان ۾ مونکي،
مگر چوندو جو ٻڌهاري محشر، جواد توسا في رسول آهي.
٣- چيو خدا خود نبيءَ کي اڄ تون، بنا صحابي حضور اڪرم،
وجي خدا ورت بنا صحابي، ٿيو ملاقي رسول آهي.
٤- ثنا سڀن جي خداءِ تعاليٰ، قرآن اندر ڪئي آهي جا،
مگر خصوصًا يٰسٓ طٰهٰ، بيان ڪا في رسول آهي.
٥- صفت سيد جي جمال اندر، ڪٿهن نه ٿيندي تمام اڪمل،
خدا جنهن خود چيو الهيءَ کي، خليق عالي رسول آهي.

(٩)

ڏسان هوت جو حضور اديون، جتي رهو سي پيو تو نور اديون
١- سدا سڀني سهڻي کي ساريان ٿو، گهر گوندر غم ۾ گهاريان ٿو،
جنهن هوت حبيب لئه هاريان ٿو، جنهن جا رهي پون موڳو راڙ اديون
٢- ملي ماڻيءَ کي محبوب منهنجو، جنهن کي نظر لڳي سڀ مشڪ ڪٿو،
جنهن جي دست شفاعت جو آهي، ٿي جنهن جي لاهون سڀ سور اديون
٣- مونکي مولا ميلين شاه رسل، جيڪو نبين سڀن ۾ آ افضل،
جنهن جي جوش وڏو جي سڀ ڄهل، جنهن جي چاڪن ڪيو چڪچور اديون،

٤- منهنجو وِرد وظيفو آ احمد، جنهن جي شَان ۾ ڪي سَٽَ
تو ڙهي جيڪي آ تو ڙهي منهنجا لعل، رحمن من الله مذڪور ادبون

٥- وَڃي حسنؔ مديني منجهوري، ڏينهان راتيان رب کان سوال ڪري،
ڏسي رهبر منهنجو روح ٺري، ڪيو جهوري منهن جي جهور ادبون.

(١٠)

جُوائي سڄڻ جي جهوري، ڪيو حيران رسول الله ﷺ
سدائي ساهه مٿون سڪندي، ڪري دانهان رسول الله ﷺ

١- ڪٿ هن ملندين منا مرسل، اڙين آڏا اُڙتون اڪمل،
وڃو ٿري ويرو عيالڪ ڇا پري، اندر جنهن جان رسول الله ﷺ،

٢- سدائي سِڪُ ۾ سڪندي، گهڻا ڏينهڙا لنگهايا مون،
گذاري ڳوڙهن ڳڙندي، ڏينهان راتيان رسول الله ﷺ،

٣- ڏٺو آ ڏيهه ۾ جالا، پنا تنهنجي سڄڻ سهڻا،
تنهنجي سڪ هڪ لڳي پئي، جتو جيڏو جان رسول الله ﷺ،

٤- ڏسي وسفون منا تنهنجو ۾ سکي تو ساهه سيني ۾،
پسڻ ڪارڻ پرين تنهنجي تڪيان راهان رسول الله ﷺ.

٥- گهڙي امروتي ۾ گهارڻ، برابر ورهيه جي ورهه،
لنگهندي آ تون لعلن مٿون ڪٿ هن پهچان رسول الله ﷺ.

٦- سڏايو جي سڄڻ سهڻا، ڪري مون مهر هڪواري
پسان حجره هوي ليون سڀ آڳڻ ايوان رسول الله ﷺ.

٧- جاتي تو پير ڏريا جاني، گهٽيون ۾ گهيري پانيان
جتي ۾ جان مان سارو، اتان گهوريان رسول الله ﷺ،

٨- مٿو آ ماڳ مديني جو، جهڙس بيو نه سڄي جڳ ۾،
جتي نازل ڪيو تو تي، ڏني قرآن رسول الله ﷺ،

٩- وڃان مون ڪيهه جو سرمون اکين پنهنجي تن ڏيءِ سهڻا،
پرين جنهن تان گهايون تو پنهنجون قربان رسول الله ﷺ.

١٠- حسنؔ کي هوت هڪواري، ڏيکاري ماڳ موچارو،
پسان جاني اهي جا ليون، ڪيو احسان رسول الله ﷺ.

غزليات (غزل)

(١)

برهه جو بيمار، سو ڪيئن ڪُڇي جانان کي ڇڏي.
بلبلو بي وس برهه ۾، ڪيئن گلستان کي ڇڏي.
١- جي ڏسي، بيبي زليخا، حُسن هون محبوب جو
هوند حيران ٿي پئي ها، ماهِ ڪنعان کي ڇڏي.
٢- فرهاد سمجهو ڪين ڪو، هن عشق جي اسرار کي،
ڇو نڪي ها ٽڪر کي، شيرين سلطان کي ڇڏي.
٣- سڪ سندهان پيڙو سڪندر، ظُلمات جي سو غار ۾،
جي ڏسي محبوب جانب، آبِ حيوان کي ڇڏي.
٤- پرت ۾ ڪيڙو پريشان، ڪيچ جو والي پنهون،
سڪ سندس ۾ سرور پئي ها، ڪيچ مڪران کي ڇڏي.
٥- مردِ مجنون مست ٿيو هو، عشق ليليٰ ۾ چريو،
جي ڏسي ها سُونهن سرورِ بيابان کي ڇڏي.
٦- بيتاب ٿي پيڙو پتنگ، شمع جي سو شعاع ۾،
جي ڏسي ها نور نرمل، ڏئي شمعدان کي ڇڏي.
٧- قيصر و ڪسريٰ ڏسي ها، حشمت حقاني شاهه جي
هوند حيران ٿي وڃي ها، تاج ڪيوان کي ڇڏي.
٨- حُسن حق جي ڪيو ظهور، مظهر منجهي محبوب ۾،
پرت وارن سو پروڙيو، صفت انسان کي ڇڏي.
٩- هي حسن اسرارِ حق جو، ميم جو بردو ڏنل
تا بسن پرتئون پروڙيون، واهه جند جان کي ڇڏي.

(٢)

ڏکين جي درد جو دارون، سوا ديدار جي ناهي،
ڦٽين جي ڦٽ سندي مرهم، سوا دلدار جي ناهي.

١- پيا پَرِ ۾ پڇن سڀئي، اندر جي ڳجهه لڳو ڪنهن کي،
پرت جو پيچ پيار سان، سو ابيار جي ناهي.
٢- ڪا گهڙ پيئڻ وين وسري، ٿيا مدهوش محبت ۾،
پيالو پرت جو پيتئون، سو اضطرار جي ناهي.
٣- سدا تن سار سهڻل جي، اتن ساڃه اندر جائي.
ٽڪيون تانگهون نه سي ڪا ڏٺن سو انهن يار جي ناهي.
٤- گهڙي سي غير سان هڪڙي، ڪڏهن گهارين نه تا هرگز.
ء - شدائي جوش ۾ جاليت، سو انهن ڪار جي ناهي.
٥- ٿيا وانداڻ نه هي جڳ ڪيئن، نه تن کو خوف دوزخ جو
ناهي تن آس جنت جي، سو ديدار جي ناهي.
٦- ظاهر سنسار ۾ پورا، اندر ۾ جوش محبت جا،
سچائي ڪير سو تن کي، سو اعتبار جي ناهي.
٧- آهن پاڻئون سدا پاسي، ٿيا سي نينهن جي ناتي،
اٿئي ويهه انهن جو سڀ، سو غمخوار جي ناهي.
٨- حسن کي حُسن سهڻل جو، تن مظهر منجهون هرجا،
آهي جلوو جنهين پڌرو، سو اظهار جي ناهي.

(٣)

هڪ گهڙي زاهد آدا، لهُ سيني پنهنجي جو سماءُ
تان پسين تجلو تنهين ۾، حُسن ذاتي ڪبرياءُ
١- واندو نه ٿي وِرڪُون ادا، ٿا سهي رهٽيُن من فڪر ۾،
هَٿُ جڳهي تسبيح ڪَئِن، تو ڪي نه پيو دل ۾ ڙڪاءُ
٢- جي ملڪ جي حُبَّ تو کي، ڪر تا آن تسين جا ترڪُ
ڪر ذڪر تون ذوق مان، نٿي قلب پنهنجي کي ڪماءُ،
٣- چوڻي ويهي رهٽين، هٽي هٽي هڪي آيات کي،
جنهن هنڌان پسجي پرين، تنهن جو نه ڪيو تو ڪو اُپاءُ

٤. جن ڏٺو تجلو تنهين جو سي سدا مخمور هُن ۽
ويڙهيا وتن سي ورهه سان، ڇرها ڏسن ٿا هُل هگاءِ
٥. سيڻ انهي ۽ مظهر سندو سو جهي سدا عاشق لهن،
زاهد نه جاڻن ذوق حق جو متن حسن عجز وسماءِ

(٤)

نعن اقرب جو تجلو، نقشه دل مان لٿو وم
ڪيميا ئي عشق جي ڪي بوتيه دل مان لٿو وم
١. سهڻي سندو بوءِ منتان سهڻي، پرڻون پرو ٿيو پالهم،
ويڙهي اندر ويجهو ويو ٿي، گهور گهايل ڪان لٿو وم
٢. هر ڪنهن ۾ جان نه پيو ڪو، پاڻ ۾ موڪي ٿيرو،
مشڪ معڪم، جو سرهي صدق عامل ڪان لٿو وم
٣. مان نه هو پرجهيو پرو ٿيو، نه ڪي مون سان موجود هو،
ٿي نفي سڃاڻي جنهن ۾ حق حال حاصل ڪان لٿو وم
٤. هو عبث سڃاڻو قيرڻ، هر ڪنهن تماشي جي پنيان
دل اندر ۾ ديد پائي، ان جاءِ منزل ڪان لٿو وم
٥. توڙي قدوري عافيه، مسائل پڙهي تيس مولوي
هڪ ذرو نا ذوق جو تحصيل حاصل ڪان لٿو وم،
٦. ٿيو جنهن ارشاد مون تي، هادي ۽ مٺي مرشد ڪنان
حال حاصل ٿيو حسن کي، قرب ڪامل ڪان لٿو وم.

(٥)

ورهه جي وات وارن لئه سو ٻن مصالحن جا ڏيون.
تهين سي ڪينڪي ڪاڙهي، توڙي لکها ٿين تعديون.
١. ڪو پاڪيڙن برهه بازي، لاهي سانگو سر ۽ پنهنجو
وهي سي پرت جي پڙهي سگهيون جن سڪ سندي پوندا نئيون.
٢. ويڙهيٽ تنهن وات ۾ پاتو، امل سو پير پيار پيالن ۽
پسڻ خاطر پرينءَ پنهنجي، دليون هر دم اڻ مانيون.
٣. ٻيئي هڪ پيچ محبت جو، ويچارا وڃي سڀ ويڻ،
جهڙو جنل جان سڀ پنهنجا، پريون ۽ جي پيش تن آئيون.

٤. سڀئي سير تي ٿيا تڙ ڏيا، پڪا پڇتا اهي پڙ جي،
هٿان عيشڪي پوئتي، ڪنڌ اڳتي ڪون ڏاڙيون.
٥. جنهن کي درد دلبر جو، تنهن کي ٻيو نڪو ٻولو،
هوڪن تڙيان دلبر ڏي، دليون تن عشق ڪان واڙيون.
٦. اصل اُن واٽ جون خبرون پڇيم تون پرت وارن کان،
پائي پو پيرُ اُن پڙ ۾، ڏکا ڏونگا ويا ڪاڙيون
٧. حسن وٽ واٽ محبت جي، اصل ماڻيا ماڻهو ڪوڙي،
آهي ٻئي ڳالهه سڀ ڪوڙي، مڙئي پون ٻيا مال وار اڙيون.

(٦)

تنهنجي جلوي جوت جمال منا، مون ڏٺا هزارين شان ڳجهو
تنهنجي نيڻ ناز ڪمال ڪيا، حيران هزارين مان نه ڳجهو
١. تُنهنجي ور ور منجهان مخمور وتن، هُنرن ڏيان جنهنجي ديوانا ڦرن
مجنون، وانگي مستان ڦرن، صُنعان لکين هڪ مان نه ڳجهو
٢. تنهنجي عشق اُتاريا خيال منجهان، سنسار سندي سامان ڪنا،
جنهنجا جوش، مڙئي پون مال سڀئي، قربان لکين هڪ شان نه ڳجهو
٣. جنهن ذات اسمائي ظهور ڪيو، هر مظهر کي پُر نور ڪيو،
تنهن عشق موکي مخمور ڪيو، ڀڙهن سڀان لکين هڪ شان نه ڳجهو
٤. اُهي ويس صورت جي وارِ منا، ملايون ٻڙ جيون بره جون ڪاتيون ٿا
سوين صدر واعين ستون جي آهن کنا، مرد ميدان لکين هڪ شان نه ڳجهو
٥. مشتاق ملڪ جي ڪار منا، تڪ ليٿا پائي جهان سڀجو
سڀ ڪن ملڪ فلڪ حيوان سڀئي، جن انسان لکين هڪ مان نه ڳجهو
٦. جنهن پرتئون پيچ حسن کي تن جو، وجهي قيد ڪيو تو مون مسڪين مڙي،
ويا هوش عقل صن شان حسن، ڪيا پريشان لکين هڪ شان نه ڳجهو.

(٧)

نحن اقرب ٻُڌءِ نه ٻوڙا، آهه سو حبل الوريد،
قرب ان جو ڏور سمجهي، فهم ڪڍءِ فرقان کي.
راتِ ڏينهان ڏور هين، منجهه فڪر دنيا جي خراب
هاءِ هاءِ هر دم ڪرين تو، ڪوڙي اُهي سامان کي

۲- هيئن نه توکي کو جڏهن علم مان بصرو مليو،
ڪيئن ڪُٺين ٿو ٻغل ۾، اهڙي معني قرآن ڪي .

۳- پيو نه توکي ڪو شرم، صاحب سچي سبحان جو
دردر ڦرين ٿو تي گدا گر، سمجهه ڪر تون ڏيان ڪي .

۴- يار آ توسان سدا، تون فڪر ۾ هو ڪرط سنديا،
ڪرڏهن نهاريءِ ۽ عيڪي، انفسڪم فرمان ڪي .

۵- ڪير پالين ٿو تيوه جو رزق جو آهي ضمان،
رب ڪي تو رب نه سمجهيو، رازق نه تو رحمان ڪي،

۶- "وهو معڪم" موجود آ توسان منو هر دم ڏ ڏي،
هوش سان جيڪر ڏسين، هن آيت سنديءَ ترشان ڪي .

۷- "اينما" آهي اشارو عشق وارن کي آسان،
پاڻ ڪر پاسي ڦٽو، ماڻهن منجهي تنهن مان ڪي .

۸- اي حسن ڪر تون فڪر، محبوب جي ميلاپ جو،
روبت توسان دائما، چڏ هُٺڙ سنديءَ تون گمان ڪي .

(۸)

ڪرنهي نروار نيڻئون، هن سڀي موجود کي
تان پسين پنهنجي پرين، سڀني سچي معبود کي

۱- عثرت سنديءَ تون ڪوٽ ۾، ڦاسي رهئين سو گهو سدا،
جو نه تون نڪرط سنديءَ، جا چين نه تون، ڪرجود کي،

۲- ناهي پرين تو کان پري، ويهي رهئين جو ويسلو،
ٻُڌ قرب وارو نه قول تون، ڳوليو نه تو وجود کي .

۳- پرتئون پيتي سُرڪي جني، هڪ سڀني جي سوز جي
سي هئڻ نعرو نفي جو، ڪن ناس نفس ناسود کي .

۴- تا پسن پنهنجو پرين، پاتئون پري تي پاڻ ۾،
پرت جا هن پور اهڙا، سر تون لاهي سجود کي .

۵- جي حسن ترجيع اندر ۾، پرتئون پيو آ پيچ ڪو،
تان ڪرنهي تون سيگهه ۾، هن پنهنجي وجود کي .

(۹)

سارو ننگ هن نمائي جو پيار لي يار تهي تو تي

ازل کان آنگ لکیو تو سان، سیوئي يار رهي تو تي.

۱- ناهي ٻي وام مون کائي، اوهان ري، دلبر اجاني،
نگاه تا ري، ڏيئي آڌر، سپو دلدار رهي تو تي.

۲- وڃيون وينو سڄڻ وڃن راڻي هئو نالو نسنگ تنهنجو،
ڇڏائڻ غير غفلت کان، سپو غمخوار رهي تو تي

۳- پرين هن پاند لڳڙي کي، پيالو پريت جو پيارڻ،
ڪري مدهوش محبت ۾، سپو سردار رهي تو تي.

۴- ڏنم ٽڪ، پيچ محبت جي، جڏهن مر سانگا سيئي لاهي،
تيو ويساه مون وڙهون، سپو اعتبار رهي تو تي.

۵- حسن پڪڙيعا وفا جو دڙ، پيو جاڻيڻ اُتي تنهنجي،
ڪيو تنهن باجھ باجهارا، سيوئي بار رهي تو تي

(۱۲)

اي صبا ساجهر گُلي تون وڃ مديني پار ڏي،
هِن نماڻي جو نيايو، نيج تنهين دلدار ڏي،

۱- جو وسيلو وامڙو، حامي آهي ميڻ سنڌ و،
تنهن دادلي درگاه جي، وامر مٺي مختيار ڏي.

۲- ڪونه ڪو امڙو ٻيو، مونکي سُجهي ڪو دامڙو،
هيڻ متي هتڙا اڏهي، اڙين سندي آڌار ڏي.

۳- ڪَلُ هتڙون امروتمان، سمجهون سيئي ساڪان ڏي،
هي حقيقت حال جي، ويڃڻ وڃي، غم تار ڏي.

۴- پمڇين جڏهن پرين وڃي، روئج اکيان تون زار زار،
من پڇين سبي باجهرمان، روئڻ سندي تون سار ڏي.

۵- ڪج ادب سان عرض منهنجو، اي سيد اسرور سڀا،
آهين اڙين آسرو، مولي سندي دربار ڏي.

۶- سينڌ ۾ سڪن وڌيم، تنهنجو نيايو آهو هي
عن ڏئي ڪرمئون پڙهو، تنهن حال جي گفتار ڏي.

۷- آهي سو عاصي ابوجهو، عيبن پريو توا مٿي،
تو سڪي ساري سدا، پرٿيون وفا جي پار ڏي.

٨- وَس نہ تنهنجي واپ قسمت، جو اچي حاضر ٿئي،
مُرسل ڪيو هُو ٿون نظر، نه مِلي تنهين نادار ڙي.
٩- سڪ اوهان جي سيد، اچي، جو جيا پو تنهن سندو،
تو تڪي تانگهي پرين، تنهن کي مٺا ديدار ڙي.
١٠- ڪر ڪرم تنهن تي پرين، آهين جو تون گل پرٻو،
ڪر سفارش سيگهه ۾، سائين سندي سرڪار ڙي.
١١- سڪ مان پهچي تو وٽ اچي، سو توهه تنهنجي ٿا پرين
سڪ نہ تي ويهي ڏٺي، هن دنيا جي ڪم ڪار ڙي.
١٢- تين مڙئي معاف منهنجون آهي، وڏو عاصي ابوجهه
آ حسن جو عرض اهڙو، تنهنجي مٺا دربار ڙي.

(١١)

خدا آدم ڪيو پيدا، عبادت لئه بندا تون جاڻ.
نه راندين ۽ تماشن لئه، آئين مڙئي ادا تون جاڻ،
١- ازل ۾ تو ڪُڏي پڙ ٻار کي هو خود ڪئيو بر سر
ٻاڻي هئڙي اچي سرڪش ٿئين ڏاهو ادا تو جاڻ.
٢- مڙئي مخلوق عاجز تي، ڪيو انڪار جنهن ڪانسو،
ظلوما ۽ جهولا جو تنهنجي ڏو ۾ هي سدا تون جاڻ،
٣- عڪري تو واعدو رب سان، قرب وِسَن تون ڏسي دنيا،
وڃائي زيب جنت جو، وٺين ڏس بيهودا تون جاڻ.
٤- خدا احسان ڪري تو تي، ڪيا جن ڪيترا هتڙي،
ته بي ليڪا نڪا پرڙئي، ٻيئي واعدا پنهنجا تون جاڻ.
٥- چڱي تو شان انساني، وڃهون عادات حيواني،
خوري تنهنجي وڃائي خاڪ تي وينڌي غنا تون جاڻ.
٦- ڏسي دنيا نہ تي مغرور، جتي بيوس هليو ويندين
جمل ٻاران وڃائي تون ويئين نعمت ادا تو جاڻ
٧- خدا جي روبرو وڃبو وري آهي سگهو توکي،
تنهنجو پنهنجي افعال جو، نيندين ڪمڙو ادا تون جاڻ،
٨- حسن تون ها ٻي پنهنجو ٻار، مڙنا ڪيڏو تون ڪئين ڳنڍي،
پلو ٿا فخ حشر ۾ آ محمد مصطفىٰ تون جاڻ،

فارسی کلام :-

(۱)

یا شفیع المذنبین حال تباہ آوردہ ام + چشم رحمت بر کشا روئے سیاہ آوردہ ام

۱۔ میکنم فریاد و زاری با چنیں شرمندگی + عفو کن عصیان ما کوہ گناہ آوردہ ام ،

۲۔ پیش درت افتادہ ام دیگر وسیلہ ہیچ نیست + با چنیں حال پریشاں عذر خواہ آوردہ ام ،

۳۔ گرچہ غرقم در گنہ ، لیکن ندارم غم ازاں + چوں توئی ماوائے ما ، با آں پناہ آوردہ ام

۴۔ با چنیں شانے تو داری ، ای شہ خیر الامم + بہر بخشش آں گنہ چوں تو شفیع آوردہ ام

۵۔ با چنیں حال حسن ای سید بیچ خدا + کن نظر سوزش کبیہ ، بار گناہ آوردہ ام

(۲)

تو خود محبوب خود ہستی دگر از ما چرا جوئی + تو خود گوہر بکف داری تو از دریا چرا جوئی

۱۔ درون سینۂ خود ہمچو غواصان بزن غوطہ + بدیں جا گوہر یابی دگر جا ہا چرا جوئی

۲۔ نشان محمل لیلا در آغوش تو می بینم + توئی مجنوں ولی گم کردہ در صحرا چرا جوئی

۳۔ سراپا جلوۂ حسن است در عالم تماشا کن + تو خود تجلی و خود ردی ز دیگر جا چرا جوئی

۴۔ تو خود از غیر حق جوئی بدیں معنی نمی یابی + نباشد غیر تو پیدا ، مگر پیدا چرا جوئی

۵۔ حسن حسن صفاتش را بہر مظہر ہمی بینم + نباشد غیر او پیدا ، توئی آں را چرا جوئی

(۳)

ز داغ عشق تو پرخوں دل و جاں یا رسول اللہ + چو لالہ زاں نشاں منم ز ہجراں یا رسول اللہ

۱۔ ندارم ہیچ سرمایہ بجز عشقت شہ کونین + بدیں ساماں خورسندم و شاداں یا رسول اللہ

۲۔ بہ ملک بندہ درمانم ز آب و دانہ پابندم + بدل از شرم شرمندم ز عصیاں یا رسول اللہ .

۳۔ شب و روزم بدیں دردم ہمیں گزرد بدیں صورت + نہ خاطر را کسے دارم ز خویشاں یا رسول اللہ .

۴۔ اگر از لطف خود مارا رہا سازی ازیں بندم + ببوسم بالب و دل گرد ایواں یا رسول اللہ .

۵۔ اگرچہ عاجزم عاصی بعصیاں پُر خسارم + ولی امید میدارم ز ایشاں یا رسول اللہ .

۶۔ ز درد ہجر مے نالد حسن از شوق عشقت + کنی بر حال او شفقت ز احساں یا رسول اللہ .

(۴)

نعمت قرب را قرین از شیشۂ دل یافتم + کیمیائے عشق را از بوتۂ دل یافتم ،

۱۔ ہمچو آہوئے ختن در خویش مے بردم گماں + وہو معکم را کنوں از صدق کامل یافتم ،

۲ - از بوجہ دلبری خدلنذتم در باد او + زینت دنیا و عقبیٰ از بہر حاصل یافتم

۳ - بود گر دیدن مبث بہر تماشا گوبگو + سر فرو کردم حبیب خویش منزل یافتم

۴ - در طلب بودم کہ آرم دست از دریا بکف + گوہر مقصود را آسان ز ساحل یافتم

۵ - از علاج دل مسیحا من بے خبر بودم بسے + اسم دلبر سر رای خوش مشتمل یافتم

۶ - دلبرم ارشاد کردہ باش درد کرش محسن + از ہمہ اوراد خوش این اسم افضل یافتم

(۵)

ہمہ عمرم برفت از من بعصیان یا رسول اللہ + بدرگاہت ہمی نالم با فغان یا رسول اللہ۔

۱ - جوانی رفت در غفلت بدین پیری رسیدم چون + نیامد شرمساری گہہ زعصیان یا رسول اللہ۔

۲ - ہوائے نفس سرکش من بدین حالت رسید شد + حیا از دست ہمی سازند حیوان یا رسول اللہ۔

۳ - اگرچہ بس خطا کارم ولی امید دارم + ہمہ جرمم ببخشائی ز رحمان یا رسول اللہ

۴ - ندارم ہیچ غم در دل تو ہستی شافع محشر + بدین امید شد مائل دل و جان یا رسول اللہ۔

۵ - بغیر از دیدنت دیگر محسن را ہیچ کاری نی + مبارک رخ تو بنمائی ز احسان یا رسول اللہ۔

---

(۱) ص (۲) بیاض ماسترحاجی محمود قاسمی - قاسم کوٹ سکھر

باب پنجون

مولانا تاج محمود امروٽيءَ جون قومي خدمتون،

سنڌ ۽ برصغير جو سياسي، علمي، اقتصادي، معاشرتي ۽ مذهبي پس منظر

اُن کان اڳ، جو مولانا سيد تاج محمود امروٽي صاحب جي قومي خدمتن جو جائزو وٺجي، سنڌ يا برصغير ۾ اُن وقت جي سياسي، علمي، معاشرتي ۽ مذهبي حالات جو پس منظر پيش ڪجي ته جيئن امروٽي صاحب جون قومي خدمتون نمايان نظر اچن ۽ انهن جو قدر و قيمت ڪٿي سگهجي؛

سياسي پس منظر

برصغير پاڪ ۽ هند جي تاريخ اسانکي ٻڌائي ٿي ته انگريزن اسانجي ملڪ ۾ واپار جو ڍونگ رچائي، ٺڳيءَ ۽ مڪاريءَ سان ملڪ ورتو. اورنگزيب عالمگير کانپوءِ مغلن جا پويان حاڪم عيش عشرت ۾ ڪاهي پيا. حڪومت جي طرف ڪو ڌيان نه ڏنائون. سندن غفلت جو فائدو انگريزن ورتو.

سنه ۱۶۱۳ع ۾ انگريزن جهانگير مغل بادشاهه کان هندوستان ۾ واپار ڪرڻ جي اجازت وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا(۱)

(۱) پروفيسر ايل مکرجي - ايم-اي - هسٽري آف انڊيا (ماڊرن پيريڊ) دفعو ۳ صفحو ۱۲

۽ سورت جي شهر ۾ واپار جي پهرين ڪوٺي قائم ڪيائون. ان بعد، آگري، احمدآباد، ڀروچ، مدراس ۽ بمبئي ۾ ڪوٺيون ۽ بينڪون بنايائون. ڪلڪتي ۾ زمين ٽڪرو خريد ڪري، ان کي ملڪيت بنايائون. اهڙيءَ طرح مغلن کان رعايتون وٺندا ويا ۽ پنهنجو زور ۽ اثر جمائيندا ويا. (١)

مغلن جي طاقت کي ڪمزور ڏسي، هنن دغاباز واپارين کي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جي بد نيتي پيدا ٿي. جهڙي هئي منجهن دنيوي طاقت، تهڙا وري چالاڪ، مڪار ۽ فريبي هئا. سازش ڪرڻ جا ته ماهر هئا. سرٿامس رو انگريز جي بي ايماني ۽ چالاڪيءَ بابت وديا ڌر مهاجن لکي ٿو:

"Sir Thomas Roe got the concession, by bribing Asaf khan... ......Roe was a clever diplomat. He possessed plenty of shrewdness and business capacity." (٣)

ساڳئي سلسلي ۾ لئن پول لکي ٿو:

"All he could obtain, were firmans or orders to the local authorities sanctioning the English trade at Surat upon reasonably satisfactory terms." (٤)

ٻيو انگريز مؤرخ اي - مارسڊين ان ڳالهه کي هن طرح ظاهر ڪري ٿو:-

"هن جنهن نورجهان جي ڀاءُ، آصف خان کي ڪيترو قيمتي جواهر ڏنو، ته هن جيڪو ڪم گهرايائين ٿي، سو ملي ويس." (٥)

واپاري ڪوٺين جي حفاظت جي بهاني سان انگريزن پنهنجا قلعا به ٺهرايا ۽ پوءِ انهن ۾ انگريزي طرز تي سکيل، فوجي سپاهي ۽ لشڪر به رکيائون. ان وقت فرينچن جو زور ڏسي، انهن

---

(١) پروفيسر ايل مکرجي - ايرياهي - هسٽري آف انڊيا (مادرن پيريڊ) ڇاپو ١٤ - صفحو ١٤ - سال ١٩٥٣.
(٢) سرٿامس رو انگريز کي انگلينڊ جي بادشاهه جيمس پهرئين ١٦١٥ع ۾ هندستان موڪليو هو. هو سنه ١٦١٥ع کان ١٦١٨ع تائين جهانگير جي دربار ۾ رهيو (وديا ڌر مهاجن)
(٣) وديا ڌر مهاجن - دي مسلم رول ان انڊيا - انگريزي ڇاپو ٽيون سال ١٩٦٢ع، صفحو ١٣.
(٤) اسٽينلي - لئن پول (ميڊيول انڊيا انڊر محمدن رول) لنڊن - سال ۽ ايڊيشن لکيل ناهي صفحو ٣٠٩.
(٥) اي مارسڊين، هسٽري آف انڊين ايجوڪيشنل سيريز (ٽيون ڇاپو) سنڌي ايڊيشن - سال ١٩١٣ع ترجمو مرزا قليچ بيگ صفحو ٢٧٥

کي پٽ ڪرناٽڪ جي جنگين ۾ شڪست ڏيئي، هندوستان جي اُترين علائقن ۾ پير پختا ڪيا هئا. بنگال ۽ ڪلڪتي تي ته قبضو ڪيئي هُئين، تنهنڪري سڄي بنگال تي قبضو ڪرڻ ضروري سمجهي، ان کي هٿ ڪرڻ جو خيال ڪيائون. بنگال جي نواب سراج الدوله انگريزن جي نيت کي سمجهي ڪيو ۽ کين بنگال مان تڙي ڪڍڻ ۽ ڪانئن آزادي حاصل ڪرڻ خاطر ١٧٥٧ع ۾ پلاسيءَ جي جنگ ڪئي، هيءَ پهرين جنگ آزادي هئي، جا ڏهين مارچ، انگريزن سان لڙي. هن جنگ ۾ نواب جي ڪمانڊر، مير جعفر ۽ ڪن هندن جي غداريءَ ڪري مسلمانن کي سخت شڪست آئي ۽ انگريزن نواب سراج الدوله جو سِرُ ڌڙ کان ڌار ڪري، هاٿيءَ تي بازار ۾ گهمايو. (١)

اهڙيءَ طرح برصغير جي غيور مسلمانن مان، ميسور رياست جي حيدر علي ۽ سندس بهادر پٽ ٽيپو سلطان شهيد، انگريز سامراج کان جند ڇڏائڻ لاءِ، ١٧٩٩ع تائين بهادريءَ سان جنگيون ڪيون، پر انگريزن جي چالبازين سان پُڄي نه سگهيا. ميسور رياست ۾ مسلمان بهادرن ۽ قوم پرستن کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. انگريزن جي انهيءَ ظالمانه روئداد کي قوم پرست اکين سان ڏسندي ڏٺو ۽ هن ڌاريءَ ظالم قوم کان محب وطنن کي سخت نفرت پيدا ٿي. آخر ١٨٥٧ع ۾ انگريز

(١) ماهنامو نئين زندگي - آگسٽ ١٩٦٨ع صفحو ٢١

سامراج جي خلاف وري ٻيهر ملڪ گير پيماني تي آزاديءَ
جي ٻي جنگ لڙي وئي، جنهن کي انگريزن ١٨٥٧ع وارو بلوو
تي سڏيو، حقيقت ۾ ڏيهي ماڻهن، انگريزن جي ظلمن کان
بيزار ٿي، لڙيا جو منصوبو ٿيو هو. هن منصوبي ۾ نه رڳو رعيت،
بلڪ لشڪر جي ڏيهي سپاهين پڻ حصو ورتو هو. مسلمانن سان
گڏ ڪي هندو به هئا. مسلمانن ۾ اڪثر علماء اڪرام هن
تحريڪ آزاديءَ جا اڳواڻ هئا، پر اها جنگ به ڪنهن منظم
طريقي سان نه لڙي وئي؛ تنهنڪري انگريزن اُن تحريڪ
آزاديءَ کي، تمام سختيءَ سان دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اُن
وقت جو پيرسن مغل بادشاه بهادر شاهه ظفر هو. انگريزن
ان جي خاندان کي اذيتون ڏنيون، ماريو ۽ کيس عقوبتن
سان وجهي، رنگون قيد ڪيو، جتي هن غريب الوطنيءَ
جي حالت ۾، سنه ١٨٦٢ع ۾ وفات ڪئي. انگريزن نهايت
زور ورتو هو، (پر سڀني مسلمانن تي تعديون ڪيائون) انهي ڪانپوءِ انگريزن خلاف، عوام جي دلين ۾ سخت
نفرت جي باهه ۽ غلاميءَ جي احساس جي شدت، وڌيڪ
تيز ٿي ويئي، پر اها باهه، ظلم ۽ تشدد کي ڏسي، اندر ئي
اندر پئي ڌکي. (١)

١٨٥٧ع واري جنگ آزاديءَ کانپوءِ، انگريزن کي برصغير
جي عوام ۾ شڪ شبها ٿي ويا؛ ان ڪري هنن هندن ۽ مسلمانن

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - آگسٽ ١٩٦٨ صفحو ٢٢

جي وچ ۾ ڦوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هنن هندن تي هٿ رکي، کين ورسائڻ شروع ڪيو ۽ مسلمانن کي ۽ تعليمي، معاشي ۽ اقتصادي طور پس مانده رکڻ جي ڪوشش ڪئي. هندن کي سرڪاري نوڪريون ڏيڻ شروع ڪيائون ۽ کين وڌ ۾ وڌ تعليمي سهولتون ڏنيون، مهيا ڪيائون. ٻئي پاسي مسلمانن لاءِ اهي سڀ رستا بند ڪيا ويا، ڇو ته انگريزن پنهنجو وڏو دشمن مسلمانن کي ئي سمجهيو. هيءَ صورتحال مسلمانن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي ڏس ۾ نهايت خطرناڪ هئي. توڙي جو انگريزن هندن تي هٿ رکيو، ته به ايئن نه هو ته ڪو هندو سڀئي انهن راضي هئا، پر ڪو وقتي فائدي وٺڻ لاءِ ظاهري طرح انگريزن سان سازباز ڪيائون، ۽ اندر ۾ سامراجي ظلمن کان بنهه بيزار هئا. (۱)

انگريزن جڏهن هندوستان جي ديسي حاڪمن کي مڪر ۽ فريب سان مارائي، اتي پنهنجا پير ڄمائي ڪيا، تڏهن هنن سنڌ جي سرسبز ۽ شاداب واديءَ کي گهرڪائڻ جي ٺٽ ٺٽ ڪئي. سنڌ ۾ به ساڳي چالبازي، فريب ۽ زبردستيءَ واري حلت هليا. ان وقت سنڌ ۾ ڇهن چرپارين جي هٿي ٺٺر مير غلام علي خان ٽالپر جي حڪومت هئي ۽ انگريزن طرفان هندوستان جو گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو هو. (۲)

(۱) ماهنامو نئين زندگي - مارچ ۱۹۷۱ع (پاڪستان تحريڪ جو پس منظر) صفحو ۴۲
(۲) تيجپا نداس بتاڻي - سنڌ جي تواريخ - جنوري ۱۹۳۷ع - ايڊيشن ڪوئٽه - صفحو ۴۶ کان ۶۸

پهرپائڻ ته انگريزن، ميرن حڪمرانن سان دوستي ڳنڍڻ
جو بهانو ڪيو. اهڙو عهدنامو سال ١٨٠٩ع ۾، مير غلام عليءَ
سان ڪيائون، جنهن موجب انگريزن ۽ ميرن جي پاڻ ۾
دوستي ٿي ۽ انگريزي ايلچي سنڌ ۾ رهڻ لڳو. ان کانسواءِ
انگريزن، ميرن کان انجام ورتو ته انگريزن کانسواءِ ڪنهن
به ٻي يورپي قوم کي سنڌ ۾ اچڻ نه ڏيندا ۽ نه ڪو انگريز
سنڌ ۾ واپار ڪندا.

انگريزن ظاهري طرح ته ميرن سان دوستي رکي، پر
اندروني طرح پنهنجي دوست، راجا رنجيت سنگ کي اڪ هڻي،
سنڌ تي ڪاهه ڪرايائون. ان بعد ميرن جي مدد گهرڻ تي، راجا
کي چئي ۽ ڪاهه بند ڪرايائون ته جيئن ميرن جي مٿان سندن
احسان ٿئي ۽ رعب ويهي. (١)

سنه ١٨٢٨ع ۾ مير ڪرم علي خان وفات ڪئي ۽ مير مراد علي خان
تخت تي ويٺو. هي سياڻو مير هو، تنهنڪري هن انگريزن
تي بنا پاس جي سنڌ ۾ اچڻ، هتي بينڪ کرڻ ۽ جنگي ساز
وسامان آڻڻ تي بندش وڌي، تنهن تي انگريزن تسڙ د
کان ڪم وٺي، منهوڙي جي ڪوٽ کي ٽوڙي، زورمان پنهنجو لشڪر
سنڌ جي اندران لنگهائي، افغانستان ڏانهن، شاهه شجاع
جي مدد لاءِ موڪليو ۽ ميرن کان زورسان هيٺين عهدنامي

(١) تيجپانداس ٻناڻي - سنڌ جي تاريخ - سال ١٩٣٧ع - دفعو ڪونه - صفحو ٦٧ کان ٦٨

تي سال ١٨٣٨ع ۾ صحيح ورتا لڳون:
١. انگريزن کي لشڪري لشڪري سامان سنڌ مان لنگهائڻ جي اجازت هوندي.
٢. سنڌ ۾ ريزيڊنٽ هميشه لاءِ حيدرآباد ۾ رهندو.
٣. انگريزن جو ٽي هزار لشڪر ڪراچيءَ ۾ رهندو.
٤. انگريزن کي ٽي لک رپيا ساليانو ميرڙ پري ڏيندا.
٥. ميرن شاهشجاع کي به سنڌ جي رهل ڊل ٢٣ لک پري ڏيندا. (١)
جلدئي انگريزن طرفان، پهرين ميجر آئوٽرام ۽ انکانپوءِ سرچارلس نيپئر ريزيڊنٽ مقرر ٿي آيو. سا گڏئي وقت انگريزن به ڏنو ته ميرن ۾ ملڪيتن تان نفاق ۽ تڪرار آهي. ان جو فائدو انگريزن هن طرح ورتو ته خيرپور وارن ميرن ۽ سنڌ جي هيٺين تي هٿ رکي، ميرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، ٺڳيءَ ۽ مڪاريءَ سان ميرن جي مٿان اجايون تهمتون ڏيئي، ساڻن زبردستي ناجائز عهدناما شرائون ڪري، آخر سترهين فبروري ١٨٤٣ع تي مياڻيءَ جي جنگ ۽ پارويهين مارچ ١٨٤٣ع تي دبي جي جنگ ۾، فريب ۽ چالاڪيءَ سان کين سخت شڪستون ڏنيون. اهڙيءَ طرح ظلم، تشدد ۽ ٺڳيءَ سان سڄي سنڌ هٿ ڪيائون ۽ وقت جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو، سنه ١٨٤٣ع مارچ ۾ سنڌ کي بمبئي ڪاتي سان ملائي ڇڏيو. (٢)

(١) تيجپالداس ڪلاڻي - سنڌ جي تاريخ - ١٩٣٠ع - ايڊيشن ڪوئٽه - صفحو ٦٢ کان ٦٨
(٢) اي-مارسڊين - هندوستان جي تاريخ - سال ١٩١٣ع - ايڊيشن ڪوئٽه ص ٢٧٧

انگريزن، سنڌ ۽ هندوستان تي زبردستيءَ ۽ ظالمانه طريقي قبضي ڪرڻ کانپوءِ محسوس ڪيو ته اها مسلم قوم ئي آهي، جا سانئن سختيءَ سان مقابلو ڪري، کانئن آزادي حاصل ڪري سگهي ٿي، اُن ڪري هنن، مسلمانن کي سندن حقن کان بلڪل محروم رکيو. کين تعليم، واپار ۽ سرڪاري عهدن ڏيڻ کان پري رکيو. ان جي برعڪس، هندن تي ظاهري طرح هٿ رکيو، کين واپار، تعليم ۽ سرڪاري نوڪرين جون سهولتون ڏنيون. ان ڪانسوا ۽ هندن ۾ مسلمانن جي وچ ۾ قوت وجهڻ جي ڪوشش پڻ ڪرڻ لڳا. (١)

مٿين ۽ حقيقت کي "ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ" هن طرح ظاهر ڪري ٿو:

"The repression of the Muslims that is indicated above, keeping them out of the administration and of the medical, legal and other such professions, and in general not educating them,— was, clearly, a policy affecting the upper and the potentially middle classes. It was at this time that the clerical and proffessional classes among the Hindus were developing and begining to wield some power. The India office was afraid to allow that same power to the Muslims."

. . . .

(١) ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ – ماڊرن اسلام ان انڊيا – ڇاپو ٻيو – سال ١٩٤٦ع – صفحو ١٩٤

"......More specially, it was afraid to allow that power to both groups at the same time." (1)

اڳتي هلي، لکي ٿو:

"The Muslims, then suffered most at the hands of the British, when the mutiny had been quelled." (2)

سنه ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ ناڪام ٿيڻ تي انگريزن وڌيڪ مسلمانن تي ظلم ڪيا.

انگريزن جي ظالمانه پاليسيءَ جي ڪري ئي ديسي ماڻهن ۾ آزاديءَ لاءِ وڌيڪ تڙپ پيدا ٿي.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته هندوستان جي آزادي تحريڪ ۾ اڪثر علماءِ ڪرام اڳواڻ هئا. هيڏانهن سنڌ ۾ مولانا امروٽي پڻ ساڳئي ئي دور ۾ آزاديءَ جو پروانو هو. امروٽي صاحب جمعية العلماءِ هند جو رڪن پڻ هو. هن انگريزن جي ظلمن کي پڙهيو ۽ اکين سان ڏٺو هو. پوري برصغير جي ان سڄي صورتحال کي مولانا امروٽيءَ جي دور بين نظر پرکيو ورتو. هي نه رڳو سنڌ جي سياسي حالتن کان واقف هو، پر سنڌ کان باهر سڄي هندوستان جي سياسي پسماندگيءَ ۽ غلاميءَ جي احساس کان باخبر هو، تنهنڪري سندس دل ۾ وطن جو درد ۽ آزاديءَ جو اهڙو ته شدت سان جذبو پيدا ٿيو جو الله کان دعا گهرندي، هڪ نظم چئي ڏنائين:

" ڦري ويري بغاوت سان، کسي ويا ملڪ اسلامي
ترا بڻون تيز ڪاماوند ڏي، مٿئون هُل هيدڙي نعرا

(1) ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ - ماڊرن اسلام ان انڊيا - سال ١٩٤٧ع - صفحو ١٩٣ - ڇاپو ٢
(2) ايضاً - صفحو ١٩٨

لوڙهي ڪڍ تون نصارن کي، ڪسي وڃ تون تڙون کان
سنڌ تي محمد بن قاسم جي، لوڙهي ڪڍ تون پولا پورا (١)

علمي، معاشرتي، مذهبي، ثقافتي حالات وغيره جو پس منظر

انگريزن جي اسلام دشمن پاليسيءَ جي ڪري، مسلمانن کي نه رڳو سياست کان پري رکيو ويو، پر سنڌ جا مسلمان، تعليم کان به بي بهره رهيا. (٢) نتيجو اهو نڪتو، جو جهالت جي ڪري هڪ ته پڙهيل هندوڪين ڏندن، وڻپارن تو ڙي هارپ جي حالت ۾ ٺڳيندا هئا، جنهن ڪري هو هندن جي قرض ۾ گهرن ويلن ۾ پڙجي ڇڪا هئا ۽ هميشه هندن جي درن تي پيٽ ڪندا نظر ايندا هئا. هوشيار هندن، سندن ملڪيتون، قرض ۾ ويا جن جي عيوض تمام تورين تورين رقمن ۾ ڳرڻهي پنهنجون ڪيون. حقيقت ۾ سنڌ جي هندن جون سموريون زمينون، اصل ۾ مسلمانن جون ملڪيتون هيون، پر قرض ۾ هندن، ٺڳيءَ سان، ڪيس وغيره ڪري، کانئن مجبور ڪري ورتيون هيون. هن حقيقت کي محسوس ڪندي، هڪ مشهور هندو شاعر، ڪشنچند بيوس به سچ چئي ڏنو، ونڄ خور، غريبن ۽ هارين جو رت چوس جيان چوسيندا هئا. بيوس کي انهن کان نفرت هئي. چوي ٿو:

---

(١) مولانا امروٽي - بياض ماستر نظام الدين دايو (امروٽ) - غزل
(٢) ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ - ماڊرن اسلام ان انڊيا - ڇاپو ٻيو سال ١٩٤٧ع ص ١٩٤

"خُون مسڪينن تي چوسيو، سُودخورن جو رجان،
گهر جي گهوڙي لڳي ۽ وياج جو وارو وريو.
هڪ آڳيئي وياج وترو، آنو رپئي يا متي
بيو ته ويچارن وري تي وياجُ وياجن تي پريو." (١)

هت وانيا ڪيئن غريب هارين کي قرضدار بنائي ڏيندا هئا. انهن کي هن طرح ٺوڪيندي:

"چار پيسا تيل ڪاٽي، چار ٽڪا تيل تي،
تي لڳي، ڪوٺي ڪٽ ۾، تي ٻٽو ڪوٽو ڪندو." (٢)

ڪڙمي وڃا اهي درد ۽ سور ڏسي، ڪيس آنت نو ڏئي:

"تُنهنجي دردن جي هنئڙ آهه پچائي ڪڙمي!
تُنهنجي سُورن جي اچي ويل وهائي ڪڙمي!" (٣)

مطلب ته مسلماني عوام جي اقتصادي حالت تمام خراب هئي ۽ اهو ظاهر آهي ته جڏهن تعليمي پس ماندگي ڪنهن به قوم ۾ ايندي آهي، ته انهن جي مالي حالت تي گهرو اثر پوندو آهي. تعليم پرائڻ جي ڪري سرڪاري نوڪرين ۽ سياست ۾ به هندو عام جام هئا ۽ جڏهن سينيئن کا ترقي هندو آفيسر ٿي ويا، تڏهن مسلمانن کي تعليم ۾ اڳتي وڌڻ نه ڏنو ويو ۽ تعليم نه هئڻ ڪري، کين نه سرڪاري نوڪري ٿي ملي، ۽ نه سياسي مفادن ۾ ڪو حصو ٿي مليو.

(١) ڪشنچند بيوس - شيرين شعر - ڇاپو ٽيون - سال ١٩٥١ - ص ٣٧ (شعر ١٩١٤ع جو لکيل)
(٢) ايضًا - صفحو ٣
(٣) ايضًا صفحو ٩

مسلمانن ۾ جتي تعليمي ۽ معاشي بدحالي پيدا ٿي پيئي، تڏهن اهو لازمي امر هو ته سندن معاشرو به بگڙي ويو. جهالت ۽ مفلسيءَ جي ڪري منجهن سماجي بُرايون پڻ پيدا ٿيون ۽ جاڪاڻ ته لاعلميءَ ڪري منجهن مذهبي جاڻ به ڪانه رهي. (١)

آزاديءَ جي تحريڪن جو اُڀرڻ

مٿين حالات ۽ ڌارين جي ظلم ۽ تشدد جي ڪري، اهو فطري هو ته برصغير جي ماڻهن ۾ آزاديءَ جو جذبو پڙڪي اُٿي. سو واقعي اُٿيو ۽ ڪيترئي آزاديءَ جون تحريڪون اُڀريون، جن مان خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ وغيره قابل ذڪر آهن.

جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي ته مولانا امروٽيءَ اهڙي پُرآشوب دور ۾ اکيون کوليون، جڏهن سنڌ توڙي هند ۾ سياسي، معاشرتي، مذهبي، اقتصادي ۽ علمي ڪشمڪش ۽ هنگامه آرائي هلي رهي هئي. سندن والد بزرگوار ۽ امروٽي صاحب جو پائنيو سيد عبدالرحمان شاه صاحب فرمائيندا هئا ته وفات وقت مولانا صاحب جي عمر ٤٢ ورهيه هئي. ان موجب اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس ولادت ١٨٥٧ع جي پڇاڙيءَ يا ١٨٥٨ع جي شروعات ۾ ٿي آهي.

---

(١) مولانا ابوبڪر شبلي — ماهنامو الرحيم اردو - ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣٤ ۽ سندن والد جي زباني.

اِهو، اُهو دور هو، جنهن ۾ جنگ آزاديءَ جي تحريڪ زور شور سان جاري هئي، يا ٿي چُڪي هئي.

١٨٥٧ع واري جنگ آزادي، جنهن کي انگريز تاريخ دانن بلوي يا فساد جي نالي سان سڏيو آهي، سو دراصل بلوو يا فساد نه هو، پر انگريز سامراج جي تشدد ۽ ظلم، مذهب دشمنيءَ ۽ بي انصافين جو ردعمل هو ۽ انگريزن جي غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ جنگ آزادي يا جهاد هئي.[1] عين ان آزاديءَ جي جد و جهد دوران مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي پيدائش ٿي، سن شعور ۾ پهچندي ئي، آزاديءَ جي اتساهه ۽ جذبي جو حقيقتون ڏسي، پسي، اهن جو اثر سندس دل ۾ نندي هوندي کان ئي پيدا ٿيو. مولانا صاحب جيستائين سن بلوغت کي پهتو ۽ تعليم حاصل ڪيائين، تيستائين، ١٨٥٧ع واريءَ جنگ آزاديءَ جي ناڪاميءَ کانپوءِ سنڌ ۾ ردعمل ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي آزاديءَ جون تحريڪون وجود ۾ آيون، جن کي پاڻ پڙهيو ۽ ٻڌو هئائين. ويتر جو فاضل استادن ۽ ڪامل مرشد حافظ محمد صديق صاحب ڀرچونڊيءَ جي مرد مجاهد جي تبليغ ۽ جهاد جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪيس، تنهن نه منجهس اهو روح ڦوڪيو، جو ديني ۽ علمي خدمتن جي جذبي سان

---

(١) سيد حسن رياض - پاڪستان ناگزير تها - ڇاپو ٢ - سال ١٩٧٠ ص ٢٣ ۽ ٢٤.

گڏ، سندس رجحان جهاد جي طرف شدت سان اُڀريو، اُن ڪري سندس قومي خدمتون ”اظهر من الشمس“ ۽ قابلِ تحسين آهن، جن جي دم سان سنڌ ۾ سجاڳي پيدا ٿي. ايئن ڪٿي چئجي ته هڪ مُرده جسم ۾ جانِ پئي. (١)

سنڌ ۾ آزاديءَ لاءِ سندس وقت ۾ جيڪي تحريڪون پيدا ٿيون، تن جو روح روان مولانا امروٽي هو، تنهن ڪري انهن تحريڪن جو مفصل بيان ڪرڻ ضروري آهي:

خلافت تحريڪ

يورپ ۾ جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي (سال ١٩١٤ع) لڳي، تڏهن ترڪي، سڄيءَ دنيا ۾ مسلمانن جي واحد آزاد سلطنت هئي. ترڪيءَ جي سلطان کي سڄيءَ دنيا جا مسلمان ”خليفة المسلمين“ ڪري سڏيندا هئا گويا مسلمانن جي طرفان کيس ”خلافت“ مليل هئي. (١)

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ برطانيه ۽ سندس حامي هڪ طرف هئا ته ٻئي طرف جرمني ۽ سندس مددگارن ۾ ترڪيءَ جي عثماني خلافت به شامل هئي. انگريز ته اُئين اسلام ۽ مسلمانن جا شديد ترين دشمن هئا، تن کي جڏهن لڙائيءَ ۾ فتح حاصل ٿي، تڏهن مسلم حڪومت ترڪيءَ کي ٽڪر ٽڪر ڪري اتحادين ۾ ورهائڻ ۽ مسلم خلافت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺا. ترڪيءَ جو سلطان، مسلم دنيا جو خليفو

---

(١) سيد حسن رياض - پاڪستان ناگزير ٿيا - ڇاپو ٢ - سال ١٩٧٠ع ص ٨٣

هو ان ڪري دنيائي اسلام ۾ بي چيني پيدا ٿي. خاص ڪري سنڌ ۽ هندستان جي مسلمانن ۾ زياده بي آرامي هئي؛ ڇاڪاڻ جو هو اڳيئي انگريزن جي مذهب دشمنيءَ ۽ بين ظلمن کان تنگ ٿي چڪا هئا. ۱۸۵۷ع واريءَ جنگ آزاديءَ ۾ به وڏا وڏا سيتم سٺا هئائون، تنهنڪري انگريزن کان سخت متنفر هئا ۽ پنهنجي گهڻا گوليائون ته آزادي وطن لاءِ ڪو مددگار پيدا ٿي پوي، جيڪو سامراج مان وطن عزيز جي جند آزاد ڪرائي. هاڻ ته وري برصغير جي مسلمانن ۾ وڏو جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو، جو ترڪيءَ جي مسلم خلافت ختم ٿيڻ جون خبرون ٻڌائون. (١)

برصغير سنڌ ۽ هند جا مسلمان، عثماني خلافت جي بقاءِ ۽ سلامتيءَ لاءِ ڏاڍ منتظر هئا. سندن اها تمنا هئي ته عثماني خلافت جي اقتدار ۾ مسلمانن جي پاڪ جاين جو به بقاءِ ۽ سلامتي رهندي ۽ "خلافت" جي اسلامي روايت به قائم رهندي.

ان ڪانسواءِ سندن هيءَ مقصد به هو ته برصغير جي مسلمانن کي ان مذهبي جذبي جي ماتحت، متحد ڪري، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ انگريزن سان مڪمل جهاد به ڪجي. ان لاءِ دنيا جي مسلم ممالڪ ۾ پڻ ساڳيو جذبو پيدا ڪري، مختلف مسلم سربراهن کي به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي ته جيئن

---

(١) سيد رياض حسن - پاڪستان ناگزير ٿيا - ڇاپو ٢ - سال ١٩٨٠ع ص ٨٣

ملڪ جي اندروني جهادسان گڏ، بيروني حملي وقت اهڙن مسلم حملي آورن سان اسان به گڏجي پئون ۽ هٿي، انگريزن جو ڏينگو ڏيري ڪري رکون. ان دور ۾ جڏهن ته ملڪي ۽ مذهبي سياست جي اڳواڻي، عالمن جي هٿ ۾ هئي، ان ڪري ڪين ئي اهو خيال اوّل اوّل آيو، ۽ هند ۽ سنڌ جي علمائن ۽ اهل رسوخ مسلمانن، جن ۾ بمبئي جا ڪروڙ پتي واپاري مسلمان به هئا، گڏجي هڪ جماعت تيار ڪيائون، جنهن کي "خلافت ڪاميٽي" جي نالي سان سڏيائون ۽ جڏهن اها تحريڪ، ملڪگير ٿي وئي، تڏهن ڪيس "هند خلافت ڪاميٽي" ڪوٺيائون.(١) هن سلسلي ۾ سيد حسن رياض لکي ٿو:

> "لکنو جي مسلم ڪانفرنس ۾ ان خيال تي گفتگو ٿي ته خلافت، حرمين شريفين ۽ پاڪ جاين جي تحفظ لاءِ ڪو مستقل نظام هئڻ گهرجي. بمبئي جي تمائندن هي اطلاع ڏنو ته بمبئي جي سيٺين، بمبئي ۾ "مجلس خلافت" جي نالي سان هڪ انجمن قائم ڪئي آهي، ان کي آل انڊيا انجمن بنايو وڃي. آخرڪار ڪانفرنس ۾ اهو طئي ٿيو ته "آل انڊيا سينٽرل خلافت ڪميٽي" قائم ڪئي وڃي، جنهن جو مرڪز بمبئي هجي. اهو ريزوليوشن پاس ٿيو ۽ خلافت ڪميٽي قائم ٿي وئي. سيٺ ڇوٽاني خلافت ڪميٽي جو صدر ۽ حاجي صديق کتري سيڪريٽري منتخب ٿيو. نظربندي کان رهائي کانپوءِ صديق کتري جي جڳهه تي مولانا شوڪت علي ڪميٽي جو سيڪريٽري ٿيو." (٢)

آل انڊيا سينٽرل خلافت ڪاميٽي جي سنڌ ۾ برانچ قائم ڪئي وئي، جا "سنڌ خلافت ڪاميٽي" جي نالي سان مشهور ٿي. سنڌ ۾ هن تحريڪ جو محرڪ ۽ باني مولانا تاج محمود امروٽي هو.(٣) هن تحريڪ ۾ عالمن سڀ

(١) سيد حسن رياض- پاڪستان ناگزير ٿا- ڇاپو ٢- سال ١٩٧٠ع ص ٨٥
(٢) ايضًا- صفحو ٨٥ (٣) هفتيوار تجدد وجهد ڪراچي- ا ڄ ١٨ نومبر ١٩٥٩ع ص ٢- ڪالم ٥

کان وڌيڪ ڪم ڪيو؛ هن سلسلي ۾ ”ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ“ لکي ٿو؛

"The theological weight of Indian Islam, was fully behind the anti-British movement. The leaders of the Ulama consulted with the khilafat leaders, and the rank and file theologians throughout the country provided an important propaganda force. The Jamiyat-al-Ulama i-Hind was founded and highly organized." (1)

خلافت ڪانفرنس جو پهريون اجلاس ٢٤ نومبر ١٩١٩ع ۾ دهلي ۾، مسٽر فضل الحق جي زير صدارت منعقد ٿيو، جنهن ۾ گهڻا هندو ليڊر، جهڙوڪ مسٽر گانڌي، پنڊت لعل نهرو، پنڊت مدن موهن مالويه به شريڪ ٿيا هئا. (٢)

هن جماعت ۾ برصغير جي هندن سان گڏجي ڪري ڏاڍو زور سان انگريزن کان ڪڪ ٿي چڪا هئا. ان زماني ۾ هندن سمجهيو ٿي ته مسلمانن جي سات کانسواءِ آزادي ملڻ مشڪل آهي. سڄي برصغير ۾ خلافت جا ڪيترائي جلسا ڪيا ويا، جن ۾ انگريز سامراج کان زوردار نموني گهر ڪئي وئي ته ترڪي سلطنت، خلافت ۽ مسلمانن جي پاڪ جاين جو تحفظ ڪيو وڃي، ته ڪو به ائين ٿيو. ان سلسلي ۾ مولانا محمد علي ٻين ليڊرن سان گڏجي، ساڳي ئي گهر لاءِ يورپ به ويو هو؛

"In January 1920, the Ali brothers issued the Khilafat Manifesto. Presently, in accordance with it, Muhammad Ali and other leaders went

(١) ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ - ماڊرن اسلام ان انڊيا - ڇاپو ٢ - سال ١٩٤٦ - ص ٢٣٩.
(٢) سيد حسن رياض - پاڪستان ناگزير ٿيا - ڇاپو ٢ - سال ١٩٧٠ - ص ٨٦

مولانا امروٽيءَ جا دستخط، خلافت تحريڪ جي چنده متعلق

تحريڪ آزاديءَ متعلق، مولانا محمد عليءَ شوڪت عليءَ جي آمد تي امروٽي صاحب جو خط

off to Europe to present the Khilafat case." (1)

بمبئيءَ واريءَ مرڪزي خلافت ڪميٽيءَ، سنڌ ۾، مولانا امروٽيءَ کي ”سنڌ خلافت ڪميٽيءَ“ جو صدر مقرر ڪيو. هنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جي سموري لکپڙهه ۽ تحريڪ بابت سڀ ڪم، چندا وغيره، مولانا امروٽيءَ جي مشوري سان طئي ٿيندا هئا. ترڪيءَ جي مظلوم مسلمانن جي مالي امداد لاءِ سڄيءَ سنڌ ۽ برصغير ۾ چندن جو سلسلو جاري ڪيو ويو هو ۽ ڪروڙن جي انداز ۾ نقد پيسا، دوائون ۽ ڪپڙا استنبول، انگوره ۽ سمرنا ترافض موڪليا ويندا هئا. مولانا امروٽيءَ سنڌ جي مسلمانن کي چندي جي اپيل ڪري، ڪافي انداز ۾ مالي امداد مرڪزي خلافت ڪميٽي بمبئي جي معرفت استنبول ۽ قسطنطنيه ترافض موڪلي هئي. چندي بابت، امروٽ جي درگاه واري پراڻي دفتر مان هٿ آيل مرڪزي خلافت ڪاميٽي بمبئيءَ طرفان هڪ موڪليل جوابي خط جو نقل ثبوت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو:

<u>Central Khilafat Committee Bombay.</u>

شعبهٔ محاسبی
Account Department
Reference No. 2462.

۴۸۶
مخدومی - السّلام علیکم

آپکا منی آرڈر مؤرخہ ۲۰ اپریل دفتر میں ۳ مئی کو وصول ہوا۔ کل رقم ایک سو پندرہ روپیہ کی تھی۔ جس میں سے سو روپیہ جناب نے رسالت کے فروخت کے بابت مرحمت فرمائے ہیں بقیہ پندرہ روپیہ کی تفصیل خط میں درج ہے کہ دس روپیہ پنہ سندھ بھائیوں کی طرف سے اور پانچ روپیہ ایک ہمدرد صاحب گمنام کی طرف سے۔ ان دونوں رقموں کی رسید ارسال خدمت ہے۔ دس روپیہ والی رسید کی پکی رسید ارسال ہوگی اور پانچ روپیہ والی رقم کی رسید مرسل ہے (۱)

(۱) پرائيويٽ دفتر درگاه امروٽ – خط نمبر پهريون





صدر دفتر صوبه سنده خلافت ڪميٽي

نمبر ۱۰۸

پڪي رسيد

تاريخ ۲ اپريل ۱۹۲۰ع

رقم چنده انگن ۾ (۴۰-۰-۰) اکرن ۾ چاليه روپيه نقد

ڏيندڙ صاحب جو نالو جناب بي بي صاحبه

تفصيل هتان جو ميان محمد صالح ... گهوٽڪي باجي

معرفت جناب مولانا تاج محمود صاحب

سيڪڙن قسم جي لکيل ۽ چندو جو وصول ڪيو حاجي عبدالله هارون صاحب صدر صوبه سنده خلافت ڪميٽي ڪراچي جي والي اچڻ گهرجي

H. A. Haroon

دستخط خزانچي

دستخط صدر

Amd

خلافت تحريڪ جي چندي بابت رسيدن جا فوٽو





صدر دفتر صوبه سنده خلافت ڪميٽي

نمبر ۴۵

پڪي رسيد

تاريخ ۱۸ فيبروري ۱۹۲۰ع

رقم چنده انگن ۾ (۲۳۳-۱۴-۹) اکرن ۾ ٻه سو ٽيٽيه روپيه چوڏهن آنه نو پايون فقط

ڏيندڙ صاحب جو نالو جناب ميان محمد صالح صاحب

تفصيل ويل ماڻهن جي نقل بيو عاقل

معرفت جناب مولانا مولوي تاج محمود امروٽي استقبالي عوض خلافت ڪانفرنس لاڙڪاڻو

سيڪڙن قسم جي لکيل ۽ چندو جو وصول ڪيو حاجي عبدالله هارون صاحب صدر صوبه سنده خلافت ڪميٽي ڪراچي جي والي اچڻ گهرجي

H. A. Haroon

دستخط خزانچي

دستخط صدر

امید ہے کہ جناب کی توجہ چندہ کے بابت یوں ہی مبذول رہیگی -
انشاءاللہ بہت جلد سمرنا کی تیسری قسط 5000 ٹے (پانچ ہزار پاؤنڈ)
کی رقم روانہ کی جائیگی - یہاں دو قسطوں کی رسیدیں وہاں پہنچنے کی
آ گئیں - مسٹر چھوٹانی صاحب نے 50000 ٹے پچاس ہزار پاؤنڈ کی اپیل
کی ہے - مگر فنڈ میں گنجائش نہ ہونیکی باعث اب تک نہ جا سکی - آج
پھر تار صدر صاحب موصوف کا موصول ہوا ہے - وہاں کہ سمرنا، ناطولیہ اور
اور قبرص وغیرہ کی حالت ناگفتہ بہ ہے لاکھوں بلکہ کروڑوں کی تعداد میں عورتیں
مرد اور بچے فاقہ اور بیماری کی وجہ سے جان بحق تسلیم ہو رہے ہیں
انکو مکان اور کپڑے تک میسر نہیں ہے - اللہ اپنا فضل کرے - انکی امداد کی
سخت ضرورت ہے - باقی حالات بدستور ہیں - والسلام

جناب کا خادم
محمد شکور الحسن
Accountant, central khilafat committee, of India (1)

سنڌ ۾ خلافت ڪميٽيءَ جو پهريون اجلاس حيدرآباد ۾، سال ۱۹۲۰ع
۾ ٿيو. آن کان پوءِ اپريل ۱۹۲۰ع ۾، مولانا عبدالڪريم درس جي زير
صدارت، سيوهڻ ۾ ٿيو، جنهن ۾ اڳين جلسن جي پاس ڪيل
ٺهراءَ ته، "انگريزن جي اسلام دشمنيءَ جي ڪري، ملڪ کي دارالحرب قرار ڏئي
ڏنو: ان جي تائيد ڪري، مسلمانن کي هن ملڪ مان لڏي وڃڻ
لاءِ "هجرت تحريڪ" جو ٺهراءُ بحال ڪيو ويو. ان بعد مولانا
امروٽيءَ جي زير صدارت جيڪب آباد ۾ تاريخ ۲ ۽ ۳ مئي ۱۹۲۰ع
تي خلافت جو وڏو جلسو ٿيو، جنهن ۾ مولانا امروٽيءَ سان
بئريسٽر جان محمد جوڻيجو، الا ترڪائي ۽ سکر جا وڏا وڏا ماڻهو
۽ هندوستان کان آيل عالم ۽ سياسي ليڊر پڻ گڏ هئا.
هن جلسي ۾ اهن سڀني ٺهرائن کي عملي صورت ۾ آڻڻ لاءِ

(۱) پراڻو دفتر درگاهه امروٽ - خط نمبر پهريون

امروٽي صاحب ۽ جان محمد جوڻيجي ۽ ٻين عالمن جون جارو اثر ۽ مؤثر تقريرون ٿيون، جن جي ڪري، اڳين جلسن جي پاس ڪيل ٺهرائن ۽ هڪدم عملي صورت اختيار ڪئي. هن جلسي ۾ مولانا امروٽيءَ هڪ انقلاب پيدا ڪندڙ صدارتي خطبو پڙهيو ۽ ٻئرسٽر جان محمد جوڻيجي هڪ جوشيلي ۽ ولوله انگيز تقرير ڪندي، سنڌ جي مسلمانن کي انگريزن کان سخت نفرت ۽ حقارت ڏياري. هن اول پاڻ ۽ پوءِ ٻين انهن ماڻهن، جن کي انگريزن کان خطاب ۽ القاب مليل هئا، تن کان اهي القاب واپس ڪرائڻ جا اعلان ڪرايا. سينڪڙن لقبن وارن، پنهنجا القاب واپس ڪيا. هن جيڪب آباد واري جلسي ڪانپوءِ آزادي، توڙي هجرت تحريڪ وڏي زور شور سان شروع ٿي ۽ هجرت وارن جو قافلو تيار ڪرايو ويو، جنهن جو ليڊر ۽ اڳواڻ، رئيس جان محمد جوڻيجي مرحوم کي ڪيو ويو.(١)

مولانا امروٽيءَ جي اُن صدارتي خطبي جي اقتباس جا ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

”الحمد لله الذي هدانا للإسلام وجعلنا من أُمة سيد الانام والصلاة والسلام على رسوله محمد ن المصطفىٰ افضل الرُسل الكرام وعلىٰ آله واصحابه الذين بذلوا نفوسهم واموالهم على اشاعة الاسلام اما بعد

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه آگسٽ ۽ سيپٽمبر ١٩٧٠ع

حضرات! اوهان صاحبن مونکي هن جلسي جي صدارت جي خدمت سپرد ڪري، منهنجي عزت افزائي ڪئي آهي، پر درحقيقت وڏي جوابداري منهنجي سر تي رکي آهي، جنهن جي شڪريه ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ جيڪر هن لائق فائق، با علم کان وڌيڪ هن ڪم جي مستحق صاحب کي اهڙي تمام وڏي خدمت سپرد ڪرڻ لاءِ عرض ڪريان ها، پر ان سان گڏ اوهان صاحبن جي دلي شڪريه سان آءٌ بعد درگاه الاهي ۾ ملتجي آهيان ته مولى سائين مونکي اهڙي تمام وڏي خدمت جي ڪماحقه ادا ڪرڻ جي توفيق رفيق عطا فرمائي - آمين (1)

. . . .

اڳتي هلي، فرمائي ٿو:

آءٌ مختصر لفظن ۾ فقط هيترو چوندس ته سامراج کي هڪ مذهبي تعصب ٻيو ملڪ گيري جي هوس. جيڪڏهن اوهان کي اهڙي رهزن معلوم ڪرڻ جو شوق آهي ته مصر پاڻي ڪري، خود عيسائي الفاظ مان کي پڙهندا، مگر ان کان اڳ يورپ جي هنن اصطلاحن کان واقف ٿي، ڪين چڱي طرح دل تي رکندا ته آئنده اوهان کي اهڙن مضمونن جي سمجهڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي. جهڙي طرح يورپ ۾ اندر هڪڙي ۽ ٻاهر ٻيو رکڻ کي "پاليسي" (حڪمت عملي) سمجهيو وڃي ٿو، اهڙي طرح ساده لوح مسلمانن کي حقيقت کان بي خبر رکڻ لاءِ اسلام کي دنيا مان ڪڍڻ ۽ مسلمانن کي ڀائي ڀائي بڻائڻ ۽ اسلامي ملڪن کي ٽڪر ٽڪر ڪري، ورهائي ڪڍڻ جو نالو "مسئله شرقيه" رکيو ويو آهي جو ته مسئله شرقيه جي بجاءِ مسئله اسلاميه سڏجڻ گهرجي. يورپ کي پنهنجي ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ جو انديشو نظر اچي ٿو، سا ڪهڙي طرح يورپ جو ٽيون اصطلاح به ياد رکڻ جي لائق آهي. يورپ ۾ هڪ هن ته اسلامي سرسبز ۽ زرخيز ملڪ کي، جنهن ۾ تيل جا چشما، سون چاندي، لوهه ٽامي ۽ اگر جون کاڻيون هونديون آهن، پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ۽ اتي جي قدرت کي ضايع ڪرڻ ۽ ماڻهن کي بي دست و پا بڻائڻ ۽ ضروريات زندگيءَ جي هر هڪ شيءِ ۾ يورپ جو محتاج رکڻ کي "تهذيب" جو نالو ڏنو ويندو آهي. ٻيو اهڙي ئي اجاره جي رستي اتي جي حاڪمن کي ظالم بڻائي انهن جي اصولن کان غير واقف مشهور ڪيو ويندو آهي. تنهن کانسواءِ اتي جي ماڻهن کي رهڻ ۽ تازو وجب ۽ رستن ٺاهڻ، هنري عالم جاري ڪرڻ ۽ انهن کي دنيادار بڻائڻ جا سبز باغ ڏيکاريا ويندا، دلفريب دلاسا ڏنا ويندا، پنهنجي تدبير فرمان روا کان بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح پنهنجي ڪمينه اراده ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ هر هڪ انسانيت پاش پاش ۽ اخلاق سوز ناجائز ڪوشش کي تهذيب ۽ تمدن جي خدمت ڪري ليکيو ويندو آهي ۽ ساري دنيا

---

(1) خطبهءِ صدارت مولانا امروٽي - سنڌ خلافت ڪانفرنس جيڪب آباد جو ٽيون اجلاس ٢-٣ مئي ١٩٢٠ع ڇپايل [illegible] دادو

کي آزاديءَ جي ڪلمي پڙهائڻ جو شيخ ٻنهي ڌرين سمجهندو آهي

اخوان ملت! يورپ جي جالبازين ۽ ڊيپلوميسين تي ڪيترا ڏينهن لنگهيا، هن وقت خوشنما وعدن ۽ دلفريب دلاسن جي اميد تي وڃايو ويو آزمائي کي آزمائڻ سوتو ٿي منهن ۾ پاڻي. مڪه مڪرمه، مدينه طيبه، تثليث جي زير اثر ڦٿڪي رهيا آهن. بصره، بغداد، ڪاظمين شريفين، نجف اشرف، ڪربلا معليٰ تي صليب جو جهنڊو لهرائي رهيو آهي. بيت المقدس تان توحيد جو سايو ڪم ٿي چڪو آهي. شيخ الاسلام مالتا ۾ جلاوطن ڪيو ويو ستر کان زياده شهزادا شاهي خاندان جا ماڻهو گرفتار آهن. تيرهن سؤ ورهين جي اسلامي تاريخ جي يادگار خلافت ميٽجڻ تي آهي. خليفة المسلمين محصور آهي. جا مسلمان اڃا انهيءَ کان به زياده اسلامي تباهيءَ جي منظر ڏسڻ جا منتظر آهن؟ آهه! مسلمان اوهان ڇا ٿا سمجهو ۽ آهه ويچار! اوهان جي غفلت شعاريءَ تي. ڇا انهيءَ حال سان اوهان مسلمان سڏائڻ جا حقدار آهيو. ڇا انهيءَ حال سان اوهان خدا ۽ رسول ﷺ وٽ سرخرو ٿيندا. افسوس! عار دارد ڪفر از ايمان ما.

پاڻ هن وقت شرع شريف جي حڪم موجب، پاڻ کي ڪنهن به طرح سان بچائڻ ۽ خليفة المسلمين جو دنيوي اقتدار قائم رکڻ ۽ مظلوم پاڻن جي مدد ڪرڻ اسان تي فرض آهي. اسان هن بنسبت ٻنهي مذهبي جذبات ۽ شرعي مطالبات کان سرڪار کي وقت بوقت جلسن جي رستي ۽ تارن جي رستي ۽ وفدن جي رستي آگاهه ڪري چڪا آهيون ته جيڪڏهن فيصلو اسان جي مذهب جي برخلاف ٿيو ته پوءِ اسين مذهبي حڪمن جي موجب وفادار رهي نه سگهنداسون پر هن وقت تائين ڪو خاطر خواه نتيجو نڪتو آهي ۽ نڪو اميد ئي آهي.

مولانا محمد علي صاحب خلافت جي وفد جي پارن سيٺ ڇوٽاڻي صاحب کي جيڪو خط تاريخ ۲۵ مارچ ۱۹۲۰ع تي لنڊن مان موڪليو آهي، تنهن ۾ لکيو اٿس ته انڊيا آفيس وزيراعظم جي، وفد کي ڏنل جواب نه رڳو مايوس ڪندڙ آهي، پر سندس جواب ۾ ڪيترائي حوالا بي بنياد آهن. غرض ته اُنهن واقعات، جيڪا موجوده حالت جي ٻڌندي ”انهيءَ ڪري اوهان کي صاف طرح خدا جو حڪم ٻڌائي ٿو ته ا هڙي موقعي ۾ اوهان تي جهاد فرض آهي. مگر جيڪڏهن ته اوهان وٽ هٿيار ۽ ٻيا ضروري اسباب موجود نه آهن، انهيءَ ڪري ٻئي ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ هجرت ڪري وڃڻ کان سواءِ ايمان جي بچاءَ جو ٻيو ڪو رستو ڪونهي آهي. خدا صاحب جن شڪر آهي جو هن پريشانيءَ جي وقت ۾ امير افغانستان غازي امان الله خان خلد الله ملڪه وسلطنته، جنهن صاف ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ هجرت ڪري ويندڙن مسلمانن کي پنهنجي خدا داد وسيع سلطنت ۾ هر طرح امن ڏيڻ ۽ مالي ۽ جاني مدد ڪرڻ جو وعدو فرمايو آهي. انهيءَ جيڪي صاحب جهاد جي طاقت نٿا رکن ۽ ايمان بچائڻ ۽ خدا تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ واسطي هجرت فرض ٿا سمجهن، سي پاڻ ۾ ملي، گورنمينٽ کي درخواست ڪن ته افغانستان ۾ هجرت ڪري وڃڻ لاءِ رستي ۾

(۱) خطبو صدارت مولانا مرحوم، سنڌ خلافت ڪانفرنس جيڪب آباد- ٻيون اجلاس ۲-۳ مئي ۱۹۲۰ع، ماڻڪ)

ڪو بہ ڪم نہ ڪري ۽ اهڙي پاسي ملي. جيسيتائين اهڙو ڪو بندوبست
ٿئي، تيسيتائين هر هڪ مسلمان سرڪار کي ڪا بہ مدد نہ ڏي. نڪو ماهوار
۾ پڙهي ٿئي ۽ نہ نوڪري ڪري، نڪو چندو وچوڙي ڏي يا قرض ڏي.
ذاتي رنجش ڪو بہ ياد ڪري. جيڪڏهن پاڻ ۾ خدانخواستہ ڪو تڪرار ٿي
پوي تہ اول ڪان درگذر ڪري ڇڏجي نہ تہ شريعت موجب انهي فيصلو ڪنهن
مولوي يا عالم کان ڪرائجي. غرض تہ سرڪار سان سمورا تعلق ٽوڙي ڇڏجن
۽ پنهنجا سڀئي تعلقات خدا صاحب ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان قائم ڪجن.
آخر دعوانا اَنِ الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام علیٰ سيد المُرسلين ” (١)

مولانا امروٽيءَ جي مٿين، خطبي صدارت جي ٽڪرن مان بخوبي معلوم ٿو ٿئي تہ پاڻ هڪ پاسي ڪيتري قدر انگريز سامراج کان نفرت ڪندو هو تہ ٻئي پاسي منجهس صبر سان حالتن کي سمجهڻ ۽ سوچڻ جو مادو پڻ هو. ڪجهہ وقت تہ ظالم (سامراج) جو انتظار ڪيائين تہ مَنَ هِنَ جلسن جلوسن ۽ اپيلن جو مٿس اثر ٿئي ۽ هُو اسلام دشمني ڇڏي ڏين، پر ائين نہ ٿيو. نيٺ مولانا صاحب منجهانئن نااميد ٿي، ڪين وڌيڪ آزمائڻ نٿي چاهيو، ان ڪري جيڪب آباد واري جلسي ۾ مسلمان عوام کي، انگريزن سان قطع تعلقات يا عدم تعاون جي اپيل ڪيائين.

ان کانپوءِ ٦، ٧ ۽ ٨ جون ١٩٢٠ع تي مولانا امروٽيءَ ۽ رئيس جان محمد جوڻيجي جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو عظيم الشان جلسو منعقد ڪرايو ويو جنهن ۾ ننڍي کنڊ جا عظيم عالم ۽ هندستان جا سياسي ليڊر جهڙوڪ مولانا شوڪت علي، مولانا عبدالباري لکنوي، مولانا ابوالڪلام آزاد (٢)

(١) خطبو صدارت مولانا امروٽي- سنڌ خلافت ڪانفرنس جيڪب آباد- اجلاس ٢- ٢-٣ مئي ١٩٢٠ (ڇپايل [illegible])
(٢) ماهنامو نئين زندگي- ماه آگسٽ- سيپٽمبر ١٩٧٠ع ص ١٥

سيٺ حاجي عبدالله هارون، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، مهاتما گانڌي ۽ ڊاڪٽر انصاري وغيره به آيا هئا. ان جلسي ۾ مولانا امروٽيءَ سان گڏ، مهاتما گانڌي ۽ ٻيا ليڊر هڪ ڇڪڙي ۾ ويٺل هئا ۽ سڄي شهر ۾ جلوس ڪڍيو ويو هو. (١)

صدارت پير صاحب جهنڊي واري ڪئي. (٢) هن جلسي ۾ به انگريزن جي خلاف، قطع تعلقات ۽ هجرت جا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، جن ۾ آزاديءَ جو راز سمايل هو. لاڙڪاڻي جي ڪانفرنس ڪانپور ۽ ماڻهن ۾ انگريز حاڪمن خلاف ايڏي ته نفرت پيدا ٿي، جو انگريزي حڪومت جي ڪري، هنن هن ملڪ کي "دارالحرب" قرار ڏئي، هزارن جي تعداد ۾ هن ملڪ مان هجرت ڪري، افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿيا، جن جو بيان "هجرت تحريڪ" جي موضوع ۾ ڏنو ويندو.

جولاءِ ١٩٢١ع ۾ خلافت ڪانفرنس جو ڪراچيءَ ۾ وڏو اجلاس ٿيو، جنهن جي صدارت مولانا محمد علي جوهر ڪئي. خلافت ڪانفرنس جو هي شاهي ۽ تاريخي اجلاس، خالقڏني هال ۾ منعقد ڪيو ويو هو، جنهن ۾ مولانا حسين احمد مدني، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا نثار احمد ڪانپوري، پير غلام مجدد سرهندي، مولانا شوڪت علي ۽ مسٽر بي-ڪي تيرٿجي عرف وينڪٽرامن وغيره ليڊرن به شرڪت ڪئي هئي (٣)

(١) ماسٽر فتح محمد سيوهاڻي مرزاپوري - قلمي بياض - صفحو ٣٢٣
(٢) ماهوار نئين زندگي - ماهه آگسٽ سيپٽمبر ١٩٧٠ع
(٣) ماهوار نئين زندگي - ماهه آگسٽ ١٩٦٨ع صفحو ٢٣

هن اجلاس ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو هو ته ”جئين ته انگريز اسلامي دنيا جي خليفي سان جنگ ڪري رهيا آهن، ان سبب اسان برصغير جي مسلمانن جون دليون مجروح ٿي رهيون آهن. بار بار اپيلن ۽ درخواستن جي باوجود، ڪجھه به نه ٿيو آهي، ان ڪري هي اجلاس، انگريزن سان ”بي تعلقي“ يا ”عدم تعاون“ جو اظهار ڪري ٿو. مسلمان فوجين کي گهرجي ته هڪدم انگريزن جي نوڪري ڇڏي ڏين. ٻيو ته جيڪڏهن انگريز، انگورا حڪومت سان اجا جنگ جاري رکندا ته پوءِ هند سنڌ جا مسلمان سول نافرماني جاري رکندا ۽ پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪندا.“ ان تي انگريزن ڪي سخت غصو لڳو ۽ جلسي جي صدر مولانا محمد علي جوهر ۽ سندس ساٿين تي تاريخي مقدمون خالقڏني هال ڪراچي ۾، تاريخ ٢٦ سيپٽمبر ١٩٢١ع تي هلايو ويو. هن تاريخ تي مولانا محمد علي جوهر، جيڪا ججن ۽ جيوري ۽ جي آڏو مُدلل تقرير ڪئي هئي، سا هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي. سرڪار جو مٿن اهو الزام هو ته اهي هندوستاني فوج کي ڀڙڪائي، برطانيه سرڪار خلاف بغاوت جون رٿون رٿي رهيا هئا ۽ ملڪ ۾ بدنظمي ۽ گوڙ پيدا ڪري رهيا هئا. آخرڪار مقدمي ۾ کين جيل جي سزا ملي هئي.(١) تحريڪ خلافت ٽوڙي ۽ هجرت جي سلسلي ۾ تبليغ ڪرڻ

---

(١) ماهنامه نئين زندگي ماهه آگسٽ ١٩٦٨ - ٢٣

جي خيال سان، مولانا امروٽيءَ سڄي برصغير جو دورو ڪيو. بمبئي، ڪلڪتي، علي ڳڙهه، لاهور ۽ دهليءَ تائين به سفر ڪيائين. ان وقت ۾ اهي شهر تحريڪ خلافت هند جا مرڪز بڻجي چڪا هئا. بزرگ امروٽيءَ جي عظيم شخصيت جو، پوري برصغير ۾ احترام ڪيو ويندو هو. ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ خلافت جا ليڊر سندس وڏو ادب ڪندا هئا. (١)

سياسي بيداريءَ جي لحاظ کان شيخ عبدالمجيد صاحب، مولانا امروٽيءَ جي باري ۾ فرمائي ٿو:

"انگريزن کان قطع تعلقات جو لفظ، سڀ کان اول مرحوم مولانا حضرت تاج محمود صاحب امروٽيءَ جي زبان مبارڪ مان دهليءَ جي جلسي ۾ نڪتو، جو ساري هندستان ۾ پکڙجي ويو." (٢)

نور محمد خان پٺاڻ، رٽائرڊ ڊپٽي ڪمشنر، ساڪن الهندو ڪڇو حيدرآباد کان روايت آهي ته پٺاڻ صاحب جڏهن مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ تعليم وٺندڙ هو، (سال ١٩٢١ع) تڏهن علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ مولانا تاج محمود شاهه امروٽي، تحريڪ خلافت، قطع تعلقات ۽ آزاديءَ جي روح ڦوڪڻ جي سلسلي ۾ آيو هو ۽ اُتي "سڊنس يونين ڪلب"[٣] هال ۾ مؤثر تقريرون ڪيون هئائين. ساڻس گڏ مولانا محمد علي، شوڪت علي ۽ مهاتما گانڌي به هئا.

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه آگسٽ ١٩٦٨ع ص ٢٨

(٢) روزنامو الوحيد - سنڌ آزاد نمبر - سال ١٩٣٦ع - ص ١٤٣ - ڪالم نمبر ٢

[٣] "سڊنس" هڪ انگريز آفيسر هو، جنهن جي نالي پٺيان، ڪلب جو نالو رکيو ويو هو.

غرض ته مولانا امروٽيءَ خلافت ۽ آزاديءَ تحريڪ جو وڏو علمبردار هو. سنڌ ۾ انگريزن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو قائد مولانا صاحب هو، هن بزرگ ئي سنڌ ۾ خلافت ۽ هجرت تحريڪ جي قيادت سنڀالي ۽ آزاديءَ جي طلب ڪئي. ترڪيءَ جي حريت پسندن ۽ احرارن جي ڪاميابيءَ لاءِ هن طرح دعاگو آهن:

"ڏي ڏيڻ تون فتح ڪامل، مصطفيٰ احرار کي.
مرد غازين کي مدد ڏي، هر جا سنڀارڻ هار کي.
١. ويڙهه ۾ ويرين مٿان تڪڙو ڪيو ترڪن تمام،
ڏڙ سيسيون سوره ڪيئن، ويرين سنڌي ڪاپار کي،
٢. ترڪ تازا ڪر توانا، آلِ عثمان جي سوا،
ناس ڪر سارا نصارا، راڄ روسين زار کي." (١)

جمعيت العلماء | هند ۽ سنڌ جي عالمن جي مضبوط تنظيم هيٺ هڪ جماعت مقرر ٿيل هئي، جنهن کي "جمعيت علماء هند" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. تحريڪ آزاديءَ جي سلسلي ۾ جيڪي به ٻيون تحريڪون وجود ۾ آيون، اُهن ۾ جمعيت علماء جي عالمن مکيه پارٽ ادا ڪيو. مولانا امروٽي، نه رڳو "جمعيت علماء هند" ۾ شريڪ هو، پر "جمعيت علماء سنڌ" جو صدر به هو. تحريڪ خلافت ۾ به جمعيت علماء هند، نهايت سرگرم هئي. انڪري خلافت جي جلسن کانسواءِ، جمعيت علماء جا جدا

(١) مولانا تاج محمود امروٽي - سياح ماستر نظام الدين دائره - ۾ ميمڻ عبدالمجيد جرتد ڪرڪ شر اڪسڪريا ١٩٧٨ ص ١٦١

غرض ته مولانا امروٽي خلافت ۽ آزادي تحريڪ جو وڏو علمبردار هو. سنڌ ۾ انگريزن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو قائد مولانا صاحب هو. هن بزرگ ئي سنڌ ۾ خلافت ۽ هجرت تحريڪ جي قيادت سنڀالي ۽ آزاديءَ جي طلب ڪئي. ترڪيءَ جي حريت پسندن ۽ احرارن جي ڪاميابيءَ لاءِ هن طرح دعاگو ٿي اٿس:

"ڏي ڏي تون فتح ڪامل، مصطفيٰ احرار کي.
مرد غازين کي مدد ڏي، هر جا سنڌين هڪار کي.
1. ويڙهه ۾ ويرين مٿان تون ڪڙ ڪيو ترڪن تمام،
ڏڪ سيسيون سوريه ڪيئن ويرين سنڌي ڪاپار کي.
2. ترڪ تازا ڪر توانا، آل عثمان جي سوا،
ناس ڪر سارا نصارا، راڄ روسين زار کي." (1)

جمعيت العلماء | هند ۽ سنڌ جي عالمن جي مضبوط تنظيم هيئت هڪ جماعت مقرر ٿيل هئي، جنهن کي "جمعيت علماء هند" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. تحريڪ آزاديءَ جي سلسلي ۾ جيڪي به پيون تحريڪون وجود ۾ آيون، اُنهن ۾ جمعيت علماء جي عالمن مکيه پارٽ ادا ڪيو. مولانا امروٽي، رڳو "جمعيت علماء هند" ۾ شريڪ نه هو، پر "جمعيت علماء سنڌ" جو صدر به هو. تحريڪ خلافت ۾ به جمعيت علماء هند، نهايت سرگرم هئي. انهيءَ خلافت جي جلسن کانسواءِ، جمعيت علماء جا جدا

(1) مولانا تاج محمود امروٽي - بياض ماستر نظام الدين نائو - ع ميمڻ عبدالمجيد جو تذڪره شعراءِ سنڌ ڪراچي ١٩٨١ ص ٣١١

اجلاس ۾ سڏايا ويندا هئا، جن ۾ خلافت ۽ آزاديءَ متعلق تجويزون، نعراءِ، صلاحون ۽ مشورا ڪيا ويندا هئا. هن سلسلي ۾ مولانا امروٽيءَ نه رڳو سنڌ ۾، پر سنڌ کان ٻاهر ناگپور، اجمير، ميرٺ، بمبئي، دهلي، عليگڙهه، علڪتي ۽ ديوبند تائين، جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سفر ڪيا. ڪلڪتي ۾ جمعيت علماءِ جو جلسو، جيڪو ۱۹۲۲ع ۾ ٿيو هو، ان ۾ امروٽي صاحب کي صدارت جي دعوت ڏيڻي ڪئي وئي هو، جتي صدر جي حيثيت ۾ ڪيترائي نعراءِ انگريز سامراج جي خلاف پاس ڪرايا هئائين. جمعيت علماءِ سنڌ جي قائم ٿيڻ کانپوءِ، مولانا صاحب کي سنڌ جي جمعيت جو صدر مقرر ڪيو ويو ۽ پاڻ آخري دم تائين، "جمعيت علماءِ سنڌ" جي صدارت جا فرائض انجام ڏيندو رهيو. (۱)

خلافت ۽ آزاديءَ جي سلسلي ۾ مولانا امروٽيءَ (الرحمٰن)

۾، تاريخ ڏهين ۽ ٻارهين شعبان، سنه ۱۳۴۰ هجري ۾ جمعيت علماءِ جو هڪ خاص اجلاس سڏايو هو، جنهن لاءِ هڪ دعوت نامو لکيو هئائين، جنهن جون هزار ڪاپيون ڇپائي، علماءِ تو ڙي عوام ڏي موڪليون هئائين. اُن دعوت نامي جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

(۱) ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاهه - تذڪره امروٽي جي مقالو - (ريسرچ اردو ترجمو) ص ۱۴۔۱۵

٧٨١

الله اڪبر

دفتر مجلس خلافت لاڙڪاڻو

جناب محترم مولانا المعظم مولوي صاحب!

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتهٗ

هن پرآشوب زماني ۾، پرمصائب دور جي مونجھاري جھڙن سوالن کي اسلامي نقطهٔ نظر سان حل ڪرڻ لاءِ جميعت علماء سنڌ جو خاص اجلاس، ١٠-١١ شعبان سنه ١٣٤٠هه، لاڙڪاڻي ۾ منعقد ڪرڻ جو مصمم ارادو ڪيو ويو آهي. جنهن صورت ۾ هن اجلاس ۾ نهايت اهم ڳالهين تي شرعي روشني وجهي، عام مسلمانن جي رهنمائي ڪرڻي آهي، تنهنڪري اميد ته اوهان صاحب براه ڪرم هن ضروري اجلاس ۾ شرڪت فرمائي، شرعي رهنمائيءَ جي اهم فرض کان سبڪدوش ٿيندا.

طعام ۽ قيام جو بندوبست، مجلس خلافت لاڙڪاڻي جي طرفان ٿيل آهي، تنهنڪري مهرباني فرمائي، پنهنجي تشريف آوريءَ جو پيشگي اطلاع، جناب پير الاهي بخش صاحب، ناظم خلافت لاڙڪاڻي کي ڏئي، ممنون فرمائيندا ۽ پاڻ سان بستري آڻڻ جي تڪليف پڻ گوارا فرمائيندا. فقط والسلام.

الداعيان
ابوالحسن شاه تاج محمود (امروٽ)
صدر جميعت علماء سنڌ
دين محمد وفائي ناظم استقباليه مجلس (١)

---

(١) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ٣٧ (چيبل)

هن ڏس ۾ مولانا صاحب سان "جمعيت علماء هند" جي لکپڙهه ۽ صلاح مشورو هميشه ٿيندو رهندو هو. اهڙي قسم جي هڪ خط جي نقل جو ملاحظو فرمائيندا:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الجمعیۃ المرکزیۃ العلماء الہند
دھلي
۱۵ فبروري ۱۹۲۱ء

نحمدہ ونصلي علی رسولہ الکریم

جناب محترم زاد لطفہم

"السلام علیکم! جمعیت العلماء ہند کی منتظمہ جماعت اعلیٰ کا کونسل کا ایک جلسہ بعض ضروری امور پر غور کرنے کی غرض سے ۲۸ فروری ۱۹۲۱ء بوقت ۸ بجے شام (شب) مقرر ہے۔ چونکہ مرکزی مقام دہلی میں قانون مجلس معویانہ نافذ ہے اور ۲۶-۲۷ فروری کو اودھ خلافت کانفرنس کا اجلاس لکھنؤ میں ہونیوالا ہے - اس لئے مولوی محمد سلامت اللہ صاحب، جمعیۃ منتظمہ کا وہیں اجلاس میں جانا مناسب سمجھا گیا ہے - امید ہے کہ جمعیت منتظمہ کے ارکان ضروری طور پر تشریف فرما ہونگے - جب کوئی صاحب سخت ضرورت کی وجہ سے تشریف نہ لاسکے تو اپنی تحریری رائے ۲۸ فروری ۱۹۲۱ء سے پہلے مولانا سلامت اللہ صاحب کے نام لکھنؤ روانہ فرمائیں - تحریری رائے مطابق جدید قانون اساسی تصفیہ رائے کے برابر سمجھی جائیگی۔

امور غور طلب

(۱) حساب جمعیۃ بابت سال ۱۹۲۱ء (۲) انتخاب صدر جمعیت (۳) آئندہ سالانہ اجلاس کا مقام اور صدر (۴) بیت المال کا حساب کتاب (۵) دارالقضا کے مسودے کی منظوری اور اس کا نفاذ (۶) شعبۂ تبلیغ کا اجرا اور اسکی اخراجات (۷) انجمن معین الاسلام کا خط (۸) اور جو امر کہ صاحب صدر کی منظوری سے پیش کیا جائے۔"

احمد سعید (۱)

هجرت تحريڪ جيڪب آباد واري، جلسي خلافت ۾، مولانا امروٽيءَ جي صدارتي خطبي ۽ بئريسٽر رئيس جان محمد جوڻيجي جي جوشيلي تقرير، مسلمانن جي دلين تي اهڙو ته گهرو اثر ڪيو، جو جلسي هلندي، هزارين ماڻهن عملي قدم

(۱) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ۲ (ڇپيل)

ڪرڻ جو انجام ڪري، هجرت ڪرڻ جو اعلان ڪيائون، وڏن وڏن ماڻهن، انگريزن کان مليل رهايتون ۽ القاب واپس ڪيا. جڏهن ته مولانا امروٽيءَ هن جلسي ۾ ”عدم تعاون“ جي هدايت ڪندي، مسلمانن کي هن ”دارالحرب“ مان هجرت ڪري، مسلم ملڪ، افغانستان ڏانهن وڃڻ جو تاڪيد ڪيو هو، ان ڪري ”هجرت تحريڪ“ وڏي زور شور سان شروع ٿي. سنڌ جي مسلمانن مان ڪيترن پنهنجا مال متاع ۽ زمينون وڪڻي، افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. تاريخ ٩ جولاءِ ١٩٢٠ع تي سنڌ جو قافلو، هڪ اسپيشل ٽرين جي رستي، شريسٽر محمد جوڻيجي جي سرڪردگيءَ هيٺ، ڪابل ڏي وڃڻ لاءِ اچي، لاڙڪاڻي ۾ گذريو.(١) ڪل هجرت ڪندڙ ماڻهو ٦٠٧ هئا. (٢) مولانا امروٽي ايڏي قافلي کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پاڻ، پير تراب علي شاهه راشدي (قمر علي خان)، پير منل شاهه، پير علي انور شاهه راشدي ۽ شيخ عبدالعزيز جن کي ساڻ وٺي، رئيس جان محمد جوڻيجي جي هجرت واري قافلي سان، ريل گاڏيءَ ۾ پشاور تائين گڏجي ويو، جيڪا ڳالهه ته مولانا صاحبؒ، هن تحريڪ جو روح روان هو. (٣).

هجرت جو نظارو ان وقت جي اخبار ”لاڙڪانه گزيٽ“ هن طرح ڏنو آهي:

”٩ جولاءِ ١٩٢٠ع تي مسلمان پنهنجي دين جيا اصولن جي پيروي ڪرڻ

---

(١) ماهنامو نئين زندگي – آگسٽ سيپٽمبر ١٩٦٩ع ص ١٥

(٢) قلمي بياض مولوي محمد اسحاق جتوئي گوٺ ماهي بڳو لاڙڪاڻو – تصنيف مولوي خدا محمد بڳو ص ٧

(٣) دفتر درگاهه امروٽ (مولانا امروٽيءَ جو خط، خلافت ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري محمد عارف وزيرآباد) خط نمبر ٩



SINND PROVINCIAL KHILAFAT COMMITTEE

جمعيت خلافت اسلاميه صوبه سند

ڪراچي .

السلام عليڪم

مڪرمي جناب حضرت مولانا تاج محمود صاحب

خلافت تحريڪ جي جلسي بابت خط

ازامروٽ

ڪرم محترم مسٽر محمد خان سيڪريٽري خلافت ڪميٽي

مولانا امروٽيءَ جو هجرت تحريڪ بابت خط (فوٽو)

ڪري هجرت ڪري ويا. سيني جي دل تي زخم ڪري ويا. وڏو
غم جو ڏينهن هو. ان ڏينهن هر هڪ مسلمان جو چهرو نهايت
غمگين ٿي ويو. لاڙڪاڻي شهر جا دڪان بند هئا، ليڪن هر
هڪ هندوءَ جو چهرو جدائيءَ ڪري ڪوماڻل هو. ماڻهن جا
ٺٺ لاڙڪاڻي اسٽيشن تي اچي ويا هئا. تنهن ڏينهن هجرت ڪندڙن
جا ٧٠ جٿا هئا. مسلمان پنهنجن جوش دليون خلافت جي
تحريڪ جي مسئلي ڪري، وڏي ماتم ۾ آهن، پيچان ڪتا نه
هجرت ڪرڻ جا آواز پڙهڻ ۾ اچن ٿا. جيتوڻيڪ نه ڪين ماڻهو
هندوستان مان نه هجرت ڪرڻ لاءِ تيار آهن، ڪيترن
اسپيشل گاڏين وغيره جو خيال آهن. خبر پئي آهي ته پوءِ ته
هندوستان جو مستقبل بهتر ٿيندو. سب اسپيشل گاڏيون
گهوٽڪي، لاڙڪاڻي اسٽيشن تان روانيون ٿينديون، جو
هجرت ڪاميٽيءَ جو صدر عوام لاڙڪاڻو آهي. ويچارو
ڏاڍو برو آهي ۽ سڀ لاءِ معمولي دليون نه ڪين.
٩ جولاءِ ١٩٢٠ع ڪهڙو هڪ هندو مسلمان جون تياريون ٿي
لڳيون. هڪ پنهنجون جايون ۽ ڪي زمينون وڪڻي آيا هئا.
۽ هي ته انهن قلتي ڪري آيا هئا، صبح جو هر هڪ پاسي
کان "الله اڪبر" جا نعرا ۽ آواز پئي آيا. ساري پنهنجي
ٻيو شام جو هئا مهينو ۽ مسلمانن جا رئيس جان محمد
جوڻيجي جي بنگلي تي اچي ڪٺا ٿيا ۽ پنهنجي بابت ساڻ
سڀ شهر لاڙڪاڻي ۾ مهاجرن کي سرڪس ڪرائي وئي. جنهن
تو ٽي جو گهر هو. تنهن ۾ ماڻهن جا اندازو ٽيهن هزارن کان اهو
هو. تو شڪ هاريڪيٽ وقت الوداعي تقرير مسٽر گوبند بخش
هندو نهايت دلسوز ۽ جگر ڦاڙيندڙ ڪئي. وقت بوقت
"الله اڪبر" جا نعرا ٿي لڳا. رئيس جان محمد نهايت چيدن لفظن
۾ سڀني جو جواب ڏنو ۽ هر هڪ هندو ۽ مسلمان کي آخر ۾
نيا پوءِ هو ته انهن ته پنهنجي مذهبي اصولن کي مضبوط
ٿي هڪ ڪان نه ڇڏجو. پوءِ ساري سرڪس، بئنڊ وڄائيندي
لنگهي، سٽي اسٽيشن تي آئي. اُها ئي، جنهن ۾ مولانا محمد
۽ رئيس جان محمد جوڻيجو هئا، سا هيڪلو ۽ مسلمانن تي ڪلمو
پڙهي، ڳوٺن جي ديدار ماڻهن وانگر ماڻهن، هجرت ڪندڙن
تي گل ڦل وسايا. اسٽيشن جي پليٽ فارم تي رئيس جان محمد ۽
مولوي تاج محمد امروٽي کي گلن جا هار وڌا ويا. گاڏي اتي
بهي ويهي منٽن روانه ٿي هئي، پر پارٽي وغيره ۾ ڪي
هزار جي جو ڪ هيا هئي، تنهن ڪري گهڻا هزار سيٺ
خداداد، شيخ عبدالرحمان ۽ سيٺ احمد دين شهر مان ڪٺي آيا.
جو هجرت ڪندڙن جا پيسا پنهنجي ۾ نهايت ٺاهو هئا. (١)

---

(١) اخبار "لاڙڪاڻا گزيٽ" ايڊيٽر ديوان ٺڪرداس لاڙڪاڻو - مورخ ١٧ جولاءِ ١٩٢٠ع

جُڏهن پارٽي مرهن طرح ٿي، جو هر هڪ ميل لاءِ اڍائي روپيه اڌ
ٻه آنا وصول ڪيو ويو ۽ ٻي چار روپيه ميل جا ورتا ويا. جنهن ڪري
پروگرام الهندي پاسي ڪولڊن وڃڻ جو هو، پر حضرت سيد تاج
پاڙ ۽ شير شاهه جي پاسي جو ڪيو ويو، تنهن ڪري ١٢ ميلن جو
تفاوت ٿي پيو. ڪل پارٽي سا ڍائي چوڏهن هزار روپيه ٿيو. ١٠ سبب
ڪري گاڏي ١٠ بجي ڇٽي، جنهن وقت گاڏي ڇٽي، تنهن وقت
هر هڪ ڪان گوڙ ها ولي ڪيا ۽ هڪ ٻئي سان محبت سان آخرين
پاڻ ۾ ڀاڪر پاتا. گاڏي جڏهن ٻيهر سان سيڪا ڊوڙي،
عمر پوري گامبود ۽ مهرتي جو ن ڪري ڪهڙو ڪيو؟ انشاءالله
وطني روسٽ هنڊ مسلمان پاڻ هجرت ڪري ويا ۽ سار ٻين شخص
تي رحم ڪري ويا. الله تعالى جلد انهن جا ڀاڻ ملندا.
آمين، آمين، آمين. شانتي، شانتي، شانتي.
سنڌ وارن تي ڏاڍي مرحبا ٿي. سکر ۾ گاڏي هڪ بجي پهتي.
هشام هندو ۽ مسلمان جاڳي هناتيا. کين کاڌو ٽنو ۽
۽ شربت پيا ويو. روهڙي ۾ ٻه ڇٽا هزارين مرحبا ڪئي.
لاهور ۾ بادامي باغ اسٽيشن تي گاڏي بيهاري وئي. اُتي
پنجاهه هزار هندو مسلمان مرحبا لاءِ آيا هئا ۽ پنج هزار نقد
پيسا ڏنا ويا - ١٢ جولاءِ ١٩٢٠ تي لاڙڪاڻي مان هندن ۽ مسلمانن
پشاور تار ڏني، حال احوال دريافت ڪيو، رئيس جان محمد جوڻيجي
جواب ۾ هيءُ تار ڪيائون ته اسين سڀ سلامتي سان پشاور
سڀ خوش چڱا ڀلا آهيون ۽ بادشاهن جيان پيا گذاريون،
سارو قافلو خيريت سان عابل ۾ آهي اسين سڀ. شال خدا کين
هر جاءِ خوش ۽ آباد رکندو. مولوي تاج محمود امروٽي ۽
پير تراب علي شاهه، پير علي شاهه ۽ شيخ عبدالعزيز
اهي پشاور ۾ آهن موچي ايندا ۽ پيا قافلا وڃي ويندا، رئيس
جان محمد پنهنجي پارٽي سميت سان ويو آهي." (۱)

رئيس جان محمد جوڻيجي مرحوم جي ننڍي ڀاءُ پير بخش جيو
ته هي پاڻ پنهنجي ڀاءُ رئيس صاحب سان پشاور تائين ويو هو.
جيائين ته اسپيشل ٽرين جي مرحبا هر هڪ اسٽيشن تي تمام گهڻي
پئي ٿي، پر جيڪا شاندار آجيان لاهور ۾ ٿي، سا هن تاريخي
مرحبا ليکي ته نهي. بادامي باغ اسٽيشن تي اٽڪل ٽيهه هزار ماڻهن

(۱) اخبار "لاڙڪاڻه گزيٽ" (ايڊيٽر مسٽر گوالسي ڊولتمل) لاڙڪاڻو مورخ ١٧ جولاءِ ١٩٢٠ع

جا اچي ڳنڍ ٿيا. قسمين قسمين طعامن جون رڌل ديڳيون پاڻ سان کڻي آيا ۽ طرح طرح جا شربت ۽ لسيون جا گلاس برف سان ٿڌي پيارڀا ٿون ۽ موڪلائڻ وقت ساڍا پنج هزار روپيا نقد پڻ امداد ڪيا ٿون. پشاور ۾ به وڏن وڏن ماڻهن گاڏيءَ ۾ رهائش جو بندوبست ڪيو هو. انهن تي معلوم ٿيو جو ڪنهن شاديءَ جي خوشيءَ ۾ نه ٿئي." هن اها ڳالهه به ٻڌائي ته "ٻئي قافلي سان اٽڪ واري شهر ۾ پسگردائيءَ جا هندو به وحرط لاءِ تيار ٿيا هئا." (١)

هجرت جي وقت ۾ مهاجر مسلمانن جي باري ۾ مولانا امروٽيءَ هڪ شعر چيو هو، جنهن ۾ مهاجرن کي دعائون ڏنل آهن:

"جلالي ڏي جوانن کي، سچا الله ٻاجهارا
مهاجر جي امن تو ڏي، چڙهي هي ملڪ سپارا
١- تياري تن سبيل الله وسيلو تن توڪل تي،
الحمي لاءِ ڇوڙيا، سندن ويرين مٿي مارا.
٢- هلن غازي، هڻي غوغاء، اچو الله اڪبر جو،
ڪفارن ۾ پوي دهشت، ٻڌي آواز تن نعرا.
٣- هيئان تن جا ٿين هيٺا، تين تن سنڌ سڀ سارا
ملائڪ الهام ٿون ڀرٿون، ڪنين تن ڪنڌ ڪارا
. . . .
٨- ڏاڍي هي دانهن ڏر تنهنجي، حسن جي آهه ۽ زاري
مورجي محل تي هاڻي، ڪيو سائين سڀ سوارا." (٢)

هجرت جي وقت، اسپيشل گاڏي ڇٽڻ کان اڳ، مهاجرن مان هڪ شاعر، "عبد" هڪ الوداعي شعر چيو هو، جو هيٺ ڏجي ٿو:

"اسان کي اي عزيزو ٿي، جڳهين قسمت خدا حافظ،
وڃون ٿا طرف ڪابل جي، ڪري هجرت خدا حافظ،

---

(١) پير بخش خان جوڻيجو (ريٽائرڊ جائنٽ ڊائريڪٽر) جو ٻڌايل انٽرويو تعلقي لاڙڪاڻي ميڊيڪل ۾. سندن عمر هن وقت ١٠٠ سال ڪن ٿيندي. ان جو ٻڌايل احوال قلمبند ڪيو ويو.

(٢) مولانا امروٽي - بياض نظام الدين دايو ڳوٺ امروٽ غزل نمبر ٢٤.

۱- "مجاهدي تياسي مهاجرين في سبيل الله،
خادم آهيون سڀئي دين جي خدمت، خدا حافظ.

۲- حفاظت ۽ حمايت دين جي ڪارڻ مدينې ڏي ڪيا،
محمد مصطفيٰ پي پاڻ ڪئي هجرت خدا حافظ!

۳- خدا إِنَّا فَتَحْنَا آهه منجهه قرآن فرمايو،
مگر هي ۽ نصره هجرت جي، لٿي آيت خدا حافظ.

۴- وطن جي ڪيڪي الفت، اسان دل مان مٽيندا سون،
رکون ٿا دل اندر اسلام جي غيرت خدا حافظ.

۵- گهرو ٿا اي دوستو دل سان، خدا کان دين جي نصرت
ادب سان عبد صالح تو ڪري رخصت خدا حافظ" (۱)

هينئون مهاجرن جو لکيل خط، سنڌ رستي تي آجيان جو احوال
ٻڌائي ٿو، جو هن پشاور مان لکيو هو:

خدمت ۾ جناب مولوي صاحب،

بعد نياز ۽ شوق زيارت جي عرض ته: اسان تاريخ ۲۱ شوال ۱۳۳۸ھ
بروز جمع، لاڙڪاڻي مان اسپيشل تي چڙهي، پشاور جي طرف روانا ٿيا سون
اسان جي لاءِ هر هڪ اسٽيشن تي شهرجا ماڻهو مرد زالن جي تعداد ۾ اسان جي
خوراڪ ۽ هر طرح جي ساماني ۽ گلن جي هارن سميت اڳ ۾ حاضر ٿيا هئا. اسان
سان روئي ٿي مليا ۽ جڏهن وقت رهڻ ٿي موڪلايائون. پشٽ فارم جي پاسي کان
مرد ٿي گڏيا ته پٺي پاسي کان زالون ٿي مليون ۽ زالون جي طرف آيون، ڪيتريون
سڀ ڪٽنبون پٺي ۽ دعائون پئي ڪيائون جو ته سگهيون ماڻهون پيرون پاڻ ۾
اچي گڏيون هيون ۽ هڪٻئي جي جدائي ڪري روئي پئي زار زار ٿي ناڻيون، سڄي
پنجاب ۾ اسان جي اسپيشل سخت ماتم پيدا ڪيو، هوڏانهن جو ٿيا پئي پنجاب
ٻڌيون اٿئون پئي پيا ٿئون ته اسين ۽ توهان جي پنهنجا ٿا اچون ته گهڻا پنجابي
ته اسان جي گاڏيءَ سان هليا. ملتان جا نوڪرن تي اسانکي شهر جي ماڻهن ڏير علائڪ
ترسايو، اسٽيشن تي هيٺ خوب بندوبست رکيو هئائون، اتي شاميانا ۽ تنبو هڻايا
هئائون، اتي ليڪچر ٿيا، شربت ۽ گل وغيره ته بيحد هئا. سڄي اسٽيشن ملتان
تائين ۾ اڙعلائڪ ترسايائون. خوب خاطري ٿي. پوءِ هر هڪ اسٽيشن تي خدمت
جو اهو ئي نمونو هو، ڪهڙو ذڪر ڪجي! پر مٿڀرو لاهور آيا سين ته اسانکي
به علائڪ ترسايائون. رات جي ماني اتي کاڌي سين. عاليشان بندوبست ٿيل هو.
ماڻهو تمام گهڻا آيل هئا. مولانا ظفر علي خان ۽ ٻين بزرگن ليڪچر ڏنا. سڄو پنجاب
ڄڻ پيا نقشو ۽ هڪ عام جنبش وانگر هليو. شهر کان پوءِ سرحد ٿي اسٽيشن ٿي احوال
هو. زالون ۽ مرد اسان جي اچڻ جي انتظار ۾ ويٺا هئا. اسان جي اچڻ وقت ۾ ماتم لڳي ٿي

(۱) قلمي بياض مولوي محمد اسحاق انڙ جي، جو هاڻي مدرسه ساڪي جي ترتيب مولوي رضا محمد ص ۱۱

ويو. راولپنڊيءَ ۾ هڪ ڏينهن ترسيا سين. اتي به عاليشان بندوبست هو عزت ڪئمبلپور اسٽيشن تي رهيا سين. ڪئمبلپور ۾ پير علي انور شاه "اُٺ باندھ کمر" وارو هڪ نظم پرزور لهجي ۾ پڙهيو، جنهن حاضرين جي دلين تي ڏاڍو اثر پيدا ڪيو. صبح جو ستين بجي سوار ٿي، ڏهين بجي سومر ڏينهن پشاور ۾ آيا سون. ٽڪ ڪن ماڻهو اسٽيشن تي آيل هئا مون جي بکين جو شمار ئي ڪونه هو. مهاجر اتان سوار ٿي هليا، شهر گشت ٿيو، ان گشت ۾ ٽڪ ڪن ماڻهو شريڪ ٿيا. شهر خوب سينگاريل هو. ڏاڙهون ۽ مرچ، ڪٿ تي چڙهيا ويٺا هئا. شربت ايترو ڏنو ٿي پيارائون جو اسان کيا عيش شربت ۾ پيچي ٿي پيا. هر هڪ مهاجر کي گهٽ ۾ گهٽ سو سيرن کنڊ ڏيارڻ هاريون جون ٽي گشت ڪري، رسلدار جي تنبو ۾ آيا سون، شهر جي ماڻهن، والعياذ سان اسان کي دعوت ڏني. شهر جي هڪ پيسو به اسان جو خرچ نه ٿيو. ٻه ڏينهن ٿي ويا سون ته شهر جي ماڻهن سوڊا ليمن، شربت ۽ ميوي وغيره سان تواضع ٿي ڪيو. مطلب ته اسان جي ڏاڍي عزت ڪئي اٿن. خدا صاحب سڀني کي خوش رکي. هاڻي جمعي ڏينهن روانا ٿي، ڪابل ڏانهن وينداسون. دعا ڪريو ته خدا ۽ صاحب اسلام کي فتح ڏئي".

الراقم الاحقر نبي بخش
مهاجر، قافلو جان محمد جونيجو (1)

مولوي رضا محمد صاحب، پنهنجي قلمي بياض ۾ رقمطراز آهي:

"چمن ٿاڻي ٻئي ٿاڻي ۾ سنڌ مان مسلمان مهاجرن سان گهڻا هندو صاحب هتان هجرت ڪري ويا آهن. مهاجرن جي رهڻ لاءِ ڪابل جي امير صاحب وڏو ڪوٺو ڏنو آهي، جو سنڌين خاص تيار ٿيل جاءِ آهي. ان ۾ قسمين قسمين جا وڻ ۽ گل بوٽا ۽ تازا ميوا هر وقت موجود آهن. ڄڻ ته بهشت جو نمونو آهي. اهو قلعو ايترو وڏيرو آهي جو برابر هڪ لک ماڻهو ان ۾ آرام سان رهي سگهن ٿا." (2)

افسوس! جو مسلمانن ۾ قوم جا غدار به موجود هئا، جن انگريزن سان ساز باز ڪري، کين خبردار ڪيو، جنهن ڪري انگريزن، افغانستان جي خودمختياري تسليم ڪري، تڪڙ تڪڙ ۾ امير امان الله سان صلح ڪري ورتي. صلح جو هڪ شرط اهو به هو ته هندوستان مان آيل مهاجر

(1) قلمي بياض مولوي محمد اسحاق جتوئي - مرتب مولوي رضا محمد صاحب گوٺ ماڇي پوٺو - ص ١٠ ۽ ١١
(2) ايضاً - ص ٩

کي پناهه نه ڏيني وينديون، ان ڪري صلح بعد جلد ئي پناڻن، سنڌي مهاجرن سان بدسلوڪي شروع ڪري ڏني. آخر ويچارا مهاجر ڏاڍين تڪليفن کانپوءِ دربدر ٿي، اچي پنهنجي وطن پهتا. مولانا امروٽيءَ جو پنهنجو قافلو اجا تيار ٿيڻ تي هو ته ان کان اڳ ۾ هجرت تحريڪ ئي ختم ٿي وئي. پناڻن جي اهڙيءَ نازيبا ۽ نامناسب هلت تي امروٽي صاحب کي ڏاڍو صدمو پهتو. (١)

وطن جي آزاديءَ واري تحريڪ جو پس منظر

شاهه ولي الله صاحب پنهنجي دور ۾ ڪيترن بادشاهن کي تخت تي وهندي ۽ لهندي ڏٺو. مسلمانن جي حڪومت جا برصغير ۾ پويان پساهه هئا. ان جوزوال سندس اکين آڏو هو، ان ڪري معاشري جي ديني ۽ سياسي تربيت لاءِ پاڻ هڪ درسگاهه قائم ڪيو هئائين ۽ قرآن شريف جو اُن وقت جي رائج ٻوليءَ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. سندس وفات کانپوءِ هن تحريڪ کي سندس وڏي فرزند، شمس الهند، شاهه عبدالعزيز محدث دهلويءَ پنهنجي والد صاحب وانگر هلائڻ جو عزم ڪيو ۽ ان وقت قرآن مجيد جي تعليم عام ڪرڻ لاءِ سندس ڀاءُ شاهه عبدالقادر قرآن پاڪ جو ترجمو اُردو ٻوليءَ ۾ ڪيو، ڇاڪاڻ ته اُن وقت فارسي ٻوليءَ بجاءِ اردو زبان عام هئي. شاهه عبدالعزيز صاحب هن تحريڪ کي زور شور سان جاري رکيو ان ڪري هن تحريڪ

---

(١) پير علي محمد راشدي - اُهي ڏينهن اُهي شينهن - ڇاپو پهريون سال ١٩٧٤ع صفحو ١٩٥.

۾ داخل ٿيڻ لاءِ، تمام گهڻا ماڻهو نڪري نروار ٿيا ۽ تحريڪ هلندي رهي، جنهن کي اڳتي هلي، بالا ڪوٽ جي لڙائيءَ ۾ مسلمانن جي سکن هٿان شڪست کائڻ سببان ڪاري ڌڪ لڳو، مگر تحريڪ روڪجي ڪا نه وئي. هلندي رهي، تان جو ان تحريڪ جا اڳواڻ، مولانا محمد قاسم نانوتوي ديوبندي ڪانپور ۽ شيخ الهند مولانا محمود الحسن جهڙا بزرگ ٿيا. شيخ الهند ديوبند ۾ هن تحريڪ آزاديءَ جو مرڪز بڻايو ۽ هندوستان ۾ سندس گهڻيئي شاخون کوليائون.(۱) سنڌ ۾ مولانا عُبيدالله سنڌيءَ جي توسط سان، امروٽ کي آزادي تحريڪ جو مرڪز بڻايو ويو، جنهن جو باني، مولانا امروٽي هو.(۲) هن تحريڪ ۾ مولانا امروٽيءَ ۽ شيخ الهند جي وچ ۾ تعلق ڳنڍيندڙ وارو، مولانا عُبيدالله سنڌي هو. آخر ۾ ساڳي ئي تحريڪ، جهڙي خلافت ۽ ريشمي رومال تحريڪن تي اچي، بظاهر ته ختم ٿي وئي، پر انجو روح، اسانجي مسلم اڳواڻن ۾ سرايت ٿيل رهيو. انهن اڳواڻن به شاهه ولي الله جي تعليم واري اثر کي زنده رکندي، آزاديءَ جي جد وجهد ڪئي، ۽ ان جو نتيجو اسان کي آزاد مسلم رياست "پاڪستان" جي صورت ۾ مليو. (۳)

شاهه ولي الله، جنهن ڪم کي شروع ڪيو، سندس وفات بعد، جن ماڻهن، ان تي عمل ڪري، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن ۾ سيد احمد شهيد بريلوي، شاهه اسماعيل شهيد

---

(۱) پروفيسر غلام حسين جلباڻي ايم-اي - شاهه ولي الله جي تعليم جا بنيادي اصول سال ۱۹۶۱ع ص ۲۱۰
(۲) مولانا حسين احمد مدني - ريشمي رومال تحريڪ - ڇاپو - سال ۱۹۶۰ - ص ۱۶۰
(۳) ايضاً - صفحو ۲۰۱

مولانا محمد قاسم نانوتوي، شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مولانا عبيد الله سنڌي صاحبان، قابل ذڪر آهن. (٢)

مولانا امروٽي صاحب جي حالات مان اهڙي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شاه ولي الله صاحب جي زندگي ۽ عمل سندن آڏو هو، پاڻ به دين ۽ ملڪ جي خدمت اهڙي طرح ڪيائون، جيئن شاه ولي الله صاحب ڪئي هئي :

مولانا امروٽي ۽ شاه ولي الله ۾ مطابقت

شاه صاحب، مسلمانن جي هدايت ۽ قرآن پاڪ سان روشناس ڪرائڻ لاءِ حجاز کان واپس اچڻ شرط، قرآن پاڪ جو عام فهم زبان، فارسيءَ ۾ ترجمو "تفسير فتح الرحمان" جي نالي سان لکيو، جو هندوستان ۾، پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ عظيم ڪارنامو هو. ان بعد سنت ۽ فقه، حديث ۽ جهاد وغيره تي زبردست ڪتاب لکيا، ماڻهن ۾ صحيح اسلامي روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪيائين.

ساڳيءَ طرح مولانا تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه به شاه ولي الله وانگر مسلمان عوام جي ذهني ۽ روحاني بيمارين جو علاج، قرآني تعليم ۾ ڄاتو ۽ پهرئين حج تان واپس اچڻ بعد، پهريائين عربي عبارت کانسواءِ، سنڌيءَ ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو لکيو هئائين ته جيئن ماڻهو پنهنجي مادري سنڌي زبان ۾ قرآن

(١) مرحوم سيد عبدالرحمان شاه، شاه ولي الله جي تعليم جو ذڪر ڪندي، ٻڌايو
(٢) پروفيسر غلام حسين جلباڻي. ايم-اي - شاه ولي الله جي تعليم - ڇاپو پهريون - سال ١٩٦١ - ص ٢١٠

مولانا امروٽي ۽ به پاڻ پنھنجي سر ۽ مريد ۽ شاگرد علماءِ اڪرام جون ٽوليون تبليغ لاءِ ناھيو، سڄي سنڌ ۾ موڪليون ۽ الله پاڪ جي فضل سان سڄي سنڌ مان بدعت جي بيخ ڪني ڪري ڇڏي ۽ شرڪ جي پاڙ پٽي ڪڍيائين. نه رڳو ايترو، پر هن سنڌ جي هيري، مولانا امروٽي جي جاذب شخصيت، تعليم ۽ تبليغ جو اهڙو ته اثر ٿيو جو سنڌ ۽ هن علائقن جا ١٠٠٧ (ستهزار) ۽ ڪي غير مسلم، اسلام جي نعمت سان نوازي ڇڏيائين. هن ڳالھ ۾ مولانا امروٽي، شاه ولي الله کان به وڌيڪ اڳتي وڌي ويو ۽ اسلام جي تمام گھڻي اشاعت ڪيائين.

٤- جهڙيءَ طرح شاه ولي الله جي قرآن شريف جي فارسي ترجمي ڪرڻ وقت، هندوستان جا عالم متس ڏاڍا ڪاوڙيا هئا، (٢) تهڙيءَ طرح مولانا امروٽي جي ترجمي تي به سنڌ جي گھڻن ئي عالمن اعتراض ڪيا هئا. مولانا قمرالدين اندڙ ته ان جي خلاف هڪ فتوىٰ به لکي هئي. (٣)

(٥) جهڙيءَ طرح شاه ولي الله، آزاديءَ جو ڪوڙيو هو ۽ ڪيس جهاد سان پيار هو، تهڙيءَ طرح سنڌ ۾ آزادي تحريڪ جو عاشق ۽ روح روان، مولانا امروٽي هو ۽ کيس جهاد سان اٿاھ الفت هئي. سندس جهاد جا مثال تمام گھڻا آهن. جهڙوڪ مسجدين تحفظ لاءِ جهاد، دين جي تبليغ ۾ غير مسلمن جي ڪيس ۽ واقعن

---

(١) ماستر فتح محمد سومرو- تلمي بياض - ص ٩٢ ۽ ٩٤ - ۽ سندس والد جي زباني.
(٢) شيخ محمد اڪرام - سي - ايس - پي - هسٽري آف دي فريڊم موومينٽ - واليوم - سال ١٩٥٧ع ص ٥٠٠
(٣) ماهنامو نئين زندگي ماه اپريل ١٩٦٠ع - ص ٤٥ - ۽ قرآن شريف جا سنڌي ترجما (مولانا غ - م - قريشي)

پاڪ جو ترجمو لکيو هئائين ته جيئن ماڻهو پنهنجي مادري سنڌي زبان ۾، قرآن شريف کي چڱيءَ طرح سمجهن. ان بعد جلدئي قرآن مجيد جي آيتن سان گڏ، سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تفسير "الهام الرحمان" جي نالي سان ڇپيو. هن جهڙو ترجمو اڄ تائين ڪنهن ورلي لکيو هوندو. بقول استاد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي، هي ترجمو ايڏو ته مقبول ۽ مستند آهي، جو هن کانپوءِ ڪنهن به ديني عالم، جيڪڏهن قرآن پاڪ جي سنڌي ترجمي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته ان جي آڏو، مولانا امروٽيءَ جو هو ترجمو ضرور رهيو آهي." (١)

مولانا قاسمي صاحب، مولانا امروٽيءَ ۽ شاهه ولي الله ۾ مطابقت هن طرح بيان فرمائي آهي:

"انهيءَ علم ۽ علمي ماحول ۾ مولانا امروٽي (رح) جيڪو سنڌي ترجمو فرمايو، سو ايڏو ته مستند، با محاوره ۽ عمدو ترجمو ثابت ٿيو، جو جهڙيءَ طرح فارسيءَ ۾ شاهه ولي الله دهلويءَ جو ترجمو اعجاز جو درجو رکي ٿو، اهڙيءَ طرح مولانا امروٽي (رح) جو ڪيل سنڌي ترجمو به اهائي حيثيت رکي ٿو." (٢)

٢- شاهه ولي الله وانگر، امروٽي صاحب به حجاز وڃي اُتان جي علماء ۽ مفڪرن جا تاثرات پاڻ سان آندائون. بقول سندوم والد بزرگوار جي، مولانا امروٽي ست دفعا حج جي سانگي حجاز آيو ويو هو.

٣- جهڙيءَ طرح شاهه ولي الله، شرڪ ۽ بدعت جي پاڙ، هندستان مان تبليغ جي رستي پٽڻ جي ڪوشش ڪئي، تهڙيءَ طرح

---

(١) قرآن مجيد جا سنڌي ترجما - ماهنامو نئين زندگي ماهه اپريل ١٩٦٠ع ص ٢٥،

(٢) ماهنامو نئين زندگي - ماهه اپريل ١٩٦٠ع ص ٢٥،

۾ جهاد ۽ آزادي تحريڪ لاءِ تبليغي ، تحريري ۽ عملي جهاد وغيره مولانا امروٽيءَ ته انگريزي سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، جهاد ڪرڻ جي خيال کان، پاڻ وٽ گهوڙا به پاليا هئا ۽ پنهنجي معتقدن، وڏن وڏن زميندارن وٽ پڻ سندس گهوڙا جهاد لاءِ پاليا ويندا هئا.

٣- مسلمن جي ڪيسن کي منهن ڏيڻ، سندن تعليم، تربيت ۽ رهائش ۽ شاديءَ جي بندوبست ڪرڻ ۽ يتيمن، غريبن جي متان هٿ ڪرڻ ۾ جيتري قدر مولانا امروٽيءَ پاڻ پتوڙيو ۽ تڪليفون سٺيون، سي ٻئي ڪنهن بزرگ ورلي سٺيون هونديون.

٤- پنهنجي ڪي روحاني ڪمال حاصل هو:

آزادي تحريڪ ۽ مولانا محمد علي

آزادي ۽ خلافت تحريڪن جي سلسلي ۾ مولانا محمد علي هندوستان کان ڪيئي ڀيرا دفعا سنڌ ۾ به آيو هو ۽ مولانا امروٽي، صدر جمعيت علماءِ خلافت سنڌ، سان به ٽي دفعا امروٽ ۾ ملاقاتيون ڪيائين ۽ سياسي قسم جي جلسن وغيره ۾ متعدد دفعا مولانا امروٽيءَ سان، دهلي، ڪلڪتي، علي ڳڙهه وغيره جي جلسن ۾ به ملاقاتيون ڪري چڪو هو ۽ کانئس نهايت متاثر ٿيو هو. مولانا امروٽي به جڏهن جڏهن امروٽ، لاڙڪاڻي سکر وغيره ۾ خلافت جا جلسا ڪرائيندو هو ته مولانا محمد عليءَ کي ٻين ليڊرن سان گڏ يا اڪيلو دعوت ڏيندو هو. (١)

---

(١) ماستر فتح محمد سومري ۽ امروٽيءَ جي خاص خادم جي زباني احوال

هن سلسلي ۾ مولانا امروٽيءَ جي خط جو نقل بشهادت طور
پيش ڪجي ٿو، جيڪو مولانا محمد علي ۽ شوڪت عليءَ جي آمد
بابت ٻنهي عقيدت مندن کي لکيو هئائين. هن مان مولانا
محمد علي ۽ امروٽي صاحب جي تعلق جو پتو پوي ٿو:-

برخوردار بيم مولوي حماد الله وخليفنا محمد صالح دام لطفه

السلام عليڪم!

٢ ۽ ٣ مارچ ١٩٢٤ع جي حضرت مولانا محمد علي ۽ شوڪت علي
جن، سکر اچڻا آهن ۽ انهن کي اسلامي ڪمن لاءِ پئسن
جي سخت ضرورت آهي؛ تنهنڪري اوهان کي حڪمي طور
لکجي ٿو ته هن خط ڏسڻ ڪانپوءِ گهر جو هڙ چندي ۽ اسلامي
خدمت بجا آڻي، ڪم ڪندا ۽ اسلامي خدمت لاءِ چندو
جو بلڪل چڱو ذخيرو گڏ ڪندا.

(تاج محمود امروٽ) (١)

محمد عليءَ، تحريڪ خلافت ۾ زور شور سان حصو ورتو. ان سلسلي
۾ سال ١٩٢٠ع ۾ وفد وٺي، لنڊن ويو، پر ڪامياب ڪانه ٿي، ان ڪري
انگريز حڪومت جي خلاف صف آرا ٿي ويو. گانڌيءَ سان سٽ ساٽ
ڏنو. عدم تعاون جي رٿ تي عمل ڪرائڻ لاءِ سنڌ ۾ تقريرن ايڏو
اثر ڪيو، جو ماڻهن انگريزن طرفان مليل خطاب ۽ لقب واپس ڪيا،
اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ٻارن کي انگريزي پڙهائڻ بند ڪيا ويا.

(١) دفتر امروٽ جي درگاهه - (مولانا امروٽي صاحب جي هٿ جو لکيل) خط نمبر ١

انگريزي فوج ۾ ڀرتي ٿيل سپاهين، نوڪريءَ کان نابري واري، ڇڏي،

مولانا محمد علي گڙهه يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي خطاب ڪيو، اُتي به بائيڪاٽ شروع ٿي ويو. (١) عين ان وقت وري سنڌ جي مرد مجاهد، مولانا امروٽيءَ سان پڻ رابطو قائم رکيائين ۽ وٽس ڪيترا دفعا آيو. مولانا امروٽيءَ پڻ سنڌ ۾ هندوستان کان به وڌيڪ، ماڻهن ۾ انگريزن خلاف جوش ۽ جذبو شدت سان پيدا ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ هندوستان به ڪيترا پيرا ويو ۽ مولانا محمد عليءَ سان ملاقاتون ڪيائين ۽ هن تحريڪ ۾ مالي امداد به سنڌ مان چندو ڪري، مولانا جن کي ڏيندو رهيو. (٢)

ڪراچيءَ ۾ جيڪو جلسئہ خلافت، ٨ جولاءِ ١٩٢١ع ۾ ٿيو هو، ان جي صدارت، مولانا محمد عليءَ ڪئي هئي، جنهن ۾ مولانا جن، نعراءِ عدم تعاون جا، زور شور سان پاس ڪرايا، ان تي انگريز سرڪار مٿس بغاوت جي ڏوهه کانسواءِ ڪيترائي قلم لڳايا، مقدمون خالقڏني هال ۾ هلايو هو، احوال اڳيئي ڏنو ويو آهي) جنهن ۾ سال سزا ڪاٽي، ١٩٢٣ع ۾، جيل ليڊرن سان گڏ آزاد ٿيو. (٣)

مولانا محمد علي، نهرو رپورٽ تي اعتراض ڪيو هو جنهن ۾ مسلمانن کي فائدو ڪونه ٿي مليو. آخري دور ۾، سال ١٩٣٠ع ۾، آزادي

(١) صلاح الدين ناسڪ - تحريڪ آزادي - اشاعت اول - سال ١٩٤٧ع صفحو ٢٢٣ کان ٢٢٥

(٢) ماستر فتح محمد سرمدي - امروٽي صاحب جي خادم جو زباني احوال.

(٣) ماهنامو نئين زندگي آگسٽ ١٩٦٨ع ص ٢٣.

جي سلسلي ۾ گول ميز ڪانفرنس لنڊن ۾ ٿيو، جتي سخت
علالت جي باوجود، اهڙي ته مؤثر تقرير ڪيائين، جو سڄو
اجلاس دنگ رهجي ويو. سندس تقرير جو ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

ترجمو: "مان اڄ هن مقصد سان هتي آيو آهيان ته جڏهن مان
پنهنجي وطن وڃان ته آزاديءَ جو منشور منهنجي هٿ ۾ هجي.
مان غلام ملڪ ۾ واپس نه وينديس. هڪ غير ملڪ ۾ جنهن
کي آزاديءَ جي نعمت نصيب (حاصل) آهي، مونکي غريب الوطنيءَ
جو موت منظور آهي. جيڪڏهن اوهان مونکي هندوستان
جي آزادي نه ڏيندؤ ته توهان کي منهنجي قبر جي جڳهه
هتي ڏيڻي پوندي" (١)

جنهن سڄي جوش جذبي سان محمد عليءَ اها تقرير ڪئي، انجو
اثر فوراً ظاهر ٿيو. ان تقرير کانپوءِ مولانا صاحب صرف ٻه ڏينهن
زنده رهيو. گول ميز ڪانفرنس ۾ تقرير ڪرڻ کانپوءِ هندو مسلم
سمجهوتي لاءِ آخري اسڪيم اُتي لنڊن ۾ تيار ڪري رهيو هو ته
ان دوران تاريخ ٤ جنوري ١٩٣١ع جو داعي اجل کي لبيڪ چئي
ويو. وفات کان ٿورو اڳ، ٻن ڪلاڪن تائين سرشاهنواز
ڀٽي سان سنڌ متعلق ڳالهيون ٻڌي ڪيائين. هن صوبي سان،
هن کي سڀ کان گهڻي محبت هئي، ان ڪري جو هندستان ۾
اسلام سنڌ مان ئي داخل ٿيو هو، (٣)
انتقال بعد ڪن دوستن جي مرضي هئي ته کيس لنڊن ۾ دفن

---

(١) صلاح الدين ناسڪ - تحريڪ آزادي (اردو) اشاعت اول سال ١٩٧٢ع ص ٢٣١-٢٣٢
اردو عبارت: "ميں آج اس مقصد سے يہاں آيا ہوں کہ جب ميں اپنے وطن جاؤں، تو آزادی کا منشور ميرے ہاتھ ميں ہو.....
...... ميرے لئے يہاں قبر کی جگہہ دينا ہوگی -
(٢) ايضاً. ص ٢٣١-٢٣٢
(٣) رئيس احمد جعفري (ندوي) نگارشات محمد علي طبع اول - سال ١٩٤٢ع ص ٢٨٣

ڪجهي، مگر سندس گهرواريءَ جو زور هو ته لاش هندوستان کڻي وڃي، پر انهن ٻنهي تجويزن کي مفتي اعظم فلسطين، امين الحسينيءَ جي زور تي، کيس يروسلم ۾ دفن ڪيو ويو، جتي قبلهٔ اول (بيت المقدس) آهي. (١) هي سنه ١٨٧٨ع ۾ ڄائو هو، ۽ ١٩٣١ع جنوريءَ ۾ فوت ٿيو. انهيءَ حساب سان، سندس عمر، باونجاهه ورهيه هئي. (٢)

مولانا محمد علي محب وطن هو. پهريائين ڪانگريس آزاديءَ جو قائل هو، پر هندن جي "شڌي ۽ سنگٺن" تحريڪن کان پوءِ، مسلمانن جي جدا گانه تنظيم تي ڏاڍو زور ڏنائين (٣) اهو مولانا محمد علي ئي هو، جنهن قائد اعظم محمد علي جناح کي، مسلم ليگ ۾ شموليت جي دعوت ڏني، جا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ مسلم ليگ جو ميمبر بڻيو. (٤)

سندس شخصيت تي مختلف مصنفن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا:

ذهانت ۽ هوشياريءَ جي باري ۾ رئيس احمد لکي ٿو:

ترجمو: "محمد علي بريلي ۾ بيحد ذهين، مگر ڪم محنت هو. استاد سڀئي، ان کان خوش رهندا هئا. مزاج ۾ تيزي ۽ حاضر جوابي گهڻي هيس." (٥)

شورش ڪاشميري سندس هوشياريءَ جي ساک ڀري ٿو:

ترجمو: "محمد علي جوهر، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ هڪجهڙي دسترس رکندڙ هو

---

(١) صلاح الدين ناسڪ – تحريڪ آزادي (اردو)۔ اشاعت اول – سال ١٩٧٢ع – ص ٢٣٢
(٢) جميل احمد – هنڊريڊ گريٽ مسلمس (انگريزي) ڇاپو – سال ١٩٧١ع – ص ٤٢٦
(٣) محمد سرور – مضامين محمد علي (اردو)۔ طبع اول – سال ١٩٤٠ع ص ج
(٤) مير تقي علي خان – بي تيغ سپاهي (اردو)۔ اشاعت اول – سال ١٩٥٧ع – صفحو ٧٨
(٥) رئيس احمد جعفري – سيرت محمد علي (اردو) حصو اول ۽ دوم – ڇاپو پهريون سال ١٩٥٠ع ٢٥-٢٧

سندس گفتگو ۾ جلال ۽ جمال، ٻئي هئا." (١)

مولانا محمد علي ۽ جي هيٺين لفظن مان، سندس صبر ۽ اسوهءِ حسنه

تي هلڻ جي تڙپ معلوم ٿئي ٿي :

ترجمو: "صبر ڪيون ويٺا آهيون ۽ پنهنجي مالڪ جي آڏو سِرُ جهُڪيل آهي. جيڪا مرضي سولن ۽ آفتن ۾ رحمه اولي، .... پنهنجي پريشانين جي خيال ڪرڻ بعد، جڏهن آنحضرت صلعم جي پريشانين ۽ تڪليفن جو خيال اچي ٿو .... جي صلح ڪئي تائين جاري رهيون، ته پنهنجي نفس کان شرم ماڻو ٿو ٿئي. ۽ پنهنجي صبر کي صبر ۾ عزم کي عزم چوندي شرم ٿو اچي. جنهن وقت حضور پرنور صلعم جو اسوه حسنه سامهون موجود نظر اچي ٿو، تنهن وقت پنهنجي تحرير جيڪڏهن ماڪوڙن کان به بدتر نظر اچي ٿي." (٢)

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاه پنهنجي راءِ هيئن ٿو ڏئي :

"Maulana was the first leader of Muslim regeneration, in the twentieth century. A student of Ali Garh and Oxford, he was one of the founders of All-India Muslim league in 1906. His writings and speeches to this day, remain a constant source of inspiration to the Muslims of the sub-continent." (٣)

برصغير ۾ سندس مقبوليت ايتري هئي، جو سڀئي سياستدان، هن جي رهنمائي ۽ رهبري ۾ مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندا هئا. (٤)

سندس وفات تي آل انڊيا مسلم ليگ جي ٻارهين اجلاس، مورخ ڊسمبر ١٩٣١ع جي پهرئين ريزوليوشن ۾، هيٺئين لفظن ۾ ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي :

"The All-India Muslim league places on record, its deep sense of sorrow and loss on the sad death of Maulana Muhammad Ali sahib & Maharaja Mahmood Ali khan of Mahmoodabad, old and prominent members of the league

---

(١) شورش ڪاشميري - سيد عطاءالله شاه بخاري (اردو) ڇاپو ا - سال ... ص ١٨٣
(٢) پروفيسر محمد سرور - خطوط محمد علي (اردو) ڇاپو ا - سال ١٩٤٠ع - ص ١ ۽ ٢
(٣) پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاه - ڪارسان دي سبڪانٽينينٽ (انگريزي) ڇاپو ا - سال ١٩٦١ع - ص ١٢٥.
(٤) رئيس احمد جعفري - افادات محمد علي (اردو) - سال ڪونهي - ڇاپو ا - ص ١٢ کان ١٤.

members of the league and conveys its condolence to the members of the bereaved families". (1)

مولانا تاج محمود صاحب امروٽيءَ جي سياسي تحريڪ ۾ عمل جو وڏو اڳاڻپ مولانا شيخ الهند محمود الحسن جي تحريڪ سان هو ۽ ٻنهي بزرگن جي ملاقات جو باعث مولانا عبيد الله صاحب سنڌي هو، جنهن مولانا امروٽيءَ کي وٺي ديوبند ۾ شيخ الهند سان ملاقات ڪرائي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪانپور ۾، مولانا امروٽي ۽ مولانا شيخ الهندؒ سان آزادي وطن واري تحريڪ ۾ متفق ٿي ويو، ان ڪري ضروري آهي ته شيخ الهند ۽ مولانا سنڌيءَ جي تعارف لاءِ هتي ڪجھ روشني وڌي وڃي:

مولانا محمود الحسن محدث دهلوي

دارالعلوم ديوبند جو سرپرست، شيخ الهندؒ مولانا محمود الحسن دهلوي، بانس بريلي (يوپي) ۾، سنه ١٢٦٨ھ مطابق ١٨٥١ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو مولوي ذوالفقار علي هو، جو بريليءَ ۾ ملازم هو. مولانا محمود الحسن، دارالعلوم ديوبند جو پهريون شاگرد ۽ مُدرس هو. (٢) هن پنهنجي تعليم ديوبند مدرسي ۾ ئي پوري ڪئي. سندس استاد، مولانا محمد قاسم نانوتوي هو، جنهن پنهنجي شاگرد، محمود الحسن ۽ مدرس ملا محمود جي موجودگيءَ ۾، مسجد چته واري مدرسي کي وُسعت ڏيئي، ديوبند جي مدرسي جو بنياد وڌو. مولانا محمود الحسن صاحب، ١٨٧١ع ۾ دارالعلوم

(١) شريف الدين پيرزاده - فائونڊيشن آف پاڪستان فائيو نمبر٢ - سال ١٩٧٠ع - ص ١٨٦ (انگريزي)
(٢) پروفيسر محمد ايوب قادري - تذڪره علماءِ هندُ (اردو) ڊفعوا - سال ١٩٦١ع - ص ٢٦٨ ،

ديوبند مان علم جي تحصيل حاصل ڪئي ۽ سندس ذهانت ۽ علمي مهارت جي ڪري کيس ديوبند ۾ ئي مدرس مقرر ڪيو ويو. سندس شاگردن مان مولانا حسين احمد مدني، مولانا عبيد الله سنڌي، انور شاهه ڪشميري، مفتي ڪفايت الله شاهجهانپوري ثم دهلوي، مولانا محمد صادق (کڏو ڪراچي) وغيره مشهور آهن. (١)

مولانا عُبيد الله سنڌي، سنه ١٣٠٦ھ مطابق ١٨٨٩ع ۾ شيخ الهند وٽ پڙهيو. شيخ الهند جي فيض ۽ ڪمال کي سنڌي صاحب هن طرح ظاهر ڪري ٿو:

> "مان جڏهن فلسفي جي ڪتابن مان فارغ ٿي ويس، تہ اصول فقہ ۽ علم ڪلام جا ابتدائي ڪتاب دارالعلوم جي اساتذه وٽ پڙهيس، جن مان شيخ ابو العلوم احمد بن شيخ الاسلام مولانا محمد قاسم جو نالو خصوصي طرح قابل ذڪر آهي ۽ توضيح ۽ تلويح حضرت شيخ الهند وٽ پڙهيم. حضرت شيخ الهند ڪا نہ روزانہ ڪم از ڪم ٻہ ڪلاڪ پڙهندو هوس، جيڪي شرح يا حواشيءَ ۾ نہ هوندو هو. الهندو تحقيق ۾ سمجهہ ڪري ڪانيو ۽ ذاتي علمي اطمينان نصيب ٿيندو هو ۽ ان طرح حضرت شيخ الهند جو عزت ۽ احترام ڏي ڏيو آهستہ استاد ڪان علم پراڻ ۾ متن اعتماد ڪرڻ ضروري جاڻندو هوس. هدايہ، مطول ۽ بيضاوي شريف پڙهيم. شرح مواقف ۽ مسلم الثبوت ڪتابن مشڪل جاين ۾ بہ الهند ڏانهن رجوع ڪندو رهيس. آخري هلي ۾ حديث جو دورو بہ حضرت شيخ الهند وٽ پڙهيس، ۽ ابو داؤد حضرت مولانا رشيد احمد گنگوهي وٽ پڙهيم" (٣)

مولانا عُبيد الله سنڌي، شوال ١٣٠٨ھ مطابق ١٨٩١ع ۾ تعليم پوري ڪري، واپس امروٽ (سنڌ) ۾ مولانا امروٽيءَ جي خدمت ۾ آيو. ان ئي سال شيخ الهند، دارالعلوم ديوبند جو صدر ٿيو. (۵) امروٽ ۾ مولانا سنڌي

---

(١) پروفيسر محمد ايوب قادري - تذڪره علماءِ هند (اردو) ڇاپو اسال ١٩٦١ع ص ٢٦٨، ٢٤٠
(٢) ماهنامو الرحيم سنڌي - آگسٽ ١٩٧١ع ص ٢٩، ص ٣٤٠
(٣) ايضاً (۵) پروفيسر محمد سرور، شيخ الهند جي صدر ٿيڻ جي تاريخ ١٩٠٥ع لکي آهي (ص ٣٤٠)
(٤) ماهنامو الرحيم ڊسمبر ١٩٦٣ع ص ٣١٠
(۵) پروفيسر محمد ايوب قادري، تذڪره علماءِ هند ڇاپو اسال ١٩٦١ ص ٢٦٨

ست ورهيه سانده رهيو. ان دوران، پنهنجي اُستاد، شيخ الهند جو تعارف، مولانا امروٽيءَ سان ڪرايائين. شيخ الهندؒ ٻه ٽي دفعا پنهنجي ٻن شاگردن، مولانا حُسين احمد مدني ۽ مولانا ٿانويءَ سان گڏ، مولانا امروٽيءَ جي ملاقات لاءِ امروٽ ۾ آيو هو. (١)

مٿينءَ حقيقت کي مولانا حسين احمد مدني ظاهر ڪري ٿو:

> "مولانا عبيدالله سنڌي، حضرت امروٽيءَ جو تعارف، حضرت شيخ الهندؒ سان ڪرايو. ڪيترا دفعا ديوبند مان ٻه آيا ۽ حضرت شيخ الهندؒ لطف سان ملڻ لاءِ امروٽ شريف ۾ آيا ۽ آزاديءَ جي مشن ۾ ڪين شريڪ ڪيو. خلافت تحريڪ ۾ به نهايت جوش ۽ خروش سان آخر تائين شريڪ رهيا." (٢)

مدرسي ديوبند جي قائم ٿيڻ جو راز

١٨٥٧ع واريءَ جنگ آزاديءَ ۾، شاه ولي الله جي تحريڪ آزاديءَ کي جاري رکندڙ افراد، جهڙوڪ شاه محمد اسحاق، شاه عبدالغني، شاه احمد سعيد، حاجي امداد الله، مولانا محمد قاسم نانوتوي، مولانا رشيد احمد گنگوهي، مولانا محمد يعقوب وغيره سڀئي ماڻهن حصو ورتو هو. شڪست بعد ڪن ته حجاز ڏي هجرت ڪئي ۽ مديني منوّره ۽ مڪي معظم ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائون.

تحريڪ ولي الله جي مٿين اربابن حجاز ۾ تجويز ڪئي ته اُن تحريڪ کي از سر نو زنده رکڻ لاءِ ڪو مدرسو

(١) مولانا حسين احمد مدني - تذڪره مولانا امروٽي، ٿيٽرال سال ١٩٧٥ع ص ٣٦

(٢) ايضاً

ڪوليو ويو، جو تحريڪ جو مرڪز بڻجي . اهو خيال پهرياڻ حاجي امداد الله صاحب کي آيو، جو هن پنهنجي مريد، مولوي محمد قاسم نانوتوي کي ٻڌايو. مولانا محمد قاسم پنهنجي مرشد ۽ استاد جي خيال کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ مدرسي ديوبند جو نصاب تعليم، نظام عمل ۽ ٻيا قوانين مرتب ڪري ڇڏيا، سال ۱۸۶۶ع ۾ دهليءَ جي قريب ديوبند ۾ مدرسي جو بنياد وڌو. اهڙيءَ طرح ولي اللهي تحريڪ جي مقاصد کي ديوبندي نظام ۾ محفوظ ڪيائون. (۱)

جيئن ته هندوستان ۾ شاه ولي الله جي تحريڪ جو انچارج، مولانا شاه محمد اسحاق هو. شاه صاحب جي مڪي شريف هجرت ڪرڻ ڪانپوءِ هندوستان ۾ شاه ولي الله جي آزادي تحريڪ کي فروغ ڏيڻ لاءِ، هڪ جماعت مقرر ڪئي وئي، جنهن جو پهريون صدر، مولانا مملوڪ علي (مدرس دهلي ڪاليج) هو. ان کانپوءِ مولوي محمد اسحاق، مولانا حاجي امداد الله صاحب کي صدر مقرر ڪيو. ۱۸۵۷ع واريءَ جنگ آزاديءَ کان پوءِ، ان جماعت جي مرڪزي قوت ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي ۽ دهليءَ جي عيوض، ديوبند ۽ علي گڙهه، ٻه مرڪز بڻجي ويا، مولانا محمد قاسم، دهلي ڪاليج جي عربي حصي کي ديوبند کڻي ويو ۽ انگريزي حصي کي سرسيد احمد خان علي گڙهه

(۱) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي - سال ۱۹۴۳ع - ص ۳۲۷ ،

ڪاليج ۾ پهچايو. مولانا محمد قاسم ۽ سر سيد احمد خان ٻئي ۽ مولانا مملوڪ عليءَ جا شاگرد هئا. ڪاليج پارٽيءَ انگريزن جي اشتراڪ سان ڪم هلايو، ان ڪري اُن انگريزسان ساز باز کي سياسي مصلحت سمجهيو، مگر ديوبندي جماعت، جا مولانا شاهه اسحاق جي وقت کان ئي، دولت عثمانيه ترڪيءَ کي پنهنجو رهنما تسليم ڪري چڪي هئي، تنهن ائين نه ڪيو ۽ انگريزن جي ظاهر ظهور سخت خلاف هئي. (۱)

جڏهن شيخ الهند، مولانا محمود الحسن، ديوبند جو صدر ٿيو، تڏهن هن ديوبندي علماء کي هڪ اجتماعي طاقت جي حيثيت ۾ منظم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هن سلسلي ۾ شيخ الهند، ڪاليج پارٽيءَ جي انقلابي عنصر کي به پاڻ سان ملايو. شيخ الهند هڪ طرف عربي پڙهيل ديوبندي علماء کي جمع ڪيو، ٻئي طرف انگريزي پڙهيل نوجوانن، جهڙوڪ مولانا محمد علي، شوڪت علي، ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻين سان تعلقات پيدا ڪيا. ان خيال کان ته مسلمان جا اختلاف ختم ٿي وڃن ۽ ملت اسلاميه متحد ٿي ۽ آزادي اسلام ۽ آزادي وطن جي طرف وڌي (۲). ان خيال سان شيخ الهندؒ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي سنڌ مان سال ۱۹۰۹ع ۾ گهرائي ورتو ۽ سياسي تنظيم لاءِ ”جميعت الانصار“ (۳) جي نالي انجمن قائم ڪري ۽ سندس ناظم مولانا سنڌيءَ کي مقرر ڪيائون.

---

(۱) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي - سال ۱۹۴۳ع ص ۳۲۸

(۲) ايضاً - ص ۳۲۹

(۳) جميعة الانصار، نظارة المعارف قرآنيه جو پيشرو هو. اهو دراصل هن عظيم انقلابي پروگرام جو ٽئي عڪس هيون، جن کي شيخ الهند، اسلام ۽ آزادي لاءِ تجويز ڪيو هو. (ڊسٽرڪٽ مومن، اردو صفحو ۲)

هن تنظيم جو تعلق هندوستان کان ٻاهر، دنيا جي سيني مسلم ممالڪ سان هو ۽ غير مسلم ممالڪ ۾ ورڻي انگريزي دائن تعلق پيدا ڪيو.(١)

انجمن جمعيت الانصار اڳتي وڌندڙ عوام ۾ مقبول ٿي، جو سال ١٩١١ع ۾، مراد آباد جي ٿيندڙ جلسي ۾ تيهه هزار مسلمانن شرڪت ڪئي. حقيقت ۾ هيءَ اسڪيم، شيخ الهند، ديوبند جي عالمن ۽ ٻين سياسي مفڪرن سان مشوري ۽ گهري سوچ ويچار کانپوءِ عمل ۾ آندي هئي.

هن اسڪيم جو بنياد، شاهه ولي الله جي تحريڪ تي مبني هو. جنهن جو مقصد هو، انگريز سامراج کي ملڪ مان تڙي، آزاد اسلامي حڪومت (خلافت) قائم ڪرڻ. (٢)

مٿين اسڪيم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مسلمانن ۾ جهاد ۽ آزادي جو روح ڦوڪڻو هو، ان لاءِ قرآني تعليم جي ضرورت هئي. ان مقصد لاءِ شيخ الهند هڪ مدرسو ”نظارة المعارف قرآنيه“ جي نالي سان دهلي ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي ۾ ذهين افرادن تي مستقل، قرآن پاڪ جي انقلابي تفسير جي تعليم يافته جماعت تيار ڪئي ويندي، جنهن ۾ پنج مستند علماء ۽ پنج گريجوئيٽ شامل هئا. (٣) انهن استادن، هن مدرسي مان ڪيترين ئي تبليغي جماعتون تيار ڪيون، جي هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جهاد ۽ آزادي جو روح ڦوڪڻ لاءِ دورا ڪرڻ لڳيون.

---

(١) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ١٩٤٢ع ص ٣٣٩
(٢) عبدالحميد خان - مرد مؤمن (اردو) دفعو ٥ سال ١٩٧٠ع ص ٢٠
٣ انهن ذهين جماعتن کي مولانا سنڌي انقلابي تفسير پڙهائي ۽ تربيت ڪيو هو. (مرد مومن ص ٢٠)
(٤) عبدالحميد خان - مرد مومن - ص ٢٠

انهن دوري ۾ مولانا سنڌي ۽ مولانا احمد علي لاهوري به شامل هئا. (۱)

نظارة المعارف جي هڪ ميمبر انيس احمد بي-اي جي استعيفا تي شيخ الهند، مولانا احمد علي لاهوري کي علي ڳڙهه يونيورسٽي جي انگريزي دان شاگردن کي عربي پڙهائڻ لاءِ موڪليو، جتي هُو اهل وعيال سان رهي، درس و تدريس ڪندو رهيو. ڪجهه وقت کانپوءِ واپس دهلي آيو.

شيخ الهند جون اهي ڪوششون جاري هيون ته ۱۹۱۴ع ۾ مهاڀاري لڙائي شروع ٿي وئي ۽ انگريزن دولت عثمانيه ترڪيءَ جي خلاف اعلان جنگ ڪيو. اٽليءَ طرابلس تي حملو ڪيو ۽ بلقان جي عيسائين، ترڪن کي يورپ مان تڙي ڪڍڻ جي مُهم شروع ڪئي. ان وقت بين الاقوامي اسلامي مرڪز ترڪي هو. ان ڪري شيخ الهند، انگريزن جي خلاف پنهنجي تُرڪ ياڙن جي مدد ڪئي. تُرڪن جي امداد لاءِ فتوائون ڇپايائين، مدرسي کي بند ڪري، طالبن جا وفد ملڪ جي مختلف طرفن ڏانهن موڪليائين. پاڻ به هڪ وفد سان گڏ چندو مولڪيائين ۽ تمام وڏي رقم ترڪن ڏانهن موڪلي ڏنائين.[۳] (عين ان وقت مولانا مرحوم سنڌ ۾ جيڪو پارٽ ادا ڪيو، جنهن جو بيان اڳيئي ”خلافت تحريڪ“ ۾ ڏنو ويو آهي).

---

(۱) عبدالحميد خان - مردمومن (لاهور) سال ۱۹۷۰ع دفعو ۵ - ص ۲۱

(۲) ايضاً - ص ۲۳

۳ـ پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ۱۹۴۲ع ص ۳۲۶

شيخ الهند جي ڪوشش سان هندوستان جي سياسي جماعت، آزاديءَ لاءِ هڪ ڳجهي تحريڪ سال ١٩١٥ع ۾ عمل ۾ آندي، جنهن کي عام طرح "تحريڪ ريشمي رومال" چيو ويندو آهي. هن تحريڪ موجب بين الاقوامي راءِ هموار ڪرڻ لاءِ مختلف وفد ٻاهرين ملڪن ڏي موڪليا ويا. (١)

ريشمي رومال تحريڪ

شيخ الهند جي هدايتن موجب، جڏهن مولانا سنڌيءَ، پنهنجي رفيقن سان گڏ سڄي هندوستان جا دورا ڪري، عوام کي آزادي تحريڪ کان باخبر ڪيو ۽ انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ سيني کي متحد ڪيو، تڏهن شيخ الهند، هندوستان جي ٻين آزادي پسند ليڊرن جي مشوري سان هڪ اسڪيم ٺاهي، جنهن جو پروگرام هن طرح ناهيو:

(الف) ملڪ ۾ هندو مسلم اتحاد ڪرائي، ٻنهي قومن کي هڪ پليٽفارم تي آڻي، انگريزن سان بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي.

(ب) قديم ۽ جديد تعليم يافته (گريجوئيٽ طبقي) گروهن کي يڪجاءِ ڪري، آزاديءَ جي جهاد لاءِ تيار ڪجي.

(ج) بين الاقوامي دنيا کي، يعني فرانس، امريڪا، جپان، چين، جرمني برما، انڊونيشيا وغيره کي پنهنجو همنوا بڻائجي.

(د) دشمن (انگريزن) تي حملي ڪرڻ لاءِ نقشه جنگ تيار ڪجي. (٢)

---

(١) مولانا حسين احمد مدني. تحريڪ ريشمي رومال (اردو) دفعوا، سال ١٩٦٠ع ص ١٣٧
(٢) ايضاً - ١٧٧ ۽ ١٧٨

۽ انگريزي لشڪر ۾ سي - آءِ - ڊي ۾ پنهنجا نوجوان جاسوس
نوڪريءَ جي صورت ۾ موڪليجن

(ھ) هڪ عبوري حڪومت جو خاڪو بنائجي (هندو، مسلم، سکن سان برابري) جا
انقلاب کان فوراً بعد ملڪ جو انتظام سنڀالي،

(و) بيروني ملڪن جهڙوڪ، ڪابل، انقره، استنبول، قسطنطنيه،
برلن وغيره ۾ رضاڪار رهاجي پرچار لاءِ مرڪز کوليا وڃن. (١)
مٿين پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ شيخ الهند
پنهنجا ڪارڪن بيرون ملڪ موڪلي ڇڏيا ۽ عبوري حڪومت
جي خاڪي جا عهديدار هن طرح ناهي، ڪابل موڪليائين:

صدر: راجا مهيندر پرتاپ،

وزيراعظم: مولانا برڪت الله،

ڪمانڊر انچيف: مولانا محمود الحسن شيخ الهند ۽ انجي هيٺان ١٢ جنرل ڪرنل
ميجر وغيره،

وزير مملڪت: - مولانا عبيد الله سنڌي، (٢)

آزادي وطن جي تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ شيخ الهند
جيڪي به برصغير ۾ مرڪز کوليا هئا، انهن ۾ سنڌ جو وڏو مرڪز
امروٽ هو، جنهن جو قائد، مولانا امروٽي هو، اهي مرڪز هن
طرح هئا: ١- سنڌ جي اترئين حصي ۽ بلوچستان لاءِ مرڪز:- امروٽ
٢- سنڌ جي ڏاکڻين حصي، لس ٻيلي ۽ قلات لاءِ ڪراچي،

(١) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال - ڇاپو - سال ١٩٦٠ ص ٧٧ کان ٧٨

(٢) ايضاً - صفحو ١٥٨ کان ١٦٠

امروٽ واري مرڪز جو قائد مولانا امروٽي هو ۽ ڪراچي مرڪز جو امير مولانا محمد صادق کڏي وارو هو.

٣- بهاولپور رياست پنجاب جو مرڪز دينپور ڪيو ويو، جنهن جو ناظم مولانا غلام محمد صاحب دينپوري هو.

٤- راندير ڪي، سورت، گجرات ۽ بمبئي علائقن جو مرڪز مقرر ڪيو ويو ۽ امير مولانا ابراهيم ڪاوي احمد بزرگ هو.

٥- يو پي ۽ جو مرڪز پاني پت هو. اڳواڻ مولانا احمد الله هو.

٦- پنجاب جو مرڪز لاهور بنايو ويو - امير مولانا محمد احمد صاحب چڪوالي

٧- صوبي سرحد جو مرڪز اتمان زئي هو، امير عبدالغفار خان هو.

٨- آزاد قبائل جو مرڪز ترنگ زئي هو امير مولانا فضل واحد صاحب هو. (١)

پنهنجي ملڪ کان سواءِ بيروني ممالڪ ۾ به ان منصوبي تحت امدادي مرڪز قائم ڪيا ويا هئا، جن جو هيڊ ڪوارٽر ڪابل (افغانستان) هو. عارضي جلا وطن حڪومت جو صدر، راجا مهيندر پرتاب ڪي اڳيشي ڪابل روانو ڪيو ويو هو. جنهن ۾ مولانا سنڌي سائين وحيي شامل ٿيو هو. هيڊ ڪوارٽر ڪابل جون برانچون هي هيون:-

(الف) مدينو منوره، جتي مولانا حسين احمد مدني صاحب، ۽ بعد ۾ مولانا خليل احمد، آزادي لاءِ ڪم ڪندا رهيا.

(ب) استنبول (ج) قسطنطنيه (د) انقره (هه) برلن، وغيره. انهن مقامات تي مختلف حضرات جا گروهه ڪم ڪندا رهيا، مثلاً

---

(١) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال (اردو) - دفعه ١ - سال ١٩٦٠ع ص ١٦٠

برلن ۾ هر ديال صاحب نمايان ڪم ڪيو هو. ان جي ڪوشش سان ترڪي ۽ جرمنيءَ جو اتحاد عمل ۾ آيو ۽ جرمنيءَ جي حڪومت، هندوستانين کي ان مدد ڏيڻ لاءِ آماده ٿيو ته بين مسلم ملڪن سان گڏجي، هندوستان تي حملو ڪري ۽ کيس آزاد ڪرائي، واپس موٽي ويندو. (١)

مولانا شيخ الهند، جنهن هندوستاني ليڊرن (مولانا محمد علي، شوڪت علي، مهاتما گانڌي، مولانا آزاد، ڊاڪٽر انصاري، پنڊت موتي لال، لاله لجپت راءِ وغيره) ۽ بيروني مددگار ملڪن جي صلاح سان، پنهنجي ملڪ جو اندروني ماحول ۽ بيروني ممالڪ جي فضا سازگار بنائي، تنهن ترڪي، افغانستان جرمني ۽ بين اسلامي ملڪن ۾ اتحاد قائم ڪري، وقت سر هندوستان (انگريزن) تي حملو ڪري، کيس آزاد ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ عارضي آزاد حڪومت جو مٿي بيان ڪيل خاڪو ناهي، پنهنجي ساٿين سان گڏ، ڪابل پهچڻ جو ارادو ڪيائين. ان خيال سان پنهنجي ساٿين کي هڪ هڪ ڪري، روانو ڪرڻ جو پروگرام بنايائين. مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي ڪابل پهچڻ جو حڪم ڏنائين، پر ان وقت انگريزن جي سي- آءِ- ڊي تمام خبردار هئي جڳهه جڳهه چڪاس ۽ جاسوسي هلي رهي هئي.

---

(١) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال (اردو) ڊيرا - سال ١٩٦٠ع ص ١٦٦

خيريت سان ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ به هڪ مسئلو بڻجي پيو هو؛
ان ڪري مولانا سنڌيءَ کي پڻ ڪنهن انڪل سان ملڪ
جون حدون پار ڪرڻيون پيون؛ ڇاڪاڻ ته سياسي ليڊر
جي حيثيت ۾، سندس نقل و حرڪت تي انگريزن جي
سخت چوڪسي هئي. (۱)

مولانا امروٽيءَ جي پائنتي سيد عبدالرحمان شاه مرحوم
۽ سندس ڏوهٽي پير شفيع محمد شاه صاحب ٻڌايو ته:
”مولانا سنڌي جڏهن ڪابل وڃڻ لاءِ سنبريو، تڏهن
پنهنجو ويس بدلائي، هندو فقيرن وارو گيڙوءَ رتو لباس
پهري، لوهٽ ۾ ڪٽي، راجپوتانا جي طرف کان ڪجهه
پنڌ، ڪجهه سوارين تي چڙهي، پهرئين حيدرآباد
۾ آيو۔۲ ان بعد گوٺ پير جهنڊي کان ٽنڊو، مرد لاءِ
امروٽ پهتو. جتي ته مولانا امروٽي، اڳواٽ ئي سڀ پروگرام
کان واقف هو ۽ مولانا سنڌيءَ جي انتظار ۾ هو، ان ڪري
مولانا سنڌيءَ سان پنهنجا ماڻهو ۽ سواريون ساڻ ڏيئي،
ڪيترا تورات، پنهنجي معتقد ۽ مريد زميندار، سردار شير محمد
بجاراڻي ڏانهن، جيڪب آباد طرف روانو ڪيو؛ ڇاڪاڻ
ته ريل رستي وڃڻ ۾، مولانا سنڌيءَ جي پڪڙجي پوڻ
جو امڪان هو. شير محمد بجاراڻي پنهنجي ٻن پائن، ميرابنا

(۱) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال (اردو) دفعو ... سال ۱۹۶۰ع صفحو ۱۶۶
(۲) حيدرآباد ۾ مولانا سنڌي، شيخ عبدالرحيم سان ... مشورو ڪيو هو، جنهن کين، پنهنجي مستورات سان ... ڪابل وڃڻ جي راه ... سوير ئي امداد ... ڪيا.
... ص ۲۸۳ ۽ ۲۸۴ ... عبدالرحيم ... صفحو ۸۲

۽ حاجي بھادرخان بجارانيءَ کي اُنن سوڊو، ھدايتن سان ۽ مولانا سنڌيءَ سان گڏ، نواب اڪبرخان بگٽيءَ جي والد، نواب محراب خان بگٽيءَ وٽ پھچائڻ لاءِ روانو ڪيو، جن اچي، بلوچستان ۾، نواب صاحب وٽ پھچايس. نواب محراب خان وري ڪيس بلوچستان جي حد (انگريزي حد) ٽپائي، افغانستان روانو ڪري ڇڏيو ۽ مولانا سنڌي خيريت سان انگريزي حدون پار ڪري، ڪابل ۾ امير حبيب الله خان وٽ پھچي ويو." (١)

مولوي عبدالله لغاري، جو ڪابل جي سفر ۾ مولانا سنڌيءَ سان گڏ ھو، تنھن جي زباني ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ھن سلسلي ۾ ھن طرح قلمبند ڪئي آھي:

"ھڪ سال کن اسان کي ضروري تياريءَ ۽ تدبير سوچڻ ۾ لڳو ته انگريزي حڪومت جي چڪمي ۾ ھوندي، ڪيئن ڪابل پھچون؟
. . . .
آگسٽ (سنه ١٩١٥ع) جي بلڪل شروعات ھئي جو مولانا عبيدالله صاحب طرف روانو ٿيو .... جنھن تار پھچڻ تي ٢٢ ورتي ۾ اچي پھتس. ...... ان بعد اھا صلاح بيٺي ته مولانا صاحب سنڌ جي سرحد ڪاسبيءَ تائين خشڪيءَ ذريعي پھچي، ۽ چاڪاڻ ته ريل ۾ سنڌ مان پڪڙجي پوڻ جو امڪان آھي. ٢٦ آگسٽ اسٽارڪا طرح ريل رستي روانو ٿيس مولوي احمد علي لاھوري صاحب جو ٻاءُ محمد علي (جو ان وقت تيرھن) سان گڏ ھليو ۽ اسين اچي سبيءَ پھتاسون. مولانا عبيدالله صاحب امروٽ شريف کان ٿيندو، جيڪب آباد کان پيدل روانو ٿي، جيڪب اسٽيشن تان .... ڪرڻ ويا پھتو، ۽ تان جتي ھن سنڌ مان پيغام اسان کي پھتو ته ڪوئيٽا اسين ھو وڃي ڪوئيٽا پھتاسون. اھا ھو مھيني گسٽ ١٩١٥ع ھو .... جنھن ڏينھن اسان روانا ٿيا ھئاسين، انھيءَ ڏينھن شيخ عبدالرحيم صاحب حيدرآبادي به اچي پھتو، جو بابرڙ جا گھر جا تھا ڪني ۽ ست مھينا ڪني آيو ھو، جي اسان کي ڏيٺي، خوش ٿي اسان سان گڏ ھليو ويو. اسين پوءِ خشڪي رستي سان شورا وڪ، ڪرڻ ذريعي، ۽ قنڌار مان ٿيندا، بالآخر اچي ڪابل پھتاسون" (٢)

---

(١) عبدالرحمان شاھ ۽ شيخ محمد ستار (درگاھ امروٽ) جن جي زباني.
(٢) سه ماھي مھراڻ (سنڌي) سوانح نمبر سال ١٩٥٧ع صفحو ٢٤٣ ۽ ٢٤٥.

شيخ الهند، رٿيل پروگرام موجب، مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي ڪابل روانو ڪري، پاڻ حج جي بهاني حجاز پهچي ويو. هندستان سان رابطي رکڻ لاءِ، مولانا محمد ميان انصاريءَ کي رابطي آفيسر مقرر ڪيائين. حجاز ۾ مولانا شيخ الهند کي غازي انور پاشا ۽ حجاز جي گورنر غالب پاشا جي حمايت سان افغانستان ۽ آزاد قبائل جي باشندن کي پڻ انگريزن جي خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو. آزادي تحريڪ جا سمورا ڪارڪن، هندستان، افغانستان ۽ آزاد قبائل جي باشندن سان لکپڙهه ريشمي زرد ڪپڙي جي برت يا اٽ ۾ لکائي، واپاري سامان سان گڏ، واپارين هٿ هڪٻئي ڏي موڪليندا هئا، ڇاڪاڻ ته پاهرين يا اندرين ملڪ جي خطن تي انگريزن جي چوڪسي سختيءَ سان هئي، ان ڪري ڪوبه خط ٽپال رستي يا دستي طرح نه موڪلي نه سگهبو هو، پر ريشمي رومال رستي، واپارين جي بهاني، عربي خط ۾ تڪميل احوال سڀڪو سمجهي نه سگهندو هو. مولانا سنڌيءَ ڪابل ۾ رهي، انگريزن تي (هندستان تي) حملي ڪرڻ لاءِ ترڪي، حجاز، افغانستان وغيره ملڪن جي مشترڪ مدد جو بندوبست مڪمل ڪري، جهاد يا حملي جو هڪ جامع پروگرام بنايو، جو هڪ زرد ريشمي رومال تي گلڪاريءَ يا برت جي شڪل ۾، عربي زبان ۾ لکايو هئائين. (١)

(١) مولانا حسين احمد مدني - ريشمي رومال تحريڪ (اردو) - دهلي سال ١٩٦٠ع صفحو ١٩٣.

ان رومال ۾، ترڪن جي فوج جي ڪابل ۾ آمد ۽ هندوستان
جي مجاهدن جي نقل و حرڪت، حملي جي تاريخ ۽ سندس
منظوري جي عبارت ۽ تحريڪ جهاد جي اشاعت بنسبت مڪمل
تفصيل عربي زبان ۾ درج هو. اُهو اهم دستاويز، هندستان
۽ سنڌ رستي، شيخ عبدالرحيم سنڌي حيدرآبادي شاه
مديني منوره ۾ مولانا محمودالحسن شيخ الهند کي ملڻو هو،
جيڪا خط ته جلاوطن عارضي آزاد حڪومت جو ڪمانڊر انچيف
شيخ الهند هو. اهو رومال، هندوستان جي هڪ نوجوان
واپاري شيخ عبدالحق ايم-اي کي، حيدرآباد پهچائڻ
لاءِ ڏنو ويو. ان سان گڏ ٻين ريشمي رومالن تي تڪميل عربي
خط پڻ مولانا امروٽي ۽ مولانا دينپوري ڏانهن جهاد
متعلق هئا. ان ڪري ئي هن تحريڪ کي "ريشمي رومال تحريڪ"
نالو ڏنو ويو آهي. (۱)

اُن ريشمي رومال ۾ هندوستان (انگريزن) تي حملي جي تاريخ
۱۹ فيبروري ۱۹۱۷ع هئي، (۲) پر افسوس، جو رستي تي ئي اُهو
منصوبو پڌرو ٿي پيو ۽ انگريز خبردار ٿي ويا ۽ تمام سخت
اقدامات ڪيائون. سينئي حُريت پسندن کي گرفتار ڪيائون،

---

(۱) مولانا حسين احمد مدني- تحريڪ ريشمي رومال (اردو) دهلي- سال ۱۹۶۰ ص ۱۹۳ کان ۱۹۵
(۲) ايضاً
(۳) تحريڪ ريشمي رومال (اردو) ۾ جا فائيل آهي ته، اهو رومال شيخ عبدالرحيم تائين پهچي ويو هو ۽ حيدرآباد مان ئي انگريزن هٿ ڪيو هو، (ص ۱۹۰) پر مولانا عبدالله لغاري، جيڪو عابد مان مولانا سنڌي جو همعصر ساٿي، منتقيه هيڏي جي بزرگن جو نسبتون (جنگ جي اجازت جون) ڪاڻ آيو هو، ان جي تڪميل زباني موجب اهو رومال شيخ عبدالرحيم تائين پهتو ئي ڪين. وات تي شيخ عبدالحق جي غلطي سبب، ان رومال پناه، ربانڊ فوجي آفيسر جي معرفت (انگريزن کي ملتان ۾ ئي مليو هو) ۽ راز جو انڪشاف ٿي ويو.
(سه ماهي مهراڻ- سوانح نمبر سال ۱۹۵۷ع- ص ۲۷۶).

شيخ الهند کي حجاز ۾ گرفتار ڪري، کيس مالٽا ۾ نظربند ڪيو ويو. سنڌ ۾ پڻ بزرگن سان گڏ مولانا امروٽيءَ کي به گرفتار ڪيو ويو. (۱) پر ثبوت نه ملڻ ڪري کيس آزاد ڪيو ويو. (۲) ساڳيءَ تحريڪ ۾ ڪراچي مرڪز کان مولانا محمد صادق کڏي واري، مينگل قوم کان لس بيلي ۾ انگريزن خلاف بغاوت ڪرائي. لڙائيءَ ۾ انگريزن جو تمام گهڻو نقصان ٿيو. کيس گرفتار ڪري، هڪ سال سزا ڏني وئي، مگر مولوي صاحب ثابت قدم رهيو. (۳) هوڏانهن ترڪيءَ جي فوج عراق ۾ انگريزن جي فوج کي محصور ڪيو. پيٽر ڪمانڊر سان گڏ تيرهن هزار انگريزي فوج ماري وئي. (۴)

بهرحال آزاديءَ جي ريشمي رومال تحريڪ ڪامياب ٿي نه سگهي. انگريزن، نهايت سختيءَ سان ان تحريڪ کي دٻائي ڇڏيو.

شيخ الهند مالٽا ۾ نظربند رهيو. ۱۹۱۸ع ۾ مهاڀاري لڙائي ختم ٿي. ان سان گڏ ترڪيءَ جي حڪومت تقريبًا ناپيد ٿي وئي. ان وقت اسلامي هند جي قيادت مجبور ٿي ته پنهنجو ڪو نه ڪو سياسي پروگرام بنائي. مسلمانن لاءِ هاڻي رڳو هي حربو هو ته انگريز سامراج کي ملڪ جي اندر ڪمزور ڪجي ۽ ان جي خلاف محاذ ناهجي، ڇاڪاڻ ته هنن ترڪيءَ کي پائمال ڪيو هو. (۵) پنهنجي سياسي تنظيم کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ هنن نظربند ٿيل مشهور مسلم ليڊرن

(۱) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال - ڇاپو ۱ - سال ۱۹۶۰ع ص ۱۶۰
(۲) عبدالحميد خان - مرد مومن (اردو) - دفعه ٥ سال ۱۹۷۰ع ص ۲۷ (فوٽ نوٽ)
(۳) تحريڪ ريشمي رومال - ص ۱۶۰
(۴) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تاريخ ۱۲ - آڪٽوبر ۱۹۷۲ع تي - ريڊيو حيدرآباد تان تقرير.
(۵) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ۱۹۴۴ع ص ۳۲۶

جي آزاد ڪرائڻ جي انگريزن کان بار بار گهر ڪئي. تاريخ ٣٠ ڊسمبر ١٩١٧ع کان ٻهرين جنوري ١٩١٨ع تائين آل انڊيا مسلم ليگ جي ڏهين اجلاس (زير صدارت عبداللطيف صاحب) منعقد ڪلڪتي ۾، ٺهراءُ نمبر تيرهين ۾ شيخ الهند ۽ ٻين سياسي ليڊرن جي آزاديءَ جو (انگريزن کان) مطالبو ڪيو ويو هو:-

"The All India Muslim league strongly urges upon the Government, to set free Maulana Mahmoodul Hassan, Maulana Abul Kalam Azad, Maulana Hasrat Moohani and all the other Muslim internees, who have unjustly been deprived of their liberties, and to remove the great discontent prevailing in the Muslim community in consequence of such internment. (Proposed by Molvi Muhammad Ismail, Seconded by Molvi Najmuddin, supported by Sayed Muhsinshah." (١)

اهڙيءَ طرح آل انڊيا مسلم ليگ جي ٻارهين سيشن، امرتسر ۾، زير صدارت حڪيم اجمل خان جي، تاريخ ٢٩ کان ٣١ ڊسمبر ١٩١٩ع تي پڻ شيخ الهندؒ جي آزاديءَ جو مطالبو ڪندي، کيس پيشوا سڏيو ويو آهي:

"Permit me now to say a word about the unfortunate Muslim and other internees, whose sufferings in exile have not known abatement, inspite of the termination of war. It seems as if the question of the release of our Peshwa (reverend guide) Maulana Mahmoodul Hassan and our brothers, Maulana Muhammad Ali, Shaukat Ali and Maulana Abul kalam Azad, has ceased to engage the attention of the Government." (٢)

---

(١) سيد شريف الدين پيرزاده - فائونڊيشن آف پاڪستان - واليوم I - سال ١٩٦٩ع ص ٤٣٨

(٢) ايضاً - ص ٥٣٣

شيخ الهندُ جڏهن ١٢ مارچ ١٩٢٠ع تي مالٽا مان آزاد ٿي، هندوستان موٽي آيو ته هن ملڪ جا حالات، بدلجي چڪا هئا. قسطنطنيه تي اتحادين جو قبضو هو، ترڪيءَ جو خليفو قيد هو. اُن وقت اسانجي ملڪ جي مسلمانن، ترڪن جي مدد جو ذريعو فقط اهو سوچيو ته پنهنجي ملڪ ۾ انگريزن کي ڪمزور ڪجي ۽ هندُن ۽ مسلمانن جون گڏيل ڪوششون عمل ۾ آڻي آزادي حاصل ڪجي. اهو خيال ڪُٿي، شيخ الهند، مولانا آزاد مولانا محمد علي، ڊاڪٽر انصاري، حڪيم اجمل خان ۽ سندن جماعت، ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي، ان خيال سان ته دشمن جي طاقت کي گهٽائجي، نقصان پهچايو ته ان جو خوشگوار اثر، مسلم ممالڪ، عراق، فلسطين، حجاز، شام، مصر، ايران ۽ ترڪيءَ تي پوندو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ملڪ جي آزادي هڪ طرف ته اسلامي دنيا جو فائدو ٻئي طرف ٿيندو. (٢)

خلاصو هي آهي ته ١٩٢٠ع کان اڳ ۾ مسلمانن جو خيال هو ته صرف هند جا مسلمان، بين الاقوامي اسلامي مرڪز کي مضبوط ۽ سربلند رکن، پر جنگ ڪانپور ۽ جڏهن بين الاقوامي

(١) پروفيسر محمد ايوب قادري - تذڪره علمائِ هند - ذيع ١ - سال ١٩٦١ع ص ٢٦٨

(٢) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيد الله سنڌي - سال ١٩٤٣ع ص ٣٤٧

اسلامي مرڪز نه رهيو ته پوءِ هندن ۾ مسلمانن جون گڏيل
ڪوششون ئي آزاديءَ جي راهه ۾ مفيد نظر آيون. (١)

شيخ الهند جڏهن آزاد ٿي، هندوستان واپس آيو،
تڏهن سندس صحت سالم نه هئي. سخت بيماريءَ جي
حالت ۾ به عوام جي تعليم ۽ ڀلائي لاءِ پيئي سوچيائين:

"١٩٢٠ع ۾ جڏهن مولانا محمود الحسن هندوستان واپس پهتو
ته دق جو مريض ۽ ڏينهن جو مهمان هو، ليڪن ديوبند ۽ علي ڳڙهه
جي امتزاج جي سلسلي ۾ سندس عملي ڪوشش، ان جي مبارڪ
هٿن سان اڏايل واري هئي. شديد مرض جي حالت ۾ پاڻ
جامعه مليه (دهلي) جو بنياد رکيائين." (٢)

مولانا محمود الحسن آزاديءَ ۽ اتحاد جو پروانو هو. آزاديءَ کان پوءِ ساڍي
ٻي سال، تاريخ ٣٠ نومبر ١٩٢٠ع تي، ڊاڪٽر انصاريءَ جي جاءِ تي
وفات ڪيائين. سندس لاش ديوبند ۾ دفن ڪيو ويو. (٣)

وفات کان اڳ هن ٽن ڳالهين جي وصيت ڪيائين: (الف) ديوبند ۽
علي ڳڙهه پارٽيون ملي ڪم ڪن. (ب) انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ شرڪت
ڪئي وڃي ۽ بيرون مسلم ممالڪ جي سياست کان علحدگي اختيار
ڪئي وڃي. (ج) ديوبندي جماعت، شاهه ولي الله جي فلسفي
۽ مولانا محمد قاسم جي حڪمت عمليءَ کي زندگيءَ جو شيوو
بنائي. استاد جي ان وصيت جو اثر شاگردن تي اهڙو ٿيو، جو مولانا سنڌي
نيشنل ڪانگريس جي برخلاف نه ڪندو هو. سنڌ ۾ واپس اچڻ کان پوءِ (٤)

(١) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) - سال ١٩٤٣ع - ص ٣٤٧
(٢) شيخ محمد اڪرام - ايم اي - موج ڪوثر (اردو) سال ١٩٦٤ع - ص ٢٢٥
(٣) ايضاً
(٤) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي - ص ٣٥٣ - سال ١٩٤٣ع

۳ جون ۱۹۳۹ع تي ڪلڪتي ۾ علماء کي خطاب ڪندي، چيو هئائين ته هندو ۽ مسلمان ملي، سياسي جد وجهد ڪن، حالانڪ پاڻ پهريائين ڪانگريس جو باقاعدو رڪن نه هو. (۱)

مولانا محمود الحسن کي سڄي هندوستان جو عوام، عزت ۽ پيار جي نگاهه سان ڏسندو هو. کيس "شيخ الهند" جو لقب ڏنو هئائون. سندس مقبوليت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو، جو سندس وفات وقت آل انڊيا مسلم ليگ طرفان ڏک جو رزوليوشن پاس ڪرايو ويو. هي ڳالهه ۳۰ ۽ ۳۱ ڊسمبر ۱۹۲۰ع ۾، مسلم ليگ جي تيرهين سيشن، ناگپور ۾ ڊاڪٽر انصاري ۽ جي صدارت هيٺ، هيٺيون رزوليوشن پاس ڪيو ويو:

"1- The All-India Muslim League deeply deplores the sad demise of the late Shaikhul Hind, Maulana Mahmoodul Hassan sahib of Deoband, whose sacrifices and selfless devotion in the cause of Islam and the country, had endeared him to the community and whose fearless and unequivocal exposition of the shariat at the most critical period of Muslim History, patient sufferings in the far off prison of Malta in the cause of religion and simplicity and purity of life, have left a great legacy to Muslim India and the league offers its heartfelt condolence to the bereaved family of the Maulana, and prays that God will give him rest in heaven."

(For the chair) (۲)

جڏهن ته مولانا صاحب، پنهنجي حياتي ۾ جيڪا به جد وجهد

---

(۱) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ۱۹۴۳ع - ڇهون - ص ۳۵۳

(۲) سيد شريف الدين پيرزاده - فائونڊيشن آف پاڪستان (انگريزي) واليوم I سال ۱۹۶۹ع - ص ۵۵۳.

ڪئي، سا شاهه ولي الله جي تحريڪ جي بنيادي اصول تي.
شاهه صاحب جي تحريڪ مختلف دورن ۾ منقسم آهي .
ڏسون ته شيخ الهند، شاهه ولي الله جي تحريڪ جي ڪهڙي
دور ۾ تي گذري رهيو آهي؟

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي الفاظ ۾ شاهه ولي الله جي تحريڪ
هيٺين دورن مان گذري آهي:

(الف) حڪيم الهند امام ولي الله، ٥ مئي ١٧٣١ع ۾ هڪ مستقل انقلابي
تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. حڪيم الهند پنهنجو
نصب العين مقرر ڪيو. پنهنجي پروگرام جي تدوين ڪيائين
جمعيت مرڪزيه بنائي، ان جون شاخون ملڪ ۾ قائم ڪيائين.
هي تحريڪ وليُ الله جو پهريون دور آهي. هن ۾ تي امام
ظاهر ٿيا. هي ۽ هڪ حڪومت موقته قائم ٿي، جنهن جو تفصيل
هي آهي:

پهريون دور

١- امام ولي الله ١٧٣١ کان ١٧٦٣ تائين
٢- امام عبدالعزيز ١٧٦٣ع کان ١٨٢٤ع تائين
٣- امام محمد اسحاق ١٨٢٤ع کان ١٨٤٦ع تائين
موقته حڪومت (Provisional Govt.) جو امير شهيد سيد احمد ١٨٢٤ع کان ١٨٣١ع تائين

(ب) ٻيو دور

ٻيو دور امام محمد اسحاق ١٨٣١ع ۾ شروع ڪيو. ۽ ١٨٤١ع تائين دهليءَ (١)

(١) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي - سال ١٩٤٣ع ص ٣٤٠ دنعو ڪرڻ جا لايل

۾ رهيو، ۽ ١٨٤٦ع تائين مڪي معظم ۾ رهيو. دهليءَ ۾ ان جو
نائب مولانا مملوڪ علي هو. ان بعد، نائب، امير امداد الله ؒ ٿيو،
۽ ٻارهن ورهين تائين، يعني ١٨٥٨ع تائين دهليءَ ۾ رهيو ۽
پوءِ مڪي معظم هليو ويو. سندس پهريون نائب مولانا محمد قاسم
نانوتوي ١٨٧٩ع تائين هو. ان بعد مولانا رشيد احمد ١٩٠٥ع
تائين، ان بعد مولانا محمود الحسن ١٩١٥ع تائين نائب رهيو.
ان بعد مديني منوره هليو ويو ۽ اُتان مالٽا ۾ قيد ٿيو.

ٽيون دور

(ج) ٽيون دور، مولانا محمود الحسن شيخ الهند، ١٩٢٠ع کان شروع ٿيو. (١)

محمود الحسن شيخ الهند جي سيرت بابت سيد محمد ميان لکي ٿو:

ترجمو: "مولانا محمود الحسن، جنهن کي ڪو پوليٽڪل ٽيڪنڪ يا سياسي داءُ پيچ نه، بلڪ زهد تقويٰ، پاڪيزگي باطن، ترونيا درويشانه خصلتون ۽ فقيرانه عجز ونياز، علمائي هند جو تاج ۽ مشائخ، طريقت جو مرشد اعظم، .... اُن جو اهو قدم، جو دارالتفسير ۽ دارالحديث جي طرف اٿندو هو، ته فرشتا ان جي هيٺان پَرَ وڇائيندا هئا. ان جا قدم، انقلاب جي پُرشور، پُرخطر ميدان جي طرف هليا ته ايتري چُستيءَ سان اُٿيا، جو ٿورا ڏينهن سياست اچا بيدار به نه ٿيا هئا ته هن ان مسافت جا مرحلا طئي ڪري ڇڏيا." (٢)

ضياءالرحمان فاروقي، سندس ذهانت بابت فرمائي ٿو:

ترجمو: "حضرت شيخ الهند صرف تفسير، حديث، فقه و اصول، منطق، فلسفه، علم حساب ۽ علم هيئت جو ئي ٻحر نه هو، بلڪ ان کي ادبيات

---

(١) پروفيسر محمد سرور- مولانا عبيد الله سنڌي (اردو) سال ١٩٤٣ع- ص ٣٤٠
(٢) مولانا سيد محمد ميان - تحريڪ شيخ الهند (اردو) سال ١٩٧٥ع ص ٢٥ (تعارف)

عربي، فارسي، شعر و سخن، قصائد ۽ غزليات ۽ مثنويءَ
ايتري قدر ياد هيون، جو هر ٻُڌندڙ وارو حيرت ۾ هو
ته سندس حافظي ۾ ڪيتري قدر علم جا خزانا پيل آهن!
هندوستان جي اقتصادي، معاشي، سياسي، تجارتي، صنعتي
تعليمي، انتظامي ۽ جنگي معلومات به ايتري قدر هيس، جو
وڏا وڏا ڊاڪٽر ۽ پروفيسر به اقتصاديات ۾ ان سان ٻُڌي
نه سگهندا هئا. ڪيس اخبار بيني ۽ واقعات عالم جي اطلاعن
جو وڏو شوق هوندو هو.
القصه، ان کي سامراج جي استبداد، لُٽ ڦُر ۽ هوڏ ظلمن
بلقان ۽ طرابلس جي خونخوار واقعات، مجبور ڪيو هو
ته هو پنهنجو ساٿ ترڪيءَ تي ڪري، انگريزي بربريت
جو مقابلو ڪري ۽ ان جا برقوت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽
پوري، جڏهن جنگ عظيم آئي ۽ پاڻ کي عنصر به قسم
جي خطري کان سرحد پار اشتراڪي جو موقعو نه ڏني." (١)

مولانا سيد محمد ميان هڪ هنڌ لکي ٿو!
ترجمو: "اساتذه حضرات جي حلقي ۾، حضرت شيخ الهند جو هي مقوله
مشهور هو ته "فرنگيءَ کان نفرت، جزو ايمان آهي" (٢)

مولانا عُبيدالله سنڌي

مولانا عُبيدالله سنڌيءَ جا وڏا اصل سِک
هندو هئا. سندس وڏو ڏاڏو، گلاب راءِ،
پنجاب جي سِک گورنمينٽ ۾ وڏي عهدي جو مالڪ هو.
گُلاب راءِ کي جسپتراءِ نالي هڪ پُٽ هو. گلاب راءِ
جي ڏينهن ۾ ئي سِک گورنمينٽ جو زوال آيو،
۽ جسپتراءِ سندس آکهه وارن کي روزگار لاءِ بيا ذريعا
اختيار ڪرڻا پيا. جسپتراءِ جو پُٽ رام سِنگهه لڏي، اچي
سيالڪوٽ ۾ ويٺو، جتي هُو سوناري کوٽ ڪندو هو، (٣)

---

(١) ضياء الرحمان فاروقي - تحريڪ آزادي کي نامور سپوت (اردو) نبر اشاعت ... سال ١٩٧٨ع ص ٧٢ ۽ ٧٣
(٢) مولانا سيد محمد ميان - تحريڪ شيخ الهند (اردو) سال ١٩٧٥ع - صفحو ٢٨
(٣) جيم - الانا - اور فريڊم فائيٽرس (انگريزي) ڇاپو ١ - سال ١٩٦٩ع ص ١٨٣ ۽ مهران سوانح نمبر ١٩٥٠ع ص ٢٦٦
علي راز وفائي لکي ٿو ته سندن پيشو هتي کان ۽ سوناري جو هو، پر پوءِ هنن نوڪري کي اڳي ويا (مهران سوانح نمبر ص ٢٦٧)

رامسنگھ کي ١٠ مارچ ١٨٧٢ع ۾، سيالڪوٽ جي هڪ ننڍي ڳوٺ چيانواليءَ ۾ هڪ پٽ پيدا ٿيو، جو پوءِ مشرف به اسلام ٿيو ۽ مولانا عُبيدالله سنڌي ؒ جي نالي سان مشهور ٿيو. مولانا جو والد، (رامسنگھ) مولانا جي ڄمڻ کان چار مهينا اڳ ئي وفات ڪري ويو*. مولانا اڃا ٻن سالن جو ٿيو ته سندس ڏاڏو (جسپتراءِ) به گذاري ويو ۽ مولانا جي والده پنهنجي يتيم ٻارڙن سميت پيڪي گهر جي رهي، سندس مامو جامپور، ضلعي ديري غازي خان ۾ تپيدار هو. تنهن سندس تعليم اردو سڪول جامپور ۾ شروع ڪرائي.

سنه ١٨٨٤ع ۾ اسڪول جي هڪ شاگرد کان، مولانا کي ٻه ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليا، هڪ "تحفة الهند"، ٻيو شاه اسماعيل شهيد جو ڪتاب "تقويت الايمان". انهن ڪتابن جي مطالعي بعد سندس دل، اسلام جي طرف مائل ٿي.

سنه ١٨٨٧ع ۾، جڏهن پاڻ ستين درجي ۾ پڙهندو هو، تڏهن مسلمان ٿيڻ جي شوق ۾، پنهنجي گهر کان هميشه جي لاءِ جدا ٿي، اسلام قبول ڪيائين ۽ پاڻ تي ڪتاب "تحفة الهند" جي مصنف جو نالو عبيدالله رکيائين. (١) ان بعد سنڌ ۾ حافظ محمد صديق صاحب جي خدمت ۾ پرچونڊيءَ پهتو ۽ حافظ صاحب جي صحبت مان گهڻو فيض پرايائين. حافظ صاحب هڪ ڏينهن

---

(١) سه ماهي مهراڻ- سوانح نمبر- سال ١٩٥٧ع- ص ٢٦٦

نوٽ:- پروفيسر محمد سرور، سندس مسلمان ٿيڻ لاءِ لکي ٿو: "آخر چلتے چلتے وہ صوبہ سندھ میں داخل ہوگیا اور وہاں ایک خداشناس بزرگ کے دست مبارک پراس نے اسلام قبول کیا"

(سو ڪتاب: مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ١٩٤٣ع- ص ٢٠)

عبدالصمد، ڪتاب مرد مومن ۾ لکيو آهي ته مولانا سنڌي ۽ حافظ صاحب جي هٿ تي مسلمان ٿيو هو ۽ ننڍي عمر ۾ [illegible] اُن کي اداعشق هئي [illegible] مولانا سنڌي ۽ سلوڪ جو ابتدائي سلسلو قادريه ۾ انهن ئي کان [illegible]. (مرد مومن ص [illegible])

* جي- الانا لکي ٿو ته مولانا سنڌي جو والد سندس ڄمڻ کان ٢ مهينا پهريون فوت ٿيو هو. (نئين زندگي سال ١٩٦٦ع- ص [illegible])

مجلس ۾ چيو ته "عبيد الله الله ڪارڻ پنهنجا مٽ مائٽ ۽ مذهب
ڇڏيو آهي. هاڻي اسان هن جا ديني ماءُ پيءُ آهيون".
مولانا جي دل تي انهن لفظن ڏاڍو اثر ڪيو ۽ پاڻ به حافظ صاحب
کي پنهنجو ديني پيءُ ڪري سمجهيائين ۽ سنڌ کي پنهنجو
مستقل وطن ڪري ڏٺائين. اهوئي سبب آهي، جو کيس "سنڌي"
ڪري سڏيندا آهن. (۱)
مولانا عبيدالله سنڌي خود پنهنجي عربي ڪتاب "التمهيد" ۾
لکي ٿو:

"ڪمزور بانهو ابوالحسين عبيدالله ابن اسلام سنڌي چئي
ٿو ته آءٌ ڏينهن جمعي ۱۲ محرم ۱۲۸۹ھ مطابق ۱۸۷۲ع ۾
سيالڪوٽ ضلعي اندر پيدا ٿيس ۽ ۱۲۹۵ھ موافق ۱۸۷۸ع ۾ پڙهڻ
لاءِ ويٺس. حساب، الجبرا جا ميزان ۽ هندوستان جي تاريخ
ڏانهن منهنجو ذهن ڏاڍو ڊوڙندو هو.... مطالعي پڙهڻ
جو اهڙو شوق هوندو هو، جو جيڪو ڪتاب هٿ ايندو هو، ان
کي پڙهندو هوس. ان وچ ۾ مون کي هڪ نومسلم عبيدالله نالي
جو ڪتاب "تحفة الهند" اردو ۾ لکيل مليو، جنهن جي
مطالعي ۽ سمجهڻ ۾ لڳي ويس. تحفة الهند جو مصنف
برهمڻ هو ۽ اسلام جي حقانيت کان متاثر ٿي ۱۳۰۱ هجري
۾ اسلام آندو هئائين. مون کي ان ڪتاب پڙهڻ سان خدا پاڪ،
اسلام جي حقانيت کي سڃاڻڻ جي سگهه ڏني. پاڪائي، نماز
۽ روزي جا مسئلا، لکي ڇپي پڙهي ورتم. مولانا اسماعيل
جو ڪتاب "تقوية الايمان" ۽ شيخ محمد بن بارڪ الله لاهوري
جو ڪتاب احوال الآخرة به پڙهيم.
لڪي نماز پڙهڻ به شروع ڪري ڏنم. ان وقت خدا پاڪ
سان مناجات جي اها لذت حاصل ڪيم، جو اهڙي لذت
پوءِ نه ملي. ۱۳۰۲ هجري ۾ رمضان پاڪ جا روزا به عمر ۾
پهريون ڀيرو گهر کان لڪي رکيم. نيٺ ان کان پوءِ اسلام کي قبول
ڪرڻ جو وڏو شوق پيدا ٿيو، پر ڇپڻ جي واٽ نٿي ڏٺم.
ان وچ ۾ حضرت يونس عليه السلام واري دعا، "لا اله الا
انت سبحانك اني كنت من الظالمين" پڙهڻ شروع ڪيم
جنهن جي نتيجي ۾ ۱۳۰۴ هجري ۾ الله تعاليٰ منهنجي مدد ڪئي (۲)

(۱) سه ماهي مهراڻ سوانح نمبر سال ۱۹۵۷ع صفحو ۲۷
(۲) ماهنامه الرحيم سنڌي ماه آگسٽ ۱۹۷۱ع صفحو ۲۷ ۽ ۲۸.

> جا اسباب پيدا ڪيا. گهر کان لڪي نڪتس ۽ سنڌ ۾ پهتس ۽
> اسلام ٿي ظاهر ڪيم. پنهنجو نالو ”تحفة الهند“ جي مصنف
> جي نالي تي ”عبيدالله“ رکيم. پوءِ پير ڀرچونڊيءَ ۾ سيدالعارفين
> حافظ محمد صديق قدس سره جي خدمت ۾ پهتس ۽ منهن
> مون کي ڪلمهٔ توحيد جي تلقين ڪئي ۽ صفر مهيني ۱۳۰۵ھ
> ۾ سندس هٿ تي بيعت ڪيم. حضرت حافظ صاحب راشدي طريقي
> جو امام هو. اهو طريقو قادري طريقت جي جيلاني ۽ نقشبندي
> مجددي طريقت جي آدميه ۽ اخلاص شاخ جو جامع هو. حضرت
> حافظ پيرچونڊيءَ ۾ سني ۽ متقي هو ۽ شرڪ ۽ بدعت کان
> مولانا اسماعيل شهيد وانگر رڪيل رهو. سيد احمد شهيد ۽
> مولانا اسماعيل شهيد، جڏهن سنڌ مان لنگهيا ۽ افغانستان
> ويا هئا، تڏهن حافظ صاحب سندن صحبت کان
> مستفيض ٿيو هو. مان ڪجهه مهينا انهن سان گڏ جماعت
> سان نماز پڙهندو رهيس ۽ ذڪر جي حلقي ۾ شريڪ
> ٿيندو رهيس. اهي مون تي ائين مهربان هئا، جو
> سندن شفقت پيءُ وانگر هوندي هئي. مان سندن صحبت
> جي لذت ۽ ڪلام جي مٺاج کي وساري نٿو سگهان“ (۱)

مشن امروٽي جي شفقت

جڏهن مولانا سنڌيءَ، حافظ صاحب جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ بيعت ڪئي، تڏهن سندس ختني (طهر) جي رسم به حافظ صاحب جن ادا ڪرائي. ان بعد حافظ صاحب جو اثر ۽ قدر مولانا سنڌيءَ سان لڳاءُ ٿي ويو، جو هڪ ڏينهن پنهنجي وڏي پياري خليفي: خليفو غلام محمد دينپوريءَ ۽ مولانا امروٽي صاحب جن جي روبرو فرمايائون ته ”جيئن ته عبيدالله خدا جي واسطي، پنهنجي والدين کي ڇڏيو آهي، تنهنڪري هاڻي مان سندس والدين جا تمام فرائض ادا ڪندس.“ گويا حافظ صاحب جن، مولانا سنڌيءَ کي ”دين جو پٽ“ قرار ڏنو. ان کانپوءِ مولانا عبيدالله جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس شيخ الهند (۲)

---

(۱) ماهنامو الرحيم سنڌي ماهوار آگسٽ ۱۹۷۱ع صفحو ۲۷ ۽ ۲۸

(۲) عبدالحميد خان - مرد مومن - ڇاپو - سال ۱۹۵۸ع ص ۱۲ ۽ ۱۳

مولانا محمود الحسن ڏانهن ديوبند روانو ڪرڻ وقت، حافظ صاحب هٿ مٿي ڪيا، الله پاڪ کان مولانا سنڌيءَ جي باري ۾ دعا گهري ته "اي الله! عبيد الله تنهنجي حوالي آهي، کيس علم جي دولت سان مالامال ۽ مشرف فرماءِ" ان بعد مولانا سنڌي ديوبند ويو، ۽ شيخ الهند وٽ علم حاصل ڪرڻ لڳو. (١)

ديوبند ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ، مولانا سنڌي واپس پنهنجي روحاني والد ۽ پيشوا، حافظ محمد صديق ڏانهن واپس موٽيو. جڏهن پرچونڊيءَ پهتو، تڏهن خبر پيائين ته حافظ صاحب کانئس ڏهه ڏينهن اڳ وفات ڪري ويو هو. (٢) مولانا سنڌيءَ کي حافظ صاحب جي رحلت تي سخت صدمو پهتو، پر حافظ صاحب جي پنهنجي خليفن: مولانا دينپوريءَ ۽ مولانا امروٽيءَ جن، پنهنجي مرشد، حافظ صاحب جي ارشاد موجب، مولانا سنڌيءَ جي روحاني تعليم ۽ تربيت، پرورش ۽ شادي ۽ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. (٣)

ترجمو:- "بهرحال هاڻي، جڏهن ته حضرت حافظ صاحب جي وفات ٿي چڪي هئي. قطب الاقطاب امروٽيءَ، مولانا سنڌيءَ کي ديوبند کان فراغت بعد، امروٽ شريف ۾ قيام جي دعوت ڏني، مولانا سنڌيءَ ان کي خوشيءَ سان قبوليو." (٤)

---

(١) عبدالحميد خان - مرد مومن (اردو) ڇاپو - سال ١٩٥٨ع صفحو ٤.

(٢) ماهنامو الرحيم اردو ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع - صفحو ٣١

(٣) عبدالحميد خان - مرد مومن - ص ٤.

(٤) ايضاً - ص ١٥ - اردو عبارت: "بهرحال اب جونکه حضرت حافظ صاحب کا وصال هوچکا تها. قطب الاقطاب امروٹی نے مولانا سندهی کو ديوبند سے فراغت کے بعد امروٹ شريف ميں قيام کی دعوت دی. مولانا سندهی نے اس دعوت کو بخوشی قبول کرليا."

حافظ صاحب جي رحلت کانپوءِ مولانا سنڌي، سيد و امروٽ ۾ آيو، ۽ اُتي اچڻ ۾ کيس ڪا اجنبيت محسوس ڪانه ٿي، ڇاڪاڻ ته پنهنجي روحاني والد جي وفات کانپوءِ، هن مولانا امروٽيءَ کي ئي پنهنجو روحاني پيشوا تسليم ڪيو ۽ ان سان ئي مستقل طور ٿيو، امروٽ ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيائين، امروٽي صاحب به سنڌس اهڙي خاطرداري ڪئي، جو سنڌس پرورش ۽ رهائش جي بند وبست سان گڏ، سنڌس شادي به ڪرايائين ۽ شاديءَ جي وقت سندس والده صاحبه، جا اڃا هندو مذهب جي هئي، تنهن کي به گهرائي، مولانا سنڌيءَ جي اطمينانِ قلب سان رهڻ جو سبب پيدا ڪيائين. (۱)

مولانا عبيدالله، پنهنجي ذاتي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو:

> ”مان شوال ۱۳۰۸ھ ۾ سيد العارفين حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊيءَ جي ٻئي خليفي مولانا ابوالحسن تاج محمود امروٽيءَ ڏي، امروٽ، ضلع سکر طرف هليو ويس. پاڻ پنهنجي مرشد وارو وعدو پورو ڪيائون. پاڻ منهنجي لاءِ والد جي طرح هو. پاڻ منهنجو نڪاح سکر ۾ اسلاميه اسڪول جي معلم، مولوي محمد عظيم خان يوسفزئيءَ جي ڌيءَ سان ڪيائون. منهنجي والده کي به گهرايائون، جا آخر تائين مون سان گڏ رهي. پاڻ منهنجي مطالعي لاءِ هڪ تمام وڏو ڪتب خانو جمع ڪيو. مان سندس سايه عاطفت ۾، ۱۳۱۵ھ تائين نهايت اطمينان سان، مطالعي ۾ مصروف رهيس.“ (۲)

---

(۱) ماهنامو الرحيم اردو - سيپٽمبر ۱۹۶۳ع - صفحو ۳۱.

نوٽ بابت اردو مضمون: جهڙوڪ پروفيسر محمد سرور، صلاح الدين ناسڪ وغيره پنهنجي تصنيفن ۾ هڪ اهڙيءَ حقيقت کان ڪنارو ڪشي ڪئي آهي، جنهن کانسواءِ جيڪر مولانا سنڌيءَ جي حياتيءَ جا احوال مڪمل ٿي نه سگهن. اها حقيقت آهي، ”مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو مولانا امروٽيءَ سان تعلق جو تذڪرو جيڪو هن ڪيو ٿي سگهي ٿو. البته ڪتاب ”....“ جي مصنف عبدالصبور خان ان حقيقت کي ڪجهه قدر عيان ڪيو آهي. حالانڪ حافظ صاحب جي وفات کانپوءِ مولانا سنڌيءَ جي رهائش، پالنا، روحاني تربيت، مطالعي جو بندوبست، شادي ڪرائڻ، انهيءَ کانسواءِ والده صاحبه کي گهرائي سندس گهر ڏيڻ، سڀ ضروريات زندگي، مولانا امروٽيءَ جي هٿان پوريون ٿيون هيون، جيئن خود سنڌي صاحب لکيو آهي.

(۲) ماهنامو الرحيم اردو - سيپٽمبر ۱۹۶۳ع ص ۳۱ - اردو عبارت: ”ميں شوال ۱۳۰۸ھ ميں سيد العارفين حضرت حافظ محمد صديق صاحب کے دوسرے خليفہ حضرت مولانا ابوالحسن تاج محمود امروٹی کی طرف امروٹ، ضلع سکھر چلا گيا ...... مصروف رہا۔

ساڳيءَ ئي باري ۾ روزنامه الوحيد "سنڌ آزاد نمبر" ۾ ڇپيل آهي:

"ساري دنيا جو مشهور ليڊر ۽ عالم، مولانا عبيدالله صاحب، مهاجر مڪي (سنڌي)، بزرگن (حضرت امروٽي) جي خدمت ۾ سنڌي ٿيڻ جي زماني ۾ آيو ۽ اتي ئي وڏو ٿيو ۽ اتي ئي شادي ڪيائين. امروٽ مان ئي (۱) دارالعلوم ديوبند ۾ تحصيل لاءِ ويو. جڏهن موٽي آيو، تڏهن اچي، امروٽ ۾ ڇاپخانو محمود المطابع نالي قائم ڪيائين." (۲)

مولانا سيد حُسين احمد مدني فرمائي ٿو:

"مولانا ابوالحسن تاج محمود امروٽي مرحوم، ڳوٺ امروٽ، ضلعي سکر جا رهاڪو ۽ حضرت سيد العارفين، حافظ محمد صديق صاحب پرچونڊيءَ واري جا بهترين خليفا هئا. مولانا عبيدالله سنڌي جن جو انهن سان گهڻو تعلق رهيو. مولانا سنڌيءَ جو نڪاح به حضرت امروٽي جن ماستر محمد عظيم يوسف زئي جي نياڻيءَ سان ڪرايو. مولانا سنڌيءَ جن گهڻو وقت وٽن رهيا. انهن مولانا کي ڪتابن جو وڏو ذخيرو گڏ ڪرايو." (۳)

مٿين حقيقتن جي مدِنظر، اهو بلڪل صاف آهي ته مولانا عبيدالله جي حياتيءَ جا اهم حصا ۽ ان جون اهم ضرورتون، مولانا امروٽي عليه الرحمة جي معرفت پوريون ٿيون. ڇا سندس شادي، ڇا سندس گهر جو بندوبست ۽ ڇا سندس روزگار بابت فڪر، اهي سڀ ڳالهيون امروٽي صاحب جي بدولت پوريون ٿيون. (۴)

سندم والد مرحوم کان روايت آهي ته "مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي شاديءَ جو رشتو، جڏهن مولانا امروٽيءَ جي ڪوشش

---

(۱) بين تمام تڪين ۾ ڇا قابل آهي ته مولانا سنڌي، امروٽ مان نه، بلڪ پرچونڊيءَ مان ديوبند روانو ٿي ويو هو، ان وقت حافظ محمد صديق عليه الرحمة پرچونڊيءَ واري، کيس دعا ڏني هئي.

(۲) الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر سال ۱۹۳۶ع (جون) صفحو ۴۲، ڪالم نمبر ۲.

(۳) "تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي" ميثاق بحواله هفت روزه ترجمان الاسلام لاهور مورخ ۶ فيبروري ۱۹۷۰ع

(۴) جن کي ڪن اردو مصنفن پاڻ ڏانهن، نالي ڪان يا تنگ دليءَ سبب واضح ڪيو آهي.

سان، سکر ۾ ملئي تي ڇڪيو. ٽيون اُهو مولانا امروٽي ئي هو، جنهن مولانا سنڌيءَ کي سنڌس والده صاحبه "جيوڻي بائي" جي آڻڻ جي صلاح ڏني ۽ ان جي ئي ڪوشش سان امروٽ ۾ آئي، شاديءَ ۾ شريڪ ٿي، ۽ پوءِ هميشه پنهنجي پٽ، مولانا سنڌيءَ سان گڏ رهي".

مذڪوره بالا حقيقتن مان هيٺيون ڳالهيون واضح طور تي عيان ٿين ٿيون:

(الف) مولانا عبيدالله سنڌي، ديوبند کان موٽڻ بعد سڌو امروٽ آيو ۽ ان ڳوٺ کي پنهنجو مسڪن مقرر ڪيائين.

(ب) مولانا امروٽيءَ سندس قيام جي لاءِ سڀئي وسائل مهيا ڪيا ۽ مٿس پدرانه شفقت ڪيائين.

(ج) امروٽي صاحب سندس شادي ڪرائي، ۽ وڌيڪ اطمينان قلب لاءِ سندس والده صاحبه کي وٽس گهرائي ڏنائين.

(د) مولانا سنڌيءَ جي علم ۾ اضافي لاءِ هڪ عظيم ڪتبخانو جمع ڪيو، جو اڄ تائين خسته حالت ۾ موجود آهي (١).

اهي ئي اسباب هيا، جن جي ڪري مولانا سنڌي، امروٽ کي پنهنجو مستقل گهر بنائي، پنهنجي علمي ۽ سياسي جد وجهد جو آغاز ڪيو.


---

(١) ماهنامو الرحيم (اردو) - سيپٽمبر ١٩٦٣ع صفحو ٣١ ۽ ٣٢

(١٠)

مولانا امروٽيءَ جا خاص نوازيل ۽ سندس مشير

مولانا عُبيد الله سنڌي



مولانا امروٽيءَ جو علمي مشير



رئيس غلام محمد غلام علي وڪيل (لاڙڪاڻو)
مولانا امروٽيءَ جو قانوني مشير.

مولانا عبيدالله سنڌي، امروٽ ۾، مولانا امروٽيءَ جي تعاون ۽ سرپرستيءَ ۾ پنهنجي پروگرام جو آغاز ڪيو، جنهن ۾ هڪ عظيم درسگاهه، عظيم ڪتب خانو، ديني، علمي ۽ سياسي انقلاب آڻڻ لاءِ هڪ دارالاشاعت محمود المطابع نالي ڪوليو ويو، جنهن جي، پنهنجي پريس هئي، جنهن مان گهڻن ئي ڪتابن جي ڇپجڻ کانسواءِ هڪ مستقل ماهنامو به شايع ڪيو هئائين.

مولانا سنڌي، هن درسگاهه ۾ (امروٽ ۾) ست سال ساندهه رهيو ۽ ڪيترن ئي طالب العلمن کي علم جي تحصيل ڪرائڻ سان گڏ، کين شاهه ولي الله جي تعليم سان روشناس ڪرايائين. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ حُريت وطن ۽ احيائي دين جي جد وجهد به ڪيائين.

ستن سالن ساندهه رهڻ کانپوءِ، ڪجهه اهڙا اسباب درپيش آيا، جو مولانا سنڌي امروٽ ۾ وڌيڪ رهي نه سگهيو. (۱)

جن اسبابن جي ڪري، کيس امروٽ ڇڏڻو پيو، اُهي هي آهن :-

(الف) قيام امروٽ جي آخري وقت ۾ سندس گهرواري مختصر علالت کانپوءِ وفات ڪري وئي. پنهنجي پُٽيان

---

(۱) ماهنامو الرحيم اردو- سيپٽمبر ۱۹۶۳ع- ص ۳۴-۳۵-۳۶.

به نيائيون چنڊي وئي، جن جي پرورش ۽ پرداخت جو مسئلو مولانا سنڌيءَ لاءِ هڪ دردِ سر بڻجي ويو ۽ مولانا صاحب هر وقت متفڪر رهڻ لڳو.

(ب) سنڌي صاحب چاهيو ٿي ته ان وقت جي سياسي ۽ اقتصادي حالات کي منهن ڏيڻ لاءِ، شاگردن کي جديد طرز تعليم سان روشناس ڪرائجي. ان لاءِ هڪ زبردست ۽ شاندار هاسٽل ۽ مدرسي جي جڳهه سان گڏ طالبن لاءِ جديد طرز جي رهائش جون سهولتون به مهيا هجن ته جيئن عوام ۾ مدرسي لاءِ زياده دلڪشي پيدا ٿئي. ان کانسواءِ شاگردن لاءِ عمدي خوراڪ ۽ عمدي لباس جو بندوبست به هجي.

متين ۽ طرز جي درسگاه جا ذرائع ۽ وسائل، نه مولانا سنڌي مهيا ڪري ٿي سگهيو ۽ نه مولانا امروٽي. انکانسواءِ امروٽي بزرگ پنهنجي مُريدن ۽ فقيرن کي تصوف جي مشهور طريقي فقر فاقه، صبر ۽ قناعت جي تلقين ڪندو هو، تنهن ڪري اهو ڪيئن ٿي ٿي سگهيو، جو هڪئي جڳهه تي فقر فاقه وارا، ۽ ٺاٺ باٺ وارا طالب رهي سگهن.

(ج) انهن ڏينهن ۾ پير جهنڊي جي ڳوٺ ۾ وڏي لئبرري هئي، (جا اڄ تائين موجود آهي) ان سان گڏ پير رشد الله(۱)

(۱) ماهنامو التحيد ار دو سيپٽمبر ۱۹۶۳ع، صفحو ۳۶.

هڪ وسيع دارالعلوم کولڻ تي چاهيو، جنهن ۾ مولانا عبيدالله
سنڌي ۽ ڪانسواءِ ٻيو ڪو موزون عالم کيس ملي نٿي سگهيو،
سنڌ ۾ مالي امداد لاءِ به وٽس ذرائع موجود هئا،
ان ڪري هڪ عاليشان جڳهه تعمرائڻ جو منصوبو به رٿيو
هئائين. ان خيال سان جڏهن پير صاحب مولانا سنڌيءَ
کي دعوت ڏني، تڏهن مولانا ان کي ان خيال سان قبول
ڪيو ته سنڌ ۾ خواب جو تعبير ان مدرسي (دارالرشاد) کلڻ
سان ٿي ويندو، ان ڪري امروٽ کي الوداع چئي، ڳوٺ
پير جهنڊي ڏانهن هليو ويو.

مولانا سنڌيءَ جي امروٽ ڇڏڻ تي، مولانا امروٽيءَ
کي تمام گهڻو رنج وملال ٿيو. پاڻ کيس روڪڻ جون
تمام گهڻيون ڪوششون ڪيائين، ليڪن سنڌي صاحب
پنهنجي عزم کان باز نه آيو. (۱) آخر امروٽي صاحب
بادلِ ناخواسته کيس الوداع چيو، ليڪن پيرجهنڊي جي
ڳوٺ ۾ رهڻ دوران، مولانا امروٽي ۽ مولانا سنڌيءَ جي
وچ ۾ سياسي ۽ علمي رابطو برستور قائم رهيو. (۲)

هن سلسلي ۾ عبدالصمد خان رقمطراز آهي:

”سندن خانقاه ’صفه‘ جو نمونو هئي، روحاني فيض جي طالبن
لاءِ نه اهو تمام وڏو دارالعلوم هو، جتي علوم ظاهري جي تدريس
۽ تڪميل جي لاءِ، جن اسبابن جي ضرورت هئي، اهي،

---

(۱) ماهنامو الرحيم اردو سيپٽمبر ۱۹۶۳ع - صفحو ۳۶.
(۲) ايضاً -

اِتي موجود نه هئا جو نوري حضرت امروٽي قدس سره العزيز
ان طرف توجه فرمائيندا هئا، جو ته سنڌ مسلک استخدام
ان جي اجازت نٿي ڏني ته ماڻهن کان چندو طلب ڪن.“ (١)

گوٺ پير جهنڊي ۾ پهچڻ شرط، مولانا سنڌيءَ پير رشد الله صاحب جي سامهون پنهنجي تجويز پيش ڪئي. پير صاحب اها منظور ڪري، ڪيس مالي امداد ڏيڻ جو يقين ڏياريو. اهڙيءَ طرح سنه ١٣١٩ هجري مطابق ١٨٩٨ع ۾ مولانا سنڌيءَ پنهنجي هٿ مبارڪ سان مدرسي دارالرشاد جو بنياد رکيو. پير صاحب، پنهنجي مريدن کان چندو وٺي، استادن جي پگهارن ۽ شاگردن جي معاش جو بندوبست رکيو. مولانا سنڌيءَ پوءِ مولانا اصغر علي لاهوريءَ کي به اُتي گهرائي ورتو (٢) جنهن ٽن سالن تائين، ان مدرسي ۾ درس نظاميءَ جي تعليم ڏني. مولانا سنڌي ان مدرسي ۾ ٻارهن سال رهيو، ان بعد کيس شيخ الهندؒ، مولانا محمود الحسن صاحب ديوبند گهرائي ورتو، جتي هو سال ١٩٠٩ع ۾ پهتو. هن مولانا اصغر عليءَ کي نواب شاه جي هڪ مدرسي ۾ رهايو. (٣)

شيخ الهندؒ جي مشوري سان، مولانا سنڌيءَ انجمن ”جمعية الانصار“ جو بنياد رکيو. هن تنظيم جو مقصد اڳيئي بيان ٿي

---

(١) عبدالحميد خان – مرد مومن اردو – ڇاپو ٩ – سال ١٩٥٨ع ص ١٧
اردو عبارت: آپ کی خانقاه صنعه کا نمونه تهی – روحانی فيض کے متلاشيوں کے لئے تو وه بهت بڑا دارالعلوم تها – مگر علوم ظاهريه کی تدريس اور تکميل .... چنده مانگيں.
(٢) مولانا سنڌيءَ، مولانا اصغر عليءَ جي ٻنهي والده صاحبه شاديءَ ڪرائي هئي. (مرد مومن ص ١١)
(٣) عبدالحميد خان – مرد مومن – ص ٢٣ کان ٢٤،

ڇڪو آهي. شيخ الهند، ڪيس جميعة الانصار جو ناظم مقرر ڪيو هو. ان کانسواءِ مولانا سنڌي ۽ هڪ ٻئي ڌڻي جي جماعت کي، قرآن پاڪ جي انقلابي تفسير ۽ جهاد بابت تربيت ڏيڻ لاءِ، مدرسي "نظارة المعارف قرآنيه" جو دهليءَ ۾ انتظام ڪيو، جنهن مان ڪيترائي مرد مجاهد، انگريزن خلاف جهاد لاءِ تيار ڪيا ويا. مولانا سنڌي پاڻ به تبليغي جماعتن سان گڏجي، تبليغي دورا ڪيا ۽ ماڻهن ۾ حريت ۽ آزاديءَ جو روح ڦوڪيائين. (١) مولانا سنڌي ديوبند جي سياسي تحريڪ جو ترجمان هو. پنهنجي استاد شيخ الهند جي تربيت مطابق، ديوبندين کي انگريزي پڙهيل علي ڳڙهه جي نوجوانن سان ملي جلي ڪم ڪرڻ جو قائل هو. چاهيائين ٿي ته جنهن سياسي فڪر جو بنياد، ١٩١٩ع ۽ ١٩١٠ع ۾ شيخ الهند ۽ مولانا محمد عليءَ وڌو هو، هندوستاني مسلمان ان کي پنهنجو مشعل راهه بنائين. ديوبند ۽ ڪاليج پارٽي ٻئي ملي، اسلامي هندوستان جي رهنمائي ڪن : (٢)

ماڻهن کي شايد هي معلوم نه هجي ته حڪيم اجمل خان ۽ ڊاڪٽر انصاري به پنهنجي استاد جي جماعت سان تعلق رکندا هئا. مولانا محمد علي کي ڊاڪٽر انصاري ۽ شيخ الهند سان ملايو. ان کانپوءِ شيخ الهند پنهنجي جماعت کي مولانا محمد عليءَ جي تابع ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن کان ئي مولانا محمد علي مسلمانن جو واحد ليڊر بڻيو ۽ دهليءَ جا ٻئي سڪول ملي هڪ ٿي ويا. ان متحد طاقت، ملڪ کي پنهنجي طرف ڇڪي ورتو. ان مرڪزي فڪر اُن کي آڳرو بڻايو

---

(١) عبدالحميد خان - مرد مومن - ڇاپو ٢ - سال ١٩٥٨ع - ص ٢٣ کان ٢٤
(٢) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ١٩٦٧ع ص ٣٢٥-٣٢٨

ديوبندي سڪول جو طالب رهيو. هن مجمع ۾ مولانا ابوالڪلام
جي شخصيت مستقل حيثيت رکندي هئي، جو هڪ عليحده سان
گڏ، ناس تي رهڻ جو هڪ نشان هو." (١)

هُن ۽ ١٩٢٠ع کان گهڻو اڳي ئي هندستان جون اندروني حالتون
اهڙي طرح بدلجي ويون، جو هندُن توڙي مسلمانن
جي حُريت پسند جماعتن، هڪٻئي جي قريب اچڻ جي
ڪوشش ڪئي. ١٩١٥ع ۾ ته مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا اجلاس
به گڏ ٿيڻ لڳا. ان لاءِ ته هندو ۽ مسلمان، اڪثريت ۽ اقليت
ٻئي هڪٻئي سان ملي، انگريز سامراج جو خاتمو آڻين. (٢)
ان کان سواءِ هندستان کان ٻاهر جيڪي به اسلامي ممالڪ
هيا، تن جا حالات ۽ بين الاقوامي سياست به اهڙو پلٽو کاڌو،
جو اهو تمام ضروري ٿي پيو ته هندستان جا هندو ۽ مسلمان
هڪٻئي سان ملي، برطانوي اقتدار کي نابود، يا گهٽ ۾ گهٽ ۽
ڪمزور ڪرڻ جي جدوجهد ڪن. ساڳي ۽ ڪوشش ۾ افغانستان
ايران، مصر، ٻيا عرب ممالڪ، ترڪي ۽ روس جو پڻ ان وقت
مفاد اهو هو ته برطانوي سامراج کي (ڪٿي به هجي) ڌڪ هڻجي،
ته جيئن سندس توجهه مسلم ممالڪ جي طرف کان هٽجي وڃي. (٣)
شيخ الهندُ جي هدايتن موجب، مولانا سنڌي جڏهن سڄي هندستان
جا دورا ڪري، عوام کي آزادي تحريڪ کان باخبر ڪيو، تڏهن

---

(١) پروفيسر محمد سرور - مولانا عبيدالله سنڌي - سال ١٩٤٣ع - ڇاپو ٽيون - ص ٣٤٩-٣٥٠.
(٢) ايضًا - ص ٣٥٠ (٣) ايضًا - ص ٣٥١

شيخ الهند ۽ ٻين آزادي پسند ليڊرن سان گڏجي، انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ "ريشمي رومال تحريڪ" جي اسڪيم ناهي، جنهن جي سلسلي ۾ هن کي ڪابل وڃڻو پيو (احوال اڳيئي اچي چڪو آهي) ۽ ڪيس گهڻيون تڪليفون درپيش آيون. تحريڪ ناڪام وڃڻ ۽ سندس وطن ورڻ ناممڪن ٿي پيو. هن پوري هندوستان جي سياسي ليڊر جي حيثيت ۾ روس، ترڪي ۽ حجاز جو دورو ڪري، اچي مڪي معظمه ۽ مديني منوره ۾ سڪونت اختيار ڪئي. (۱) حجاز ۾ رهڻ دوران، مولانا سنڌي کي، شاهه ولي الله جي فلسفي کي ڏهه ٻارنهن سال مسلسل مطالعي ڪرڻ ۽ عربي علم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جو خاص موقعو مليو ۽ سياسي سرگرمين کان دور رهيو. نيٺ سنڌ ۾، الله بخش سومري جي وزارت واري وقت ۾، ڪن محب وطن افرادن، جهڙوڪ محمد امين کوسي وغيره جي ڪوشش سان، حڪومت انگريز جي ڪن شرطن سان مولانا سنڌي ۽ کي سنڌ ۾ اچڻ جي اجازت ملي ۽ ۷ مارچ ۱۹۳۹ع ۾ مولانا صاحب ڪراچي ۽ جي ساحل تي لٿو. مولانا جي واپسي تي، انگريز، حڪومت سنڌ کي، مولانا جي ڪنهن به سياسي سرگرمي ۾ حصي نه وٺڻ لاءِ ضمانت ۾ ورتو. حڪومت سنڌ هن ڏس ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ساري ذميواري پنهنجي سر تي کنئي. (۲)

---

(۱) پروفيسر محمد سرور- مولانا عبيدالله سنڌي (اردو) سال ۱۹۴۳ع ڇاپو ٽائيل ص ۲۵۱-۲۵۲،
(۲) ماهنامو الرحيم سنڌي جنوري نمبر ۱۹۶۵ع ۽ آگسٽ ۱۹۷۱ع ۽ نئين زندگي آگسٽ سيپٽمبر ۱۹۷۰ع

هتي اچڻ سان ئي مولانا سنڌيءَ، عزم ۽ استقلال سان ٢٤ ورهيه جلاوطنيءَ جو آزمودو ۽ شاه وليُ الله جي حڪمت، منظرعام تي آڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيو. سنڌ نظر ۾ آزادي قريب وقت ۾ ملڻ واري هئي، ان ڪري عوام کي هدايت ڪندو هو ته "شاه ولي الله جي حڪمت کي سکي وٺو اُن جي رهنمائيءَ ۾ نئين دور جي جديد تقاضائن ۽ گهُرُنِ جو اسلامي حَلُ تلاش ڪريو؟ مولانا جو چوڻ سو في صدي صحيح نڪتو. سنڌ وفات کانپوءِ جلد ئي ملڪ آزاد ٿيو. (١)

مولانا سنڌي، سڄي حياتي، تڪليفن ۾ گذاري، اُن ڪري پيرسنيءَ ۾ سندس بدن ضعيف ٿيندو ويو ۽ آخر ٢٢-آگسٽ ١٩٤٤ع ۾ دين پور ۾ پنهنجي ڌوهٽي وٽ، (٢) وفات ڪيائون. (٣)

مولانا عبيد الله سنڌيءَ جي وفات تي، مولانا محمد پنهوَرَ هيٺيان مرثيا چيا:

مرثيه وفات سنڌي

چوته چاڪان اچ هنجون ٿو هاريان ارمان ۾.
سخت آهي بيقراري، سنڌ هندوستان ۾.
نامي ڪوئي شڪ، نتي ڌسجي تسلي ڪا رهاڻ،
دل ڏکي، ڏک ۾ بدن، بيزار، جو ڪو جان ۾
هيڏي ڪيئن دل جي تڪري، هي پريشاني سني،
آهي جا دنيا جي پڪڙي وئي، سڄي ايوان ۾

(١) ماهنامو الرحيم سنڌي - آگسٽ ١٩٧١ع (مولانا سنڌي نمبر) ۽ نئين زندگي آگسٽ ۽ سيپٽمبر ١٩٧٠ع
(٢) سه ماهي مهراڻ - سوانح نمبر (٣-٤) سال ١٩٥٧ع ص ٢٧٨
(٣) ماهنامو الرحيم سنڌي جولاءِ ١٩٧١ع ۽ سه ماهي مهراڻ سوانح نمبر ١٩٥٧ع - ص ٢٦٩

آهه، ڪريون ياد مولانا عبيد الله کي،
رات ڏينهن رڙندي، جلي ٿو جيءُ سندم جوانهن،
هئا سڀئي موجودان جي ذات ۾ لائق لکين،
جي هئڻ گهرجن، عجائب عادتون انسان ۾.
دين دنيا ۾ گهڻا هر قوم ۾ رسمون رواج،
هئن اجهو ور تو اچي اسلام جي دامان ۾.
مرد غازي ملڪ ملت جو هو عادل امام،
هو سدا فنا هن فائق علم ۽ عرفان ۾.
عمر ساري صرف ڪئي اسلام جي خدمت گذاري،
دل بهادر، شير همت، قوت ايمان ۾.
وئي جلاوطني ۾ هن جي زندگي گذري گهڻي،
ٿيو رهاڪو روس ترڪي پڻ عرب افغان ۾.
مون لکيو رحلت جو هجري سال اعظم مرد حق
١٣٦٣
مرغ جنت ويو اڏامي، جنت رضوان ۾. (١)

<u>مرثيو وفات - فارسي</u>

ز آسمان ست جمله تغيرات + نيست زنهار هيچ راه نجات.
در پئي دفع حادثات فلک + لنگ باشد جملهٔ تدبيرات.
ما نيا سوده ايم در عالم + گاه بگيهر شديم صيد آفات.
در زمان پيشوا عبيد الله + محترز مهتران گرامي ذات.
کاشف راز شرع نکته شناس + ميل او سوئي حق جميل صفات.
ناگهان زين جهان منان بتافت + کرد بر خويش ختم دور حيات.
از فراق امام عارف دين + داغ بر دل بماند از حسرات.
يا الهي بجود ابر کرم + بر مزارش ببار صد برکات.
گفت مغفور ايزد او بارا + هاتف اين جملهٔ سبت سال وفات. (٢)
١٣٦٣

---

(١) ماهنامه الرحيم سنڌي ماهه سيپٽمبر ١٩٧١ - صفحو ٤٠
(٢) ايضاً -

مولانا تاج محمود شاهه امروٽيءَ جو آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو

هجرت تحريڪ ته بظاهر ناڪاميءَ سان گڏ ختم ٿي وئي، پر حقيقت ۾ اها ناڪامي نه هئي، بلڪ وطن عزيز جي آزاد ڪرائڻ ۾ قدم اڳتي وڌائڻ لاءِ مددگار ثابت ٿي، هجرت تحريڪ جي ناڪام ٿيڻ ڪري، ماڻهن ۾ انگريزن کان پاڻ وڌيڪ نفرت پيدا ٿي. سنڌ تو ڇا هند ۾ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ جو جذبو شدت سان جاڳي اٿيو، ان ڪري خلافت تحريڪ اڃا به وڌيڪ زور شور سان جاري رهي، هن تحريڪ کي زور وٺائڻ ۽ ڪامياب بنائڻ لاءِ ١٩٢٠ع ۾ سر حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڪوشش سان روزنامه الوحيد ڪراچيءَ مان جاري ٿي، جنهن خلافت تحريڪ جي ترجماني ٿي ڪئي. هن تحريڪ کي روڪڻ لاءِ حڪومت طرفان "امن سڀا" تحريڪ پيدا ڪئي وئي ۽ آزاديءَ جي جذبي خلاف، ڪن زميندارن، مولوين ۽ پيرن کان، هڪ فتويٰ (شريعت يا رسالي)[1] تي صحيون ورتيون ويون، جا سنڌ جي ڪمشنر پنهنجي اسسٽنٽ، خانبهادر نبي بخش محمد حسين شڪارپوريءَ جي مدد سان، هڪ مولوي فيض الڪريم موريءَ واريءَ کان لکائي وئي هئي. ان ۾ ترڪيءَ خلافت کي ناجائز ٺهرايو ويو هو. (٢)

---

[1] (١) اهو هڪ ننڍو رسالو هو، جنهن جو نالو "تحقيق الخلافت" هو. ان تي سنڌ جي انگريز پرست پيرن، زميندارن ۽ مولوين صحيون ڪيون هيون.

(٢) ماهنامه نئين زندگي - آگسٽ ۽ سيپٽمبر ١٩٧٠ع - ص ١٦

سنڌ جي ڪن عالمن ۽ پيرن، مجبور ٿي، ان تي صحيون ڪيون ۽ ڪن جرأت ۽ دليريءَ کان ڪم ورتي، صاف انڪار ڪيو. (١)

سنڌ م والد راوي آهي ته مولوي فيض الڪريم جڏهن صحيح وٺڻ خاطر امروٽ پهتو، تڏهن مولانا امروٽي صاحب ڪانئس اها فتويٰ کسي، ڦاڙائي ڇڏي، ۽ کيس لوڏائي ڪڍي ڇڏيائين. (٢)

مولانا امروٽيءَ جي ڪوشش سان ئي، آزادي پسند علمائن طرفان، مولوي فيض الڪريم تي ڪفر ۽ گمراهيءَ جون فتوائون ڏنيون ويون. نتيجو اهو ٿيو جو عوام نه فقط انگريزن کان نفرت ڪرڻ لڳو، پر انهن پيرن، مولوين ۽ زميندارن کي به حقارت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳو، جيڪي "امن سڀائي" ٺاهي، انگريزن جي طرفداري ڪري رهيا هئا. انگريزن هر تعلقي ۾ "امن سڀائون" قائم ڪيون هيون ۽ اخبار "سڀائي" پڻ جاري ڪرايائون.

استاد صاحب، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ کان روايت آهي ته کيس گهوٽڪيءَ جي باشندي، حافظ احمد صاحب ٻڌايو ته گهوٽڪيءَ جي شهر ۾، سال ١٩٢١ع ۾ "امن سڀا" جو جلسو ٿيو هو، جنهن ۾ گهوٽڪيءَ جي ڪن پيرن به حصو ورتو هو. ان جي برعڪس، خلافتي مسلمانن به هڪ خلافت جو جلسو

(١) ماهنامه مومنين زندگي - آگسٽ ۽ سيپٽمبر ١٩٧٠ع ص ١٦
(٢) مولانا الاهي بخش اعوان، "يادگار وفائي" ۾ صفحي ١٨١ تي (رسالي ۾) لکيو آهي ته "امروٽي بزرگن، مار ڪاڻائي، ڪڍي ڇڏيس."

نوٽ: - مولانا امروٽيءَ مولوي فيض الڪريم جي فتويٰ ۽ رسالي "تحقيق الخلافت" جي رد ۾، پنهنجي زير نگراني، رسالو "اظهار الخرافات" مولانا دين محمد وفائيءَ کان لکرايو. لاڙڪاڻي جي جلسي خلافت ۾ (٧-٨-٩ فيبروري ١٩٢٠ع) ڇپرائي ورهايو هو. (الوحيد آزادي نمبر سال ١٩٣٦ع - ص ١٤١ ۽ ١٤٢) ۽ بيان محبوب علي شاهه ...)

ساڳيءَ ئي سال ڳوٺڪيءَ ۾ منعقد ڪرايو هو. مولانا امروٽيءَ پڻ ان جلسي ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو هو. اُتي سنڌ جو مشهور شاعر، محمد هاشم مخلص به شرڪت ڪئي هئي. مخلص صاحب کي ڳوٺڪيءَ جي پيرن تي ڏاڍي رنجش هئي ته انگريز جي فائدي ۾، ڳوٺڪيءَ جي شهر ۾ "امن سڀا" جو جلسو ڇو ڪرايائون؟ ان ڪري محمد هاشم مخلص ڳوٺڪيءَ جي هڪ وڏي پير کي مخاطب ٿيندي، هڪ شعر چيو، جنهن جو مطلع هيئين هو:

"ڇڏي دين پيءُ جو، ڇڏيءَ ٽِڪَ پرائي،
هتان نيٺ هلندين ادا آمن سڀائي." (۱)

بنده ڳوٺڪيءَ ۾ حافظ احمد صاحب کان آزادي تحريڪ ۽ "امن سڀا" بابت حال احوال وٺڻ ويو، پر افسوس، جو حافظ صاحب مون کان ڪجهه اڳ وفات ڪري ويو. سندس پوين، ان بابت، نه مواد ڏئي سگهيو ۽ نه وري ڪجهه زباني ٻڌائي سگهيا. باقي پرائمري مين اسڪول ڳوٺڪيءَ جي هيڊ ماستر، حاجي الهه رکئي خان ڪُهاوڙ، جنهن جي عمر هاڻي اٽڪل ۵۵ ورهيه ٿيندي، تنهن مولانا امروٽيءَ جي خلافت جي جلسي جو احوال هن طرح ڏنو:

" مولانا امروٽيءَ ڳوٺڪيءَ جي جامع مسجد ۾ خلافت جي جلسي جو پروگرام

(۱) روايت استاد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، مدرسه شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد

جمعي جي ڏينهن تي رکيو هو. ان جلسي جو پڌري، اُتي جي هڪ
امن سڀائي پير، انگريزن سان وفاداري ڏيکارڻ خاطر،
سرڪار کي اطلاع ڏنو، جا ڪاڻ ته پير صاحب انگريز "امن سڀا"
جو ميمبر هو. ان وقت رهڙي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر،
عبدالقادر نارو هو، جنهن پير صاحب جي چوڻ سان گهوٽڪي
۾ اچي منزل ڪئي ۽ مولانا امروٽيءَ سان ملاقات ڪري، کيس
جلسي ڪرائڻ کان منع ڪئي. مولانا امروٽيءَ کيس ترڪو جواب
ڏنو ته "تون عبدالقادر نه آهين، پر عبدالبادر آهين، جو انگريزن
جي موچڙي کان ڊڄي، قوم سان غداري ڪرڻ لاءِ تيار ٿي
آيو آهين. جيڪڏهن تون عبدالقادر هجين ها ته ائين منهنجو
پيڇو نه ڪرين ها" اهڙيءَ طرح ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جو
چيئرمين، محمد پناهه ڏڪڻ، جو ڊپٽي ڪليڪٽر سان گڏ هو، تنهن
کي پڻ شرمائيندي، فرمايائين ته "جيڪڏهن تون محمد پناهه
هجين ها ته ائين نه ڪرين ها." (1)

مولانا امروٽيءَ جي اچڻ کان اڳ، پير صاحب حڪومت سان گڏجي،
گهوٽڪي شهر جي ٻاهران، رستن تي پهرو رکايو ته جيئن ٻاهريان
ماڻهو خلافت جي جلسي لاءِ شهر ۾ اندر نه اچن ۽ شهر
جي ماڻهن تي زور رکايو ته مولانا امروٽيءَ جي رهائش جو

---

(1) حاجي الهرکئي کهاوڙ، هيڊماسٽر پرائمري مين اسڪول گهوٽڪيءَ جي زباني.

بند و بست نه ڪن، پر تنهن هوندي به حافظ محمد صديق
ويٺل محله تند و مستو شاهه ڪشميري ۽ ڪيس پاڻ وٽ رهايو
۽ پنهنجي پٽ، حافظ احمد کي سندس خاص خدمت لاءِ
مقرر ڪيو.

گهوٽڪي ۽ ان جي گردو نواح جا ماڻهو، باوجود اُن رنڊڪ
۽ رڪاوٽ جي، وڃڻ رهڻ ۽ سوڙهن پيچرن رستي، وڏي
انداز ۾ اچي، جامع مسجد ۾ جمع ٿيا. پير صاحب به قاصد،
هڪ منشي احمد حڪيم، ۽ ٻيو خليفو پير بخش (جيڪو اڃا زنده آهي)
مولانا امروٽي ۽ ڏانهن موڪليا ته "اوهان مهرباني ڪري، اسان
جي جامع مسجد ۾ نه اچجو". بزرگ امروٽي، ان وقت کٽ تي
سُتو پيو هو، هڪدم اُٿي ويهي رهيو ۽ فرمايائين ته "آءٌ ته وڏي شا
کي چئجو ته جيڪڏهن مان جامع مسجد گهوٽڪي ۾ نه ايندس ته آدو
موسن شاهه (جيڪو بزرگ، ان وقت، اڍائي سو سالن کان مسجد جي لڳ روضي ۾
ابدي آرام ۾ هو) ناراض ٿي ويندو ته گهوٽڪي ۾ آئين، پر مون وٽ
نه آئين. مان ضرور جامع مسجد ۾ ايندس" (۱)

آخر بزرگ امروٽي، پنهنجي رٿيل پروگرام موجب، جامع مسجد
۾ جماعت سوڙو پهچي ويو ۽ ڪنهن به کيس روڪ رنڊڪ ڪري
نه سگهي. جمعي نماز بعد، مولودخاني ۾ شعر پڙهيائون.
اُن کانپوءِ مولانا عبدالڪريم کهاڙي ۽ مولوي محمد هاشم
رهڻ واري، آزادي ۽ انگريزن کان نجات حاصل ڪرڻ بابت

---

(۱) حاجي الهرکئي کماوڙ، هيڊ ماستر پرائمري مين شعر گهوٽڪي ۽ جي زباني،

تقريرون ڪيون. آخر ۾ مولانا امروٽيءَ (جو نهايت ضعيف هو) پڻ
ماڻهن جي سهاري بيهي ، ساڳئي موضوع تي ولوله انگيز
تقرير ڪئي. جلسو نهايت شاندار ڪاميابيءَ سان ٿي گذريو.
ڊپٽي ڪليڪٽر سان ، وقت جو مختيارڪار فتح محمد ۽ هيڊ منشي
هاساننددجه گڏ هئا ، پر ڪجهه نه ڪري سگهيا.

حاصل ڪلام ، انگريزن امن سڀائن ذريعي ، ڪافي
ڪوششون ڪيون ته سنڌ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ کي ڏڪ
پهچايو وڃي ، ليڪن سندن سمورئون ڪوششون بي سود
ويون. آزاديءَ جي تحريڪ ، جنهن پوءِ تيئن زور ورتندي
وئي. (۱)

مولانا امروٽيءَ جي وقت ۾ خلافتي افرادمان ، سکر جي سيد
سردار علي شاه بخاريءَ جي فرزند محبوب علي شاه بخاري
ساڪن پيٽ ڙو ، سکر سان ، ۱۹۷۲ع ۾ ملاقات ٿي ، جنهن دوران
هن مهرباني ڪري ، مولانا امروٽيءَ جو فوٽو ڏنو ، ۽
چيو ته "ان وقت مان خلافتي نوجوان جي حيثيت ۾ پنهنجي
والد سان گڏ ، مولانا امروٽيءَ جي هر تحريڪ ۾
ساڻس گڏ هوندو هيس ، مسجدين جي تحفظ لاءِ ، ڪفن
سر سان ٻڌي ، بلڊوزرن جي آڏو ستهيس ، خلافت جي
سلسلي ۾ سرگرم ڪارڪن ٿي ، هميشه هر جلسي ۾ ساڻس

(۱) حاجي الهرکيو کهاوڙ ، هيڊ ماستر پرائمري مين اسڪول گوٺ کهي ۽ جي زباني

گڏ رهيس. سنڌ ۾ خلافت، هجرت ۽ آزادي تحريڪن جو باني امروٽي صاحب هو. پاڻ سنڌ خلافت جي صدر سان گڏ، سکر ضلعي خلافت ڪاميٽيءَ جو صدر به هو ته مان ضلعي سکر خلافت جو جنرل سيڪريٽري هوس، اڪثر جلسن جو اهتمام ۽ بندوبست منهنجي ذمي رهيو. ان وقت جي ضلعي خلافتي عهديدارن جا نالا هن طرح ٻڌايائين:

”صدر:- مولانا تاج محمود امروٽي، جنرل سيڪريٽري:- محبوب علي شاهه سکر شهر لاءِ صدر:- وڏيرو يار محمد ٻٽو. سيڪريٽري:- حڪيم عبدالحق.“ هن ٻڌايو ته ”ان وقت جيڪي قوم جا غدار انگريزن سان وفاداريءَ ڏيکاريندا هئا، انهن کي ”ٽوڊي“ سڏيو ويندو هو. اهي امن سڀائي ۾ انگريزن جا مداح هوندا هئا.“ ان کانپوءِ ضلعي سکر جي ڪن امن سڀائين جا نالا ٻڌايائين:-

”خانبهادر ڏيٿي پير بخش، خانبهادر محمد پناهه ڏکڻ، آنريبل علي بخش، جان محمد، پيرزاده عبدالرحمان، سيد ڪرم علي شاهه، عبدالحميد خان، آغا نظام الدين خان، آغا حسن علي خان، ڪرل وڪيل صاحب، سومرو صاحب، وغيره وغيره. وڌيڪ ٻڌايائين ته ”مان ان وقت ”مزدور“ اخبار جو سرپرست هوس. ان وقت مون ”ٽوڊين“ جي بارې ۾ هڪ ڏينهن هڪ نظم اخبار ”مزدور“ ۾ ڇپايو: (١)

---

(١) سيد محبوب علي شاهه ٻٽا رو دسکر جي زباني.

"عقيدتمند، ارادتڪش مان سرڪارعاليءَ جو،
چراغ روح انور جو، مان پروانو آهيان تو ڏي.
هي خودداري، صداقت، قوم جي الفت، خدا ترسي،
ڪيم سڀ ڪجهه انهيءَ بت جو مان نذرانو آهيان تو ڏي.
ڪٿر جان قوم جا خادم، ڇپن منهنجين اکين ۾ تا،
ڪيان برنام تو تن کي يا ٻي مانو آهيان تو ڏي.
تنهنجي سرڪار عاليءَ باب ۾، آڳ جا ٿو مان ان جو،
انهيءَ جي زور تي مان مست ديوانو آهيان تو ڏي.
وڃان دربار ۾ جنهن ۾، ملي ڪرسي ٿڪڻ ۾،
جو ڪامورن سان نه رهندو نيازمندانو، آهيان تو ڏي.
تيس مان خانصاحب، سائين، آغا، منشي بڻ،
ترسو منهنجو تحمل، شان شاهانو، آهيان تو ڏي.
وڏيرڙي وس ها ني، ڏنڊ منهنجو مزوري هو،
ڏهاڙي جو مونکي ملندو هڪ آنو آهيان تو ڏي.
اوهانجو وعظ، تنبيهه سڀ بيڪار، لاحاصل،
چڙهي سر ڪنهن کي هرگز، هي بنهانو آهيان تو ڏي.
مرڻ کان بعد پڻ منهنجي قبر کان جي اچي پڇندا
ته اينده وجهت، اهو آواز مستانو آهيان تو ڏي."

ضلعي سکر جا ڪجهه خلافتي حضرات هي ٻڌايا ٿين: -

مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا وفائي، مولانا چشتي، مولوي تاج محمد عليڪ، سيٺ عبدالستار آدمجي، الحاج سردار علي شاهه بخاري سيد محبوب علي شاهه بخاري، ابوشوڪت حمزو، مولانا محمد هاشم، وڏيرو يار محمد پنهور، حڪيم عبدالحق، حڪيم باغ علي شاڪي، وڏيرو الله ڏنو ميتار چڪ، پيرزاده عبدالرزاق، محمد ادريس جاچڙ پنوعاقل، شيخ عبدالعزيز ايڊيٽر "الحق"، مولوي محمد علي شاهه، پير حسام الدين شاهه، غلام نبي بروهي، پيرزاده عبدالمجيد وغيره وغيره. (١)

(١) سيد محبوب علي شاهه بخاري - ٻڌايو ويو سکر جي زباني.

ويجهه پُٽ اپائين ته بزرگ امروٽيءَ جا سيئي مريد ۽ ڪارڪن،
مثل پرواني وانگر، سِر فدا ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا
هئا. ڇاڪاڻ ته سندس شخصيت نهايت جاذب ۽ پُرڪشش
هئي. هر تحريڪ ۾ سندس اپيل جي چند لفظن چوڻ
سان فِدائي ماڻهو جيان ”لبيڪ“ چوندا، سنڌ جي
ڪُنڊ ڪڙڇ کان اچي حاضر ۽ گڏ ٿيندا هئا.

انگريز سرڪار کي هر وقت، هن بزرگ مان انديشو ۽
خوف هوندو هو. جتي جتي بزرگ امروٽي پهچندو هو،
اتي سرڪاري جاسوس، اڳ ۾ پهچندا هئا، مگر مولانا
امروٽي هميشه بي باڪ ۽ بي پرواهه بڻجي، آزادي ۽
اسلامي تحريڪن بنا خوف خطر هلائيندو رهيو.
آخري دم تائين به ڪيس وطن عزيز جي آزاديءَ جهاد
۽ اسلام جي تحفظ جو اونو رهيو. وفات جي مرحلي ۾
به استغفار اڳ ۾ متي (الله ٽي) ڪري، چيائين، ”الله جي حوالي“.
ان وقت فوٽو گرافيءَ جو رواج به ايترو ڪونه هو، بزرگ به
متشرع هئا. ان ڪري هي فوٽو (امروٽي صاحب جو) به ڪنهن
هٿن سان، جلديءَ ۾ ڪڍيو ويو، جو ته يادگار رهي؟؟ (١)

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ سوڀ حاصل ٿيڻ ڪري،
انگريزن ”جشن فتح“ ملهائڻ لاءِ برصغير جي عوام کي دعوت

(١) سيد محبوب علي شاهه بخاري پٽ ٿارو دستڪر جي زباني.

ڏني هئي، جنهن ۾ شرڪت نه ڪرڻ لاءِ، هند ۽ سنڌ جي
علمائن، عوام کي اپيل ڪئي هئي. هندوستان مان هڪ
فتويٰ لکي، برصغير جي علمائن ڏانهن جواب لکي ڏيڻ ۽
صحيح ڪرڻ لاءِ موڪلي هئائون. مولانا امروٽيءَ پڻ
انهن جي جشن نه ملهائڻ واريءَ راءِ سان شامل ٿيو. ثبوت
لاءِ ”انجمن اشاعت اختلاف جشن“ دهلي، جو اشتهار
پيش ڪجي ٿو:

جشن فتح کی شرکت ناجائز ہے

کیا فرماتے ہیں علمائے دین کہ چونکہ صلح کا مسئلہ معرض التوا میں پڑا ہوا ہے۔ مقامات مقدسہ خطرے میں ہیں۔ بیت المقدس اور بغداد شریف غیر مسلمانوں کے قبضے میں ہیں۔ مسلمانوں کے قبضے سے مرکز خلافت یعنی قسطنطنیہ کو نکالنے کی تدابیر پیہم ہو رہی ہیں۔ کیا بحالات موجودہ۔ مسلمانوں کو ”جشن صلح“ یا فتح کی خوشی میں شریک ہونا جائز ہے؟ خصوصاً جب کہ خلافت کے اقتدار زائل ہونے اور حرمین شریفین کی حرمت زائل ہونے اور ان پر غیر مسلم سیادت قائم ہونیکا جانکاہ خطرہ پیش نظر ہے؟

المستفتی آصف علی سیکریٹری خلافت کمیٹی دہلی

الجواب: ۔ بحالات موجودہ مسلمانوں کو تاوقتیکہ معاملات کا فیصلہ شرعی نقطۂ نظر سے ان کے جذبات کے موافق نہ ہوجائے، جشن صلح یا فتح کی خوشی اور مسرت میں شریک ہونا قطعاً ناجائز ہے۔ فقط محمد کفایت اللہ غفرلہٗ (١)

اسم مبارک	جواب	اسم مبارک	جواب
١ حافظ محمد يسين واعظ دهلوي	الجواب الصحيح	٦ سيد كمال الدين احمد جعفري الله آبادي	الجواب الصحيح
٢ محمد انيس عفا الله عنه گرامي	الجواب الصحيح	٧ محمد قدير بخش عفا الله عنه	الجواب الصواب
٣ خواجه غلام نظام الدين قادري بدايوني	المجيب مصيب	٨ مولوي تاج محمود امروٽي	الجواب الصحيح
٤ سيد محمد رضا حسين جعفري الهاشمي الله آبادي	ذالك كذالك	٩ محمد ابراهيم عفي عنه انجمن اسلاميه دربهنگه	اجاب من اصاب

(٢)

(١) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ٢٢
(٢) ايضاً

اسم مبارک	جواب	اسم مبارک	جواب
٩ خدا بخش مظفر پوری	بیشک ناجائز	١٥ عبده ابراهیم سیالکوٹی	صحیح الجواب
١٠ محمد امام صاحبزاده	صحیح الجواب	١٦ العبد الاثم محمد عبدالحکیم المدرس الخلافی مدرسه انوار العلوم گیا	صحیح الجواب
١١ محمد سلامت الله فرنگی محلی لکھنؤ	صحیح الجواب	١٧ محمد مطلوب عفی عنه کراهوی	صحیح الجواب
		١٨ محمد داؤد غزنوی امرتسری	اندریں حالت کسی مسلمان کو جشن صلح میں شریک ہونا قطعاً ناجائز ہے اور حرام ہے۔ جو شریک ہوگا وہ عید من تشبه بقوم فهو منهم میں داخل ہے اور اس سے ہر ایک مسلم صادق کو قطع تعلقات کرنا چاہیے
١٢ پیر صاحب علم سندھ	صحیح الجواب		
١٣ اسد الله الحسینی ٹکھڑی سندھی	الجواب مطابق بالکتاب والسنة	١٩ عاجز سید اسماعیل غزنوی امرتسری	جواب صحیح ہے
١٤ مولا بخش مدرس نصرة الاسلام امرتسر	صحیح الجواب	٢٠ ابو الوفا ثناء الله امرتسری	صحیح ہے بجمیع السطور
		٢١ محمد عبد الله عفی عنه	من اجاب اصاب

نوٽ :- هينان مولانا عبدالباري جو طويل جواب آهي، جنهن ۾ حديث ۽
قرآن پاڪ جا حوالا ڏيئي، عوام کي جشن صلح ۾ شرڪت نه ڪرڻ
جي تنبيه ڪئي آهي.

نیازمندان : ڈاکٹر احمد مختار انصاری (صدر)
لالہ شنکر لال سیکریٹری ہوم رول لیگ دہلی
تاج الدین (تاج جلیوری) اور پروفیسر انڈر ایڈیٹر
سیکریٹریان انجمن اشاعت اختلاف جشن صلح بازار دہلی
ماران دہلی (١)

اهڙيءَ طرح هوم رول ليگ دهليءَ جو هڪ لمبو اشتهار به امروٽ
۾ ڏنو ويو، جنهن جا مختصر ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا :

ہر ایک ہندو مسلمان پارسی یہودی کو، جو ہندوستان میں رہتا ہے.
اس پر فرض ہے کہ وہ آنے والے جشن فتح میں مطلق حصہ نہ لے کیونکہ یہ
فتح، نہ تو عدل وانصاف پر مبنی ہے اور نہ اس سے محکوم اور کمزور قوموں
کو کوئی فائدہ پہنچتا ہے۔ بلکہ علانیہ وعدوں کے خلاف ورزی ہے اور حق
اور صداقت کا اعلان کرکے۔ غلامی اور محکومی کی بنیادوں کو اور زیادہ وسعت (٢)

(١) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ٢٤
(٢) ايضاً

اور استحکام دیا گیا ہے"...........

ہدایات:
"(۱) کوئی شخص اس تقریب میں ایک پیسہ بھی چندہ نہ دے اور جس نے دیا ہے وہ واپس مانگے ـ (۲)...... (۳)...... (۴)...... (۵)......
(۶) جشن کے سلسلے میں کوئی شخص ۳ دسمبر سے ۱۳ دسمبر تک علانیہ خیرات نہ کرے ـ نہ کوئی ایسا فعل کرے جس سے خوشی کا اظہار ہو
(۷)...... (۸)...... (۹)...... (۱۰)...... (۱۱) ہر ایک ہندو اور مسلمان کو ۳ سے ۱۲ تک سیاہ ماتمی نشان اپنے بازو پر لگانا چاہئے..."

جی انڈسٹریز پریس دہلی (۱)

مولانا امروٽي، آزاديءَ جي سڀني تحريڪن ۾ اڳرو هو. سنڌ ۾ هو آزاديءَ جو علمبردار هو. سنڌي عوام ۾ آزاديءَ جو رُوح ڦوڪيائين. آزاديءَ خاطر جهاد جي تبليغ لاءِ پوري برصغير جو سفر ڪيائين. ڪلڪتي ۾ جڏهن جمعيت علماءِ هند جي ڪانفرنس ٿي، تڏهن مولانا صاحب کي صدر منتخب ڪيو ويو. (۲) بزرگ امروٽيءَ جي دُوربين نظر، انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ جو هڪ ڪارگر پُرامن طريقو ڳولي لڌو، جنهن کي "ترڪ موالات" جي نالي سان سڏيائون ٿي ۽ ان کي پوءِ "عدم تعاون" ۽ "نان ڪو آپريشن" جي نالن سان پڻ سڏيائون. امروٽيءَ جي اها تجويز، ڪانگريس جي هاءِ ڪمانڊ پڻ قبول ڪئي ۽ مهاتما گانڌيءَ جهڙي شخصيت جي دماغ تي پڻ اثر وڌائين.(۳)

ان تجويز جي معنيٰ اها هئي ته انگريز سرڪار سان ڪنهن به

---

(۱) دفتر درگاہ امروٹ - خط نمبر ۲۴
(۲) روزنامہ الوحید "سندھ آزاد نمبر" جون ۱۹۳۶ع ـ ص ۴۲
(۳) ماهنامه نئين زندگي - ماهه آگسٽ ۱۹۶۸ع ـ ص ۲۸

ڪم ۾ تعاون ۽ شرڪت نه ڪئي وڃي. سرڪاري ملازم، انگريزن جي ملازمت ڇڏي ڏين، مسلمان فوجي، فوج مان نوڪري ڇڏين، ٻه لون ڏيندڙ، ٻيلن ڏيڻ کان انڪار ڪن، لقبن ۽ خطابن وارا، انگريزن وٽان مليل اعزاز واپس موٽائي ڇڏين، وغيره. (١)

سانگهڙ ۾ تحريڪ جو پرچار، مولانا امروٽي، جيڪب آباد واري جلسه خلافت ۾ به ڪيو هو ۽ رئيس جان محمد جوڻيجي، لاڙڪاڻي ۾ اُن تي پهريون ئي عملي قدم کڻي، سرڪاري اعزاز واپس ڪيا هئا. ٻيو به نه پر ڏ جو انجام ڪيو هو. (٢) ترڪ موالات جي فتويٰ مطابق مولانا امروٽي، خلافت ڪاميٽي سنڌ جي صدر جي حيثيت ۾، پنهنجي سيڪريٽري، محمد خان جي صحيح سان، سنڌي ۾ اشتهار ڇپائي، عوام ۾ ورهايا هئا. اُنهن مان هڪ اشتهار جا ڪي حصا ڪيل تا پانچن، جن جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

فتويٰ جمعيت العلماء هند (بابت ترڪ موالات)

"جنهن حالت ۾ ترڪي سان صلح ڪرڻ ۾ يورپ جي بادشاهن، کُلي کُلائي بي انصافي ڪئي آهي ۽ اسلامي جذبات کي پائمال ڪيو آهي ۽ انگريزي وزيرن پنهنجي صاف ۽ پڪن وعدن جي ابتڙائي ڪئي آهي ۽ خلافت جي اقتدار ۽ ماتحت خليفة المسلمين جي مذهبي طاقت جي پاڙ پٽڻ ۾ اسلام کي نابود

---

(١) پير علي محمد راشدي - اهي ڏينهن اهي شينهن - جلد پهريون ڇاپو ٢ - سال ١٩٧٢ع - ص ١٩٤

(٢) سه ماهي مهراڻ سنڌي "سوانح نمبر" سال ١٩٥٧ع - ص ٢٨٥

مذهبي تعصب ۽ حسد ڏيکاري آهي، تنهنڪري مسلمانن
تي اسلام جي تابع هجڻ واري حالت ۾ لازم ٿي چڪو آهي
ته هو هنن اسلام جي دشمنن سان ترڪ موالات ڪن“ (۱)

(۲)

ترڪ موالات جو نظام عمل

اي ايمان وارو! اوهان لاءِ هينئر ويچار ۽ عمل جو ته آهي،
سواءِ انهيءَ جي، ته خلافت ڪانفرنس، انجمن علماءِ هند ۽
مسلم ليگ جي پاس ڪيل ترڪ موالات جي تجويز قبول ڪري،
حال في الحال هيٺين ڳالهين تي هڪدم عمل ڪريو: -

(۱) سڀ خطاب ۽ اعزازي عهدا هڪدم ڇڏي ڏجن ۽ مقامي
جماعتن (ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊن) جي سرڪاري مقرر ميمبرن
کان هڪدم استعفا داخل ڪرڻ گهرجي.
(۲) سرڪاري درٻارن ۽ ٻين سرڪاري ۽ غير سرڪاري مجلسن
(جي سرڪاري حاڪمن ۽ انهن جي اعزاز واسطي ڪيون وڃن)
۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو وڃي.
(۳) ٻارن کي انهن اسڪولن ۽ ڪاليجن مان آهستي آهستي
اٿاريو وڃي، جي سرڪاري آهن يا سرڪاري انتظام هيٺ
آهن يا سرڪار کان امداد حاصل ڪن ٿا. ۽ انهن جي بجاءِ مختلف
صوبن ۾ قومي اسڪول يا ڪاليج قائم ڪيا وڃن.
(۴) سرڪاري ڪورٽن کان آهستي آهستي بائيڪاٽ ڪريو،
انهن جي بجاءِ خانگي پنچائتي ڪورٽون قائم ڪيون وڃن
۽ انهن ڪورٽن جي امداد سان خانگي جهڳڙن جو فيصلو ڪجي.
(۵) عراق ۽ عرب ۾ فوجي ملڪگيري ۽ مزدوريءَ جي نوڪري لاءِ
رنگروٽن جي طور ڀرتي ٿيڻ کان صاف انڪار ڪيو وڃي.
(۶) نئين ڪائونسلن جي ميمبريءَ جي اميد وارن لاءِ جيڪي به
درخواستون ڏنيون ويون آهن، سي سڀ واپس ورتيون
وڃن. ووٽرن کي گهرجي ته اهڙن اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ کان
احتراز ڪن، جيڪي ڪانگريس جي هن هدايت جو ڪابه
پرواه نه ڪري، ان هوندي به بيهاري ٿي ميمبر چونڊجڻ جي ڪوشش
ڪن.
(۷) سموري ڌارين ملڪ جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي، جنهن حالت ۾
ترڪ موالات جي تحريڪ، هڪ ترتيب وار نموني تي ماڻهن
کي قرباني سيکارڻ واسطي اختيار ڪئي وئي آهي، جنهن
کان سواءِ ڪابه قوم ترقي (حقيقي) ڪري نٿي سگهي ۽ پڻ
جنهن حالت ۾ مرد عورت ۽ ٻار کي ان تحريڪ جي معزز منزل (۲)

---

(۱) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ۱۲ ا ب
(۲) ايضاً

۾ شريڪ ٿيڻ جو ڦهڙو سٺو آهي، ان ڪري هي ڪانگريس سڀني
کي هدايت ٿي ڪري ته جيئن هندستاني واپارين جي سرمايه سان
قائم ٿيل انتظام، ڪپڙي جي ضروريات کي پورو ڪري ته سڀ
سوديشي مال کي واپرائين. اگرچه هندستان ۾ هن وقت ايترا ڪافي
سُٽ ۽ ڪپڙا تيار نه آهن، جو ملڪ جي پورت ڪري سگهن، پر
ڪانگريس خاص انهيءَ مقصد کي مدنظر رکندي، هدايت ڪري ٿي ته
جلدي اهڙا وسيلا اختيار ڪيا وڃن، جن ڪري وري ڪپڙي
اڻڻ جي برباد ٿيل دستڪاري جيئري ٿئي، نه ڪي ڪروڙين ڪوريءَ
جي پنهنجو هنر ڇڏي ويٺا آهن، وري پنهنجي ابائي ڌنڌي کي اختيار
ڪن." (١)

(٣)

برادران اسلام! هي ڳالهه پڌري آهي ته هن گذريل جنگ
جي شروعات کان پوءِ، جڏهن ترڪي جنگ ۾ شامل ٿي،
تڏهن هندستان جي مسلمانن لاءِ اهو نهايت نازڪ وقت هو
جو ته هڪ طرف خدا تعاليٰ ۽ اسلام جا احڪام هئا ته ٻئي طرف
وري ظاهر حڪومت جا فرمان. هڪ طرف مسلمانن جو ۽ خلافت
ترڪيءَ سان روحاني لاڳاپو ته ٻئي طرف بين سان جسماني تعلقا
هئا. اهو مسلمانن لاءِ عجيب ڪشمڪش جو وقت هو، خود سرڪار
انهيءَ حالت کان واقف هئي، اهوئي سبب هو جو سرڪار مسلمانن
جي انهيءَ ڇڪ تاڻ ۽ پريشاني کي تاڙي، ڪين اعلان ڪيو
هو ته هي ڪا مذهبي جنگ نه آهي ۽ مسلمانن جي پاڪ جاين کي
نه رڳو حملي کان بچايو ويندو، پر انهن مقامن جي عزت ۽ حرمت
اسلامي قاعدن پٽاندر رکي ويندي ۽ خلافت کي دائره وسعت نه ٿيندو
۽ ترڪيءَ کان ڪو به ملڪ کسيو نه ويندو وغيره وغيره. اهڙي قسم
جي وعدن جي معرفت، سرڪار، مسلمانن کي ٻڌائي ويو. جن انهن
کي جيئن تن من حمايت وعدن کي مضبوط سمجهي، پورو اعتماد
جمايو ۽ پنهنجي جان ۽ مال کي ربط ۾ ڪنهن به قسم جو عذر نه
ڪيائون. اها امداد اهڙي حد کي پهتي جو خود سرڪار کي ميجر
انهن معرفت جي کوئي ڦيڻ جي مسلمانن ۽ سرڪار کي چڱي مدد ڏني
جنهن ڪري نه رڳو هندستان ۾ نه رڳو امن قائم رهيو، پر خود
انهن مسلمانن جي پائرن جو خون وهائي، برطانيه کي ڪامياب ڪرائي،
جا شايد ٻي طرح ممڪن نه ٿئي ها. جڏهن جنگ ختم ٿي ۽ مسلمان
پنهنجون اکيون کوليون ته انهن کي صاف نظر آيو ته جنگ ۾ باوجود
اهڙي امداد ڏيڻ جي، نه فقط سندن مذهبي جذبات جو خون ٿي
ٿيو، پر ساڻن ڪيل انعامن جي بلڪل طرح ابتڙ اهو ڪجهه ڪيو ويو
تڏهن هنن جلسن جي معرفت، سرڪار کي ڪيل انعام ياد ڏياري،
پنهنجي مذهبي امدن جي پائمالي کان آگاهه ڪيو ۽ هنن انصاف (٢)

(١) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ١٦ ب
(٢) ايضاً

> ٿيڻ لاءِ، ولايت تائين پنهنجا نمائندا موڪلي، پنهنجي دلي ارادن کي ظاهر ڪيو ۽ گهڻيون دانهون فريادون ۽ زاريون نيزاريون ڪيون، پر ٻڌڻ ۾ نه آيون. هن پنهنجي مرضيءَ موجب ۽ سلطان المعظم خليفة المسلمين کي مجبور ڪري، اسلام جي برخلاف صلح جي شرطن تي دستخط ورتا، جيڪي صلح کي مسلمان ڪڏهن به جائز سمجهي نٿا سگهن. انهيءَ ڪري لاچار مسلمانن سرڪار سان "ترڪ موالات" يعني لاڳاپو ٽوڙڻ يا عدم شرڪت عمل يعني گڏجي ڪم نه ڪرڻ جو فيصلو مقرر ڪيو ۽ سڀني هندستان جي وڏن علمائن، ان جي فرض هجڻ جي فتوى ڏني ۽ هندو بلڪه خاص مسلمانن سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ، ان فيصلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ويجهي آئيتي هلي ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو، جنهن ڪري مذهبي لحاظ کان سواءِ هندستان جي سڀني قومن تي انهيءَ ٺهراءُ يعني "ترڪ موالات" تي عمل ڪرڻ، هڪ زبردست قومي فرض ٿي چڪو آهي. انهيءَ "ترڪ موالات" جي تجويز جا گهڻا پاسا آهن، جي عام طور مشهور آهن، پر هن وقت هڪ سوال آهي، ايندڙ نومبر ۾ ڪائونسل جي ميمبري لاءِ چونڊون، تنهن بابت رڳو آهي ته ڪو به هندو يا مسلمان اميدوار ڪونه بيهي ۽ نه وري ڪنهن کي ووٽ ڏئي ...... يقين آهي ته سنڌ جا مسلمان، خدا تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪندا، يعني ترڪ موالات تي هلي ڪائونسل ۾ نه اميدوار بيهندا ۽ نه وري ڪنهن اميدوار کي ووٽ ڏيندا." (١)

مٿي بيان ڪيل تحريڪن ۾ هن وقت تائين هندن ۽ مسلمانن گڏجي ٿي ڪم ڪيو، پر هلندي، هلندي، انهن ٻنهي ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ به پيدا ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته هندن، سنڌ ۾ به "شڌي ۽ سنگٺن" تحريڪون شروع ڪري ڏنيون. اهي تحريڪون سنڌ جي مسلمانن جي قوت برداشت کان ٻاهر هيون. انهيءَ ڪري سنڌ جي مسلمانن جي دلين ۾، هندن جي خلاف نفرت پيدا ٿي. (٢)

---

(١) دفتر درگاه امروٽ - خط نمبر ۱۶ ا ب

(٢) ماهنامه نئين زندگي - آگسٽ سيپٽمبر ۱۹۷۰ع ص ۱۷

مولانا امروٽي هنن جي انهن متعصبانه ڪارروائين جي مڪمل علاج لاءِ پاڻ پنهنجي سِرِ ۽ پنهنجي ڪارڪنن کي جٿن ۽ ٽولن جي صورت ۾، سڄي سنڌ ۾ تبليغي دورن تي موڪلي، هنن جي هن خطرناڪ تحريڪ جو سدباب ڪيو، جنهن جا احوال، تبليغ واري باب ۾ اڳي ڏئي چڪا آهيون. (۱)

مٿي چيو ويو آهي ته مولانا امروٽي، انگريزن جو ڪٽر دشمن هو. انهن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ هر تحريڪ جو متحرڪ به پاڻ بڻيو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي مسلمانن ۾، "قطع تعلقات" يا "ترڪ موالات" تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ جي جد وجهد ۾ به لڳو رهيو ۽ هو انهن انگريزن سان جهاد ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ به گهوڙا رکيائين ۽ ڪيترا گهوڙا سندس دوستن ۽ معتقد زميندارن وٽ به بيٺل هوندا هئا. انهيءَ آزادي سان ته ڪنهن اهي گهوڙا انگريزن سان جهاد ڪرڻ ۾ ڪم ايندا. ڪيس هميشه "جهاد في سبيل الله" جو شوق هوندو هو ۽ جهاد جي ڳالهين مان لطف اندوز ٿيندو هو، ۱۹۱۹ع کان پوءِ سنڌ ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿيڻ کان پوءِ ته جهاد جو روح وڌيڪ نمايان ٿيڻ لڳو. پاڻ ڪيترن جلسن ۽ وعظن ۾ کُلي طرح جهاد جو وعظ ڪندو هو. (۲) ساڳئي ئي جذبي سان شاهه ولي الله جي

(۱) "يادگار مولانا وفائي" (مرتب علي نواز وفائي) ۾ مقالو - نفرا سال ۱۹۷۳ ص ۱۵ کان ۱۶
(۲) روزنامه الوحيد "سنڌ آزاد نمبر" جون ۱۹۳۶ع ص ۴۲

تحريڪ ۾، شيخ الهند مولانا محمود الحسن سان به رابطو
قائم رکيو هئائين ۽ آزاديءَ جي سلسلي ۾، امروٽ
کي جهاد جو مرڪز مقرر ڪيو هئائين. (١)
مولانا شيخ الهند، وطن جي آزاديءَ جي تحريڪ،
يا "ريشمي رومال تحريڪ" کي ڪامياب بنائڻ لاءِ
جيڪي به مرڪز ڪوليا هئا، انهن ۾ سنڌ جو ٻيو مرڪز،
امروٽ هو، جنهن جو قائد، امروٽي صاحب هو. هي
مرڪز، سنڌ جي اُترئين حصي ۽ بلوچستان لاءِ
هو. هن تحريڪ ۾ مولانا امروٽيءَ جيڪو حصو
ورتو، مولانا عبيد الله سنڌيءَ کي مخفي طرح
ڪابل رواني ڪرڻ ۽ ريشمي رومالن جي انڪشاف
تيڻ وقت جن تڪليفن ۽ مشڪلاتن کي، اُن ته
۽ بي خوف ٿي منهن ڏنائين،(٢) تن سڀني جو بيان
اڳيئي ٿي چڪو آهي. هتي فقط انهيءَ جدوجهد
۽ سرگرمين بابت سنڌ جي مختلف عالمن جون لکيتون
پيش ڪجن ٿيون جي هن سلسلي جي تائيد ڪن ٿيون:

ترجمو: (الف) "مولانا سنڌيءَ جي هجرت ڪابل جا اڪثر انتظامات
به مولانا امروٽيءَ ڪرايا هئا. ڪابل پهچي به سنڌيءَ صاحب
مولانا امروٽيءَ سان پنهنجو ربط قائم رکيو. مولانا
امروٽيءَ جي ڀرپور نظر بندي، انهن ريشمي رومالن جي
سبب ڪان ٿي هئي، جيڪي مولانا سنڌيءَ ڪيس
ڪابل کان رها ناڪيا هئا. انهن هشتن سالن جي ڪاروائيءَ
جو هي اثر ٿيو جو حضرت مولانا سيدنا تاج محمود امروٽي

(١) ماهنامو الرحيم اردو ماه سيپٽمبر ١٩٦٣ع ص ٣٤ ۽ مردمومن اردو ص ٢١
(٢) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال - دفعو - سال ١٩٦٠ع ص ١٦٠

جو سنڌ جي هڪ عظيم روحاني ۽ سياسي شخصيت
بڻجي چڪو هو، وطن عزيز جي آزاديءَ جي جدوجهد
۾ نهايت سرگرمي سان حصو ورتو ۽ هڪ اهڙو وقت
آيو جو امروٽ، پوريءَ سنڌ ۾ سياسي مرڪزيت
حاصل ڪري ورتي. خصوصاً خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾
حضرت مولانا امروٽيءَ جون خدمات، سونهري لفظن ۾
لکڻ جي قابل آهن." (۱)

(ب) "ڪابل وڃڻ کان پوءِ، مولانا عبيدالله سنڌي، امروٽ شريف
سان رابطو قائم رکيو. مولانا جيڪي خط سنڌ ڏانهن
موڪليا هئا، انهن مان هڪ خط حضرت امروٽيءَ جي نالي
هو، جيڪو فتح محمد شيخ نالي هڪ شخص آندو هو. حڪومت
کي ان خط جي خبر پئجي وئي. حضرت امروٽيءَ کي نظر
بند ڪري، ڪراچيءَ گهرايو ويو. ڪراچيءَ جي ڪمشنر،
ان سلسلي ۾ حضرت امروٽيءَ سان سوال جواب ڪيا، پر
ڪي به ثبوت نه ملڻ ڪري، کين آزاد ڪيو ويو." (۲)

مرحوم محمد امين کوسو پڻ هن امر جي تائيد ڪري ٿو:

"احمد علي لاهوريءَ جي خادمانه سرپرستيءَ ۾ مجاهدانه
وعظن ۾ امروٽي. عبيدالله سنڌيءَ جي جلاوطنيءَ ۽
هجرت، غريب الوطنيءَ ۽ جفاطلبيءَ ۾ امروٽي." (۳)

مولانا امروٽيءَ کي انگريزن کان سخت نفرت هئي. اهڙي
۽ ضمير فروش ماڻهو، جن انگريزن جي خوشامد ڪئي، انهن
جي حالت، امروٽي صاحب هن طرح بيان ڪري ٿو:

"ڏيڍ درم ٿنهي تي ڪچهري، ڪريان فرياد ماڻهائي
ليا تنهنجي ۾ ڪسي سڀ ڪان، وڃي ويٺي طمع راڻي
۱. وڏو دهشت نوڪرين تر ۾، ڪيو ڪرسان امان تائين،
اسان جا سنڌ سڀ بند، تيا چپ وات سڀ ڏاڻي.
۲. انگريزن ڪالهه وڏي ڪرسين، اُتي ايمان ولو سارو
جيري جيڪو ميچيون سولي، انگريزن نهڪر تا آڻي

---

(۱) ماهنامو الرحيم اردو ماه سيپٽمبر ۱۹۶۳ع- صفحو ۳۷
(۲) ڊاڪٽر محمد صالح شاهه- تذڪره مولانا امروٽيءَ پڙهائو - ڏنو اسال ۱۹۷۵ع ص ۱۲ ۽ ۱۳
(۳) روزنامه الوحيد- سنڌ آزاد نمبر- سال ۱۹۳۶- ص ۴۵ -

بهرحال آزاديءَ جي پروانن کي سخت صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون، ڪي جيلن ۾ پيا، ڪي نظربند رهيا ۽ ڪن کي ڦاسيون ڏنيون ويون. چند ماڻهن، انگريزن جو ظلم ۽ تشدد ڏسي، ڪانئن معافي به ورتي، پر مولانا امروٽيءَ جهڙن دلير مردن، انگريزن کان ذري جيترو به ڪونه ڪا ڏو ۽ آزاديءَ جي تحريڪن کي اڃا به زور شور سان جاري رکيائون. مطلب ته قوم ۽ اسلام جي خدمت ڪرڻ ۾ هي مرد مجاهد، هڪ سخت پهاڙ جيان هو، جنهن کي ڪفر جي سيلاب جون لهرون ڪڏهن به لوڏي نه سگهيون. (۱)

سنڌ جي ڪن عالمن ۽ اديبن جا مولانا امروٽيءَ بابت رايا:

"انگريزن جي دور ۾ مولانا امروٽي "هڪ انجمن کان جيها" ڦي گذريو آهي، جنهن جي انقلاب پسنديءَ مجاهدانه حيثيت جو اعتراف پوري هندوستان ڪيو. سنڌي زبان سان تعلق لفظ "ترڪ موالات" کي ڪانگريس به قبول ڪيو ۽ "نان ڪوآپريشن" ۽ "قطع تعلقات" جي نالن سان هنڌ گيرَ تحريڪون پيدا ڪيون" (۲)

امروٽي صاحب جي قومي خدمتن ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جي ساک، مولانا حسين احمد مدني هيئن ٿو ڏئي:

(۱) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال اردو ڇاپو سال ۱۹٦۰ع ص ۱۹۳
(۲) "يادگار مولانا وفائي" پر مولانا غلام محمد گرامي جو مقالو، ڇاپو - سال ۱۹۷۳ع ص ۱۱ ۽ ۱۲

”سنڌ جي گوٺ، سنڌ جي انهن ضلعن ۾، حضرت شيخ الهند جي مشن جو مرڪز رهيو. حڪومت شڪ ۽ گمان جي ڪري، کين نظربند به ڪيو، پر پوءِ ڏينهن ڪانپوءِ آزاد ڪيو.“ (١)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وري هيئن ٿو فرمائي:

”اسان جي سنڌ سوڀاري، انگريزن جي غلاميءَ واري زماني ۾ به اهڙا جليل القدر ۽ صاحب استقلال مرد پيدا ڪيا، جن آزاديءَ جي جد وجهد ۾ هر قسم جون قربانيون ڏنيون، انهن مان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي صاحب، مولانا عبيدالله سنڌي صاحب، حضرت مولانا تاج محمود صاحب امروٽي ۽ رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو، قابل ذڪر آهن.“ (٢)

پير علي محمد شاه راشدي، مولانا امروٽيءَ جي قومي درد ۽ جهاد جي جذبي جي ساک ڀريندي، لکي ٿو:

”انگريزن خلاف، خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪن جي سلسلي ۾، جو جهاد جو جذبو جاڳيو، ان جو بنياد سنڌ اندر حقيقي جا لائيندڙ، مولانا تاج محمود امروٽي هو. ان ڪم ۾ ساڻس ٻيا بزرگ به شريڪ رهيا. مثلاً پير تراب علي شاه رحمة الله عليه، پير صاحب جهنڊي وارو (پير ميان رشد الله صاحب عليه الرحمة) مولانا عبيدالله سنڌي، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي ۽ رئيس جان محمد جوڻيجو. پر انهن تحريڪن جا اصلي روح روان، مولانا امروٽي هو، جنهن جي قدم، ان ميدان اندر، پڇاڙيءَ تائين ڪا به لغزش ڪانه ڪا ڏٺي.“ (٣)

---

(١) مولانا سيد حسين احمد مدني - ستتڪئي مولانا امروٽي ۾ مقالو - سال ١٩٧٥ع ص ٣٦
(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر ۾ مقالو - سال ١٩٥٧ع ص ٢٨٣
(٣) پير علي محمد شاه راشدي - اُهي ڏينهن اُهي شينهن - جلد ٢ - سال ١٩٩٠ع - ص ١٩٣

مولانا غلام محمد گرامي ءَ فرمايو:

"الوحيد جو اهو آهي سماج دور، شڌي ۽ سنگٺن، خلافت ۽ ڪانگريس جو انقلاب آفرين دور هو. هڪ طرف مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي جوهر ۽ مهاتما گانڌي جهڙا اهڙا قلمدان باهه وسائي رهيا هئا ته ٻئي طرف شيخ الهند ۽ سندس شاگرد مولانا حسين احمد مدني ۽ مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا انور شاهه ڪاشميري، مولانا شبير احمد عثماني ۽ مولانا اشرف علي ٿانوي، علم ۽ دين جي خدمتن سان گڏ انقلاب ۽ جهاد جو نعرو بلند ڪري چڪا هئا. اهڙي پُر آشوب دور ۾، سنڌ ۾ مولانا امروٽي، مولانا فتح محمد ۽ مولانا محمد صادق کڏوي ۽ مولانا وفائي، انهن بزرگن شانه بشانه لڙندي نظر اچن ٿا" (۱)

مطلب ته مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي سڄي حياتي، قوم جي خدمت لاءِ جڻڪ وقف هئي. ساري حياتي، هزارن جي تعداد ۾، نومسلم افراد ۽ عوام جي ڀلائي، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتو ڏيندو رهيو ۽ ڪڏهن به گهر ۾ ويهي، آرام جي زندگي نه گذاريائين. (۲)

آزاديءَ تحريڪ ۾ مولانا امروٽيءَ جا پاڻ ڀيلي

آخر ۾ اهڙين شخصيتن جو مختصر ذڪر ڪرڻ واجب ٿيندو، جي مولانا امروٽيءَ سان، قوم جي خدمت ڪرڻ ۾ پاڻ ڀيلي هئا ۽ هروقت سندس حڪم تي "لبيڪ" چئي، قلمي، زباني

(۱) "يادگار مولانا وفائي" ڇيمتالو - مولانا گرامي مرحوم - نئين زندگي - سال ۲۰، ۱۹ ص ۱۴ ۽ ۱۵.
(۲) مولانا امروٽيءَ جي خليفي، سيد پير محمد شاهه رستم والي جي زباني.

توڙي جسماني جهاد ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا هئا. سچ پچ ته اهي به ڪيڏون لهڻ. آفرين هجي انهن مردن مجاهدن کي!

انهن هستين مان مولوي عبدالڪريم چشتي، مولانا دين محمد وفائي، رئيس المهاجرين جان محمد جونيجو، رئيس غلام محمد وڪيل، مولانا محمد صادق کڏي وارو، قابل ذڪر آهن:

مولانا عبدالڪريم چشتي مولانا امروٽي جي ديني توڙي علمي، قومي توڙي تبليغي ڪارنامن ۾، مولوي چشتي سندس ساجو هٿ ڪري ڄاڻبو ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. مولانا چشتي نه رڳو بزرگ امروٽي جي صحبتي ٿي رهيو، پر امروٽي صاحب ۾ سندس عقيدت، صادق ۽ سچي هئي. مولانا امروٽي جي وفات، حسرت آيات تي، پنهنجي هفت روزه "پيغام"(١) اخبار ۾ خاص ضميمو "آه! مولانا امروٽي" ۽ روزانه "الوحيد" جي "سنڌ آزاد نمبر" ۾، "مرحوم آقا امروٽي جي ياد ۾ چند گوهر"(٢) ۽ نئين زندگي "ماهه جون ١٩٥٨ع ۾ "سنڌ جي ڪن برگزيده هستين جو اثر پيو" عنوان سان جيڪي ڪجهه لکيو اٿس، انهن مان سندس عمدي عقيدت جو اظهار ٿئي ٿو ۽ پڙهڻ سان اُها ظاهر پيئي بڪي!

سال ١٩٣٦ع ۾ سنڌ جي جدائي ڪان پوءِ، هڪ راتتہ ڀا رهي بجي

---

(١) هفت روزه پيغام جو خاص ضميمو (سپليمينٽ پيغام) سال ١٩٢٩ع (شڪارپور مان)
(٢) روزنامه الوحيد جو "سنڌ آزاد نمبر" سال ١٩٣٦ع ص ٤٤.

مولانا امروٽيءَ جا ٻانهن ٻيلي، مردِ مجاهد.



رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو، ضلعو لاڙڪاڻو
بئريسٽر جي پوشاڪ ۾



مولانا دين محمّد وفائي (مرحوم)



...ئيس المهاجرين جان مـ...



...الكريم چشتـ...

مهل ۽ دوستن جي محفل ۾، سنڌ جي الڳ صوبي ٿيڻ جي خوشيءَ دوران مولانا فرمايو:

"آه! اسان ۾ اڄ امروٽي آقا موجود نه آهي! جنهن جي انهن لفظن، مجلس ۾ غم ۽ اندوه جي ڪيفيت طاري ڪري وڌي. جنهن هڪ عزيز ته روساه لکي، جو ته 'امروٽي! امروٽي! بيشڪ!!!

اسلام جو هو غازي، مبلغ ۽ شير هو + اسلام جو هو عاشق، محب رسول هو.
رحمت خدا جون تي هر دم نزول هو + علم و شرع جو گويا ان وٽ سڪول هو.
بي خوف دين حق جو حامي دلير هو + حق جو طرف وٺڻ بس ان جو اصول هو.

هون چيو ته ادا! آقا امروٽي اسلام جو مبلغ نه هو پر سنڌ ۾ اسلام جي مبلغن جو سرگروه هو. سنڌ ۾ اسلام جي عاشقن جو، دين جي مجاهدن جو سلطان هو. سنڌ ۾ سياسي حق جي حمايت لاءِ وقف هئي، مگر آقا امروٽي نه رڳو انهن خوبين سان سرفراز هو پر سنڌ جي مسلمانن ۾ وڏو وطن دوست، سرٻراه ۽ سياستدان ۽ ملڪ جي آزاديءَ جو متوالو هو. سنڌ جي قومي ۽ وطني خدمتگارن جو تسليم شده سرتاج هو.

آه، اڄ اسان ۾ امروٽي آقا موجود نه آهي!
اڄ سنڌ مستقل صوبو ٿي چڪي آهي، پر سنڌ جي مستقبل کي بهتر بنائڻ لاءِ، سنڌ جي حڪومت کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ اڄ اسان کي اهڙي اعليٰ اڳواڻ جي اشد ضرورت آهي جنهن جو اثر عام و خاص تي هجي. اڄ اسان کي اهڙي روحاني رهبر جي رهنمائيءَ جي ضرورت آهي، جنهن جي زبان جي ارشاد ۽ وجود جي برڪت سان، سنڌ جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ قومي روح ڦوڪجي وڃي. سنڌ ۾ صداقت ۽ حريت سان قومي غدار، حڪومت جا پرستار، بي علم ۽ ناهنجار، ڪرسين جا طلبگار تباهيءَ ۾ گرفتار ٿي وڃن ۽ ملڪ جي سياست جون واڳون وطن جي خادمن، قوم جي همدردن، بي خوف ۽ بي ريا ڪرڪنن جي هٿ ۾ اچي. حضرت امروٽيءَ جي بي مثال شخصيت، انهن سڀني صفتن جي جامع هئي.

آه! اڄ اسان ۾ امروٽي آقا موجود نه آهي!" (١)

مولانا چشتي بئي هنڌ لکي ٿو:

---

(١) روزنامه الوحيد "سنڌ آزاد نمبر" سال ١٩٣٦ع ص ٤٤.

”انهن بزرگن مان، سڀ کان اول ۽ سڀ کان زياده قابل ذڪر ۽ لائق افتخار نالو، سنڌ جي مشهور ۽ مقتدر هستي ۽ سيد العلماء رئيس الموحدين، ولي ڪامل حضرت ابوالحسن مولوي سيد تاج محمود صاحب، بزرگ امروٽيءَ جو نالو آهي.“

. . . .

اڳتي هلي، فرمائي ٿو:

”حضرت صاحب انگريزن ۽ انگريزي اقتدار ۽ انگريزي سلطنت جو وڏو سرگرم ۽ زبردست مخالف هو. سندن عقيدو هو ته هميشه مشرق ۽ مغرب ۾ اسلام ۽ مسلمانن جو وڏو دشمن ۽ بيحد خطرناڪ ۽ جاني دشمن ”انگريز ۽ انگريزي اقتدار“ آهي. حضرت فرمائيندا هو ته سڀ نصراني حڪومتون اگرچه اسلام ۽ مسلمانن جون پڪيون دشمن آهن، پر انهن سڀني ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچائيندڙ ۽ ڪٽيل دشمن انگريز آهي. حضرت صاحب آزاديءَ ۽ حريت جو علمبردار هو. دين ۽ قوم جي آزاديءَ جي راه جو وڏو مجاهد هو. جهاد سندن زندگيءَ جو مکيه اصول هو. جهاد کي هو اسلام جو روح سمجهندا هئا ۽ توحيد کي اسلام جو قلب! حضرت وڏو بيخوف، دلير ۽ بهادر هو. توحيد جي ڳالهائيندي، عام خلق جي پرواه نه ڪندو هو، ۽ جهاد جي ڳالهائيندي، سرڪار ۽ سرڪاري عملدارن جو ڪو خيال نه رکندو هو. الله تعاليٰ جي ذات پاڪ جي امداد ۽ دستگيريءَ تي ڪيس ڏاڍو وڏو آسرو ۽ اعتماد هوندو هو.“ (١)

مولانا چشتي، مولانا امروٽيءَ سان هر تحريڪ ۾ شامل هو. امروٽي صاحب، سنڌ جي علمائن جو صدر رهيو ته مولانا چشتي ان جو ميمبر رهيو. جڏهن خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ ۽ عدم تعاون ۾ مولانا امروٽيءَ سنڌ ۾ اڳواڻي ڪئي، تڏهن مولانا عبدالڪريم چشتي، امروٽي صاحب سان

(١) ماهنامه نئين زندگي ماه جون ١٩٥٨ع ص ٢٥.

هميشه ڳنڍ، ۽ انهن تحريڪن جو سرگرم رُڪن تي رهيو ۽ ان سلسلي ۾ هي، ٽي دفعا جيل ۾ به ويو.

سال ١٩٢٤ع ۾، جڏهن هندن ۽ مسلمانن جي بي اتفاقي ۽ انگريزن جي شرارت ڪري، هندن "شُڌي ۽ سنگهٽن" تحريڪون شروع ڪيون ۽ مسلمانن، ان جي جواب ۾ تبليغ اسلام شروع ڪئي، تڏهن به مولانا امروٽيءَ جي ارشاد سان مولانا چشتيءَ، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، مولانا محمد صادق کڏوي ۽ مولانا دين محمد وفائيءَ سان گڏجي "نومسلم ڪانفرنس" سڏائي، "انجمن اشاعت اسلام" جو بنياد وڌو ۽ پوءِ ساريءَ سنڌ ۾ وڃي، تبليغي جلسا ڪرڻ لڳو. خاص طرح سنجوڳي شيخن کي پڪي مسلمان بنائڻ لاءِ ڪم ڪيائين. (١)

انهن سڀني تحريڪن دوران مولانا چشتي، هيٺين اخبارن جو ايڊيٽر رهيو ۽ انهن تحريڪن بابت، انهن اخبارن ۾ اشاعت به ڪندو رهيو:

اخبار "صداقت" جيڪب آباد مان، "پيغام" هفتيوار شڪارپور مان، روزانه "الوحيد" ڪراچيءَ مان، روزانه "آزاد" ۽ "مجاهد" ڪراچيءَ مان، هفتيوار "پاڪستان" لاڙڪاڻو وغيره، مٿين سڀني اخبارن جي ادارت سنڀاليندي، اخبارن ۾ اشاعت

(١) جي ايم سيد - جنب گذاريم جن سين - جلد پهريون سال ١٩٦٧ع ص ٤٣٢

اسلام ۽ آزاديءَ جا مضمون لکندو رهيو، هندن جي اسلام دشمنيءَ جي جواب ۾ ڪيترائي مضمون ۽ سيرت مبارڪ تي ڪتاب شايع ڪيائين.(١)

مولانا امروٽيءَ جڏهن بيراج جي واهن ۾ ايندڙ مسجدين جي بقاءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ انگريزن سان زوردار جهاد شروع ڪيو، تڏهن عام ماڻهو چوندا هئا ته ”حضرت جن انگريزن سان ٽڪر ڪا ڙو آهي، ٿيندو ڪجهه به نه؟“ پر مولانا چشتيءَ پنهنجي هفتيوار ”پيغام“ اخبار ۾ ”حفاظت مساجد“ جي عنوان سان هيٺيون ستون لکيون:

١- ”مسلمانو! جيڪڏهن اسان جي زندگيءَ ۾، مسجدون برباد ڪيون ويون ۽ اسان خاموش رهياسون ته خدا پاڪ جا فرشتا ۽ آسمان جا تارا، اسان تي ڦٽڪار ڪندا!
٢- جيڪڏهن اسان پنهنجي جان ۽ مال ۽ اولاد عيال جي حفاظت ڪري سگهون ٿا، مگر مسجدن جي حفاظت نه ٿا ڪريون ته سنڌو نديءَ ۾ غرق ٿيڻ جو ناهيون
٣- جيڪڏهن خدا پاڪ ۽ رسول پاڪ جو دل ۾ پيار اٿو ته پنهنجو سڀ ڪجهه بيراج وارين مسجدن جي مرمت ۽ حفاظت تي قربان ڪري، ڪنهن سرڪار جو ڪنڌ جهڪو ڪريو!“ (٢)

اڳتي هلي، فرمائي ٿو:

”اها خبر جڏهن حضرت جن کي سنڌ فرموديءَ موجب پڙهي پيرايم، تڏهن پاڻ مُرنا ۽ جوش وچان اُٿي ۽ موڪي نه اُتار ۽، ياڪر پاڻ، منهنجي نرڙ ۽ ڏاڙهيءَ تي چميون

---

(١) پير علي محمد شاهه راشدي- اهي ڏينهن اهي شينهن- جلد ١- ڇاپو ٢ سال ١٩٤٢ع ص
(٢) ماهنامو نئين زندگي- ماهه جون ١٩٥٨ع صفحو ٢٦

ڏنائون ۽ وري وري پڇي چيائون ته شاباس
ٿري بابا مولوي چشتي ، شاباس! منهنجي دل ٺاري وڌءِ!!" (١)

مولانا امروٽي ؒ جڏهن وفات ڪئي ، تڏهن مولانا چشتيءَ اخبار "هفتيوار پيغام" ۾ هينئون ضميمو شايع ڪيو:

آه! مولانا امروٽي!

" سنڌ جو فخر، توحيد ۽ سنت جو عاشق ، هدايت ۽ معرفت جو آفتاب اسان کان جدا ڪيو ويو "انا لله وانا اليه راجعون"
انتهائي صدمي ۽ حسرت سان ، دل مان سرد آهون ڀريندي ۽ اکين مان گرم گرم ڳوڙها هاريندي ، هن واقعي جو اظهار ٿو ڪجي ته حضرت مجاهد في سبيل الله حاجي الحرمين مولانا شاه ابوالحسن تاج محمود امروٽي ، داعي اجل کي لبيڪ چئي ، واصل بحق ٿيو. آه! مولانا جو وجود سلف صالحين جو يادگار هو. هن جي هستي اهل اسلام لاءِ باعث برڪت هئي. هي توحيد جو عاشق ۽ سنت جو فدائي ، عابد ۽ ذاڪر باطني ۽ ديني برڪتن جو روشن ڏيئو هو. اسان جا ڪم نصيب ، جو اهو ڏيئو اجهامي ويو. دل تي اونده ۽ درد جو پهاڙ ٿي پيو. جڏهن سنگت جي سهاري ، خلافت جي سردار جي انتقال جي خبر ڪن تي پئي ، تڏهن همت ڏکي ٿي ، دماغ وڏيڪ نکر اسان جو لب ٿي چڪو ، دل افسرده ٿي چڪي! الله سائين صبر جي توفيق بخشي. حضرت مرحوم جو رشد ۽ هدايت نصيب ڪري" (٢)

مولانا چشتي ءَ جي ولادت ، شڪارپور ۾ ، سال ١٨٩٨ع ۾ ٿي هئي. پنهنجي حياتيءَ ۾ حج ڪرڻ دوران ، مشرق وسطى جي سير

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جون ١٩٥٨ع ص ٢٦
(٢) تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي - سال ١٩٧٥ع - ص ٥٦ تي (مقالو)

زيارتن کان مشرف ٿيو هو. هن جملي چار حج، سال ١٩٢٦ع،
١٩٣٢ع، ١٩٣٣ع ۽ ١٩٤٤ع ۾ ڪيا.

مولانا ١٩١٨ع جي اوائل ۾ ڊاڪٽر اينِي بيسينٽ جي
برپا ڪيل "هوم رول ليگ" جي تحريڪ ۾ شامل ٿيو، جنهن
جا سنڌ مان رڪن، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، مسٽر جمشيد
ميهتا، چيتمل پرسرام وغيره هئا.

مولانا عبدالڪريم چشتي تمام سٺن وعظين مان هڪ هو.
سندس وعظ ايترو ته مشهور ٿي ويو، جو ساري سنڌ جي
ديني مجلسن ۾ کيس دعوتون ڏنيون ويون. گهرائيندا هئا. هي سنڌ
خلافت ڪاميٽي جو نائب صدر، جمعيت العلماء سنڌ جو
نائب ناظم، شڪارپور ميونسپالٽي جو وائيس پريزيڊنٽ،
مدرسي محموديه شڪارپور جو صدر ٿي رهيو.
تاريخ ٩ نومبر ١٩٥٠ع تي، ٻارهين سنڌي ادبي ڪانفرنس
۾ کيس "سحبان سنڌ" جو خطاب عطا ڪيو ويو. هي
هڪ بهترين لکندڙ ۽ اديب هو. هن ٥٥ ڪتاب، مختلف
موضوعن تي لکيا، جن ۾ ديني، تبليغي، سياسي وغيره ڪتاب
اچي وڃن ٿا. (١)

مولانا امروٽي، جو هي عاشق، عمر وادب ۽ عالم ١٣ مارچ ١٩٦٤ع

---

(١) جي. ايم. سيد - جنب گذاريم جن سين، جلد ٢ - ڇاپو ١ - سال ١٩٦٧ع ص ٤٣٢

تي وفات ڪري ويو. الله سندس روح کي راحت ڏئي! (۲)
سندس وفات تي، حافظ محمد احسن چنا، مرثيو لکيو
جو هيٺ ڏجي ٿو:

مولانا عبدالڪريم چشتيءَ جي وفات تي مرثيه (مادهٔ تاريخ)

"فقط هڪ فريب نظر آهي حيات + ثبات آهي ڪنهن کي نه مٽ دهر جهان
بيابان ۽ دريا ۽ ڪوهِ گران + دمادم عدم جي طرف آهي روان
هتي آيو جيڪو، سو ويندو هليو + اٿئين هلندو ويندو وسيع ڪاروان
مگر رهندو هت حي قيوم رب + بقا دائم آهي زمين و زمان
مگر موت اهڙو المناڪ آهي + جو باغِ جهان ۾ جنهن آئي خزان
پڻ اهڙو ضروري هي احوال آهه + ته چشتي اسان کان ويو آهي نهان
سندس نام نامي هو عبدالڪريم + سڳر عام ۽ خاص جو مهربان.
گهڻو دل کي افسوس ارمان آهه + جنهن کي چشتي صاحب ويا هي ڇڏي
ڏئي داغ فرقت جو دل کي ويو + اسان کان جدا ٿي ويو ناگهان
محقق ۽ عالم خطيب و اديب + مبلغ عظيم ۽ فصيح اللسان
فدائي محمد موحد پڪو + ڪيئين دين مذهب جي خدمت ڪيا
خلافت جي تحريڪ جو ڪارڪن + ۽ بي باڪ حق گو مجاهد جوان
هو پروانهٔ شمع آزادگي + سياست ۾ سنجيده ۽ نڪته دان
ارادي جو محڪم ۽ وعدي وفا + طبيعت سندس مستقل دل توان
مؤثر سندس خوب تقرير عام + سندس علمي تحرير فيض رسان
فصاحت بلاغت ۾ ڪامل ڪمال + زبان دان مقرر به جادو بيان
صحافت ۾ قابل ۽ اهل قلم + مصنف مؤلف ۽ تاريخ دان
هو قومي محافل جو روشن چراغ + ۽ ديني ادارن جو روح روان
سراپا نيڪ نيت ۽ خوش خلق + گلستان اسلام جو باغبان
۽ هشاش بشاش هو بذله سنج + سدا رهندو ملنو ۽ خوش شادمان
بهي خواه قوم ۽ محب الوطن + ۽ آزادگي جو سچو مدح خوان
هئي گفتگو ڪنهن به موضوع تي + سندس دسترس ان تي هئي بيڪران
لقب خاص ان جو هو سحبان سنڌ + لقب ان سان مشهور هو در جهان
منظم جماعت جا شعراءِ سنڌ + لقب ان ڏنو ڪيس شايان شان (۱)

---

(۱) سه ماهي الرحيم سنڌيڪا ۱۱۷۵ع ص ۱۲۰
(۲) جي - ايم سيد - جنب گذاريم جن سين - جلد ۲ - چاپو ۱ - سال ۱۹۶۷ع ص ۴۳۴ - ۴۳۵

وڃي ٿيندي وا افسوس قحط الرجال + ڪيون چشم نم ٿاءِ آهه و فغان
رکيج ان کي آغوش رحمت ۾ رب + رهائي رهن راضي پر اشڪان
ٿيو خال علم و ادب ۾ وڏو + ڀرڻ آهي مشڪل اهو بيگمان
پڇيم عيسوي سنه جو هاتف چيو + ته تاريخ رحلت اديب زمان
١٩٦۴ع
ٿيو سر سان بدبختي جي شام غم + چيو سال هاتف جي احسن بيان ؟ (١)
١٣٨۴ھ

قطع

”غمگين دل سان چئون ٿا فياض فاضل الاسلام
١٩٦۴ع
تنهنجي جُدائيءَ جي سبب آهن دليون سڀ جو حزين
سن عيسوي اهس پڇيو هاتف چيو اڄ ٿي ولي
ناگاهه سبحان واصل حق داخلِ خلد برين“ (٢)
١٩٦۴ع

مولوي دين محمد وفائي مولانا امروٽيءَ جو دور، انگريزي حڪومت جو دور هو، جو سنڌ ۾ انقلابي ۽ تحريڪي دور سنڌ جي تو، ان دور ۾، بقول مولانا گرامي، حضرت امروٽي ”هڪ رانجهو لڪان جها“ ٿي گذريو آهي، پر سالگي ٿي دور ۾ مولانا وفائي به امروٽي صاحب سان گڏ وگڏ قومي خدمتن ۾ پنهنجي حياتي وقف ڪري چڪو هو. مولانا صاحب هر وقت مولانا امروٽيءَ جي ارشاد تي لبيڪ چئي، ديني، سياسي ۽ جهاد جي ڪمن ۾ سرگرم ڪارڪن رهيو.

انگريزن جي اسلام دشمني ۽ سياسي ناانصافين

---

(١) سه ماهي الرحيم سنڌي ١٩٦٥ع صفحو ١٢٠

کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، سنڌ ۾ سڀ کان پهرين تحريڪ، ”تحريڪ خلافت“ هُئي . ان وقت مولانا وفائي ٺٽا جي ڳوٺ ۾، پير امام الدين شاهه راشدي ۽ جي فرزندن کي تعليم ڏيئي رهيو هو. تحريڪ شروع ٿيڻ ئي سنڌ ۾ لاڙڪاڻو، ان تحريڪ جي طرف هيو، ويتر مولانا امروٽي ۽ جي ارشاد تي هڪدم ٺٽا ڇڏي، هن تحريڪ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. ان تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ، انگريز سرڪار هر ممڪن ڪوشش ڪئي، ۽ هڪ قوم جي غدار مولوي فيض الڪريم جي هٿان، ترڪي خلافت جي برخلاف هڪ رسالو ”تحقيق الخلافت“ لکايو، جنهن ۾ تحريڪ خلافت کي ناجائز ٺهرايو ويو هو. هي رسالو ڇپايو ويو ۽ هزارن جي تعداد ۾ عوام تائين پهچايو ويو، ان ڪري سنڌ ۾ خلافت تحريڪ کي سخت نقصان پهچڻ جو انديشو هو، ليڪن مولانا وفائي، مولانا امروٽي ۽ جي نظرداري ۽ هيٺ، انهي ۽ رسالي جي رد ۾ رسالو ”اظهار الڪرامت“ لکي تيار ڪيو ۽ امروٽي صاحب جي چوڻ سان ئي گهٽي انداز ۾ ڇپائي تيار ڪيو ۽ مارچ ۱۹۲۰ع ۾، ”لاڙڪاڻا خلافت ڪانفرنس“ جي موقعي تي، عوام ۾ تقسيم ڪيو ويو. ان ڪانفرنس ۾، مولانا ابوالڪلام آزاد (۱)

---

(۱) سه ماهي مهراڻ ”سوانح نمبر“ ۳-۴ع - سال ۱۹۵۷ع مقالو داعوٽ بلوچ ص ۱۸۱.

مولانا عبدالباري لکنوي، مولانا شوڪت علي وغيره شريڪ
ٿيا هئا. مولانا وفائي ۽ بزرگ امروٽيءَ جي ان رسالي ۾ مولوي
فيض الڪريم واري ۽ مفسد پروپئگنڊا جي باهه تي، پاڻي ۽
وارو ڪم ڪيو ۽ خلافت تحريڪ زور شور سان هلندي رهي،
ان ڪانسواءِ مولانا وفائيءَ، شيخ عبدالعزيز (مالڪ اخبار الحق سکر)
سان گڏجي، اخبار "الحق" جي ذريعي پڻ مولوي فيض الڪريم
جي رسالي خلاف، سخت پروپئگنڊا ڪئي. جلد ئي مولانا
کي جمعيت العلماءِ سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو، جنهن ڪري
ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ رهي،
صحافت جي شروعات ڪيائين ۽ ڪيس اوج تي آندائين.
ڪراچيءَ ۾ رهڻ ڪان اڳ به مولانا وفائي، نئين ۾ رهڻ
دوران، پير عبدالغفار شاهه راشديءَ جي سرپرستيءَ
هيٺ، ماهوار رسالو "الڪاشف" ۽ راڻيپور ۾ رهڻ دوران
قاديانين جي خلاف رسالو "صحيفهٔ قادري" جاري ڪيا.
مارچ ١٩٢٠ع ۾ روزانه "الوحيد" جو معاون ۽ مدير مقرر
ٿيو ۽ سال ١٩٢٣ع ۾ وري ماهوار "توحيد" ڪراچيءَ مان
جاري ڪيائين، جنهن ۾ علمي، ادبي ۽ ديني مباحثا
۽ مضمون، ۽ تاريخي ڪارناما قلمبند ڪندو هو. ١٩٣٦ع ۾ (١)

(١) سه ماهي مهراڻ - سوانح نمبر - ٣ ۽ ٤ - سال ١٩٥٧ع - ص ١٨١

جڏهن سنڌ جدا ٿي، تڏهن سنڌ س ۾ ڪوشش سان روزانه الوحيد جي خاص اشاعت، "سنڌ آزاد نمبر" ڇپيو، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ علم و ادب ۽ سنڌي بزرگن، عالمن ۽ سنڌي معاشري تي، مختلف مضامين ۽ مقالا موجود آهن. انهن مان گهڻي انداز ۾، مولانا وفائي ءَ جي زور قلم جو نتيجو آهن. ١٩٢٦ع ۾ ڪجهه وقت لاءِ "الوحيد" کان جدا ٿيڻ ڪري، ١٩٢٧ع ۾ پير سيد حزب الله شاهه شهيد جي سرپرستيءَ هيٺ، سکر مان هفتيوار اخبار "الحزب" جاري ڪيائين، پر سنت ۾ ڪيس وري "الوحيد" اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو. (١)
مولانا وفائي ءَ جي دور ۾، سال ١٩٢٧ع ۾ انگريزن شرارت ڪري، سوامي شرڌانند کي اجمير جي جيل مان ڪڍي، ڪانگريس آرين جو ٽولو، "شڌي" ۽ "سنگٺن" تحريڪون جاري ڪرايون، جنهن ڪري سنڌ ۾ خاص ڪري لاڙ ڪاڻي ضلعي جي سنجوڳي شيخن جي وري شڌ ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿي ويو. آريه سماج وارا کين وري مرتد بنائڻ جي سخت ڪوشش ۾ هئا. (٢) ان وقت مولانا امروٽي ءَ جي ارشاد تي مولانا وفائي، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مولانا

(١) سه ماهي مهراڻ جو "سوانح نمبر" ٣-٤ ۾ - سال ١٩٥٧ع - صفحو ١٨١
(٢) علي نواز وفائي - يادگار مولانا وفائي ۾ مقالو - ص ٢٨ - نئون سال ١٩٤٣ع

محمد صادق کڏي واري سان گڏجي، سڄي سنڌ جو دورو ڪيو. (١) سڄا سارا ڇهه مهينا لاڙڪاڻي، سکر، شهدادڪوٽ، قمبر، رتيديري، ميهڙ، قاضي عارف، خيرپور ناٿن شاهه باڊهه، وارهه ۽ ميروخان جي هزارها شيخن کي دوباره مسلمان ڪيو ويو ۽ کين قرآن پاڪ ۽ سُنت سان روشناس ڪرايو ويو. ان سان گڏ، مولانا جو جهاد بالقلم، اُن باري ۾ تحسين جوڳو آهي. (٢)

ان دور ۾ آريه سماج وارن، جن ساده لوح مسلمانن کي شُڌ ڪيو هو، تن کي دوباره دين اسلام تي آڻڻ جي سلسلي ۾ مولانا امروٽيءَ ۽ مولانا وفائيءَ سان گڏ، خواجه حسن جان سرهندي ۽ شيخ عبدالرحيم جيئه آ ڀائي کي به وساري نٿو سگهجي.

آرين سان گڏ، مسيحي مبلغ به اهڙي پُرآشوب دور ۾ هندن ۽ مسلمانن جي باهمي بي اتفاقيءَ مان فائدي وٺڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ هندن ۽ عيسائين اسلام تي حملا ڪيا، پر مولانا امروٽيءَ جي ڪوشش سان گڏ، مولانا وفائيءَ جي قلمي جنگ، انهن اسلام دشمنن جو ڪاروبار ختم ڪري ڇڏيو.

سنڌ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ به مولانا وفائيءَ سر ڌڙ جي بازي لڳائي. مولانا امروٽيءَ جي وفات بعد

---

(١) عليخان وفائي — يادگار مولانا وفائيءَ ۾ مقالو — ص ٥٥ (دفعا- سال ١٩٧٤)
(٢) ايضاً — صفحو ١٦

پڻ ساڳي ء مشن کي چالو رکيائين ۽ سنڌ جي علمي ڳنيءَ جي
تحريڪ ۾ پڻ مولانا وفائيءَ جو قلم ، هندن جي سخت
مخالفت جي باوجود، ”الوحيد“ جي صفحن تي دلائل ۽
حقائق جا انبار لڳائيندو رهيو ۽ هندن جي مخالفت
جي جواب ۾ ”الوحيد“ جي ڪالمن ، اها جنگ لڙي ڏيکاري،
جنهن پوري هندوستان کي لوڏي وڌو. (١) مولانا وفائيءَ
جي ئي دم سان ، سنڌي صحافت ۽ سنڌي ادب ، سنڌ
۾ ترقي ڪئي . ١٩٤٠ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪرڻ ۾
پڻ سندس ئي هٿ هو. مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن
(١٩٣٩ع) جلاوطني کان بعد ، پنهنجي وطن ورڻيو ۽ سنڌ ۾
شاه ولي الاهي فلسفي جي نشر واشاعت لاءِ ، جدا جدا
جاين تي بيت الحڪمت ادارن جو بنياد وڌائين ، تڏهن
مسٽر محمد امين کوسي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ،
مولانا دين محمد وفائيءَ ، مولانا عبيدالله جي اپيل
تي لبيڪ چئي ، ان فلسفي جو پرچار ڪيو. مولانا وفائي
صاحب ان سلسلي ۾ ”الوحيد“ جي ايڊيٽري به ڇڏي
ڏني ۽ گوٺ پيرجهنڊي ۾ ، مولانا سنڌيءَ جي حضور
۾ رهي ، قرآن مجيد جي ترجمي ۽ فلسفه ولي الاهيءَ جو ڳهرو

(١) علي نواز وفائي (مرتب) - يادگار مولانا وفائيءَ ۾ مقالو - دفعو پهريون سال ١٩٧٣ع ص ١٧ ۽ ١٨

چار مهينا درس ڏيندو رهيو. ان کان پوءِ رسالي "توحيد" جي ذريعي، مولانا سنڌيءَ جي پروگرام جي اشاعت به ڪندو رهيو. (١)

مولانا وفائي بذات خود هڪ قابل، فاضل ۽ وڏي مطالعي وارو عالم هو، ويتر علامه عبيدالله سنڌيءَ جهڙي محقق بزرگ جي صحبت، کيس بلند منزل تي پهچايو ۽ سندس وجود ۾ وڏو انقلاب اچي ويو. (٢)

سنه ١٩٤٢ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ هڪ "سنڌي مرڪزي بورڊ" قائم ڪيو، جنهن سنڌي لغت ناهڻ لاءِ هڪ رٿ پيش ڪئي. انهيءَ رٿ کي پايهءِ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ جيڪا ميمبرن جي هڪ "لغت ڪميٽي" ناهي وئي. انهيءَ ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر مولانا وفائي به هو. پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ سنڌي نصاب جي ڪتابن جي نئين سر جوڙڻ لاءِ سنڌ سرڪار جنوري ١٩٤٩ع ۾ هڪ ڪميٽي ناهي، جنهن ۾ پڻ مولانا کي شامل ڪيو ويو، پر مولانا جلدئي بيمار ٿي پيو. بيماريءَ مان به خوش ٿيو، پر پوءِ اوچتو ئي، تاريخ ٢٢ جماد الآخر ١٣٦٩ هجري، مطابق ١٨ - اپريل ١٩٥٠ع، آچر جي رات

---

(١) علينواز وفائي (مرتب) يادگار مولانا وفائي مقالو - دفعو ١ - سال ١٩٧٣ع ص ٥٦
(٢) ايضاً - صفحو ٦٩

هي ۽ جيد عالم وفات ڪري ويو. سندس تاريخ ولادت ٢٧ رمضان المبارڪ سنه ١٣١١هه هئي. (١)

سندس وفات تي مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي ۽ هيٺيون قطعهٔ تاريخ وفات ناهيو :-

"اڄ هاءِ لڏي ويو وفائي، سنڌيءَ جي سند، اديب دوران
اي هاءِ حبيب تي ڇڏيو، دنيا مان ويو ويو محقق ڪان
دل ڇو رهئي اڳي غمن ڪان، رضن تي لڳو مي زهري پيڪان
موتي ته وري وڃي وري هتان جو، شي ان جو ملڻ مرڻ بجا ٿاله
دنيا ۽ ادب ۾ حادثو هي، ناقابل جبر آهه نقصان
اڄ ڪير ڪري ادب جي خدمت، هتي باغ ٿيو ادب جو ويران" (٢)

مولانا وفائي بابت، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي فرمائي ٿو :

"آهي سماجي طرح ان سنڌ جي سنجوڳين شيخن کي شڌ ڪي مرتد بنائڻ جي تحريڪ شروع ٿي. ان کي ڏسي، مولانا وفائي مرحوم کي ڀُڄن جي گوشا نشين زندگي گهارڻ ترڪ ڪري ٿي پيئي. علامي ۽ فتني کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُنڊ جو دورو ڪري، مخالفن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. هن ڪم ۾ مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مولانا محمد صادق کڏي وارا ۽ شيخ عبدالمجيد صاحب سان برملا رهيا هئا ۽ انهن جي صلاح مشوري سان شڌيءَ جي فتني کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا." (٣)

ساڳئي سلسلي ۾ مولانا الاهي بخش اعوان، اظهار ڪري ٿو :

"توحيد جي جاڳائڻ ۽ تبليغ سنت ۾ مولانا صاحب (وفائي) جي ٿي مرهون منت آهي. رسالو "توحيد" هن اهڙي زماني ۾ شايع ڪيو، جو حضرت امروٽي عليه الرحمة، جنت آشيان جي معرفت سنڌ ۾ پکڙيو هو. (مولانا امروٽي ۽ عبا توحيد جي تبليغ ۾ سڀ کان اڳ ڀري هئا) جنهن زماني ۾ پير پرستي، جيڪا اسلام جو ٿنڀو ۽ رڪن اعظم سمجهيو ويندو هو". (٤)

---

(١) ماهوار مهراڻ - سوانح نمبر - سال ١٩٥٧ع ٣-٤ نمبر ص ١٨٣
(٢) ايضاً - ص ١٨٣ کان ١٨٤
(٣) ماهوار الرحيم سنڌي نمبر ٢ بهار ٢/١١٩٥ ص ٦٤ (٤) مضمون مولانا محمد صديق يادگار مولانا وفائي - دفعو ١ سال ١٩٤٣ ص ١٨

رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو

مولانا امروٽيءَ جي مجاهدانه ڪارنامن ۾ جيڪي به مرد مجاهد ساڻس معاون ۽ مددگار هئا، انهن مان رئيس جان محمد جوڻيجو به هڪڙو.

انگريزن جو دور، سنڌ جي مسلمانن لاءِ تباهيءَ جو دور هو. ان وقت سنڌ جي سرزمين تي، جتي مولانا امروٽيءَ جهڙا حُريت پسند بزرگ پيدا ٿيا، تتي سندن مدد ۽ معاونت لاءِ الله پاڪ، رئيس جان محمد جوڻيجي، مولانا چشتيءَ ۽ مولانا وفائيءَ جهڙا مرد خدا به پيدا ڪيا، ان ڪري سنڌ پنهنجي اڳواڻن سببان خوش نصيب رهي آهي. سنڌي مسلمانن ۾ غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ کانپوءِ ٻيو نمبر سنڌي نوجوان رئيس جان محمد جوڻيجو هو، جنهن انگلنڊ وڃي، (١٩١٣ع ۾) بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو. سندس بلند اخلاقيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو انگلنڊ کان موٽڻ بعد سندس آزاد طبيعت ۾ ڪنهن به قسم جو فرق نه آيو ۽ مغربي تهذيب جو ڪو اثر مٿس نه ٿيو. (١)

ان دور ۾ ”خلافت تحريڪ“ سنڌ جي آزاري پسند ماڻهن

(١) سه ماهي مهراڻ - سوانح نمبر ٣-٤ سال ١٩٥٧ع. ص ٢٨٣ ۽ ٢٨٤

لاءِ جڏهن رحمت ٻنهي آئي؛ جاڳائڻ ته ڪين ورهين جي غفلت ۽ غلاميءَ جي گهري ننڊ مان بيدار هئي تحريڪ ڪيو.. هن تحريڪ سبب مولانا امروٽي انگريز سامراج کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جد و جهد شروع ڪئي. نيڪ ان وقت جڏهن آزمائش جو آواز بلند ٿيو تڏهن رئيس جان محمد ٻڙيسري پهريون ئي شخص هو، جنهن سر تريءَ تي رکي، سنڌ جي جان نثار مسلمانن جي اڳواڻي ڪري، هجرت لاءِ ڪابل ويو. (١) هن سلسلي ۾ شيخ عبدالمجيد لکي ٿو:

"مذهبي جذبي جي جوش ۽ صداقت ۾ پنهنجي وطن کي خير باد ڪري، هجرت ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جي عيش ۽ آرام کي هميشه لاءِ ترڪ ڪرڻ جي تحريڪ، مرحوم رئيس جان محمد جوڻيجي جاري ڪئي." (٢)

رئيس جان محمد جوڻيجو ولد ڪريم بخش خان جوڻيجو، سنه ١٣٠٢ھ مطابق ١٨٧٧ع ۾ ڏامراهن جي ڳوٺ، تعلقي الهيار ڪاڻي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ جي مدرسي ۾ پرايائين، جتي فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ چڱو مايو حاصل ڪيائين. ٻارهن ورهين جي عمر ۾، خيري ديري جي سڪول ۾ پرائمري تعليم

---

(١) ٽي ماهي مهراڻ - سوانح نمبر - ٣-٤ء - سال ١٩٥٧ع ص ٢٨٣ ۽ ٢٨٤

(٢) روزانه الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر - سال ١٩٣٦ع - صفحو ١٧٣

پوري ڪري، انگريزي تعليم لاءِ، لاڙڪاڻي مدرسي ۾ داخل
ٿيو. پنج درجا انگريزي پاس ڪري، مئٽرڪ وچين سنڌ
مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. اُتي حسن علي
عبدالرحمان ۽ علي گوهر خان پُٽنيءَ سان دوستي ٿيس،
جڏهن علي گوهر خان پُنو ولايت پڙهڻ ويو، تڏهن
هيءُ به پنهنجي والد صاحب کان اجازت وٺي لنڊن
ويو ۽ وچي بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين. (١)
جڏهن لاڙڪاڻي مدرسي ۾ پڙهندو هو. تڏهن محمد ايوب
کهڙو، غلام محمد اسراڻ، عمر بن محمد دائود پوٽو، نصرالله
غلام علي، حيدربخش جتوئي، فيض محمد شاعر وغيره
به مدرسي جا شاگرد هوندا هئا. سندس لاڙڪاڻي جي
دوستن مان رئيس غلام محمد وڪيل، سيٺ حاجي خدا داد
خان شرهيو، عبدالرزاق شيخ، مولوي محمد عاقل وغيره
مشهور هئا. رئيس جان محمد سان گڏ، سندس دوستي
تي به مولانا امروٽيءَ جو گهڻو اثر ويٺل هو. امروٽي صاحب
جي آزاد طبع، ڪين انگريز سامراج کان نفرت ڏياري،
آزاديءَ لاءِ اُڪسايو، ان ڪري هنن نوجوانن کي اهو
برداشت نه هو ته سنڌ جو عوام، انگريزن جو غلام ٿي رهي، (٢)

---

(١) سيد ماهي معراڻ - سوانح نمبر ٣ ۽ ٤ - سال ١٩٥٧ - ص ٢٨٣ ۽ ٢٨٤ ۽ ماهنامه التوحيد مارچ ١٩٤٢
(٢) ماهنامو الرحيم سنڌي - ماه فيبروري ١٩٧٢ع - ص ٧٦ ۽ ٧٧

انهن ڏينهن ۾ ترڪيءَ تي انگريزن جي مظالم ڪري، ”آل انڊيا مسلم ڪانفرنس“ سڏائي وئي هئي، جنهن ۾ ١٧ - آڪٽومبر ١٩١٩ع جي ڏينهن تي، برصغير جي ننڍن وڏن شهرن ۾ ترڪي سلطنت جي بقاء لاءِ دعا گهرڻ جو نهراءِ پاس ڪيو ويو هو. انهن ڏينهن ۾ انگريزن جي سخت پابندين هوندي، اهڙو ڏينهن ملهائڻ سولي ڳالهه نه هئي، پر رئيس صاحب، پير تراب علي شاهه جي مدرسان، سر تورڙ ڪوشش ورتي، پنهنجي بنگلي جي سامهون، لاڙڪاڻي ۾ ڌام ڌوم سان عام جلسو ڪرايو. اهڙي طرح ترڪيءَ تي فتح حاصل ڪرڻ وقت جڏهن انگريزن ”جشن صلح“، ١٣ کان ١٦ نومبر ١٩١٩ع ۾ ملهائڻ جو رعيت هندوستان کي حڪم ڪيو هو، تڏهن ان حڪم جي خلاف، جشن جو بائيڪاٽ ڪري، لاڙڪاڻي ۾ انهن ڏينهن تي رئيس صاحب ۽ پير تراب علي شاهه، ڪارڻ جهنڊن سان سرگس ڪڍائي، سڄي شهر ۾ هڙتال ڪرائي. جڏهن خلافت جو پهريون جلسو حيدرآباد ۾ سال ١٩٢٠ع جنوري ۾ ٿيو، تڏهن رئيس جو ٽيڪي صاحب، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ انگريزن جي ظلم ۽ تشدد خلاف هڪ ولوله انگيز تقرير ڪئي. (١)

---

(١) سيد حامي مهراڻ - سوانح نمبر ٣ء٢، سال ١٩٥٧ع - ص ٢٨٥

ڪانفرنس (جلسي) جي آخري ڏينهن ڏينهن تي فيصلو
ٿيو ته سنڌ جو هڪ وفد بمبئي وڃي، اُتي "سنڌ ۾
ڪامورن جي ڪيل ظلمن" بابت گورنر جو ڌيان ڇڪائي.
اُن وفد ۾ پير صاحب جهنڊو ڳوٺ مولوي دين محمد وفائي ۽ ٻيا
ڪيترائي سنڌي معزز شريڪ هئا. اُن وفد جو اڳواڻ ۽
رئيس جان محمد جوڻيجو هو. (١)

ساڳئي ئي سال جيڪب آباد ۾ بزرگ امروٽي ؒ جي زير صدارت
خلافت جو وڏو جلسو ٿيو، جنهن ۾ مولانا امروٽي ؒ جي
ارشاد سان جيڪي مؤثر اعلان ۽ اقدام ڪيا، انهن جو
بيان اڳيئي ڪيو ويو آهي.

رئيس جان محمد جوڻيجي صاحب ۽ مولانا امروٽي ؒ جي
مشوري ۽ حڪم سان "هجرت ڪاميٽي" مقرر ڪئي، جنهن
جو صدر پير تراب علي شاه راشدي ۽ سيڪريٽري رئيس
صاحب مرحوم چونڊيا ويا. دفتر رئيس صاحب جي بنگلي
۾ مقرر ڪيو ويو. سنڌ جي عوام مان ڪيترن ئي ماڻهن
هجرت ڪرڻ لاءِ دفتر ۾ نالا داخل ڪرايا. هجرت ڪاميٽيءَ
جي هڪ ميٽنگ ۾ پير تراب علي شاه جي صدارت هيٺ ٿي، جنهن
جي فيصلي موجب ۾ گورنر بمبئي کي هجرت ڪرڻ لاءِ تار
ڪئي وئي، جنهن ڪري حڪومت، رئيس صاحب جي ٻنين
جو پاڻي به بند ڪري ڇڏيو، پر رئيس صاحب اُن جي ڪا به پرواهه

(١) سه ماهي مهراڻ - سوانح نمبر ٣ ۽ ۴ سال ١٩٥٧ع ص ٢٨٥ - ۽ الرحيم (ماهنامو) سنڌي ١٥ مارچ ١٩٦٧ع ص ٢٩١

ڪان ڪئي ۽ ساري برصغير ۾ هي پهريون ٿي سنڌي
مجاهد هو ، جنهن ٧٠، (ستر سوسٺ) ماڻهن جي قافلي سان
سنڌ مان هجرت ڪئي ، مٿس نه رڳو سنڌ، پر هندوستان
به جيترو ناز ڪري ، اوترو ٿورو آهي .

تاريخ ٩ جولاءِ ١٩٢٠ع تي لاڙڪاڻي مان مهاجرن جي اسپيشل
ٽرين ، رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻيءَ
هيٺ پشاور رواني ٿي ، جتان سيئي افغانستان پهتا . (١)
خلافت ڪانفرنس جو اٺون اجلاس ، جيڪو مولانا
شوڪت علي ءَ جي زير صدارت ١٩٢٤ع ۾ سکر ۾ منعقد
ٿيو هو ، ان ۾ ضلعي سيڪريٽري ، مسٽر عبدالستار آدم جي
جيڪا رپورٽ پيش ڪئي ، (جا پوءِ ڇپائي وئي) ان جي نائين صفحي
تي ، سيڪريٽري ، رئيس صاحب جي هجرت ڪي هن طرح سلڙهيو آهي :

"هجرت جو معاملو جنهن گورنمينٽ کي هڪ دم پريشان ڪري
ڇڏيو ، المنوع جي ڪاميابي عطا ڪئي هرا ، سڄي هندوستان
۾ جنهن هستيءَ جي سر تي سونهن تاج سو رئيس
المهاجرين ، نواب جان محمد جوڻيجو هو ، جو سنڌ مان
پهريون مهاجرن جي اسپيشل ٽرين وٺي ويو" (٢)

رئيس صاحب جو قافلو ١٩ جولاءِ ١٩٢٠ع تي جلال آباد (افغانستان)
پهتو ، افغان سرڪار پهريائين ته سندن سٺو استقبال ڪيو ۽ کين
سهولتون ڏنائين ، مگر پوءِ گهڻن مهاجرن وڃڻ ڪري بي بندوبستي

---

(١) اخبار الاڙڪاڻه گزيٽ (ايڊيٽر ديوان ٿهلرام لاڙڪاڻي) مورخ ١٧ جولاءِ ١٩٢٠
نوٽ - اخبار لاڙڪاڻه گزيٽ ۽ بياض مولوي محمد اسحاق جتوئي - لاڙڪاڻه ۾ مهاجرن جو انداز ٧٦ ۽ ٽماڻ
سوانح نمبر ۾ ٥٠ ، تڪيل آهن .
(٢) سه ماهي مهراڻ سوانح نمبر ١٩٥٧ع ص ٢٨٦ - ۽ ماهنامو الرحيم سنڌي . مارچ ١٩٦٢ع ص ٢٧ کان ١٢٩

تي پيئي، ان ڪري آڪٽوبر ۱۹۲۰ ۾ رئيس صاحب، مهاجرن
جي امداد لاءِ هندوستان ۾ چندي گڏ ڪرڻ ۽ آزاديءَ جي
تبليغ ڪرڻ جي مقصد سان آيو هو ۽ مولانا محمد علي جوهر
سان گڏجي، سڀني هندوستان جي شهرن جو گشت ڪيائين
الله آباد واري ڪانگريس اجلاس ۾ شرڪت ڪري،
لاڙڪاڻي ۾ آيو ته کيس سنڌ جي جُڊيشل ڪمشنر جو نوٽيس
پهتو ته "ڪراچيءَ ۽ جيڪب آباد وارن جلسن جي تقريرن جو
اچي جواب ڏي"، (۱) رئيس صاحب جواب موڪليو ته "مان
افغانستان جي بادشاه جي رعيت آهيان ۽ هتي انجمن مهاجرين
هند جي طرفان موڪليل آهيان. جنهن اهڙن جو حڪم
ايندو ته ايندس، نه ته، نه ايندس"

ان بعد بمبئيءَ ويو، جتي خلافت ڪاميٽيءَ طرفان
کيس پنجاهه لک رپيا، مهاجرن جي امداد لاءِ مليا، جي
هڪدم ڪابل روانا ڪيائين ۽ ۵ لکن ملڻ جو وعدو مليس،
واپس ڪابل ويندي، کيس سرحد تي روڪيو ويو، تنهنڪري
واپس هندوستان آيو، مولانا محمد علي جوهر سان گڏجي،
آزاديءَ جي پرچار ڪندي، اجمير خلافت ڪانفرنس ۾
شريڪ ٿيو، اتي کيس سخت بخار ٿي پيو ۽ سورهين (۱۶) اپريل

(۱) سه ماهي مهراڻ، سوانح نمبر ۳ ۽ ۴ - سال ۱۹۵۷ع ص ۲۸۶ ۽ "الرحيم" سنڌي مارچ ۱۹۶۷ع

١٩٢١ع ۾ وفات ڪيائين. (١)

سنڌ جو شاعر شيرل، جو رئيس صاحب سان هجرت جي قافلي ۾ شامل هو، تنهن رئيس صاحب جي هجرت جو احوال بيتن ۾، هن طرح ڏنو آهي:

١ - جان محمد جو ٽيٽو سو جهڙو ساماڻو + راضي تنهن تي رب ٿيو، تنهن کي ولايت ڏني.
سخي هو سخاوت ۾ ڪيائين روح اندر رهاڻو + گل لهرا ڪا ڳاڻو، مرد تنهن ملڪ جي.

٢ - مرد تنهن ملڪ کي ڏاتر ڏنا ڏات + عمر وڪالت گهاري، جو ڪيائين هت سالن،
علم پڙهيو عالم ٿيو هئس انگريزي امداد + هاڻي ڪيائون روح رهاڻ، سارو سپرين ڏي.

٣ - ٻڌ سارو سپرين ڏي، جنهن کي مولا ڏنو مان + هت هو صاحب جو شاهي جنهن جو شان،
ڪامل تي ڪيو ٿورو ڏکيو، ٻيڙي ٻاتي ٻاڻ + جي اندر آهن جوالا، سڪ تنهن جي شاڪي،

٤ - سڪ تنهن جي ساڻ ڪي، اندر ڏاڍا آرام + ڪا نه ڪا نام خوشي جو، هيڪ نه ڏني طعام،
هجرت تي سنڌي ملڪ جي، اها ئي امام + آڳ ۾ ٿي امام، قافلو ڪيائين ڪيترو.

٥ - قافلو ڪيائين ڪيترو، تڪين خرچ ڪئي + جيڪا رضا رب جي واهه تنهن کي وڻي،
مهاجر تي محبت ۾ اڳ ڪيائين ٿي + الا تڪليف ڏکي لقب هنئي، ريل چڙهي پرين مليا.

٦ - ريل تي چڙهي پرين ڪوڻ تيا سڀ روانا + عرض ڪيائين الله کي، اسين آهيون تنها ٻالهل
داڻي پاڻي نصيب جي آهو لکي ۾ معني + اچي ملتان، ڏيهر و ڪيائين ڏينهن جو.

٧ - ڏيهر و ڪيائين ڏينهن جو، مليا چڙهي لاهور + اتي عزت ملي امير کي، سيڙ ڪيائون ڪوڙ،
ساٿ سڀني آڏي، ڪين خوشي جو، ڏنائون زور + ريت اهڙي دستور، راولپنڊي چڙهي مليا.

٨ - راولپنڊي چڙهي مليا، ڪئمبلپور ڪامي + واڳ وس نه تنهنجي، ڏور ڏي ڏاهي.
ڪا ڏي ڪڄي چوهڙئون ڏس جانب ماهي + پشاور ۾ لاهي، ڏينهن جڙيا ڪيترا.

٩ - انهي ڏينهن هلي ڪيترا اٽليا پيادا هري هند + رفيق ٿيا سو راه ۾ راهي مٿي مرند
رهيائون ناسڪ سر ۾، خودي ڪيائون بند + اچي ٿيا سو هڪ هند، ٻيني کوٽ جهن کي چون.

١٠ - ٻيني ڪوٽ جنهن کي چون، رهيائون ملا لا ادوش + عقل چٽي ڏنو آڳ، ۾ خونه رهيو هوش.

١١ - محبت رکي من ۾ حاجي ڪيائون ڪام + دعنا نددرد ڏٺا عشق اندر آيو اهم.
پنهنجا انگو تيون رهي آيا رام + اهڙو آهي الله، امير صاحب تو تو آيئين سان.

١٢ - امير صاحب عزت ڏني مولوي عبد الله سنڌي + دعوت ڪا ڏنائون دل سان، رات ٿيو نه رهائي.
سنڌ تي سڀ ساٿ آيا آهيون، مرتا لطائي + ترڪي وڃي کهائي، جان محمد جو ڄاڻ.

١٣ - امير کي ايئن نه گهربو هو، ته ٿين مهاجر ٿي نه کل + سڀ ڏوريائين سر ۾ نه ڪيائين توڪل،
ڳچ اندر جن ٻاهيون ٿيون جوش پانهي ۾ + راهي ٿيا اعل موڙي سنڌي ملڪ تي.

١٤ - موڙي سنڌي ملڪ تي آيو پانهي جائي + رشتا ڏينهن روح ۾ جيس وٽ اها وائي،
دادون ڪيان ٿو درجتون ڪري حال پاڻي + نصيب داڻو ڀا ڏي ڪا چي، هلي آيا صحيح سلامت.

---

(١) سه ماهي مهراڻ - سوانح نمبر ١٩٥٨ع ص ٢٨٦ - ٢٨٧ ماهوار الرحيم سنڌي ماهنامو مارچ ١٩٦٧ع ص ٢٧ کان ٣٠.

١٥- هندستان ۾ مولانا خواجه اجمير شريف + سڪ رکيائين سائي محمد ڪريان تعريف ،
ملڪ ڇڏي مسافر ٿيو سهي ڪري تڪليف + آکيون ڪڪوريون ڪيف ماڻهن تنهن ملوڪ جون
١٦- ماڻهن تنهن ملوڪ جي هٿي مرشد وهيه لوري + رضا تي راضي رهيو ڪيائين صبر ڪ ،
مرڻ کان اڳ موت رکيائين منصور ڪ + آيا ملڪ صنوبري، سڪرات ڏنائين ڪاندڪا ،
١٧ سڪرات ڏنائين ڪاندڪا، ساهه ڏنئين سهنو + شيرڪا جوڙي شهيد ٿيو، وطن ڇڏي ٻئي هنو
سوال ڪريان تو کي سيد محمد ڪانيار وڪنهنو + هڻ آئي منهنجو دامن دستگير جي ؟؟

(٢)

١- ”جان محمد جو ۽ مان ويو ڪست منهجان ڪاهي + مال عثرون قئي ڪري ديو لاڳاپا لاهي
جنهن کي سڪ سر برهه، ڏوڏوڙي ڏاهي + اجمير ۾ آهي مقبرو ملوڪ جو
٢- مقبرو ملوڪ جو جوڙيون جوڙ بالئون + عنبر انهن جوانجا خوشبو ڪوڙ بالئون
ماڻهو ڪيا لئون منهه، گوڙ هاڪا ڙ بالئون + پريت پاتريالئون، جو صوبو هو سنڌ جو،
٣- صوبو هو سنڌ جو ملڪ جو مير + صاحب جي صاحبي ڪئي، جو بادشاهي وزير ،
شهيد ٿيو شوق مان سينن وڇائيون تير + اتر وارا يار، پناهه ڏيندين پرديسي کي ،
٤- پناهه ڏيندين پرديسي کي جنهن مرتي عيوساهه + ميري محمد جام جي تو کي آسپاهه الله
حضرت ٿيندو حامي، دهلو ڪندو واهه + باري بي پرواهه، سلام اوهان جي سيدا.“ (١)

رئيس غلام محمد ولد غلام علي وڪيل

رئيس غلام محمد ولد غلام علي وڪيل، مولانا امروٽي ۽ جو قانوني مشير هو. امروٽي صاحب تي، اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ ڪيترا ڪيس هندن جي طرفان ٿيا. انهن ۾ رئيس غلام محمد سندس بنا پيسي وڪيل ٿيندو هو ۽ قانوني مشورا ۽ صلاحون ڏيندو هو. رئيس صاحب جي، مولانا امروٽي ۽ سان بيحد عقيدت هوندي هئي. ٻارن ٻچن سميت درگاهه امروٽ تي اڪثر ويندو هو. ان باري ۾ سندس فرزند، ضياء الله غلام علي وڪيل حيدرآبادي لکي ٿو :

(١) سه ماهي مهراڻ- سوانح نمبر- ٣ ۽ ٤ سال ١٩٥٧ع ص ٢٨٧ کان ٢٩٠.

"مرحوم غلام محمد لاڙڪاڻي ۾ دفن ٿيل آهي. سچي ء عمر ۾ هڪ مرشد ورتائون، جو امروٽي بزرگ هو" (١)

ساڳئي سلسلي ۾ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

"سنه ١٩٠٢ع ۾ لاڙڪاڻي ۾، جو انهن ڏينهن ۾ شڪارپور ڪي تر هي، نئون ضلعو ٿيو هو، انتي وڪالت شروع ڪيائون ۽ سينڌ ۾ سندس نالو مشهور ٿيندو ويو. حضرت امروٽي ءجي واقفيت به ڪيس جي سلسلي ۾ ٿي ۽ سندن معتقد ٿي رهيو." (٢)

رئيس غلام محمد صاحب، خلافت جي جلسن ۽ آزاديءَ جي سيني تحريڪن ۾ پڻ مولانا امروٽي ء سان گڏ هوندو هو ۽ سندس سنوهد ڏگار هو. امروٽي صاحب جي به سا ٿس ڏاڍي دل هوندي هئي. پاڻ جڏهن به لاڙڪاڻي ايندو هو ته رئيس غلام محمد مرحوم وٽ يا رئيس جان محمد جوٽيجي جي بنگلي تي لهندو هو. ان ڳالهه جو اظهار، ضياءالله غلام علي هيئن ٿو ڪري:

"منهنجي والد سان والهانه محبت هوندي هين. ڏرڳو خلافت جي زماني ۾، پراڻ ڪان آپ به ڪيترن نو مسلم شيخن تي اچايا سچايا ڪيس ٿيا، تن لاءِ منهنجو والد هميشه وڪيل هو. ۽ ڪامياب ۾ صحت ورتائين ۽ رهيو ۽ ڪامياب رهيو. خلافت واري زماني ۾ ڪيترائي سياسي ڪيس ٿيا، پر سائينجن جو وارئو به ونگو نه ٿيو. سچي ءِ سنڌ ۾ آزاديءَ لاءِ سنڌ جو پهريون شخص سائينجن ته هئا، جن روح ڦوڪيو ۽ مثالي زندگي رهي ڏيکاري." (٣)

---

(١) ماهنامو الرحيم سنڌي - ماهه مئي ١٩٦٧ع - ص ٣١.
(٢) ۽ (٣) ماهنامو الرحيم سنڌي - ماهه جولاءِ ١٩٦٧ع صفحو ٣١.

مرحوم غلام محمد خان، سنه ١٨٦٦ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو.
مئٽرڪ تائين تعليم، ڪراچيءَ ۾ پرايائين. ان بعد،
بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان بي.اي ۽ پوءِ ٻه سال
وڪالت جو پاس ڪري، ايلفنسٽن هاءِ سڪول ۾ ماستر ٿيو. سندس
والد غلام علي، تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر
۽ نارمل سڪول جو هيڊ ماستر ٿيو. سندس هڪ ڀاءُ،
غلام مصطفيٰ، جيڪب آباد اي-وي سڪول جو هيڊ ماستر
ٿي رهيو ۽ ننڍو ڀاءُ نورالدين "نانا" هو، جو آخر ٽريننگ
ڪاليج فار مين حيدرآباد جو پرنسپال ٿي رهيو.

رئيس غلام محمد کي انگريزي زبان تي ايترو عبور هوندو
هو، جو يورپي آفيسر به سندس قدر ڪندا هئا. سال ١٨٩٠ع
۾ "سنڌ پليڊر" جو امتحان پاس ڪري، وڪالت جو ڌنڌو
ڪيائين. ان وقت مسلمان وڪيل حيدرآباد ۾ فقط رئيس
صاحب هو. ڪيس خيرپور جي واليءَ پاران وٺي چيف
سيڪريٽري ڪري رکيو، پر اُتان به ١٩١١ع ۾ استعفا ڏيئي،
لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جو ڌنڌو ڪيائين. لاڙڪاڻي ۾،
ميونسپل ڪائونسلر به ٿي رهيو. (١) آخر لاڙڪاڻه ميونسپل
سڪول بورڊ جو چيئرمن به ٿيو. جنهن لاڙڪاڻي ۾ پليگ جي

(١) ماهنامو الرحيم سنڌي - ماه مئي ١٩٦٧ع ص ٣٠ ۽ ٣١

بيماري پئي، تڏهن "اسپيشل پليگ ڪاميٽي" جو به چيئرمن ٿيو ۽ ڪليڪٽر "بوس" سان گڏجي، پليگ بيماريءَ جو سدباب ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين. (١)

لاڙڪاڻي ۾ سرائي شاهه محمد لاهوريءَ جي نالي تي ميونسپل آفيس ۽ جيلس بازار جي پرسان "شاهه محمد پرائمري سڪول" به سندس ڪوشش جو نتيجو آهي. رئيس صاحب، لاڙڪاڻي مدرسي جو ميمبر به هو. انهن ڏينهن ۾ مسٽر عبدالرحمان، نورالدين نانا ۽ عبدالجبار ٽيئي، لاڙڪاڻي مدرسي ۾ ماستر هئا. رئيس صاحب تنهن کي "لا" (سما) سيڪنڊ هوءِ "سينڊ پليڊر" جي امتحان لاءِ مدد ڏيندو هو. انهن مان عبدالرحمان ۽ عبدالجبار پاس ٿيا. عبدالرحمان حيدرآباد ۾ پريڪٽس ڪرڻ لاءِ سند ورتي. پرگڏي غلام محمد خان ۽ عبدالرحمان بنهي، ان ڪانپورءِ وڃي، ولايت مان بئريسٽري پاس ڪري آيا ۽ وري اچي، حيدرآباد ۾ وڪالت ڪيائون.

مرحوم غلام محمد ساري عمر ۾ ڪڏهن ڏاڙهي ڪانه ڪوڙائي. هميشه پٽڪو ٻڌندو هو. سندس ذاتي لئبرري به هئي، جنهن ۾ ڪئين هزارن ڪان به وڌيڪ ڪتاب، قانون، تاريخ علم نجوم، جفر ۽ تقريرن تي هئا. (٢)

---

(١) ماهنامو "الرحيم" ماهه جولاءِ ١٩٧١ع ص ١٨

(٢) ماهنامو الرحيم (سنڌي) ماهه مئي ١٩٧٢ع ص ٣١-٣٢

رئيس صاحب جو سياڻ ڪلمڪ هو. ڪيس فوٽو گرافي ۽، گهوڙي سواري ۽ ٽينس راند جو شوق هوندو هو. لاڙڪاڻي بار ائسوسيئيشن جو به ميمبر هو. سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ وڪيل به آتا هوندا هئا. پاسٽري جو به وڏو ذوق رکندو هو. شريعت جو پابند، غريب جو همدرد تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ هميشه تائيم وقف هوندو هوس. ڪين وظيفا، ڪتاب ۽ فيون به امداد ڪندو هو. پنهنجي غريب مائٽن جي به هر وقت سار سنڀال رکندو هو. ڪيس ست فرزند ۽ ٻه نياڻيون ٿيون، پر سندس وفات وقت فقط پنج پٽ رهيا. سندس وفات سال ١٩٢١ع لاڙڪاڻي ۾ ٿي. (١)

مولانا محمد صادق کڏي وارو

مولانا محمد صادق، سال ١٨٧٦ع ۾ محلي اسلام آباد کڏي، ڪراچي ۾ ڄائو. ذات جو ميمڻ هو. سندس والد، مولانا عبد الله صاحب، پنهنجي محلي ۾ درس تدريس، وعظ ۽ تبليغ جو ڪم ڪندو هو. نهايت خدا ترس، پاڪباز ۽ لالطمع انسان هو. ان ڪري گرد و نواح جا ماڻهو، کيس تمام عقيدت ۽ احترام سان پيش ايندا هئا. سندس ئي ڪوشش سان سڀني محلي مان شرڪ ۽ بدعت جو قلع قمع ٿي ويو هو. (٢)

---

(١) ماهنامو "الرحيم" سنڌي - ماهه مئي ١٩٧٢ع ص ٣١-٣٢
(٢) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جولاءِ ١٩٦٧-ص ٢٠.

مولانا عبدالله، پنهنجي فرزند، مولانا محمد صادق جي ابتدائي تعليم
جو بندوبست، پنهنجي زير نگرانيء ڪيو. ان بعد چڪوال (پنجاب)
کان هڪ عالم، مولانا احمد الدين گهرائي، مولانا جي وڌيڪ
تعليم ۽ تربيت لاءِ مقرر ڪيائين. اڳتي وڌيڪ ۽ اعليٰ تعليم
لاءِ کيس دارالعلوم ديوبند موڪليائين، جتي شيخ الهند
مولانا محمود الحسن جهڙن عالمن جي استاديءَ جي سعادت
۽ اعليٰ عربي علومن جي تڪميل حاصل ڪري، واپس ڪراچيءَ آيو. (١)
ديوبند کان فارغ ٿي اچڻ بعد، شيخ الهند جي حريت پسند
خيالن، آزاديءَ جي تحريڪ ۾ مولانا امروٽيءَ جي جهاد
وارن مثالن مٿس وڏو اثر ڪيو، ان ڪري وطن جي آزاديءَ
۽ انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ جي جد وجهد ۾
لڳو رهيو. آزاديءَ جي سلسلي ۾، مولانا امروٽيءَ، مولانا
عبيدالله سنديءَ ۽ پنهنجي استاد شيخ الهند جي صلاح
۽ مشورن ۾ مڪمل رهيو. ريشمي رومال تحريڪ ۾،
مولانا محمد صادق صاحب، ڪراچي ۾ لس بيلي (سنڌ
جي ڏاکڻي پاسي) جي انقلابي مرڪز جي ڪمان سنڀالي.
ساڳئي وقت سنڌ جي اترئين پاسي ۾ بلوچستان جي انقلابي
مرڪز واري امير، مولانا ابوالحسن تاج محمود امروٽيءَ سان
به رابطو رکندو آيو. (٢)

---

(١) ماهنامو نئين زندگي - جولاءِ ١٩٦٧ صفحو ٣٠
(٢) مولانا حسين احمد مدني - تحريڪ ريشمي رومال (اردو) دفعو اسال ١٩٦٠ع ص ١٦٠

ريشمي رومال تحريڪ وارهي منصوبي ظاهر ٿيڻ کري انگريزن سخت اقدامات ڪيا، تنهن هوندي به مولانا محمد صادق صاحب، انگريزن خلاف مينگل قوم کي ميڙائي، لس ٻيلي جي بغاوت ۾ انگريزن کي ڪافي نقصان ھيٺ آندو، بعد ۾ کيس گرفتار ڪري، هڪ سال سزا ڏني وئي، مگر مولوي صاحب انگريزن جي آڏو نه مڙيو. (١)

برصغير ۾ جڏهن هندن طرفان ”شڌي ۽ سنگهٽن“ تحريڪون شروع ٿيون ۽ ڪي شيخ ۽ چند ساده لوح مسلمان، مرتد ٿيڻ تي هئا، تڏهن مولانا صاحب، امروٽي بزرگ جي مشوري ۽ رهنمائي ۽ سان سنڌ ۾ تبليغي مرڪز ناهي، مولانا وفائي ۽ ٻين عالمن سان گڏ سڄي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر جا تبليغي دورا ڪيا ۽ وعظ نصيحت ۽ قلمي ڪوشش ذريعي ”شڌي“ جي فتني کي نيست نابود ڪري ڇڏيائون. (٢)

انهن ئي تبليغي دورن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ شيخ عبدالرحيم ۽ ٻيا ڪيئي نامور هندو، مسلمان ٿيا.

مولانا صاحب جا شاگرد تمام گهڻا آهن، جي سنڌ ۾ بريا ڪيل، عظيم الشان ديني اداري، مظهر العلوم کڏي ۾ زير تعليم ۽ تربيت رهيا. مولانا جي شاگردن مان، (٣)

---

(١) مولانا حسين احمد مدني تحريڪ ريشمي رومال (اردو) دفعو اسال ١٩٦٠ع - ص ١٦٠

(٢) ماهنامو شريعت - ماه جون ١٩٧٦ مطابق جمادالثاني ١٣٩٦ھ ص ٨ - ۽ سه ماهي الرحيم سنڌي بجاس ١٩٦٥ع ص ٦٣ - ٦٥

(٣) ماهنامو نئين زندگي - جولاءِ ١٩٦٧ع - ص ٢٠

مولانا محمد عثمان بلوچ، سابق وزير معارف، رياست قلات، مولانا قاضي عبد الصمد صاحب سرباري، نائب وزير معارف قلات، مولوي عبد الغفور سيتائي، ايڊيٽر نوائي سنڌ، مولوي نور محمد نظامائي، مولوي عبد الڪريم چشتي، حڪيم محمد احسن سيوهاڻي سفير عراق، وغيره وغيره مشهور آهن.

سنڌس همعصرن ۾، مولانا انور شاهه ڪاشميري، مولانا عبيد الله سنڌي، مولانا محمد علي جوهر، مولانا سيد حسين احمد مدني، مولانا ڪفايت الله، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا ظفر علي خان، مولانا احمد سعيد، مفتي عبد القادر لغاري، مولانا عبد الله لغاري وغيره آهن.

جنگ آزاديءَ جي سلسلي ۾ ٽي سال ڪن ڪاروار ۾ نظربند رهيو.

مولانا مرحوم نهايت خوش اخلاق، مهمان نواز ۽ سادگي پسند هو. سندس صحبت ۾ ويهڻ سان عجيب خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيندو هو. ڪيس سندس زندگيءَ ۾ بي انداز مشڪلاتون درپيش آيون، پر پاڻ ڪڏهن به همت نه هاريائين.

سندس سياسي قابليت ۽ آزمودو ان ڳالهه مان صاف ظاهر آهي ته هن وقت مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا سنڌي صاحب، (۱)

(۱) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جولاءِ ۱۹٦٧ع ص ۲۰

مولانا حسين احمد مدني، مولانا محمد علي جوهر ۽ حاجي عبدالله
هارون جهڙا سياسي اڪابر ۽ جهونا سياستدان به سياست
جا شڪل مسئلا، سندس صلاح مشوري سان حل ڪندا هئا،
سندس قائم ڪيل مدرسي مظهر العلوم جو ڪتبخانو
بين الاقوامي شخصيتن ۽ عديم المثال علمائن جو جهٽڪ
مهمان خانو هو. ڪراچي جا مشهور سياستدان ۽
دانشور، جهڙوڪ، مولانا مفتي محمد عثمان بلوچ،
غلام بها در گبول، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، حاتم علوي،
حاجي عبدالله هارون، جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي،
قاضي عبدالرحمٰن (ايڊيٽر "الوحيد")، حاجي مولا بخش سومرو، مولانا
دين محمد وفائي، شمس العلما ڊاڪٽر دائود پوٽو، محمد هاشم گزدر
وغيره سندس صحبت مان اچي حظ وٺندا هئا،
مولانا صاحب جي برپا ڪيل، مدرسي مظهر العلوم ۾
ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تو ٽري با هر جا طالب علم تعليم
وٺي، يگانه عالم ٿيا، اڄ تائين تعليم وٺي رهيا آهن،
هن مدرسي ۾ ناظره قرآن کان وٺي، دوره حديث
تائين ديني تعليم ڏني وڃي ٿي،
هن وقت سندس فرزند مولانا حافظ محمد اسماعيل هن
مدرسي جو ناظم آهي. (1)

---

(1) ماهنامو نئين زندگي - ماهه جولاءِ 1964ع - ص 21

مولانا ڪنڊوي ءَ کي اولاد فقط هڪ پُٽ (مولانا محمد اسماعيل) ءَ کي
نياٽيون ٽيون.

مولانا صاحب ١٨ جون ١٩٥٣ع تي خميس جي ڏينهن وفات ڪئي. کين ڪراچيءَ جي ويجهو، مورڙي جي مقام ۾ دفن ڪيو ويو، جتي سندس والد ۽ جد امجد جون قبرون آهن.

ماخذ (Bibliography)

جنرل نمبر	نمبر	مصنف جو نالو	ڪتاب جو نالو	مطبع	ڇپائيندڙ	ڇاپو	سال
			سنڌي ڪتاب				
١	١	پير علي محمد شاه راشدي	اُمي ڏينهن اُمي شينهن جلد پهريون	پرنٽنگ پريس ايجي نور... حيدرآباد	مسٽر غلام رباني سيڪريٽري س.ا.ب حيدرآباد	ٻيو	١٩٧٤ع
٢	٢	علي نواز وفائي (مرتب)	يادگار مولانا وفائي	وفائي پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ ڪراچي	علي نواز وفائي، وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي	پهريون	١٩٧٣ع
٣	٣	مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي	قرآن شريف جا سنڌي ترجما ۽ تفسير	سنڌ يونيورسٽي پريس	سنڌ يونيورسٽي	پهريون	ڪونهي
٤	٤	پروفيسر مير محمد نظاماڻي	ابيات سنڌي (مخدوم محمد زمان)	ليٿو ڪاپي	سنڌ يونيورسٽي	پهريون	١٩٦٣ع
٥	٥	غلام محمد شاهواڻي	رسالو شاه ڀٽائي رح	مدينه پرنٽنگ پريس ... روڊ حيدرآباد	آر ايڇ احمد برادرس	ٻيو	١٩٦١ع
٦	٦	مرزا قليچ بيگ	رسالو شاه عبداللطيف ڀٽائي رح			پهريون	١٩١٣ع
٧	٧	ڪشنچند بيوس	شيرين شعر	سنڌ ... پرنٽنگ پريس ... اجمير	ميلارام ... سنڌ ...	ٽيون	١٩٥١ع
٨	٨	مولانا تاج محمود امروٽي رح	خطبهٔ صدارت خلافت ڪانفرنس جيڪب آباد	سيلر پريس ريلوي روڊ لاهور	... دادو	پهريون	١٩٢٠ع
٩	٩	ايضاً	قرآن مجيد سنڌي ترجمي سان		مولانا احمد علي لاهوري لاهور		١٩٦١ع
١٠	١٠	ايضاً	پرت نامو عرف يوسف زليخا سنڌي	دين محمدي پريس ...	... سنڌ	پنجون	ڪونهي
١١	١١	ايضاً	قرآن مجيد جو خالص سنڌي ترجمو	الحق پريس حيدرآباد	شيخ عبدالعزيز ملتاني	پهريون	١٣٢٩هه
١٢	١٢	ايضاً	گلشن امروٽي	محمديه پرنٽنگ پريس سکر	حافظ ... مڪتبه ... سکر	چوٿون	ڪونهي
١٣	١٣	قاضي عبدالرزاق رحمتاڻي	قرآن مجيد سنڌي ترجمي سان		... ڪتب خانو ... ڪراچي		١٣٦٨هه
١٤	١٤	مولانا محمد مدني ۽ مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب	قرآن مجيد سنڌي ترجمي سان		... ڪراچي		١٩٥٣ع
١٥	١٥	مولانا قاضي عبدالرزاق ۽ ڪمپني حيدرآباد	ايضاً	قرآن پريس ... حيدرآباد	قرآن ڪمپني حيدرآباد		ڪونهي
١٦	١٦	ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل	رهڻائي شاعري ۽ گونيون	مسلم ادبي پرنٽنگ پريس حيدرآباد	جمعيت الشعراء سنڌ	پهريون	١٩٢٨ع

مسلسل نمبر	نمبر	مصنف جو نالو	ڪتاب جو نالو	مطبع	ڇپائيندڙ	ڇاپو	سال
۱۷	۱۷	ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو	ابيات سنڌي	سنڌ پريس ڪراچي	سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي	ٻيو	۱۹۳۹ع
۱۸	۱۸	جي. ايم. سيد	جنب گذاريم جن سين جلد ۲	حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد	محمد ابراهيم جويو	پهريون	۱۹۶۷ع
۱۹	۱۹	علمي مجلس حيدرآباد	تذڪره مولانا تاج محمود امروٽي	سنڌ پرنٽنگ پريس اڪال پوٽا گهٽي حيدرآباد	علمي مجلس حيدرآباد	پهريون	۱۹۷۵ع
۲۰	۲۰	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	مولود	اسلاميه پرنٽنگ پريس ويسٽڪچا حيدرآباد	سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي	پهريون	۱۹۶۱ع
۲۱	۲۱	ايضاً	ڪليات حمل	سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس حيدرآباد	محمد ابراهيم جويو سنڌي ادبي بورڊ	ٻيو	۱۹۵۷ع
۲۲	۲۲	ايضاً	مداحون ۽ مناجاتون	سنڌ يونيورسٽي پريس	سنڌي ادبي بورڊ	پهريون	۱۹۵۹ع
۲۳	۲۳	ايضاً	سڀ رنگ	سنڌ پرنٽنگ پريس اڪال پوٽا گهٽي حيدرآباد	ڊائريڪٽر [illegible] حيدرآباد	پهريون	۱۹۶۸ع
۲۴	۲۴	سيد عطا حسين شاهه موسوي	ڪيچ ڪوڙيون	تاج محل پريس حيدرآباد	سيد عطا حسين شاهه موسوي	پهريون	۱۹۵۹ع
۲۵	۲۵	عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي	سرهاڻ	سنڌ پرنٽنگ پريس گهوڙن ناڪو حيدرآباد	عبدالعزيز شاهه موسوي	پهريون	۱۹۵۸ع
۲۶	۲۶	الله بخش نظاماڻي	سنڌي لوڪ ادب جي ارتقاء	سنڌ يونيورسٽي پريس	سنڌ يونيورسٽي	پهريون	۱۹۶۴ع
۲۷	۲۷	مخدوم محمد زمان طالب المولى	ڪافي	سنڌ يونيورسٽي پريس	صوفي بزم طالب المولى شاهه هالا	پهريون	۱۹۶۲ع
۲۸	۲۸	لطف الله بدوي	تذڪره لطفي ڀاڱو ٽيون	نيشنل پريس حيدرآباد	آر. ايڇ. احمد برادرس	پهريون	۱۹۵۲-۵۳ع
۲۹	۲۹	عبدالغفار سومرو	سنڌي غزل جي ارتقاء	سنڌ يونيورسٽي پريس	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي	پهريون	۱۹۶۶ع
۳۰	۳۰	رشيد احمد لاشاري (شارح)	سرمارئي (شاهه صاحب)	نيشنل پرنٽنگ پريس حيدرآباد	آر. ايڇ. احمد برادرس	پهريون	۱۹۵۴ع
۳۱	۳۱	شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو	ڪلام گرهوڙي	سنڌ پريس ڪراچي (مطبعة العرب ...) مدرسه گرهوڙ	سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي	پهريون	۱۹۵۶ع
۳۲	۳۲	سيد عبدالحي	سنڌي ادب جو تاريخي جائزو	نيشنل پرنٽنگ پريس نئون سکر	محبان [illegible] سکر	ٻيو	۱۹۷۲ع
۳۳	۳۳	ايضاً	تذڪره شعراءِ سکر	[illegible] پريس [illegible] سکر	سنڌي ادبي سوسائٽي اسلاميه [illegible] سکر	پهريون	۱۹۶۵ع
۳۴	۳۴	محمد صديق محمد يوسف ميمڻ	سنڌي ادبي تاريخ حصو پهريون	مسلم ادبي پرنٽنگ پريس ميمڻ محلو حيدرآباد	سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد	پهريون	۱۹۳۷ع
۳۵	۳۵	ٽيجپالداس گرڌرداس ٻتاڻي	سنڌ جي تاريخ	نيشنل اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد		پهريون	۱۹۳۷ع
۳۶	۳۶	ماستر حاجي علي محمد پٽي	تصفيه روحاني	آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد	ماستر حاجي علي محمد پٽي	پهريون	۱۹۵۰ع

جنرل نمبر	نمبر	مصنف جو نالو	ڪتاب جو نالو	مطبع	ڇپائيندڙ	ڇاپو	سال
٣٧	٢٧	ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي	شاهه جو رسالو جلد ١	ڪمشنر سنڌ جو ڇاپخانو	گربخشاڻي جا	پهريون	١٩٢٣ع
٣٨	٢٨	ڪوڙومل (مترجم) اي مارسڊن (مصنف)	هندستان جي تاريخ	سرڪاري ڇاپخانو	مئڪملن اينڊ ڪمپني لنڊن ۽ ڪلڪته	-	١٩١٣ع
٣٩	٢٩	پروفيسر غلام حسين جلباڻي	شاهه ولي الله جي تعليم	سنڌ يونيورسٽي پريس	سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد	پهريون	١٩٦١ع
٤٠	٣٠	ڪلياڻ ٻولچند آڏواڻي	شاهه جو رسالو	نو راشٽر پريس ٢٠٣ حمام اسٽريٽ فورٽ بمبئي ١	مانسنگ چوهڙمل هندستان ڪتاب گهر	پهريون	١٩٥٨ع

سنڌي قلمي بياض

٤١ ١ ماستر فتح محمد سومرو — سنڌي قلمي بياض - ڳوٺ مرزاپور ضلعو سکر - امروٽي صاحب جو خادم

٤٢ ٢ مولوي محمد اسحاق ڄتوئي — قلمي بياض - ڳوٺ ماهي پنو تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو

٤٣ ٣ ماستر حاجي محمود قاسمي — قلمي بياض - ڳوٺ قاسم ضلعو سکر

٤٤ ٤ ماستر نظام الدين ڏاهو — قلمي بياض - ڳوٺ امروٽ ضلعو سکر

رسالا، اخبارون ۽ خط (سنڌي)

٤٥	١	اداره روزانه الوحيد ڪراچي	سنڌ آزاد نمبر	جون ١٩٣٦ع
٤٦	٢	اداره "مُوحّد" ميرپورخاص	ماهنامه مُوحّد سنڌي	مارچ ١٩٦١ع
٤٧	٣	پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي	نئين زندگي ماهنامو	اپريل ١٩٦٤ع
٤٨	٤	ايضاً	ايضاً	جون ١٩٥٨ع
٤٩	٥	ايضاً	ايضاً	جنوري ١٩٥٣ع
٥٠	٦	ايضاً	ايضاً	آگسٽ ١٩٧١ع
٥١	٧	ايضاً	ايضاً	آگسٽ ١٩٦٨ع
٥٢	٨	ايضاً	ايضاً	مارچ ١٩٧١ع
٥٣	٩	ايضاً	ايضاً	آگسٽ سيپٽمبر ١٩٧٠ع
٥٤	١٠	ايضاً	ايضاً	اپريل ١٩٦٠ع
٥٥	١١	ايضاً	ايضاً	مئي - ١٩٦٠ع
٥٦	١٢	ايضاً	ايضاً	مئي ١٩٦١ع
٥٧	١٣	ايضاً	ايضاً	جنوري ١٩٦١ع
٥٨	١٤	ايضاً	ايضاً	فيبروري ١٩٥٨ع
٥٩	١٥	سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد	مهراڻ سوانح نمبر ٣-٤	١٩٥٧ع
٦٠	١٦	پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي	مهراڻ جون موجون	دفعو ٢ ١٩٦٤ع
٦١	١٧	شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد	ماهنامو الرحيم سنڌي	جولاءِ ١٩٧١ع
٦٢	١٨	ايضاً	ايضاً	سيپٽمبر ١٩٧١ع
٦٣	١٩	ايضاً	ايضاً	فيبروري ١٩٧٢ع
٦٤	٢٠	ايضاً	ايضاً	آگسٽ ١٩٧١ع
٦٥	٢١	ايضاً	ايضاً	مارچ ١٩٧٢
٦٦	٢٢	ايضاً	ايضاً	مارچ ۽ اپريل ١٩٧٥ع

۶۷	۲۳	شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد	ماهنامو الرحيم سنڌي	مئي ۱۹۶۷ع
۶۸	۲۴	ايضاً	ايضاً	جون ۱۹۷۳۵
۶۹	۲۵	ايضاً	سه ماهي الرحيم سنڌي	بهار ۱۹۶۵ع
۷۰	۲۶	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۶/۴
۷۱	۲۷	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۷/۱
۷۲	۲۸	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۵/۳
۷۳	۲۹	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۸ع/۲
۷۴	۳۰	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۶ع/۱
۷۵	۳۱	ايضاً	ايضاً	نمبر اول سترهون سال جو
۷۶	۳۲	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۵ع/۴
۷۷	۳۳	ايضاً	ايضاً	۱۹۶۵/۲
۷۸	۳۴	اخبار هفت روزه (ايڊيٽر مولانا عبدالغني چشتي)	"پيغام" شڪارپور	۶ جنوري ۱۹۳۰ع (شڪارپور)
۷۹	۳۵	اخبار الشڪام گزيٽ (ديوان ... ايڊيٽر)	الشڪام گزيٽ	۱۷ جولاءِ ۱۹۲۰ع (الشڪام)
۸۰	۳۶	دفتر درگاه امروٽ	خط نمبر ڀريون	
۸۱	۳۷	ايضاً	خط نمبر ٻيو	
۸۲	۳۸	ايضاً	خط نمبر نائون	
۸۳	۳۹	ايضاً	خط نمبر ستيهون	
۸۴	۴۰	شريعت پبليڪيشن سکر	ماهنامو شريعت	ماه جون ۱۹۷۶ع مطابق جمادالثاني ۱۳۹۶ه
۸۵	۴۱	پاڪستان پبليڪيشن	ماهنامو نئين زندگي	ماه جولاءِ ۱۹۶۷ع
۸۶	۴۲	ايڊيٽر مشتاق احمد ابڙو ڪراچي	جدوجهد هفتيوار	۱۸ نومبر ۱۹۵۹ع (دفتر هفتيوار جدوجهد ڪراچي)
۸۷	۴۳	ايڊيٽر علي نواز وفائي	هفتيوار آزاد ڪراچي	۳ جون ۱۹۶۸ع

اردو ڪتاب

مسلسل نمبر	نمبر	مصنف جو نالو	ڪتاب جو نالو	نمبر اشاعت	سال	مطبع	ڇپائيندڙ
۸۸	۱	عبدالصمد خان	مرد مومن	پنجون	۱۹۷۰ع	مطبوعه فيروز سنز لميٽيڊ	فيروز سنز لاهور
۸۹	۲	مولانا حسين احمد مدني	تحريڪ ريشمي رومال	ٻيون	۱۹۶۰ع	اردو پريس منٽگمري روڊ لاهور	چوڌري علي محمد عيانا امير حسن
۹۰	۳	سيد حسن رياض	پاڪستان ناگزير تها	ٻيو	۱۹۷۰ع	ٽيڪنيڪل پرنٽرس ڪوچه حاجي عثمان ڪراچي	ڪراچي يونيورسٽي
۹۱	۴	پروفيسر محمد سرور	مولانا عبيدالله سندي		۱۹۴۳ع	مرڪنٽائيل پريس لاهور	سنڌ ساگر اڪيڊمي لاهور
۹۲	۵	پروفيسر محمد ايوب قادري ۽ مولوي رحمان علي	تذڪره علمائي هند	ٻيون	۱۹۶۱		پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي مطبوعات ۱۶
۹۳	۶	صلاح الدين ناسڪ	تحريڪ آزادي	ٻيون	۱۹۷۲ع	پنجاب آرٽ پريس لاهور	عزيز بڪ ڊيپو لاهور
۹۴	۷	علامه شبلي نعماني	شعر العجم ڀاڱو پنجون	ٽيون	۱۹۴۲ع	مطبع معارف اعظم ڳڙهه	مولوي مسعود علي
۹۵	۸	شيخ محمد اڪرام - ايم اي	موج ڪوثر			فيروز پرنٽنگ ورڪس لاهور	فيروز سنز
۹۶	۹	رئيس احمد جعفري	نگارشات محمد علي	ٻيون	۱۹۴۴ع	عزاز ترقي پريس حيدرآباد دکن	ادارهٔ اشاعت اردو حيدرآباد دکن
۹۷	۱۰	پروفيسر محمد سرور	مضامين محمد علي	ٻيون	۱۹۴۰ع	جيد برقي پريس دهلي	مڪتبه جامعه دهلي
۹۸	۱۱	صديق علي خان	بي تيغ سپاهي	ٻيون	۱۹۷۱ع	فضلي سنز - تيمور روڊ - اردو بازار ڪراچي	الائيڊ بوڪ ڪارپوريشن ڪراچي
۹۹	۱۲	شورش ڪاشميري	سيد عطاء الله شاه بخاري		۱۹۵۶ع		مطبوعات چٽان
۱۰۰	۱۳	رئيس احمد جعفري ندوي	سيرت محمد علي جوهر ايڊيشن ۲	ٻيو	۱۹۵۰ع	اتحاد پريس لاهور	شيخ نياز احمد ڪشميري بازار لاهور
۱۰۱	۱۴	ايضاً	افادات محمد علي				سلطان حسين تاجر ڪتب پنڊي بازار بمبئي نمبر ۳
۱۰۲	۱۵	پروفيسر محمد سرور	خطوط محمد علي	ٻيون	۱۹۴۰ع	جيد برقي پريس دهلي	مڪتبه جامعه دهلي
۱۰۳	۱۶	ضياء الرحمان فاروقي	تحريڪ آزادي ۾ علماء جو ڪردار		۱۹۸۲	اشرف آفسيٽ پرنٽنگ پريس لائلپور روڊ	ادارهٔ اشاعة العلوم اردو بازار لائلپور

اردو رسالا ۽ اخبارون

۱۰۴	۱	شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد	ماهنامو الرحيم (اردو)	سيپٽمبر ۱۹۶۳ع
۱۰۵	۲	ايضاً	ايضاً	ڊسمبر ۱۹۶۳ع
۱۰۶	۳	ايضاً	ايضاً	فيبروري ۱۹۶۴ع
۱۰۷	۴	ايضاً	ايضاً	مارچ ۱۹۶۴ع
۱۰۸	۵	دفتر ترجمان الاسلام لاهور	هفت روزه ترجمان الاسلام	۶ فيبروري ۱۹۷۰ع
۱۰۹	۶	مولانا احمد علي لاهوري	هفت روزه خدام الدين	۱۳ فيبروري ۱۹۵۹ع

انگريزي ڪتاب

۱۱۰	۱	سيد غلام مصطفيٰ شاهه	ڪارس ان دي سب ڪانٽينينٽ	پهريون	۱۹۶۰ع	ايجوڪيشنل پريس ڪراچي پاڪستان پبلشنگ هائوس ڪراچي
۱۱۱	۲	جي - الانا	آور فريڊم فائٽرس	پهريون	۱۹۶۹ع	نرائن دت پرنٽرس لميٽيڊ ڪراچي پرائيويٽ ايجنسي ڪراچي
۱۱۲	۳	سيد شريف الدين پيرزاده	فائونڊيشن آف پاڪستان واليوم پهريون	پهريون	۱۹۶۹ع	نيشنل پبلشنگ هائوس لميٽيڊ
۱۱۳	۴	ايضاً	ايضاً - واليوم ٻيو	پهريون	۱۹۷۰ع	نيشنل پبلشنگ هائوس لميٽيڊ ڪراچي
۱۱۴	۵	ودياڌر مهاجن	دي مسلم رول ان انڊيا		۱۹۶۲ع	راجيندر پرنٽرس رام نگر نئين دهلي شيام لال گپتا - ايس چند ڪمپني فائونٽين دهلي نمبر ۱
۱۱۵	۶	اسٽينلي لين پول	ميڊيول انڊيا انڊر محمڊن رول			انوين برادرس لميٽيڊ پرنٽرس لنڊن گرسٽ برطانيه ٽي فشر انوين ايڊلفي ٽيرس لنڊن
۱۱۶	۷	پروفيسر ايل - مکرجي ايم اي	هسٽري آف انڊيا (ملٽري پيريڊ)			اي - ايم مکرجي - ايم آر پريس - ۳۰ گريي اسٽريٽ ڪلڪتا ۶
۱۱۷	۸	اي مارسڊن - بي اي	هسٽري آف انڊيا		۱۹۱۳ع	ميڪملن اينڊ ڪمپني لنڊن
۱۱۸	۹	جميل احمد	هنڊريڊ گريٽ مسلمس	پهريون	۱۹۶۱ع	فيروز سنز لميٽيڊ
۱۱۹	۱۰	ولفريڊ ڪانٽويل سمٿ	ماڊرن اسلام ان انڊيا	ٻيو	۱۹۴۷ع	رپن پرنٽنگ پريس بل روڊ لاهور منروا بڪ شاپ لاهور